# سنڌي ٻولي

## لسانياتي ۽ سماجي-ثقافتي اڀياس

ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

# سنڌي ٻهاڪا:
# لسانياتي ۽ سماجي- ثقافتي اڀياس

محقق

ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي

اُلٿو

قلومل ميگهواڙ

اُلٿي جي نظرثاني

ڊاڪٽر فهميده حسين

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2017ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر 275

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

## سنڌي پهاڪا: لسانياتي ۽ سماجي- ثقافتي اڀياس

محقق: ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي
اُلٿو: ڦلومل ميگھواڙ
اُلٿي جي تصحيح: وليرام ولڀ
اُلٿي جي نظرثاني: ڊاڪٽر فهميده حسين
ڇاپو: پهريون، 2010ع، ٻيو جنوري 2017ع
تعداد: 1000
قيمت: 350/= روپيا
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**Catalogue Reference**
Tekchandani, Dr. Ravi Parkash
Sindhi Proverbs: A Linguistic and
Socio- Cultural Study
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-116-3

## Sindhi Proverbs: A Linguistic and Socio- Cultural Study

Research by: Dr. Ravi Parkash Tekchandani
Transliteration: Phuloomal Meghwar
Editing of Transliteration: Valiram Valabh
Revision of Transliteration: Dr. Fahmida Hussain
Edition: 1st: 2010, 2nd: January 2017
Quantity: 1000
Price: 350/-
Composed by: Hussain Ahmed Memon & Ahsan Laghari
Title: Asadullah Bhutto
Published by: Prof: Dr. Abdul Ghafoor Memon, Chairman, Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-53
Fax: 022-9240051
E-mail: contact@sindhila.edu.pk, sindhila@yahoo.com
Website: www.sindhila.org
Printer: M/s Sindhica Academy, Karachi.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست

ناشر نوٽ 7
دعا جا ٻه ٻول 9
شُڪرگذاري 13
تعارف 16
پنهنجي پاران 26

**1. سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ پهاڪا** 29
1.1 سنڌي ٻولي 29
1.2 سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا ۽ خصوصيتون 32
1.3 سنڌي ٻوليءَ جا لهجا 36
1.4 آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي حالت 38
1.5 سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ 40
1.6 سنڌي لوڪ سنسڪرتي/ ثقافت 41
1.7 سنڌي لوڪ ثقافت جون مکيه خاصيتون 47

**2. پهاڪن جي بيهڪ ۽ وصف** 52
2.1 پهاڪن جي اهميت 52
2.2 پهاڪن جا اشتقاق 57
2.3 ٻين ٻولين ۾ پهاڪن جا هم معنيٰ لفظ 63
2.4 پهاڪي جي وصف ۽ خاصيتون 68
2.5 پهاڪن جي سچائي ۽ ڪن پهاڪن ۾ نظر ايندڙ تضاد 81
2.6 پهاڪا ۽ ٻيا سُخن 83
2.7 پهاڪو ۽ محاورو يا اصطلاح 85
2.8 محاورو ۽ ورجيس 85

2.9 ڀاڪي، محاوري ۽ ورجيس ۾ فرق 87
**3. ڀاڪن جو جنم، اوسر ۽ ورهاست** 90
3.1 ڀاڪن جو جنم 90
3.2 ڀاڪن جي جنم جي ترتيب 91
3.3 ڀاڪن جي پيدائش جا مکيه آڌار 93
3.4 ڀاڪن جي ارتقا 102
3.5 ڀاڪن جي ورهاست جا اصول 108

**4. سنڌي ڀاڪن جو لسانياتي اڀياس** 115
4.1.1 ٻوليءَ جي سرشتي ۾ ڀاڪا 115
4.1.2 سُوتر پريوگن (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) جا قسم 118
4.1.3 ڀاڪن جي لساني بيهڪ ۾ فرق 122
4.1.4 ڀاڪن جي عبارت 122
4.2 ڀاڪن جي لساني تخليق 123
4.2.1 ڀاڪن ۾ لفظن جي ترتيب 124
4.2.2 پد لوپ (لفظن جو حذف ڪرڻ) 127
4.2.3 حالتن جون پُراڻيون شڪليون 133
4.2.4 فعلن ۽ ڪردنتن جا پراڻا روپ 137
4.2.5 اَوياڪرڻي (غير وياڪرڻي) جملا ڻاهڻ 139
4.2.6 ڀاڪن ۾ جملن جا جُدا جُدا قسم 140
4.2.7 شعرن يا بيتن ۾ ڀاڪا 144
4.2.8 ڀاڪن ۾ ماڻهن جا نالا 145
4.2.9 ڀاڪن ۾ انگن جو استعمال 148
4.2.10 ڀاڪن ۾ پراڻن لفظن جو ذخيرو 152
4.2.11 سنڌيءَ جي لهجن جا ڀاڪا 170
4.2.12 سنڌيءَ ۾ آڳاٽين ٻولين جا ڀاڪا 175
4.2.13 سنڌيءَ ۾ ٻين ٻولين جا ڀاڪا 179
4.2.14 سنڌي ڀاڪن جو تقابلي اڀياس 182

4.3 سنڌي پهاڪن جو شاعريءَ جي علم موجب اڀياس 202
4.3.1 سنڌي پهاڪن ۾ شبد شڪتي (لفظن جي سگهه) 202
4.3.2 سنڌي پهاڪا ۽ النڪار (صنايع بدايع) 208
4.3.3 سنڌي پهاڪن ۾ ٽُڪ 216
4.3.4 سنڌي پهاڪا ۽ ڇند رچنا 223

**5. سنڌي پهاڪن جو سماجي ۽ ثقافتي اڀياس 230**
5.1 سنڌ جا تاريخي پهاڪا 230
5.2 قدرتي ماحول ۽ جاگرافيءَ متعلق پهاڪا 265
آبهوا ۽ موسم، مينهن جي موسم، اوڀڙ، شهرن ۽ جاين متعلق پهاڪا، سنڌ بابت پهاڪا، سنڌ کان ٻاهر جي علائقن متعلق پهاڪا
5.3 جانور، پکي ۽ جيت جڻيا 281
جانورن، پکين ۽ جيتن سان تعلق رکندڙ عام پهاڪا: کير ڏيندڙ جانور، ڪم ايندڙ جانور، ننڍا جانور، جهنگلي جانور، گهرو جانور، پاڻيءَ جا جانور، پکي، ٻيا جيت جڻيا ۽ نانگ بلائون، جانورن، پکين ۽ جيتن سان تعلق رکندڙ عام پهاڪا
5.4 کيتي ٻاڙيءَ، پوک ۽ اناج متعلق پهاڪا 333
کيتيءَ جي اهميت، کيتيءَ جو طريقو، زمين جا قسم، هاري، کيتيءَ ۾ مددگار جانور، کيتيءَ ۾ مددگار اوزار، کيتيءَ ۾ مددگار ٻيون شيون، فصل ۽ اناج
5.5 سماجي سرشتي ۽ حالتن متعلق پهاڪا 347
ڌرم موجب ذاتين تي ٻڌل پهاڪا، ذات پات جي سرشتي موجب مختلف ذاتين تي ٻڌل پهاڪا، ڌنڌي ۽ پيشيوَر جاتين تي ٻڌل پهاڪا، جسماني اوڻائيءَ يا وڏ متعلق پهاڪا، تقابلي پهاڪا، سرڪاري عملدار، گڏيل ڪٽنب ۽ رشتيدارن متعلق پهاڪا، ناري جاتي (عورت ذات) متعلق پهاڪا، پاڙو ۽ پاڙيسري

5.6 ڌرم ۽ زندگيءَ متعلق پهاڪا 386
ايشور يا ڏٽي سائينءَ متعلق پهاڪا، قسمت يا ڀاڳ ۾ ويساهه، دنيا ڇڏڻ ڏينهن جو ڇُٽڪو، ڌن دولت جي اهميت، لوڪ ۾ وهنوار ۽ اخلاقي قول
5.7 ٻين موضوعن تي چونڊ پهاڪا 392
ٻولي ۽ سِکيا، صحت يا تندرستي، جوتش يا علم نجوم ۾ يقين، هندن جي اخلاقيات ۽ ريتون، اڳڪٿيون، کل مذاق ۽ ڇيڙ ڇاڙ
5.8 ادبي چوٽيون 396
پڇاڙي 398
چونڊ مددي ڪتاب 400
سنڌي، هندي، اردو، مراٺي، گجراتي

✡

# ناشر نوٽ

جڏهن ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي سربراهي ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب اسڪيم شروع ٿي هئي، ته ان ۾ پهاڪا بہ سهيڙي گڏ ڪرڻا هئا ۽ انهي سلسلي جا گهٽ ۾ گهٽ  پنج جلد تجويز ڪيا ويا هئا. پر پوءِ اڻ ڄاڻ سبب ڪري لوڪ ادب جو اهو حصو تيار ٿي نہ سگهيو. سنڌ ۾ پهاڪن تي ٿورو گهڻو ڪم انفرادي طور تي ٿيندو رهيو. پهاڪن ۽ چوڻين بابت شروع وارن ڪتابن کان پوءِ ڪو معياري سلسلو اسان آڏو اچي نہ سگهيو.
خوش قسمتي سان هندستان ۾ پهاڪن جي حوالي سان بهتر تحقيقي ڪم ٿيا آهن، جن ۾ بہ قابل ذڪر آهن. هڪ ڊاڪٽر مرلي ڌر جيٽلي جو 'سنڌي پهاڪا ۽ محاورا' جيڪا هڪ ذخيم لغت آهي ۽ سو ڪن صفحن تي مشتمل ان جو هڪ ڀرپور مقدمو بہ آهي، جيڪو خود الڳ ڪتابي شڪل ۾ بہ ڇپجي چڪو آهي. جيٽلي صاحب جي لغت ۾ ٻارنهن هزار ڪن سنڌي پهاڪا ۽ محاورا سمجهاڻين سان ڏنل آهن، جن ۾ پنهنجي مل ڪشناڻي جو پهاڪن بابت گڏ ڪيل مواد بہ شامل آهي. هند ۾ ٻيو وڏو ڪم ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻيءَ جو آهي، جنهن پنهنجي ڊاڪٽريٽ جو مقالو "سنڌي پهاڪا: لسانياتي ۽ سماجي ثقافتي اڀياس" لکي هڪ وڏو ڪم ڪيو آهي، جنهن تي کيس 2003ع ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري ملي. هي سڄو ڪم آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي، پر هن لاءِ لپيءَ ديوناگري استعمال ڪيل هئي، جيڪا هند ۾ هاڻ جڏهن تہ رائج ٿيندي پئي وڃي ڇو جو هندستان ۾ سنڌين آڏو بہ انتخاب هئا. هڪ ٻولي ۽ ٻيو لپي. هنن ٻهرين نقطي کي انهي بنياد تي ترجيح ڏني تہ گهٽ ۾ گهٽ ايندڙ پيڙهين ۾ ٻولي زنده رهي. اهو ئي سبب آهي جو هاڻ هند ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپجندڙ سنڌي ڪتابن جو تعداد تمام گهڻو آهي.

ڊاڪٽر روي ٽيڪچنداڻي سچ پچ وڏي تحقيق سان هي ڪم ڪيو آهي، هتي سنڌ ۾ ان جو الٿو محترم قلو مل ميگهواڙ ڪيو هو جيڪو ڪراچي يونيورسٽي ۾ منهنجو شاگرد رهيو آهي. اٿارٽيءَ طرفان هن ڪتاب جو هي ٻيو ڇاپو ڇپرايو ويو آهي. اميد ته قبول پوندو.

18 جنوري، 2017ع
حيدرآباد، سنڌ

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
چيئرمئن

# دُعا جا ٻہ ٻول

روي پرڪاش ٽيڪچنداڻيءَ جو هيءُ تحقيقي مقالو "سنڌي پهاڪا: لسانياتي ۽ سماجي- ثقافتي اڀياس" شايع ٿيڻ تي مون کي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي. منهنجي نگراني ۽ رهنمائيءَ ۾ ڪيل هِن تحقيقي ڪم تي دهلي يونيورسٽيءَ روي پرڪاش کي 2003ع ۾ پي ايچ. ڊي جي ڊگري عطا ڪئي آهي.

هيءُ هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن تي تفصيل سان تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس ڪرڻ لاءِ مون گهڻن ئي شاگردن کي پئي چيو، پر سنجيدگي ۽ تفصيل کي ڏسي اُهي اڪثر اڳتي وک وڌائڻ جي همٿ نہ ڪندا هئا. اِن موضوع تي گهرو اڀياس ڪرڻ لاءِ مون وقت بوقت پنهنجين لکڻين ذريعي سنڌي عالمن جو بہ ڌيان پئي ڇڪايو. 1993ع ۾ 'سنڌي پهاڪا ۽ محاورا' نالي مون هڪ وڏي لغت مرتب ڪئي. اُن ۾ آنجهاڻي بزرگ عالم سنتداس پُنهون مل ڪشناڻي 'سنتل' ۽ منهنجا گڏ ڪيل اٽڪل ٻارنهن هزار سنڌي پهاڪا ۽ محاورا سمجهاڻيءَ سان گڏ داخل ڪيل آهن. اِن ڪتاب ۾ سؤ کن صفحن جو مقدمو بہ لکيم، جنهن ۾ سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جي لسانياتي، سماجي ۽ ثقافتي اڀياس جي اهميت ٿوري ۾ سمجهائي ويئي آهي. اُها اختصار ۾ لکيل تمهيد پوءِ سنڌي عالمن ۾ ايتري تہ پسند پيئي، جو ڀارت ۾ اُها اُن ساڳئي سال ۾ جُدا ڪتابي صورت ۾ "سنڌي پهاڪا ۽ محاورا (هڪ اڀياس)" جي عنوان سان شايع ڪئي ويئي. ڀارت ۾ عربي- سنڌي لپيءَ کان غيرواقف طبقي خاص طور نوجوان پيڙهيءَ جي سنڌي پڙهندڙن ۽ شاگردن لاءِ انهيءَ ڪتاب جو ديوناگري- سنڌي لپيءَ جي شڪل ۾ روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي اُن جو ٻيو ڇاپو 1998ع ۾ دهليءَ مان شايع ڪرايو.

'سنڌي پهاڪا ۽ محاورا: (هڪ اڀياس)' ڪتاب جون ڪجهہ ڪاپيون مون سنڌ بہ موڪليون آهن. اُتي پڻ عالمن ان جو جوڳو قدر ڪيو آهي. انهيءَ موضوع جي نرالي اهميت کي سمجهندي، پوءِ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو (سنڌ) طرفان، اِن ڪتاب جو نئون ڇاپو

سنڌيءَ ۾ بہ شايع ڪيو ويو. اُن کي پڙهي سنڌيءَ جي ڪن عالمن اِن موضوع تي وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ، مون سان لکپڙهہ بہ شروع ڪئي آهي.

اِن موضوع تي انهيءَ کان اڳ سنڌي عالمن جو ڌيان بلڪل نہ ويو هو. اُڻويهين صديءَ ۾ سنڌ ۾ انگريزن ننڍا ننڍا مجموعا تيار ڪري شايع ڪرڻ جي شروعات ڪئي هئي. ڪِن عالمن پهاڪن ۽ اصطلاحن جي بنياد کي بہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر ڪنهن بہ انهن جي لساني بيهڪ، اهميت ۽ خاصيتن تي تفصيل سان بحث نہ ڪيو آهي. انهن ننڍن ننڍن مجموعن ۾ اسان جي سماجي، ثقافتي، تاريخي، جاگرافيائي علم جون گهڻيئي تصويرون سمايل آهن، جن ۾ اسان کي پنهنجي گذريل دؤر جا گهڻيئي لِڪيل پهلو ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اِنهيءَ حقيقت طرف سنڌي عالمن جو ڌيان تمام گهٽ ويو آهي.

"سنڌي پهاڪا ۽ محاورا: (هڪ اڀياس)" نالي پنهنجي ڪتاب ۾ مون انهن ننڍن ننڍن پهاڪن ۾ ٻوليءَ جي استعمال جي اهميت جي فقط هڪ جهلڪ ڏني آهي. حقيقت ۾ انهيءَ جو مقصد اِهو هو تہ انهيءَ مان اُتساهہ حاصل ڪري ٻيا ڪي عالم اِن موضوع جو گهرائيءَ ۽ تفصيل سان اڀياس ڪن. اها تمام گهڻي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو روي پرڪاش اِن ڏُکئي رستي تي اڳتي وک وڌائي آهي. هُن پنهنجي لکيل تحقيقي مقالي ۾ سنڌي پهاڪن ۽ چوڻين جو تفصيلوار تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس پيش ڪيو آهي، جنهن لاءِ هُن ڪيرون لهڻيون. روي پرڪاش انهيءَ موضوع جو تحقيقي اڀياس ڪرڻ لاءِ زباني روايتن مان بہ وڌيڪ پهاڪا گڏ ڪيا آهن. ان سان گڏوگڏ هُن اِنهيءَ موضوع تي هندي، اردو ۽ انگريزي وغيره ٻولين ۾ ڪيل تحقيقي ڪم جو تنقيدي نظر سان اڀياس بہ ڪيو آهي. انهن ڪتابن جا حوالا هُن پنهنجي مقالي ۾ گهربل هنڌن تي ڏنا آهن.

هن مقالي ۾ سنڌي پهاڪن جي لسانياتي اڀياس وارو باب هڪ سؤ صفحن کان بہ وڌيڪ آهي. انهيءَ ۾ پهاڪن جي لسانياتي تخليق انهن ۾ لغت، سينگارن ۽ ڇندن وغيره تي چڱي تفصيل سان بحث ڪيل آهي. سنڌي پهاڪن جي سماجي ۽ ثقافتي اڀياس تي بہ ڏيڍ سؤ

کن پهاڪن ۾ چڱي تفصيل سان ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي. هن مقالي جا پهريان ٽي باب، پهاڪن جي خاصيتن تي، اصولن جي لحاظ کان، ڇنڊڇاڻ پيش ڪن ٿا.

هرهڪ ٻوليءَ ۾ پهاڪا ۽ چوڻيون، اصطلاح ۽ ورجيسون اهڙا ننڍڙا پريوگ آهن، جيڪي صدين کان وٺي ان ٻوليءَ ۾ هڪ مقرر شڪل ۾ استعمال ٿيا آهن. اُن ٻوليءَ جو ڪوبہ ڳالهائيندڙ، پنهنجي مرضيءَ موجب انهن جي لسانياتي بيهڪ ۾ ڪابہ ڦيرگهير نہ ٿو ڪري سگهي، جيڪڏهن ڪنهن اهڙي تبديلي ڪئي تہ پوءِ اُهي فقرا اُن بدليل شڪل ۾ ٻوليءَ جي رواج موجب درست نہ ليکيا ويندا، يا ڪن حالتن ۾ اُهي بيان ۾ پنهنجي گهربل مطلب جو اظهار نہ ڪري سگهندا. مثال طور: "انڌن ۾ ڪاڻو راجا" پهاڪي ۾ جيڪڏهن اسين ساڳيءَ معنيٰ وارا ٻيا لفظ ڪتب آڻي چئون تہ "سورداسن ۾ ڪاڻو راجا" يا "نابينن ۾ هڪ اکيو سلطان" تہ ڇاهي انهن پهاڪن جي معنيٰ ۾ ڪو فرق ڪونہ ٿو اچي، پر هن بدليل شڪلين ۾ اهي پهاڪا سنڌيءَ ۾ قبول نہ پوندا. "گونگي ڳانءِ هئڻ" (خاموش سياءُ وارو يا نهٺو هئڻ) اصطلاح کي بدلائي جيڪڏهن اسين چئون تہ "گونگي ڍڳي هئڻ" تہ گهربل مطلب ئي ضايع ٿي ويندو. "پاڻي- پاڻي ٿيڻ" (لڄي ٿيڻ، شرمسار ٿيڻ) اصطلاح کي بدلائي جيڪڏهن چئون "جل جل ٿيڻ"، "آب آب ٿيڻ" يا "نير نير ٿيڻ" تہ اِهو محاورو نہ فقط پنهنجي گهربل معنيٰ وڃائي ڇڏيندو، پر اُن بدليل شڪل ۾ اهو سنڌيءَ ۾ مُروَج بہ نہ ليکيو ويندو. ٻوليءَ ۾ انهيءَ قسم جي ننڍن فقرن کي مون "سوتر پريوگ" (Formula expressions) نالو ڏنو آهي. انهن جي استعمال سان، ٻوليءَ جي نہ فقط ڳالهہ ٻولهہ واري فطري شڪل قائم رهي ٿي، پر اها سهڻي ۽ اثرائتي بہ بڻجي پوي ٿي.

پهاڪن وانگر محاورن جو بہ ٻوليءَ، سماج جي تهذيب ۽ ثقافت سان گهرو ناتو آهي. جيئن تہ گهوڙا ڙي گهوڙا (مصيبت پوڻ، دانهون ڪرڻ)، ڇڄ تي ويهڻ (اڻڱا خرچ ڪرڻ)، ٽاندو ٽوپي بند ڪرڻ (برادريءَ مان ڪڍڻ)، پير ۾ ڇنڇر هئڻ (ڀٽڪڻ، رلڻ)، تيرهن تالو هئڻ (چالاڪ هئڻ، نخرا ڪرڻ)، گورو ئي گنگا تي هئڻ (سڀ ڪجهہ ناس ٿي

وجهڻ)، اٺ ڇتاڪو هڻڻ (دشمني هڻڻ)، چولو مٽائڻ (گذاري وجهڻ)، وغيره گهڻيئي سنڌي محاورا آهن، جن جو بنياد سنڌ جي سڀيتا ۽ ثقافت تي ٻڌل آهي. انهن جو بہ وضاحت سان تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس ڪرڻ جڳائي. اميد آهي تہ روي پرڪاش هاڻي انهيءَ موضوع تي بہ تحقيقي ڪم شروع ڪندو.

مون کي ياد آهي تہ 1988ع ۾ جڏهن مان پنهنجي احترام لائق بابا جن پنڊت ڪرشن چندر جيٽلي ۽ نندي ڀاءُ پرمود سان گڏ ايوڌيا (ڀارت جو شهر، جتي راجا رام چندر جي راڄ گدي هئي) جي تيرٿ ياترا تي ويو هوس، تڏهن پهريون ڀيرو روي پرڪاش، سندس وڏي ڀاءُ گيان پرڪاش 'سرل' ۽ ايوڌيا جي ٻين ساٿين سان ملاقات ٿي هئي. اُن وقت روي پرڪاش جي من ۾ سنڌيت جي سڪ جو جيڪو سلو اڀريو هو، اُهو هاڻي آهستي آهستي وڏي وڻ ٿيو آهي. اُن زماني ۾ هو لکنؤ يونيورسٽيءَ ۾ ڪامرس جو شاگرد هو. سال ٻن اندر اِهو ڪورس پورو ڪري، سنڌيءَ ۾ ايم. اي ۽ پي ايڇ. ڊي ڪرڻ لاءِ دهلي يونيورسٽيءَ ۾ مون وٽ آيو هو. 1967ع ۾ ڄاول ۽ هندي ماحول ۾ پلجي وڏو ٿيل هڪ ٻالڪ. جيڪو پنهنجي سچي لگن، اٽڪ محنت ۽ اورچائيءَ سان سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو اڀياس ڪري، سنڌيءَ ۾ پي ايڇ. ڊيءَ جي ڊگري حاصل ڪري ٿو، روي پرڪاش اُن جو هڪ انوکو ۽ معتبر مثال آهي. اسان کي هُن ۾ گهڻيئي آسون، اُميدون آهن. شال هوُ سنڌي ادب جا گهڙا ڀريندو رهي ۽ زندگيءَ ۾ وڌيڪ ترقي ڪندو رهي.

روي پرڪاش جي هن نيڪ ڪم مان جيڪڏهن ٻين بہ ڪِن سنڌيءَ جي پريمين کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۽ ادب، سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت تي ڪوجنا ڪرڻ جو اُتساهہ مليو، تہ پوءِ هيءُ تحقيقي اڀياس پنهنجي مقصد ۾ سڦل ليکيو ويندو.

مرليڌرجيٽلي

D- 127، وويڪ وِهار،
دهلي، 100095
مئي 7، 2005ع

# شڪرگذاري

شڪرگذاريءَ جو جذبو دل ۾ اُٿندڙ احساس ۽ دلي خلوص مان پيدا ٿيندو آهي. خواهشن ۽ دلي همدردين ۾ مِٺ، محبت، پيار، دلار، عزت احترام ۽ عقيدت جو امرت سمايل هوندو آهي. مان سمجهان ٿو ته خواهش ۽ دلي سچائيءَ جو جذبو گهٽ ڪري سائنس جي اصول (Simple Harmonic Motion) تي ٻڌل هوندو آهي. يعني، جيتري سڪ ۽ محبت ڏبي، موٽ ۾ پڻ اوتري ئي محبت ۽ آسيس حاصل ٿيندي.

بيحد احترام ۽ محبت جي لائق، جنهن کي علي الصبح ياد ڪجي، مانواري اُستاد ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي وٽان جيڪو پيار، عزت ۽ دعائون مون کي حاصل ٿيون آهن، تن لاءِ شڪرگذاريءَ جا فقط ٻه لفظ چئي انهن جو مُلهه گهٽ ڪرڻ نه ٿو چاهيان. هي اهڙا قيمتي احساس آهن، جن کي مان زندگيءَ ڀر پاڻ وٽ سانڍي رکڻ چاهيان ٿو. مون کي ياد آهي ته سائين جيٽلي صاحب جن پاڻ هڪ ڀيري پنهنجي سنڌيءَ ۽ ڊاڪٽر سُوريه ڪانت پاليءَ کي منهنجو تعارف ڪرائيندي چيو هو ته روي پرڪاش منهنجو ننڍو پٽ آهي، ته ڇا مان رڳو شڪريو ادا ڪري انهن امُلهه احساسن جي قيمت ڏيئي ڇڏيان؟ مان پنهنجي اُستاد جي قدمن ۾ بار بار ڪنڌ جهڪائي سلام ڪريان ٿو. سندن رهنمائيءَ کان سواءِ هي تحقيقي مقالو پورو نه ٿي سگهي ها.

محبت ۽ تعريف جي لائق گروماتا شريمتي سرلا جيٽلي جو ٻه مان ٿورائتو آهيان، جنهن ڪڏهن ٻه آسيس ڏيڻ ۾ ڪنجوسيءَ کان ڪم نه ورتو آهي. سندس سِڪ، پنهنجائپ ۽ شفقت ڀرئي سنيهه کي مان ڪڏهن ٻه وساري نه سگهندس. ادا سُڌير جيٽلي ۽ پاپي ريٽو ٻه مون کي هيءُ تحقيقي مقالو جلد پورو ڪرڻ ۾ وقت ٻه وقت اُتساهيندي پئي رهي آهي، جنهن لاءِ مان سندن ٻه ٿورائتو آهيان.

عزت لائق ماتا شريمتي سيتا ديويءَ ۽ عزت لائق بابا سائين ڊاڪٽر ڪرم وير ٽيڪچنداڻيءَ وٽان بہ مون کي لڳاتار گهڻو اُتساھ ملندو رهيو آهي. پاڻ هر روز منهنجي ۽ منهنجي تحقيقي ڪم جي واڌاري جي سنڀار، فيض آباد مان ٽيلي فون رستي ڪندا رهندا آهن. سچ پچ تہ هي مقالو مڪمل ڪرڻ ۾ سندن شفقت، احساس ۽ دعا جو گهڻو هَٿُ آهي. مان گهڻي عقيدت ۽ محبت سان هيءُ تحقيقي ڪتاب کين ارپيان ٿو. اسين پاڻ ۾ ڇهہ ڀائر آهيون ۽ اسان جون بہ ڀينرون آهن. مون کي اُنهن سڀني وٽان هن ڪم کي پوري ڪرڻ ۾ جيڪو سهڪار ملندو رهيو آهي، تنهن کي مان ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس. ڀينرون هرهڪ ديِاونتي ۽ شڪنتلا، ۽ منهنجا ڀائر گيان پرڪاش، جئہ پرڪاش، پريم پرڪاش، وِشوَ پرڪاش، ۽ اَمر پرڪاش اُوکي سوکيءَ مون سان ڀانهن ٻيلي ٿي بيٺا ۽ هميشہ هيءُ تحقيقي ڪم جلد پورو ڪرڻ ۾ مون کي همٿائيندا رهيا. مان تہ دل سان سندن شڪرگذار آهيان.

اسان سڀني کي ڄاڻ آهي تہ ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ جيڪا پهرين نئين ڳالهہ ٿيندي آهي، اُن کي گهڻي اهميت هوندي آهي. پنهنجي زندگيءَ ۾ مون سڀ کان اول سنڌي پڙهڻ جو ڪم ڊاڪٽر ڪنهيالال ليکواڻيءَ جي نگرانيءَ ۾ پوني ۾ شروع ڪيو. انهيءَ ميدان ۾ ڊاڪٽر ليکواڻي نہ فقط منهنجو رهنما آهي، پر منهنجو اُستاد پڻ آهي. هن جي همٿائڻ سان ئي مان پڙهائڻ جي ميدان ۾ هيترو اڳتي وڌي سگهيو آهيان. ڊاڪٽر ليکواڻي پنهنجي هر خط ۾ مون کي ٿيسز جلد پوري ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪندو رهندو هو. اڄ اهو ڪم پورو ٿيڻ تي مان سندس اڳيان وري وري ڪنڌ جُهڪايان ٿو.

ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻيءَ جي شڪر ادائيءَ مان ڪهڙن لفظن ۾ ظاهر ڪريان؟ هو جڏهن بہ مون سان ملندو آهي تہ سندس پهريون سوال اِهو هوندو آهي تہ "روي، ٿيسز ڪڏهن ٿو پوري ڪرين؟ اهو تحقيقي ڪم جلدي پورو ڪر تہ پوءِ ٻيا ڪم هٿ ۾ ڪٽي سگهين." هن وٽان لڳاتار جيڪو مون کي اُتساھ ملندو رهيو آهي، تنهن لاءِ مان سندس ٿورائتو آهيان.

دهلي يونيورسٽيءَ ۾ وڏي ۾ وڏي لائبرري آهي، "سينٽرل-ريفرنس لائبرري." اُن جي هڪ ريسرچ روم ۾ مون کي تحقيقي ڪم ڪرڻ جي سهوليت حاصل ٿي. ان لائبرريءَ جي اهلڪارن جي سهڪار کي مان ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس. ڪيترائي اڻلڀ ڪتاب اُتي مون کي پڙهڻ لاءِ آسانيءَ سان ملي سگهيا. اِن ڏس ۾ ڊاڪٽر جيٺلي بہ پنهنجي شخصي لائبريريءَ مان گهڻيئي ناياب ڪتاب اڀياس لاءِ مون کي ڏنا، جيڪي يونيورسٽيءَ جي لائبريريءَ ۾ توڙي ٻين هنڌن موجود نہ آهن.

پي ايچ. ڊيءَ لاءِ هيءُ تحقيقي مقالو لکڻ واري زماني ۾ هڪ دؤر اهڙو بہ هو، جڏهن مان بي روزگار هوس. اُن وقت فقط پنهنجن مائٽن وٽان ئي گذران لاءِ مون کي گهربل مالي مدد ملندي هئي. اهڙي وقت ۾ مون کي دهلي سنڌي اڪيڊمي ۽ پوءِ انڊس ايڊ فائونڊيشن وٽان انهيءَ تحقيقي ڪم لاءِ فيلو شُپ جي روپ ۾ مالي مدد حاصل ٿي، جنهن ڪري منهنجون گهڻيون مشڪلاتون دُور ٿي ويون. ان لاءِ مان انهن ٻنهي ادارن جو نهايت ئي شڪرگذار آهيان.

آخر ۾، مان پنهنجي زندگيءَ جي ساٿي اندرا ۽ پياري پٽ اڪشر (شال وڏي ڄمار ماڻي) جو بہ گهڻو ٿورائتو آهيان، جن جي سهڪار سان منهنجو هيءُ نيڪ ڪم جلد پورو ٿي سگهيو آهي.

رڪشا بنڌن، | روي پرڪاش ٽيڪچندائي
گُروار 22 آگسٽ 2002ع

# تعارف

ڀارت ۾ چاول نوجوان پيڙهيءَ جا سنڌي ٻار اڪثر پنهنجي ٻوليءَ جي، ادبي ۽ ثقافتي وراثت کان ڏينهون ڏينهن ڪٽبا پيا وڃن. اِهو ڏسي من ۾ گهڻي پيڙا محسوس ڪندو آهيان. مان به اُنهن نوجوان سنڌين مان هڪ آهيان، پر منهنجي حالت ڪي قدر نرالي آهي. منهنجو جنم 1967ع ۾ اُتر پرديش جي فيض آباد نالي شهر ۾ ٿيو. دستوري طريقي سان اسڪول ۾ پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ جو ابياس ڪري نه سگهيس. شهر ۾ آس پاس جو ماحول، هندي ٻوليءَ جو هو، جنهن جو گهڻو اثر پوڻ لازمي هو، پر اهڙي ماحول ۾ رهندي به پنهنجي گهر ۾ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت سلامت هئي. ماءُ پيءُ ۽ ڪٽنب جي وڏن ڀاتين ننڍي هوندي کان وٺي جيڪا سنڌيت جي سُٽي اسان ٻارن کي پياري، تنهن اسان ۾ پنهنجي مادري ٻوليءَ، تهذيب ۽ ثقافت سان چاهه رکڻ جو جذبو ۽ اُمنگ قائم رکيو. مون کي اَڄ به ياد آهي ته فيض آباد شهر ۾ رهندڙ سنڌي ماستر شري رامچندر مون کي ننڍپڻ ۾ عربي- سنڌي اکر سيکاريا ۽ دعا ڪيائين ته مون جيڪا ڪُني چاڙهي آهي، تنهن جو ڍَڪُ تون لاهيندين. تنهن وقت مان اِها ڳالهه سمجهي ڪونه سگهيو هوس. ماستر صاحب وٽ سنڌي پڙهڻ لاءِ موڪلڻ جو شرف منهنجي صوفي صفت بابا ڊاڪٽر ڪرم وير ٽيڪچنداڻي جن کي آهي. هو پڻ سکر ۾ اُنهيءَ ماستر وٽ پڙهيو هو. اِن ريت خوش قسمتيءَ سان مان پنهنجي بابا سائينءَ جو اُستاد- ڀائي پڻ ٿي ويس. شهر جي سنڌي پنچائت به وڏن ڏڻ - وارن ۽ تهوارن تي پروگرام رکي سنڌيت کي زنده رکندي آئي هئي. اِنهن ڳالهين منهنجي من ۾ پنهنجي ٻوليءَ جي وڌيڪ ابياس ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪيو، ته اُن سان گڏ پنهنجيءَ ثقافتي روايت کي سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ لاءِ جستجو به جاڳائي.

ننڍي هوندي کان وٺي گهر ۾ ماءُ پيءُ ۽ ٻين کان پهاڪا ۽ چوڻيون اڪثر ٻڌندو رهندو هوس. گفتگوءَ جي حوالي ۾ اُنهن جو مطلب سمجهه ۾ اچي ويندو هو. جيڪڏهن ڪو پهاڪو سمجهه ۾ نه آيو ته اُن جو مطلب پڇڻ ۾ پنتي نه پوندو هوس. اِن طرح ٻوليءَ جي اِنهن ننڍين ننڍين عام فقرن طرف منهنجو خاص ڌيان ويو ۽ اُنهن جو وڌيڪ اڀياس ڪرڻ جو چاهه پيدا ٿيو. ايم. اي (سنڌي) جي اڀياس دوران به سنڌي پهاڪن، چوڻين ۽ محاورن جي پيڙهه ۽ اُنهن ۾ لڪل سماجي حالتن کي سمجهڻ طرف وڌيڪ ڌيان ڏيندو هوس. سنڌيءَ ۾ جيڪي پهاڪن ۽ محاورن جا مجموعا هئا، اُهي سڀ پاڻ وَٽ گڏ ڪري، اُنهن جو اڀياس ڪيم. 1993ع ۾ جڏهن ”سنڌي پهاڪا ۽ محاورا“ جي عنوان سان سنتداس پنهون مل ڪِشناڻي ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو وڏو ڪوش ڇپيو ته اُهو به خريد ڪري اُن جو اڀياس ڪيم. اُن جي تنقيدي تمهيد ماڻ واري ڊاڪٽر جيٽلي جي لکيل هئي، جنهن منهنجو ڌانهس ڌيان ڇڪايو. اُن جي پڙهڻ سان چڻ ته مون کي نئون دڳ ملي ويو. فطري طور من ۾ سوال پيدا ٿيو ته ڇا اِن موضوع جو اڃا به وڌيڪ تفصيل سان اڀياس ڪري سگهجي ٿو؟ عقيدت ۽ عزت لائق پنهنجي اُستاد ڊاڪٽر جيٽلي صاحب کان پڇيم. جن هڪدم وراڻيو ته اِها تمهيد ته فقط هڪ روپ ريکا يا خاڪو آهي، اِن جو گهڻي تفصيل سان اڀياس ڪرڻ گهرجي. اِن تي پوءِ مون کي چڻ ته نئين روشني ملي ويئي. دل ۾ پڪو فيصلو ڪيم ته اِنهيءَ موضوع تي مان اڃا به وڌيڪ تحقيق ڪندس. سنڌي پهاڪا ۽ محاورا ڪوش جي اڀياس سان گڏ ٻين سنڌي پهاڪن کي گڏ ڪرڻ جي به شروعات ڪري ڇڏيم، جيڪي اُنهيءَ ڪوش ۾ داخل ٿيل نه هئا.

### تحقيقي اڀياس لاءِ مواد

هن تحقيقي مقالي جي لاءِ جيڪي سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جا سنڌ ۽ هند ۾ ڇپيل سڀ ننڍا وڏا مجموعا مون پاڻ وٽ گڏ ڪيا آهن،

اُنهن ۾ وڏي ۾ وڏو ڪوش آهي ”سنڌي پهاڪا ۽ محاورا“، جنهن ۾ اٽڪل ڇهہ هزار کن پهاڪا داخل ڪيل آهن.

اِنهن کان سواءِ ’جامع سنڌي لغات‘ (مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڇپائيندڙ سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد، سنڌ)، ’سنڌي لوڪ ادب‘ (ڇپائيندڙ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ) ۽ سنڌي ادب جي ٻين ڪتابن مان بہ سنڌي پهاڪا ۽ چوٽيون توڙي محاورا چونڊي گڏ ڪيا اَٿم.

اجمير، پوني، پنپري، اُلهاس نگر، بيراڳڙهہ، سَتنا، ڪَٽني، لکنؤ، فيض آباد، آگري ۽ دهليءَ ۾ رهندڙ سنڌين سان ملاقاتون ڪندي بہ گهڻيئي اهڙا پهاڪا ٻڌم، جيڪي اڳين مجموعن ۾ داخل ٿيل نہ هُئا ۽ نہ ڪو مون وٽ درج ٿيل هئا. اِن ريت مون وٽ اٽڪل ڏهہ هزار سنڌي چوٽيون ۽ پهاڪا گڏ ٿي ويا. هن تحقيقي اڀياس جو مکيہ آڌار منهنجو اِهو گڏ ڪيل مواد آهي.

## هن تحقيقي اڀياس جو دائرو

هن کان اڳ سنڌيءَ ۾ پهاڪن ۽ چوٽين جو تحقيقي اڀياس گهٽي پاڳي نہ ڪيو ويو آهي. پيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ عبدالڪريم سنديلي ڪن چونڊ سنڌي پهاڪن جي بنياد تي روشني وجهندي ننڍڙا ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکي ڇپايا آهن، پر اُنهن ۾ سنڌي سماج، ثقافت وغيره جي ملندڙ عڪس جي اُپٽار ڪيل نہ آهي. منهنجي نظر ۾ فقط هڪ ئي ڪتاب آيو آهي، جيڪو آهي ’سنڌي پهاڪا ۽ محاورا (هڪ اڀياس)‘. اِهو حقيقت ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ’سنڌي پهاڪا ۽ محاورا ڪوش‘ (گڏ ڪندڙ: سنتداس پنهون مل ڪشناڻي، ڇپائيندڙ: پي. وي. ڪشناڻي ٽرسٽ، پوني، 1993ع) مرتب ڪندي اُن ۾ تمهيد جي شڪل ۾ لکيو هو. پوءِ اِهو جدا ڪتاب جي روپ ۾ بہ شايع ڪيو ويو. اِن جي اهميت کي سڃاڻي، اِن جو مون ديوناگري لپيءَ ۾ اُلٿو (Transliteration) ڪري 1998ع ۾ ٻيو ڇاپو ڇپائي پڌرو ڪيو. اِن جو مقصد هو تہ نوجوان سنڌين کي پنهنجي اِنهيءَ ٻوليءَ جي وراثت کان واقف ڪرائجي.

جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته اِنهيءَ ڪتاب ۾ تحقيقي اڀياس جو فقط هڪ خاڪو ڏنل آهي. اُن ۾ جدا جدا موضوعن جي تفصيلوار ڇنڊڇاڻ ۽ اُپٽار ڪيل نه آهي. اِنهيءَ ڪري سنڌي پهاڪن جي جدا جدا پهلوئن جو تفصيل سان اڀياس ڪرڻ لاءِ مون هيءُ موضوع چونڊيو.

هن تحقيقي مقالي ۾ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي مختصر واقفيت ڏيڻ پوءِ پهاڪن جي اصولن جي پهلوئن (پهاڪن جي بيهڪ، وصف، اهميت وغيره) تي بحث ڪيو ويو آهي. هڪ جدا باب ۾ پهاڪن جي لسانياتي ۽ ادبي خصوصيتن جو تفصيل سان اڀياس ڪيو ويو آهي. سڀني کان وڌيڪ اهميت ڀريو پهلو آهي، پهاڪن جو سماجي ۽ ثقافتي لحاظ کان اڀياس ڪرڻ. انهيءَ تي گهڻي تفصيل سان بحث ڪيل آهي ۽ ڪيترن هندن تي ٻين ٻولين جي پهاڪن سان به ڀيٽ ڪيل آهي. اِنهيءَ لحاظ کان ڏسبو ته هن تحقيقي مقالي ۾ انهيءَ موضوع تي شايع ٿيل اڳئين اڀياس جي ڀيٽ ۾ گهڻيئي نيون ڳالهيون ملنديون.

### سنڌي پهاڪن جا مجموعا:

زباني روايت ۾ ته سنڌي پهاڪن جو استعمال تڏهن کان وٺي ٿيڻ لڳو، جڏهن کان وٺي سنڌي ٻولي ڏهين عيسوي صديءَ جي آس پاس اپڀرنش ۽ ٻين پاڙيسري ٻولين کان الڳ ٿي پنهنجو نرالو روپ ظاهر ڪيو. سنڌ جي مشهور صوفي سنتن ۽ شاعرن جي شعر جون ڪجهه سٽون به سندن ئي دؤر ۾ يا ڪانئن ٿورو عرصو پوءِ مشهور ٿي پهاڪن جي پد تي پهچي ويون. جيئن ته:

- آسر ۾ لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو. (شاهه لطيف)
- تتي ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي. (شاهه لطيف)
- مُٺ ڀيڙيائي ڀلي، جي اُپٽيءَ ته واءُ. (شاهه ڪريم)
- جي پُڇڻا، سي نه منجهڻا، جي پڇن سي وير. (شاهه ڪريم)

سنڌ ۾ 1843ع ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ کان اڳ جيڪو سنڌي ادب اسان کي لکيل شڪل ۾ هٿ آيو آهي، اُن ۾ به اسان

ڪي پهاڪن جو استعمال نظر اچي ٿو. مثال طور: عبدالرحيم گرهوڙي (1738 -1778) جي ڪلام ۾ ڪي سنڌي چوڻيون قلمبند ٿيل ملن ٿيون.[1]

- رِزق ڪنهن پر اچي، جيئن مينهنڙو وسي.
- ڏُڪُ ڏنگڙي هلي، ڪڙا پاسِڙي جهلي.
- ڪافر ڪُفر ڪان اُڪار، ڪارو ڳڏهه ڏوئي اُجار.

ٽالپرن جي دؤر جي خليفي محمود نظاماڻيءَ جي هڪ تصنيف ۾ به هڪ چوڻي ملي ٿي:

- ڏڏو ڪجي، ڏيکر ڪجي، هُو نہ پچي تہ پاڻ اُٿي پچجي.[2]

پر اِن ۾ شڪ نہ آهي تہ سنڌي پهاڪن ۽ چوڻين کي گڏ ڪري ڪتابي شڪل ۾ ڇپائڻ جي شروعات انگريزن جي حڪومت سنڌ ۾ برپا ٿيڻ کان پوءِ ٿي. انهيءَ ڏِس ۾ پهاڪن جو پهريون مجموعو جيڪو هٿ آيو آهي، اُهو آهي، ’گل شڪر‘. جنهن جو لکندڙ آهي ڪيول رام سلامت راءِ آڏواڻي. هو ٽالپرن جو ملازم هو. پوءِ جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي، تہ انهن وٽ مختيارڪار جي عهدي تي مقرر ٿيو. سنہ 1864ع ۾ ڪنهن سردار جي چوڻ تي سنڌي پهاڪا گڏ ڪرڻ شروع ڪيائين. هن 27 آڪٽوبر 1869ع تي اربع جي ڏينهن اهو مجموعو لکي پورو ڪيو. ’گل شڪر‘ ۾ ڪُل 570 سنڌي پهاڪا گڏ ڪيل آهن. اُنهن جي معنيٰ سمجهائيندي ليکڪ هر- معنيٰ فارسي، هندي ۽ پنجابي پهاڪا بہ ڏنا آهن. ’گل شڪر‘ سنڌي نثر جي عبارت جي اپياس کان هڪ عمدو ڪتاب آهي. آڏواڻيءَ اِهو ڪتاب پنهنجن ٻين ڪتابن ’گل‘ ۽ ’سوکڙيءَ‘ سان گڏ سرڪار جي تعليم کاتي کي ڏنو هو، پر اُهو ڪيترا ئي سال سرڪاري ڪٻٽن ۾ بند پيو هو. نيٺ ڪنهن سرڪاري عملدار جي نظر اُنهن تخليقن تي پيئي ۽ هُن ٽيئي ڪتاب سنہ 1905ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا.

---

[1] الانا، غلام علي، سنڌي نثر جي تاريخ، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد سنڌ (ٻيو ڇاپو) 1978، صفحو 9.

[2] الانا، غلام علي، سنڌي نثر جي تاريخ، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، سنڌ (ٻيو ڇاپو) 1978، صفحو 9.

اڻويهين صديءَ ۾ ڇپائيءَ جي لحاظ کان ڏسجي ته سنڌي پهاڪن جو پهريون مجموعو ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪرڻ جو شرف ديوان ڪوڙي مل چندن مل کلناڻيءَ (1916- 1844) کي آهي. هو سرڪار جي تعليم کاتي ۾ عملدار هو ۽ ٻارن جي لاءِ گهڻيئي درسي ڪتاب لکيائين. سال 1889ع ۾ 'سنڌي پهاڪا' نالي سان ننڍو مجموعو ڇپائي پڌرو ڪيائين. اِن ۾ لڳ ڀڳ 1200 سنڌي پهاڪا گڏ ڪري الف- بي وار ڏنا ويا آهن. اُنهن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي هن ڪانه ڏني آهي. اِنهيءَ باري ۾ هُو لکي ٿو ته: "اصل هرهڪ پهاڪو ڪيئن چوڻ ۾ آيو ۽ ڪهڙي وقت ۾ ڪيئن ڪم آڻجي، اِنهن جي بيان ڏيڻ جو اِرادو هوم... پر اِئين ڪجي ها ته غريب غربو يا ڇوڪر ٻاڪر وٺي نه سگهن ها." اِن مان ظاهر آهي ته وٽس وڏو ذخيرو موجود هو، پر ڪتاب جي قيمت وڌي وڃڻ جي ڊپ کان پهاڪن جي اُپٽار ڪرڻ کان ڪنارو ڪيائين.

اڻويهين صديءَ ۾ روچي رام گجومل ڪرپالاڻي به سنڌي پهاڪن جو هڪ ڪتاب انگريزي معنيٰ ۽ هم- معنيٰ انگريزي پهاڪن سان گڏ 1892ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. اُن جو نالو آهي: A Hand book of Sindhi Proverbs ڪتاب ۾ 800 ڪن پهاڪا ڏنل آهن. هن ڪتاب جا پنج ڪن ڇاپا شايع ٿيا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي مشهور اديب مرزا قليچ بيگ 1925ع ۾ "پهاڪن جي حڪمت" نالي ننڍو ڪتاب ڇپايو. اِن ۾ جدا جدا ٻولين جا چونڊ پهاڪا ڏنل آهن. هڪ باب ۾ اٽڪل سنڌيءَ جا 800 ڪن پهاڪا الف- بي وار گڏ ڪري رکيا ويا آهن، پر انهن جي سمجهاڻي ڏنل نه آهي.

انهيءَ جي آس پاس سنڌيءَ جي ٻئي مشهور اديب ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ "پهاڪن جي پيڙهه" نالي هڪ مجموعو ڇپرائي پڌرو ڪيو. اُن ۾ هڪ سؤ ٻائيتاليهه پهاڪا ڏنل آهن. هرهڪ پهاڪي جي بنياد ۾ جيڪا ڪهاڻي يا واردات آهي، اُها به سمجهائي ويئي آهي. ڀيرومل هڪ ٻيو ڪتاب 'گلقند' نالي سان به سال 1928ع ۾ ڇپايو، جيڪو ٻن ڀاڱن ۾ آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ 912 سنڌي پهاڪا الف- بي جي

ترتيب ۾ ڏنل آهن ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ 1450 سنڌي اصطلاح معنيٰ سان گڏ ڏنل آهن. پهاڪن واري ڀاڱي جي مکيه خاصيت اِها آهي تہ ليکڪ ڪيترن هنڌن تي ساڳي مطلب وارا پهاڪا هڪ هنڌ تي رکيا آهن، جن ۾ پهريون پهاڪو الف- بي وار ڏنل آهي. ڀيرومل هن مجموعي ۾ هندي ۽ فارسي پهاڪا بہ ڪِن ڪِن هنڌن تي ڏنا آهن.

'گلقند' ڪتاب جا سنڌ ۽ هند ۾ ڀيا ڇاپا بہ ڇپيا آهن. ڀارت ۾ انهيءَ جو ديوناگري لپيءَ ۾ بہ هڪ ڇاپو دهلي يونيورسٽيءَ طرفان 1962ع ۾ شايع ڪيو ويو. جيئن تہ اهو ڇاپو ناياب ٿي ويو، اُن ڪري 1985ع ڌاري انهيءَ ڪتاب جو ٻيو ڇاپو نوبل پرنٽرس، پوني طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. ڀيرومل جو لکيل هي ڪتاب گهٽن ئي امتحانن ۾ درسي ڪتاب طور مقرر ڪيو ويو آهي.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ لوڪ ادب جي مشهور محقق ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي سنڌي پهاڪن جي اڀياس طرف گهڻو ڌيان ڏنو. هن جي لاڙو هرهڪ پهاڪي جي بڻ بنياد جي ڳولڻ طرف وڌيڪ هو. سال 1966ع ۾ سنديلي صاحب "پهاڪن جي پاڙ" نالي سان هڪ تحقيقي ڪتاب لکي شايع ڪيو. اُن ۾ هن اٽڪل هڪ سؤ سنڌي پهاڪن جي پاڙ سمجهائي آهي. سنديلي صاحب جي هن ڪتاب جو اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هن ڪجهہ محاورا بہ شامل ڪري ڇڏيا آهن. جيئن تہ:

- تيسمار خان هئڻ.
- پيٽ ۾ ڪوئا.
- پيسا ئي پاٽيءَ ۾.
- چانديا مگسي.
- رام ڪهاڻي.

سنديلي پوءِ 1987ع ۾ 'اصطلاحن جي اصليت' نالي سان جدا ڪتاب بہ لکي ڇپايو.

هند ۾ بہ ڪن عالمن سنڌي پهاڪن کي گڏ ڪرڻ ۽ انهن کي سمجهائڻ طرف ڌيان ڏنو آهي. 'پهاڪن جي پاٻوهہ' نالي سان سنڌي

پهاڪن جو هڪ ڪوش تيرٿ داس پيسومل هاٿيراماڻيءَ ممبئي مان سن 1973ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان ۾ اٽڪل اڍائي هزار سنڌي پهاڪا معنيٰ سان گڏ ڏنل آهن.

سترام داس جڙيا سنگهاڻي 'ساحل' 'ڏرن جي دبلي' ناالي سان ٻن ڀاڱن ۾ سنڌي پهاڪن جو مجموعو سن 1982ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. انهيءَ ۾ ڪل 2771 سنڌي پهاڪا الف- ب موجب ڏنل آهن ۽ انهن جي معنيٰ بہ سمجهايل آهي. ڄئپور جي هڪ سنڌي عالم دادا موُرومل 'پهاڪن جي سوغات' عنوان سان هڪ سنڌي پهاڪن جو مجموعو ڇپايو آهي، جنهن ۾ اٽڪل 4500 سنڌي پهاڪا ڏنل آهن. هند ۽ سنڌ ۾ گذريل 80 سالن ۾ شاگردن جي ڏانو جا ننڍا ننڍا سنڌي پهاڪن جا مجموعا گهڻئي ڇپايا آهن. انهن جي هتي اپٽار نہ ڪئي وئي آهي.

وشوناٿ ڊنڪر نروڻي ناالي مهاراشٽر جي هڪ عالم 'ڀارتيہ ڪهاوت' جي عنوان سان ٽن ڀاڱن ۾ ڀارت جي ٻولين جي ڪهاوتن جو هڪ وڏو مجموعو ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن جو پهريون ڀاڱو 1978ع ۾ ٻيو ڀاڱو 1979ع ۾ ٽيون ڀاڱو 1983ع ۾ شايع ٿيو. انهيءَ جي پهرين ٻن ڀاڱن ۾ موضوع موجب انهن ڀارت جي ٻولين جا پهاڪا ڏنا ويا آهن، جيڪي ٻوليون ان وقت ڀارت جي جوڙجڪ ۾ تسليم ٿيل هيون. ٽئين ڀاڱي ۾ هرهڪ ٻوليءَ جا چونڊ پهاڪا ڏنا ويا آهن. هن مجموعي ۾ اٽڪل 2000 سنڌي پهاڪا بہ شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي هندي ۽ انگريزي عنوانن سان گڏ لکي تيار ڪيا آهن. ڀارت جي ٻولين جي پهاڪن جو تقابلي (comparative) ابياس ڪرڻ جي لحاظ کان هيءُ ڪتاب مددگار ثابت ٿيندو.

سنڌي پهاڪن جو وڏي ۾ وڏو ڪوش شايع ڪرڻ جو جس هند کي آهي. خبر نہ آهي تہ سنڌ ۾ ان قسم جي لغات اڃا تائين تيار ڪري ڇونہ ڇپائي وئي آهي؟ پوني جي عالم سنتداس پيسومل ڪشناڻي پنجويهن، ٽيهن سالن کان سنڌي پهاڪا ۽ اصطلاح پئي گڏ ڪيا. ان قسم جي ساڃي رٿا تي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي بہ تحقيق جاري رکي هئي. ٻئي عالم ساڳئي شهر ۾ هئا ۽ هڪ ٻئي جا دوست هئا. پنهنجن

گڏ ڪيل سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جا دستخط پيشيائون ۽ اهي گڏ ڪري سنڌي 'پهاڪا ۽ محاورا' نالي سان وڏو ڪوش پوني مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. ڇپائيءَ جو ڪم هلي رهيو هو ته بزرگ عالم سنتداس لاڏائو ڪري ويو، پر سندس ساٿي ڊاڪٽر جيٺلي اُن رٿا کي عملي جامو پهرايو ۽ اُن ڪوش جي تڪميل جي جوابداري نڀائي.

منهنجي هن تحقيقي مقالي جو مکيہ آڌار اهو ڪوش آهي. اِن کان سواءِ اٽڪل 4000 کن ٻيا سنڌي پهاڪا به مون پنهنجي ليکي گڏ ڪيا آهن، جيڪي هن ڪوش ۾ داخل ڪيل نه آهن. ان مان ظاهر آهي ته اٽڪل 10000 سنڌي پهاڪن جي آڌار تي مون هن موضوع جو تحقيقي اڀياس ڪيو آهي.

**هن تحقيقي مقالي جي رٿا:**

هن تحقيقي مقالي ۾ سنڌي پهاڪن جو اڀياس پنجن بابن ۾ ورهائي پيش ڪيو ويو آهي:

**پهرئين باب** ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي ارتقا، لساني خصوصيتن، سنڌيءَ جي لهجن جي مختصر ڄاڻ ڏنل آهي. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جو تعداد ۽ سنڌيءَ ۾ ٿيندڙ لساني تبديليءَ جو ٿورو بيان ڪيل آهي. پهاڪا ۽ چوڻيون سنڌي ثقافت جو هڪ حصو آهن، اِن ڪري هن باب جي آخر ۾ سنڌي لوڪ ثقافت جي شڪل ۽ اُن جي خوبين جي ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي.

**ٻئي باب** ۾ پهاڪن جي وصف، اشتقاقن ۽ خصوصيتن جو بيان ڪندي انهن جي ٻيٽ ٻوليءَ جي ٻين ڪن فقرن سان ڪئي ويئي آهي. انهن ۾ خاص طور پهاڪي، چوڻيءَ، محاوري ۽ ورجيس جي وچ ۾ تفاوت سمجهايل آهي.

**ٽئين باب** ۾ پهاڪن جي جنم، ارتقا ۽ انهن جي وياڪرڻ جي جدا جدا اصولن تي بحث ڪيل آهي.

**چوٿين باب** ۾ لسانيات جي اصولن جي آڌار تي پهاڪن جي ٻوليءَ جي بيهڪ يا تخليق تي ويچار ڪيل آهي. پهاڪن ۾ گهڻو

ڪري ٻوليءَ جا اهڙا لفظ ۽ وياڪرڻي فقرا محفوظ ٿيل آهن، جيڪي اڄڪلهه ٻوليءَ جي بنئي واهپي ۾ نہ ٿا اچن. ان ڪري ٻوليءَ جي قديمي شڪل کي سمجهڻ لاءِ پهاڪن جو اڀياس گهڻي اهميت رکي ٿو. هن باب ۾ شاعريءَ جي مکيہ اصولن جي آڌار تي پهاڪن جي هيئت تي بہ بحث ڪيل آهي. ان ۾ لفظ جي معنيٰ، سينگار، ٽڪ، لئہ ۽ ڇند رچنا مکيہ آهن.

پنجون باب پهاڪن جي سماجي ۽ ثقافتي اڀياس سان واسطو رکي ٿو. حقيقت ۾ ڏسجي تہ 'ثقافت' لفظ ۾ ڪنهن لساني سماج جا اندروني توڙي ٻاهريان سڀ پهلو شامل آهن. ان ڪري انهن کي جدا جدا موضوعن هيٺ ورهائي، پهاڪن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويئي آهي. ان موجب هن باب جا مکيہ موضوع هيٺينءَ ريت آهن:

(1) سنڌ جي تاريخ
(2) سنڌ جي جاگرافي
(3) وڻ ٻڪي ۽ جيت جنٿيا
(4) زراعت ۽ کاڌا پيتا.
(5) سماجي سرشتو ۽ حالتون.
(6) عام لوڪن جي زندگي.

انهن کان سواءِ ٻين بہ ڪن متفرقہ موضوعن تي چونڊ پهاڪا ڏنل آهن. پهاڪن جي دنيا جون ڪي بہ مقرر حدون نہ آهن. پهاڪا سماج، تهذيب ۽ ثقافت ۾ عام ماڻهن جي سوچ ويچار جي جدا جدا پهلوئن سان واسطو رکن ٿا. انهن جو اسين چاهي ڪيترو بہ تفصيل سان اڀياس چونہ ڪريون، ان هوندي بہ ڪي نہ ڪي ڳالهيون رهجي وينديون.

هن تحقيقي مقالي ۾ ڪوشش ڪري سيني اهم موضوعن تي مشتمل پهاڪا گڏ ڪري انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويئي آهي. اميد آهي تہ منهنجي هي تحقيقي ڪوشش عالمن ۾ قبول پوندي.

روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي

حيدرآباد هلي وئي. ڪجهه وقت ڪانپوءِ سنڌس خدمت ۾ حاضر ٿيس ته پاڻ مونکي ان جا ڪجهه صفحا نموني طور ڪري اچڻ لاءِ چيائين. اٿارٽيءَ جي پبليڪيشن ڪميٽيءَ جا وڏا وڙ جن منهنجي محنت کي قبول ڪيو ۽ اهو ڪم منهنجي حوالي ڪيو. سچ ته اهو منهنجي لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي.

ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي جي پي ايڇ. ڊي واري تحقيقي مقالي جي ديوناگري لپيءَ مان عربي- سنڌيءَ ۾ اُلٽو (Transliteration) ڪرڻ ڪان پوءِ هڪ ڳالهه جو اندازو ٿيو ته اسان وٽ (سنڌ ۾) ٿيندڙ تحقيق ۽ سرحد پار ٿيندڙ تحقيق ۾ وڏو فرق آهي. اسان وٽ ٿيندڙ تحقيق سمنڊ وانگر صرف گهرائي رکي ٿي، جنهن جي اونهائي ۾ معنيٰ جا موتي آهن، پر هند ۾ ٿيندڙ تحقيق درياهه وانگر آهي، جنهن ۾ تازگي ۽ مناس آهي. هن تحقيق ۾ ڊاڪٽر روي پرڪاش جي محنت، محبت ۽ تپسيا جو ڪمال ته آهي ئي، پر سنڌس رهنما پروفيسر مُرليڌر جيٽلي جي علم ۽ عقل سان گڏ سچائي، سنجيدگي ۽ مستقل مزاجيءَ جي پروڙ پوي ٿي. هڪ اهڙو موضوع، جنهن تي ڪيترائي ائين چئي سگهن ٿا ته 'پهاڪا، پهاڪا ٿيندا آهن، انهن تي وري ڪهڙي پي ايڇ. ڊي'، پر هن ڪتاب ۾ ٿيل تحقيق ڏسڻ ڪان پوءِ ڊاڪٽر صاحب کي دلي طرح داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي، آئون صرف ايترو چوندس ته جيڪڏهن ڪنهن کي 'تحقيق' کي سائنس ثابت ڪرڻ لاءِ دليل کپي ته ڊاڪٽر روي پرڪاش جي انهيءَ مقالي جو مثال ڏيئي چڏي.

انهيءَ ڪم کي توڙ تائين پُڄائڻ ۾ منهنجي مدد ننڍڙي پيڻ خوشحالي بائي، ننڍڙن ڀائرن لجپت راءِ، ڪيمچند راءِ، تيرٿداس، پرمانند راءِ ۽ مڪيش ڪمار ڪئي، جن جو ٿورائتو آهيان. آئون پنهنجي استاد محترم ڊاڪٽر لؤنگ اميراڻي (آغا خان يونيورسٽي) ۽ استاد ۽ مائيٽي دوست ڊاڪٽر موهن ديوراج ٿونٽيا جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جن ڪن لفظن، لکٽين ۽ معنائن ۾ مدد ڪئي.

آخر ۾ آئون پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جنهن نہ صرف هيءُ اهم ڪم منهنجي حوالي ڪيو، بلڪہ هر مونجهاري واري گهڙيءَ ۾ استاد ٻڻجي همت افزائي ڪئي، آءٌ پنهنجن انهن سيني استادن جو پڻ تهہ دل سان شڪرگذار آهيان، جن پرائمري ڪان وٺي هيستائين منهنجي رهنمائي ڪئي ۽ نہ صرف علم ۽ ادب جي ميدان ۾ هلڻ سيکاريو، پر زندگيءَ جي ذاتي مسئلن ۾ پڻ مددگار رهيا ۽ همٿائيندا رهيا. آئون پنهنجو هي علمي پورهيو ڪين منسوب ڪريان ٿو. الله ڪين صحت ۽ وڏي عمر بخشي. (آمين).

”ٿورا مَ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا.“

قلومل ميگهواڙ

1

# سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ پهاڪا

## 1.1 سنڌي ٻولي

سنڌي ٻولي، ڀارت جي آريائي ٻولين جي ڪٽنب مان هڪ ٻولي آهي.* اها هند پاڪ اُپکنڊ جي هاڻوڪين ٻولين ۾ مکيہ جاءِ والاري ٿي. ٻوليءَ جي ماهرن هاڻوڪين ڀارت جي آريائي ٻولين جي ارتقا جنهن ريت سمجهائي آهي، اُن موجب سنڌي ٻوليءَ جو جنم اُنهيءَ اوائلي پراڪرت ٻوليءَ مان ٿيو آهي، جيڪا ويدن واري زماني ۾ يا اُن کان ٻہ ڪجهہ صديون اڳ، هاڻوڪي سنڌ واري ايراضيءَ ۾ ۽ اُن جي آس پاس ڳالهائي ويندي هئي. اُنهيءَ جي جهلڪ اسان کي ڪي قدر رِگ وِيد جي منترن جي ٻوليءَ ۾ ملي ٿي. رگ ويد جي ٻولي اُن دؤر جي اُتر- اولهہ هندستان جي ٻولچال وارين اوائلي پراڪرت ٻولين جي ادبي شڪل آهي.

ٻوليءَ جي ماهرن هند- آريائي ٻولين جي ارتقا کي ٽن دؤرن ۾ ورهايو آهي. اُهي هن ريت آهن:

(1) هند جي آريائي ٻولين جو قديم دؤر

(2) هند جي آريائي ٻولين جو وچيون دؤر

(3) هند جي آريائي ٻولين جو نئون دؤر

انهن ٽنهي دؤرن ۾ هندستان جي آريائي ٻولين جي ارتقا کي هيٺين ريت سمجهائي سگهجي ٿو:

**(1) هندستان جي آريائي ٻولين جو قديم دؤر:**

هيءُ دؤر رگ ويد جي ٻوليءَ کان وٺي عيسوي سن کان اٽڪل 600 سال اڳ تائين آهي. هن دؤر ۾ اوائلي پراڪرت ٻوليون، ويدڪ سنسڪرت يا ڇندسَ ۽ لوڪ سنسڪرت ٻولي شامل آهن. عيسوي سن

* ان نظريي سان ڪي سنڌي ۽ غيرملڪي متفق ڪونہ آهن (ادارو)

کان اٽڪل 600 سال اڳ پاڻيني مُني پنهنجي مشهور وياڪرڻ جي ڪتاب اشٽا ڌياييءَ (اٺن بابن وارو) ۾ عوامي ٻول چال واري سنسڪرت (ٻوليءَ) جي شڪل تفصيل سان سمجهائي آهي. اِها ٻولي اُن وقت هندستان جي جدا جدا حصن ۾ سماج جي اوچي طبقي جا ماڻهو ڳالهائيندا هئا. رامائڻ، مهاڀارت، سنسڪرت جا ٻيا شعري ڪتاب ۽ ناٽڪ وغيره اِنهيءَ سنسڪرت ٻوليءَ ۾ لکيل آهن. پاڻيني مُنيءَ جي وياڪرڻ جي ڪتاب 'اشٽا ڌياييءَ' جي رچنا کان پوءِ سنسڪرت ٻولي جي ويڪارڻي شڪل ۾ تبديلي ٿيڻ گهٽجو ڪري بند ٿي ويئي هُئي. انهيءَ جو ٻيو مکيہ ڪارڻ اِهو بہ آهي جو سنسڪرت جو واهپو روزمره جي زندگيءَ جي ٻول چال واري ٻوليءَ جي شڪل ۾ گهٽي قدر گهٽجي ويو هو. اُها پوءِ زندگيءَ ۾ گهٽي ڀاڱي ادبي ٻولي جي شڪل ۾ استعمال ٿيڻ لڳي. هن دؤر ۾ سنسڪرت سان واسطو رکندڙ ٻولين کي گڏي "آڳاٽي هندستان جون آريائي ٻولين" جو نالو ڏنو ويو آهي.

### (2) هندستان جي آريائي ٻولين جو وچون دؤر:

هيءُ دؤر هندستان جي ٻولين جي ارتقا جو اهو دؤر آهي، جيڪو پاڻيني مُنيءَ جي زماني (عيسوي سن کان اٽڪل 600 سال اڳ) کان وٺي 1000 عيسوي سن جي لڳ ڀڳ تائين آهي. انهيءَ دؤر جي آريائي ٻولين کي گڏي "وچئين دؤر جون هند آريائي ٻوليون" نالو ڏنو ويو آهي. هن دؤر جي ٻولين جي ڄاڻ اسان کي ان زماني جي لکيتن مان ملي ٿي. اُهي مکيہ طور هن ريت آهن:

**(الف) پالي ۽ اشوڪ جا شِلالیک:**

(600 سال عيسوي سن کان اڳ واري زماني کان وٺي عيسوي سن جي شروعات تائين).

اُهي اوائلي پراڪرت ٻوليون، جن مان ويدن جي سنسڪرت جو ارتقا ٿيو، انهن جي ٻول- چال واري شڪل ۾ ڦيرگهير ٿيندي پئي رهي. پاڻيني مُنيءَ جي زماني ۾ ئي اوپر هندستان وارن ڪن علائقن ۾ رهندڙ آريا لوڪن جي ٻولين ۾ وياڪرڻ ۽ اُچارن جي لحاظ کان چڱي تبديلي اچي وئي هئي. اها پوءِ هندستان جي ٻين حصن جي آريائي

ٻولين ۾ بہ نظر اچڻ لڳي. اهڙيءَ طرح هندستان جي آريائي ٻولين جي ارتقا جو وچيون دؤر شروع ٿيو.

وچين دؤر ۾ هندستان جي آريائي ٻولي جي شڪل ۾ جيڪا تبديلي آئي، اُن جي ڄاڻ اسان کي پاليءَ ٻوليءَ ۾ لکيل ٻُڌ ڌرم جي ساهت ۽ اشوڪ جي پٿر تي لکيل ليکن جي ٻوليءَ مان ملي ٿي. اُن زماني ۾ هندستان جي آريائي ٻوليءَ جي ٻول- چال واري شڪل ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽن لهجن جا روپ ظاهر ٿي بيٺا، جيڪي هئا، اوڀر، اولهہ ۽ اُتر- اولهہ وارا روپ.

(ب) ادبي پراڪرت ٻوليون:

عيسوي سن جي شروعات ڌاري هندستان جي جدا جدا ايراضين ۾ اوائلي پراڪرت ٻولين مان ڪن ٻولين جي ايتري تہ ارتقا ٿي جو انهن ۾ بہ لکيل شڪل ۾ ادب سرجڻ لڳو. اهڙين ادبي ٻولين جا پوءِ وياڪرڻ لکيا ويا، تہ انهن جو بہ روپ مقرر ٿي ويو. هن دؤر ۾ سنسڪرت ۽ پالي ٻولين سان گڏ جيڪي ٻيون ٻوليون ادب سرجڻ لاءِ استعمال ٿيڻ لڳيون، انهن کي ”پراڪرت“ نالو ڏنو ويو. هن دؤر جون مکيہ پراڪرت ٻوليون هن ريت آهن:

- شورسيني (اولهہ ڀارت جي ادبي پراڪرت)
- ماڳڌي (مڳڌ يا ڏکڻ بِهار جي ادبي پراڪرت)
- ارڌ ماڳڌي (ڪاشي ۽ ڪؤشل علائقن جي ادبي پراڪرت)
- مهاراشٽي (هاڻوڪي مهاراشٽر ۽ اُن جي پروارين ايراضين جي ادبي پراڪرت)
- پئشاچي (اُتر- اولهہ ڀارت جي ادبي پراڪرت)

(ج) اَپڀرنش:

جڏهن پراڪرت ٻولين جو ادب ۾ استعمال ٿي رهيو هو، تڏهن انهن جي ٻول- چال واري شڪل ۾ لڳاتار تبديلي ايندي پئي رهي. پراڪرت وياڪرڻ لکندڙن انهن ڳالهائڻ ۾ ڪتب ايندڙ ٻولين کي ”اَپڀرنش“ (بگڙيل، ڪِريل) ڪري سڏيو. عيسوي پنجين صديءَ جي لڳ ڀڳ انهن اپڀرنش ٻولين ۾ بہ ادب تخليق ٿيڻ شروع ٿيو. ادبي

سطح تي پهچڻ کان پوءِ وياڪرڻ جي اُستادن انهن جي شڪل سمجهائڻ لاءِ اپڀرنش جا وياڪرڻ لکيا. انهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اپڀرنش جا مکيہ طور تي جيڪي علائقائي روپ هئا، اُهي هن ريت آهن:

- ناگر اپڀرنش (مالوا، پوربي، راجستان ۽ گجرات جي ٻولي)
- وراچڊ (ملتان، سنڌ ۽ ان جي ڀر وارن علائقن جي ٻولي)
- اُ ناگر (اولهہ راجستان جي ٻولي)

انهن ٽنهي مان ناگر اپڀرنش ۾ ئي گهڻو لکيل اپڀرنش ادب ملي ٿو. حقيقت ۾ ڏسجي تہ جدا جدا ايراضين ۾ اپڀرنش جون ٻول چال ۾ گهڻي ئي شڪليون هيون، جن جي ڄاڻ اسان کي لکيل ادب مان ڪانہ ٿي ملي. مارڪنڊيہَ نالي هڪ وياڪرڻ جي عالم اپڀرنش جون ستاويهہ شڪليون ڄاڻايون آهن.

**(3) هندستان آريائي ٻولين جو نئون دؤر:**

جڏهن اپڀرنش جي ڪن ٻولين ادبي درجو حاصل ڪيو، تڏهن اُنهن جي ادبي شڪل وياڪرڻ جي اصولن ۾ جڪڙجي هڪ هنڌ بيهي ويئي، پر ٻئي طرف اپڀرنش جي ٻول چال وارين شڪلين ۾ لڳاتار تبديلي ايندي رهي. اهڙي طرح جدا جدا ايراضين ۾ اپڀرنش ٻولين ڏهين عيسوي صديءَ جي آسپاس بدلجي هاڻوڪين ٻولين جي شڪل اختيار ڪرڻ شروع ڪئي. 13 - 14 هين عيسوي صديءَ تائين جن ٻولين ۾ آڳاٽيون لکتون مليون آهن، انهن جي اڀياس مان خبر پوي ٿي تہ نئين دؤر ۾ داخل ٿيڻ وقت انهن ۾ اپڀرنش جي شڪلين سان گڏوگڏ نيون وياڪرڻي خاصيتون بہ ملن ٿيون. اُهي پوءِ آهستي آهستي وڌنديون ٿيون وڃن. اهڙيءَ طرح هاڻوڪين ڀارتي آريائي ٻولين (سنڌي، هندي، پنجابي، گجراتي، مراٺي، راجستاني، برج، اَوَڌي، ڀوجپوري، بنگلا، آسامي، اُڙيا وغيره) ارتقا جو قديم ۽ وچيون دؤر پار ڪري ڏهين عيسوي صديءَ جي لڳ ڀڳ پنهنجو نرالي شڪل اختيار ڪئي آهي.

**1.2 سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا ۽ خصوصيتون:**

اسان جي سنڌي ٻوليءَ بہ ڀارت جي آريائي ٻولين جي ارتقا ۾ آڳاٽو ۽ وچيون دؤر پار ڪري ڏهين عيسوي صديءَ جي لڳ ڀڳ

پنهنجي نرالي شڪل کي ظاهر ڪيو آهي. پندرهين عيسوي صديءَ جي آخر تائين اسان کي سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ادب ايترو گهڻو نه ملي سگهيو آهي، جو ان جو اڀياس ڪري اسين تفصيل سان اُن دؤر جي سنڌيءَ جي وياڪرڻي شڪل سمجهي سگهون، پر اسان کي ڪجهه اهڙا حوالا ضرور ملن ٿا، جن جي آڌار تي سنڌي ٻوليءَ جون ڪيئي لساني خاصيتون ڄاڻي سگهون ٿا. انهيءَ جا ڪجهه مثال هتي ڏجن ٿا:

(1) ڀرت مُني (اٽڪل ٻين عيسوي صدي) پنهنجي مشهور سنسڪرت ڪتاب "ناٽيه شاستر" ۾ ناٽڪاڪارن کي هدايت لکي ٿو ته:

"هِمَوَتُ- سنڌُ- سؤ ويرانُ يي جناهه سَپپا شرِتا:
اُڪار بَهُلان تجگيه: تيشو ڀاشان پريوج جييت..."

مطلب ته هماليه ٻولين، سنڌ ۽ سؤوير علائقن ۾ جيڪي ماڻهو رهندا آهن، تن جي ٻولين ۾ ناٽڪ نويسن کي "اُ" سُر (آواز) جو گهڻو استعمال ڪرڻ گهرجي.

هيءُ هدايت ڀرت منيءَ انهيءَ ڪري ڏني آهي، ڇاڪاڻ ته هن پاڻ هماليه، سنڌ سؤوير جي رهاڪن جي ٻول چال واري ٻوليءَ ۾ 'اُڪار' (الف جنهن مٿان پيش هجي) جو واهپو ٿيندو ٻڌو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اِها خاصيت اڄ تائين موجود آهي. جيئن ته: پيءُ، ماءُ، ياءُ، سَسُ، ڪنُ، هٿُ، واتُ، لڪڻ، پڙهڻُ، اُٺُ، لِڪُ، وڄُ، گهُمُ وغيره.

(2) اٺين عيسوي صديءَ ۾ جڏهن محمد بن قاسم جي اڳواڻيءَ هيٺ عربن سنڌ تي ڪاهه ڪري ان جو گهڻو حصو پنهنجي قبضي ۾ ڪيو، تڏهن سنڌ جي ٻولي "اپڀرنش سنڌي" هئي. اُن کي 'جهوني سنڌي' به چئي سگهجي ٿو، اُن دؤر جي سنڌيءَ ۾ اَپڀرنش جي خاصيتن سان گڏ سنڌيءَ جون پنهنجون گهڻيئي نراليون وصفون به اوسر پائي رهيون هيون. اُڪار (الف تي پيشُ) جو گهڻو استعمال اپڀرنش جي به خاصيت آهي، جيڪا سنڌيءَ ۾ پراڪرت دؤر کان وني نظر اچي ٿي. سنڌ ۾ عربن جي حڪومت برپا ٿيڻ کان پوءِ سنڌيءَ تي عربي ٻوليءَ جو اثر پوڻ لڳو. اِنهيءَ ڪري گهڻيئي عربي لفظ سنڌي ٻوليءَ جي تاڃي- پيٽي ۾ شامل ٿي ويا. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌي ٻوليءَ جي آوازي تند جي سرشتي ۾ چار عربي

آواز ٻه جذب ٿي ويا. اُهي آهن: خ، غ، ز، ف. اِنهن جا اُچار عربي- فارسي ڄاڻندڙ سنڌي عالم ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ عام طور ڪندا آهن. ٻئي طرف ڏسجي ته ڪجهه عربي حرف فقط عربي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪتب اچن ٿا، پر اُنهن جو اُچار ڪوبه سنڌي ٻول چال ۾ نه ڪندو آهي. اِهي حرف آهن:

ق، ط، ظ، ض، ذ، ث، ص، ح، ع.

(3) آوازي تند جي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻي مکيه خاصيت جيڪا پراڪرت دؤر کان وٺي پيدا ٿي آهي، اها آهي چار چوُسٽا آوازي تت (ڳ، ڄ، ڏ، ٻ) ۽ ڱ، ڃ/ نوناسڪ (نڪوان) وينجن. انهن جو جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ صحيح اُچار نه ڪبو ته گهربل معنيٰ نه ملندي. مثال طور: لفظن جا هيٺ ڏنل جوڙا ڏسو:

ڳ - ڳِلا- گِلا؛ ڳارو- گارو

ٻ- ٻارُ- بارَ؛ ٻِلو- بِلو

ڄ - ڄارو- جارو؛ ڄام- جام

ڏ- ڏائِي، ڊائِي، دائي؛ پَڏُ- پڊُ- پدُ- پڌُ- مڱ- مڃ- مڻ- من- مم.

(4) سنڌي ٻوليءَ سنسڪرت، پالي، پراڪرت، اپڀرنش جا ڪجهه وياڪرڻ وارا روپ پاڻ وٽ سنڀالي رکيا آهن، جيڪي ٻين هاڻوڪين هند آريائي ٻولين مان گهڻو ڪري گم ٿي ويا آهن:

(الف) سنجوڳي وِڀَڪتِيوُن: (ڳنڍيل ٽڪرا)

گهر = (گهرُ+ اِ)، (سنسڪرت- گرهي)

هٿان (هَٿُ + آن) (سنسڪرت: هَستات)

(ب) ڪرمٽي (فعل) ياوي ڪلام جا روپ:

پڙهجي (پڙهه+ اِ ج + اي) (سنسڪرت: پَٺَويَتي)

جيئجي (جي+ اِج + اِي) (سنسڪرت: جيوَيَتي)

(پ) ڪرمٽي پوت ڪردنت (فعل ماضي) جا آڳاٽا روپ:

| سنڌي | پراڪرت | سنسڪرت |
|---|---|---|
| تَتو | تَتَ | تَپت |
| لڌو | لڌ | لَبڌ |

| | | |
|---|---|---|
| گهرشتَ | گُنٿَ | گُنو |
| پَڳنَ | پڳ | پڳو |
| تُشٿَ | تُنٿَ | تُنو |

(5) سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پڇاڙين جو بہ استعمال اسم، فعل سان گڏ ڪري سگهجي ٿو. اِها خاصيت هاڻي فقط سنڌيءَ ۾ ڪن ٻين هند آريائي ٻولين ۾ نظر اچي ٿي. مثال طور:

پُٽُس (پُٽُ + سِ) – هُن جو پُٽُ

ڪيس (ڪي+ سِ) – هُن ڪي

ڪينِ (ڪي + نِ ) – هُنن ڪي

لکِيَائينس (لِکيو + آئين+ سِ) – هُن هُن ڪي لکيو

لکيو مانءِ (لکيو + مان+ اِ) – مون توکي لکيو.

(6) لفظي خزاني جي لحاظ کان بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻيئي خاصيتون آهن. مثال طور سنڌي گهڻيئي جهونا لفظ پاڻ وٽ سانڍي رکيا آهن، جن جو مکيہ بنياد هند آريائي ٻولين جي اوائلي ۽ وچئين دؤر جي ٻولين ۾ ملي ٿو. جيئن تہ:

| سنڌي | سنسڪرت |
|---|---|
| اٽاسو | اناسَهہ |
| جُهورُ | جُوريهَہ |
| جُوءِ | يوُتِ |
| آڱارو | انگارڪوارهہ |
| آچرُ | آدِتيہَ وارهہ |
| وَلَهو | ولپ |
| ڄڃ | جَنيہَ |

متي ماڻتي ڏيکارڻ لاءِ جڏهن هندي ۽ ٻيون هاڻوڪيون آريائي ٻوليون بہ يا ٻن کان وڌيڪ لفظ ڪم آڻين ٿيون، تڏهن سنڌي ٻولي هڪ ئي لفظ ذريعي انهن جو اظهار ڪري ٿي. مثال طور:

| هندي | سنڌي | هندي | سنڌي |
|---|---|---|---|
| ننَدکا لڙکا | نراٽوٽ | چچيرا ڀائي | سؤٽُ |
| نند کي بيٽي | نراٽوٽِ | چچيري بَهن | سؤٽِ |
| سمڌي کا بيٽا | سيڻوٽُ | مميرا ڀائي | ماروٽُ |
| سمڌي کي بيٽي | سيڻوٽِ | مميري بهن | ماروٽِ |
| ديورَ کا بيٽا | ڏيروٽُ | ڦڦيرا ڀائي | ڦُڦاٽُ |
| ديور کي بيٽي | ڏيروٽِ | ڦڦيري بهن | ڦُڦاٽِ |

اِن طرح جانور، پکي، جيت، جڻيا، جڙيون ٻوٽيون وغيره. گهڻيئي شيون آهن، جن جا جدا جدا نالا، سنڌيءَ ۾ ملن ٿا. اِن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ لفظي خزاني (vocabulary) جي لحاظ کان سنڌي تمام شاهوڪار ٻولي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي اهڙين لساني خاصيتن کي ڏسي، ڪي سنڌي عالم سنڌي ٻوليءَ جو بنياد دراوڙي يا ٻين غير آريائي ٻولين ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پر لساني اصولن جي خيال کان اها ڳالهہ درست نہ آهي. سنڌي ٻولي لفظي خزاني توڙي وياڪرڻي ٻيهڪ جي لحاظ کان اٽڪل 75 سيڪڙو ٻين هاڻوڪين هندستان جي آريائي ٻولين سان هڪجهڙائي ڏيکاري ٿي. اِن ڪري اين جو جنم ۽ ارتقا بہ ٻين هند آريائي ٻولين وانگر سمجهڻ گهرجي.

### 1.3 سنڌي ٻوليءَ جا لهجا:

ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ گريئرسن جي مشهور ڪتاب "لِنگوسٽڪ سروي آف انڊيا" (جلد-8، ڀاڱو 01) جي آڌار تي سنڌي ٻوليءَ جا مکيہ اهم لهجا هن ريت ڄاڻايا آهن.

(1) سِرِيلي: اُتر سنڌ ۾ نصرپور کان وٺي اباوڙي تائين ۽ سيوهڻ - دادوءَ کان وٺي ڪشمير تائين جيڪا ايراضي آهي، تنهن کي 'سِرو' چئجي ٿو. اُن ايراضيءَ جي ٻوليءَ کي 'سِرِيلي' چوندا آهن.

(2) وچولي: سنڌ جي وچ واري حصي جي ٻولي. اِهو علائقو ڪنڊياري ۽ دادو جي اتر واري ڀاڱي کان وٺي ڏکڻ ۾ ڪوٽڙيءَ تائين

آهي. وچولي سنڌيءَ کي تعليم ۽ لکيل ادب ۾ ڪتب آندو وڃي ٿو. اهو سنڌ جو معياري ۽ ادبي لهجو آهي.

(3) **لاڙي**: سنڌ جو ڏاکڻو ڀاڱو، جيڪو وچولي جي هيٺان آهي ۽ وڃي سمنڊ سان لڳو آهي، اُن کي 'لاڙ' چئجي ٿو ۽ اُن علائقي جي ٻولي 'لاڙي' آهي.

(5) **لاسي**: اهو لس ٻيلي واري ايراضيءَ جو لهجو آهي، جيڪو ڪراچيءَ جي اولهه ۾ بلوچستان واري ايراضي آهي.

(6) **ڪڇي**: ڪڇ واري علائقي جي لهجي کي "ڪڇي" سڏجي ٿو. ڪڇ جو علائقو ڀارت جي گجرات صوبي جو هڪ ضلعو آهي ۽ ڏکڻ سنڌ سان وڃي ملي ٿو.

مٿي سنڌيءَ جا جيڪي پنج لهجا ڄاڻايا ويا آهن، اهي مکيه ليکجن ٿا. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ "ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي". اِن ڪري جيڪڏهن باريڪيءَ سان جاچبو تہ سنڌي ٻوليءَ جا ننڍا ننڍا علائقائي فرق اڃا بہ وڌيڪ ملي ويندا. ان کي خيال ۾ رکي حيدرآباد سنڌ ۾ برپا ڪيل سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان سنڌيءَ جي اڀياس جي رِٿا هٿ ۾ کنئي ويئي. گذريل ڏهن ٻارهن سالن ۾ ان باري ۾ نئين معلومات ڏيندڙ ڪجهہ ڪتاب پڻ ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن. جيئن تہ "سبيءَ جي ٻولي"، "ماتيلي- اوباوڙي جي ٻولي"، "اُترادي ٻولي"، "شڪارپور جي ٻولي"، "ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي"، "ٿر جي ٻولي" وغيره. اِهي تہ سنڌي ٻوليءَ جا علائقائي تفاوت آهن. پر ٻيا پيد فرق ڪمن، ڌنڌن ۽ ذاتين جي لحاظ کان بہ آهن. اِنهن جي بہ باريڪبينيءَ سان ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ضروري آهي. مثال طور، پيلن، ميگهواڙن جي ٻولي. مهاڻن ۽ ماڇين جي ٻولي، ميمڻن جي ٻولي، اوڏن، سوڍن جي ٻولي وغيره.

ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي هندن جي ٻولي هاڻي گهڻو قدر وچولي معياري سنڌيءَ جو روپ وٺي چڪي آهي. اُن مان علائقائي فرق گهڻو ڪري گم ٿي چڪا آهن. ڀارت ۾ اُهي ڪالونيون ۽ شهر جتي سنڌ جي جدا جدا حصن مان آيل سنڌي هڪ هنڌ رهن ٿا، اتي سنڌي ٻوليءَ جي لهجن جو تفاوتُ وڏيءَ عُمر وارن سنڌين ۾ اڃا تائين نظر اچي ٿو.

### 1.4 آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي حالت:

سن 1947ع ۾ جڏهن هندستان کي انگريزن جي غلاميءَ مان آزادي ملي تہ ان سان گڏ اسان کي ملڪ جي آزاديءَ لاءِ وڏي قيمت ادا ڪرڻي پيئي. اهو هو ملڪ جو ورهاڱو. هند واسين جي قوتُ جو فائدو وٺي انگريزن هندستان کي ٻن حصن ۾ ورهائي ويا. اُهي آهن ڀارت ۽ پاڪستان. هيءُ ورهاڱو مذهب جي آڌار تي ڪيو ويو ۽ مسلمانن کي جدا اسلامي ملڪ 'پاڪستان' نالي ڏنو ويو. 1947ع ۾ پاڪستان کي ڀارت جي ٻن طرف اوڀر ۽ اولهہ پاسي جا علائقا ڏنا ويا، جن کي 'اوڀر پاڪستان' ۽ 'اولهہ پاڪستان' سڏيو ويو، پر 1971ع ۾ ڪن سياسي ڪارڻن جي ڪري 'اوڀر پاڪستان' جو علائقو 'بنگلاديش' جي نالي سان جدا ملڪ بڻجي ويو. هاڻي پاڪستان ۽ بنگلاديش، ٻئي اسلامي ملڪ آهن. جاگرافيائي نظر سان ڀارت انهن ٻنهيءَ جي وچ ۾ آهي. آزاديءَ کان پوءِ ڀارت پنهنجي نظريي ۾ هن ملڪ کي 'سيڪيولر اسٽيٽ' اعلان ڪيو ۽ هن ملڪ ۾ سڀني مذهبن جي ماڻهن کي هڪجهڙائي وارا حق ڏنا ويا.

ملڪ جي ورهاڱي جو گهٽي ۾ گهٽو خراب اثر سنڌين تي پيو آهي. پنجابي ۽ بنگلا ٻوليون ڳالهائيندڙن کي پنهنجي ٻوليءَ جي ايراضيءَ جا حصا آزاد ڀارت ۾ بہ حاصل ٿيا، جتي پڻ سندن ٻولي، ادب ۽ ثقافت جي ارتقا ٿي رهي آهي. پر ٻئي طرف پاڪستان ٺهڻ وقت سڄو سنڌ صوبو پاڪستان ۾ ئي شامل ٿيو، ڇاڪاڻ تہ ان علائقي جي رهاڪن ۾ مسلمانن جي گهڻائي هئي. اِن جو نتيجو اهو نڪتو جو اٽڪل ٻارهن لک سنڌي هندو حالتن کان مجبور ٿي، پنهنجا اباڻا ڇنا ڇڏي، پنهنجي جنم ڀوميءَ کي ڇڏي، ڀارت ۾ لڏي آيا. سنڌ مان لڏي هو آزاد ڀارت جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ڦهلجي ويا. سنڌي بي وطن بڻجي هن ملڪ ۾ آيا، پر پنهنجي ڪوڄ ۽ محنت سان هُو نئين سر ڀارت ۾ پنهنجي نئين زندگي شروع ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. گذريل پنجاهہ سالن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ڀارت ۾ چڱيءَ طرح وسي ويا آهن. سنڌي ڀارت ۾ هاڻي گهڻيئي فلاحي ڪم بہ ڪري رهيا آهن. اڄ ڪلهہ ڀارت جي ارتقا ۾ سنڌين جو ڪافي وڏو ڪردار آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي لحاظ کان ڏسجي ته اُن کي ڀارت سرڪار 10 اپريل 1967ع جي ڏينهن تي "سنوڌان" ۾ شامل ڪيو. اِن ڪري ڀارت سرڪار طرفان ملڪ جي مکيہ ادبي ارتقا جا جيڪي ترقيءَ جا منصوبا عمل ۾ آيا آهن، اهي سنڌي ٻوليءَ سان بہ لاڳو ٿين ٿا. ڀارت ۾ مرڪزي سرڪار، سنسڪرت، اردو ۽ سنڌيءَ جي ترقيءَ جي ذميداري پاڻ کنئي آهي. ٻين ٻولين جي ترقيءَ جو ڪم انهن جدا جدا صوبن جون سرڪارون ڪري رهيون آهن، جتي اهي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. سنسڪرت زبان ڀارتي تهذيب ۽ ثقافت جو سرچشمو آهي، اِها سيني آريائي ٻولين جي بنياد ۾ آهي. اِن ڪري ان جي حالت نرالي آهي. اردو ٻولي پڻ هنديءَ وانگر سڄي ڀارت ۾ ڦهليل آهي، پر ان جي حالت سنڌيءَ کان بهتر آهي. اُها جمون - ڪشمير صوبي جي سرڪاري ٻولي آهي. دهلي، اتر پرديش ۽ بهار ۾ اُن کي ٻي سرڪاري ٻولي هئڻ جو درجو حاصل آهي. اِن کان سواءِ مرڪزي سرڪار توڙي ٻيون ڪجھ صوبائي سرڪارن ۽ ادارا اردوءَ جي واڌاري لاءِ لکين ڪروڙين رپيا خرچ ڪري رهيا آهن.

هاڻي جيڪڏهن اسين ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حالت تي ويچار ڪريون تہ هن ملڪ جي هاڻوڪين ٻولين ۾ فقط سنڌي ٻولي ئي آهي، جنهن کي پنهنجو ڪوبہ لساني ميدان يا علائقو نہ آهي. اِها ڪنهن بہ صوبي ۾ سرڪار طرفان تسليم ٿيل سرڪاري ٻولي نہ آهي. اِن ڪري سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۾ گهڻيئي مشڪلاتون پيدا ٿي ويون آهن. گذريل 50 سالن جو جيڪڏهن جائزو ونبو تہ معلوم ٿيندو تہ تعليم جي کيتر ۾ سنڌي ٻولي ڏينهون ڏينهن پنتي پوندي ويئي آهي. ڀارت ۾ هن وقت فقط گجرات، مهاراشٽر، راجستان، مڌيہ پرديش، اتر پرديش ۽ دهليءَ ۾ دستوري تعليم ۾ سنڌي پڙهائي وڃي ٿي. ٻين صوبن جي اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي تعليمي ادارن ۾ ڪابہ جاءِ نہ ڏني ويئي آهي. اِن ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ جن شهرن ۾ سنڌي گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا، اُتي سنڌي ادارن طرفان سنڌي ٻولي سيکارڻ جي لاءِ ڪن ڪن هنڌن تي بندوبست ڪيو ويو آهي، پر انهيءَ جو دائرو تمام محدود آهي. سکيا جي ميدان ۾ سنڌيءَ جو استعمال گهٽ هئڻ ڪري

سنڌيءَ ۾ ساهت سرجڻ ۽ اُن جي ڦهلاءَ تي بہ گهڻو اثر پيو آهي. اِن ڪري نوجوان سنڌي گهڻي قدر پنهنجي ادبي ورثي کان ڪٽجي ويا آهن. انهن جي ٻوليءَ تي بہ هندي ۽ ٻين ڪن مڪاني ٻولين جو گهڻو اثر پيو پوي، جيڪو ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي.

### 1.5 سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ:

تاريخي لحاظ کان ڏسجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، جنهن ايراضيءَ ۾ ٿي آهي، اها هاڻوڪي سنڌ آهي. ڀارت جي آزاديءَ کان پوءِ اُهو سمورو حصو پاڪستان ۾ شامل ڪيو ويو. اِن ڪري گهڻي ۾ گهڻا سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ پاڪستان ۾ رهن ٿا. پاڪستان جي آدمشماري جي رپورٽ سال 1981ع موجب ان ملڪ ۾ ڏيڍ ڪروڙ (15 ملين) رهواسي سنڌي مادري زبان طور ڳالهائيندڙ آهن. انهن ۾ گهڻا مسلمان آهن.

هن وقت سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي هندُن جو تعداد اٽڪل ڏهہ لک کن آهي. ٻئي طرف ڏسجي تہ گهڻا سنڌي هندو ملڪ جي ورهاڱي وقت ۽ ان کان پوءِ ڀارت ۾ لڏي آيا. اُهي هاڻي ڀارت جي جدا جدا صوبن ۾ رهن ٿا. سال 1991ع جي ڀارت جي آدمشماري رپورٽ موجب ڀارت ۾ 21,22,848 (ايڪويهہ لک ٻاويهہ هزار اٺ سؤ اٺيتاليهہ) ماڻهن جي مادري زبان سنڌي آهي. انهن جا انگ اکر هن ريت آهن:

| صوبو | سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ |
|---|---|
| گجرات | 7,04,088 |
| مهاراشٽر | 6,18,696 |
| راجستان | 3,36,523 |
| مڌيہ پرديش | 3,22,074 |
| اُترپرديش | 52,168 |
| دهلي | 37,381 |
| آنڌراپرديش | 12,919 |
| ڪرناٽڪ | 13,930 |

انهن کي ڇڏي ٻين جن صوبن ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ رهن ٿا، انهن جو تعداد هرهڪ صوبي ۾ ڏهن هزارن کان گهٽ آهي. M.

Vijayamuni, Census of India 1991 رپورٽ مطابق ڀارت جي ڪل آدمشماريءَ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد رڳو 0.31 سيڪڙو آهي. هن رپورٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اندر ان جي لهجي ڪڇيءَ کي به شامل ڪيو ويو آهي. اِهو به ڄاڻايل آهي ته مٿي ڄاڻايل انگ اکرن ۾ 5,66,199 ماڻهن پنهنجي مادري ٻولي ڪڇي لکائي آهي.

راجستان ۽ گجرات جون حدون جيڪي سنڌ (پاڪستان) جي سرحدن سان لڳن ٿيون، اُتي جا رهاڪو گهڻا مسلمان به سنڌيءَ جا لهجا ڳالهائين ٿا، پر آزاديءَ کان پوءِ جيڪي سنڌي، سنڌ مان لڏي ڀارت ۾ اچي رهيا آهن، انهن جو سماجي وهنوار جي لحاظ کان ڪڇين ۽ سرحد تي رهندڙ سنڌي ٻولي وارن مسلمانن سان ڪو به تعلق نه رهيو آهي.

ڀارت جي رپورٽ ۾ ڄاڻايل سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد گهڻو گهٽ ٿو نظر اچي. اِن جو مکيه ڪارڻ اهو ٿو لڳي ته سنڌين پنهنجي مادري ٻولي سنڌي داخل ڪرائڻ طرف گهڻو ڌيان نه ڏنو آهي. ڀارت ۽ پاڪستان کان سواءِ ٻين ملڪن ۾ به سنڌي ڳالهائيندڙ (هندو ۽ مسلمان) دائمي طور تي رهن ٿا. انهن جي آدمشماريءَ جا انگ اکر اڃا خاطريءَ جوڳا گڏ نه ڪيا ويا آهن. تڏهن به ليکي تخمينو ڪيو ويو آهي ته ٻين ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد به اٽڪل ٽيهه لک کن آهي. اِن حساب مان ظاهر آهي ته سڀني ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد ٻن ڪروڙن کان گهٽ ناهي.

## 1.6 سنڌي لوڪ سنسڪرتي/ ثقافت:

ڀاڪا لوڪ سنسڪرتي يا ثقافت جو حصو آهن. اِنهيءَ ڪري هتي ٿوري ۾ اِن موضوع تي روشني وجهجي ٿي. سنسڪرتي لفظ جي لياقت تي جيڪڏهن اسين ويچار ڪريون ته انهيءَ جي معنيٰ کي سمجهڻ ۾ گهڻي مدد ملي سگهندي. هي لفظ اصل ۾ سنسڪرت ٻوليءَ جو آهي، جيڪو 'ڪر' ڌاتوءَ ۾ اُپسرگ 'سَمُ' ۽ 'تِ' پڇاڙي لڳائڻ سان ٺهيو آهي. اِن جي لفظي معنيٰ آهي سنسڪار ڪرڻ يا اهم رسم ادا ڪرڻ يا ڪنهن شيءِ کي سنسڪرت (سڌريل) شڪل ڏيڻ جي ريت يا خواهش، صاف ڪرڻ سجائڻ، سينگارڻ. انگريزيءَ ۾ انهيءَ جو هم معنيٰ لفظ

آهي 'ڪلچر' (Culture). انهيءَ جي لفظي معنيٰ آهي "زمين کي سڌاري، سنواري، صاف ڪري کيتيءَ جوڳو بڻائڻ". پر سماجي علم (Sociology) ۾ سنسڪرتيءَ يا ڪلچر لفظ جو مطلب "ڪنهن سماج جون اُهي سڀ ڳالهيون، جن مان معلوم ٿئي ته، اُن سماج، شروع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڪهڙن خاص ميدانن ۾ ڪيتري ترقي ڪئي آهي." سنسڪرتيءَ جي ويجهو ٻيو لفظ آهي 'سڀيتا'، جنهن کي انگريزيءَ ۾ Civilization يا تهذيب چوندا آهن. سماجيات جي عالمن انهن ٻنهي لفظن ۾ باريڪ فرق ڄاڻايو آهي. اِنهن جي ويچار موجب 'سڀيتا' مکيه طور اقتصادي، سياسي، ۽ سماجي حالتن سان واسطو رکي ٿي، پر ٻئي طرف سنسڪرتيءَ (ثقافت)، روحاني، عقلي ۽ ذهني حالتن سان لاڳاپو رکي ٿي. سنسڪرتيءَ (ثقافت) فنُونءِ لطيفه، هنر ۾ ترقي، سماجي رهڻي ڪرڻي ۽ روايتن موجب حاصل ڪيل لياقتن ۽ خاصيتن جي آڌار تي ڪَٿي ويندي آهي. سڀيتا انسان جي ٻاهرين ۽ مادي حاصلاتن جو ماپو آهي، ته سنسڪرتيءَ (ثقافت) سماجي اندروني ۽ ذهني ترقيءَ جو ماپو آهي. عام طور سماجيات جا ماهر سنسڪرتيءَ يا ثقافت لفظ جو استعمال ان جي وسيع معنيٰ ۾ ڪندا آهن، جن ۾ سڀيتا جي معنيٰ به شامل ٿي ويندي آهي. اِن طرح 'ٽيلر' نالي هڪ سماجيات جي ماهر سنسڪرتيءَ يا ثقافت يا ڪلچر جي معنيٰ سمجهائيندي لکيو آهي ته:

"هي اهڙو هڪ پورو مُرڪب آهي، جنهن ۾ گيان (ڄاڻ) وشواس (يقين)، ڪلا (فن)، نيتي (رسم)، قانون، ريتيون، رسمون ۽ ٻيون اُهي لياقتون ۽ عادتون سمايل آهن، جيڪي انسان سماج جي هڪ فرد هئڻ جي حيثيت ۾ حاصل ڪيون آهن."

"Culture and Civilization is that complex hole, which includes knowledge, belief, art, morals, law, customs and any other capabilities and habits, acquired by man as a member of society."

(Kroeber A.L., Anthropology, Harcourt, Brace and World, Inc. New York, (New Edition, revised, 1948, page # 252.)

هن حوالي مان ظاهر آهي ته سنسڪرتي يا سڀيتا جو سماج سان گهرو تعلق آهي. انسان هڪ سماجڪ ساهوارو آهي، ڪنهن سماج ۾

رهڻ ڪري سنسڪرتيءَ (ثقافت) جو گڻ حاصل ٿيو آهي. هو قديم رسم موجب پنهنجن ابن ڏاڏن کان پيڙهي در پيڙهي. سنسڪرتي يا ڪلچر جون خاصيتون حاصل ڪندو رهي ٿو. وقت گذرندي اِنهن ۾ ٿورو گهڻو ڦيرو بہ ايندو رهي ٿو، پر تڏهن ليڪي اُن جي بنيادي شڪل ۾ گهڻي تبديلي نٿي ٿئي.

ثقافت جي تخليق سماج جي بناوت سان واسطو رکي ٿي. انهن بنهي تي وري قدرتي ماحول، طبعي حالتن جو بہ گهڻو اثر پوي ٿو. ٻاهريان اثر بہ تهذيب ۽ ثقافت جي رچڻ ۾ گهڻي مدد ڪن ٿا. اِن ڪري ڏسبو تہ چاهي سڄي ڀارت ملڪ جي تهذيب - ثقافت هڪ آهي. ان هوندي بہ علائقائي ماحول جاگرافي ۽ الڳ الڳ اثر ڪري ڀارت جي جدا جدا حصن مان ثقافت جي ڪيترن ئي پهلوئن ۾ تفاوت نظر اچي ٿو. اِن ڪري هڪ ئي ڀارتي ثقافت جي اندر گهڻيئي ننڍيون ثقافتون جنم وٺن ٿيون. ٻولي يا زبان بہ سنسڪرتيءَ (ثقافت) جي حصن مان هڪ مکيہ حصو آهي. ٻوليءَ بہ ثقافت جي اڳڻ مان هڪ مکيہ حصو آهي. ٻوليءَ جي ذات هڪ اهڙو گڻ آهي، جنهن ڪري انسان ٻين سڀني ساهوارن کان جلد ارتقا ڪري ويو آهي. ان ڪري 'اشرف المخلوقات' يعني الله جي اپايل سڀني ساهوارن ۾ اعليٰ ترين، اعليٰ جانور هئڻ جو درجو حاصل ٿيو آهي. ٻوليءَ جي ذات ڪري ئي انسان پنهنجي امنگن ۽ ويچارن جو اظهار جدا وسيلن سان ڪري سگهيو آهي. انهن ۾ هو ٻوليءَ وسيلي ادب جو سرجڻ ڪري ٿو.

جدا جدا علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن جي ثقافت ۾ قديم رسم يا روايتن ذريعي جن خاص گڻن يا پهلوئن جو ارتقا ٿيو آهي، اُهي اُن ٻوليءَ جي سماج جي ثقافت جا خاص حصا بڻجن ٿا. 'لوڪ' اکر انگريزيءَ ۾ 'فوڪ' (Folk) لفظ جو هم معنيٰ لفظ آهي. عام طور ڪيترائي عالم لوڪ جو مطلب ڳوناڻا، دهقاني، اڻپڙهيل ڳنوار ڪن ٿا، پر ان لفظ جي صحيح تُز معنيٰ آهي "اهي عام ماڻهو جن جو پنهنجي ورثي ۾ حاصل ڪيل ثقافت جي جدا جدا پهلوئن ۾ پورو پورو ويساهہ آهي ۽ هُو ان مطابق پنهنجي روزاني زندگي بہ گذارين ٿا."

ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي لوڪ ثقافت جا اُهي مکيه عنصر جن مان انهيءَ لوڪ ثقافت جي رچنا ٿئي ٿي، اُهي هن ريت سمجهايا آهن:

**لوڪ ثقافت جا مکيه جُزا:**

هڪ سنسڪرتي يعني عوامي تهذيب- تمدن جا مکيه ڪهڙا پاڳا آهن، اُنهن ۾ لوڪ سنسڪرتيءَ (ثقافت) جي ڪهڙي جاءِ آهي ۽ لوڪ ادب ۾ پهاڪن محاورن جي جڳهه ڪٿي آهي، انهن ٻنهي سوالن کي اڳتي ڏنل چارٽ ذريعي سمجهايو ويو آهي.

لوڪ سنسڪرتيءَ (ثقافت) جا مکيه ٻه پاڳا آهن:

(1) لوڪ جيون يعني ماڻهن جي زندگيءَ جا طريقا.

(2) ماڻهن جي جذبات ۽ ويچارن جي اظهار جا طريقا.

**(1) ماڻهن جي زندگيءَ جا طريقا:**

**(الف) لوڪ ويساهه يا عقيدو:**

سنسار جي پيدائش، خلقڻهار جي هستي، وڻ ٽڻ، جانور- پکي، ديوي، پريون، جن- ڀوت، جادو، ٽوڻا، جهاڙ ڦوڪ، پير، فقير، لوڪ، پرلوڪ وغيره موضوعن بابت عوام يا لوڪن جا عقيدا ۽ ويساهه هن پاڱي هيٺ اچن ٿا:

**(ب) لوڪ ريتيون:**

زمين جي کيڙي شروع ڪرڻ وقت زمين جي پوڄا، سمنڊ جي سفر تي اُسهڻ وقت پاڻيءَ جي پوڄا، قدرت جي عناصرن جي عبادت، مذهبي ڏڻ- وار ملهائڻ، انسان جي جنم کان وٺي مرڻ تائين جدا جدا موقعن تي ريتيون رسمون ۽ سنسڪار (اُهي رسمون جيڪي زندگيءَ جي خاص موقعن تي ادا ڪجن، جيئن شادي وغيره، درگاهن، عبادتگاهن ۽ مندرن ۾ وڃي دُعائون گهرڻ ۽ سُکائون ڪرڻ، اوجهن ۽ ڀوپن کان جهاڙ ڦوڪ ذريعي بيمارين جو علاج ڪرائڻ وغيره لوڪ ريتين جا ڪجهه مثال آهن.

**(ج) لوڪ وندر:**

ميلا، ملاکڙا، ملهه، ڪُشتيون، ڪُڪڙن، سانن ۽ تترن جي لڙائي؛ ڏڻ- وارن تي رانديون ۽ شُغل، بازيگرن جا کيل، ڳوناٺيون

ڪچهريون، ڪنپُتلين جا ناچ، ڏاندن، اٺن ۽ گهوڙن جي ڊوڙ وغيره عوام جي وندر جا ڪجهه مثال آهن.

(د) لوڪ رهڻي ڪرڻي:

سماج ۾ لوڪ پنچائتي سرشتو، گڏيل ڪٽنب جو سرشتو، روايتي ويس وڳا (اجرڪ، سنڌي ٽوپي، ميراڻي ٽوپي، شڪارپوري پڳڙي، پرت جا هنر وغيره) روايتي نموني جا زيور (نٿ، بُولو، ڏانوٽي وغيره)، کاڌي پيتي جا نرالا ڍنگ ۽ شيون، اِهي سڀ لوڪ رهڻي ڪرڻيءَ جا ڪجهه مثال آهن.

(2) لوڪ اظهار جا طريقا:

لوڪ پنهنجن اُمنگن ۽ ويچارن جو اظهار جدا جدا نموني سان ڪن ٿا. اُنهن جا مکيه ٻه قسم آهن: ٻولي ذريعي اظهار ۽ ٻوليءَ ڪان سواءِ ٻين طريقن سان اظهار. اظهار جي ٻئي قسم هيٺ لوڪ ڪلائون ۽ لوڪن جا هنر، ڏنڌا وغيره اچي وڃن ٿا. اِنهن ٻنهي طريقن جي اظهار تي لوڪن ۽ لوڪ روايتن جي ڇاپ هوندي آهي. ڪنهن هڪ ڪلاڪار جي رچنا عوام ۾ مشهور ٿي وڃڻ کان پوءِ سموري لوڪ سماج جي تخليق بڻجي ويندي آهي. وقت گذرندي اِها خبر نه پوندي آهي ته انهيءَ جو اصل رچيندڙ ڪير هو. سادگي، فطرت ۽ غيرمصنوعي سونهن توڙي نزاڪت، اِهي لوڪ اظهار جون مکيه خاصيتون آهن.

ٻوليءَ کان سواءِ ٻين طريقن سان اُمنگن جي اظهار جي وسيلن کي مکيه طور هيٺ ڏنل ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

(الف) لوڪ فنون:

لوڪ فنون جا مثال آهن، عمارت سازي، مجسمي سازي، مصوري، ناچ يا نرتيه جي ڪلا ۽ سنگيت ڪلا.

(ب) لوڪن جا هُنر ۽ ڌنڌا:

لوڪن جا اهڙا هنر ۽ ڌنڌا، جيڪي پيڙهي در پيڙهي هلندا پيا اچن، انهن جا ڪجهه مثال هن ريت آهن: واڍي جو ڪم، سوناري جو زيورن تي ميناڪاريءَ جو ڪم، ڪنڀر جو مٽيءَ جا برتن ۽ رانديڪا

ناهڻ جو ڪم، لوهار جو برتن ۽ اوزار ناهڻ جو ڪم ۽ زالن جو ڀرت ڀرڻ، سبڻ جو هنر وغيره.

## ٻوليءَ جي ذريعي اظهار:

ٻوليءَ جي ذريعي جڏهن ماڻهو پنهنجن اُمنگن ۽ ويچارن جو اظهار ڪن ٿا، تڏهن لوڪ ادب جو سرجڻ ٿئي ٿو. لوڪ ادب جا مکيہ قسم هيٺين ريت آهن:

**(الف) لوڪ شاعري:**

اِنهيءَ ۾ شعر جا سڀ قسم اچي وڃن ٿا. اِنهن مِڙني جي مکيہ وصف اِها آهي تہ اِنهن کي سُر، تال ۽ لئہ ۾ ڳائي سگهجي ٿو. اِن جي لاءِ نظم جي بحر وزن وغيره جي پابندي لازمي نہ آهي. لوڪ شاعريءَ جا مکيہ ٻہ پاسا آهن:

(1) لوڪ گيت: لوڪ گيتن ۾ ڪنهن ڳالهہ يا قصي جو بيان نہ هوندو آهي، فقط نفيس جذبن جو سهڻي نموني اظهار هوندو آهي.

(2) نظم ۾ بياني قصا ۽ داستان، اِنهن ۾ شعر ۾ ڳاتل قصن ۽ داستانن جو سلسليوار بيان هوندو آهي.

**(ب) لوڪ آکاڻيون ۽ ڪهاڻيون:**

اِن ۾ گهڻن ئي قسمن جون آکاڻيون اچن ٿيون. جيئن تہ ديون-پرين، بادشاهن، شهزادين، جانورن، پکين، نڳن، چورن ۽ ٻارن جون وندر ۽ نصيحت واريون ڪهاڻيون وغيره.

**(ج) لوڪ ناٽڪ:**

اِن جا ڪجهہ مثال آهن- ڳوٺاڻي ڪچهريءَ ۾ مسخرن جا چرچا، تماشا، سانگ، رام ليلا، ڪرشن ليلا وغيره.

**(د) سهڻا سخن، ننڍا گُفتا ۽ ٻول: (Minor folk utterances):**

پهاڪا، چوڻيون، محاورا، پروليون، جهاڙ، ڦوڪ ۾ ڪتب ايندڙ منتر، ٻاراڻا ٻول جيڪي ٻارن جي راندين ۾ چيا ويندا آهن، ننڍڙا لطيفا، گاريون ۽ فحش گفتا وغيره هن قسم جا ڪجهہ مثال آهن.

جڏهن اسين سنڌي لوڪ ثقافت جي باري ۾ ويچار ڪريون ٿا، تڏهن اسان جو مطلب سنڌين جي اُن لوڪ ثقافت جي پهلوئن سان آهي، جيڪي ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙن جي سماج ۾ نه ٿا ملن. سنڌين جي ثقافت ڀارتي ثقافت جو هڪ حصو آهي، جيڪو بنيادي طور هندن جي ڌرمي ڪتابن (ويد، رامائڻ، مهاڀارت، پُراڻ ۽ ڌرم گرنٿ) تي ٻڌل آهي. اِن هوندي پڻ سنڌي لوڪن جي ثقافت جون اهڙيون خاصيتون آهن، جيڪي ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙن جي ثقافت ۾ گهڻو ڪري نظر نه ٿيون اچن يا جيڪڏهن آهن ته به تمام ورلي ملن ٿيون. هتي ٿوري ۾ سنڌي ثقافت جي مکيه خاصيتن تي ويچار ڪنداسين.

## 1.7 سنڌي لوڪ ثقافت جون مکيه خاصيتون:

سنڌ صوبي جي طبعي ۽ تاريخي حالتن، سنڌي ثقافت جي اَڏڻ ۾ گهڻو ڪردار ادا ڪيو آهي. جاگرافيءَ جي لحاظ کان هاڻوڪو سنڌ صوبو ڀارت جي ٻين حصن کان گهڻو الڳ ۽ پري آهي. اوڀر ۾ ٿر جو ريگستان، اوڀر- ڏکڻ ۾ ڪڇ جو رڻ پٽ، ڪوري ڪاري ۽ ڏُٻڻ وارو علائقو، اولهه ۾ بلوچستان جو پهاڙي ۽ غيرآباد علائقو، اِهي سڀ اهڙيون قدرتي حدون آهن، جن جي ڪري سنڌ ۽ ٻين علائقن جي وچ ۾ ماڻهن جي عام جام آمدرفت ۾ گهڻيئي رڪاوٽون پيدا ٿي پيون آهن. سنڌ ۾ فقط اُتر- اوڀر طرف هن علائقي جو پنجاب سان گهڻو تعلق قائم رهيو آهي. ان طرف وڏا ميدان آهن، جن مان سنڌوندي پنجاب مان وهي ڪشمور (جيڪب آباد) وٽان سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿي. قديم زماني ۾ سنڌ صوبي ۾ ماڻهن جي اچ وڃ گهڻو ڪري پنجاب واري طرف کان ٿيندي هئي.

رگ ويد واري زماني کان وٺي سنڌوندي، سنڌ جي ماڻهن جي لاءِ جياپي جو مکيه وسيلو ثابت ٿي آهي. اڄ تائين فقط اِها هڪ ندي آهي، جيڪا سنڌ ۾ ٻارنهن مهينا وهندي رهي ٿي. ان جي پاڻيءَ سان هيءُ صوبو سرسبز ۽ آباد آهي. اڳاٽي زماني ۾ سرسوَتي نديءَ جو هڪ وهڪرو به سنڌ صوبي مان وهندو هو، جيڪو مهاڀارت واري زماني ۾ سُڪي ويو. اُن کان پوءِ سنڌوندي ئي هن علائقي لاءِ جيون جو مکيه

وسيلو بڻي. اِن ڪري اُن جي ڪناري تي سنڌ سڀيتا جي اوسر ۽ ارتقا ٿي. ويدن جي زماني کان وٺي سنڌ جا رهواسي 'جل جي ديوتا (ورڻ)' جي پوڄا ڪندا پيا اچن. ڏهين عيسوي صديءَ ۾ ۽ ان کان پوءِ 'جهولي لال' يا 'اُڏيري لال' جي پوڄا جي ارتقا ٿي، جنهن کي پڻ سنڌي 'ورڻ ديو' جو اوتار ليکين ٿا. ان جو ڦهلاءُ پوءِ اُتر ۾ ملتان تائين ۽ ڏکڻ ۾ ڪڇ، شوراشٽر (گجرات) ٿي ويو.

تاريخ جي لحاظ کان ڏسجي ته عيسوي سن کان اڳ واري زماني کان وٺي سنڌ صوبي تي ڌارين جا حملا ٿيندا رهيا آهن. ڀارت ۾ هيءُ پهريون صوبو هو، جنهن تي اٺين عيسوي صديءَ ۾ محمد بن قاسم جي اڳواڻيءَ ۾ عربن حملو ڪيو. هُنن 712ع ۾ آخري هندو مهاراجا ڏاهرسين کي جيتي، سنڌ جي وڏي حصي تي قبضو ڪري اسلامي حڪومت جو پايو وڌو. اِن ڪري گهڻا مسلم مؤرخ سنڌ کي "باب السلام" (اسلام جو دروازو) ڪري سڏيندا آهن. سنڌ ۾ عربن جي حڪومت شروع ٿيڻ سان اُتي جي مڪاني رهاڪن تي گهڻو اثر ٿيو. اُهي گهڻو ڪري ويدن واري آڳاٽي عقيدي ويدڪ سناتن ڌرم جا مڃيندڙ هئا. چڱا سنڌي ٻُڌ مت جا ٻه پوئلڳ هئا. سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ سان ڪِن سنڌين پنهنجي خوشيءَ سان اِسلام مذهب اختيار ڪيو ته ڪي سنگت جي اثر هيٺ مسلمان ٿيا. ملڪ جي مسلمان حاڪمن پنهنجي مذهب جي ڦهلائڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن زور زبردستيءَ کان ٻه ڪم ورتو. اِن جي ڪري چڱي تعداد ۾ سنڌي هندو پنهنجي اباڻي ڌرتي ڇڏي پروارن هندو علائقن ۾ وڃي رهيا. ايڏي لڏپلاڻ جا حوالا اسان کي تاريخ جي ورقن ۾ ملن ٿا. ڪجهه هندو اهڙا ٻه هئا جيڪي پنهنجي عقيدي تي اٽل رهيا ۽ سنڌ کان ٻاهر نه ويا. اُنهن غير مسلمانن تي حاڪمن جزيو وڌو. اِن طرح سنڌ جتي اٺين عيسوي صديءَ کان اڳ فقط هندو، ٻڌ ڌرم، ۽ ڪجهه جين مت وارا رهندا هئا، اُتي 1947ع ۾ ملڪ جي آزاديءَ وقت هندون جي سڪيا جو تعداد ڪُل آدمشماريءَ جو فقط پنجويهه سيڪڙو ڪن وڃي بچي.

سنڌ ۾ اسلام سان گڏوگڏ صوفي درويش ۽ اسماعيلي مت جا مبلغ پير به آيا. اُهي ڪٽر مذهبي نه هئا. هنن جي ويچار کان متاثر ٿي، ڇگن سنڌي هندن سندن مذهب اپنايو. اِن ڪري سنڌ ۾ رهندڙ مسلمانن جو گهڻو تعداد اُهو آهي، جيڪي پنهنجو اصلوڪو ڌرم ڇڏي پوءِ مسلمان ٿيا هئا. اُنهن اسلام ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ پڻ پنهنجيون اصلوڪيون ريتيون رسمون ۽ لوڪ عقيدن ڪي گهڻي قدر پاڻ وٽ جيئن جو تيئن قائم رکيو.

هتي جيڪي طبعي ۽ تاريخي حالتون ڇاڻايون ويون آهن، انهن جي ڪري سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ سماج ۾ ڇگين ئي خاصيتن جي ارتقا ٿي آهي، جن ۾ مکيه هن ريت آهن:

(1) سنڌي سماج ۾ ڪٽرپڻو نه آهي، نه ڪو ذات پات جو ڀيد ۽ ڇوت-ڇات ۾ ويساهه ڪن ٿا. (سڀني مذهن ڪي برابريءَ سان ڏسڻ) عالمي ڀائيچارو سنڌي ماڻهوءَ جي عام وصف آهي. صوفي مت ۽ سنت مت جي اثر ڪري سنڌين جو نرگڻ (بي گڻ) نراڪار (بي شڪل) ۽ هڪ خالق ۾ گهڻو وشواس آهي. ان هوندي پڻ هو جدا جدا (فرقن) ۽ ڌرمي نظرين کي عزت جي نظر سان ڏسن ٿا. سنڌي هندو صوفي درويشن جي درگاهن تي وڃن ٿا ته سنڌي مسلمان به هندُن جي ڪيترن ڌرمي عقيدن کي مانُ ڏين ٿا.

(2) انتهاپسند مسلمان حاڪمن جي دؤر ۾ به گهڻا ئي هندو پنهنجي ڌرم تي اٽل رهيا. اِن مان هُنن جي جاتيءَ اندروني قوت ۽ ڌرم ۾ وشواس جي ساک ملي ٿي.

(3) واپار سانگي ڏورانهن ملڪن ۾ وڃي پنهنجي محنت ۽ هوشياريءَ سان دولت ڪمائڻ، اُن سان سماجي فلاح جا ڪم ڪرڻ سنڌي هندُن جو عام گُڻ آهي. اِن جي ڪري ساهت سرجڻ، فنونِ لطيفه وغيره ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جي ڀيٽ ۾ هنن جو ڌيان واپار ۽ ناڻي ڪمائڻ طرف به وڌيڪ رهيو آهي.

(4) سنڌي هندو سماج جي ٻي مکيه خاصيت اِها آهي ته اُن ۾ ڇوٽون ورڻ (شوُدر) نه آهي. سنڌي هندو سڀ سون آهن، جن ۾

کتري ۽ وڻش ذاتين جي وچ ۾ تفاوت نہ رهيو آهي. برهمڻ ورڻ جا گهر بہ کتري ورڻ جي پيٽ ۾ تمام گهٽ آهن.

سنڌي کتري ۽ وڻش گهڻو ڪري پاڻ کي لوهاڻا (سوريہ ونشي) رامچندر جي نسل جا سڏائيندا آهن. اُهي گهڻي ڀاڱي گذريل ٽِن صدين ۾ پنجاب، راجستان ۽ گجرات جي ڪِن علائقن مان لڏي اچي سنڌ ۾ رهيا. اُهي لوهاڻا جيڪي اٺين عيسوي صديءَ ۾ عربن جي ڪاهہ وقت سنڌ ۾ رهندا هئا، انهن مان گهڻا يا تہ مسلمان ٿيجي ويا يا سنڌ مان لڏي پروارن هندو راجائن جي علائقن ۾ هليا ويا.

سنڌ جا هندو مغلن جي حڪومت واري دؤر کان وٺي ڌنڌي جي لحاظ کان ٻن مکيہ گروهن ۾ ورهائجي ويا. اُهي آهن: عامل ۽ ڀائيبند. عامل اُهي آهن جيڪي مسلمان حاڪمن جا عملدار هئا. سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت اچڻ کان پوءِ پڻ عامل طبقو گهڻو ڪري سرڪاري نوڪرين ۾ داخل ٿيو. ٻئي طرف ڀائيبند اُنهن کي سڏيو ويو جيڪي ڌنڌي- واپار ۾ گهڙيا. سنڌ ورڪي ڀائيبند اُهي هئا جن گذريل ٽن ڪن صدين ۾ الڳ الڳ ملڪن ۾ وڃي واپار ڪيو.

عاملن ۽ ڀائيبندن جون پنچائتون سنڌ ۾ الڳ الڳ هيون. ملڪ جي آزاديءَ تائين پنچائتي سرشتي جو تمام گهڻو زور هو، جيڪو ڀارت ۾ لڏي اچڻ کان پوءِ گهٽي قدر ڍِلو ۽ ڪمزور ٿي ويو. سنڌ جي علائقي ۾ پيد ياوَ جي لحاظ کان عاملن توڙي ڀائيبندن ۾ پيدياءُ هوندو هو (جيئن تہ ساهتيءَ وارا، لاڙا ئي، اُتراڌي، ساڪرو، شڪارپوري، لسبيلائي، ٿري، وغيره). انهيءَ موجب پنچائتون بہ الڳ الڳ هيون. اُهي ملڪ جي آزاديءَ کان پوءِ ڀارت ۾ پڻ قائم آهن. خاص طور شادي مرادي يا سڱابندي ڪرڻ وقت عامل، ڀائيبند ۽ علائقائي فرق جو اڄاتائين گهڻو خيال رکيو وڃي ٿو.

(5) ڀارت ۾ لڏي اچڻ کان پوءِ سنڌين جي سماجي ڍانچي ۾ مکيہ تفاوت اهو ٿو نظر اچي تہ هتي سنڌين ۾ مسلمان طبقو بلڪل ختم ٿي ويو آهي. (ڪڇ، راجستان جي سرحدي علائقن ۾ جيڪي سنڌي ڳالهائيندڙ مسلمان رهن ٿا، اُهي آزاديءَ کان

پوءِ ڀارت ۾ لڏي آيل سنڌي هندن جي سماج جو حصو بڻجي نہ سگهيا آهن.) اِن هوندي بہ تصوف واري ويچار ڌارا جو اثر ڀارتي سنڌين ۾ صاف نظر اچي ٿو.

سنڌي لوڪ ثقافت جا جدا جدا طبقا جن جو هن کان پهرين ذڪر ڪيو ويو آهي، اُنهن مان لوڪ ادب وارو حصو تہ ڀارت جي سنڌي هِندُن گهڻي قدر پاڻ وٽ سنڀالي رکيو آهي. پر نئين زماني جي ماحول سبب ڀارت ۾ لوڪ جيوت جي طريقن، لوڪ ڪلائن (فنون) ۽ روايتن کان حاصل ٿيل هُنرن ۽ لوڪ هُنرن مان گهڻن حصن جو ڀارت ۾ خاتمو ٿي چڪو آهي. هتي جي علائقائي ثقافتن جي اڪثر ڪري ڀارتي سنڌي نوان نوان رُوپ (جيئن تہ: گُجراتي گربا ناچ، ماهاراشٽر ۽ گجرات ۾ گڻيش پوڄا، ڀڳت جي روايت ۾ سينيما جي گانن ۽ طرزن جو استعمال ڪري ڊِسڪو ڊانس پيش ڪرڻ، وغيره) اختيار ڪري رهيا آهن.

سنڌي ٻهاڪا ۽ چوَڻيون جيڪي سنڌي ثقافت جو هڪ اهم حصو آهن، اُنهن ۾ بہ تبديلي اچي رهي آهي. سنڌ جي جاگرافيءَ اندر سنڌي مسلمانن جي ريتين رسمن تي ٻڌل ٻهاڪا ڀارت جي نوجوان نسل جي ٻوليءَ مان لڳ ڀڳ گم ٿي چُڪا آهن. اِنهيءَ کان سواءِ، هندي، اردو ۽ ٻين ڪِن مڪاني ٻولين جون چوڻيون سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿي رهيون آهن. انهيءَ تبديليءَ جي ڇنڊڇاڻ اڳتي هلي ڪئي ويئي آهي.

✡

2

# پهاڪن جي بيهڪ ۽ وصف

### 2.1 پهاڪن جي اهميت:

"ايڪهہ شبدهَ سُپرِيُڪتَ، سميَڪَ گياتَ، سَوَگي لوڪي چہ ڪامہ ڎُگيوَتِ." (پتنجلي مهاپاشيہ)

'سُپريُڪَت شبد' اڪيلو ئي هِن لوڪ هن دنيا ۽ پرلوڪ (هُن دنيا) ٻنهي ۾ گهربل ڦل ڏيندڙ آهي.

هن ڪٿ جي پٺيرائي هيٺ ڏنل هڪ پراڻي سلوڪ مان ٿئي ٿي.

شلوڪ:

يَستُو پريُدوُڪَتي ڪُشلو وشيشي،
شَبَدانُ يَتاوَد وَيَوَهارڪالي،
سو اننتماپنوتي جين پَرَتُر،
واگيو گَوِرد دُشيتِ چاپشبدئي هہ

جيڪي وهنواري شخص ڪنهن خاص وقت تي 'سپريُڪت شبدن' (واڪيانش، ڪند واڪيہ، مها واڪيہ، وغيره) جو نيڪ استعمال ڪندو آهي، اُنهيءَ کي بيحد عزت ملندي آهي. اِنهيءَ جي اُبتڙ سُپريڪت لفظن 'اشٽ پريوگن' پهاڪن جو ڄاڻو جيڪڏهن فحش لفظن يا گُٿن لفظن جو استعمال ڪري ٿو تہ هو پاپ جو ڀاڱيدار ٿئي ٿو.

اِنهيءَ 'سُپريُڪت' لفظ کي هِن شلوڪ ۾ ويدن جي رِشين'، 'واگيوگ' (يعني آواز جا خاص فقرا يا پهاڪا) جو نالو ڏيئي ڪري، اِنهن جي استعمال سان ڪهڙا فائدا آهن ۽ وري انهن جي جاءِ تي گٿن لفظن يا فحش لفظن جي استعمال سان ڪهڙا نقصان ٿين ٿا، اُنهن کي چٽو ڪري پهاڪن جي اهميت ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

سچل سرمست جي چوٽي "ڪُتَ مُلان جي نوڙِهہ، قاضيءَ وارو مُصلو" يا وري ڪبيرداس جي چوٽي "پٿر پُوجي هرِي ملي تو مين

پوڄون پهاڙ" عملي ميدان ۾ جيتري ڪمائتي يا سجائي آهي، ٻوليءَ جي ميدان ۾ اوتري ئي معنيٰ واري ۽ اهميت رکندڙ آهي.

اصل ۾ پهاڪن ۾ هڪ قسم جي سنجيوني (زنده ڪندڙ) قوت ٿئي ٿي، جيڪا گهڻ مطلب کي اعليٰ ۽ اعليٰ معنيٰ کي اعليٰ تر بڻائي ٿي.

سُٺن وهنواري شخصن، پهاڪن کي ٻوليءَ جو ساهه يا اُنهيءَ جو روح ڪوٺيو آهي. پهاڪا ڏسڻ ۾ ته سادا سُودا لڳندا آهن، پر اِنهن ۾ لڪل آزمودا ماڻهن کي هميشه سکيا يا تربيت ڏيندا رهندا آهن. ڏسُو:

1- بيوقوفُ کي بازار ۾ وڻي نه وڃجي ساڻُ،
پهرين ڪُٽائي پاڻ، پوءِ سار لهي سنگتيءَ جي.

2- سياڻو ڪانءُ ٻِنگو ڦاسي.

اصل سچ ۾ پهاڪا لوڪ ادب جو حصو آهن. اِهي انهن جي استعمال ڪرڻ وارا ڳوناٺن ڪان ئي نه، بلڪ، اُن جي معيار وارن عالمن کان به وڌيڪ ڳنڀير ٿيندا آهن. پهاڪن ۾ هڪ پاسي بجليءَ جي روشنيءَ وانگر ڪنهن ڳالهه کي چوطرف ڦهلائڻ جي سگهه آهي، اُتي ٻئي پاسي قديم علم کي سُهڻي ۽ سپاٽ لفظن ۾ سنڀالي رکڻ جي قوت به آهي. پهاڪن ۾ جُڳن کان سمايل اهڙيون سچيون ڳالهيون مِلن ٿيون، جيڪي اُنهيءَ وقت جي ماڻهن لاءِ ته چڻ پت تي لکيل هڪ سَنَد يا مثال هيون. اهڙيون ئي سچيون ڳالهيون عام ماڻهن ۾ مشهوري ماڻي پهاڪي جي شڪل اختيار ڪري وڃنديون آهن. ڏسو:

- مون چٽيو ماڻءِ پُٽ ڪري، پر تي پئين تون ڏيءَ.

هن سٽ ۾ ڪيڏي نه طنز ڀريل آهي. چنيسر پنهنجي ماءُ جي واتان هيءُ مهڻو ٻڌي قسم کنيو ته اِن جو وير دودي کان ضرور وٺندس.

محمد غوريءَ جي جيل ۾ جڏهن پرٿويراج چوهاڻ کي چندبر دائيءَ چيو:

- چار بانس چوبيس گز، انگُل اشٽ پرماڻ،
تا اُوپر سلطان هي، مَت چوُڪي چوهاڻ.

ته هيءُ جملو "مت چُوڪي چوهاڻ" محمد غوريءَ جي موت جو سبب بڻيو.

آزمودن سان پريل، سکيائن سان پريل، سنتن صوفين جي وچنن سان پريل هي گُفتا سچ پچ بجليءَ جي طاقت وارا هوندا آهن. اِهي هڪ پاسي پريم، پيار سان پريل مِنا لڳن ٿا تہ ٻئي پاسي زهر کان بہ وڌيڪ زهريلا ۽ ائٽمي بمن کان بہ وڌيڪ خطرناڪ ڊيڄاريندڙ هجن ٿا. مثال طور:

- مينهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪانِ، ڳئون ڪي چوي تہ هلُ ڙي پُڇ ڪاري،
- ڪُتي جو پُڇُ ٻارهن مهينا نڙ ۾ وجهہ تہ بہ ڏنگو جو ڏنگو.
- جِتي اُٺ ترندو، اُتي پُڇُ بہ تري ويندو.
- گهڻين زالين گهر نہ هلي، گهڻين مردين هرُ نہ هلي.

انساني شڪل ۾ پيدا ٿيڻ وارو اِنسان جڏهن ڪان ٻٽيو، تڏهن ڪان ئي ڪيس زندگيءَ جي لاهين چاڙهين، ڏکن ڏولائن، غمن خوشين ۾ رهندي وهنواري زندگيءَ جا سنا ۽ خراب آزمودا ٿيڻ لڳا. اِنهن آزمودن مان اُنهن جيڪي پرايو، اُهو سڄوئي ننڍڙن نُڪتن جي شڪل ۾ نئين ٽهيءَ کي ڏنو. وري نوجوان پيڙهيءَ کي ڪجهہ نوان آزمودا ٿيا. هنن بہ اُهي پنهنجي اڳڻ واري پيڙهيءَ کي ڏنا. ائين پيڙهي در پيڙهي اِهي آزمودا هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ وٽ پهچندا ويا ۽ جڏهن ساڳيا آزمودا، جيڪي وڏن بزرگن پنهنجن ننڍن کي ٻڌايا هئا، سي ننڍن کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ٿيڻ لڳا تہ اِنهن جي واتان پُراڻن آزمودن جي پُنيرائي ٿيڻ لڳي ۽ اهي آزمودا اڳتي هلي ٻوليءَ، ٻوليءَ جي استعمال، قانون يا فارمولي جي شڪل ۾ سامهون آيا. آهستي آهستي اِهي فارمولا پنهنجي هڪ شڪل اختيار ڪري بيٺا ۽ ٻولي ۽ لوڪ ادب ۾ پهاڪن جي روپ ۾ ڪتب اچڻ لڳا. ڏسو:

"اُتم کيتي وڏندڙ واپار،
نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار."

هن پهاڪي ۾ زندگيءَ جي سچائي سمايل آهي. ڪنهن وقت ڪنهن شخص کي نوڪري محنت ڪان پوءِ بہ نہ ملي هوندي يا وري نوڪري ملي هوندس تہ پنهنجي قابليت جي نہ ۽ وري پڳهار گهٽ،

يعني هُن گهڻيئي مشڪلاتون ڏٺيون هونديون. اِنهيءَ آزمودي مان هُن شخص اِها ڳالهه چئي ڇڏي هوندي. اُنهيءَ آزمودي وانگر جڏهن ٻين کي بہ ساڳيا تجربا ٿيڻ لڳا تہ انهيءَ ڳالهہ استعمال آهر آهستي آهستي عام ماڻهن ۾ مشهور ٿي پهاڪي جي شڪل وٺي بيٺي.

پهاڪي جي روايت ڏاڍي پُراڻي آهي. سيني پراڻين ثقافتن جي ماڻهن جا شخصي تجربا پهاڪن جو روپ وٺي ڪري، اُنهن جي زندگيءَ ۾ ڇانيل آهن. اِهوئي سبب آهي جو پراڻو ادب پهاڪن سان پُر آهي. ويدن واري زماني جي ثقافت ۽ لوڪ سنسڪرت جو ادب بہ پهاڪن سان ڀريل آهي. جيئن تہ:

- اَتِ سروَتر ورجييت
- اُديوگمُ پُرش لڪشڻمُ
- وِناشڪالي وِپريت بُدِ
- مؤنن سروارٿ ساڌنمُ
- ڪشما ويرسَيہ ڀُوشڻمُ

اِنهي روايت ۾ اڳتي هلي پالي، پراڪرت، اَپڀرنش دؤران مان گذرندي اسان جي سنڌي ٻوليءَ بہ پهاڪن جي ڀنڊار سان پُر ٿي آهي.

سنسڪرت ادب سان گڏوگڏ ٻين ٻولين جي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ بہ پهاڪن جو استعمال جهجهي تعداد ۾ ٿيندو رهيو آهي. پهاڪن جي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ خاص جڳهہ آهي. اِنهن جي استعمال سان ٻوليءَ جي سونهن وڌي ٿي. پهاڪا سياڻپ جو آئينو آهن، اِنهن ۾ سماج جي رهڻي ڪهڻيءَ جي جيئري تصوير ملي ٿي.

وهنواري زندگيءَ ۾ ڏسجي تہ جنهن جي ٻوليءَ ۾ شيريني آهي، ڳالهائڻ، ٻولهائڻ ۾ هوشياري آهي، سو ٻڌندڙ جي دل کي بہ ڇڪي وٺي ٿي. "زبان شيرين، مُلڪ گيري". ٻوليءَ ۾ ميٺاجُ پيدا ڪري ڪيس دلڪش ۽ اثرائتو بڻائڻ ۾ پهاڪا پنهنجو مٽ پاڻ آهن. اِهي ٻوليءَ جي سونهن آهن.

ادب سماج جو آئينو آهي، تہ پهاڪو ادب ۽ ٻوليءَ جو سينگار آهي. پهاڪي جي استعمال سان ٻولي سُپڪ ۽ ادب جو اوُچي معيار

واري ٻڌجي ٿيو ۽ اُوچي ادب سان سماج جو مهذب ٻڌجي ٿو. پهاڪا ٻوليءَ جو سينگار آهن، اِنهن جي استعمال سان ٻوليءَ ۾ نواڻ ۽ خوبصورتيءَ جو سنچار ٿئي ٿو. ناول ۽ ڪهاڻين ۾ ته پهاڪن جو استعمال ضروري ليکيو آهي. پروفيسر رام پنجواڻي پنهنجي ناول ”آهي نه آهي“ ۾ جهجهي تعداد ۾ پهاڪن ۽ چوڻين جو استعمال ڪيو آهي.

- سائين جن سان ساڻ، تن ڪي لهر نه لوڏو (شاهه)
- اِيشور آهي ايڪو، اسين آهيون ٻڙيون.
- دليلن سان دلبر ملي ها ته هرڪو وڪيل پُهتل پير هُجي ها.

پهاڪا لسانيات جي عالمن لاءِ هڪ خاص ۽ اهم جاءِ والارين ٿا. ٻولي ۽ ادب ۾ ايندڙ ڪيترا لفظ آهستي آهستي واهپي کان ٻاهر ٿيندا وڃن ٿا، پر ”پهاڪي“ جي ڳوٿريءَ ۾ اجا تائين اڳاٽا لفظ محفوظ آهن. جيئن ته:

- هُنن جا پاڻ ۾ ڏتر سنوان نه آهن.
- وُنو ته ٿر، نه ته ٻر.

اِنهن ۾ هاڻي ”ڏتر“ ۽ ”وُنو“ لفظ چال مان نڪري ويا آهن.

ڊاڪٽر واسديو شرڻ اگروال موجب ”پهاڪا قديم علم جا محافظ ٿيندا آهن.“ ڪِرستانن جي قديم مذهبي ڪتاب ”اولڊ ٽيسٽامينٽ“ (Old Testament) ۾ ”پراوربس“ (Proverbs) نالي هڪڙو باب آهي. هِن باب ۾ گڏ ڪيل پهاڪن تي مصر جي قديم ڪتاب جو اثر آهي. هڪڙي يهودي دعائن جي ڪتاب ۾ قانون جي پنڊتن پاران چيل ٿيهڻ جاڻ پريا گفتا گڏ ٿيل آهن، جن جو وجود حضرت عيسيٰ جي جنم کان ٿي سال اڳ جو آهي. اِسلام جي اوائلي ڪتاب، ”قرآن شريف“ ۾ به مثال جي روپ ۾ پهاڪا ڏنل آهن. ويدن ۾ اَٿاهه پهاڪا ۽ چوڻيون ملن ٿيون.

يورپ ۽ ٻين ملڪن ۾ ته ٻارن کي تعليم ڏيڻ وقت پهاڪن جو خاص استعمال ٿيندو آهي. جاپان ۾ رڳو تعليم ۾ بلڪ راندين ۾ به پهاڪن جو استعمال ڪيو ويندو آهي. جاپان جي پروفيسر ڪوچي دوئي پنهنجي مقالي Introduction to the Proverbs ۾ لکيو آهي ته ٻالپڻي ۾ تاش جي راند ۾ جيڪي ٻاونجاهه پتا هُو ڪتب آڻيندا هئا، اُنهن ۾

هرهڪ ڪارڊ تي پهاڪو لکيل هوندو هو. هڪ ڇوڪرو ڪوبہ هڪ پهاڪو پڙهندو هو ۽ اسان اُنهيءَ کي ورجائيندا هئاسون. اُنهن ڪارڊن تي ڇپيل پهاڪن ۾ هڪ پهاڪو ڏسو:

"Three men together are as wise as Munjusri"

جدا جدا ٻولين جي ادب ۾ پهاڪن جي اهميت تي چيل ڪجهہ سُخن هن ريت آهن:

- پهاڪا عوام جو آواز هئڻ ڪري، الله جو فرمان آهن. (اردو)
- جنهن پهاڪي جو مطلب سمجهيو، اُنهي ويد جو جوهر ڄاتو. (ڪنڙ)
- هن سنسار ۾ ٽي رتن آهن: پاڻي، اَناج، ۽ سهڻا سخن يعني پهاڪا. خبر نہ آهي تہ پوءِ هي ماڻهو پٿر جي ٽڪرن کي "رتن" ڇوٽا چون. (سنسڪرت)
- موت ۽ پهاڪي کي اِختصار سان محبت آهي. (جرمن ٻولي)
- جهڙيءَ طرح ڪاڌي ۾ لوڻ آهي، تهڙيءَ طرح ٻوليءَ ۾ پهاڪا آهن. (عربي)
- پهاڪا ڄاڻ جو مڪمل خزانو آهن. (آمريڪا)
- پهاڪن جو جنم ڄاڻ مان، تہ ڄاڻ جو جنم پهاڪن مان ٿيو آهي. (روسي)
- پهاڪي سان وقت تي چور جي ويچارن ۾ بہ ڦيرو اچيو وڃي.
- جيڪڏهن پهاڪي کي ڪو ڪوڙو ثابت ڪري، تہ پوءِ ڇئبو تہ کير جو سواد بہ کٽو ٿيندو آهي. (ملايالم)

آخر ۾ مان رڳو ايترو چوندس تہ پهاڪي جي اهميت دنيا جي هرملڪ ۾ هر شخص سڃاتي آهي ۽ اِنهيءَ ڪان وڌيڪ ٻولي ۽ ادب ۾ تہ پهاڪن جي واڪاڻ جا جنسي ڍُڪ ڀريا ويا آهن.

## 2.2 پهاڪن جا اشتقاق:

سنڌي ٻوليءَ جا هيستائين ڪابہ سَنَڌي يا پروسي جوڳي اشتقاقن جي لغت شايع نہ ٿي آهي. اِن ڏس ۾ ڪجهہ شروعاتي ڪوششون ڪن عالمن ڪيون آهن؛ جيئن تہ:

1- اکر ڏاتو (1866ع): پادري شرٽ جو لکيل.
2- ويُتپتي ڪوش (1885ع): ڄهمٽمل نارُومل وسٽاڻي.
3- تحقيق لغات سنڌي (1957ع): عبدالڪريم سنديلو.
4- جامع سنڌي لغات (پنجن جلدن ۾)، پبلشر سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ. هن ۾ ڪجهه لفظن جا اشتقاق آهن.

پهاڪي لفظ جي اشتقاق (ويُتپتي) بابت سڀ يڪراءِ نه آهن. اُنهن جي ويچار ۾ تفاوت آهي. پهاڪي جي ويُتپتي (اشتقاق) بابت جيڪي رايا ڏنا اُهي هن ريت آهن:

1- عبدالڪريم سنديلي 'تحقيق لغات سنڌيءَ' ۾ پهاڪي لفظ جو اشتقاق هن ريت ڏنو آهي: پهاڪو (سنسڪرت = پٽ + ڪو پڇاڙي) نصيحت آميز چوٽي، ضربُ المِثل.
2- 'جامع لغات سنڌي' (جلد ٻيون) جنهن جي ايڊيٽرن ۾ عبدالڪريم سنديلو پڻ شامل آهي، اُنهيءَ ۾ به 'پهاڪو' لفظ جو ساڳيو اشتقاق ڏنل آهي.
3- مرزا قليچ بيگ 'سنڌي لغات قديمي' توڙي 'لغات لطيفيءَ' ۾ 'پهاڪو' لفظ جي هڪ معنيٰ 'واٽ، رستو، پهو' پڻ ڏني آهي. اِنهيءَ معنيٰ ۾ 'پهاڪو' يا 'پَهو' لفظ جو مول سنسڪرت 'پَٿَ' ۾ ڄاڻايل بلڪُل درست آهي. اِنهيءَ معنيٰ جي لاءِ هُن شاهه جي ڪلام ۾ آيل هينئين سِٽ جو حوالو ڏنو آهي:
"آتڻُ وِڄهي آگ ۾، پُڇنديسِ پوءِ پهاڪو."
4- مشهور لسانياتي ماهر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي 'پهاڪي' لفظ جي اشتقاق بابت هينيان ويچار ڏنا آهن: سنڌيءَ ۾ هڪ مصدر آهي 'پهڻُ'. اُن جون مکيه معنائون آهن، خيال ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ، صلاح وٺڻ يا ڏيڻ، سِرجڻ، غور ڪرڻ، جاچڻ. مثال طور:
- تڏهن ويهي ساٿ وارن، پاڻ ۾ پَهيو پرياڻا. (مخدوم غلام محمد بگائي)
- پتنگن 'پهه' ڪيو، مِڙيا متي مَچَ. (شاهه عبداللطيف ڀٽائي).

’پهہ‘ ڌاتوءَ ۾ ’آڪو‘ پڇاڙي گڏڻ سان لفظ ٺهيو آهي ’پهاڪو‘.
اِن ريت فعل- ڌاتو ۾ ’آڪو‘ يا ’ڪو‘ پڇاڙي جوڙڻ سان سنڌيءَ ۾ ٻيا بہ اسم ٺاهيا آهن. جيئن تہ: ميڙ (ميڙڻ)- ميڙاڪو؛ چُئہُ (چُئڻُ)- چُئاڪو؛ لُچَڻُ- لُچڪو؛ چَٻَڻُ- چٻڪو؛ چِلڻُ- چِلڪو. اِنهيءَ ڪري ’پهاڪو‘ لفظ جي آخري معنيٰ آهي. ”اُهو نُڪتو يا گفتو، جنهن ۾ ڪو اُونهو خيال يا ويچار سمايل آهي.“ عام ماڻهن جي روزاني زندگيءَ ۾ اِهو گفتو، صلاح يا هدايت طور ڪتب آڻجي ٿو، جنهن مان ٻين کي اَڪثر صحيح واٽ تي ملڻ لاءِ اشارو ملي ٿو.

’پَهَڻ‘ مصدر مان نهيل ٻين ڪِن لفظن يا اصطلاحن جا مثال هيٺين ريت آهن:

- پَهہُ- پوُرُ خيال، اُونهو ويچار، غور، صلاح، رِٿ، تجويز، منصوبو.
- پهہ پارڻُ- خيال ڪرڻ، ارادو ڪرڻ، رِٿ ڪرڻ.
- پهہ پچار- صلاح مصلحت، خيال جو اظهار.
- پهہُ پچائڻُ- خيال ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ، منصوبو ڪرڻ.
- پهہُ ڪرڻُ- نهراءُ ڪرڻ.
- پهہ پوڻُ- پور پوڻُ، خيال اچڻ.
- پهڪار- صلاحڪار

انهن مثالن مان بہ اِن ڳالهہ جي پنيرائي ٿئي ٿي تہ پهاڪو اُهو گفتو آهي، جنهن ۾ گنڀير ويچار يا صلاح سمايل آهي.

هاڻي اچو ڏسون تہ ’پهہ‘ ڌاتوءَ جي تاريخي اوسرِ ڪيئن ٿي آهي. سنسڪرت ۾ هڪ ڌاتو آهي. ’درش‘، جنهن جي گردان ۾ شڪل ٿئي ٿي، ’پَشيہ‘ اِن مان سنڌيءَ ۾ ڏِسڻُ، پَسڻُ، فعلن جي اوسر ٿي آهي. ’پَشيہ‘ جون سنسڪرت ۾ معنائون آهن: ڏسڻ، نهارڻ، ويچارُ ڪرڻ، غور ڪرڻ، جاچڻ، سمجهڻ، اندر جي آواز سان جاڻڻ، فيصلو ڪرڻ.

سنسڪرت جا ڪجهہ لفظ جڏهن بدلجي سنڌي روپ اختيار ڪن ٿا، تڏهن اُنهيءَ جي ’ش‘ يا ’ش‘ آواز جي تبديلي ڪڏهن ڪڏهن ’هہ‘ ۾ بہ ٿي وڃي ٿي. مثال طور:

پشُو- پهون (ٻَڪري، رڍَ، جانور)؛ مَنُشيہ- ماڻهو؛ پاش- ڦاهي.

ساڳيءَ طرح، سنسڪرت ڌاتو 'پشيہ' بدلجي سنڌيءَ ۾ شڪل ورتي آهي 'پهہ'، ۽ انهيءَ جون ڪيتريون معنائون ساڳيون قائم رهيون آهن.

مراٺيءَ جو فعلُ 'پاهِڻي' بہ سنسڪرت 'پشيہ' مان نڪتل آهي ۽ اُن جي معنيٰ بہ ساڳي آهي 'ڏسڻ'. گجراتيءَ ۾ هڪ مرڪب لفظ آهي: 'پهاٽي پترڪ' يعني جاچ رپورٽ. هتي پڻ 'پهاٽي' لفظ جو مول سنسڪرت 'پشيہ' ڪم ۾ آهي.

'پَهَڻُ' فعل جو ارتقا سنسڪرت ڪريا (ڪم) 'پُر+ اِيڪش' مان بہ ممڪن آهي، جيڪو پراڪرت ۾ 'پيهہ' ۽ سنڌيءَ ۾ 'پَهہَ' شڪل ۾ ملي ٿو ۽ معنائون اٿس: جاچڻ، غور ڪرڻ، ڌيان سان ڏسڻ، جائزو وٺڻ، ويچار ڪرڻ.

پر+ اِيڪش- پيهہَ- پَهہَ؛ پريڪشڻ- پيهَڻَ- پَهَڻُ.

سنڌيءَ ۾ 'پهاڪي' جي معنيٰ ۾ ڪُجهہ ٻيا لفظ بہ ڪتب ايندا آهن. جيئن تہ: ڪَهاوَتَ، ڪَهاتَ يا ڪَهَتَ.

'ڪهاوت' لفظ جي ويتپتي (اشتقاق) بابت عالمن جا مختلف رايا آهن، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

(1) هنومان پرساد پوڏار پنهنجي ڪهاوت موضوع تي لکيل هڪ مضمون ۾ ٻڌايو آهي تہ ڪهاوت جي لفظ ڪَهہَ+ آوَتَ نموني ٺهيو آهي، يعني اُهو سُخن يا گُفتو جنهن کي عام ماڻهو نسل در نسل چوندا ۽ ٻُڌندا پيا اچن.

(2) اَچاريہ ڪيشَوَ (عالم) پرساد مِشر 'ڪَهہَ' ڌاتوءَ ۾ عربي پڇاڙي 'آوَت' لڳائڻ سان هِن لفظ جي رَچنا سمجهائي آهي: ڪهہ+ آوَ+ ت = ڪهاوت.

(3) مشهور لسانياتي ماهر ڊاڪٽر ڀِڏيشورَ ورما جي راءِ ۾ 'ڪهاوت' لفظ جي رچنا هن ريت آهي: ڪهاوت= ڪَهہَ + آوَ (جيئن سُجهاوَ)+ اَت.

(4) ڊاڪٽر واسود شرڻ اگروال پراڪرت 'ڪهاپُ' ڌاتوءَ

پڇاڙي ۾ 'ت' جوڙڻ سان 'ڪهاڻ- ڪهاوت' لفظ جي رچنا سمجهائي آهي.

(5) ڊاڪٽر ڀولاناٿ تواريءَ پنهنجي 'وِرهَدَ هندي لوڪوڪتِ 'ڪوش' ۾ لکيو آهي ته، هنديءَ جي لهجي ڀوجپُوري ۾ ڪهاوت کي 'ڪهن اُت' به چئبو آهي، جيڪو شايد ڪٿن+ وَتَ سان واسطو رکندڙ آهي. اِنهيءَ آڌار تي مان ڀهرين 'ڪهه' ڌاتوءَ سان 'آوَت' پڇاڙي جوڙي 'ڪهاوت' مڃيندو هئس. پر هاڻي مون کي لڳي ٿو ته هنديءَ جو 'ڪهه' ڌاتوءَ ۾ هِن کي جوڙڻُ ٺيڪ نه آهي. بنيادي طور هِن لفظ جو واسطو 'ڪٿا' (ڪهاڻيءَ) مان نهيل ڪنهن لفظ سان ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته گهڻن ٻولين، ڀاشائن ۾ 'ڪهاوت' لاءِ جيڪي لفظ ڪتب اچن ٿا، تِن ۾ بنيادي شڪل ۾ ڪٿا (ڪهاڻي) يا لگهوُ ڪٿا (ننڍي ڪهاڻيءَ) جو تاثر هُجي ٿو. اِنهيءَ لاءِ 'ڪهاوت' جو تعلق سنسڪرت جي ڪٿاوَت 'ڪٿا وارتا' يا 'ڪٿا ورت' سان هئڻ گهرجي.

(6) پنڊت رامدهن مِشر جي ويچار ۾ 'ڪهاوت' جي بنيادي شڪل 'ڪٿاوت' آهي. پراڪرت جي اصولن مطابق، 'ٿ' جي تبديل 'ه' ۾ ٿيڻ عام آهي. ڪهاوت جو آڌار اڪثر ڪي آکاڻيون وغيره ٿينديون آهن. ڪهاوتون پڻ ڪٿائن وانگر عوام ۾ مشهور ٿي وڃن ٿيون. اِن ڪري انهيءَ لفظ جو بنيادي اشتقاق 'ڪٿا' ۾ هئڻ گهرجي.

(7) پلاٽس نالي عالم به 'ڪهاوت' لفظ جو اشتقاق سنسڪرت جي 'ڪٿاوَت' مان ٻڌايو آهي. يعني ڪهاوت اُن کي چئجي ٿو، جنهن جي بنياد ۾ ڪا ڪٿا هجي.

(8) ٽرنر جي راءِ موجب هن لفظ جو بنياد ممڪن آهي ته 'ڪٿا وارتا' هجي. هاڻي اِنهيءَ جي معنيٰ ۾ اصل لفظن جي معنيٰ کان تبديلي اچي ويئي آهي.

(9) مشهور عالم مُنِ چن وجيہ ۽ مهاپنڊت راهُل سڪرتياين بہ ’ڪٿا وارتا‘ کي ئي ڪهاوت جي بنيادي شڪل ۾ مڃين ٿا.

(10) ڪهاوت ۾ ’وت‘ اصل ۾ ’بات‘ جي بگڙيل شڪل آهي. اِن ڪري اِنهيءَ جو مطلب آهي ’ڪهي هوئي بات‘ يعني چيل ڳالهہ. گوسوامي تُلسيداس اِن معنيٰ ۾ ’بَتڪهي‘ لفظ جو استعمال ڪيو آهي. ڏسو:

کرت بَتَکهي اَنُجَ سَن، مَن سِيَہ روپ لُيان،
مُک سَروج مکرند چَوي، کَرتَ مَدُپَ اِوَ پان.

راجستانيءَ ۾ بہ ’کَهبَتَ‘ لفظ ’ڪهاوت‘ جي معنيٰ ۾ ملي ٿو.

(11) مولانا ابوالڪلام آزاد ڪهاوت کي ڪَهہَ+ باتَ مان ڪڍڻ کي قبول نہ ٿو ڪري. سندس ويچار ۾ ڪهاوت جي ’وَتَ‘ يا ’بَتَ‘ جي معنيٰ ’بات‘ نہ آهي. مولانا جي ويچار ۾ جيئن ’ڪهنا‘ (فعل) مان ’ڪهاني‘ لفظ ٺهيو آهي، جيڪي ڪٿا، آکاڻيءَ جي مطلب ۾ مُروج ٿي ويو آهي، تيئن ڪهاوت جو بنيادُ پڻ ’ڪهنا‘ فعل آهي؛ پر اِهو لفظ پهاڪي يا چوڻيءَ جي مطلب ۾ زماني کان وٺي واهپي ۾ هلندو پيو اچي.

(12) ڪهاوت لفظ جي بنياد بابت لسانيات جي علم جي مشهور عالم ڊاڪٽر سُنيتي ڪمار چيٽرجيءَ جو رايو آهي:

"The origin of word Kahawat would appear to be old Indo Aryan + Early M.I.A causative or denominative affix (satr)- ant Kathapayanta Kadhavayanta Kahawarta Kahawat."

مٿي ڏنل عالمن جا رايا ’ڪهاوت‘ لفظ جي اشتقاق بابت مختلف ويچار پيش ڪن ٿا، پر ائين نہ ٿا چئي سگهون تہ ’ڪهاوت‘ جي اشتقاق بابت رايا پورا ٿيا. اسان ڏٺوسين تہ ڪجهہ عالمن هن لفظ ۾ عربي- فارسيءَ جي پيچاڙين جي مدد ورتي آهي تہ ٻئي پاسي هن کي هندي- سنسڪرت جي پيچاڙين مان نڪتل ڄاڻايو آهي. سچ آهي تہ ڪهاوت لفظ جي اشتقاق بابت پختائيءَ سان ڪُجهہ چوڻ سولو نہ آهي.

پر تڏهن به نتيجي ۾ چئي سگهون ٿا ته 'ڪٿا وارتا' جو پراڪرت روپ آهي. 'ڪهاوتا' جيڪو آوازن جي تبديلي توڙي معنيٰ جي لحاظ کان ڪهاوت لفظ جي گهڻو ويجهو آهي. ٻئي طرف ڏسجي ته جيڪي عالم هن لفظ جي رچنا ۾ عربي 'آوت' پڇاڙي ڄاڻائين ٿا، اُها به ناممڪن نه آهي. لِڪاوت، سَجاوت، بناوت وغيره لفظن جي طرز تي 'ڪهاوت' ۽ پوءِ 'ڪهاوت' لفظ جو ارتقا آسانيءَ سان ٿي سگهي ٿو. 'ڪهات' ۽ 'ڪهت' لفظ 'ڪهاوت' جي بگڙيل لفظ ۽ ننڍا روپ ٿي آهن.

سنڌيءَ ۾ پهاڪي لاءِ ٻيو لفظ 'چوڻي' به عام جام ٻوليءَ ۾ ڪتب ايندو آهي. اِهو 'چوڻ' فعل مان ٺهيل اسم ذات لفظ آهي، مطلب ته چيل گفتو يا ڳالهه. اِن لاءِ هنديءَ ۾ 'اُڪِت' ۽ انگريزيءَ ۾ 'Saying' مترادف لفظ آهن.

### 2.3 ٻين ٻولين ۾ پهاڪن جا هم معنيٰ لفظ:

#### (1) ٻين ملڪن جي ٻولين ۾ ڪتب ايندڙ لفظ:

پهاڪو ٻوليءَ جو هڪ سينگار آهي ۽ سينگار ان سبب ادب جو هڪ خاص جزو آهي. دنيا جي سيني ملڪن جي ٻولين ۾ پهاڪي جو پڻ استعمال جهجهي انداز ۾ ٿئي ٿو. اَڃو ته ڀارت- پاڪ ننڍي کنڊ کان سواءِ ٻين ملڪن جي ڪن ٻولين ۾ پهاڪي لاءِ ڪتب ايندڙ هم معنيٰ لفظن جي ڇنڊڇاڻ ڪريون، جيئن هن لفظ جي پيدائش ۽ معنيٰ تي وڌيڪ روشني پئجي سگهي.

يوناني (Greek) ٻوليءَ ۾ پهاڪي لاءِ لفظ آهي 'Paramecia'، جنهن جو ناتو اهڙي عام چوڻي يا اهڙي عام سِٽ سان آهي، جيڪا گهڻي وقت کان ماڻهن جي زبان تي قائم رهي آهي ۽ جنهن کي يونان جو هرهڪ شخص سڃاڻي ٿو. اِٽالين ۽ لئٽن ۾ پهاڪي لاءِ 'Proverbio' لفظ ڪتب ايندو آهي. ٽسڪن ٻوليءَ جو لفظ آهي Dettato؛ اِنهن جو لاڳاپو اهڙي سِٽ يا چوڻيءَ سان آهي جنهن جو هر هر يا وري وري ڏُهراءُ ٿيندو رهي ٿو. اِن طرح پهاڪو هڪ پيڙهيءَ طرفان پنهنجي اچڻ واري پيڙهيءَ کي ٻڌائجي ٿو، جنهن سان اُهو ذهن ۾ هميشه لاءِ رهجي

وجي ٿو. اسپين جي ٻوليءَ ۾ پهاڪي جو هم- معنيٰ لفظ آهي 'Refran' جنهن جي معنيٰ آهي اُها ڳالهه يا اُها سِٽ جنهن جو ڊُهراءُ وري وري ٿيندو آهي. اسپين جي ٻوليءَ ۾ Proverbio پهاڪي لاءِ نه، پر (سٺن لفظن) لاءِ ڪتب ايندو آهي. ترڪي ٻوليءَ ۾ پهاڪي لاءِ 'Atalar sozu' لفظ جو استعمال ٿيندو آهي، جنهن جي معنيٰ وڏن اَبن- ڏاڏن جون چوڻيون يا آزمودن سان ڀريل سٽون. چين جي ادبي ٻوليءَ ۾ پهاڪي لاءِ 'Yen' يا 'yen yu' عام فهم لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'سنسڪرت يا سِڌ (سُڌريل) لفظ'. ڳالهائڻ ٻولهائڻ واري ٻوليءَ ۾ 'su-hua' يا 'su-ya' جو استعمال ٿيندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي عام ڳالهه يا مُروج سِٽ (چوڻي)، عربي ٻوليءَ ۾ 'Mathal' يا 'Tamthal' پهاڪي ۽ تشبيهه جي معنيٰ ۾ ڪتب ايندڙ لفظ آهن، جيڪي اشتقاق جي لحاظ کان ٻه ساڳي چوڻيءَ جي معنيٰ رکن ٿا.

روس ۽ بلغاريا جي ٻوليءَ ۾ 'Poslovista' پهاڪي لاءِ ڪتب ايندڙ لفظ آهي. چيڪو سلوواڪيا جي ٻوليءَ ۾ اِنهي معنيٰ جو اظهار ڪندڙ لفظ آهي 'Prisolvi'. اِسٽونيا جي لفظ 'Vanasona' جي معنيٰ آهي 'پراڻا لفظ'. فِنليند جي ٻوليءَ ۾ پهاڪي جو هم- معنيٰ لفظ آهي 'Sanalasku' جنهن جو بنيادي مطلب آهي، ڪنهن لفظ جو ڪِري پوڻ. جارجيا ۾ پهاڪي لاءِ ڪتب ايندڙ لفظ آهي 'انداز'، جنهن جديد ادب ۾ پنهنجي پاڙ ڄمائي ورتي آهي. اِهو لفظ فارسيءَ جي 'مثال' يا 'بناوٽ' جي معنيٰ ۾ هلندڙ آهي. قديم زماني ۾ جارجين لفظ 'Igavi' پهاڪي ۽ اخلاقي ڪهاڻي ٻنهي معنائن ۾ استعمال ٿيندو هو.

هيبريو يا عبراني ٻوليءَ جو 'Mashal' لفظ پهاڪي، تشبيهه يا هڪ روپڪا جي معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي. جاپاني جي 'Kota –waga' جو اشتقاق موجب مطلب آهي، اهڙا لفظ جيڪي هلندڙ آهن. فارسي ٻوليءَ ۾ پهاڪن لاءِ 'Amsal' لفظ جو استعمال ٿيندو آهي، جيڪو عربي لفظ 'Masal' جو جمع آهي. مصدر جي معنيٰ جي لحاظ کان 'Masal' اُها سِٽ آهي، جيڪا ڪنهن به شيءِ ڪي ياداشت جي رستي تي وٺي ايندو آهي.

پولينڊ جي ٻوليءَ جو 'Przyslowil' لفظ يوناني ٻوليءَ جي 'Paroemia' جي معنيٰ جي صحيح پنيرائي ڪري ٿو. سيام ۾ پهاڪي لاءِ 'Suphasit' جو استعمال ٿيندو آهي. اِهو لفظ پاليءَ جي 'سُڀاسِتو' مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سريشٽ اُڪِت (سيني ڪان سني چوڻي). جرمن ٻوليءَ ۾ چوڻيءَ (لوڪوڪت) لاءِ 'Sprich-worter' استعمال ٿيندو آهي. هن جي هڪ ڪڙي sparch جي معنيٰ آهي 'ٻولي' ۽ 'Wort' جي معنيٰ آهي 'لفظ'. پهاڪي لاءِ جئبي لفظ آهي 'Da le kpa'؛ تيتي ڪٿا جي معنيٰ ۾ بہ اِهوئي لفظ ڪتب ايندو آهي. ويتيتي يا پيدائش جي خيال کان هن لفظ جي معنيٰ ٿئي ٿي "پراڻيُن ڳالهين کي وٺڻ ۾ اُنهيءَ کي نئين دؤر ۾ ڪم آڻڻ". 'Proverbs' لفظ تہ سموري اَٿيي ڳالھ جي معنيٰ ۾ ڪتب اچي ٿو پر پهاڪي جي معنيٰ ۾ مشترڪ لئٽن (لاطيني) جو Proverbium لفظ سينگار جي چوڻيءَ جي معنيٰ ڏئي ٿو. لئٽن (لاطيني) ٻوليءَ ۾ پهاڪي جو هم معنيٰ لفظ آهي. 'Sakamvards' جنهن جي معنيٰ آهي بيان جي لائق ورجاءُ جوڳو لفظ. مليہ ٻوليءَ ۾ پهاڪي لاءِ 'Umpaman' يا 'Per-Umpam-an' لفظ هلندڙ آهن. اِهي لفظ سنسڪرت 'اُپما' مان نڪتل آهن، جنهنجي معنيٰ آهي 'ساڳيائي، هڪجهڙائي، ساڳي شڪل واري. يا مثال. اِنهيءَ ڪري 'Umpama-an' جي معنيٰ ٿي: پهاڪو، اخلاقي ڪهاڻيون، شڪلي استعمال يا ڪنهن بہ ڳالھ جي پنيرائيءَ لاءِ مثال. مليہ ٻوليءَ ۾ جڏهن پهاڪن کي ڪٺي بہ لکبو آهي تہ 'Saperti Kata arif' يعني 'عالم ائين چوندا آهن' سڻ جو استعمال ڪبو آهي.

<u>ڀارت جي ٻولين ۾ ڪتب ايندڙ پهاڪن جا هم معنيٰ لفظ:</u>

سنسڪرت ۾ پهاڪي لاءِ آڀاڻڪ، پرواد، لوڪوڪِت، لوڪ پرواد لوڪ- ڪي گاٿا، پرايو واد وغيره لفظن جو استعمال ٿيندو آهي. سنسڪرت ٻولي جي رسالي 'مججوُشا' ۾ پهاڪن کي خوبصورت عنوان جي هيٺ گڏ ڪري ظاهر ڪيو ويو آهي. هن رسالي جو ايڊيٽر شري ڪشتيشچندر چَٽوپاڌيايہ آهي. والميڪي راماڻ ۾ پهاڪي لاءِ پرواد، لوڪ پرواد ۽ لوڪِڪي گاٿا لفظن جو استعمال ٿيل آهي. مثال ڏسو:

(1) پرواد: سَتيہ ايو ايم توان پرتِ پرايَشو نرپ،
پَتورتانان ناکسما تپنتيہ شرُوڻ پوُتلي.

يعني، راوڻ جي مارجي وڃڻ کان پوءِ سندس زال مندودري راوڻ کي پنهنجي سوچ ۾ رکي چوي ٿي، "هي راجن، هن ڌرتيءَ تي پتي ورتائن (باوفا عورتن) جا ڳوڙها اَمالڪ ئي نہ ڪِرندا آهن". اِهو 'پرواد' (چوڻي) توهان جي حمايت ۾ آهي.

(2) لوڪ پرواد: ستَيو اين پندبتئهہ سَمُدا هرت هہ.
اَڪالي دُرلڀو مرتويهہَ اِستريا وا پُروشسيہ وا.

اشوڪ واٽڪا (راوڻ جي لنڪا جو اهو باغ جتي سيتا قيد هئي) ۾ ويٺل ڏکويل سيتا جي چوڻي آهي، "عالمن پاران چيل هي 'لوڪ پرواد' سچ آهي تہ چاهي عورت هجي چاهي مردُ، ڪنهن جي بہ منحوس وقت ۾ موت اٽڪر ٿيندو آهي."

(2) ڪلياڻي بَتَ گاٿين لوڪِڪِي پرتِياتِ مي،
ايتِ جيونتمانندو نرن ورششتادِ پ.

پرت هنوُمان کي چوي ٿو، "اها لوڪڪي ٻولي مون کي فائديمند لڳي ٿي تہ جيڪڏهن اِنسان جيئرو رهيو تہ چاهي هڪ سؤ سال گذري وڃن، هُن کي ڪڏهن نہ ڪڏهن سُکُ ضرور ملندو آهي."

"ڪادمبري" ڪتاب ۾ ٻاڻ ڀٽ بہ ٻهاڪي لاءِ هم معنيٰ لفظ 'لوڪ پرواد' ڪتب آندو آهي:

"ستيوين لوڪپروادو يتُ وِپدُ وِپدن سنپتسن پد منُبڌناتِ

يعني اِهو 'لوڪ پرواد' سچو آهي تہ مصيبت پُنيان مصيبت ۽ ڏن پنيان ڏن ايندو آهي.

نقاد ڪاشي ناٿ پاندرُنگ پاران مرتب ڪيل "ڪادمبري" (ٻاڻ ڀٽ ۽ ڀوشڻ ڀٽ) جي ستين ڇاپي جي صفحي 146 تي لکيل آهي:

"لوڪ پروادو جنانان چرنتنو وچنوَيا پارهہ"

معنيٰ 'لوڪ پرواد' ماڻهن جو قائم ڪيل وچن واپار آهي.

اِنهيءَ ريت "ڪٿا سَرت ساگر" ۾ بہ 'پرواد' جو استعمال ڏسو:

"ستيَهہَ پروادو يد ڇِدريشوَ نرٿا يانتِ پُورِتام."

معنيٰ، 'اهو پرواد سچ آهي تہ مصيبت پنيان مصيبتون ايندديون آهن.

پاليءَ ۾ ٻهاڪي لاءِ 'پاستو' لفظ جو استعمال ٿيندو آهي، جنهن جو مطلب آهي، اُها ڳالهہ جيڪا عام ماڻهن جي رواج ۾ مشهور آهي. 'پائہ سَدد مهاٿور' ۾ ٻهاڪي جي هم معنيٰ لفظ جي شڪل ۾ 'آهاڻ' ۽ 'آهاڻيہ' لفظن کي ڪتب آندو ويو آهي.

'سُر سُندري چرئن' جيڪا شري مدنيشوَرِ مُنيشور پاران جوڙيل آهي، اُن ۾ ٻهاڪي لاءِ 'آهاڻ' ۽ 'ڪَنوَدَنتي' سان گڏوگڏ 'آهيڻ' لفظ جو استعمال ٿيل آهي. مثال طور:

اَهہ پَٽِئہ پُهاءِ- ناهو اِيسن هُسي اُڻ، ديو تن سچن.

آهيڻن سنجاين جن سمئہ ايٿ لوڳامي...

يعني پرٿوي ناٿ ڪِلي چوي ٿو تہ هِن لوڪ ۾ هلندڙ اِها ڳالهہ سچ آهي.

'سيتا رام چؤپائي' جيڪا ڪوِيوَر سميہ سُندر پاران لکيل انتخاب آهي، اُن ۾ بہ ڪهاوت/ ٻهاڪي لاءِ هڪ هنڌ تي 'آهيڻ' لفظ جو استعمال ٿيل آهي:

اُنڌتٽِئہ وچاڻہُ لاڌہُ، آهيٽئہ دوڪانڻہُ بي

مُنگنہ چاٺُل مانِهہ گهي گهٽئہُ پريساٽئُوي.

يعني: اُپاسي ڏيندڙ کي هنڌ ملي ويو، مُگِنِ ۾، چانورن ۾، ججهي انداز ۾ گِهہُ پرچيو وِيو. 'ڪاٺيم، رتنَ شيکر سوريءَ (وڪرمي سنبت 1416) جي 'سِربال ڪها' ۾ ٻهاڪي لاءِ لفظ ڪتب آيل آهي:

اَهَوا نَروَر تُمئي اِيئُن اڪاٺاين ڪَين سَچمَ

پائوُڻ پاٿين پَچا پُچجئي گيهن.

يعني: اي نرور! اهو ٻهاڪو تو سچ ڪري ڏيکاريو؛ پاڻي پي ڪري وري گهر بابت پڇين ٿو.

اَپيرنش ۾ 'اَهاٹئہُ (آياٹَڪَ) لفظ ٻهاڪي جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي.

جديد ڀارتي ٻولين ۾ ٻهاڪي جي هم معنيٰ لفظ هيٺين ريت آهن:

| - | ٻولي | هم ـ معنيٰ لفظ |
|---|---|---|
| - | هندي | ڪهاوت، ڪهناوت، ڪهائت، ڪهتوت، اپکانَ، پَڪانا، لوڪوڪتِ. |
| | اُردو | ضربُ المِثل |
| - | سنڌي | پهاڪو، ڪهاوت، چوڻي |
| - | راجستاني | اَوکاڻو، ڪَهَبَتَ، ڪئيوُت، ڪُواوَت. |
| - | مراٺي | مهڻ، مَهڻي، آڻا، آهڻا، نيايَ، لوڪوڪتَ، لوڪ سَنپردايہ. |
| - | بنگالي | پرواد، وچن، پروچن، لوڪوڪتِ، پرچلِت واڪيہ |
| - | گجراتي | ڪهيوَت، ڪَهيڻي، ڪَهيتي، ڪتن، اُڪاڻُن. |
| | لهندي | اکاڻ |
| - | گڙوالي | پَڪاڻا |
| | آسامي | لنبير، لنبرِم |
| - | مالوي | ڪيوات |
| - | تامل | Pazamoil (old saying) |
| - | تيلُگُو | Sameta (proverb) |
| - | ملايالم | Pazam chol |
| - | اُڙيا | ڍاڳا، پهلِ |
| - | پنجابي | ڪَهوتَ |
| - | ڪشميري | ميسالان |
| - | ڪنڙ | گود |
| - | نيپالي | ڪهاُت |
| - | ڪونڪڻي | مهڻَ |

### 2.4 پهاڪي جي وصف ۽ خاصيتون:

پهاڪو ٻوليءَ جو اَلنڪار (سينگار) آهي. رڳو اَلنڪار ئي نہ، بلڪ اَلنڪار ڪان بہ وڌيڪ، عام ماڻهن جي چاڻ سان پريل گفتو،

آزمودي ۽ تصور جي تَرڪَشَ مان نڪتل تير آهي، جنهن جو استعمال سياڻا ۽ اَياڻا، پڙهيل ۽ اَڻپڙهيل سڀئي ڪن ٿا.

**وصف:**

پهاڪي جون گهڻيئي وصفون مِلن ٿيون، پر اُنهن مان هڪ به وصف اهڙي ڪانه ٿي ملي، جنهن کي سڀني عالمن پوري ريت قبول ڪيو هُجي. سڀني وصفن ۾ ڪانه ڪا اوڻائي نظر اچي ٿي.

ڪيترن ئي عالمن پهاڪن جون ننڍيون ننڍيون گهڻيئي وصفون ڏنيون آهن. اُهي گهڻو ڪري سُهڻن لفظن سان پرويل ته آهن، پر پهاڪن جي سڀني خاصيتن کي ظاهر نه ٿيون ڪري سگهن. جيئن ته انگريزي بوليءَ ۾ پهاڪي جي هڪ وصف هن طرح ڏنل آهي: A proverb is a saying without an author سچ آهي ته گهڻن ئي پهاڪن جا رچيندڙ اهڙا آهن، جن جي باري ۾ ڪابه معلومات حاصل نه ٿي سگهي آهي. پر شاهه سچل، سامي ڪبير، تُلسي، شيخ اياز، وغيره جي ڪِوتائن جون گهڻي ئي سِٽون اڄ پهاڪي جي روپ ۾ عام ماڻهن ۾ مشهور آهن ۽ اُنهن جي اسان کي ڄاڻ به آهي. هاڻي اِهو سوال ٿو اُٿي ته اهڙن سُخنن کي پهاڪو چئجي يا نه؟ ڇا رڳو اُهو گفتو ئي پهاڪو آهي، جنهن جي رچيندڙ جي اسان کي خبر نه آهي؟

اچو ته انهن سوالن جا جواب عالمن پاران ڏنل ڪن پهاڪن جي وصفن مان ڳولهي لهون:

(1) پهاڪو اُهو آهي، جنهن ۾ گهڻن ويچارن کي ڪاڙهي اُنهن جو عرق ڪڍي، ٿورن لفظن ۾ رکيو ويو آهي.

A proverb is much matter decocted in few words. (Wor- thies of England, ch. 2, Thomes Fuller, Racial proverbs. P.3)

(2) پهاڪا پنجن ڪَنُ لفظن وارا هيرا آهن، جيڪي زماني جي اِشارو ڪندڙ ڏسٽي آڱر تي هميشه چمڪندا پيا رهن.

Jewels five words long, that on the stretched forefinger of time, sparkle for ever. (Tennyson).

(3) ڪنهن به قوم جي اعليٰ درجي جي سمجهه، ڏاهپ ۽ روح جي سڃاڻپ انهيءَ جي پهاڪن مان ٿئي ٿي.

The genius, wit and spirit of a nation are discovered in its proverbs. (Francis Bacon)

(4) پهاڪا اُهي ننڍڙا گفتا آهن، جيڪي گهڻي آزمودي يا تجربي مان نِڪتا آهن.

Proverbs are short sentences drawn from long experience. (Don Quixote: Cervantes)

(5) پهاڪو هڪ اهڙو ننڍڙو جملو آهي، جيڪو سُوتر (قاعدي) جي شڪل وارو ۽ سچو آهي. اُهو ڊگهي عرصي کان وٺي عام ماڻهن ۾ قبوليو ويو آهي.

A proverb is a short sentence, sententious and true, long since accepted by common consent (Capriano De Valera)

(6) پهاڪو هڪ اهڙو ننڍڙو گفتو آهي، جيڪو ٻول چال ۾ مُروَج آهي ۽ عوام ۾ تسليم ٿيل آهي. اُهو هڪ سوتر (قاعدي) جي شڪل وارو جملو آهي. اُنهيءَ ۾ گهڻو ڪري ڪا ڳجهي پيٽ يا تجنيس حرفي (اَنُپراس) هوندي آهي. اُنهيءَ ۾ اهڙي ڪنهن سچائيءَ جو اظهار هوندو آهي، جنهن جي تصديق يا پرک، تجربي يا جاچ جوچ وسيلي ڪيل هوندي آهي ۽ سڀنيءَ ۾ ڄاتل سڃاتل هوندي آهي.

Proverb... A short pithy saying in common and recognized use; a concise sentence, often metaphorical or alliterative in form, which is held to express some truth ascertained by experience or observation and familiar to all. (Encyclopedia Britannica. P 642).

(7) پهاڪا اهڙا آڳاٽا بچيل جزا آهن، جيڪي پنهنجي ننڍڙي شڪل ۽ صحيح معنيٰ سببان قديم فلسفي جي کنڊر مان سالم صورت ۾ ڪوٽي هٿ ڪيا ويا آهن.

Remnants which, on account of their shortness and correctness have been saved out of the wreck and ruin of ancient philosophy. (Aristotle).

(8) پهاڪو ڪنهن هڪ شخص جو ڏاهپ ڀريو گفتو آهي، جنهن ۾ گهڻن ئي ماڻهن جي سياڻپ سمايل آهي.

A proverbs is a wit of one and wisdom of many. (Lord John Russell).

(9) پهاڪو سياڻپ جو عرق آهي.

Proverbs may be said to be the abridgement of wisdom. (Joubert)

(10) پهاڪو، ننڍڙو ۽ نصيحت آميز هڪ اهڙو گفتو آهي، جيڪو روايت کان وٺي مروج آهي.

A proverb is a terse didactic statement that is current in tradition. (Archer Tayler).

(11) پهاڪا اُهي ننڍڙا جملا آهن، جن ۾ قديم زماني جي عالمن، نِيمنِ وانگر، زندگيءَ کي مختلف روپ ۾ سجائي سينگاري رکيو آهي.

Short sentences into which, as in rules, the ancient have compressed the life. (John Agricola)

(12) پهاڪو سياڻن جي سُخنن جي سمجهاڻي آهي.

A proverb is the interpretation of the word of the wise. (Erasmus)

(13) پهاڪا سياڻپ جا اُهي ننڍڙا ٻول آهن، جيڪي اڳاٽي زماني ۾ اخلاق يا نيتي جي اڻ لکيل نيمنِ (اصولن) وانگر ڪتب ايندا هئا.

These fragments of wisdom, the proverbs in the earliest ages served as the un-written laws of morality. (Disraeli)

(14) ڪوبہ سُخن يا گفتو، پهاڪي جي درجي کي حاصل ڪري، اُنهيءَ لاءِ لازمي آهي تہ اُنهيءَ جو جنم عام ماڻهن مان ٿيو هُجي، يا اُهو هڪ سچائيءَ جي روپ ۾ عوام ذريعي تسليم ڪيو ويو هجي. مطلب تہ پهاڪي جو عوام ۾ مروج هئڻ لازمي آهي.

To attain the rank of a proverb, a saying must either spring from the masses or be accepted by the people as true. In a profound sense it must be vox populi. (Encyclopedia of Religion and Ethics - Hastings vol. x, p. 412)

(15) پهاڪا، تحريري صورت ۾ قلمبند ٿيڻ کان گهڻو اڳي، زباني روايتن ذريعي اسان تائين پهتا آهن. اُهي اهڙي سياڻپ جا هوبهو ننڍڙا روپ آهن، جنهن جو جنم شخصي تجربي ۽ جاچ مان ٿيو آهي.

Proverbial utterances, transmitted by oral tradition long before they were put on paper, were concrete fragments of wisdom, the result of observation. (Smith and Heseltine, Oxford Dictionary of English Proverbs, 1952 Introduction.)

(16) پهاڪا روزمره جي زندگيءَ ۾ حاصل ڪيل تجربي جون ڌيئر آهن.

Proverbs are the daughters of daily experience.

(17) پهاڪا، ٻوليءَ جا اُهي تيز هٿيار آهن، جيڪي وهنوار ۽ ڪمن ڪارن جي ڳنڍين کي ڪپي اندر گهڙي ٿا وڃن.

Edge tools of speech, which cut and penetrate the knots of business and affairs. (Bacon)

(18) پهاڪو ڪنهن قوم جو اهڙو فارمولو آهي، جيڪو گهڻي عرصي کان وٺي اڄا تائين عام واهپي ۾ هلندو پيو اچي. اُهو اهڙي صلاح يا نصيحت ٿو ڏئي، جيڪا لازمي طور عام ماڻهن لاءِ آهي ۽ النڪارن (سينگارن) سان سينگاريل آهي، جنهن ۾ ڪا ڳجهي ڀيٽ يا تمثيل سمايل آهي.

A proverb is a racial aphorism which has been or still is in common use, conveying advice or council unwarily common flagged figuratively disguised in metaphor or allegory (Racial Proverbs, Introduction P.X.V).

(19) پهاڪا ماڻهن جي سياڻ ۽ وهنوار جي سِڪي جي شڪل ۾ هلندڙ آهن ۽ نئين ٽهيءَ کي اَبن ڏاڏن کان ورثي جي شڪل ۾ حاصل ٿيل آهن. (ڊاڪٽر ڪنهيا لال سهل)

(20) پهاڪا رڳو اڌ سچ ٿين ٿا.

Proverbs are usually but half truths and seldom contain the principle of the action they teach (T.T. Munger).

(21) هي ننڍا گُفتا وڏن آزمودن مان نڪتل آهن.

Short sentences drawn from long experiences.

(22) پهاڪو عقلمند شخص جي ٻولن جي سمجهاڻي آهي.

A proverb is the interpretation of the hard of the wise. (Bible)

(23) ڪسي ڀي ڀاشا ڪي شبداولي (اڪرپٽي) اُس ڀاشا ڪي جنتا ڪي سينڪڙو ورشون ڪي اَڀگياتا ڪا سمپُنٽ هئہ. يہ اَڀگياتا جيون ڪي سب وياپارون ڪي آڌار پر هوتي هئہ. (سُنيتي ڪمار چٽرجي)

اِن طرح دنيا جي گونا گون ٻولين جي عالمن جدا جدا پهاڪن جو اڀياس ڪري مٿي لکيل جيڪي پهاڪن بابت وصفون ڏنيون آهن، اُنهن وصفن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ سان مکيہ طور هيٺيون خاصيتون نظر اچن ٿيون:

(1) پهاڪن ۾ ٿورن ئي لفظن ۾ گهڻن خيالن جو عرق هجي ٿو.

(2) پهاڪن ۾ گهڻو ڪري ڪنهن قوم يا ذات جي اعليٰ درجي جي سمجهہ ملي ٿي.

(3) پهاڪن ۾ زندگيءَ جا تجربا لِکيل آهن.

(4) پهاڪا ڊگهي عرصي کان وٺي عام ماڻهن ۾ قبول ٿيل آهن.

(5) پهاڪو هڪ فارمولي جي شڪل ۾ مقرر لفظن تي ٻڌل جملو آهي، ٻول چال ۾ مروج آهي، ۽ هِن ۾ سچائيءَ جو اظهار هوندو آهي.

(6) پهاڪن ۾ قديم فيلسوفيءَ جو عرق سمايل هوندو آهي.

(7) پهاڪن ۾ گهڻن ماڻهن جي سياڻپ سمايل آهي.

(8) پهاڪا تجربي جون ڏيئر آهن.

(9) پهاڪن ۾ ڳُجهي ڀيت يا تمثيل سمايل هجي ٿي.

هيسٽنگس نالي هڪ عالم پهاڪن جي گهرائيءَ سان اوک-ڊروک ڪري، اُنهن ۾ چئن وصفن جو هئڻ لازمي ڄاڻايو آهي.

Four qualities are necessary to constitute a proverb, brevity (or, as some prefer to put it, conciseness) sense, piquancy or salt (Trench) and popularity (Encyclopedia of Religion and Ethics, Hastings, Vol. X, P-412)

مطلب ته ڪو به سخن پهاڪي جو درجو حاصل ڪري، انهيءَ لاءِ اُن ۾ چئن خاصيتن جو هئڻ ضروري آهي. اُهي آهن:

- ٿور- اکرائي يا ننڍي شڪل
- خيالن جي گهرائي
- سلوُڻائي، ظرافت يا اظهار جي نزاڪت
- لوڪ يعني عوام ۾ انهيءَ جو پرچار

اِن طرح پهاڪن جي ڪيترين ئي وصفن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ بعد اهي پهاڪن جي ڪسوٽيءَ تي نيڪ طرح ثابت ٿين ٿيون يا نه؟ اچو ته ڏسون:

**(1) ٿور_ اکرائي يا ننڍي شڪل:**

پهاڪي ۾ جن چئن خاصيتن جو هئڻ ضروري چيو ويو آهي، اُنهن ۾ ٿور- اکرائي يا ننڍي شڪل پهاڪن جي پهرين ۽ ضروري وصف آهي. پهاڪا گهڻو ڪري ننڍا ٿين يا اُنهن ۾ گهٽ ڪري ويچارن جي گهرائي ٿورن ئي اکرن ۾ سمايل هوندي آهي. انگريزي ادب جي مشهور عالم شيڪسپيئر چيو آهي ته: Brevity is the soul of wit. شيڪسپيئر جي اِها ڪَٿ پهاڪن لاءِ به پوري طرح ٺهڪي اچي ٿي.

پهاڪو ڪنهن به ٻوليءَ جو استعمال جو فارمولو آهي. جيئن آلجبرا جي سوالن کي سلڻ واسطي فارمولن کي ياد رکڻو پوي ٿو، انهيءَ طرح ٻوليءَ کي سندر ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ پهاڪن کي ياد رکڻو ٿو پوي. پهاڪن کي ياد ڪرڻ لاءِ اِهو ضروري آهي ته پهاڪا ننڍا هجن، جيڪڏهن پهاڪا وڏا هوندا، ته مقررشڪل ۾ ياد نه ٿيندا. اِن سبب ڪري اُنهن جي ڦهلجڻ ۾ رُڪاوٽ پوندي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ننڍا پهاڪا ملن ٿا. اُنهن ۾ ڪجهه پهاڪا اهڙا به آهن جن ۾ رڳو ٻه يا ٽي لفظ ئي استعمال ٿيل آهن. جيئن ته:

- قرضُ مرضُ. پنهنجي سهنجي. بِسياري خواري، لاڙُ ساڙُ.
- پاليتو نه ماليتو. عقل ڪائي غم. چئه گهوٻاٽو. پنج گنج.

اِن طرح ٻيا به ڪيترائي پهاڪا آهن، جن جي ذريعي پهاڪن جي ننڍي شڪل تي روشني وجهي سگهجي ٿي، پر ٿور- اکرائي

نسبتي لفظ آهي. ڪهڙي پهاڪي کي ننڍڙو چئجي ۽ ڪهڙي کي نہ؟ مثال طور:

- بال هٺُ، زال هٺُ، راجا هٺُ، جوڳي هٺُ - اِهي جي هٺ تي چڙهن تہ هيٺِ نہ لهن.
- پُلاهہ جهڙي پدمڻي، جي هَڪي حاضر هوءِ
تہ بوسي وِجهہ پيٽ ۾، مرُ پيٽُ ڦاٽي پوءِ.
- ڄڻيءَ سُٺُ پُسايو، واڻِئي وِڌيس وٽي،
ڄڻيءَ ليکي واڻيو مُئو، واڻيي ليکي ڄڻي،
مُئي سائي ڄڻي، مُئي سائي ڄڻي.

اِهي ڪجهہ مشهور پهاڪا آهن، جن کي وڏيڪ ننڍو ڪري نہ ٿو سگهجي. اِن حالت ۾ سوال اُٿي ٿو تہ ٿور- اکرائي جو مطلب ڇا ڪڍجي؟ اِنهيءَ جو مطلب آهي تہ پهاڪن ۾ گهربل معنيٰ جو اثرائتو اظهار ڪرڻ لاءِ جيترن لفظن جي ضرورت آهي، اُنهيءَ ڪان وڏيڪ لفظ اُن ۾ نہ هئڻ کپن. اِنهيءَ کي ئي ٿور- اکرائي، اختصارُ يا ننڍي شڪل چئجي ٿو.

هڪ ٻي ڳالهہ تہ وڏن پهاڪن ۾ اظهار جو انوکو زنگ، تڪبندي هجي ٿي. اِن ڪري اُهي پڻ ياد ٿي وڃن ٿا ۽ زباني روايت ذريعي سماج ۾ مشهور ٿي وڃن ٿا.

**(2) ويچارن جي گهرائي:**

جي گهرائي پهاڪن جي ٻي ضروري وصف آهي. عام طور پهاڪا مطلب پريا، سارُپريا هجن ٿا ۽ اِهو ئي سبب آهي تہ هوُ ايتري وقت تائين عوام ۾ چالو رهن ٿا. پهاڪا عام ماڻهن جا اُهي دوست آهن، جيڪي هر وقت سُک ۾، ڏک ۾، خوشيءَ، غم ۽ پريشانيءَ وقت هميشہ مدد ڪرڻ لاءِ تيار هجن ٿا. پهاڪن ۾ لِڪل گهري ڄاڻ کي اسين جيڪڏهن ڏيان سان ڏسون تہ هو هميشہ سُهڻي تربيت ڏيڻ لاءِ تيار هجن ٿا. اسين ڪيئن تندرست رهون، ڪيئن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪريون، وغيره ڳالهين جو اشارو اسان کي پهاڪن ۾ سولائيءَ سان ملي ٿو. مثال طور:

بيوقوف دوست کي بازار ۾ وٺي نه وڃجي ساڻُ،
پهرين کُٽائي پاڻُ، پوءِ سار لهي سنگتيءَ جي.

اِن پهاڪي ۾ کهڙي نه سُني سکيا آهي. اِهو سچ آهي ته پهاڪن ۾ اُها طاقت آهي، جنهن جي مدد سان هرڪو شخص ڏُکيائين چوٽڪارو حاصل ڪري سگهي ٿو. زندگيءَ جو علم، عام ماڻهن جا آزمودا، خيالن جي گهرائي پهاڪن جا مکيه گڻ آهن. ڏسو:

زندگيءَ ۾ ناڻي جي اهميت ڏسي ڪنهن بزرگ واتان نڪري ويو:

"اُٺ به ناڻو، ويهه به ناڻو، ناڻي بنا نرُ ويڳاڻو."

روزاني جيوت ۾ پئسي کي وڏي طاقت آهي. جنهن وٽان بدقسمتيءَ جي ڪري دولت هلي ٿي وڃي، ته پوءِ سندس دوست يار، مٽ مائٽ، به ڪانئس ڪنارو ڪري ٿا وڃن. پوءِ اَوکي ويل ڪوبه اُن شخص جو ساٿ نه ٿو ڏئي ۽ جيڪڏهن هُو ڪنهن دولتمند کان اُوڌر به وٺڻ چاهي ته "شاهوڪار جا ٻِٽَ به ڪستوري" چوڻو ٿو پوي. يعني اُن کي دولتمند جي ڪنهن به خراب ڳالهه کي مڃي سندس پُٺڀرائي ڪرڻي ٿي پوي.

ڏاج ڏيڻ رسم اسان جي سماج جي هڪ پراڻي بيماري آهي. اُنهيءَ رسم ڪيترن جي سوچ خراب ڪئي آهي، جنهن ڪري سيني چوڪرين جي پيئرن کي پنهنجي ڌيءَ جي شاديءَ ۾ ڪيس ڏاج ڏيڻ لاءِ گهڻي محنت سان دولت گڏ ڪرڻي ٿي پوي. اِهو ڏسي ڪنهن چيو ته:

- اَبو گسي ڌيءَ وسي.

ماءُ جي پنهنجي ٻار لاءِ مَمتا ازل کان مشهور آهي. ماءُ جي برابري سڄي دنيا ۾ ٻيو ڪو به نه ٿو ڪري سگهي. ماءُ جي پيٽ يعني ٻار جي ماسي به اُن ٻار جي ماءُ جهڙي نه ٿي ٿي سگهي، ڪٿي هو هُن ٻار لاءِ ڪيترو به قرباني چونه ڪري. اِن تي چوڻي مشهور آهي.

- ماءُ ساماءُ، ٻيو سڀ دنيا جو واءُ.

ماسي نه ٿئي ماءُ، توڙي ڪڍي ڏئي ساهه.

اِنهن مثالن مان ظاهر آهي ته پهاڪا سياڻپ جا اهڙا سُخن آهن، جن ۾ واهنواري زندگيءَ مان حاصل ڪيل ڏاهپ سمايل آهي ۽ ساڳئي

وقت پهاڪن جا اهڙا مثال به ملن ٿا، جن ۾ ڪو اُونهون ويچار نظر نه ٿو اچي. جيئن ته:

- پيچ چريا چي مست آيئه.
- شيرو بِلو شاهه جو، نه پيءُ جو نه ماءُ جو.
- گنجي جي مٿي ۾ نه ڪا جُون نه ڪا ليک.
- ڪوڙيءَ ڪي ٿي گهمرو آهي.
- ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنو، ننڍو وڏو چيڙ مِٺو.

اِنهيءَ هوندي به اِهي پهاڪا سماج ۾ پنهنجي خاص جاءِ رکن ٿا ۽ وهنواري زندگيءَ ۾ ماڻهو اِنهن جو استعمال ڪن ٿا.

**(3) سلوُڻائي، ظرافت يا اظهار جو نرالو ڍنگ**

پهاڪي جي ٽئين ضروري وصف آهي سلوڻائي يا اظهار جو نرالو انداز. هرهڪ ٻوليءَ جو پهاڪن ۾ اِهو انداز ملي ٿو. سنڌيءَ ۾ به ظرافت سان ڀريل جهجهي تعداد ۾ پهاڪا ملن ٿا، جيڪي سلوڻائي، ڏاهپ ڀرئي انوکي اظهار ۽ اثردار عبارت سبب ٻڌندڙ جي دل ۽ دماغ تي هڪدم اثر ڪن ٿا. اهڙا پهاڪا عوام ۾ جلد ئي مشهور ٿي ويندا آهن. مثال ڏسو:

- اٽو ڪاڏو ڪرئي، مار پئي گابي تي.
- آهوجا ڪائين، پاهوجا پيٽ سور مرن.
- سياڻو ڪانءُ به ٽنگو ڦاسي.
- ماءُ موري، پيءُ تنبورو، پٽ وڄائڻ ۾ پورو.
- ٻري تيل، ڪامي وٽِ، واهه ڙي ڏيئا واهه!

ٻئي طرف ڪجهه اهڙا به پهاڪا آهن، جن ۾ سلوڻائيءَ جي وصف گهٽ نظر ٿي اچي. جيئن:

- پنهنجي سنهنجي
- انُ آهي ته ايمان آهي.
- ايڪ پنٿ، دو ڪاج.
- جتي باهه ٻري، اتي سيڪ اچي.

اهي پهاڪا رڳو سڌو سنواٽو ڪنهن ڳالهه جو بيان ڪن ٿا، پر اِنهن ۾ اظهار جي ڪابه انوکائي نظر نه ٿي اچي.

(4) **لوڪ پسندي**

پهاڪي جي اها چوٿين ۽ سيني کان اهم وصف آهي. ڪوبه جملو يا قول تيستائين پهاڪو ٿي قطار ۾ نه ايندو، جيستائين اهو عوام ۾، عام ماڻهن ۾ مشهور نه ٿي وڃي.

ڪنهن شخص جي نِجي آزمودن مان نڪتل ڳالهه يا نُڪتو اِن ۾ ٿور- اڪرائي، خيالن جي گهرائي، اظهار جي نزاڪت چونه هجي، پر جيستائين ٻين ماڻهن کي يا عوام کي پسند نه پوندو، تيستائين اهو سُخن پهاڪي جو درجو حاصل نه ڪري سگهندو. مثال طور: هڪ شخص کي روزمره جي زندگيءَ مان اِهو تجربو ٿيو ته ماٽيجي ماءُ سچو پيار سچي ممتا نه ڏيندي آهي. انڌو چاڪاڻ ته ڏسي نه سگهندو آهي، انهيءَ لاءِ ڪٽي به ٺُڪ ڦٽي ڪندو آهي، جنهن ڪري ٻين کي تڪليف ٿيندي آهي. ٻيو ته برسات پوڻ کان پوءِ جيڪا اُس نڪرندي آهي، اها ڏاڍي تنگ ڪندي آهي. انهن آزمودن جي ڪري ڪنهن شخص هڪ گفتو بيان ڪيو ته "جُهڙ جي اُس، انڌي جي ٺڪ ۽ ماٽيجي ماءُ جي مُڪ، جتي لڳن اُتي سُڪ." اهو گفتو ٻين کي به وڻيو. چاڪاڻ ته اُنهن کي به ساڳيوئي آزمودو ٿيو هو. آهستي آهستي اهو جملو عام لوڪن ۾ پسند پيو ۽ پهاڪو بڻجي ويو.

پر ٻئي پاسي هاويل جو هيءُ گفتو "گهمنڊ اهڙو گُل آهي، جيڪو دئيتن جي باغيچي ۾ ٽڙي ٿو." پهاڪي جون ٻيون ٽي وصفون هئڻ بعد به پهاڪي جو درجو حاصل نه ڪري سگهيون. چاڪاڻ ته اهو عام ماڻهن ۾ عام نه ٿي سگهيو.

سترهين صديءَ ۾ يورپ ۾ جيمس هاويل نالي هڪ مشهور ليکڪ هو. هُن پنج سؤ کن ننڍڙا نصيحت ۽ سِکيا سان ڀريل گفتا گڏ لکي تيار ڪيا هئا. اُنهن جو مجموعو هُن ڇپائي پڌرو ڪيو. انهن ۾ مٿي ڏنل جملو به شامل هو، پر هاويل جا اهڙي قسم جا سُخن پهاڪا

ٻڌجي نہ سگهيا آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن کي عوام ۾ مشهوري حاصل نہ ٿي سگهي آهي. عوام انهن کي پنهنجو نہ بڻايو آهي ۽ روزاني زندگيءَ ۾ اُنهن کي استعمال نہ ڪيو آهي. اِنهيءَ مان ثابت آهي تہ عوام ۾ عام ٿيڻ يا ماڻهن کي پسند اچڻ هرهڪ پهاڪي جي لاءِ لازمي وصف آهي، پر انهيءَ ۾ بہ شڪ نہ آهي تہ سٺي پهاڪي لاءِ لوڪ پسنديءَ سان گڏ ٻين ٽن وصفن جو هئڻ پڻ لازمي آهي. انهيءَ حقيقت کي پاڻ هاويل بہ قبول ڪيو آهي. هو چوي ٿو تہ:

The people's voice, the voice of God we call,

And what are proverbs, but the people's voice,

Coined first and current made by common choice,

Then sure they must have weight and truth withal.

مطلب تہ "پهاڪا عوام جو آواز آهن، اِنهيءَ ڪري اسان اُنهيءَ کي الله جو آواز سڏيون ٿا. شڪ نہ آهي تہ اُهي عام ماڻهن جي آواز کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهن. ڪوبہ پهاڪو ڇاهي اول ڪنهن هڪ شخص ٺاهيو هو، اُهو ٻين ۾ قبول پوڻ تي سماج ۾ مشهور ٿي ويو آهي، انهيءَ ڪري هرهڪ پهاڪي ۾ وزن ۽ سچائيءَ جو هئڻ ضروري آهي."

ڪجهہ لوڪ پسند پهاڪا ڏسو:

- جاءِ چوي جوڙائي ڏس، شادي چوي ڪري ڏس.
- ماءُ ڏِسي پيٽ، زال ڏسي ڪيسا.
- ڪاٺيءَ جي وهاڻ ۾ سَنڪٽ گهٽا.
- ڪير جو ڪانيلُ، جهڻ ڦوڪي پئي.

انهن پهاڪن جا رچيندڙ ڪير هئا، اها ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي، پر اهڙا پهاڪا هاڻي عام لوڪن ۾ قبول ٿي سڄي سماج جي گڏيل ملڪيت بڻجي پيا آهن.

شاعرن جا ڪلام گُوڙهي ڄاڻ سان پُر هجن ٿا، پر اُنهن مان ڪجهہ سِٽون ائين پهاڪي جي پد تي رسن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ اُنهن کي عام ماڻهو پسند ڪن ٿا ۽ ٻين کي نہ. شاهہ لطيف جي ڪلام جون ڪجهہ عام ماڻهن ۾ پسند ڪيل ٽُڪون ڏسو:

- ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين؟
- ڇاجي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهن ڏنگو نه ٿئي.
- لکيو منجهه للاٽ، قلم ڪياڙيءَ نه وهي.

ٻئي طرف شاهه جي ڪلام مان ئي هيٺ ڏنل ڪجهه بيون سِٽون ڏسو جيڪي عام ماڻهن جي سمجهه کان ٻاهر آهن ۽ پهاڪي جو درجو حاصل نه ڪري سگهيون آهن:

- پيهي جا پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
  نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
  پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.
- ايڪ قصر در لک، ڪوڙين ڪٽس ڳڙکيون،
  جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

اِن طرح پهاڪن جي شڪل بابت هيسيتائين ڪيل ويچار ۽ وصفن جي چنڊڇاڻ ڪرڻ سان مليل پهاڪن جون خاصيتون (ننڍو روپ، سلوَڻائي، اونهي ويچار ۽ لوڪ پسندي) ڏسي انهن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته اِهي وصفون سچ پچ پهاڪن جون ڪسوٽيون آهن. ڪنهن به سٽي پهاڪي ۾ انهن چئني جو هئڻ ضروري آهي. اِنهن چئني ۾ مکيه ڪسوٽي آهي لوڪ پسندي يا عوام ۾ مروج هئڻ. جيڪڏهن ڪنهن گُفتي ۾ اِها وصف نه آهي ته پوءِ ان کي پهاڪو نه چئبو.

ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي پنهنجي ڪتاب 'سنڌي پهاڪا ۽ محاورا- هڪ اڀياس' ۾ پهاڪن ۽ چوٽين جو تفصيل سان اڀياس ڪري، اُنهن جي وصف هن ريت ڏني آهي:

"اُهو سوتر پريوگ (قاعدي موجب استعمال)، جيڪو ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظن مان ٺهيل جملو يا جملن جو اهڙو ايڪو آهي، جنهن ۾ وهنواري زندگيءَ جي آزمودن مان حاصل ڪيل ڄاڻ پريو پيو آهي ۽ جيڪو گهڻو ڪري لفظي معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ٻيءَ معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي، تنهن کي پهاڪو چئبو آهي. لفظي معنيٰ ۾ ڪتب ايندڙ پهاڪي کي سنڌيءَ ۾ چوٽي به سڏيو ويو آهي."

## 2.5 پهاڪن جي سچائي ۽ ڪِن پهاڪن ۾ نظر ايندڙ تضاد:

ڪڏهن ڪڏهن ڪن پهاڪن جي ويچار ۾ تضاد نظر ايندو آهي، يعني اُنهن ۾ هڪٻئي جي خلاف بيان محسوس ٿيندا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ پهاڪن جي خيالن ۾ ڪيتري قدر وزن آهي؟ ڇا اُنهن جي بيان جي سچائي هرهڪ حالت ۾ لاڳو ٿي سگهي ٿي؟ سنڌيءَ ۾ اهڙن ڪُجهہ پهاڪن جا مثال هن ريت آهن:

(1) ڪِن سان ڪِن ڪونہ ڌوپندو. (جيڪڏهن ڪو بُرائي ڪري ٿو يا خراب هلت ڪري ٿو، تہ ساڻس ساڳي هلت ڪرڻ سان هوُ سڌري نہ سگهندو.)

ٻئي طرف اِن جي اُبتڙ ويچارن وارا پهاڪا بہ ملن ٿا. جيئن تہ: جهڙي سان ٿجي تهڙو يا لُچ سان لُچ ٿي ملجي. (يعني جيڪڏهن ڪو ڏنگو ٿو هلي تہ توهان بہ ساڻس اُنهيءَ طرح هلت ڪري ڪيس سبق سيکاريو.)

(2) پُڇڻا نہ مُنجهڻا. (مطلب تہ ٻين کان پُڇي ڪري ڪم ڪبو تہ مونجهارو نہ ٿيندو.)

جيترو پڇندين، اوترو منجهندين. (هيءُ پهاڪو ماڻهوءَ کي اشارو ڏئي ٿو تہ هُن کي پنهنجي سمجهہ سان ڪم ڪرڻ گهرجي. هو جيترو ٻين کان صلاح وٺندو اوترو ئي منجهي پوندو. ڇاڪاڻ تہ سڀ ڪو هُن کي پنهنجي پنهنجي عقل موجب صلاح ڏيندو ۽ ڪم ۾ مونجهہ پوندي.)

ٻُڌجي سڀ ڪنهن جي، ڪجي پنهنجي. (سڀ ڪنهن کان راءِ وٺڻ گهرجي، پر پوءِ پنهنجي عقل سان سوچجي تہ ڪهڙي وات صحيح آهي ۽ اُن موجب هلت ڪجي.)

(3) جيڪي چُلهہ تي، سي دل تي. (جيڪي پاڻ ۾ گڏ رهن ٿا اُهي هميشہ ياد رهن ٿا ۽ انهن ۾ سڪ ۽ پريت سدائين قائم رهي ٿي.)

دورباش، خوش باش (گڏ رهڻ سان هميشہ جهڳڙي ٿيڻ جو امڪان هوندو آهي، ان ڪري هڪ ٻئي کان پري رهجي، تہ اُنهيءَ ۾ خير ۽ امن قائم رهي ٿو.)

(4) ٻہ ڀائر ٿيون ليکو. (واپار ۾ سيني کي پنهنجو حساب ڪتاب صاف رکڻ گهرجي.)

شريڪت ۾ مريکت ڇاجي؟ (مطلب تہ ڀائيواري يا ڏنڌي واپار جي وهنوار ۾ لحاظ ڇاجي لاءِ ڪجي؟) پر انهيءَ جي اُبتڙ ٻي چوڻي آهي- ڀائرن کهڙا ليکا؟ (يعني پنهنجپائيءَ ۾ ڏي- وٺ يا حساب ڪتاب رکڻ جي ضرورت نہ آهي.)

(5) مهمان اچن وڏ ڀاڳين گهر يا مهمان آهن ڀڳوان جو روپ. پر ٻئي طرف چوڻي آهي: اَويلو مهمان ڀَٽائي ڀاڻ.

اِن طرح انهن مثالن مان ظاهر آهي تہ پهاڪن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي جي خلاف ويچار نظر اچن ٿا. اِنهيءَ حالت ۾ سوال ٿو اُٿي تہ پهاڪن ۾ ڪيتري قدر سچائي آهي.

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ پهاڪا زندگيءَ جي آزمودن تي ٻڌل آهن. زندگيءَ جي راهہ تہ تضادن ۽ الڳ الڳ تجربن سان ڀريل آهي. ڪڏهن انسان ڏسي ٿو تہ زندگيءَ ۾ آخرڪار سچائيءَ جي جيت ٿئي ٿي. ان تي هو چوي ٿو تہ سچ تہ بيٺو نچ، پر ٻئي طرف هوُ اهڙا بہ مثال ڏسي ٿو، جتي سچائيءَ جي راهہ تي هلندڙ ماڻهن کي مصيبت جو منهن ڏسڻو ٿو پوي. اهڙيءَ حالت کي محسوس ڪري چوي ٿو تہ، اکرُ نہ ڪَٿي، مکرُ ڪَٿي.

اِنهيءَ مان ثابت آهي تہ پهاڪن جي سچائي ڪا عالمگير سچائي نہ آهي، جيڪا هر وقت، هر ملڪ ۾ ۽ هر حالت ۾ لاڳو ٿي سگهي. هڪ ئي حقيقت جو عڪس جدا جدا ڪُنڊن تان الڳ الڳ نظر اچي ٿو. ساڳيءَ طرح پهاڪن ۾ بيان ڪيل سچائي پوريءَ حقيقت جو ڪو هڪ خاص پهلو پيش ڪري ٿي. انهيءَ ڪري پهاڪن جو سچ اخلاقي نقطہِ نگاهہ کان صحيح آهي. اُهو ترڪ تي ٻڌل مڪمل سچ نہ آهي. جيون جي حقيقتن جا ماپا ۽ ماڻ اسين ڳڻپ جي اصولن مطابق مقرر نہ ٿا ڪري سگهون. اهي تہ جدا جدا حالتن ۾، الڳ الڳ زمان ۽ مڪان جي لحاظ بدلجندا ٿا رهن. اِن ڪري پهاڪن جي بيان ۾ جيڪڏهن ڪٿي ڪٿي تضاد يا الڳ الڳ رايو ملي ٿو تہ اُهو سُياويڪ آهي.

## 2.6 پهاڪا ۽ ٻيا سُخن

هتي پهاڪن ۽ اُنهن سان مشابهت رکندڙ ٻين سُخنن جي وچ ۾ فرق ڏيکارجي ٿو:

**(1) پهاڪو ۽ حوالو:**

وڏن شاعرن جي شعر جون ڪجهه ٽُڪون ۽ ليکڪن جون ڪجهه سِٽون اڪثر بيان ۾ حوالي طور ڪتب آڻجن ٿيون، جيئن ته:

- وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل،

—

حق حقيقي هيڪڙو، ڀولي ڀيءَ مَ ڀُل. (شاهه)

—

- پڙاڏو سو سڏُ، ورُ وائيءَ جو جي لهين. (شاهه)

شاهه لطيف جي ڪلام مان اهڙيون سِٽون جيڪڏهن بيان ۾ ڪتب آڻبيون ته اُهي حوالا چئبا، جيڪي پنهنجي ڳالهه جي پُنيرائيءَ لاءِ استعمال ڪيا ويا آهن. اِهي پهاڪن کان اِن ڳالهه ۾ الڳ آهن ته انهن جي رچيندڙن جي ڄاڻ آهي، پر ٻئي طرف پهاڪو اصل ۾ ڪنهن سِرجيو آهي، اهو گهڻو ڪري معلوم نه هوندو آهي. ٻيو ته اِهي سِٽون پهاڪن وانگر روزاني زندگيءَ جي شخصيءَ آزمودن تي ٻڌل نه آهن. اِنهن ۾ اونهي فلاسافي سمايل آهي، جيڪا عام طور پهاڪن ۾ نه هوندي آهي. ٽيون ته عام ماڻهن ۾ ڦهلاءُ جيڪو هرهڪ پهاڪي جي لازمي وصف آهي، اُها پڻ اِنهن ۾ نه ٿي ملي. اِنهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته شاهه جي ڪلام جون ٻيون ڪيتريون ئي سٽون عوام ۾ عام هئڻ جي ڪري پهاڪي جو درجو حاصل ڪري چڪيون آهن. مثال طور:

- ڏُک سُکن جي سونهن، گهوريا سُک ڏُکن ري،

—

- تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وِهڻ جي.

—

- ذات نه آهي ذات تي، جو وَهي سو لَهي.

(2) پهاڪو ۽ سڌانت سوٗتر (فڪري / عقلي سُخن):

سنتن مهاتمائن جون نصيحتون ۽ ڏاهپ ڀريا نُڪتا پڻ پهاڪن کان الڳ آهن. جيئن ته:

- علم اِنسان جي ٽين اک آهي.
- خلقڻهار سچ ۽ سنسار ڪوڙ يا وهم آهي.
- روح لافاني آهي ۽ جسم فاني آهي.

اهڙا ٻول چاهي لوڪ ۾ مشهور به ٿي وڃن، ته به اُنهن جو واسطو ڄاڻ ۽ دماغي ورزش سان آهي. اِهي عام لوڪن جي اُپج نه آهن ۽ نه ڪي روزاني زندگيءَ ۾ شخصي آزمودن تي ٻڌل آهن. اِن ڪري اهڙا اصولي قاعدا سُخن ۽ ٻول پهاڪا نه ليکبا آهن.

(3) پهاڪو ۽ ٽوٽڪو يا لطيفو:

پرمانند ميوارام جي ڪتاب "دلبهار" ۽ ڪيول رام سلامت راءِ جي ڪتاب "گل شڪر" ۾ گهڻيئي ٽوٽڪا ۽ لطيفا گڏ ڪري ڏنا ويا آهن، چاهي ڪو ٽوٽڪو ٻن يا ٽن سِٽن جو چونڊ هجي، پر اهو پهاڪو نه ٿو لکجي، ڇاڪاڻ ته اُن ۾ ايڪائي وصف نه آهي. يعني اهو ڪنهن هڪ مقرر شڪل ۾ عوام ۾ نٿو دُهرايو وڃي. ٻيو ته اهڙن لطيفن ۽ ٽوٽڪن جو مکيه مقصد چرچو گهٻو ڪرڻ ۽ وندر سان گڏ نصيحت ڏيڻ هوندو آهي.

(4) پهاڪو ۽ پرولي:

پهاڪن وانگر پروليون به عوام ۾ مشهور ۽ ننڍڙي شڪل ۾ واريون ٿينديون آهن، پر ٻنهيءَ جي مقصد جي وچ ۾ گهڻو فرق آهي. پهاڪا عام ماڻهن جي روزاني زندگيءَ ۾ حاصل ڪيل آزمودن جو اظهار آهن. پرولين ۾ پڻ اِها وصف ملي ٿي، پر اُنهن جو مقصد ٻئي جي سهج فطري ڄاڻ جي پرک لاءِ دماغ کان ڪم وٺڻو پوندو آهي. روزاني زندگيءَ ۾ جڏهن پهاڪا پنهنجي ڳالهه جي پُٺڀرائي وغيره لاءِ ڪتب آڻجن ٿا، تڏهن پروليون ٻين کي سلڻ لاءِ ڏجن ٿيون. پرولين جا ڪجهه مثال هن ريت آهن:

- سوڙهي گهٽيءَ مان نانگُ لنگهائي ڏئي (اُبداڻي ۾ اڳٺُ)
- ماءُ ڄائي نه آهي ته پُٺُ ڪونو ٿو ٿيي (باهه کان اڳ دُونهون نڪرڻ)

- جيئن چڪ تيئن ننڍي ٿئي (ٻيڙي)
- هيڏڙي، ترِ جيڏڙي، وڏن جا ٿي پٽڪا لاهي. (جُونئن)
- مڙس تنگيو پيو آهي زال پئي گهُمي. (ڪُلف ۽ ڪنجي)

## 2.7 پهاڪو ۽ محاورو يا اصطلاح:

'محاورو' ۽ 'اصطلاح' ٻئي عربي ٻوليءَ جا لفظ آهن، جيڪي فارسيءَ ۾ به ڪتب ايندا آهن. اِهي لفظ پوءِ اُردو، هندي، سنڌي، پنجابي، ڪشميري ۽ ٻين ڪيترين ئي ٻولين ۾ عام ٿي ويا آهن. 'محاورو' لفظ جو عربيءَ ۾ اُچار آهي، 'مُحاورت'. اِهو 'حاور' يا 'حوَر' فعل مان نڪتو آهي، جنهن جو مطلب آهي-موٽائڻ، ورندي ڏيڻ. پوءِ اِنهيءَ جي معنيٰ ۾ تفصيل ٿي ويو آهي. پلاٽس اِنهيءَ لفظ جون اُردو-هندي ڊڪشنري ۾ معنائون ڏنيون آهن: (1) گفتگو، ڳالهه- ٻولهه (2) اصطلاح، لفظي ميڙ، عام ٻول- چال جو طريقو (3) ٻوليءَ ۾ استعمال، (4) روايت، پرمپرا، عادت.

جامع سنڌي لغات ۾ 'محاوري' لفظ جون معنائون هن ريت ڏنل آهن: محاورو= جمع 'محاورا' (مذڪر) = هُن ورائي چيو- (عربيءَ ۾ بنياد - حور)، گفتگو= ٻول - چال، ڳالهه- ٻولهه، سوال جواب. علم نَحوَ جُملو نهڻ موجب اهو جملو، جنهن جي لفظي معنيٰ هڪڙي هجي ته ڪنايتاً (لاڪشڻڪ) معنيٰ ٻي هجي. جيئن ته: اکيون پورڻ = بي شرم ٿيڻ، مرڻ، وغيره. اصطلاح = ورجيس.

پهاڪو ۽ محاورو ٻئي بيان ۾ اکري معنيٰ بدران ٻئي گهربل معنيٰ ۾ ڪتب ايندا آهن. پر ٻنهي ۾ فرق اهو آهي ته پهاڪو پورو جملو هوندو آهي ۽ محاورو جملي جو هڪ حصو هوندو آهي. محاورو جملي ۾ جدا جدا زمان موجب پنهنجي صورت بدلائي ڪتب ايندو آهي. پر پهاڪي جي رچنا ۾ ڪابه تبديل نه ٿيندي آهي. اهو بيان ۾ هڪ الڳ جملو يا واڪيه وانگر استعمال ڪيو آهي.

## 2.8 محاورو ۽ ورجيس:

محاورو يا اصطلاح معنيٰ جي لحاظ کان ورجيس کان الڳ آهي.

حقيقت ۾ ورجيس اهڙو استعمال آهي، جيڪو لفظي معنيٰ ۾ ٺي ڪتب ايندو آهي، پر اهو ڪنهن خاص شڪل ۾ مروج ٿي ويندو آهي، جنهنڪري بين سوُتر پريوگن (مقرر بيهڪ استعمال ڪرڻ جي قاعدي) وانگر اُن کي بہ ايڪائي وصف حاصل ٿي ويندي آهي. مطلب تہ اُن جي شڪل ۾ اسين پنهنجي مرضيءَ مطابق ڦيرگهير نٿا ڪري سگهون. اردوءَ جي عالمن اهڙن استعمالن کي "روزمره" يا "بول چال" جو نالو ڏنو آهي. مثال طور: 'ائين پڳو، جيئن ڪاريءَ هينان ڪانءُ' هڪ ورجيس آهي، جيڪا لفظي معنيٰ ۾ ٺي ڪتب ايندي آهي. هوُ اهڙو ڪُڇي، جهڙي پت، بہ هڪ ورجيس آهي. محاوري وانگر ورجيس جملي جو هڪ حصو آهي، پر اِها لفظي معنيٰ ۾ ڪتب ايندي آهي. ٻئي طرف محاورو بيان ۾ لفظي معنيٰ ڇڏي ٻوليءَ جي رواج موجب ٻي معنيٰ ڏيندو آهي. اُها ٻي معنيٰ لڪشڻا يا وينجنا ذريعي ملندي آهي. اُهائي بيان ۾ گهربل معنيٰ هوندي آهي.

'ورجيس' لفظ جا سنڌيءَ ۾ ٻيا اُچار آهن- وَرَجَس، وَرَجَ. 'جامع سنڌيءَ لغت' ۾ اِنهن جون معنائون ڏنل آهن-

- ورج= رسم رواج، دستور، هلت، رهڻي- ڪرڻي، ريت، پرويز، پر، هِلي- چلي، مرجاتا، وتيروُ، حالت، عادت، هير، ورد، محاورو، اِصطلاح وغيره.

'ورجيس' جون پڻ ساڳيون ئي معنائون ڏنل آهن. ورجيس جو سنسڪرت ۾ بنياد آهي، وَرت يا وِرت ڌاتو. اُن جون معنائون گهڻيئي آهن جن مان ڪجهہ هن ريت آهن- هُئڻ، ٿيڻ، ڪرڻ، موٽڻ، (پيٺو سنڌي فعل ورجائڻ) گذر ڪرڻ، رِواج ۾ هئڻ. اِن مان اِسم ٺهيل آهي- 'وَرت' جيڪو لفظن جي خاص استعمال يا طاقت لاءِ بہ استعمال ڪبو آهي. وَرج - وَرَجَس- ورجيس پڻ اهو استعمال آهي جيڪو ڪنهن ٻوليءَ جي رواج ۾ مشهور آهي ۽ بار بار ساڳئي نموني دُهرايو وڃي ٿو.

انگريزيءَ ۾ محاوري ۽ ورجيس کي گڏي Idiom سڏبو آهي. اُن جون ٻيون بہ گهڻيئي معنائون آهن.

سنسڪرت ۾ محاوري يا اصطلاح لاءِ ڪو خاص الڳ هم- معنيٰ ٽيڪنيڪي لفظ اجا ڪونہ ٿو ملي. انهيءَ جو ڪارڻ اهو آهي تہ ان ٻوليءَ

جي محاورن اهڙن استعمالن کي شبد- شڪتي (لفظن جي طاقت) جي اندر سمجهايو آهي. انهيءَ ڪري هنديءَ ۾ توڙي ٻين ڪن ٻولين ۾ ماهرن محاوري، اصطلاح ۽ ورجيس جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪي خاص ٽيڪنيڪي لفظ گهڙيا آهن. جيئن ته: واڪ پد ڏتِ واڪ ريتِ، واڪ وهنوار، واڪ سپردايہ، واڳ ريتِ، واڳڌارا وغيره. پر اهڙن لفظن جو گهڻو ڦهلاءُ ٿي نہ سگهيو آهي، هنديءَ ۾ عام طور 'محاورا' لفظ ئي اهڙن 'سوُتر پريوگن' (مقرر ڪيل قاعدي موجب استعمال) لاءِ ڪتب ايندو آهي.

## 2.9 پهاڪي، محاوري ۽ ورجيس ۾ فرق:

پهاڪي ۽ محاوري جي شڪل ۽ خاصيتن تي اڳيا تائين جيڪو ويچار ڪيو ويو آهي، انهيءَ مان ظاهر آهي تہ پهاڪو ۽ محاورو ٻئي ٻوليءَ جا اهڙا 'سوُتر پريوگ' (مقرر ڪيل قاعدن موجب استعمال) آهن، جيڪي لفظي معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ٻيءَ گهربل معنيٰ ڏيندا آهن. اِنهن ٻنهي جي استعمال ڪرڻ سان ٻولي دلڪش، نزاڪت ڀري ۽ اثرائتي بڻجي پوي ٿي، پر ٻنهيءَ جي وچ ۾ ڪيترين ئي ڳالهين ۾ فرق آهي، جيڪو ٿوري ۾ هيٺ ڄاڻائجي ٿو:

(1) پهاڪو هڪ الڳ پورو جملو يا جملن جو ايڪو هوندو آهي، پر محاورو هميشہ ڪنهن جملي جو جزو هوندو آهي، جيئن تہ "انڌن ۾ ڪاڻو راجا"، "مينهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪانہ، ڳئون کي چوي، هَل ڙي پُڇ ڪاري" پهاڪا آهن. پهرئين پهاڪي ۾ هڪ جملو آهي، ۽ ٻئين پهاڪي ۾ ٽي جملا آهن. ڪجهہ ٻيا مثال هن ريت آهن:

- ساهڙين جي واتان اها ڳالهہ ٻُڌي ڪملا پاڻي پاڻي ٿي ويئي.
- رام داس اٿيئي ٻگهُلو ڀڳت ڪانئس خبردار رهجانءِ.

انهن مثالن ۾ 'پاڻي پاڻي ٿي ويئي' ۽ 'ٻگهلو ڀڳت' محاورا آهن، جيڪي جملن جو ئي هڪ حصو آهن.

(2) پهاڪي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ لفظ هوندا آهن، جيئن تہ: قرض مرض، پر محاورو هڪ لفظ وارو بہ ٿي سگهي ٿو.

جيئن ته ڪنهن ڇوڪريءَ کي چئجي: ”گڏھ! هيڏانهن ڏيان ڏي.“ ته هن جملي ۾ ’گڏھ‘ لفظ محاورو آهي، جيڪو پنهنجي لفظي معنيٰ بدران ٻي معنيٰ ۾ ڪتب آيو آهي. ساڳيءَ طرح: ”هوُ ريشما تي مئو ته اڳرُ نگرُ متس لُٽائي ڇڏيائين“. انهيءَ مثال ۾ ’مرڻ‘ فعل جو مطلب آهي. فدا ٿيڻ، موهِتُ ٿيڻ. اِن ڪري اهو به هڪ محاوري جو استعمال آهي.

(3) ٻهاڪو نثري جملي، گفتگو، سوال جواب، بيت وغيره جي صورت ۾ به ٿي سگهي ٿو، پر محاورو پنهنجي اصلي شڪل ۾ گهٽ ڪري مصدر ۾ ختم ٿيندو آهي. جيئن ته:

- پيءُ سندس پيهوُن ڪُتيون، ڏاڏي مندس ڏاٽا،
اڳي پڇيائون تي ذات پات، هاڻي پڇن ٿا ناٽا.
- ’گڏ‘! چي ’جيءُ سڏ‘.

پر ’وات ۾ مُگ پوڻ،‘ ’ٻانهون ڏگهيون هئڻ‘ محاورا آهن، جيڪي جملي ۾ ڪتب اچڻ کان اڳ پنهنجي اصلوڪي شڪل ۾ مصدر ۾ ختم ٿي وڃن ٿا.

(4) بيان ۾ ٻهاڪو ڪنهن ڳالهه جي پنيرائي يا رد لاءِ هڪ مثال وانگر جدا ايڪي جي شڪل ۾ استعمال ٿيندو آهي. پر ٻئي طرف محاورو جملي جي بيهڪ ۾ جدا جدا شڪلين ۾ ڪتب ايندو آهي. جيئن ته:

ٻهاڪو: انگريز هندستان ۾ آيا واپاري بڻجي، پر هندستانين جي ڦوٽ جو فائدو وٺي هتي حاڪم بڻجي ويٺا. ”آئي ٽانڊي کي، ٻورچياڻي ٿي ويٺي.“

محاورو: پيٽ تي لت ڏيڻ (روزگار کسڻ، ڪمائي کسڻ). اِهو محاورو جڏهن ڪنهن جملي ۾ استعمال ڪبو ته اِهو جدا جدا روپ اختيار ڪري سگهي ٿو. جيئن ته:

- پيٽ تي لت ڏنائينس.
- هِن جي پيٽ تي لت نه ڏي.

- هو تنهنجي پيٽ تي لت ڏيندو.
- ڪنهن غريب جي پيٽ تي لت چوٿا ڏيو؟

(5) پهاڪا، بيان ۾ ڪتب نہ اچڻ تي بہ پنهنجي ليکي پوري معنيٰ جو اظهار ڪندا آهن. ٻئي طرف، محاورا گهڻو ڪري بيان ۾ استعمال ٿيڻ بعد پنهنجي گهربل معنيٰ ظاهر ڪن ٿا. جيئن تہ: گڏھ (بيوقوف، مورک)، مرڻ (فدا ٿيڻ) وغيره جڏهن بيان ۾ ڪتب آڻبا، تڏهن اُنهيءَ جي حوالي سان ٻڌائي سگهبو تہ اِهي لفظ لفظي معنيٰ ۾ آهن يا اُنهن جي اصطلاحي معنيٰ گهربل آهي.

(6) پهاڪا گهڻو ڪري سياڻپ جا سُخن ۽ نصيحت ڀريا گُفتا آهن، جيڪي اِنسان جي زندگيءَ جي رهنمائي ڪن ٿا. ٻئي طرف، محاورا فقط ڪنهن ڪم جي هئڻ، ٿيڻ وغيره جو نرالي ۽ اثرائتي نموني بيان ڪن ٿا. اُنهن جو گهڻو واسطو ٻوليءَ جي عبارت سان آهي.

(7) ورجيس بہ محاوري وانگر جملي جو هڪ جزو هوندو آهي، پر اُها لفظي معنيٰ ۾ ڪتب ايندي آهي. جيئن تہ: ماستر موهن کان سوال پڇيو تہ هو اهڙو ڪُڇي جهڙو پٽ. ورجيس چوڻيءَ جي وڌيڪ نزديڪ آهي، پر اُها لفظي معنيٰ ۾ ڪتب ايندي آهي. مثال طور: سوڪ جي ڪري ستايل ماڻهن کي مدد ڪرڻي اٿيئي تہ اُن ۾ دير نہ وجهہ. ”ترت دان، مها پُڄ“.* هتي ’ترت..... پُڄ‘ هڪ چوڻي آهي.

(8) سنڌي ٻوليءَ ۾ عام طور پهاڪي ۽ چوڻيءَ جي وچ ۾ تفاوت نہ لکيو ويندو آهي، پر باريڪ نظر سان ڏسجي تہ چاهي ٻئي پورا جملا آهن، پر پهاڪو اکري لفظي معنيٰ ۾ نٿي ڪتب ايندو آهي.

✡

* وڏي خير جو ڪم.

3

# پهاڪن جو جنم، اوسر ۽ ورهاست

### 3.1 پهاڪن جو جنم:

ڪنهن ٻوليءَ جا پهاڪا اُن جي قديم ادب کان به آڳاٽا ٿين ٿا. ٻوليءَ جي پيدائش جي تاريخ تي لکي سگهون ٿا، پر پهاڪا ڪڏهن ۽ ڪيئن نهيا، اِهو چوڻ سولو نه آهي. سچ پچ پهاڪن جي تاريخ اوتري ئي پراڻي آهي، جيتري 'واڻي' يا ٻوليءَ جي تاريخ "ڇاندوگيه اُپنشد" ۾ برهم رشي سنت ڪمار چيو آهي ته: "انسان جي زندگيءَ ۾ واڻيءَ جي اُهائي اهميت آهي، جيڪا خود اُپائڻهار جي ايترو ئي واڻيءَ جي تاريخ به اُپائڻهار وانگر ازل کان آهي." اِنهيءَ ريت، پهاڪا به ازل کان وجود ۾ آهن. ٻوليءَ جي آسمان ۾ پهاڪا نکٽن ۽ گرهن جيان، سوين سالن کان پنهنجي روشنيءَ ڪي ڦهلائي پنهنجي نرالي ۽ انوکي هستي قائم رکندا آيا آهن.

پهاڪن جي پيدائش جي جاچ گهڻو ڪري نه ٿي رهي. پهاڪا ڪنهن خاص واقعي يا زندگيءَ ۾ ٿيڻ وارن آموزدن تي ٻڌل ڪنهن شخص جا نجي سخن هجن ٿا، جيڪي سهڻي اظهار جي ڪري وقت گذرندي عام ماڻهن ۾ قبول ٿين ٿا. اهڙا سُخن عام ماڻهن ۾ مشهور ٿي پهاڪي جي شڪل اختيار ڪري ماڻهن جي ملڪيت بڻجي پون ٿا. اِنهيءَ سان هڪ ڳالهه چٽي ٿئي ٿي ته ڪوبه سُخن، گفتو يا ڪٿ پنهنجي رچيندڙ جي ڪري نه، لوڪ پسنديءِ سببان پهاڪي جو روپ وٺي ٿي. پهاڪي نهڻ جي طريقي/ قدرت ۾ اُن جي رچيندڙ جي ڪابه افاديت نظر نه ٿي اچي. جنهن ڪري پهاڪن جي پيدائش جي پوري جاچ نه هوندي آهي. ڊاڪٽر ششي شيکر تِواري پهاڪي جي پيدائش واسطي ٻن ڳالهين جو هئڻ ضروري ٻڌايو آهي. "(1) پهاڪي جو ڪنهن شخص جي خيال جي شڪل ۾ وجود ۾ اچڻ، (2) هن جو عام ماڻهن پاران قبول ٿيڻ."*

* تِواري، ششي شيکر، ڀوجپُري لوڪوڪِتيان. بهار راشٽر ڀاشا پريشد، پٽنا، 1970ع، ص، 9.

### 3.2 پهاڪن جي جنم جي ترتيب:

پهاڪا ڪنهن هڪ شخص، سماج يا ملڪ جي ملڪيت نہ آهن. اهي تہ سڄي دنيا جي انسانن جي گهڙيل ملڪيت آهي. پهاڪن جي پيدائش جي ترتيب ۾ سيني پنهنجي زندگيءَ جي آزمودن جي آڌار تي مدد ڪئي آهي. هرهڪ ٻوليءَ جي پهاڪن ۾ انساني ذاتين، رهني ڪهڻي، عقيدن، يقين ۽ تصور جي گهري ڇاپ ملي ٿي.

ڊاڪٽر ڪنهيا لال ساحل جي ويچار ۾، "ڪوبہ پهاڪو ڪنهن ريت جنم وٺندو هوندو، اِن بابت اسان ڪجهہ تصور ڪري سگهون ٿا." سيني پهاڪن جي پنيان ڪونہ ڪو واقعو هجڻ ضروري نہ آهي. يا ڪو واقعو هوندو بہ، تہ اِنهيءَ ڳالهہ جو رُڳو تصور ئي ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن پهاڪي جي پنيان رُڳي هڪ ئي گهٽنا يا واقعو هوندو، اِهو پڪيءَ طرح نہ ٿو چئي سگهجي. اِن ويچار کي سمجهڻ لاءِ ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

- غريب جي جوءِ، جڳ جي ڀاڄائي.
- غريب جو پيٽڙيو ڪونہ ٿئي، شاهوڪار جا سالا بہ گهڻا.
- غريب جو واهي الله.
- غريب چوي مان ڇا ڪان، شاهوڪار چوي مان ڇا سان ڪان؟

مٿي ڏنل پهاڪا زندگيءَ جي سچائي ۽ غريبيءَ جي مسئلي تي ٻڌل آهن. غريبي هڪ اهڙو سماجي مسئلو آهي جنهن سان اڪثر هرڪو شخص ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ روبرو ٿئي ٿو. جڏهن کان ماڻهو مهذب ٿيو آهي ۽ هُن پئسي جي اهميت کي سڃاتو آهي، تڏهن کان غريبي ۽ اميريءَ جو تجربو ماڻهوءَ کي ٿيندو رهيو آهي، جيڪو اَڄ تائين قائم آهي. سماج ۾ اميري ۽ غريبيءَ جي ڪاهي ڏاڍي پراڻي ۽ وڏي آهي. شاهوڪار کي سماج ۾ مانُ ۽ عزت ملي ٿي. چاهي هوُ ڪيترو بہ خراب ماڻهو ڇونہ هجي. پر ٻئي طرف غريب چاهي ڪيترو ئي سچو ۽ ايماندار ڇونہ هجي، اُن کي سماج ۾ ايتري عزت نہ ٿي ملي. جڏهن بہ ڪنهن شاهوڪار کي ڪوبہ ڪم پوي ٿو تہ هوُ چوي ٿو، "فلاڻي (غريب) جي جوءِ کي گهُرائي وٺجو. هوءَ اچي ڪم ۾ هٿ

ونائيندي ۽ پورو ڪندي." ويچاري غريب جي جوءِ آهي، جهٽ اُچڻ لاءِ تيار به ٿي ويندي، پر جيڪڏهن اُن ئي ڪم لاءِ ڪنهن شاهوڪار جي جوءِ کي چئجي ته ڇا هوءِ تيار ٿيندي؟ نه، ڪڏهن به نه. ڇاڪاڻ ته شاهوڪار جي جوءِ کي پئسو هئڻ ڪري اُنهن حالتن جو منهن نه ٿو ڏسڻو پوي جن حالتن ۾ غريب ماڻهو پنهنجي زندگي گذارين ٿا.

عام ماڻهن جي اهڙن آزمودن جي آڌار تي سُخنن ۽ گُفتن جو بنياد پوي ٿو، جيڪي آهستي آهستي عام ماڻهن ۾ عام ٿي پهاڪن جي شڪل اختيار ڪن ٿا. اِن جو هڪ ٻيو مثال هن ريت آهي:

شروعات کان اِنسانن جو واسطو الڳ الڳ جانورن سان ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ رهيو آهي. تاريخي روايتن موجب، اِنسان ڪنهن زماني ۾ پاڻ به جانورن مثال هوندو هو. اِنهيءَ ڪري جانورن جي رهڻي ڪهڻي، رنگ- روپ ۽ کائڻ پيئڻ جي ڍنگ کي ڏسي انسانن کي جيڪي آزمودا ٿيا، اُنهن مان ڪجهه پهاڪا ٺهي ويا، جن مان ڪجهه هن ريت آهن:

- هرڻي اڳيئي نچڻي، ويتر پيس گهنڊڙي.
- ڪُئي لڏي هڏ ڳڙي، ڇي مان به پساري.
- سهي ٿنگون ٿي، چوٽين ٺهي ئي ڪان.
- ناٿو ڏجي آڪرو، گيهُ چو رنجي ٻاڪرو.
- ڪاتري نه ڪڙڪاءِ، نوريئڙو جاڳئي ٿو.

مٿي ڏنل پهاڪن مان آخري پهاڪو هڪ آکاڻيءَ تي ٺهيل آهي، جنهن موجب هڪ ڏائڻ هڪ نوريئڙي کي شام جي وقت ريجهائي پنهنجو ياڻيجو ٻڌائي پاڻ سان گڏ پنهنجي گهر وٺي آئي. ڏائڻ جو ارادو هو ته رات جو نوريئڙي کي ماري کائي ڇڏي. نوريئڙو ڏائڻ جي ڳالهين ۾ اچي ته ويو، پر جڏهن هو ڏائڻ جي گهر پهتو ته کيس ڏائڻ جي مقصد جي معلومات ٿي ويئي. سڄي رات نوريئڙي ننڊ نه ڪئي ۽ جاڳندو رهيو. ڏائڻ رات جو ٽي دفعا اُٿي ۽ ڪاتي تيز ڪرڻ لڳي، پر نوريئڙي هر وقت چتاءُ پئي ڪيس، "ڪاتري نه ڪڙڪاءِ، نوريئڙو جاڳئي ٿو." ٻئي صبح جو اُهو نوريئڙو صحيح سلامت ڏائڻ جي گهر مان ڀڄي نڪتو.

هيءَ چوٽي اهڙي وقت ڪم ايندي آهي جڏهن هڪ ڏُر پنهنجي دشمن ڏرُ کي آگاهه ڪندي رهندي آهي ته اوهين پلي تياري ڪندا رهو پر اسين به پهري تي سجاڳ آهيون. يا وقتي مائٽ ڪنهن ننڍي ٻار کي گهر ۾ سمُهاري پاڻ ٻاهر ويندا آهن، پر جي ٻار سجاڳ هوندو ته مائٽن جي پٺيان چنبڙي پوندو، اُتي پڻ چوندا آهن ته، ”ڪاتري نه ڪڙڪاءِ، نوريئڙو جاڳئي ٿو.“ مطلب ته ٻار جاڳيل آهي ۽ ان ڪان پاسو ڪري نڪري وڃڻ ڏکيو آهي.

اِنهن مثالن مان ظاهر آهي ته پهاڪن جي پيدائش جو عمل نديءَ جي پاڻيءَ مثل هلندڙ عمل آهي. جيڪو عام ماڻهن جي شخصي آزمودن تي، آکاڻين تي، واقعن وغيره تي ٻڌل آهي. اهو عمل جيستائين انسان جي تصور ڪرڻ جي قوت قائم آهي، تيستائين هلندو رهندو. اِن جي شروعات ڪنهن هڪ واقعي سان ٿئي ٿي. پر پوءِ اُها عام ماڻهن ۾ پسند پوڻ ڪري سڄي سماج جي گڏيل ملڪيت بڻجي پوي ٿي.

### 3.3 پهاڪن جي پيدائش جا مکيه آڌار:

پهاڪن جي سرجڻ جا ڪجهه نه ڪجهه آڌار آهن. جيس اي. ڪيلسو نالي هڪ عالم پهاڪن جي جنم جا ٽي سرچشما ٻڌايا آهن، جيڪي هن ريت آهن:

- واقعا
- پروليون
- لوڪ ڪهاڻيون

پر ڊاڪٽر شَشي شيکر تِواريءَ ۽ جيمس اي. ڪيلسو جي ويچارن سان شامل راءِ ٿيندي چيو آهي ته ڪيلسو صاحب هڪ خاص چوڻون سرچشمو ڀُلجي ويو آهي، سو آهي- مشهور سگهڙن جا ٻول. ڊاڪٽر شيشي شيکر تِواريءَ اڳتي هلي وري واقعن کي 'عام' ۽ 'سياسي' ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي. انهيءَ ڏس ۾ راجستاني چوَڻين جي اوکِ ڊوک ڪرڻ واري مشهور عالم ڊاڪٽر ڪنهيا لال 'سهل' پهاڪن جي پيدائش جا ٽي مکيه بنياد ٻڌايا آهن، جيڪي هن ريت آهن:

- لوڪ ڪٿائون
- سياسي واقعا
- پراڳيه وچن (سياڻن جا قول يا ٻول)

اردو ادب جي عالم ڊاڪٽر يونس اگاسڪر هن موضوع جو اڃا به وڌيڪ خلاصو ڪندي، پهاڪن جي جنم جا هيٺ ڏنل مکيه آڌار ڄاڻايا آهن:

- سماجي زندگي
- نفسياتي ردِ عمل (منو وگيانڪ پرڪريا)
- انساني تجربا
- فلسفياڻا خيال
- نصيحت
- تواريخي واقعا
- لوڪ ڪهاڻيون
- ڪل يوڳ
- نفرت ۽ انتقام

سنڌي ادب جي ميدان جي مشهور لسانيات جي ماهر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پڻ پهاڪن جي جنم جا اڳتي ڏنل بنياد ٻڌايا آهن:

- لوڪ ڪٿائون
- تاريخي شخصيتون، واقعا ۽ حالتون
- سياڻن جا سُخن ۽ نصيحت آميز نُڪتا
- اِنساني جذبن جو ردِ عمل.
- پروليون ۽ ٻول
- جدا جدا ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر.

پهاڪن جي جنم جا عالمن پاران مٿي ڏنل جيڪي سبب آهن، اُنهن سڀني ۾ گهڻي قدر هڪجهڙائي ملي ٿي. ڪن عالمن ننڍين شاخن کي گڏي هڪ وڏي وڻ جي شڪل ۾ پيش ڪيو آهي ته وري ڪن ٻين عالمن انهن ئي شاخن کي هڪ باغيچي ۾ ٽڙندڙ الڳ الڳ قسمن جي گلن جي شڪل ۾ پيش ڪيو آهي. ان طرح چئي سگهجي ٿو ته سڀني عالمن پاران ڏنل پهاڪن جي پيدائش جي بنياد ۾ مشابهت آهي.

جيترٽيڪ مان مٿي ڄاڻايل عالمن جي راين سان شامل راءِ آهيان، تنهن هوندي به منهنجي ويچار ۾ ٻهاڪن جي جنم جا مکيه ٻه آڌار آهن. (1) ماحولياتي بنياد يا ڪنهن لساني علائقي جو قدرتي ماحول، (2) ثقافتي آڌار. ڪنهن به ثقافت جي ابتدا ۽ ارتقا ۾ قدرتي حالتن جو وڏو هٿ هوندو آهي. ثقافت جي اندر اُنهيءَ سماج جون سڀ خاصيتون سمايل هونديون آهن.

**(1) ماحولياتي آڌار:**

هرهڪ ٻوليءَ ۾ گهڻن ئي ٻهاڪن جو جنم، ان ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جي آسپاس واري ماحول ۽ وايومنڊل جي بنياد تي هوندو آهي. هن ڪي اجا به چٽو ڪي چئجي ته جاگرافيائي حالتون، رسم و رواج، پاڻي، هوا، موسم، خاص جڳهه، سنگت وغيره جي ڪري به ڪيترن ئي ٻهاڪن جو جنم ٿيندو آهي. بنگلا، اُڙيا، ملايالم ٻولي ڳالهائيندڙن جا علائقا سمنڊ جي پاسي ۾ هئڻ ڪري اُهي ماڻهو پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ کاڌي پيتي لاءِ مڇيءَ جو استعمال گهڻي تعداد ۾ ڪندا آهن. انهيءَ ڪري 'مڇي' لفظ جو استعمال هن ٻوليءَ جي ٻهاڪن ۾ گهڻو ملي ٿو. جيئن ته بنگالي ٻوليءَ جي چوڻي هن ريت آهي:

- آرانڌ نير هاتي پڙي ڪئي ماچ ڪاندي،
  نا جاني رانڌني موري ڪيمن ڪ ري رانڌي؟

يعني اناڙي ٻورچيءَ جي هٿ ۾ وڃي روهوُ مڇي روئي ٿي ته الائجي هيءُ ٻورچي مون کي ڪيئن رڌيندو؟

ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ اُٺن جو تعداد وڌيڪ هئڻ جي ڪري سنڌي ٻهاڪن جي پيدائش تي اٺن جي عادت، انهن جي ڪائڻ جي ڍنگ، هلت چلت، وغيره جو چڱو اثر پيو آهي. جيئن ته:

- اُٺ جو نخرو ڪجائي جو زيانُ.
- اُٺ آهي بيابان جو ٻيڙو.
- اُٺ پنهنجي مُٺ ۾ پيو ترڪي.
- اُٺ پوڙهو ٿيو ته به مُتڻ نه سکيو.
- اُٺ هميشه مَکي ڏانهن وَري.

جيتوڻيڪ اهي پهاڪا اُنن بابت آهن، پر اِنهن ۾ لڪيل ۽ ڳُجهي معنيٰ انسان جي وهنوار طرف به اشارو ڪري ٿي.

جتي اسين رهون ٿا، اُن علائقي جي تهذيب جو اسان جي ذهن تي اثر هئڻ لازمي آهي، پر انسان رڳو ايتري ۾ خوش نہ آهي. ان کي ٻين جي رهائشگاهن ۾ مين- ميک ڪڍڻ ۾ مزو ايندو آهي. هُو اُهُر جيتري ننڍي ننڍي ڳالهہ کي بہ جبل جيان ٺاهي، ٻين هنڌن جي پنهنجي ڳوٺ سان مشابهت ڏيکاريندي. اُنهن کي گهٽ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ٻين صوبن يا علائقن جا ماڻهو سندس اڳيان هميشہ خسيس لڳندا آهن. اِنهيءَ پنهنجي رهڻ واري هنڌ لاءِ پنهنجپائيءَ جي احساس جي بنياد تي بہ ڪجهہ پهاڪن جو جنم ٿيو آهي. جيئن تہ تامل ٻولي ڳالهائيندڙ اُتر ڀارت ۾ رهندڙ لاءِ چا ٿا سوچين:

- تڙ ڪشِتيانئِيُم ويِٽ وِليئِيُم ننبل آگاڌُ (تمِل)

(يعني): اُتر وارا ۽ پيٽَ جي سُور، ٻنهيءَ تي ڀروسو نہ ڪجي)

انهيءَ طرح سنسڪرت ٻوليءَ جي هيءَ طنز ڏسو:

- ٻالو اَپي چورهہ، سٿورو اَپي چورهہ:
سما گتهہ پِراڌُ ڏِڪر اَپي چورهہ:
دلي پرديش، مَٿُرا پرديش،
چورن وِنا نہ پِرَسَوَنتي ڀاريا.

(يعني: دهلي ۽ مٿرا ۾ ٻار بہ چور ٿيندا آهن ۽ ٻُڍا بہ چور ٿيندا آهن. مهمان بہ چور آهن. دهلي ۽ مٿرا جي علائقن ۾ مائرون چورن کان سواءِ ٻيو ڪنهن کي بہ جنم نہ ڏينديون آهن) دهلي ۽ مٿرا جي رهاڪن جي ڪردار تي هيءُ ڪيڏو نہ وڏو حملو آهي. هندي ٻوليءَ ۾ مٿرا جي باري ۾ هڪ ٻي چوڻي بہ مشهور آهي:

- مٿرا ڪي پيڙي جو ڪائي وو پڇتائي،
جو نہ ڪائي وو ڀي پڇتائي.

انهيءَ طرح ڪاشيءَ جي باري ۾ هڪ چوڻي مشهور آهي:

- راند ساند سِيڙي سنياسي،
اِن سي بچي تو سيوي ڪاشي.

(ڪاشيءَ جي شهر ۾ وئشيائون گهڻي تعداد ۾ آهن. ساڳيءَ طرح اُتي سوڙهين گهٽين ۾ سانَ، ڍڳا وغيره گهمندا رهن ٿا. ڪاشيءَ ۽ گنگا جي گهاٽن تي گهڻي ئي ڌاڪا آهن، جن تان پير ترڪي وڃڻ جو امڪان هوندو آهي. ساڳيءَ طرح گهاٽن تي سادو سنياسي بہ گهڻي تعداد ۾ آهن، جيڪي اڪثر زيارتين کي ڦُريندا آهن يا اُنهن کان خيرات گهُري کين پريشان ڪندا آهن. اِنهن کان جيڪو بچي هلي اهو ئي ڪاشيءَ ۾ رهڻ جو مزو ماڻي سگهندو.)

سنڌيءَ ۾ بہ انهيءَ قسم جا گهڻائي مثال ملن ٿا، جن ۾ جدا جدا علائقن جي رهاڪن تي ٺوڪبازي ڪيل آهي يا اُتي جي علائقائي خاصيتن طرف اشارو آهي. جيئن تہ:

- شڪارپوري، نيت بُري؛ ٻولن ٻاجهري، ڏين ٻُري.
- سيوهاڻي چريا پتر ڍوئين گهر ڏي.
- ڪڇُ ڦُريو جوڳين، سنڌ ڦُري نوڳين.
- پنجابي ايڪ تہ ڏُون ڪر ڏيڪ.
پنجابي ايڪ تہ، ڏون تہ جُهڳائي جُهون.
- لاڙ جو پڙهيو، سِري جو ڍڳو.

(2) ثقافتي آڌار:

پهاڪي جي جنم جو پيو مکيہ بنياد آهي ثقافت ۽ سڀيتا. انهيءَ ۾ سماجي سرشتو، ذات پات، انڌو اعتقاد، اقتصادي حالتون، سماج ۾ جدا جدا فرقا، ڪاڌو پيتو، ريتيون رسمون، جيون درشن، وغيره سڀ شامل آهن. مثال طور:

- جِنهو نہ وسهو، وِسهو تہ مُسهو.
(يعني جِنَّ تي ويساهہ نہ ڪجي، جيڪڏهن ڪبو تہ ڦاسبو.)
- شينهن نہ ڏيکيا، ڏيک ٻلاڙا،
چور نہ ڏيکيا، ڏيک سونارا. (مطلب تہ سونارو سون چورائڻ کان ڪڏهن نہ ٽرندو)
- واڻيو آهي اَٽي جو ڏيئو،
اندر ڪائينس ڪوئا، ٻاهر ڪائينس ڪانوَ.

- ڏياريءَ جو ڏيئو ڏٺو،
ننڍو وڏو چيڙ مٺو.
- آهي تہ عيد نہ تہ روزو.
- سيد ۽ سپاهي، تن کان رکج يا اِلاهي.
- اَڌ کي ڇڏي جو سڄي ڏي ڊوڙي تنهن جو اڌ بہ وڃي.
- انسان خطا جو گهر آهي.

ثقافتي بنياد تي جيڪي پهاڪا ٺهيا آهن، اُنهن جو دائرو تمام وسيع آهي. اُن ۾ ڪنهن لساني سماج جو سمورو جيون ۽ سوچ ويچار سمايل آهي. اِن ڪري اهڙن پهاڪن کي ننڍن ننڍن گروهن ۾ موضوع مطابق ورهائي سمجهايو ويندو آهي. موضوع موجب پهاڪن جي جنم جا ٻيا مکيہ بنياد هن ريت آهن:

- لوڪ ڪهاڻيون
- ٻارن جون آکاڻيون
- تاريخي شخصيتون، وارداتون ۽ حالتون
- سياڻن جا سخن ۽ قول
- انساني جذبات جو ردِعمل
- پروليون ۽ ٻول
- لساني وراثت
- ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر ۽ ڏي وٺ.

(1) لوڪ ڪهاڻيون:

گهڻئي پهاڪا لوڪ ڪهاڻين تي ٺهيل هوندا آهن. سنڌيءَ جي مشهور لوڪ ڪهاڻين تي بہ گهڻيئي پهاڪا ملن ٿا. جيئن تہ:

- ميهار مينهن کان نڪتو، تہ وڃُن ڪهڙي پارت.

(هيءُ پهاڪو سُهڻي ميهار جي لوڪ ڪهاڻيءَ تي ٻيٺل آهي. اِن جو مطلب آهي تہ ميهار جيڪڏهن مينهن تان هٿ ڪنيو تہ پوءِ انهن جي وڇڙن جي سنڀال لاءِ ڪنهن کي پارت چو ڪندو؟)

- عمر وني وني مارئي وڻندو، ٿر تہ ڪونہ ٿيليندو.

(هيءُ پهاڪو عمر مارئيءَ جي لوڪ ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي. اِن جو مطلب آهي ته عمر جيڪڏهن مارئي تي موهت ٿيو ته هو ڪيس پڄائي ڪڻي ويندو، ان لاءِ هو سڄي ٿر علائقي کي ناس نه ڪندو.)

- واڪا ڪرڻ مون وسُ، ٻُڌڻ ڪم ٻروچ جو.

(هي پهاڪو سسئي پنهون جي لوڪ ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي. اِن جو مطلب آهي ته اِنسان پنهنجي ڪوشش ڪندو رهندو. اُن جو ڦل ڪيس ملندو يا نه، تنهن جي خاطري نه آهي.)

(2) ٻارن جون آکاڻيون:

- گدڙ ڊاک نه پُڄي، آکي ٿُو کٽا.

(هيءُ پهاڪو مشهور آکاڻيءَ تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ گدڙ ڊاک جي مُنهن مان ڊاک ڇني نه سگهيو، ته پوءِ چوڻ لڳو ته مون کي اها ڊاک نه کپي ڇاڪاڻ ته اِها کٽي آهي.)

- اُها ڪڪڙ ئي مري ويئي، جيڪا سونا آنا ڏيندي هئي.

(هيءُ پهاڪو اُن آکاڻيءَ تي آهي، جنهن ۾ هڪ ٻُڍي مائيءَ وٽ هڪ ڪُڪڙ هوندي هئي، جيڪا کيس هر روز هڪ سونو آنو ڏيندي هئي. هڪ ڏينهن اُن مائيءَ جي من ۾ لالچ پيدا ٿي ته مان ڪڪڙ کي ماري سڀ آنا هڪ ئي ڏينهن هٿ ڪريان. پوءِ هُن ڪاتيءَ ڪڻي ڪُڪڙ کي ڪُنو ته منجهانئس کيس هڪ به آنو حاصل نه ٿيو. اِن تي هوءَ گهڻو پڇتائڻ لڳي ته مون ناحق لالچ ڪري هن ڪڪڙ کي ماريو.)

(3) تاريخي شخصيتون، وارداتون ۽ حالتون:

سنڌيءَ ۾ اهڙا به ڪجهه پهاڪا ملن ٿا، جن جو بنياد ڪي خاص تاريخي شخصيتون يا واقعا آهن. مثال طور:

- ڪنن جي ڳالهين ميرُ بجار مارايو.

(هن پهاڪي جو مطلب آهي ته لِڪيُپ ۾ سُس پُس ڪرڻ مان خراب نتيجا نڪرن ٿا. هن پهاڪي جو بنياد ارڙهين صديءَ جي هڪ واردات آهي، جنهن ۾ مير بجار خان ٽالپر کي ٻن راجپوتن قتل ڪيو هو.)

- پارسي گهوڙي چاڙسي.

يا

- پڙهي پارسي وِڪڻي ڪڻُ تيل، ڏسو هي قسمت جو کيل.

(هي ٻئي پهاڪا سنڌ جي تاريخ ۾ اُنهيءَ دؤر ڏانهن اشارو ڪن ٿا، جڏهن پارسي ٻوليءَ جو ٻول ٻولا هو. ماڻهو پارسي پڙهي وڏن سرڪاري عهدن تي پهچندا هئا.)

**(4) سياڻن جا سُخن ۽ قول:**

سياڻن ۽ عالمن جا چيل سُخن ۽ نصيحت ڀريا قول بہ گهڻن پهاڪن کي جنم ڏين ٿا. جيئن تہ:

- ڏک هڻ ڏيءُ کي تہ سِکي نوُنهن.
- ننهن سان ڇڄي تہ ڪاتي ڇو وجهجي؟
- سنگ تاري، ڪُسنگ ٻوڙي.
- گهڻن هٿين ڇپر ڪڄي.
- انسان خطا جو گهر آهي.

**(5) اِنساني جذبن جو ردِعمل:**

انسان هڪ سماجي جناور آهي. سماج ۾ رهندي هو ٻين سان لهہ وچڙ ۾ اچي ٿو. هُن جي من ۾ سڪ، پريم، نفرت، دشمني، کل مذاق، ٽوڪ بازي، وغيره جا جذبا الڳ الڳ وقتن تي پيدا ٿين ٿا. اِنهن جي آثار تي بہ گهڻن ئي پهاڪن جو جنم ٿيو آهي. جيئن تہ:

- شيرو ٻلو شاهہ جو، نہ پيءُ جو نہ ماءُ جو.
- ٻندرو شيطانُ.
- ٻنيهہ منڊ منڊي ۾، آسي ۾ ڪاٺو.
- جڏهن گنجو ساماڻو تہ سيني ڪٽي ماٺ ڪئي.
- ڪر چگائي چٽ سان، تہ ڦيري هٽي پٽ سان.
- ديوارن جو دُم، دمڙيءَ جي دال تي.
- لوُلي ڇِتي ڪتڻ ڪان، نچڻ لڳيس ٻار.

**(6) پروليون ۽ ٻول:**

سنڌيءَ ۾ گهڻيئي پهاڪا ۽ چوڻيون آهن، جن جو جنم پروليون ۽ سُگهڙن جي ٻولن مان ٿيو آهي. مثال طور: ڪنهن سگهڙ جو هيٺ ڏنل ٻول ڏسو:

- ڳئون ۽ مينهن ويني ڏيي، ٻيني ڏيي اُٺ،

جهڙو لڳي واءُ، تهڙي ڏجي پُٺ.

هن ٻول جي آخري سٽ سنڌيءَ ۾ پهاڪي جي شڪل ۾ مشهور آهي. ساڳيءَ طرح هيٺ ڏنل سِٽون ٻہ سگهڙن جا ٻول آهن، جن کي ٻوليءَ ۾ پهاڪن جو درجو مليو آهي.

- انڌو ۽ اَٽسوُنهون ٻئي هڪ آچار.
- حاڪم، ٻاهہ ۽ پاڻي، اهي ٽيئي گهڻ نہ ڄاڻ.
- هڪ انڌو، ٻيو پوڙهو، ٽيون ٻوڙو، چوٿون ڀار،
  پنجون بيمار، اهي پنجئي بيمار.
- ڪاچ ڪٽورو، گيهہ گهڙو، موتي ۽ من، ڀڳا وري نہ ٺهن.

(7) لساني وراثت:

اسان جي سنڌي ٻولي سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اَپڀرش منزلون طئہ ڪري پنهنجون هاڻوڪي شڪل اختيار ڪئي آهي. اِن ڪري سياويڪ آهي تہ اُنهن آڳاٽين ٻولين مان ورثي ۾ گهڻيئي پهاڪا ۽ چوڻيون حاصل ڪيون هجن. اِها ڳالهہ سيني هاڻوڪين ڀارت جي آريائي ٻولين سان لاڳو ٿئي ٿي. هتي ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

- يٿا راجا تٿا پرجا.

(هيءَ سنسڪرت جي لوڪو ڪِت (پهاڪو) ساڳئي روپ ۾ سنڌيءَ ۾ مشهور آهي. (جهڙو راجا تهڙي پرجا*))

- لڙن سپاهي، نالو ٿئي سردار جو.

(اِن سان ڀيٽيو مهاڀارت جي هيءُ لوڪوڪِت- سيناپتوءِ نِشو گنتا، نہ تُ يوڌان ڪٿنچنَ. يعني: جُس سپهہ سالار کي ملندو آهي ۽ نہ ڪو لڙندڙ سپاهين کي.)

- هٿ جي ڪنگڻ کي آرسيءَ جو ڪهڙو ضرور؟

اِها ساڳي چوڻي اسان کي ساڄ شيکر جي ڪتاب 'ڪرپُور

---

* پرجا: رعيت، عوام.

مِنجريءَ ۾ بہ ملي ٿي. هٿ ڪنڪٽي ڪن ڏيٺوڻ ٽيڪ ڪِي. (1/18)

(8) ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر ۽ ڏي وٺ:

جدا جدا ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر پوڻ سُڀاوڪ آهي. اِن ڪري هرهڪ ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جا پهاڪا ساڳي شڪل ۾ يا ترجمي جي صورت ۾ مشهور ٿي وڃن ٿا. سنڌيءَ ۾ اهڙن پهاڪن جا مثال هن ريت آهن:

- ايڪ پنٿ دوڪاج. (هندي)
- ٻڙا کهاوڻ ٻڙا دک پاوڻ، ڇوٽي کا دک دور.
- آج هَمان، ڪل تَمان. (راجستاني)
- يڪ تندرستي، هزار نعمت (پارسي ۽ اردو)
- تڪڙ ڪم شيطان جو.

(اِها سنڌي چوڻي عربيءَ جي هن چوڻيءَ جو ترجمو آهي: التعزيل فعل الشيطان)

(هيءَ چوڻي فارسيءَ جي چوڻيءَ جو ترجمو آهي: دو برادر، سوم حساب.)

## 3.4 پهاڪن جي ارتقا:

پهاڪن جو استعمال روزاني زندگيءَ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ٿيندو آهي. هڪ شخص کان ٻئي شخص، هڪ نسل کان ٻئي نسل ۽ هڪ ٻوليءَ کان ٻي ٻوليءَ ۾ سفر ڪندي پهاڪا ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي لفظي بيهڪ توڙي معنيٰ ۾ بہ ڪي قدر تبديلي ڪري ڇڏين ٿا. پهاڪن جي بيهڪ ۾ اهڙي ڦيرگهير کي پهاڪن جو ارتقا چئجي ٿو.

پهاڪن جي ارتقا کي مکيہ طور ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، جيڪي هن ريت آهن:

- پهاڪن جي شڪل ۾ ارتقا
- پهاڪن جي معنيٰ ۾ ارتقا

(1) پهاڪن جي شڪل ۾ ارتقا:

انهيءَ جو مطلب آهي تہ پهاڪي جي روپ يعني اُن جي لفظن جي بيهڪ ۾ تبديلي اچڻ، جيڪا هيٺئين نموني نظر اچي ٿي:

(الف) ڪنهن هڪ لفظ جي تبديلي:

- ڪسيري جي ڪُتي، ٽڪي جا ڪائي ٽُڪر (يا نان).
- ڪاٺيءَ جي وهاڻ ۾ سنڪٽ (يا نِڪٽ) گهڻا.
- ٻڏيءَ ٻيڙيءَ جون هريڙون(يا لوهه) پليون.

(ب) هڪ ڪان وڌيڪ لفظن ۾ ڦيرگهير:

- لَڪيا لوهارن ڪي ٽِپرَ تي ٽاندا.

(لِڪيون لوهارن ڪي چڏن ۾ چِڻنگون)

- ٻن ٻيڙين ۾ جيڪو چڙهي، تنهن جون ٽنگون ڦاٽن.

(ٻن ٻيڙين ۾ جيڪو چڙهي، تنهن جا چڏا چيرجن.)

(ج) جملن يا لفظي ميڙن ۾ تبديلي:

- بخشيش سؤ سؤ، حساب جؤ جؤ.

(حساب جؤ جؤ، بخشيش سؤ سؤ)

- ڀيو سيءُ رهندو هِت، نيڪي نيندين پاڻ سين.

(نيڪي نيندين پاڻ سين، ڀيو سيءِ رهندو هِت)

(د) پهاڪي جي روپ ۾ تفصيل:

- ڏاڍي جي لٺِ ڪي ٻہ مٿا.

(ڏاڍي جي لٺ ڪي ٻہ مٿا، جيڏانهن ڦيرائي تيڏانهن صحيح.)

- اُپ ۾ ٽُڪ اُڇلائي، سو منهن ۾ پائي.

(جو اُپ ۾ ٽڪ اڇلائي، سو مُنهن ۾ پائي.
جيڪو هٿ ڪٺي وڏن ڏي، تنهن سان ههڙي ٿئي هاءِ.)

- واٽيو آهي اٽي جو ڏيئو.

(واٽيو آهي اٽي جو ڏيئو، اندر ڪائينس ڪُوئا تہ ٻاهر ڪائينس ڪانوَ.)

- اڌ ڪي چڏي سڄيءَ پنيان ڊُڪي، تَنهن جو اڌ بہ وڃي.

(اڌ ڪي چڏي سڄيءَ پُنيان ڊُڪي، تنهن کي سڄيءَ تہ نہ ملي، پر اڌ ڪاڻ بہ سِڪي.)

- ڀائر ڪرٽ جا ڪَنگر، پُٽ گهرجي سونهون.

(ڀائرُ ڪوٽ جا ڪَنگر، پَٽَ گهرجي سُونهون،
وينا ڪَنِ وِرونهن، ڏَجَڻُ ڏُوران ئي ڏري.)

(آخري مثال بابت اِن طرح بہ سمجهاڻي ڏيئي سگهجي ٿي تہ ڪڏهن سڄو بيت تہ ڪڏهن اُن جو فقط ڪو حصو پهاڪي جي روپ ۾ مشهور ٿي ويندو آهي.)

**(2) پهاڪن جي معنيٰ ۾ ارتقا:**

وهنواري زندگيءَ جي جدا جدا حالتن ۾ استعمال ڪرڻ تي ڪجهہ پهاڪا هڪ کان بہ وڌيڪ معنائون ظاهر ڪن ٿا. مثال طور: "ڪيتي سِرسيتي" يعني اُها ڪيتي سٺي پيدائش ڏيندي، جيڪا هاري پنهنجي سِر يا پاڻ محنت ڪري اُپائي ٿو. مطلب تہ جيڪڏهن اَن جي پوک جو ڪم ٻين کي ڏنو ويو، تہ پوءِ ممڪن آهي تہ انهن جي لاپرواهيءَ سببان فصل سُٺو نہ ٿئي. جيڪڏهن ڪيتيءَ ڪندي، اِهي لفظ هڪ هاري ٻئي کي چيا آهن تہ پوءِ اُتي هِن پهاڪي جي لفظي معنيٰ لاڳو ٿيندي، پر جيڪڏهن ڌنڌي واپار ۾ ڪو شخص پنهنجي فرض ادائي پوري طرح نٿو ڪري ۽ پنهنجو ڪم ٻئي کي ڏيئي ۽ پاڻ لاپرواهہ ٿي وڃي ٿو تہ اُن وقت ڪيس طنز ڪندي جيڪڏهن ڪنهن اِهي لفظ چيا آهن تہ پوءِ اتي ڪيتيءَ جو مطلب ڪرٻہ ڪم ڌنڌو يا واپار ڪٿبو. اِن حالت ۾ پهاڪي جو حاصل مطلب ٿيندو تہ ڪرٻہ ڪم سٺي نموني پورو تڏهن ٿيندو، جڏهن ماڻهو پاڻ ڌيان سان اهو ڪم ڪندو.

ساڳيءَ طرح "جهڙو وڻ، تهڙو ڦَرُ" جي لفظي معنيٰ آهي تہ جيڪڏهن وڻ سٺي جنس جو هوندو تہ اُن مان ڦل بہ سٺو ملندو، پر جيڪڏهن اُن وڻ جي جنس ئي خراب آهي تہ اُن مان سٺو ڦل حاصل ڪرڻ جي اميد رکڻ اجائي ڳالهہ آهي. وهنوار ۾ اِن جو اهو مطلب بہ نڪري ٿو تہ جنهن جو جهڙو بُڻ بنياد يا خاندان هوندو، تهڙوئي سندس سُڀاءُ ٿيندو.

هرهڪ ٻوليءَ ۾ ڏٺو ويو آهي تہ ڪيترائي پهاڪا هڪ کان وڌيڪ مطلب ظاهر ڪن ٿا. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن ٻڌندڙ ڪنهن پهاڪي جو صحيح مطلب نہ ٿو سمجهي تہ پوءِ هوُ اُن پهاڪي جو ٻيءَ معنيٰ ۾ استعمال ڪري ٿو ۽ وقت گذرندي اُن پهاڪي جو اصل مطلب بدلجي

وجي ٿو. مثال طور ”آپ نہ مريئي سُرڳ نہ جائيئي“. پهاڪي جي لفظي معنيٰ ڪٽي، روچيرام گجومل اُن جي سمجهاڻي لکي آهي. ’پاڻ‘ (آپ، آپو، خودي) مارڻ کان سواءِ، ماڻهو جنت ۾ وڃي نہ سگهندو.

Without the annihilation of self, one cannot go to heaven (A Hand Book of Sindhi Proverbs, 4th edition, 1935, p.2)

سترام داس ’سائل‘ بہ پنهنجي ڪتاب ’دُرن جي دٻليءَ‘ ۾ اِن پهاڪي جي معنيٰ ساڳئي نموني سمجهائي آهي. ”جيسين آپو يا خوديءَ جو انت نہ آڻبو، تيسين سچو آنند يا سُرڳ (جنت) وارو سُک نصيب نہ ٿيندو.“

پر رواجي استعمال ۾ اِن پهاڪي جو ٻيو مطلب نڪري ٿو تہ جيسيتائين پنهنجو پاڻ تڪليفون سهي پنهنجو ڪم نہ ڪندو، تيستائين اُهو ڪم صحيح نموني پورو نہ ٿيندو ۽ هو اُن جو صحيح آنند ماڻي نہ سگهندو. هندي ۽ ٻين ڪن ٻولين ۾ بہ اِنهيءَ معنيٰ کي ڌيان ۾ رکي ساڳئي طرح جو پهاڪو ملي ٿو. پولاناٿ تِواريءَ ”هندي کهاوت ڪوش“ ۾ پڻ اِن پهاڪي جو مطلب ڏيندي لکيو آهي. ”آپ مري بنان سوَرڳ نهي مِلتا“. (اپني ڪِئي بنان ڪوئي ڪام نهين هوتا.) (برهت هندي لوڪوڪت ڪوش، ص 123).

ڪڏهن ڪڏهن پهاڪي جي شڪل تبديل ٿيڻ ڪري، انهن جي معنيٰ ۾ ڦيرو اچي ويندو آهي. جيئن تہ:

- چريو تہ بہ گهر ڏي وريو.
- ڪو چريو، تہ بہ پتر اُجلي گهر ڏي.
- سيوهاڻو چريو، پتر ڊوئي گهر ڏي.

انهن پهاڪن تي ويچار ڪندي، موتي لال ٻناڻيءَ لکيو آهي تہ، اِنهن پهاڪن جي صحيح صورت آهي:

- سيوهاڻي چريو، پتر ڊوئي گهر ڏي.
- (يا سيوهاڻي چريو، تہ بہ پتر اُجلي گهر ڏي.)

مطلب تہ سيوهڻ سنڌ جا رهاڪو سنجم صرفي وارا آهن. هو زندگيءَ ۾ چاهي ڪيتري بہ ترقي ڪن تہ بہ ڪفايت کان ڪنارو نہ ڪندا آهن. رستي ويندي جيڪڏهن پتر بہ ڏسندا، تہ پنهنجي گهر وٺي رکندا، جيئن وقت تي اُهي سندن ڪم اچي سگهن.

اِنهن مثالن مان ظاهر آهي تہ نہ فقط پهاڪي جي صورت ۾، پر اُنهيءَ جي معنيٰ ۾ بہ تبديلي اچي ويندي آهي. ”گُل شَڪر“ نالي سنڌي پهاڪن جي اڳاٽي مجموعيءَ ۾ اُنهيءَ جي ليکڪ کيولرام سلامتراءِ آڏواڻي هرهڪ پهاڪي جي معنيٰ بہ سمجهائي آهي. ڪيترن پهاڪن جو مطلب سمجهائيندي هو اڪثر اُنهن ۾ ڪي نہ ڪي روحاني راز ۽ نصيحت آميز نڪتا بيان ڪري ٿو، پر اُن ۾ ڪيترائي پهاڪا اهڙا آهن جن جي مطلب جو روحاني رازن سان ڪوبہ واسطو نہ آهي. مثال طور:

”ٻہ ڳدرا هڪ ئي مُٺ ۾ نہ ماپن“ جو رواجي مطلب آهي تہ انسان هڪ ئي وقت ٻہ يا ٻن ڪان وڌيڪ مشڪل ڪم ڪري نہ سگهندو آهي، پر کيولرام سلامتراءِ اِن پهاڪي کي سمجهائيندي لکيو آهي تہ ”مطلب هي آهي تہ جو ماڻهو ڌڻيءَ کي ڳولي، سو جڏهن دنيا جي ڌنڌن کان پاڻ کي آجو رکي، تڏهن ڌڻيءَ ڏي مُهاڙ ٿئيس.“ يعني دنيا جو ڌنڌو ۽ ڌڻيءَ جي يادگيري، ٻہ ڪم گڏ پورا ٿيڻ اڻانگو ڪم آهي.

”آهاري، وهنواري، ٽيون گهوٽ مُهاري، لڄا ڪري تہ هاري“. اِن پهاڪي جو رواجي مطلب ايتروئي آهي تہ کاڌي- پيتي ۽ وهنوار ۾ ماڻهوءَ کي لڄ شرم نہ ڪرڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح، مهاري يعني شاديءَ بعد گهوٽ ڪنوار جي سمهڻ واري ڪمري ۾ بہ گهوٽ کي لڄ حياءُ ڪرڻ نہ کپي. اِنهن ٽنهي ڳالهين ۾ يا ڇنجي تہ ڌنڌي واپار ۽ وهنوار ۾ جيڪو ماڻهو حجاب ڪري ٿو، اهو نيٺ پاڻ کي ئي نقصان رسائيندو. پر کيولرام انهيءَ نصيحت کي ڇڪي روحاني مطلب سمجهائيندي لکي ٿو تہ، ”مطلب هيءُ آهي جو سياڻا چوندا آهن تہ لڄ چڱي آهي، پر اِنهن ٽنهي ڪمن ۾ لڄ ڪرڻ مورڳو گهاٽو آهي. تهڙيءَ ريت جيڪڏهن ڌڻيءَ جو ڳولهو پڻ سنسار جا حجاب نہ مڃيندو، تہ ڌڻيءَ کي حاصل نہ ٿيندو.“

هِتي اِنهيءَ ڳالهہ جو ڌيان رکڻ گهرجي، تہ ارتقا جي سلسلي ۾ جڏهن ڪنهن پهاڪي جي روپ يا معنيٰ ۾ تبديلي اچي وڃي ٿي تہ اُنهيءَ بدليل شڪل ۾ اُن پهاڪي کي غلط چوڻ ٺيڪ نہ آهي. اهڙيءَ حالت ۾ اِهو فيصلو ڏيڻ ٺيڪ ٿيندو، تہ اُهو ٻن يا وڌيڪ شڪلين يا

معنائن ۾ عام آهي. اِها ڳالهه به ممڪن آهي ته هڪ ئي پهاڪو الڳ الڳ علائقن ۾ ٿوري ڦير گهير سان واهپي ۾ اچي ٿو. اوسر جي دوران اڪثر اهو به نظر اچي ٿو ته ڪي پهاڪا وقت گذرندي، حالتن جي ڦيرڦار سببان يا ٻين ڪن ڪارڻن جي ڪري واهپي ۾ گهٽجندا وڃن ٿا. اُهي پوءِ فقط ٻوليءَ جي عجائب گهر ۾ جاءِ والارين ٿا ۽ وهنواري زندگيءَ ۾ اُنهن جو ايترو استعمال نٿو ٿئي. جيئن ته ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين ۾ اهڙن پهاڪن جو استعمال گهٽ ٿي ويو آهي، جن جو واسطو سنڌ جي ماحول، جاگرافيءَ ۽ آڳاٽين حالتن سان آهي. جيئن ته:

- وُنو ته ٿر، نه ته بر.
- گوُني سدا اونهي.
- لاڙ آهي ساڙ.

ٻوليءَ ۾ جيڪڏهن ڪي پهاڪا واهپي ۾ گهٽجي، نيٺ عام واهپي کان ٻاهر ٿي ٿا وڃن، ته ٻئي طرف موجوده حالتن مطابق، سرڪاري پاليسيءَ موجب جوڙيل نعرا "هم دو، هماري دو"، "ڇوٽا پريوار، سُکي پريوار"، "جئه جوان، جئه ڪسان". وغيره سنڌي ۽ ٻين ڪيترين ئي ٻولين ۾ ساڳيءَ ريت ۾ داخل ٿي چوڻين جو درجو حاصل ڪري چُڪا آهن. اِهو به نظر اچي ٿو ته هندي، اُردو ۽ ٻين علائقائي ٻولين جي اثر هيٺ ڪي نوان پهاڪا به سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال پيا ٿين.

نون پهاڪن کي جنم ڏيندڙ اڪثر اُهي شخص آهن، جيڪي ٻين ٻولين جا پهاڪا ساڳي شڪل ۾ يا ترجمي جي صورت ۾ پنهنجين لکڻين ۾ ڪم آڻين ٿا، جيئن ته سترام داس 'سائل' جي تيار ڪيل پهاڪن جي مجموعي "ڏُرن جي دَٻليءَ" ۾ هيٺ ڏنل پهاڪا ملن ٿا، جيڪي هندي ٻوليءَ جي پهاڪن مان ترجمو ڪري سنڌيءَ ۾ لکيا ويا آهن.

- جتي نه پهچي روِي، اُتي پهچي ڪَوِي.

(هندي: جِهان نه پهنچي رَوِي، وهان پهنچي ڪَوِي)

- جنهن جي لٺ، تنهن جي مينهن.

(هندي: جس ڪِي لاٺي، اُس ڪِي ڀينس).

- جو پوئجي ويو، سو موتي ٿيو.

(هندي: جو بند گيا، سو موتي).

- ڏوڙا ۾ ٻئي ويا، نہ دنيا ملي نہ رام.

(هندي: ڏوڙا ۾ دونون گئي، نہ مايا ملي نہ رام).

ڀيرومل مهرچند پڻ 'گلقند' نالي پهاڪن ۽ محاورن جي مجموعي ۾ اِن طرح هنديءَ ۾ ٻين ٻولين جا پهاڪا اصل شڪل ۾ يا اُنهن جو ترجمو ڪري شامل ڪيا آهن:

- ڇڙيءَ جو صرفو ڪريو تہ ٻار ڪِريو. (ص 14)

(انگريزي Spare the rod and spoil the child)

- دُم سگ راست نشُد. (فارسي، ص 35)

(هٿان پيئي نانڪا، در در ڍڪا کائي. (پنجابي، ص 55)

- بجا ڪهي جِسي عالم، اُسي بجا سمجهو.

آوازِ خلق ڪو فرمانِ خدا سمجهو (اردو، ص 58)

- جِسَ ڪا ڪام اُسي ڪو ساجي. (هندي، ص 65)

اهڙيءَ طرح، سنڌيءَ ۾ زباني روايتن وسيلي يا وڏن ليکڪن جي لکڻين ذريعي، ٻين ٻولين جا چڱا ئي پهاڪا پنهنجي اصلي شڪل ۾ يا ترجمي جي صورت ۾ داخل ٿي ويا آهن. اُنهن ۾ جيڪي عوام ۾ عام نہ ٿا ٿين، سي وقت گذرندي پاڻمرادو مري ٿا وڃن، پر جن پهاڪن کي عام ماڻهن اپنايو ٿي، اُهي وڏي حياتي ماڻين ٿا. حقيقت ۾ جِن پهاڪن ۾ ڪنهن عالمي سچائيءَ کي گهڻي نموني پيش ڪجي ٿو، اُهي پهاڪا ٻوليءَ ۾ هيري مثل چمڪدار رهن ٿا؛

**3.5 پهاڪن جي ورهاست جا اصول:**

سنڌيءَ ۾ جدا جدا موضوعن تي چڱي تعداد ۾ پهاڪا ملن ٿا. اُنهن جي سهڻي نموني ڇنڊڇاڻ ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ پهاڪن کي گڏ ڪجي ۽ انهيءَ کي جدا جدا حصن ۾ ورهائي اُنهن جو تنقيدي لحاظ کان اڀياس ڪجي.

' جيٺلي مرليڌر، سنڌي پهاڪا ۽ محاورا (هڪ اڀياس)، پونو، 1993، باب ڇهون جي آڌار موجب بحث ڪيل.

جيسيتائين گڏ ڪرڻ جو سوال آهي ته سنڌيءَ ۾ پهاڪن جا گهٽيئي ننڍا وڏا مجموعا ملن ٿا. مثال طور:

(1) گل شڪر: ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي.

(2) گلقند: پيرومل مهرچند آڏواڻي.

(3) ڏُرن جي ڏبلي: سترام داس جُڙياسِنگهاڻي 'سائل'.

انهن مجموعن ۾ الف- ب وار يا چئجي ته ورڻمالا موجب پهاڪن جي ترتيب ڏنل آهي. پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ پنهنجي ڪتاب 'گلقند' ۾ انهيءَ ڪان ٿورو اڳتي وڌي پهاڪن سان گڏ ڪيترن هنڌن تي پيٽ ڪندي ساڳئي مطلب وارا پهاڪا هڪ هنڌ ڏنا آهن.

سنڌ ۽ هندستان ۾ سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جو وڏي ۾ وڏو ڪوش آهي. 'سنڌي پهاڪا ۽ محاورا'. اِن ڪوش جو سهيڙيندڙ آهي: سنتداس پُنهومل ڪشناڻي ۽ اِن جو ايڊيٽر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي آهي. اِهو ڪوش 1993ع ۾ پوني مان شايع ٿيو آهي. اِن ۾ اٽڪل ٻارنهن هزار پهاڪا ۽ محاورا انهن جي مطلب سان گڏ ڏنل آهن. منهنجيءَ نظر ۾ هيءُ ڪوش هيل تائين سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل مجموعن ۾ تمام وڏو ۽ ڪي قدر نرالو ڪوش آهي. ڊاڪٽر جيٽلي گهڻي محنت سان هن 'لغت' جي شروعات ۾ اٽڪل هڪ سؤ ڏهن صفحن ۾ پهاڪن ۽ محاورن تي تنقيدي نظر کان ويچار ڪيو آهي. اَڄ تائين اهڙي قسم جي ڇنڊڇاڻ ڪنهن به ٻئي سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جي مجموعي ۾ ڏنل نه آهي. ورڻ مالا موجب پهاڪن جي گڏ ڪرڻ ۾ مکيه مسئلو اهو آهي ته ڪن حالتن ۾ هڪ ئي پهاڪو جدا جدا لفظن سان شروع ٿيندو آهي. اُن حالت ۾ اُنکي مجموعي ۾ ڳولهڻ وقت مشڪلات ٿي سگهي ٿي. جيئن ته:

- جيڪي لکيو منجهه اَزل، تنهن کي ڪير وجهي جهل.

هن پهاڪي جو ٻيو روپ به مشهور آهي، جيڪو 'لکيو' لفظ سان شروع ٿئي ٿو.

پهاڪن کي ڪن هنڌن تي ورڻ مالا (الف- ب) موجب گڏ ڪرڻ ته تمام سولو ڪم آهي، پر پهاڪن جي ورهاست ڪهڙي آڌار تي،

کهڙي نظريي تي ڪجي، اِهو تمام اوکو ڪم آهي. هڪ ئي پهاڪي کي الڳ الڳ ماڻهو الڳ الڳ نظر سان ڏسندا آهن. اِن ڪري هڪ ئي پهاڪي جي باري ۾ يا اُن جي مطلب جي باري ۾ سڀني جي راين ۾ تفاوت اچي وڃي ٿو. مثال طور: 'آئي ٽانڊي کي، بورچياڻي ٿي ويني'. پهاڪي جو لفظ مطلب آهي ته آئي هُئي ٽانڊو کڻڻ، پر موقعو ڏسي اُتي ئي پنهنجي ماني پچائڻ لڳي، پر ٻئي پاسي اِنهيءَ جو مطلب نڪري ٿو ته ڪنهن کي گهرجائو سمجهي پنهنجي گهر ۾ ٻن ڏينهن لاءِ آسرو ڏنو، پر هاڻي گهٽيئي ڏينهن نڪري ويا آهن، پر هو شخص وڃڻ جو نالو ئي نه ٿو وٺي.

اهڙن پهاڪن کي ڏسي ۽ سمجهي اهو مطلب اُٿي ٿو ته اِن قسم جي پهاڪن کي ڪهڙي گروهه ۾ رکجي؟ اِنهيءَ پهاڪي جا ٽي الڳ الڳ گروهه هن ريت ٿي سگهن ٿا: لفظي معنيٰ جو گروهه، لفظي معنيٰ کان الڳ ٻي معنيٰ وارو گروهه ۽ پهاڪي ۾ ڪتب آيل لفظ 'ٽانڊو' يا 'بورچاڻي' وارو گروهه.

هتي هڪ ڳالهه چوڻ جوڳي آهي ته پهاڪن جو هڪڙو ساڳيو گروهه مقرر ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي. ڇاڪاڻ ته پهاڪن جا الڳ الڳ موضوع ٿين ٿا ۽ اُنهن کي ڪنهن هڪ حد يا دائري ۾ ٻڌي نه ٿو رکي سگهجي، پر تڏهن به گروهه ۾ ورهائڻ جي اصول بابت عالمن ڪجهه اصول مقرر ڪيا آهن. اچو ته اُنهن تي ويچار ڪريون.

'بِهار پراوَربس' (Bihar Proverbs) جي سهيڙيندڙ جان ڪرشچين پهاڪن کي هيٺ ڏنل اصولن موجب ورهايو آهي:

- ماڻهن جي هار، اوڻاين ۽ غلطين بابت.
- دنياداري اُت ويهه، چالاڪين ۽ سکيا بابت.
- ذاتين جي خصوصيتن ۽ خاصيتن بابت.
- سماجي ۽ اخلاقي موضوعن ۽ مذهبي ريتين رسمن ۽ لوڪ اعتقادن بابت.
- ٻني ٻاري ۽ موسم بابت.

- پُسن (جانورن) پکين ۽ جيت جنين بابت.

انهيءَ طرح مئنوارنگ پنهنجي 'مَرائي پراوربس' (Marathi Proverbs) نالي ڪتاب ۾ پهاڪن کي هيٺ ڏنل چوڏهن گروهن ۾ ورهايو آهي:

- کيتي
- جيت جنٿيا
- انگ ۽ پرتينگ
- ڪاڏو
- نيتي
- طبيعت ۽ بيماريون
- گهرُ
- پئسو
- ناموس
- ڪائنات
- رشتيداري (سنبنڌ)
- ڌرم ۽ مذهب
- واپار
- ٻين الڳ الڳ موضوعن تي

ڊاڪٽر ڪنهيالال سهل پهاڪن جي (Classification) جا مکيہ ٻہ نظريا ٻڌايا آهن، جيڪي هيٺين ريت آهن:

| شڪلي ورج | موضوعاتي ورج |
|---|---|
| (1) ٽُڪ | (1) تاريخي پهاڪا |
| (2) چند | (2) جڳهہ بابت پهاڪا |
| (3) اَلنڪار (صنايع بدايع) | (3) سماج جو چِٽُ |
| | - ذاتين بابت |
| | - زالن بابت |

| | |
|---|---|
| (4) سماجي انصاف | (4) سکيا، گيان (ڄاڻ) ۽ ادب<br>- تعليمي پهاڪا<br>- نفسياتي پهاڪا<br>- راجستاني ادب ۾ پهاڪا |
| (5) خيال، ويچار | (5) ڌرم يا مذهب ۽ زندگي<br>- شُڪن بابت ڌرم يا مذهب خلقيندڙ بابت پهاڪا<br>- پکين سان متعلق (نيڪ وقت سان تعلق رکندڙ)<br>- عوام جي عقيدن بابت<br>- زندگيءَ بابت |
| (6) آدم شماري | (6) ٻني ٻاري بابت |
| (7) فرد | (7) مِينهن بابت |
| | (8) ٻين موضوعن تي پهاڪا |

ڊاڪٽر شِشي شيکر تِواري پنهنجي ڪتاب 'پوجپُري لوڪوڪِتيان' ۾ پهاڪن جي درجابنديءَ جا ٽي اصول يا بنياد ٻڌايا آهن، جيڪي هن ريت آهن:

- موضوع شيءِ موجبُ
- پرسنگ (ٻين سان ميل جول) موجب
- شڪل جي آڌار تي

پهاڪن جي اصولن بابت ماهرن جا جيڪي به رايا اسين مٿي ڏسي آيا آهيون، اُنهن ۾ مشابهت نظر نه ٿي اچي. پهاڪن جي وسيع ايراضيءَ ۾ تفاوت هئڻ لازمي آهي، پر اِن هوندي به ڊاڪٽر شِشي شيکر تِواريءَ پنهنجي ڪتاب 'پوجپيري لوڪو ڪِتيان' ۾ ڊاڪٽر سهل جي موضوع موجب ورڇ ڪرڻ ڪي سائنسي درجابندي چيو آهي. (ص 41)

ساڳي ئي صفحي تي ڊاڪٽر تِواري وري لکي ٿو ته: "شڪل جي آڌار تي پهاڪن جي درجابندي ناممڪن آهي. ڇاڪاڻ ته پهاڪن ۾

هڪ ئي هنڌ تي گهٽيئي عناصر اچي وڃن ٿا. گهڻو ڪري هرهڪ پهاڪي ۾ لئہ النڪار (سينگار) ۽ لفظ جي طاقت جو مثال ملي ٿو. اِنهيءَ لاءِ پهاڪن جي شڪلي ورچ ڪرڻ غيرسائنسي آهي، پر شڪلي اڀياس هميشہ ڪارائتو آهي.

ڊاڪٽر شِشي شيکر هڪ نئين اصول 'پرڪرڻ يا پرسنگ جي آڌار تي درجابنديءَ تي زور ڏنو آهي. سندس دليل آهي تہ پهاڪن جو استعمال اُن جي ميلاپ ۾ مقصد سان گڏ ٿئي ٿو. اِنهيءَ لاءِ عام ماڻهوءَ کي متاثر ڪندڙ موضوعن جو اڀياس پهاڪن جي آڌار ڪري سگهون ٿا.

وِشوَناٿ دِنڪرَ نَرَوَڻي 'پارتيہ ڪهاوَت ڪوش' ۾ لکي ٿو تہ پهاڪا پنهنجي وڏي تعداد ۽ خاص قسمن جي ڪارڻ، درجابنديءَ ۾ مشڪلاتون پيدا ڪن ٿا. ان ڪري پهاڪن جي درجابنديءَ لاءِ ڪوبہ سائنسي طريقي جي دعويٰ نہ ٿو ڪري سگهي. انهيءَ لاءِ صحيح طريقو اِهو آهي تہ ورڻ مالا موجب ئي پهاڪن کي گڏ ڪرڻ گهرجي.

منهنجي ويچار ۾ پهاڪن کي موضوع موجب الڳ الڳ حصن درجن ۾ رکڻ وقت اُن جي حاصل مطلب مقصد کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ گهرجي. مثال طور:

- اٺو ڪاڏو ڪُئي تہ مار پئي ڳابي تي.

هن پهاڪي ۾ اسان جو مطلب ڪُئي جي اٺي ڪائڻ ۽ ڳابي جي مار پوڻ سان بلڪل نہ آهي، پر حقيقت ۾ اِن جو گهربل مطلب آهي تہ ڏوهہ هڪڙي ڪيو آهي، پر اُنهيءَ جي سزا وري ٻئي کي ملي آهي. هِن پهاڪي ۾ ڪُئو ۽ ڳابو فقط مثال طور کنيا ويا آهن. ڪوئو علامت آهي، ڏوهاري شخص جي ۽ ڳابو علامت آهي بي ڏوهي يا بيگناهہ ماڻهوءَ جي. ڪنهن گهر ۾ مالڪ جو جتي اَٽو رکيو هو، اُتي ڪوئا گهڻا هئا. اُهي اٽو ڪائي وڃي، ٻرن ۾ لڪيا. اتفاق سان ٿوري وقت کان پوءِ اُتي هڪ ڳابو اچي پهتو ۽ ان بہ باقي بچيل اٽو ڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اوڏي مهل اٽي جو مالڪ بہ اچي پهتو. هُن ڏٺو تہ اٽو ڪاڏو پيو آهي ۽ پرسان ڳابو بيٺو آهي. اِن ڪري هُن سمجهيو تہ

سندس اٺو انهيءَ ڳابي ئي ڪاڏو آهي. بس پوءِ ته ڪاوڙ وچان هو ڳابي تي لٺين جو وسڪارو ڪرڻ لڳو.

پهاڪن کي جدا جدا درجن ۾ رکڻ وقت هن پهاڪي کي ڪُتي يا ڳابي جي درجي ۾ رکڻ غلط ٿيندو. انهيءَ بدران پهاڪي جو حاصل مطلب ڪڍڻ گهرجي ته "ڏوهه هڪڙو ڪري ۽ سزا ٻئي کي ملي." پوءِ اِن مطلب وارا ٻيا به پهاڪا ان ساڳئي درجي ۾ رکبا. جيئن ته:

- ڪتيو ڪائي فقير، لٺيون جهلي پولڙو.
- ڪتيو ڪائي ڪتيجا، ڏڪ جهلي ڏيٿس.
- ڪري ڪلوُ ته ڀري للوُ.

ڪي پهاڪا اهڙا به آهن، جيڪي پرسنگ موجب لفظي معنيٰ ۾ به ڪٽي سگهجن ٿا، ته انهن جي حاصل مطلب موجب به ڪٽي سگهجن ٿا. مثال طور: "اُٺ ٻڍو، تڏهن به ٻه ڪوانٺ لهي". اِن جو مطلب آهي ته اُٺ ٻڍو ٿي ويندو ته به ٻن جوان اُٺن برابر آهي. يعني اُنهن جيترو ساڳيو ئي بار کڻي سگهندو. هِتي اسين جڏهن اُٺن جي ڳالهه پيا ڪريون ۽ اُنهن جون خاصيتون ٻڌايون، تڏهن اُن حوالي موجب لفظي معنيٰ ۾ هيءُ پهاڪو کڻبو، پر جڏهن ڪنهن وڏيءَ عمر واري سياڻي ۽ تجربيڪار شخص جو بيان پيو ڪيو وڃي ته پوءِ اُتي هن پهاڪي جو استعمال معنيٰ موجب کڻبو. اُن ۾ ٻڍي اُٺ جو مطلب ٿيندو "سياڻو، آزمودگار، تجربيڪار ماڻهو." ٻئي طرح ڪوانٺ جو مطلب ٿيندو "ننڍي عمر وارو، اڻ آزمودگار، ٻاراڻي سياءُ وارو ماڻهو." پهاڪن جي مجموعي ۾ جيڪڏهن هن پهاڪي کي شامل ڪبو ته اِهو جانورن جي درجي اندر 'اُٺ' جي ڪلاس ۾ ٻين پهاڪن سان گڏ رکبو، ته ٻئي طرف "وڏن ۾ وڏو فن" موضوع جو مطلب ڏيندڙ پهاڪن ۾ به شامل ڪبو.

موضوع موجب پهاڪن جي ورهاست ڪرڻ ۾ اِهي مشڪلاتون ڏسي گهڻو ڪري سيني ٻولين ۾ ورڻ مالا (الف- ب) موجب پهاڪن جا مجموعا يا ڪوش تيار ڪرڻ جو طريقو وڌيڪ پسند ڪيو ويو آهي.

✡

4

# سنڌي ڀاڪن جو لسانياتي اڀياس

### 4.1 ٻوليءَ جي سرشتي ۾ ڀاڪا:

آمريڪا جي مشهور لسانياتي ماهرن برنارڊ بلوخ ۽ جارج ايل ٽريجر ٻوليءَ جي وصف هن ريت ڏني آهي:

"A language is a system of arbitrary vocal symbols by means of which a social group cooperates."*

يعني، ٻولي عام ماڻهن جي وهنوار تي ٻڌل ۽ اُچاريل آوازي علامتن جو هڪ اهڙو سرشتو آهي، جنهن جي ذريعي ڪنهن لساني سماج ٻولي ڳالهائيندڙ سماج جا ماڻهو پاڻ ۾ وهنوار ڪن ٿا.

هرهڪ ٻوليءَ جي بيهڪ ۾ مقرر سرشتو هوندو آهي. اُن جا ٻه طرف يا پاسا (aspects) آهن:

- اظهار وارو طرف (Expressional aspects)
- معنيٰ وارو طرف (Semantic aspects)

اسين آوازن جا اُچار ڪري پنهنجن ويچارن ۽ خواهشن جو اظهار ڪريون ٿا. اِهي آواز فقط علامتون يا نشانيون (symbols) آهن، جن جي ذريعي معنيٰ جو اظهار ڪجي ٿو. ٻوليءَ جي سرشتي ۾ ڪتب ايندڙ آوازن جو تعداد تمام گهٽو محدود هوندو آهي، پر اُنهن آوازن مان جيڪي لفظ (Words)، لفظي ميڙ (Phrases)، اڻ پورا جملا (Clauses) ۽ جملا (Sentences) ٺهن ٿا، اُنهن جي ذريعي اسين بيشمار (Unlimited) ويچارن ۽ احساسن جو اظهار ڪري سگهون ٿا. ٻوليءَ جي اظهار واري

---

* Bernard Bloch & George L. Trager, Initalics 13, Munshiram Manoharlal, New Delhi, Indian Edition, 1972.

طرف جي ڄاڻ اسان کي اُنهيءَ جي آوازن جي سائنس ۽ وياڪرڻ مان پوندي آهي.

ڪوبہ شخص جڏهن ٻوليءَ ذريعي پنهنجا ويچار ظاهر ڪري ٿو، تڏهن هو سُپاويڪ نموني پنهنجيءَ مرضيءَ موجب لفظن جي چونڊ ڪري ٿو. هُن تي استعمال وقت هو، اُنهيءَ ٻوليءَ جي وياڪرڻي (گرامر) سرشتي جي پيچڪڙي نہ ڪري. جيڪڏهن هُن ائين ڪيو تہ ٻُڌندڙ متس ٺٺولي ڪندا يا کلندا تہ ڪيس دُرست طريقي سان ڳالهائڻ نہ ٿو اچي يا محسوس ڪندا تہ هو غلطيون ٿو ڪري. مثال طور جيڪڏهن ڪنهن جي خواهش آهي تہ هوُ سنڌ گهمڻ وڃي، تہ هُن کي هو جدا جدا طريقن سان ظاهر ڪري سگهي ٿو. جيئن تہ:

- مان سنڌ وڃڻ چاهيان ٿو.
- منهنجي مرضي آهي تہ مان سنڌ گهمڻ وڃان.
- منهنجي ڏاڍي خواهش آهي تہ هڪ دفعو سنڌ گهمي اچان
- سنڌ گهمڻ جو موقعو مليو تہ ڏاڍو سٺو.
- مان هڪ دفعو سنڌ ضرور گهمڻ ويندس.

اهي سڀئي جملا وياڪرڻ موجب دُرست آهن ۽ ڳالهائيندڙ جي دل جي تمنا کي ظاهر ڪن ٿا. لسانيات جي ماهرن اهڙن جملن کي ”آزاد استعمال“ (Free Expressions) چيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اِنهن ۾ ڳالهائيندڙ کي آزادي آهي تہ هو پنهنجي خواهش کي ظاهر ڪرڻ لاءِ مرضيءَ مطابق لفظن جي چونڊ ڪري، اُنهن کي جدا جدا جملن ۾ ڪتب آڻي سگهي ٿو.

اهڙن آزاد استعمال وارن جملن جي پيٽ ۾ ٻوليءَ ۾ اسان کي ٻيا گهٽيئي استعمال انهيءَ قسم جا ملن ٿا، جن جي لساني بيهڪ يا ٻوليءَ جي ساخت مقرر ٿي ويئي آهي. مطلب تہ اُهي استعمال اُن ٻوليءَ ۾ نسل درنسل ڪنهن گهربل خواهش يا ويچار کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ’رُوڙهہ‘ (رواج موجب مقرر شڪل اختيار ڪيل) ٿي ويا آهن. اُنهن ۾ لفظن جي چونڊ ڪرڻ يا جملي ۾ انهن کي مرضيءَ مطابق استعمال

ڪرڻ جي اجازت ڳالهائيندڙ کي نہ آهي. اِن قسم جي استعمالن کي ٻوليءَ جي ماهرن سُوتر پريوگ (قاعدي موجب مقرر ٿيل استعمال) يا Formulary usages or fossilized usages سڏيو آهي. جيئن تہ:

- انڌن ۾ ڪاڻو راجا
- سيرو ڪاڏو، پاتل ڦاٽي.
- ڪم لٿو، ڏکڻُ وسريو.

اِهي سنڌيءَ ۾ سُوتر پريوگن (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) جا مثال آهن. گهربل مطلب کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هرڪو انهن کي اِن مقرر شڪل ۾ استعمال ڪندو آهي. مثال طور ”انڌن ۾ ڪاڻو راجا“ جو مطلب آهي، اڻ ڄاڻ ماڻهن ۾ ٿوري ڄاڻ رکندڙ شخص بہ هوشيار ليکبو آهي. اِن خيال کي ظاهر ڪرڻ لاءِ جڏهن اسين اِهو استعمال ڪريون ٿا، تڏهن اُهي ئي ساڳيا لفظ ڪتب آڻبا. اسين جيڪڏهن اُن جي شڪل ۾ هيٺين طرح تبديل ڪنداسين تہ پوءِ اُن کي سُوتر پريوگ (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) نہ چئبو. ٻُڌندڙ سمجهي ويندا تہ ڳالهائيندڙ کي ٻوليءَ جي پُوري ڄاڻ نہ آهي.

- انڌن ۾ ڪاڻو راجا.
- انڌن ۾ هڪ- اکيو بادشاهہ.
- نابين ۾ نور وارو سلطان.
- انڌن ۾ ڪاڻو راڄُ

اِنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ فقط پهريون سُوتر پريوگ (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) آهي. پر باقي ٽيئي سٽون اِن شڪل ۾ تسليم ٿيل نہ آهن، چاهي اُنهن مان ساڳي ئي معنيٰ ظاهر ٿي رهي آهي. ساڳيءَ طرح ’سِيرو ڪاڏو، پاتل ڦاٽي‘ کي اسين بدلائي هن ريت استعمال نہ ڪري سگهنداسين:

- سيرو ڪاٽي پاتل ڦاڙي ڦٽي ڪيائين.
- حلوو ڪاٽي پاتل ڦاڙيائين.

انهيءَ طرح ’ڪم لٿو، ڏکڻ وسريو‘ ۾ ’ڏکڻ‘ جي بدران ’وادو‘،

'ڪاتِي' يا 'ترڪان' لفظ ڪتب نہ آڻي سگھبا. چاهي گھربل مطلب ۾ ڪوبہ فرق نہ ٿو اچي.

اندرا پنهنجين ساهيڙين کان اِها ڳالھ ٻُڌي پاڻي پاڻي ٿي ويئي. هن جملي ۾ 'پاڻي پاڻي ٿي وڃڻ' هڪ سوتر پريوگ (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) آهي. ان ۾ 'پاڻي' لفظ جا هم معنيٰ ٻيا لفظ وجهي جيڪڏهن چئون 'نير نير ٿي ويئي' يا 'آب آب ٿي ويئي' تہ اِهي سنڌي ٻوليءَ جي رواج موجب درست نہ چئبا، نہ ڪو اُنهن مان گھربل مطلب نڪرندو.

ساڳيءَ طرح "هُوءَ گونگي گانءِ آهي." يعني ٿڌي مزاج خاموش رويي/ طبيعت واري آهي. اِتي جيڪڏهن اسين هم معنيٰ لفظ وجهي چئون: "هوءَ گونگي ڏڳي/ ڳئون/ گابي آهي" تہ اُن مان گھربل معنيٰ ڪانہ ملندي ۽ اِهو جملو ٻوليءَ جي رواج موجب ليکبو.

**4.1.2 سُوتر پريوگن (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) جا قسم:**

لساني ٻيهڪ يا ٻوليءَ جي ساخت ۽ معنيٰ جي لحاظ کان سُوتر پريوگ (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) چئن قسمن جا آهن، جيڪي اڳتي ڏنل چارٽ ۾ ڏيکاريا ويا آهن:

## سُوتر پريوگ يا قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال

(Formula Usages)



(1) چوڻي:

اُهو سُوتر پريوگ جيڪو بيان ۾ الڳ استعمال ٿيندڙ هڪ پورو جملو يا ايڪو آهي، ۽ پنهنجيءَ لفظي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو، تنهن کي 'چوڻي' سڏجي ٿو. مثال طور:

- جڳهه نهرائڻ ۾ ٻه سال لڳي ويس، پر اهڙي سهڻي عمارت اڏائي اٿائين جو هر ڪو ڏسي واهه واهه ٿو ڪري. "دير پيا، دُرست ٿيا." هتي 'دير پيا، دُرست ٿيا' هڪ ايڪو آهي، جيڪو بيان ۾ الڳ ڪتب آندو ويو آهي، ۽ چيل ڳالهه جي پٺڀرائي ڪري ٿو. اِهو لفظي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي، اِن ڪري 'چوڻي' آهي. 'چوڻيءَ' جا ڪجهه ٻيا مثال هن ريت آهن:
- لالچ بُري بلا آهي.
- جهڙي ڪرڻي، تهڙي ڀرڻي
- يار اُهو جو اوکيءَ ويل ڪم اچي.
- ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنو، ننڍو وڏو چيڙ منو.

(2) پهاڪو:

اُهو سُوتر پريوگ يا (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) جيڪو بيان ۾ ڪتب ايندڙ هڪ پورو جملو يا جملن جو ايڪو آهي، ۽ لفظي معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ٻي معنيٰ ڏئي ٿو، تنهن کي 'پهاڪو' چئجي ٿو. جيئن ته:

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ هزارين هندستاني سپاهي يورپ ۾ لڙندي شهيد ٿي ويا، پر سوڀ جو شرف مليو برطانيا سرڪار ۽ اُنهن جي ساٿي ملڪن کي. "ٻري تيلُ، ڪامي وَٽ"، واهه ڙي ڏيئا واهه!"

مٿي ڏنل بيان ۾ "ٻري تيل، ڪامي وٽِ، واهه ڙي ڏيئا واهه!" پهاڪو آهي، اهو هڪ اهڙو ايڪو آهي، جيڪو بيان ۾ ڪيل ڳالهه جي پٺڀرائيءَ ۾ ڪتب آيو آهي. اِن جي بيان ۾ لفظي معنيٰ گهربل نه آهي، پر اُن بدران اُن جو مطلب ڪڍبو جيڪو آهي ته نقصان

ٿئي هڪڙن جو يا قربانيون ڏيڻ هڪڙا، پر ساراهه ٿئي ٻين جي. پهاڪن جا ڪجهه ٻيا مثال ڏسو:

- مينهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪانه، ڳئون کي چوي هل ڙي ڀُچ ڪاري.
- گدڙ ڊاک نه پُڄي، آکي ٿو کُٽا.
- پُڄي ڪانئس ڪونه، لک لعنت گوڏن کي.
- ٻليءَ جي خواب ۾ ڇيڇڙا.
- ڪُتي جو پُڇ ٻارنهن مهينا نڙ ۾ وِجهُ ته به ڏنگو جو ڏنگو.

(3) ورجيس:

— اُهو سوتر پريوگ يا (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال)، جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جو حصو ٿي ڪتب ايندو آهي ۽ لفظي معنيٰ ۾ ئي استعمال ڪبو آهي، تنهن کي 'ورجيس' چئبو آهي.

ڏُشمن کي پري کان ايندو ڏسي هُو ائين ڀڳو، جيئن ڪاريءَ هيٺان ڪانُ. هتي "ائين ڀڳو، جيئن ڪاريءَ هيٺان ڪانُ" اُهو سُوتر پريوگ (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ ئي جملي ۾ ڪپي ۽ اِهو جملي جو هڪ حصو آهي. ورجيس جا ڪجهه لفظي ٻيا مثال هن ريت آهن:

- اهڙو ڪُچي جهڙي پٽ.
- اڇو جهڙو کير.
- ڇوڪر ٻاڪر، واڻيا وڪال، چور چڪار، گهٽو ٽٺو، پيلو جهڙو هئڊ.

(4) محاورو يا اصطلاح:

اُهو سُوتر پريوگ يا مقرر فقرو جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جو جزو ٿي ڪتب ايندو آهي ۽ لفظي معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب اُن جي ٻي معنيٰ ڪڍبي آهي، تنهن کي محاورو يا اصطلاح چئبو آهي. جيئن ته:

جواب ڇونہ ٿو ڏين؟ وات ۾ مڳ پيا اٿيئي ڇا؟ هتي ”وات ۾ مڳ پوڻ“ محاورو آهي، جنهن جو مطلب آهي: نہ ڪُڇڻ، چپ ٿي وڃڻ.
محاورن جا ڪجھ ٻيا مثال هن ريت آهن:

- دال نہ ڳرڻ. (پُڄي نہ سگهڻ)
- پيٽ تي لت ڏيڻ. (ڪنهن جي روزي ڪسڻ)
- کير کنڊ ٿي وڃڻ. (ميل ميلاپ ۾ رهڻ)
- باھ ٿي وڃڻ. (غصي ۾ اچڻ)
- هٿ ڍگها هُئڻ. (پهچ وارو هئڻ)

هتي اسان کي اِن ڳالھ جو ڌيان رکڻ گهرجي تہ پهاڪو يا چوڻي هڪ اهڙو ايڪو آهن، جيڪو وياڪرڻي بيهڪ جي لحاظ کان هڪ جملو هوندو آهي يا اُن ۾ هڪ کان وڌيڪ جملا هوندا آهن، جيئن تہ:

(الف) هڪ جملو:

- ٻليءَ کي خواب ۾ ڇيڇڙا.
- آھ غريبان، قهر خدائي.
- يار اُهو جو اوکيءَ ويل ڪم اچي.
- ٻڪ ۾ بصر بہ منا

(ب) هڪ کان وڌيڪ جملا:

- مينهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪانہ، ڳئون کي چوي هل ڙي پڇ ڪاري.
- ڏکڻ مينهن نہ وسڻا، جي وسي تہ ٻوڙي،
ڪانئر ڏک نہ هڻڻا، جي هڻي تہ جهوري.

جيئن تہ پهاڪا ۽ چوڻيون ٻوليءَ جي بيهڪ جي لحاظ کان پورا جملا يا جملن جا ايڪا آهن، انهيءَ ڪري گهڻا ماڻهو اُنهن جي وچ ۾ فرق نہ رکندا آهن، پر جيڪڏهن معنيٰ جو باريڪ ڌيان رکجي تہ ٻنهي جي وچ ۾ تفاوت مجڻو پوندو. چوڻي لفظي معنيٰ ۾ ڪتب ايندي آهي، پر پهاڪي جي ٻي معنيٰ گهرٻل هوندي آهي.

### 4.1.3 پهاڪن جي لساني بيهڪ ۾ فرق:

اسان کي سنڌيءَ ۾ گهڻيئي پهاڪا ملن ٿا، جن جي لساني تخليق ۾ تفاوت آهي، جيئن ته:

- لکيا لوهارن کي ٽِپر تي ٽاندا.
(يا لِکيون لوهارن کي چڌن ۾ چڻنگون)
- ٻُڌيءَ ٻيڙيءَ جون هريڙون به پليون.
(يا ٻُڌي ٻيڙي جو لوهُ به پلو)
- ٻيو سڀ رهندو هِتِ، نيڪي نيندين پاڻ سين.
(يا نيڪي نيندين پاڻ سين، ٻيو سڀ رهندو هِتِ)
- ڏاڏي جي لٺ کي به مٿا.
(يا ڏاڏي جي لٺ کي به مٿا، جيڏانهن ڦيرائي تيڏانهن سَنئين)

اهڙي قسم جي پهاڪن ۾ اسان کي اهو چوڻو پوندو ته اهي پهاڪا ٻن يا ٻن کان وڌيڪ شڪلين ۾ مشهور آهن. زباني روايت ذريعي پهاڪن جو پرچار جڏهن جُدا جُدا هنڌن تي ٿيو آهي ته انهن مان ڪن جي لفظن ۾ ٿوري گهڻي تبديلي ٿي ويئي آهي.

### 4.1.4 پهاڪن جي عبارت:

پهاڪا لوڪ ادب جو هڪ مکيه حصو آهن. ادب جي سرجڻ ڪرڻ يا ويچارڻ جي اظهار جو ذريعو آهي- ٻولي. روزاني زندگيءَ ۾ ويچارن جي ڏي وٺ دؤران ڪنهن لساني سماج جا ماڻهو پاڻ ۾ گفتگو ڪندي جيڪا ٻولي ڪتب آڻين ٿا، اُها ساڌارڻ يا عام رواجي ٻولي آهي. پر ليکڪ يا شاعر ادب ۾ جڏهن پنهنجين خواهشن جو اظهار ڪري ٿو، تڏهن هو ٻوليءَ کي خوبصورت شڪل ڏي ٿو، اُن کي رَس، گُڻن ۽ النڪارن سان سينگاري دلڪش بڻائي ٿو ڇڏي. اِن ڪري سنسڪرت ۾ ادب يا شاعريءَ جي ٻوليءَ ۾، ماهرن، خوبصورت گهاڙيٽو هئڻ به ضروري ڄاڻايو آهي. جيئن ته:

(ا) "ڪاويه پرڪاش" جي ليکڪ آچاريه مَمَٽِ شاعريءَ جي وصف هن ريت ڏني آهي:

- يَدِ اڏوشؤ شبدارِٿئو سُگُٽئو انلنرڪرتي پُنهه ڪراپِ لفظ ۽ معنيٰ جي اُن ميلاپ کي شاعري چئجي ٿو، جيڪا بي عيب آهي، گُڻن سان ڀريل آهي ۽ عام النڪارن سان سينگاريل هوندي به ڪڏهن ڪڏهن بنا النڪارن جي هوندو آهي.

(2) "ساهتيہ درپڻ" جي رچيندڙ آچاريہ وِشوَناٿ شاعريءَ ۾ رس جي هئڻ تي زور ڏيندي لکيو آهي:

- واڪيم رساتمَڪمَ ڪاويَمَ

(رس ڀريل جملو شاعري ٿي آهي)

(1) "رس گنگاڌر" جي ليکڪ آچاريہ جگناٿ به شاعريءَ ۾ دلڪشيءَ کي گهڻي اهميت ڏني آهي.

- رمڻيا ارٿ پرتيپا دڪهہ شبدهہ ڪاويَمُ

(خوبصورت معنيٰ جي سمجهاڻي ڏيندڙ لفظ شاعري آهي)

ٿوري ۾ چئجي ته ادب يا شاعريءَ جي ٻوليءَ ۾ رَس، گُڻ، النڪار خوبصورتي ۽ اثرائتي عبارت جو هئڻ ضروري سمجهيو ويو آهي. پهاڪا لوڪ ادب جو هڪ حصو هئڻ ڪري، اُنهن ۾ ادب جون خاصيتون به سمايل آهن. پهاڪن ۾ اسان کي ٻوليءَ جي نرالي هيئت واري شڪل ملي ٿي. اِن کي ڌيان ۾ رکي اسان کي پهاڪن جي ٻوليءَ جي شعرن کي علم جي اصولن موجب به اڀياس ڪرڻ گهرجي. اِن ۾ لفظن جي طاقت، ڇند، النڪار، تُڪ، لئه وغيره شامل آهن. هِن باب ۾ پهاڪن جي لساني تخليق ۽ عبارت جي لحاظ کان اڀياس ڪيو ويو آهي.

### 4.2 پهاڪن جي لساني تخليق:

لساني تخليق جي لحاظ کان پهاڪي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻن لفظن جو هئڻ ضروري آهي، جيئن ته:

- پنهنجي سنهنجي

(پنهنجي شيءِ هوندي آهي ته اُن ۾ گهڻو سهنج هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته ڪم پوڻ تي ٻئي اڳيان هٿ نه ٽنگڻو پوندو آهي).

- لاڙ ساڙ

(سنڌ جو لاڙ وارو حصو يعني ڏاکڻو ڀاڱو ساڙيندڙ آهي، گهڻو پريشان ڪندڙ آهي. اُتي پوسل هئڻ ڪري مڇر گهڻا ٿيندا آهن.)

- قرض مرض.

(قرض وٺڻ هڪ وڏي بيماريءَ وانگر آهي. قرضدار ٿئي اڳيان پنهنجو مُنهن مٿي نہ ڪري سگهندو آهي.)

ٻئي طرف محاورا يا اصطلاح هڪ لفظ وارا بہ هوندا آهن. ڪنهن هڪ لفظ جو ٻوليءَ جي رواج موجب ٻي معنيٰ ۾ استعمال ڪبو تہ اُن کي محاورو چئبو آهي. مثال طور:

گڏهہ! ڏيان ڏي نہ تہ مار کائيندين.

هِن جملي ۾ 'گڏهہ' لفظ لفظي معنيٰ بدران پنهنجي ٻي معنيٰ 'مُورک، بيوقوف' ۾ ڪتب آيو آهي.

- هُو ميريءَ تي مُئو تہ هُن تي لکين رُپيا لُٽائي ڇڏيائين.

هن جملي ۾ 'مُئو' فعل جي اصطلاحي معنيٰ آهي: فِدا ٿيڻ، موهت ٿيڻ، عاشق ٿيڻ.

ٻهاڪو ڇاهي ٻن لفظن جو هجي تہ بہ ٻوليءَ ۾ مُروج استعمال هئڻ ڪري اُهو پوري معنيٰ جو اظهار ڪندو آهي. هتي ٻهاڪن جا جيڪي مثال ڏنا ويا آهن، اُنهن ۾ ڪِريا پَد يا فعل "آهي" جو لوپُ (غائب) ٿيل آهي. هاڻي اچو تہ ٻهاڪن ۾ لفظن جي ترتيب تي ويچارُ ڪريون.

**4.2.1 ٻهاڪن ۾ لفظن جي ترتيب:**

ٻهاڪن ۾ لفظن جي ترتيب جا ٻہ قسم آهن:

(الف) وياڪرڻي ترتيب.

(ب) اَوياڪرڻي ترتيب.

**(الف) وياڪرڻي ترتيب:**

سنڌي وياڪرڻ جي اصولن موجب عام طور جملي ۾ لفظن جي ترتيب ۾ پهرين ڪرتا (فاعل)، اُن کان پوءِ ڪرم (مفعول) ۽ آخر ۾

ڪِريا (فعل) جو استعمال ٿيندو آهي. جيئن تہ ”موهن ڪتاب پڙهي ٿو“ جملي ۾ ’موهن‘ ڪرتا (فاعل) آهي، ’ڪتاب‘ ڪرم (مفعول) آهي ۽ ’پڙهي ٿو‘ ڪِريا (فعل) آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ پهرين اڌيشيہ (مالڪ) ۽ اُن ڪانپوءِ وڌيہ (فرمانبردار) هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اِن وياڪرڻي اصول موجب لفظن جو استعمال تمام گهڻ نظر اچي ٿو. اُن جو مکيہ ڪارڻ اهو آهي تہ ٻهاڪا ٻول چال جي ٻوليءَ ۾ روزاني زندگيءَ جي گفتگوءَ مان پيدا ٿيا آهن. ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ لکيل وياڪرڻي ٻوليءَ جو استعمال گهٽ هوندو آهي. ڳالهائيندڙ جنهن ڳالهہ تي وڌيڪ زور ڏيڻ چاهيندو آهي، اُنهيءَ کي ظاهر ڪندڙ لفظن کي جملي ۾ مکيہ جڳهہ ڏيندو آهي. ٻيو تہ سنڌيءَ ۾ جملي ۾ لفظن جي جڳهہ کي گهڻي اهميت نہ آهي. لفظ چاهي جملي ۾ اڳيان پٺيان يا وچ ۾ استعمال ٿين، اِن هوندي بہ اُهي ورهايل ۽ ٻين ورهايل معنيٰ ذريعي جدا ۽ ٻين جُدا ٿيل معنائن ذريعي گهربل معنيٰ کي ظاهر ڪرڻ جي طاقت رکن ٿا.

وياڪرڻي ترتيب وارن ڪن ٻهاڪن جا مثال هن ريت آهن:

- ابو گَسي، ڌيءَ وَسي.

(ڌيتي ليتي ڪري، پيءُ جي هڙ گَسي تي ۽ ڌيءَ جو ساهرو گهر وسي ٿو.)

- اڄ جو ڪم سڀان تي نہ وجهجي.

(جيڪو ڪم اڄ ڪرڻو آهي، اُهو سُستي ڪري سڀاڻي ڪرڻ لاءِ نہ روڪي رکجي.) ،

- اکر نہ کَٽي، مَڪرُ کُٽي.

(اڄ جي زماني ۾ علم وارو، لکيل پڙهيل ماڻهو نہ ٿو کَٽي ڪائي، پر جيڪو مڪار يا حرفتي آهي، اُهو ڪامياب ٿئي ٿو.)

- پاڙو اَبو امان آهي.

(پاڙي وارن کي پنهنجي ماءُ پيءُ وانگر يعني وڏن مائٽن

جهڙي عزت ڏجي.)

- پنجئي آڱريون برابر نہ آهن.

(مطلب تہ سڀ ماڻهو هڪجهڙا نہ آهن.)

- سڪٽي کُني گهٽو اُپامي.

(کُنيءَ ۾ جيڪڏهن چانور گهٽ هوندا تہ رڌڻ وقت اُن ۾ پاڻي گهٽو اپامندو.)

- ڪوري ڪڏ ڪٽي، پر پاڻ اُن ۾ پوي.

(ڪوري ڪپڙي اُڻڻ وقت جتي آڏاڻو رکندو آهي، اُتي آڏاڻي هيٺان کڏ کوٽيندو آهي، جيئن پيرن سان آڏاڻو سولائيءَ سان هلي سگهي ۽ پير پٽ سان نہ لڳن. مطلب تہ جيڪو ٻئي کي نقصان پهچائڻ چاهي ٿو، سو پهرين پاڻ خطا کائي ٿو.)

- هٿُ مارائيندو آهي.

(هٿُ کڻو تہ سزا ڀوڳڻي پوندي.)

**(ب) ٻولي جي ترتيب:**

سنڌيءَ ۾ گهڻا ٻولي اُهي آهن، جن ۾ لفظن جي ترتيب وياڪرڻ جي اصولن موجب نہ هوندي آهي. اُن ۾ لفظن جو استعمال جملي ۾ پنهنجي مقرر جڳهہ جي اڳيان يا پُٺيان هوندو آهي. اِن جا مکيہ بہ ڪارڻ آهن:

(1) ڪنهن لفظ تي وڌيڪ زور ڏيڻ.

(2) تُڪ ملائڻ ۽ لئہ پيدا ڪرڻ لاءِ لفظن جي ترتيب بدلائڻ. اِنهن جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

(1) **ڪنهن لفظ تي وڌيڪ زور ڏيڻ:**

- آهي تہ عيد نہ تہ روزو.

(پئسو يا شيءِ اٿس تہ اُئين ٿو اُڏائي، جڻ تہ عيد ٿو ملهائي، ۽ جي پئسو نہ اٿس، تہ بُکون ٿو ڪڍي. هتي 'هئڻ' جي ڳالهہ تي زور ڏيڻ لاءِ 'آهي' فعل کي ٻولي جي شروع

۾ رکيو ويو آهي.)

- آيا مير، پڳا پير.

(ڏاڍا مڙس آيا ته هيٺا يا ڪمزور پڇي ويا. هتي 'اچڻ' ۽ 'پڇڻ' جي فعل تي زور ڏيڻ لاءِ فعلن کي فاعلن کان اڳ استعمال ڪيو ويو آهي.)

- اڻ گهُريو ماءُ به پُٽ کي نه ڏارائي.

(هتي 'گهُرڻ' ۽ 'نه گهُرڻ' جي ڳالهه تي زور ڏيڻ لاءِ 'اَڻ گهُريو' لفظ کي پهاڪي جي شروع ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. ماءُ به پنهنجي ٻار کي تيستائين نه ڏارائيندي آهي، جيستائين هوُ روئي پنهنجي بُک جو اظهار نه ڪندو آهي.)

- جهڙو لڳي واءُ، تهڙي ڏجي پُٺ.

(هتي فعل تي زور ڏيڻ لاءِ اُن کي مفعول جي اڳيان رکيو ويو آهي.)

(2) تُڪ ملائڻ ۽ لئه پيدا ڪرڻ لاءِ لفظن جي ترتيب بدلائڻ:

- اوٺ پڙي موٺ ۾، ڪنوار پڙي گهوٽ ۾.

(ڪجهه ڏبو ته اُن جي موٽ ۾، ڪجهه ملندو به. اهو 'موٺ ۾' ۽ 'گهوٽ ۾' جي تُڪ ملائڻ لاءِ فعل 'پڙي' کي پهرين ڪتب آندو ويو آهي.)

- مينهن وسي به پهر، ڇنو وسي ڇهه پهر.

(برسات وسي بند ٿي ويئي، پر پونگيءَ جي ڇت اجا ٽائين ٽمي. معاملو ختم ٿيڻ کان پوءِ به جيڪو اُن جو ذڪر ڪري، تڏهن ائين چئبو آهي. هن پهاڪي ۾ 'پهر' جي تُڪ ملائڻ لاءِ فعل کي اُن کان اڳ ڪتب آندو ويو آهي.)

### 4.2.2 پد لوپ (لفظن جو حذف ڪرڻ):

ٿورن- اکرائي پهاڪن جي مکيه خاصيت آهي. ان جو مطلب آهي ته ٿورن لفظن جي استعمال سان گهڻو مطلب ظاهر ڪرڻ. ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ به گهڻو ڪري ڪن لفظن جو استعمال نه ڪرڻ سان به بيان جي حوالي مان

پورو مطلب ظاهر ٿي ويندو آهي. جيئن ته، اڄ، ڪاءُ، ۾ اسين ڳالهائڻ ۾ فاعل جو استعمال نه ڪندا آهيون. "ممبئي ڪڏهن ويندا"؟ "مان سياڻي ممبئيءَ ويندس". اِن سڄي جملي چوڻ جي ضرورت نه آهي. فقط هڪ لفظ 'سياڻي' چوڻ سان ئي مڪالمي جي ذريعي سمورو مطلب ظاهر ٿئي ٿو. حقيقت ۾ ڏسجي ته روزاني ڳالهه ٻولهه جي ٻوليءَ ۾ اِن ريت ڳالهائڻ پاڻ وڏيڪ سُپاويڪ آهي. ان ريت پهاڪا به گهٽ ۾ گهٽ لفظن جو استعمال ڪرڻ سان گهڻي ۾ گهڻي معنيٰ جو اظهار ڪن ٿا.

پهاڪن ۾ جدا جدا لفظن جي حذف ڪرڻ جا ڪجهه مثال هن ريت آهن.

(الف) فاعل کي حذف ڪرڻ:

- چوندبيندي ٻير، وجي پيا ڪڪرين.

(هوُ ٻير چوندڻ لڳا، ٻير ته ڪين ملين، پر فقط ڪڪرا هٿ لڳن).

- اُٺ نه پُڄي، ٻورن هٽي لتون.

(جت اُٺ تي مال جا پريل ٻورا رکي اُنهن تي پاڻ چڙهي وينو. اُٺ کي هڪلڻ يا تڪڙو هلائڻ لاءِ هُن کي لتون هڻڻ لڳو، پر سندس پير ته اُٺ تائين ڪين پهتا، هوُ ٻورن کي ئي لتون هڻندو رهيو. جڏهن ڪو هڪ جا ساڙ ٻئي مان ڪڍي، تڏهن ائين چئبو آهي.)

- اڃا مينهون جهنگ ۾، ڏوئي ڏريائون رَڇ.

(مينهون اڃا جهنگ ۾ ئي آهن، ته ميهارن ٿانوَ صاف ڪري کير ڏُهڻ لاءِ تيار ڪري رکيا آهن. مطلب ته اڃا ڪم ۾ گهڻي دير پئي آهي، پر هو ان ڪان گهڻو اڳي ئي پيا تياريون ڪن. هتي 'ميهارن' يا 'هُنن' فاعل لفظ کي جملي ۾ حذف ڪيو آهي.)

- ويئي سِڱن کي، ڪن به ڪپائي آئي

ڳئون يا مينهن ويئي، سڱن کي نيڪ ڪرائڻ، اُلٽو پنهنجا ڪن به ڪپائي آئي.)

(ب) مفعول جو حذف ڪرڻ:

- انڌن آندو، ڪُتن ڪاڌو، ٻلن چٽيو.

(هتي "انڌن ڪاڌو آندو، ڪتن اُهو ڪاڌو يا ٻلن اُن کي چٽيو." هڪ پورو جملو آهي، پر پهاڪي ۾ مفعول ('ڪاڌو'، اُهو ۽ 'ان کي') ڪتب نہ آندو ويو آهي.

- هڪڙي لٽي، سهسين پٽي.

(ڏٺي سائين ڪنهن جي روزگار جي هڪڙي واٽ بند ڪري تہ سهسين ٻيون واٽون کولي ٿو. هن پهاڪي ۾ "روزگار جي واٽ" مفعول ڪتب نہ آيل آهي. نہ ڪو فاعل جو استعمال ڪيو ويو آهي.)

- جي ڄٽين، سي نپائين.

(جيڪي ٻارَ ڄٽين ٿيون، سي ئي اُنهن کي نپائين ٿيون. هتي 'ٻار' فاعل جو حذف ٿيل آهي.)

- هڻ ڏيءُ کي تہ، سکي نُونهن.

(ڏک يا طعنو هڻُ ڏيءُ کي تہ سکي نُونهن.)

- جو هٿُ ڪري، سو هٿُ پائي.

(جو هٿ ڪم ڪري، سو هٿ نتيجو پائي. هِتي 'ڪم' ۽ 'نتيجو' ڳجها مفعه آهن.)

- ڏي تہ ڏيَئي، سَلو سائو ٿيئي.

(تون ڏنُ يا ڏان يا مدد ڏي، تہ اڳلو شخص بہ توکي ضرورت وقت مدد ڪندو. هتي 'ڏي' فعل جو مفعول ڪتب نہ آندو ويو آهي.

(ج) فعل حذف ڪرڻ:

- پنهنجي سهنجي.

(پنهنجي شيءِ سهنج واري آهي.)

- سنسارُ مهاڄارُ.

(سنسار مهاڄار آهي)

- اڳين پاڻي، پوين چِڪ.
(اڳين کي پاڻي ملندو، پوين کي چِڪ ملندي.)
- انسان خطا جو گهر.
(انسان خطا جو گهر آهي.)
- ٻہ تہ ٻارنهن.
(ٻہ تہ ٻارنهن آهن.)
- جڏهون ڪا مينهن، تڏهون ڪيون چِڪون.
(جڏهن مينهن پوندو، تڏهن چِڪون ٿينديون.)
- وڏن ۾ وڏي ڪلا.
(وڏن ۾ وڏو هُنر هوندو آهي.)
- انڌي پيهي، ڪُتي چٽي.
(انڌي پيهي ٿي، ڪتي چٽي ٿي.)
- ترت دان مها پُن.
(ترت خيرات ڪرڻ سان وڏو ثواب ٿيندو آهي.)
- دل ڪوڙي، عُذر گهڻا.
(دل ڪوڙي آهي تہ، بهانا گهڻا آهن.)

(د) پهاڪن ۾ ٻين لفظن جو حذف:

پهاڪن ۾ تعداد ضمير، صفت، حرف جر، حرف جملو وغيره جو بہ حذف ٿي ويندو آهي. انهن جا ڪجهہ مثال هتي ڏجن ٿا. حذف ٿيل لفظن کي پهاڪن جي معنيٰ سمجهاڻيءَ ۾ هيٺان ليڪ ڏيئي ڏيکاريو ويو آهي.

- پُڇڻا نہ منجهڻا.
(جي پُڇڻا، سي نہ منجهڻا. صفت جو حذف
- چُلهہ تي، سو دل تي.
(جيڪو چُلهہ تي هوندو، سو دل تي ٿيندو. صفت 'جو' ۽ فعل 'هوندو' جو حذف.
- هُنر واري جو هُنر، ٻي هنر جي جندُ.
(هُنر واري جو هنر ٿيندو، ۽ ٻي هنر جي جند ڳري ويندي. فعل حرف جملي "۽" جو حذف.

- ڪڪ چور، سو لک چور.

(جو اڄ ڪڪ جو چور آهي، سو سڀاڻي لکن جو مال چورائيندو صفت ۽ فعل صفتي جو حذف ڪيل.)

- ٻي سيڪا ويئي ڏيي، ٻيئي ڏيي اُٺ.

(هتي 'سيڪا'صفت جا موصوف يعني ڳئون، رڍ، مينهن وغيره ڪتب نہ آندا ويا آهن. ڏٺار ٻين سڀني ننڍن جانورن کي ويهي ڏُهندو آهي، پر اُٺيءَ کي ڏُهڻ لاءِ ڪيس اُٿي بيهڻو پوندو آهي.

- جهڙي نيت، تهڙي مُراد.

(جيڪو جهڙي نيت رکندو، تنهن کي تهڙي مراد ملندي يا اُجورو ملندو.)

- پريءَ چڱي ڪان، پيري چڱو چڱو.

(پريءَ جي ڪري چڱي ڪان، پيري جي ڪري چڱو چڱو. گهڻو وزن کڻي ماڻهو بيمار ٿئي، اِن کان چڱو آهي تہ گهڻا پيرا ڪري ٿورو ٿورو سامان کڻي پهچائجي. اِن سان جيڪو ٿڪ ٿيندو اُهو ٿوريءَ دير کان پوءِ آرام ڪرڻ سان لهي ويندو.

- ڀُڳڙن ڪاڌي هٿ ڌوتا ئي پيا آهن.

(ڀُڳڙن جي ڪاڌي سان هٿ ڌوتائي پيا آهن. سٺا ڪم ڪبا تہ اُن سان گلا ٿيڻ جو ڪوبہ امڪان نہ رهندو.)

- ڀُلي ٻاڻ آئي، سابہ نہ ڀُلي.

(ڀُلي ڳئون، مينهن، وڇَ وغيره جيڪڏهن ڀڻڪي ڀڻڪي شام جو پنهنجي وٿاڻ تي هلي آئي، تہ اُن کي ڀُليل نہ چئبو. هِتي "ڀُلي" صفت آهي، اُنهيءَ جو موصوف ڪتب آندل نہ آهي.)

- ٿوري ڪٽئي، گهڻي برڪت.

(ٿوري ڪٽئي سان، گهڻي برڪت ٿئي ٿي.)

- ٿونٺ لڳي، ساهيڙي ڀڳي.

(ٿونٺ لڳي ۽ ساهڙي ڀڳي. ٿوري يا رواجي ڳالهه تي جيڪي دوستي ٽوڙي ڇڏين، تن لاءِ چئجي.)

- پاڻ مرندي، ڪهڙا سيڻ؟

(پاڻ مرندي <u>ڪان پوءِ</u> ڪهڙا سيڻ؟ جيڪڏهن ڪنهن کي پنهنجي جان جو خطرو آهي، يا جڏهن پنهنجا سيڻ سڄڻ ئي ڪنهن کي مارڻ لاءِ تيار ٿي وڃن، ته پوءِ اُنهن جو ڪهڙو لحاظ رکبو؟)

- پنهنجي لاهي جنهن هٿ ۾ ڪئي، تنهن کي ٻئي جي لاهيندي ڪهڙو پوَ؟

(جنهن پنهنجي <u>پڳ يا عزت</u> لاهي هٿ ۾ ڪئي، تنهن کي ٻئي جي آبروُ وٺندي دير نه لڳندي. هتي 'عزت' يا 'پڳ' لفظ ڳجهو آهي.)

- ڦڙي ڦڙي تلاءُ.

(ڦڙي ڦڙي <u>سان</u> تلاءُ <u>ٺهي ٿو</u>.)

- جنين ڪاڻ ڪيم لائي چائي، سي نه ٿيم سورن پائي.

(جن لاءِ مون لائي چائي ڪئي يعني جهيڙو جهڳڙو يا ٻيا ڪوٽا ڪم ڪيا، اُهي پڻ سورن ۾ يعني تڪليف وقت منهنجا ساٿي نه ٿيا.)

- جوَ ڍيري، ڳڏهُ رکپال.

(جَوَن جي ڍيري رکي آهي، ته ڳڏهُ ان جو رکوالو ٿيو آهي.)

- جيڪا ڏاريان ٻڪري، تنهن لهندا ڪن.

(جيڪا ٻڪري ڏاريان ٿي، تنهن <u>جا</u> ڪن پيا لمن، يعني جيڪو ماڻهو پاڻ وٽ نوڪريءَ تي رکان ٿو، تنهن ۾ هڪ نه ٻيو عيب نظر اچي ٿو.)

- مانَ بڪيو سپ ڪو، نانَ بڪيو ڪو ڪونه.

(نان جو بُڪيو سپ ڪو، مانَ جو بُڪيو ڪو ڪونه.)

### 4.2.3 حالتن جون پراڻيون شڪليون:

سنڌيءَ ۾ اصطلاحن جون حالتون ناهڻ لاءِ حالتِ مفعولي (oblique or formative case) ۾ اسم جي پٺيان حرف جر (post position) لڳائي اسم جو فعل يا جملي جي ٻين لفظن سان تعلق ڏيکاريو ويو آهي. جيئن ته:

- هٿ کي (حالت جري)
- هٿ لاءِ (حالت سببي)
- هٿ، سان، کان، مان، تان (حالت اپادان)
- هٿ جو، جا، جي (حالتِ اضافت)
- هٿ ۾، تي (حالت مڪاني)

اِن طريقي کان سواءِ سنڌيءَ ۾ پُراڻا جوڙ يا پڇاڙيون (حرف جر جون نشانيون) به آهن، جيڪي اسم سان لڳائي اصطلاح ناهڻ کي ظاهر ڪبو آهي. اهڙا آڳاٽيون روپ ٻهاڪن ۾ چڱي تعداد ۾ ملن ٿا. حرف جر وارا جوڙ "آن، اَئون، اوُن، اَين" ٻهاڪي ناهڻ ۾ جدا جدا حرف جر جي معنيٰ ظاهر ڪندا آهن. ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ به اِنهن جو استعمال ڪن. اسم عام جي لفظن سان ڪبو آهي. مثال طور:

- هُو گهران آيو آهي.
- هوُ ڳوٺ ويو آهي.
- مان ڳوٺئون آيو آهيان.
- هوُ ٻارين ٻچين آيا آهن.
- هيءَ ڳالهه هنڌين ماڳين ڦهلجي وئي.

هاڻوڪي ٻوليءَ ۾ اِنهن جو استعمال گهٽو گهٽجي ويو آهي. اِهو گهٽو ڪري محاورن ۽ ٻهاڪن ۾ ئي نظر اچي ٿو. جيئن ته:

- ٿوري ڳِرهين گهٽو ڪائجي.

(ٿورن يعني ننڍن ڳِرهن سان، گهٽو ڪائڻ نيڪ آهي.)

- پُٽُ پيٽئون، ناني اکيئون.

(پُٽ پيٽ مان ٿو جڻجي ۽ ناني اکين مان يعني اکين جي پريت مان پيدا ٿئي ٿو. مطلب ته ٻئي برابر آهن.)

- ڪنڌيئون پار، ڦنڌارئون پار.

(جيڪو درياهه جي ڪنڌيءَ کان پري، يعني ٻي ڪناري تي بيٺو آهي، سو ڦنڌار کان به پري آهي. مطلب ته ٿوري دوري رکندڙ ڏينهون ڏينهن پري ٿي وڃي ٿو.)

- ڏِئي مٿيون، پر ڪنهن جي هٿون.

(سيني کي ڏيڻ وارو ڏٿي آهي، پر اُهو ڪنهن جي هٿان يعني ٻئي ڪنهن جي ذريعي ڏيئي ٿو.)

- راجا اکئين ڪِ ڪنين؟

(راجا نياءُ ڪندو اکين ڏٺي ڳالهه موجب، يا ڪنن سان ٻڌل ڳالهه موجب؟ مطلب ته ٻُڌل ڳالهه تي اعتبار نه ڪندو.)

- زالان ڏاوَڻ، مردان ڪاوَڻ.

(زالُن جو ڏاوڻ يعني سنان ڪرڻ يا وهنجڻ ۽ مردن جو ڪاوڻُ يعني ڪاڏو ڪائڻ. مطلب ته زالن کي وهنجڻ ۾ گهڻي دير نه لڳائڻ گهرجي ۽ مردن کي چستيءَ سان جلد ماني ڪائي تيار ٿيڻ گهرجي.)

- ستين لنگهڻين، ڪتو به حلال.

(ست ويلا بُک ڪاٽڻ کان پوءِ، جيڪڏهن ڪنهن ڪُتو ڪاڌو يعني منع ڪيل حرام جي شيءِ به ڪاڌي، ته پوءِ اُها به حلال سمجهڻ کپي. مطلب ته بک ۾ ماڻهو پنهنجي جان بچائڻ لاءِ نيچ ڪم ڪرڻ کان به نه ڪيٻائيندو.)

- سَجن پيٽان وڍيا، وڍين پيٽان سجا

(ڪڏهن ڪڏهن شريفن جا ڄاول ٻار نالائق ٿي پون ٿا ته ڪڏهن بداخلاقن جو اولاد تمام سٺو ٿي پوي ٿو.)

- واتُون خرار ڪاڇن، نَڪُون ڪٺو نه ڪاڇي.

(وات سان يعني سُهائيندي نموني گهٽوئي ڪائي سگهبو، پر نک مان يعني اڻ سونهائيندي طريقي سان ٿورو به ڪائي نه سگهبو.)

- نانءُ مردان، ڏن آوي جاوي.

(ناموس يا نالو مردن جو ڏنُ آهي، باقي ٻيو ڏن يا ناڻو تہ اچڻو وڃڻو آهي.)

- مِروئان موت، ملوڪان شڪار.

(مِروُئن جي لاءِ موت آهي، پر ملوڪن جي لاءِ اِهو فقط شڪار آهي يا دل وندرائڻ لاءِ هڪ راند آهي.)

- گهڻين زالين گهر نہ هلي، گهڻينَ مردين هر نہ هلي.

(گهڻين زالن سان گهر ٺيڪ هلي نہ سگهندو، ساڳيءَ طرح گهڻن مردن سان ٻني ٻاري جو ڪم بگڙندو.)

- انبان ٻور، ڪلالان لاهه.

(انبن جو ٻور گهڻو ٿئي ٿو، پر اُن مان آخر ۾ انب ٿورا لهن ٿا. ساڳيءَ طرح ڪلال جي ڪمائي گهڻي ٿي نظر اچي، پر اوڌر سوڌر ۾ ناس ٿي، باقي صافي ٿوري ٿي بچي.)

- ٻنئين منگئي گهر هلي، تہ ڪُهِ اُڌاري واٽ.

(ٻنڻ مگڻ سان جيڪڏهن گهر هلي ٿو تہ پوءِ اُڌاري جي واٽ وٺڻ ڪُهِ پوي يعني پوءِ اُڌر سوڌر وٺي ڇو گذر ڪجي؟)

- صلاحين شينهن ٻَجهن، ڪم ڪرهين نہ ٿئي.

(صلاحن ڪرڻ سان يعني اٽڪل يا مٺ محبت سان شينهن بہ پڃري ۾ ٻڌجي وڃن ٿا، پر اُهو ڪم جهيڙن سان نہ ٿي سگهندو.)

- گولاڙو گُئيان پَچي.

(گولاڙو گُئيان يعني هيٺان کان پچڻ شروع ڪندو آهي.)

- جيڪي فِراقان، سو وِصالان نہ ٿئي.

(ورهہ مان جيڪا پريم جي پيڙا يا تڙپ پيدا ٿئي ٿي، سا وصال يعني ميلاپ سان نہ ٿي ٿئي.)

### 4.2.4: فعلن ۽ ڪردنتن جا پراڻا روپ:

- ڪرند، پسند، ڏِيند لهند.

(جيڪو ڪندين، سو پسندين؛ جيڪي ڏيندين سو لهندين.)

- سڄڻ هُجن سنوان، مِرُون ڏيھ ڏنگايون ڪن.

(ڌڻي سائين اسان سان سولو هجي، يعني مهربان هجي ته پوءِ لوڪ ڀلي ڏِنگو هَلي ته به نقصان پهچائي نه سگهندو.)

- ماءُ جٽيندي پُٽڙا، ڀاڳ نه ڏيندي وندِ.

(ماءُ پٽ ڄڻيندي، پر انهن کي ڀاڳ وندي ته ڏيندي. هرهڪ جو نصيب ته ڌڻي سائين ناهي ٿو. هتي 'وندي' جو روپ 'وندِ' ڪتب آيو آهي.)

- نيچ نؤڪري،اتم کيتي، وڌنتُ واپار.

(نيچ نوڪري، اُتم کيتي، وڌندڙ واپار.)

- مُنگَن ڏاندي، ڪارڙي ٽاندي،

مُنگ پچي، ڪارڙو مَچي،

مُنگ لُئو، ڪارڙو مُئو.

(هتي 'لُڻڻ' مصدر جو ڪردنت (اسم مفعول) 'لُئو' پراڻي شڪل آهي.)

(ڪيولرام سلامت راءِ 'گل شڪر' ۾ اِنَ پهاڪي کي سمجهائيندي لکيو آهي ته، "ڪارڙو، هڪڙي ڪاري تر ڪان پڻ ننڍو جيت لاڙ واري خطي ۾ ٿيندو آهي، ۽ ماڻهن کي چڪ پائي، جو مُنگن جي پوک ڄاپڻ وارن ڏهاڙن ۾ ڄاپي، ۽ مُنگن جي لاباري ۾ ناس ٿي وڃي، تنهن جو حال ڏيکارڻ لاءِ سياڻن هيءُ پهاڪو ڏنو آهي." (ص 217)

- هٿان پَيئي نانڪان، در در ڌِڪا کاءِ.

(پنهنجن هٿان جيڪو غلط ڪم ڪيو اٿائين ته هاڻ هُو در در ڌڪا پيو کائي. هتي 'کائي' فعل جي ننڍي شڪل 'کاءِ' آهي.)

- چِني مُورون وننِي، ٻانيڻ کهڙو ڏوھ؟

(جنم پتري اصل جي وننِي يعني وِنِڌيل آهي، خراب آهي،

تہ پوءِ ٻانيڻ کي ڪهڙو ڏوهہ ڏجي؟)

- جنين ڪاڻ مُياس، سي ڪُلهي ڪانڌي نہ ٿيا.

(جن ڪاڻ مان مُئس، سي ڪلهي ڪانڌي نہ ٿيا. هتي 'مُئس' جي جهوني شڪل مُياس' آهي.)

- رِڻي ۽ رائر جو، سڏ جنهين کي هوءِ،
منجي اُتي جوءِ، وڃي تنهن کي وِسري.

(رِڻ= قرض، رائر = راڄ ڪر، ڍل، ٽئڪس. جنهن کي بازار جي قرض چُڪائڻ ۽ سرڪاري ڍل چُڪائڻ لاءِ سڏ ٿئي ٿو، تنهن کي منجي (کٽ) تي ٻاڪر ۾ وينل جوءِ بہ هڪدم وسري ويندي آهي.)

- جِنهو نہ وِسهو، وِسهو تہ مُسهو.

(جِنن تي ويساهہ نہ ڪريو، جي ويساهہ ڪندا تہ مُسجي ويندا. هتي 'مُسجڻ' فعل جي 'مُسهو' شڪل پراڻو آهي.)

- سوٽي هوءِ ساڻ، تہ گڏهہ گوهي نہ ڪري.

(سوٽي هجي ساڻ، تہ گڏهہ گوهي نہ ڪري. 'هُجي' جي پراڻي شڪل 'هوءِ' آهي.)

- آسرُمَ لاهيچ، سڄڻُ ٻاجهيندڙُ گهڻو.

(آسرو نہ لاهج، سڄڻ يعني ڌڻي سائين گهڻو رحيم آهي.)

- اک اُلٽي ڏار، وَنءُ اُلٽو عام سين.

(تون اُبتي اک ڏار، عام لوڪن کان ابتو وڃ. مطلب تہ دنيا کان ڏيان هٽائي ڌڻيءَ جي ڌيان ۾ گم ٿي.)

- وهم ورساياس، نا تہ پنهوُن آئون ٻاڻ هُئي.

(وهم جي ڪري ڀُلجي ويس، نہ تہ پُنهون آئون پاڻ هُئس.)

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽُرنپ جهوني سنڌيءَ ۾ 'هئڻ' يا 'هجڻ' فعل جون بہ شڪليون ڏنيون آهن:

[4] Ernest Trump, A Grammar of Sindhi Language, Leipzig, 1872.

| | |
|---|---|
| آئون هُجان/ هُئان | اسين هُجون/ هُئون |
| تون هُجين، هُجين/ هُئن، هُئين | توَهين هُجو/ هُئو، هو. |
| هُو هُجي/ هُئِہ، هوءِ/ هوئو | هُو هُجنِ/ هُئنِ. |

يعني: هوءُ/ هوئو هاڻوڪي ٻول چال واري سنڌيءَ ۾ گهٽ ڪري، 'هجڻ' مان نهيل شڪليون ڪتب اچن ٿيون، پر جهوني سنڌيءَ ۾ 'هُئڻ' مان نهيل شڪلين جو وڏيڪ استعمال نظر اچي ٿو. شاهہ جي ڪلام ۾ بہ 'هئڻ' مان جوڙيل شڪلين جو وڏيڪ استعمال نظر اچي ٿو. سنڌي ٻهاڪن ۾ بہ اهڙيون آڳاٽيون شڪليون وڏيڪ ڪتب آيون آهن.

**4.2.5: اُوياڪرڻي (غير وياڪرڻي) جملا ٺاهڻ:**

ڪن ٻهاڪن جي جملي جي بيهڪ نرالي ڍنگ جي آهي، جيڪا عام طور ٻهاڪن کان سواءِ ٻوليءَ ۾ ٻئي هنڌ نظر نٿي اچي. اهڙن ٻهاڪن جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

- آئون بہ ويندي پيڪي، مون بہ لهندي سڪ.

(هتي هاڻوڪي ٻوليءَ ۾ 'آئون بہ ونديس پيڪي' چئبو آهي.)

- جنهن جي هيڪار ڪيائين ڪُوڙي ٿي،
تنهن جي ٻيهار سچيءَ ساک نہ وسهان.

(يعني: هيڪار ڳالهہ ڪيائين، اُها جنهن جي ڪوڙي ٿي، تنهن جي ٻيهار سچيءَ ساک تي بہ مان ويساهہ نہ ڪريان. هتي ٻهرئين بيهڪ نندي جملي جي بيهڪ نرالي آهي، جنهن ۾ "ڳالهہ" لفظ ڪتب نہ آيو آهي.)

- اُپ ڦاٽي ڪي بہ ڪڏهن اڳڙي پوي؟

(ڦاٽل اُپ ڪي بہ ڪڏهن اڳڙي پوي صفت موصوف جي پُنيان آيو آهي.)

- ويٺي سِڳن ڪي، ڪن بہ ڪپائي آئي.

(ويٺي سِڳن ڪي يعني سِگ ناهرائڻ لاءِ، پر ڪن بہ ڪپائي آئي.)

- ڪاٺي وِسُوڙي، جي مُڙس ويو اڪِ ڪي.
(ڪاٺي اِن ويساهُ ۾ ويٺي آهي تہ منهنجو مڙس منهنجي لاءِ اک خريد ڪرڻ لاءِ ويو آهي.)

### 4.2.6. پهاڪن ۾ جملن جا جدا جدا قسم:

نثر ۾ گهڻا پهاڪا بياني جملن جي شڪل ۾ هوندا آهن. پر اسان کي اهڙا پهاڪا بہ ملن ٿا، جيڪي سوالي ۽ عجب اظهار ڪندڙ وغيره جملن جي صورت ۾ بہ آهن. هتي ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

**(الف) سادا بياني جملا** (Simple narrative sentences)

- پَتِ نَنهَن تي پاڻي آهي.
(عزت نَنهن تي پاڻي وانگر تِرڪي ويندي آهي.)
- ڏيئَڪو ڏَڻَ سِگهو وڏي.
(ڏيئرون جلدي وڏنديون آهن.)
- ڏٺي بہ سجاڻي تو سگَ ڏي.
(جيڪو انسان جنهن لائق آهي، ڏٺي سائين اُن کي اوترو ڏئي ٿو.)
- دِلي دُور آهي.
(ڪم پورو ٿيڻ ۾ اڃا گهڻو وقت آهي.)
- دولتمندن جا ڏاند بہ ويامن.
(ڀاڳ وارن کي ڪڏهن اهڙي هنڌان بہ ملي رهي ٿو، جتان ملڻ جي ڪابہ اُميد نہ هوندي آهي.)
- جُڙيءَ کي جَسِ.
(جُڙيءَ کي جَسِ آهي، ڏٺي سائين جيڪي ڪري ٿو، ان تي شڪر ڪر.)

**(ب) عجب ظاهر ڪندڙ جملا** (Exclamatory sentences):

- عقل ري عذاب گهڻا، پسندين جندڙي!
(اڙي جندا عقل کان سواءِ گهڻا ڏک ڏسندين.)

ناڻو پُوري رکيو آهي تہ اُهو ضرورت وقت هڪدم ڪتب ايندو.)
- تون ڪير؟ چئي "سِکيو"
(تون ڪير آهين، هُن جواب ڏنو، "مان سِکيو آهيان". مطلب تہ ڪنهن جي پلائي ڪندي جيڪڏهن ڪنهن کي ڏوهہ اچي تہ هُو چوندو آهي تہ اڳتي لاءِ مان سِکيو آهيان.)
- ٻائي ٻير؟ اڍائي سير.
(ٻائي ٻير کهڙي اگهہ تي ٿي وڪڻين؟ هُن جواب ڏنو، "پئسي جا اڍائي سير" مطلب تہ شيءِ گندي يا خراب آهي.)
- اگهہُ ڪنهن وِڌو؟ چئي، "جنهن جي نہ سَري."
(ڪنهن شيءِ جي قيمت ڪنهن وڌائي؟ اِن تي هُن چيو، "جنهن جي اُن شيءِ کان سواءِ نہ سري سگهي." مطلب تہ ضرورت پوڻ تي ماڻهو مهانگي شيءِ بہ خريد ڪندو آهي.)

(ڇ) حڪم وارا جملا (Imperative sentences):
- ڏيئڙي سوڪرِ، جو ڏِنُئہ ماءُ گهر.
(نونهنڙي سوڪر، جو ڏِنُئہ سَسُ گهر.
- خرچ ڪاءُ، تہ ڏِئي شاهہ.
(دل کولي خيرات ڪر تہ پئسو سُٺن ڪمن ۾ خرچ ڪر تہ ڌڻيءَ توکي پاڻ ئي ٻيو بہ ڏنُ ڏيندو.)
- پيءُ ڏيکارِيا شراڌ ڪر.
(جيڪڏهن پٽهين جيئرو آهي، تہ اُن کي وٺي اچي حاضر ڪر. جيڪڏهن مري ويو آهي تہ پوءِ سندس شراڌ (مري ويل مائٽن جي عزت ۾ برهمڻن کي ساليانِي بخشيش ڏيڻ جي رسم) ڪر. مطلب تہ ڳالهہ جي هڪ هيڪاڻي ڪر.)

(چ) مرتب جملا (Complex sentences):

- آپ سُکي تہ جڳ سُکي.
(جي پاڻ آسودو آهي تہ کيس سڄو جڳ آسودو نظر اچي ٿو.)
- اگر رکڻ ڏينس تہ سڄي ٻانهن ڳڙڪائي رجي.
(ڪنهن جي ڀلائي ڪر تہ هو اُن ناجائز فائدو وٺي تنهن لاءِ چون.)
- چُلهہ تي، سو دل تي.
(جو چلهہ تي آهي، سو دل تي آهي.)
- چڱا سي چئجن، جن جا پويان چڱا.
(اُهي چڱا ٿا چئجن، جن جو اولاد چڱو آهي.)
- جٽ پڙهيو، الله اڙيو.
(اڻاڙيءَ علم حاصل ڪيو تہ، الله جي نالي جو غلط استعمال ڪندو.)
- جنهن جو کائجي، تنهن جو ڳائجي.
(جنهن مهرباني ڪئي آهي، تنهن جا ڳڻ ڳائجن.)

(ح) مُرڪب جملا (Compound Sentences):

- آڏيلو نہ ڏِئي، آڏيو ڏئي.
(جيڪو وقت تي ٿورو خرچ ڪري ڪم نہ ڪري، پر پوءِ اُن لاءِ گهڻو خرچ ڪرڻو پويس، تنهن لاءِ چئبو آهي.)
- چٽيندڙ چُٽا ۽ پرٽيندڙ مُٺا.
(جن ڇوڪري جٽي سي تہ کيس پرٽائي چُٽي ويا، ۽ جيڪي کيس پرجڻ ڪان پوءِ پنهنجي گهر وٺي ويا، سي مُسجي ويا. خراب ڇوڪريءَ لاءِ چئبو آهي.)
- ڦِٽ ٻُجو ڪَج، پر گِهہ ذرو ڏج.
(جيڪو پنهنجي عزت جو خيال نہ رکي ۽ ٻئي اڳيان هٿ ٽنگي، تنهن لاءِ چئبو آهي.)

- وٽُ نہ ڪٽي، وٽُ جو ونڻ ڪٽي.

(شيءِ پاڻ پلي ملهائتي نہ هجي، پر اُن جي پئڪنگ سهڻي آهي تہ اُها شيءِ عوام ۾ پسند پوندي.)

### 4.2.7: شعرن يا بيتن ۾ پهاڪا:

نثر ۾ جدا جدا جملن جيَ صورت ۾ پهاڪا گهٽي تعداد ۾ ملن ٿا، پر بيتن جي شڪل ۾ بہ چڱي تعداد ۾ پهاڪا ملن ٿا. اُنهن ۾ تُڪ کي ملائي سُر، تال ۽ لئہ جو گڏ پهاڪن ۾ پيدا ڪيو ويندو آهي. اهڙن پهاڪن تي تفصيل سان ويچار هيئت يا شاعريءَ جي اصولن هيٺ ڪيو ويو آهي. هتي اهڙن پهاڪن جا فقط ڪجھ مثال ڏجن ٿا:

- پُلاھ جهڙي پدمڻي، جي هَڪي حاضر هوءِ،
بوُسي وجھ پيٽ ۾، مَرُ پيٽ ڦاٽي پوءِ.

(سُنو لذيذ ڪاڏو ملڻ تي ماڻهو جڏهن هيچ ڪري کائيندو آهي ۽ پوءِ بيمار پوندو آهي، ان ڏانهن اشارو ڪندي هيءُ پهاڪو چيل آهي.)

- ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهن مڙھ مُقام ۾،
واريءَ سندو ڪوٽ، اڏي اڏبو ڪيترو.

(انسان ڪڏهن جوان ۽ سهڻو آهي تہ ڪڏهن اُن جو مڙھ مُقام ۾ پيو آهي. هيءَ زندگي واريءَ جو ڪوٽ آهي، يعني فاني آهي. اُن کي انسان ڪيترو وقت قائم رکي سگهندو؟)

- ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجھ، اچي بوءِ بهار جي.

(سڀيئي ماڻهو سُنا ۽ سهڻا نہ هوندا آهن. سڀيئي پکي هنج نہ هوندا آهن. اهڙا ماڻهو تمام ٿورا آهن، جن مان بهار جي مند جي خوشبوءِ اچي ٿي.)

- ڄڻيءَ سُٽ پسايو، واڻئي وِڌس وَٽِي،
ڄڻيءَ ليکي واڻيو مُنو، واڻئي ليکي ڄڻي،
مُني اُهائي ڄڻي، مُني اُهائي ڄڻي.

(چنّي پاٽيءَ ۾ سُٽ پُسائي آلو ڪري واڻئي جي دُڪان تي وڪڻڻ لاءِ ڪٺي ويئي. واڻيو اِها ڳالهه سمجهي ويو. هُن وري ڪوٽا وٽ ساهميءَ ۾ رکي سُٽ توريو. جنهن ڪري سُٽ جي تور گهٽجي ويئي. چنّي پنهنجي دل ۾ خوش هُئي تہ مون واڻيئي کي ٺڳيو آهي. ٻئي طرف واڻيو خوش هو تہ غلط وٽن جي خبر چنّيءَ کي ڪانہ پئي آهي. نتيجو اِهو نڪتو تہ اِن سودي ۾ نقصان چنّيءَ کي ئي پيو.)

### 4.2.8: پهاڪن ۾ ماڻهن جا نالا:

هرهڪ سماج ۾ ٻار جي ڄمڻ تي مٿس نالو رکڻ جون جدا جدا ريتيون آهن. هندوُ گهڻو ڪري جيوتش جي حساب موجب جنم جي ويلو وقت، گرهہ گوچر، راسيون وغيره جاچي اُن موجب نالو رکندا آهن. سِک پنٿ وارا گروگرنٿ صاحب مان وچن وٺي ٻار تي نالو رکندا آهن. ڪن حالتن ۾ عوامي عقيدو، ڀرم- سنسار بہ نالن جي بُنياد ۾ هوندا آهن. جيئن تہ:

جنهن ڪٽنب ۾ ٻار نہ ڄمندو آهي ۽ پوءِ سِڪي سِڪي جڏهن ٻار پيدا ٿئي ٿو تہ اُن تي اهڙي خواهش وارا نالا رکندا آهن (بچارام، بچومل، جيئندراءِ، دولهہ ڏنو وغيره). سِڪي لڌي ٻار کي بُري نظر کان بچائڻ لاءِ مٿس اڻوڻندڙ نالو رکڻ جي بہ روايت آهي. مثال طور: مِرچُومل، ڪوتارام، ڪوڏومل، غريب داس وغيره.

ٻار تي گهڻو ڪري اهڙو نالا رکڻ پسند ڪبو آهي، جنهن سان هُن جي گُڻن، مزاج، بهادري وغيره جي ڄاڻ ملي. پهاڪن ۾ اهڙي قسم جي نالن جو استعمال مکيہ طور جن مقصدن سان ڪيو ويو آهي، اُهي مقصد هن ريت آهن:

(1) تجنيس حرفي جي لاءِ نالا چونڊي ڪنهن احساس جو اظهار ڪرڻ.
(2) گڻن موجب رکيل نالن جو اظهار ڪرڻ.
(3) گڻن جي ابتڙ نالا کڻي طنز يا ٽوڪ ڪرڻ.
(4) خاص شخص جو نالو کڻي عام حقيقت ڄاڻائڻ.

(1) تجنيس حرفي جي لاءِ نالا چوندي ڪنهن احساس جو اظهار ڪرڻ:

گهڻن پهاڪن ۾ اهڙا نالا ڪتب ايندا ويا آهن، جيڪي پهاڪي ۾، تجنيس حرفيءَ جي سونهن پيدا ڪن ٿا. اِن ڪري اُهي آسانيءَ سان ياد پوڻ ڪري عام ماڻهن ۾ جلدي عام ٿي وڃن ٿا.

- ڏيهه ڪري ڏياري ته هرچندُ ڪري هولي.

(جڏهن ڪو ماڻهو عام رواج جي اُبتڙ هلت ڪري تڏهن چئبو آهي.)

- پهريائين پيٽ پنجوءَ جو، پار پچا سڀ پوءِ.

(ڪو خود مطلبي ماڻهو فقط پنهنجي ڳڻتي ڪري ۽ ٻين ڀاتين جو به خيال نه رکي تڏهن چئبو آهي.)

- لکي لکانو، پڙهي اِلهانو.

(جڏهن ڪنهن جي لکڻي اهڙي خراب هجي جو ٻيو ڪو به ماڻهو پڙهي نه سگهي، تڏهن چئبو آهي.)

- موٽوُ مگيوئي نه آهي ته پُڇي پيئي ڪٽ ڪٽي وِجهان.
- پمن پرٽيوئي نه آهي ته پُڇي پئي ڪٽ ڪٽي وِجهان.

(انهن ٻنهي پهاڪن جو مطلب آهي ته ڪم جي ٿيڻ ۾ اڃا گهڻي دير آهي، پر اُن لاءِ تيارين ڪرڻ ۾ اجائي تڪڙ پيئي ڪجي.)

- ڪيڏانهن مُنهن مريم جو، ڪيڏانهن الهيار.

(الهيار جو ٿنڀو هڪ طرف آهي ته مائي مريم اوڏانهن وڃڻ لاءِ اُبتي ڏس ۾ پيئي هلي.)

- پائي پُورو، ليکو پورو.

(جڏهن ڪو ماڻهو، دعوت وغيره ۾ کاڌي پيتي جو بلڪل پورو پورو حساب رکي، جو ڪجهه به زيان نه ٿئي، تڏهن چئبو آهي.)

(2) ڳُڻن موجب رکيل نالن جو ذڪر ڪرڻ:

- جتي وڃي ڀاڳان، اُتي لڳيس ڀاڳُ.

(ڀاڳ ونتي (ڀاڳ واري) جتي وڃي ٿي، اُتي سندس ڀاڳ به ڪيس مدد ڪري ٿو.)

- لُڏڻ ٻائيءَ ڀڳرو ڪيو، چنڊيندي ڏينهن ويو.

(جڏهن ڪا عورت فئشن ۾ ناهه نوهه ۾ لڳي رهي ۽ فقط پنهنجا پيئي ڪپڙا ڏسي تڏهن چئبو آهي.)

- لڇمي، ڪُلڇڻ ڊِڪٽي.

(لڇمي يعني ناڻو ڪُلڇڻن کي ڊِڪي ٿو چڙي.)

- گنگا گئي گنگاداس، جمنا گئي جمناداس.

(گنگا ويو ته گنگا جو پُوڄارو ٿي ويو ۽ جمنا ويو ته جمنا جو پوڄاري بڻجي ويو. هي هندي ٻوليءَ جو ڀاڪو سنڌيءَ ۾ به مشهور آهي.)

(3) ڳڻن جي اُبتڙ نالا ڪٽي طنز يا ٽوڪ ڪرڻ:

- لهي لوهه به ڪونه، نالو سون ٻائي.
- ليڻس لوڻ ڪٽا به نه، چئي منهنجو نالو سون ٻائي.

(آهي تمام غريب عورت، پر نالو اٿس سون ٻائي.)

- بدن ۾ دمُ نهيس ڪانه، نالو زوراور خان.

(جڏهن ڪنهن ڪمزور شخص جو نالو زوراور خان هجي.)

- ڄاڻي اکر به ڪونه، نالو محمد فاضل.

(جڏهن ڪنهن اڻپڙهيل جو نالو 'فاضل' هُجي.)

- اکيون چُنجهيون، نالو نيناونتي.

(اکين جي آهي چُنجهي ۽ نالو اٿس سندر نيڻن واري.)

(4) خاص شخص جو نالو ڪٽي عام حقيقت ڄاڻائڻ:

سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي ڪردارن کي ڪٽي ڪافي ڀاڪا سنڌيءَ ۾ مشهور آهن. اُنهن ۾ ڪردارن جو مثال ڏيئي ڪنهن عام سچائي يا حقيقت طرف اشارو ڪيل هوندو آهي. هتي اهڙن ڀاڪن جا

ڪجهه مثال ڏجن ٿا. اِنهن لوڪ ڪهاڻين جو بيان ثقافتي اڀياس واري باب ۾ ڪيل آهي.

- دودو ڏوڙ، چنيسر ڇائي، هن جي ڪسر هُن ۾ آئي.

(دودو ۽ چنيسر ڀيرا ڀائر هئا، جن جي وچ ۾ راڄ تخت جي ڪري جنگ لڳي هئي. اُن ڪري عوام بيزار ٿي هي پهاڪو چيو. مطلب تہ جڏهن ٻئي حاڪم هڪجهڙائي نڪما هُجن، تڏهن هي پهاڪو ڪتب آڻبو آهي.)

- اڃا اُٺ ڪين سسُئي.

(سسئي پيرين پنڌ پنهونءَ کي ڳولهڻ نڪتي، هُوءَ برپٽ ۽ جبل جهاڳيندي رهي. ان تي شاهہ لطيف چوي ٿو تہ: "سسئي اُٺن تي هجي تہ شايد پنهنجي منزل تي پهچي وڃي. پيرين پنڌ پهچڻ تہ مشڪل اٿس." مطلب تہ ڪم نهايت ئي اوکو آهي.)

- ناهي راڻو راڄ ۾، تڏهن مومل ٿي ماندي.

(مومل راڻي جي لوڪ ڪهاڻيءَ تي ٻڌل پهاڪو آهي. ڪنهن جو محبوب وٽس نہ هجي ۽ هوءَ بيقرار ٿي وڃي، اِن تي اِهو پهاڪو چئجي.)

- دلوراءِ جي نگريءَ جيان، ناس ٿي ويندين.

(دلوراءِ نالي هڪ ظالم راجا ٿي گذريو آهي. سندس ظلمن جي ڪري قدرتي ڏمر ٿيو، جنهن ۾ هُن جي راڄڌاني ناس ٿي ويئي. اِن طرف اشارو آهي.)

### 4.2.9: پهاڪن ۾ انگن جو استعمال:

سنڌي پهاڪن ۾ انگ ڏيکاريندڙ لفظن جي استعمال کي اسين ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهون ٿا:

(1) تجنيس حرفيءَ ۽ تڪُ ملائڻ لاءِ.

(2) ٻن شين جي وچ ۾ فرق ڏيکارڻ لاءِ.

(3) هڪجهڙين ڳالهين کي هڪ هنڌ رکڻ لاءِ.

(1) تجنيس حرفي ۽ ٽُڪ ملائڻ لاءِ:

- چگائيءَ کي چار، ڳٽي هٽجن موچڙا.
(ڪنهن سان ڀلائي ڪجي ۽ موٽ ۾ هوُ نقصان ڪري، تڏهن چئجي.)
- چئن پئسن جي چنايپٽي، پنجن پئسن جي ملهم- پٽي.
(ڪنهن ننڍڙي تماشي ڪان پوءِ، اُن پٽيان وڏيڪ خرچ ڪرڻو پوي، تڏهن چون.)
- پنج گنج.
(پنج آهن تہ سيڪي آهي. جڻ اسان کي وڏو ئي خزانو مليو آهي.)
- نئين ڪنوار نَوَ ڏينهن، لٿي پٿي ڏھ ڏينهن.
(ساهُري گهر ۾ جڏهن ڪنوار داخل ٿئي ٿي، تڏهن نَوَن يا وڌ ۾ وڌ ڏھ ڏينهن سندس عزت ٿئي ٿي. اُن ڪان پوءِ هوءِ ٻين وانگر گهر جي ڪمن ۾ لڳي وڃي ٿي. هتي تجنيس حرفي ۽ ٽُڪ ملائڻ جو استعمال ڪيل آهي.)
- ٻارنهين ڪوهين ٻولي ٻي.
(ٻارنهن ڪوهن جي فاصلي ڪان پوءِ ٻوليءَ ۾ ڪجهہ فرق نظر اچي ٿو.)

(2) ٻن شين جي وچ ۾ فرق ڏيکارڻ لاءِ:

- ٻارنهن گدرا، تيرنهن لاڳدار.
(ٻارنهن گدرا آهن تہ تيرنهن ڄٽا ان جو حصو گهرندڙ آهن.)
- هڪ لٽي، سهسين پٽي.
(ڌڻي سائين هڪ واٽ بند ڪري ٿو تہ انسان لاءِ ٻيا هزارين رستا کولي ٿو.)
- اڌيلي جي پڳڙي، رُپيو ٻڌائي.
ڪِري پوي کُوھ ۾ تہ ٻہ رُپيا ڪڍائي.

(ڪنهن خسيس شيءِ تي جڏهن گهڻو خرچ ڪرڻو پوي، تڏهن چون.)

- هڪ/ يڪ تندُرستي، هزار نعمت

(جيڪڏهن هڪ تندرستي ماڻهوءَ کي حاصل ٿيل آهي ته پوءِ هزار نعمتون ملن ٿيون.)

- ويري هڪڙو به گهڻو، سڄڻ سوين به ٿورا.

(دشمن چاهي هڪ هُجي، ته به ڪيس وڏيڪ ليک، پر سڄڻ يا دوست سوين هجن ته به اُنهن جو تعداد گهٽ سمجهه.)

- انڌو گهرُي الله کان هڪ اک،
- پر جي ٻه مِلنس، ته ٻيو ڇا کپيس.

(ڪو ماڻهو جي گهٽ ۾ گهٽ ضرورت جي شيءِ چاهي ٿو، پر جيڪڏهن ڪيس اُن کان وڌيڪ اُها شيءِ ملي ٿي، تڏهن هي پهاڪو چون.)

(3) هڪجهڙين ڳالهين کي هڪ هنڌ رکڻ لاءِ:

سُگهڙن جا جوڙيل اهڙي قسم جا گهڻيئي ٻول يا بيت ملن ٿا، جن ۾ هڪجهڙن گڻن واريون ڳالهيون هڪ هنڌ بيان ڪيون وينديون آهن. اِهي انگن جي ڳُڻپ موجب رکيل هونديون آهن. اِن قسم جا ٻول پهاڪن جي شڪل ۾ مشهور ٿي ويا آهن. هتي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب "پروليون، ڏِٺون، معمائون ۽ ٻول" مان ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

- نه ڪو گهرُ نه ڪوتڙُ، نه ڪا گهرواري،
  هڪ ڇٽي کي ننڍ پياري.

(جنهن کي گهر نه هجي ۽ نه ڪا زال هجي، اُهو اڪيلو مُڙس ڀلي ته پيو ننڊون ڪري.)

- ڇنل جُتي پير ۾، گهُرُ جُهرُ ڪئي جوءِ،
  اِهي ٽئي نه هوءِ.

(ڇنل جُتي ۽ زال جي ڪُرڪُر، اِهي ٽئي نه هُجن ته چڱو آهي.)

- انڌو ۽ اڻ سُونهون ٻئي هڪ آچار،
(انڌو ۽ اڻ سُونهون ماڻهو ٻئي برابر سمجهو.)
- ڏيڻ، روئڻ، ڏيهه ڇڏڻ، ٽيئي تول ڏُکيا،
سي قادر پنهنجي قدر سين، هيئين هيٺ رکيا.
- حاڪم، باهه ۽ پاڻي، اِهي ٽيئي گهٽ نه چاڻ.
- مِڪو ماڻهو، گونگو مينهن، بيٺل پاڻي، جُهڙ جو ڏينهن،
اِهي چارئي ٻوڙين.
(مِڪو= اندر جو ڪوڙو، مِيسِٽو)
- نه ڪَسيئي ڪماڻ، نه پڙيئي جماڻ،
نه ٽپيئي ڪوُها، نه رَميئي جُوئا.
(ڪمان ڪشڻ (ڇڪڻ)، ضامن پوڻ، کوهه ٽپڻ ۽ جوئا کيڏڻ،
اِهي چارئي ڪم نه ڪجن.)
- ڪاچ ڪٽورو، گيهه گهڙو، موتي ۽ من،
ڀڳا وري نه ٿهن، تن جو ڪجي جتن.
(شيشي جو پيالو، گيهه جو گهڙو، موتي ۽ من، اهي چارئي ڀڳا
ته وري سڄا نه ٿين. اِن ڪري اِنهن چئني جي سنڀال ڪجي.)
- ڪوري، ڪُنير، ڪڪڙ ۽ ڪانءُ،
اُٺي مينهن چئني جو وڃي هانءُ.
- ڪانئين کي باهه مان، مِرونءَ کي ماهه مان،
بخيل کي مال مان، عالم کي علم مان،
سائل کي خيرات مان، پنجني ڍَءُ نه ٿئي.
- اڪ ٻارڻ، جَوَ توَڻُ، ڪِر ڪِريو پتارُ،
چُنجهي زال، ٽِمِٽو گهر، اِهي پنجئي آزار.
- هڪ انڌو، ٻيو پوڙهو، ٽيون ٻوڙو، چوٿون ٻار،
پنجون بيمار، اهي پنجئي بيمار.
- هٿُ، ڇٺُ، ڦٽُ، سرُ، سُوئرُ،
اهي پنجئي بڏا ٻلا.

- ڪٽر ڏڱي، ڇَڪِرُ گهوڙو، اُٺ نہ ڪٽي بار،
ڪُتو وڃائي ٿانوءَ کي، نِهائينءَ اُگهاڙي نار،
اهي پنجئي مارِ.

ان طرح سگهڙن جا سياٽپ پريا ٻيا بہ گهڻيئي ٻول آهن، جيڪي سمورا يا اُنهن جا ڪجهہ بند پهاڪن وانگر لوڪن ۾ مشهور آهن. هتي ڪجهہ بند مثال طور ڏجن ٿا:

- اُٺ کي تہ لاٺو ڀلو، گهوڙي کي تہ داٺو ڀلو،
مرد کي تہ ناٺو ڀلو، معشوق کي تہ ماٺو ڀلو.
- ڄيٺ جو آ مِينهن ڀلو، سياري سندو ڏينهن ڀلو،
نُنڊپڻ سندو نينهن ڀلو، ڀڄريْ ۾ آ شينهن ڀلو.
- ٻني سا جا ٻنين ڀلي، ڀوڪ سا جا پَنين ڀلي،
گهوڙي سا جا هَنين ڀلي، عورت سا جا ونين ڀلي.
- اڪ جي سوٽي تي، پاٽيءَ جي ڦوٽي تي،
دل جي ڪوٽي تي، قد جي ڇوٽي تي،
ڀروسو نہ ڪجي.
- سون پرکجي ڪسوٽيءَ، رُپو پرکجي باھ،
ماڻهو پرکجي، تڏهن، جڏهن بار مٿس اچلاءِ.

ان قسم جي ٻولن ۾ بہ چاهي انگن جو استعمال نہ ٿيل آهي، تہ بہ هڪجهڙن گڻن يا وصفن واريون ڳالهيون هڪ هنڌ رکيون ويون آهن.

### 4.2.10: پهاڪن ۾ پراڻن لفظن جو ذخيرو:

سنڌي پهاڪا صدين کان وٺي سيني بسيني زباني روايت موجب هلندا ٿا اچن. اِهي هڪ قسم جا "سُوتر پريوڳ" (مقرر ڪيل قاعدي موجب استعمال) آهن، جن جي وياڪرڻي بيهڪ ۽ لفظن ۾ ڦيرگهير ڪانہ ٿي ٿئي. اِن ڪري گهڻيئي پراڻا وياڪرڻي شڪل ۽ لفظ چاهي عام ڳالهہ ٻولهہ واري سنڌيءَ ۾ واهپي مان نڪري ٿا وڃن، تہ بہ اُهي پهاڪن ۾ جيئن جو تيئن قائم رهندا آيا آهن.

اُهي سنڌي پهاڪا جن جو بنياد سنڌ جي ڪِن خاص ايراضين تي آهي، يا اُنهن ۾ اهڙين شين جا نالا آهن جيڪي فقط سنڌ ۾ پيدا ٿيون آهن، اُهي ڀارت جي سنڌي ٻوليءَ ۾ گهٽي قدر واهپي مان نڪري ويا آهن. مثال طور: ٻڌ، ڏُٿُ (جهنگلي گاهه)، گولاڙو، (هڪ قسم جو ڦل)، ڪارڙو، (لاڙ ۾ مُگن جي فصل ۾ پيدا ٿيندڙ ننڍڙو ڪارو جيت) وغيره سان واسطو رکندڙ پهاڪا هاڻي ڀارت جي سنڌيءَ ۾ ڪتب نہ ٿا اچن. ساڳيءَ طرح "ڳُوني سدا اوُنهي"، "چانڊيا چور شابراڻي شاهد"، "چِٽي چَنيجن جي وچي پُرڻ تي پيئي". اهڙا پهاڪا بہ ڀارتي سنڌيءَ مان گم ٿي ويا آهن.

اسان پراڻن وياڪرڻي شڪيلن تي هن کان اڳ ويچار ڪيو آهي. هتي ورڻ مالا موجب اهڙن ڪن پراڻن سنڌي لفظن جا مثال ڏجن ٿا، جيڪي پهاڪن ۾ سلامت آهن، پر عام ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ اُنهن جو استعمال بلڪل ختم ٿي ويو آهي يا گهٽي قدر گهٽجي ويو آهي.

اَهو = تِير، ڪانُ (سنسڪرت ۾ اِشُ)

- اَهو بہ ويو تہ سَهو بہ ويو.

(تير بہ گم ٿي ويو تہ سهو بہ ڀڄي ويو)

آڪرو = مهانگو.

- ناڻو ڏجي آڪرو، تہ گيهہُ چو ونجي ٻاڪرو.

(اگهہ وڌو ڏجي تہ ٻاڪري ڪير مان ٿهيل گيهہ چو ونجي؟)

آگو = پرماتما، ڀڳوان، خدا، ڌڻي سائين.

- ڏس آگي جا اسرار، جو عيبدار اڳي ڪري.

(ڌڻي سائين جا عجيب ڪيل ڏس، جو هُو ڪڏهن ڪڏهن عيبدارن تي مهربان ٿي ڪين سيني ۾ اڳيان ٿو آڻي.)

آرهڙ= گرميءَ جي مُند، تپت، اونهارو.

- آرهڙ جي تپي ڏينهن، سانوڻ جي وسندي مينهن،
سياري جي آڌي رات، شل نہ پوي هنگڻ تات.

(مطلب تہ بيان ڪيل وقتن تي ڪاڪوس جو خيال ٿئي تہ

گهڻي پريشاني ٿيندي آهي.)

آهِري = آرسي.

- انڌي اڳيان آهِري، ڪر ٽئو ٽنگيو آهه.

(انڌي اڳيان آرسي ائين آهي، جيئن ٽنگيل ٽئو)

آهِرُ = جهنگلي ماڻهو، گهٽ ذات ماڻهو.

- آهرُ ڪٽي اوبٽي، رن وڃائي رنبو.

(جهنگلي ماڻهو ٿورو ڪمائي اچي ته سندس زال اُن کان وڌيڪ خرچي نقصان ڪري.)

آهُ = ڪوُهه جي پرسان پاڻي ڪٺو ڪرڻ لاءِ ٺهيل حوض.

- جيڪي کوهه ۾ هوندو، سو آهُ ۾ پوندو.

(کوهه ۾ جي منو پاڻي هوندو ته حوض ۾ جانورن کي به منو پاڻي ملندو. مطلب ته جهڙو ڪم/ عمل ڪبو، تهڙو ڦل ملندو.)

آهُرُ = ڍورن جي ڪاڌي لاءِ ٺهيل حوض.

- آهُرُ جي آسري، جهنگ نه چُنائون.

ڍڳيون مينهون جهنگ ۾ چرڻ ويون، پر اُتي پورو گاهه نه کاڌائون، آسرو هون ته وٿاڻ ۾ پهچڻ تي آهُر ۾ اِن کان وڌيڪ سٺو چارو ملندو.)

اُماڙ/ اُماڙي = جلندڙ ڪاٺي.

- ڪتيءَ کي ڪنهن اُماڙ ڏنو هو.

سا تارا ڏسي ٿي ڀني.

(ڪُتيءَ کي ڪنهن ٻرندڙ ٻُنڊي ڏيکاري ته هوءَ باهه ڏسي ڀڄي ويئي، پوءِ ته رات جو تارن جي روشني ڏسي به اُن کان ڀئي ڀني.)

اوجهه = اوجهري، پيٽ.

- ڦاڙهو جاتي ڪائي، تاتي اوجهه ڍِئي.

(ڦاڙهو جهنگ ۾ جتي وڃي ڪائي ٿو، اُتي ئي پوءِ ڦاسي شڪارين هٿان مري ٿو.)

اونڻُ = مدد ڪرڻ، ڪم ڪرڻ، زمين کيڙڻ.
- جنهن اونيو، سو ارجن.
(جنهن ڪم جي شروعات ڪئي، سو ارجن* وانگر بهادر آهي.)
اوبٽي = سُٽ ڪتڻ جي ٽڪُلي.
- آهِر ڪتي اوبٽي، رن وڃائيس رنبو.
(مڙسن ٿورو ڪمائي ٿو اچي تہ سندس زال اُن کان وڌيڪ خرچي نقصان ٿي ڪري.)
اوهُ = شِيردان، ٿڻن ۾ اُهو حصو جتي کير ڪِٺو ٿئي ٿو.
- هر ڪنهن کي ٻئي جي مينهن جو اوهہ وڏو نظر ايندو آهي.
(هر ڪو ماڻهو پنهنجي شيءِ جي ڀيٽ ۾ ٻئي جي شيءِ کي سٺو سمجهندو آهي ۽ چاهيندو آهي تہ اُها وٽس هجي.)
ڪر = چڻ، سمجهو تہ.
- انڌي اکيان آهري، ڪر تنئو ٽنگيل آهي.
(انڌي اکيان آرسي ائين آهي جڻ تہ تنئو ٽنگيل آهي. مطلب تہ، اڻ ڄاڻ ماڻهوءَ کي اُن ڳالهہ مان ڪوبہ لاڀ نہ ٿيندو.)
ڪَرهن = ڪَلهہَ، جهيڙو، وِڪاند.
- جاسين لال ڪٽي لِٺ، تاسين ڪَرهَن وڃي اجهامي.
(جيسين لال لٺ ڪٽي لڙڻ لاءِ پهچي تنهن کان اڳ جهڳڙو ئي ختم ٿي وڃي.)
ڪَلِ = هڪ قسم جو ڏِکهو ۽ گهاٽو گاهُ.
- انڌي گهوڙي ڪل ۾.
(گهوڙي اڳي ئي انڌي آهي، وري وڃي ڦاٿي ڪلِ ۾، اِها ٻاهر نڪرڻ جي واٽ ڪِٿان ڳولي سگهندي؟)
ڪنوات = ٻن سالن جو ننڍو اُٺ، اُٺ جو سيڪڙات ٻچو.

* هندُن جي رزميہ منظوم مذهبي ڪتاب "مهاڀارت" جو هڪ هڪ ڪردار، پنجن پانڊوَن ۾ ٽيون نمبر پاٽ.

- اُٺ ٻڍو ته به ٻه ڪنواٽ لهي.

(اُٺ چاهي ٻڍو ٿي وڃي ته به ٻن نوجوان اٺن جهڙو بوجهو ڍوهي سگهي ٿو.)

ڪاڍارو= وياج تي وٺڻ.

- ڪڍي ڪاڍارا، ڏئي اُڌارا.

(جيڪو وياج تي ناڻو وٺي ۽ بنا وياج ٻين کي اڌارو ڏئي، تنهن جو هاڃو ٿيندو.)

ڪارِڙو= سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ پيدا ٿيندڙ ننڍو ڪارو جيت.

- مُگَن ڏاندي، ڪارڙي ٽانڊي،
مُگ پچي، ڪارڙو مچي،
مُگ لُئو، ڪارڙو مُئو.

(منگن جي پوک ۾ ڪارڙو پيدا ٿيندو آهي. فصل لُٽڻ تي اُهو مري ويندو آهي.)

ڪانياري = ڪاڻي يا گهُرج واري، ڏڄڻي.

- ڪانياري ٻلي، ڪوئي جي جوءِ.

(ڏڄڻي ٻلي چاهي ڪُوئي ڪان ڏاڍي آهي، ته به ڏپ جي ڪري هُن جي چڻ زبردست ٻڄجي ٿي وڃي.)

ڪِنگرُ = نڪر جو ڪُپڙو.

- ڪِنگرُ ۾ ڪَڪِڙا، پڙي مبارڪ.

(ڪيهه پوکڻ لاءِ ڪِنگر ۾ پاڻي وجهي اُن ۾ ڪڪڙا پسائڻ لاءِ وڌا اٿس. اجا پوک ٿئي ڪانه ٿي آهي ته جوءِ کي چوي ٿو ته مان ڪيهه مان توکي پڙي نهرائي ڏيندس.)

ڪيهو = ڪهڙو.

- جنهن جي ساهه ڪنئي ڪَلَ نه پوي،
تنهن کي سورُ ڪيهو سلجي؟

(جنهن کي ٻئي جو دک درد سڃاڻڻ جي لياقت نه آهي، تنهن سان پنهنجي سورن جو ڪهڙو حال ڪجي؟)

ڪوھ = ڇا.

- گھوٽ ڪنوار رازي تہ ڪوھ ڪندا قاضي؟

(جڏھن ٻہ ڌريون سرچي وجن، تڏھن ٽئين جي وچ ۾ پوڻ جي ضرورت نہ آھي.)

ختما = فوت ٿيل لاءِ قرآن شريف پڙھڻ.

- جھڙا روح، تھڙا ختما.

(جھڙي درجي جو ماڻھو مري ويجي ٿو، اُن لاءِ قرآن شريف جو اھڙو دؤر ٿئي ٿو.)

ڪٿوري = ڪستوري.

- خونِ ڪٿوري ڳجھا نہ رھن.

(خون ۽ ڪٿوريءَ جي خوشبوءِ ڪڏھن بہ لڪي نہ سگھن.)

ڪَلو = جُتي، موچڙو.

- ڪڻ ڪلو تہ ٿئي پلو.

(ڪنھن تي جُوتو ڪڻ يعني اُن سان سختي ڪر تہ پوءِ تنھنجو پلو ٿيندو.)

ڪُھِ = ڪڏ ۾، کوھ ۾.

- پِنئي منگئي گھُر ھلي تہ کُھِ اُڏاري وات.

(آَلسي يعني سُست ماڻھو محنت مزدوري ڪري ڪمائڻ کان نٽائي ٿو. ھوُ چوي ٿو تہ پنڻ سان جيڪڏھن منھنجو گذر ٿئي ٿو تہ پوءِ اُڏارو ونيِ يا پني جو ڪاوان؟)

ڪيٽُ = ڪيترُ، ٻني (سنسڪرت- ڪشيتر)

- جي وسي چيٽ تہ اَن نہ ماپي ڪيٽُ.

(جيڪڏھن چيٽ ۾ برسات پوي تہ ڪيت ۾ ايترو ان پيدا ٿئي جو اُھو ماپي نہ سگھي.)

ڪودڙو = ڪوتو، گڏھ جو ٻچو.

- سھسين ڪري سينگار تہ بہ ڪودڙيءَ پٽ ڪودڙو.

(ڪميڻو چاھي ڪيترو بہ ھار سينگار ڪري تہ بہ اشراف ڪين ليکبو.)

گام = وِک، قدم، مفاصلو.

- آمو، ڏهه گامو.

(انبن جو وڻ ڏهن ڏهن وکن تي پوکڻ گهرجي ته جڏهن وڻ ٿيندو ته ميوو گهڻو ٿيندو.)

گور = قبر.

- ميان گور لائق، بيبي سيج لائق.

(مڙس قبر ۾ پورجڻ تي وڃي پهتو آهي، پر سندس زال جوان آهي، سيج تي سمهڻ لائق آهي.)

گراس = گِرهُ، کاڌي جي گِرَهي.

- جنهن ساس ڏِنو آهي، سو گراس به ڏيندو.

(ڌڻي سائين انسان کي پيدا ڪيو آهي ته ڪيس روزي روٽي به ڏيندو.)

ڳَڀُ = گربُ، پيٽ ۾ ٻارُ.

- اگهه ۽ ڳَڀَ جي سُڌ الله کي.

(ڪنهن شيءِ جي قيمت وڌندي يا ڪِرندي، گرب يعني حمل ۾ ٻار پٽ آهي يا ڌيءُ، ان جي خبر فقط الله کي آهي.)

چڙو = گهنڊڻي.

- ٿلهو چڙو، وڃي گهڻو.

(ڪوڪلي گهنڊڻي گهڻي زور سان وڄندي آهي، جنهن ۾ لياقت نه آهي، سو وڏو ڏيک ڪندو آهي.)

گهگهيرو = اِٽُون هٽندڙ، نيک نه هلندڙ جانور.

- گهگهيرو گهوڙو ۽ پيٽيرو ماڻهو مهل ۾ ڪم نه اچڻ.

(اِٽون هٽندڙ گهوڙو ۽ پيٽ قوت تي رکيل نوڪري، ٻئي وقت تي ڪم نه اچن.)

چُوٽو = پکين کي چُگڻ لاءِ ڏنل داڻا، کاڌو.

- چوٽو نه اوُٽو.

(چگڻ يا کاڌي لاءِ اناج جي ڪڍهن به کوٽ نه ٿيندي آهي.)

چيري = سَوَڙ، رَضائي.

- چيريءَ آهر پير ڊگهيرجي.

(سَوَڙ جي ڊيگهه مطابق پير ڊگهيرجن مطلب تہ آمدنيءَ موجب خرچ ڪجي.)

چاٺِي = مٺي، ڌوڙ.

- آزمائي کي آزمائي، سو چاٺي منهن ۾ پاٽي.

(جيڪو آزمايل ڳالهہ کي وري وري آزمائيندو، تنهن جي منهن ۾ ڌوڙ پوندي.)

جال = گهٽو، وڏيڪ.

ڪلر منجهان ڪين ٿئي، توڙي جال پياريئس جَرُ.

(ڪلر ۾ ٻوڪ لاءِ چاهي ڪيترو بہ گهٽو پاڻي وجهہ، تہ بہ اُن ۾ ڪابہ ٻوڪ نہ ٿيندي.)

ڄگُرُ = جهنگلي وڻ جو قسم.

ڄگر ۽ چار اگهہ مڙيئي هِڪڙو.

(ڄَگَرُ ۽ چار، ٻئي جهنگلي وڻ آهن. ڄَگُرِ جا ڦل چاگورا ۽ چار جا ڦل پيرُون آهن. ڄگر جي ڪاٺي مضبوط ۽ چار جي ڪمزور ٿيندي آهي.)

جهارِ = پکي، پکين جو جُهنڊُ.

جاڏي پوي جهارِ تاڏي ڳوڙهو نہ هٽي.

(ٻَنيءَ ۾ جتي پکي وينا آهن، هاري اُتي غُليل نہ ٿو هٽي، پر ٻئي پاسي ٻيو ڳوڙها اُڇلي. مطلب تہ صحيح طرف ڪوشش نہ ڪندڙ لاءِ ائين چئبو آهي.)

ٺُوٺو = ٻُونگي جي ڇت اَڏڻ لاءِ سُڪل گاهہ، پَکو.

اَڏي ڪاٺُ پڌي ٺُوٺو، وچ واري کي لڳي سُوٺو.

(ٻُونگي جي اَڏاوت ۾ اندر تہ ڪاٺ ٿو ڪم ڪري، پر ٻاهران ڪاٺ تي رکيل گاهہ ٿو نظر اچي. ٻُونگي جي سُونهن ڏسي وري ٽِياڪُڙ جلن ٿا.)

ٽوهُ = جهنگلي ول جو ڦل، ننڍڙي گدري جهڙو پر سواد ۾ ڪؤڙو ٿئي.

- سُهڻا ٽوهَ ڀَٽن ۾ گهڻا.

(ٻاهران سونهن ڏسي اُن تي ڀنيلجي نہ وڃ. خبر ناهي تہ هو اندر جو ڪيترو ڪارو هجي.)

ٽوڙهو = نوڙي، رسي.

- ڪتو ۽ ڪُپاٽُ ٽوڙهي ساڻُ ٽپائجي،
ساڃ ۽ سُپاٽُ وهارجي وچ ۾.

(ڪتي ۽ ڪُپاٽ کي نوڙيءَ تان ٽپائي پچائي ڪڍجي، پر ساڃ سنت ۽ سپوت پُٽ کي سڏي وچ ۾ وهارجي.)

ڊاءُ = ڊَپ، ڀَئُ.

- ڊِڄ تنهنجي ڊاءَ، جنهن جي وائيءَ ۾ وَر گهڻا.

(اُن شخص کان تون ڊپ ڪر، جيڪو ٺڳُ يا دوکيباز آهي.)

ڏِس = ڏِشا، طرف.

- ڏِس ڪاٽيءَ کان اک ڪاٽي چڱي.

(ڪنهن سان بي ايماني يا دوکو ڪجي، اُن کان بهتر آهي تہ پاڻ نقصان سَهجي.)

ڏُڇَر= گهٽ ۽ خراب ڪائيندڙ.

- ڏُڇر گهوڙو ۽ سُڇر زال، ٻئي ٻنِ پيا.

(گهٽ ۽ خراب گاهہ ڪائيندڙ گهوڙو ۽ گهڻو ڪائيندڙ زال ٻئي نيڪ نہ آهن.)

ڏُٿُ = ٿر ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جو جهنگلي اناج.

- آٽين ۽ چاڙهين ڏُٿ ڏهاڙي سومرا.

(اي سومرا، منهنجا مائٽ غريب آهن، اُهي روز جهنگلي اناج ڪَنو ڪن ۽ رڌي ڪائين.)

ڏينو = ڏاتوُري يا ڪپهہ جي گُل جو ڪوپو.

- ڏاتُوري ڏاري جي ڪجي ڪار ڪماند جي،
تہ بہ اصل انهي پار جو ڏينا ڏيڪاري.

(ڏاتورو هڪ جهنگلي ۽ زهريلو ٻوٽو آهي، جيڪو جهنگ ۾ پاڻيهي پيدا ٿئي ٿو، پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو اُن کي ڪمند جي پوک وانگر گڏ ڪري پاڻ ۾ پاڻي ڏئي، ته به منجهانئس ڦل اُهو ئي ساڳيو ڏاتوري جا ڏينا ئي نڪرندا. مطلب ته ڪنهن نيچ ماڻهوءَ سان ڪيتري به ڀلائي ڪر ته به هُو پنهنجي ڪميڻائپ نه ڇڏيندو.)

ڏومر = لنگهو.

- لک ڪٽيا ڏومڻي، جو ڏومر سلامت آيا.

(ڏومڻيءَ لک ڪٽيا، جو هن جو مڙس ڏومر سهي سلامت موٽي گهر آيو. ڪمائي نه ٿئي پر موڙي سلامت بچي، تڏهن چون.)

تَڪِيو = آسرو، سهارو، ڪنهن پير يا اوليا جو آستانو.

- تڪيا سڀ تڪيام، توڙي تڪيو ناهي ڪو.

(سڀ سهارا مون ڳولي جاچيا، پر ڌڻي سائين کان سواءِ ٻيو ڪوبه بهتر سهارو نه آهي.)

تَوَڻِ = رات ڏينهن جو ڪاڏو، روزانو قوتُ.

- توَڻ جي تڪرار سان سڌُ جنهن کي هوءِ،
منجي اُتي جوءِ، وڃي تنهن کي وسري.

(روزاني گذر لاءِ به جيڪڏهن ڪنهن کي ٿورو ڪاڏو به نه ملي سگهندو ته پوءِ منجي يعني تي گڏ وينل جوءِ به ڪانئس وسري ويندي.)

توههُ = مهرباني، ڪرپا.

شُڪر ڪر سهي ته توءِ سان توههُ ٿئي.

(تون ڌڻيءَ جي رضا تي راضي رههُ ته پوءِ هميشه هُن جي مهر تو مٿان ٿيندي رهندي.)

ٿَئِن = ندي، جبل تان وهي ايندڙ تيز برساتي ندي.

- ٿئن به تڪي، ڳُڙ به مٺو.

(رنڊي به تيز رفتار سان پيئي وهي، پر ڳُڙ به منو آهي. سو ماڻهو مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ تڪليفون سهي اُن تائين پهچي ٿو.)

نَڪَٽَ = نڪشتر، تارا.

- ڪاڻيءَ جي وهاڻءِ ۾ نڪٽ گهڻا.

(عيبن واري يا ڪمزور انسان جي ڪم ٽيڻ ۾ گهڻيون رنڊڪون پونديون آهن.)

نائو = جنڊ اُگهڻ لاءِ ڪپڙي جو ٽڪرو.

- پٽُ پراڻو، ته به ڪو جنڊ جو نائو.

(ريشمي ڪپڙو چاهي پراڻو ٿي وڃي ته به جنڊ اگهڻ ۾ ڪتب نه آڻبو.)

نيوالو = گِرهُ.

- چاڪريءَ چورُ، نيوالي حاضر.

(ڪم مهل ڀڄي وڃي ۽ کاڌي مهل اچي حاضر ٿئي.)

پَئِر = مُڙس.

پَريو مڙس پَئِر نه ڪجي، وڃائجي نه وهي.
ڪڻڪن ۾ لابارا پوندا ته ماريو پوندو ڏهي.

(مطلب ته ڪنهن جوان ڇوڪريءَ کي ٻُڍي سان شادي نه ڪرڻ گهرجي، اُن سان سندس زندگي خراب ٿي ويندي.)

پَٽُ = درياهي ناريل جو اڌ ڪوپو.

- جيڏو پٽُ، تيڏي بکيا (خيرات).

(جيڏو پَٽُ هوندو، فقير کي خيرات به اوتري ملندي.)

پَلِي = ان رکڻ جي جاءِ.

- ان پلي، ذات پلي.

(جنهن وٽ اَن جي پلي آهي، يعني جيڪو پئسي وارو آهي تنهن جي ذات به اُوچي ليکجي ٿي. سڀ ڪيس مانُ ڏين ٿا.)

پَهيرُ = ٻنيءَ چوڏاري اَن جي بچاءُ لاءِ لوڙهو يا گهيرو.

- پَهِيرُ چورُ ٿئي تہ واهي ڪير وهي؟
(جيڪڏهن بچاءُ لاءِ نهيل لوڙهو ئي فصل کي نقصان پهچائي تہ پوءِ پيو ڪير مددگار ٿيندو؟)

پارڻُ = پالڻ.
- پاڻ نہ پاري، ڪُتا ڏاري.
(پاڻ کي پالي نہ ٿو سگهي ۽ هليو آهي ڪتا پالڻ.)

پاهَڻُ = پٿر (سنسڪرت = پاشاڻ)
- پاهڻ ڪُونئرا هئا تہ هُوند گدڙن ڪائي ڇڏيا.
(پٿر نرم هجن ها تہ جيڪر گدڙن جهڙا گيدي جانور بہ اُهي ڪائي ڇڏين ها.)

پاهوڙو = لِڏ وغيره ڪڻڻ لاءِ ڪاٺ جي ڪوڏر.
- مڙس جو پاهوڙن سان ميڙي آڻڻ،
زال جو سُئيءَ سان ڪوٽي ڪيڻ.
(مُڙس گهڻوئي ڪمائي اچي ٿو ۽ سندس زال اُن کي ڪفايت سان خرچي ٿي.)

پِراڇت = پرايشِڇت، پڇتاءُ.
- پاپ جي مايا، پراڇت جاءِ.
(پاپ، ٺڳيءَ سان ڪمايل دولت پاپ جي پرايَشڇت ڪرڻ ۾ ئي ناس ٿي ويندي آهي.)

پِنڊو = نوڪري.
- گُگُر گگُر پنڊا اڙيا.
(پساري گُگُر وڪڻڻ لاءِ پنڊي ۾ رکيو تہ اُهو پنڊي کي چنبڙي ويو. پنڊو گگرُ مان اڙجي ويو.)

پِٽائِڻُ = بدنام ڪرائڻ، گِلا ڪرائڻ.
- بڇڙو ڪُتو، ڌني پِٽائي.
(بڇڙو ڇتو ڪتو ٻين کي ڏاڙهيندو تہ ٻيا ماڻهو ان ڪتي جي مالڪ کي گاريون ڏيندا.)

پيٽيرو= فقط پيٽ لاءِ ٽوري ڪاڏي تي ڪم ڪندڙ نوڪر.

- گهگهيرو گهوڙو ۽ پيٽيرو ماڻهو،
مهل ۾ ڪم نہ اچن،

(اٿوُن هٽندڙ گهوڙو ۽ پيٽ قوت تي ڪم ڪندڙ نوڪر وقت تي ڪم نہ اچن.)

ڦِلهيرَ = رک، چار.

ڦِلهير ۾ ٿو ڦوڪون ڏئي.

(رک ۾ ٿو باهہ ٻارڻ لاءِ ڦوڪون ڏئي. مطلب تہ اهڙا ڪم ٿو ڪري، جن مان مقصد حاصل ڪونہ ٿيندو، اُلٽو نقصان ٿيندو.)

ٻُربَلا = ٿلها، ڳؤرا.

- پراڻي ڳوٿري ٻُر بَلا ٽڪا.

(پراڻي ڳوٿريءَ ۾ جيڪڏهن ڳؤرا ۽ گهٽا سِڪا وجهبا تہ ضرور ڦاٽندي.)

ٻگَهُڙي = پوک جي لاءِ زمين ٽڪري.

- گهڻ پيٺاري ٻگهڙي، ڪائي ويئي جهار.

(گهڻن جي ڀائيواريءَ وارو فصل ڪوبہ نہ سنڀاليندو، اُن کي پکي ڪائي ويندا.)

ٻهُون= گهٽو، وڏيڪ (سنسڪرت = ٻهہُ.)

- اندر ٻِڏ ٻهُون باهر آٽڻُ اَن جو.

(اندر سادي جهنگلي گاهہ جي پاڙن جو چورو آهي، باهر فقط ڪڻڪ جي اٽي جو آٽڻ لڳل آهي.)

ٻاروتا = ٻار جا ڪپڙا.

- ٻارُ ٻاروتڻ ۾ ئي پڌرو.

(ٻار سٺو ٿيندو يا خراب، اِن جي ڄاڻ تڏهن پئجي ويندي آهي، جڏهن هو پنهنجن ٻاراڻن ڪپڙن ۾ ڏکيل هوندو آهي.)

ٻِڏ = لاڙ ۾ پيدا ٿيندڙ گاهه جي پاڙ، جيڪا ماڻهو ڏُڪر جي وقت پيهي کائين.

- اندر ٻِڏ ٻهون پاهه آٽڻ ان جو.

(اندر ته ٻِڏَ جو چورو آهي، پر فقط ڪٽڪ جي اٽي جو آٽڻ لڳل اٿس.)

ياڻُ = وٿاڻ، جاءِ.

- ٻُلي ٻُلي ياڻ آئي، سا به نه ٻُلي.

(ڳئون، مينهن وغيره، جيڪڏهن سڄو ڏينهن ٻٽڪي ٻٽڪي شام جو پنهنجي وٿاڻ تي پهچي وڃي ته ان کي ٻٽڪيل نه چئبو.)

مڌُ = شراب، مدرا.

- مڌُ پيئڻ، ذات پرکڻ.

(ماڻهو شراب پيئڻ کان پوءِ جيڪي دل ۾ اٿس سو بڪي ٿو، اُن وقت سندس ذات ظاهر ٿي پوي ٿي.)

مَيو = مُهاڻو، مڇيون ماريندڙ.

- جيڪي ڏسي ڇارُ، سو جي ڏسي مَيو ته ڦاٽي مري.

(ڇار ۾ جيڪي مڇيون ڦاسن ٿيون، تن مان گهڻيون ڪِسڪي ٻيڇي ٿيون وڃن، جيڪڏهن مهاڻو اُهو سڀ ڏسي ته جيڪر خوشيءَ وِچان ڇريو ٿي پوي.)

منڊُ = منترُ.

- ڇاڻي وڇونءَ جو منڊُ به نه،
هٿ وجهي ٿو نانگن جي ٻِرن ۾.

(مطلب ته خطري جا ڪم ته ڪري، پر پنهنجي بچاءُ جو اُپاءُ نٿو ڄاڻي.)

مارنگُ = چُلهه تي دانگيءَ هيٺان رکڻ لاءِ پٿرُ.

- گهر جو پيرُ، چلهه جو مارنگُ.

(گهر جي وڏي ماڻهوءَ جو به قدر نه ٿيندو آهي.)

مُهابو = لحاظ.

- مُلو مُئو، مُهابو لٿو.

(جيسين تائين مُلي وٽ ڇوڪرا پڙهن پيا، تيسين تائين هُن جو لحاظ ڪن ٿا. مُلو مُئو ته پوءِ ڇوڪرن اُستاد جو لحاظ ڪرڻ به ڇڏي ڏنو.)

مُهارو = سُهاڳ رات ماڻڻ لاءِ گهر ۾ ور- ونيءَ (زال مڙس) جو ڪمرو.

- آهاري وهنواري گهوٽ مُهاري، لڄا ڪري ته هاري.

(ڪائڻ پيئڻ، وهنوار ڪرڻ ۽ مُهاري ۾ جنهن لڄ شرم ڪيو، سو پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿيندو.)

رَڃُ = وڏو باسڻ (برتن/ ٿانءُ).

- اڃا مينهون جهنگ ۾، ڏوئي ڏاريائون رَڃُ.

(مينهون اڃا تائين جهنگ ۾ پيون چرن، ته پنيان ميهارن ٿانءُ ڏوئي کيرُ ڏهڻ جي تياري شروع ڪري ڇڏي آهي.)

رڙا = سخت ڇٽا جيڪي رڌڻ تي به نه ڳرن.

- رڙا ڪين رجهن، توڙي ٻارڻ ٻارن ٻپُرا.

(چاهي تون ٻيٽيون ڪاٺيون ٻار ته به رڙا نه رجهندا. مطلب ته خراب ماڻهوءَ کي سمجهائڻ تي به مٿس اثر نه ٿيندو.)

رَنبو = گاهه ڪوٽڻ لاءِ اوزار.

- آهِرُ ڪٽي اوبٽي، رن وڃائي رنبو.

(اڻ ڄاڻ جهنگلي ماڻهو ٿورو ٿورو ڪمائي اچي ته سندس زال گهڻو خرچ ڪري نقصان ڪري.)

رائڙ= راجڪر، ڍل، ٽئڪس.

- رٿي ۽ رائڙ جو، سڌُ جنهن کي هوءِ،
منجي اُتي جوءِ، وڃي تنهن کي وسري.

(قرض ۽ ڍل جي اُدا ڪرڻ لاءِ جنهن کي سڌ ٿئي ٿو، تنهن کان ڪٽ تي گڏ ويٺل پنهنجي جوءِ به وسري وڃي ٿي.)

رائِرو= راجا جو.

- رائِري گهران گيهہُ، جهلجي پاند ۾.

(راجا جي گهران جيڪي خيرات ۾ ملي سو خوشيءَ سان قبولجي.)

رِڻو = قرض.

- رِين ۽ رائر جو سڏ جنهن کي هوءِ،
منجي اُتي جوءِ، وڃي تنهن کي وسري.

(قرض ۽ سرڪاري ٽئڪس جي ادا ڪرڻ لاءِ سڏ ٿيڻ تي ماڻهوءَ کان ڪٽ تي گڏ ويٺل پنهنجي جوءِ بہ وسري ويندي آهي.)

رينگٽ = نار جي هلڻ جو آواز.

- وهي نہ وهي وٽ رينگٽ ڪي.

(نار جي هلائڻ سان پاڻي وهي يا نہ وهي، پر نار جي هلڻ جو آواز تہ پيو ٻڌجي.)

رُومي = ڄوڙ هٽائڻ کان پوءِ رت ڪيڻ لاءِ اوزار.

- رت ڏسي رُومي هٽجي.

(جتي رت آهي اُتي رومي هٽي اُهو ڪيجي، مطلب تہ جتان شيءِ ملڻ جو امڪان آهي، اُتي ڪوشش ڪجي.)

لاس = رسُ، گوشت جو ٻوڙ.

- پرائي آس ڪُني جي لاس.

(ٻئي جي آس تي ويهڻ سان ڪڏهن ڪم نہ ٿيندو.)

وَڇُ = وَڇڙو. (سنسڪرت = وتس).

- مَيهر مينهُنِ مان نڪتو، وڇِن ڪهڙي پارت؟

(ميهار جيڪڏهن مينهن کي ڇڏي نڪتو آهي، تہ پوءِ وڇُن جي سنڀال لاءِ ڪهڙي پارت ڪندو؟)

وريام = وِير، بهادر.

- جاتي پُڄي نہ سگهجي، تاتي پڄڻ ڪم وريام جو.

(سياڻي ماڻهوءَ کي کپي ته، جيڪڏهن دشمن سان پُڄي نه ٿو سگهي ته پوءِ هُن کان پاسو ڪري پُٺ تي هليو وڃي.)

واهيرو = آکيرو، گهونسلو.

- اُهي وڻ به ويا، وهيرا به ويا.

(اُهي وڻ به هليا ويا ته اُنهن تي ننڍڙن پکين جا آکيرا به ناس ٿي ويا. مطلب ته اُهي سٺا ڏينهن گذري ويا.)

وِهُه = زهر، وِکُ. (سنسڪرت: وِش)

- وِهُه وڻجي، سو وِهُه مان کائي.

(جيڪي زهر وڪڻن ٿا، سي اُن تي واپار مان به ڪمائي کائين ٿا.)

وِيچائڻ = ويچار ڪرڻ، سوچڻ.

- اِياڻو چوي، سِياڻو ويچائي.

(نادان ڪا ڳالهه چوي ٿو ته سياڻي کي گهرجي ته اُن تي پوري طرح ويچار ڪري ويساهه ڪرڻ گهرجي.)

ويجُ = حڪيم، وئد.

- پنهنجي ڪَئي جو نه ڪو ويج نه ڪو طبيب.

(پنهنجي هٿان جيڪا غلطي ٿئي ٿي، اُن کي ٻيو ڪوبه سڌاري نه ٿو سگهي.)

وِڻُ = وچن، ٻول.

- ننڍي واتان، وڏو وِڻ نه ڪيجي.

(مطلب ته ماڻهوءَ کي سنيالي ڳالهائڻ گهرجي، جيئن ٻين کي ڏک نه ٿئي.)

سنگٽُ = سنڪٽُ، رُڪاوٽ.

- ڪاٺيءَ جي وِهاڻءِ ۾ سنگٽ گهڻا.

(ڪمزور يا وِڏ واري انسان جي ڪم پوري ٿيڻ ۾ گهڻي ئي رڪاوٽون پون ٿيون.)

سندو = جو.

- ڳالهين سنديون ڳالهيون، ٽڪي سندا موٽ.

(جيڪو ڳالهيون ڪري ٿو، اُن جو ڪڻ نٿو ٿئي، پر جيڪو ڪنهن ڪم لاءِ اڳواٽ پئسا ڪنا ڏئي ٿو، تنهن جو ڪم ٿئي ٿو.

ساهِ = زيورن جو سيٽ.

- اُها ساهِ ئي گهوري، جا سِرُ تڪي.

(اُهي مٽيا ۽ زيور ئي ڪڍ پون، جن جي پائڻ ڪري جان کي خطرو ٿئي ٿو.)

سِياندري = ويجهي حد، ويجهي مٽي مائٽي.

- سوڙهي سِياندريءَ، وهنوار نہ ڪجي.

(ويجهي مٽي مائٽي يا دوستيءَ ۾ وهنوار نہ ڪجي، اُن مان ڪلفت ٿيڻ جو انديشو آهي.)

سيئن = سيما، حد، ڏنگ.

- سبر سان سيئن ڪبي ڪيئن.
چوندو جيئن، ٿيندي تيئن.

(ڏاڍي سان زمين جي حد وغيره تي ڪيئن جهڳڙو ڪبو؟ جيئن سبل يعني ڏاڍو مڙس چوندو، تيئن فيصلو ٿيندو. مطلب تہ ڏاڍي سان هيٺين واٽ وٺڻ گهُرجي.)

سينگ = ڪمان، ڌنُش.

- صبر جنين جي سينگ، تير نہ گُسي تن جو.

(جنهن صبر جو سهارو ورتو آهي، اُهي پنهنجي مقصد تي ضرور پهچندا.)

سُڇرُ = گهٽو ڪائيندڙ.

- ڏُچر گهوڙو، سُڇر زال ٻئي ٻنِ ٿيا.

(گهٽ ۽ خراب گاهہ ڪائيندڙ گهوڙو ۽ گهٽو ڪائيندڙ زال ٻئي ڪڍِ پون.)

سيڏائڻ = سِڪڻ، نهارڻ.

- ستي ٿي سيڏائي، لُنڊي ٿي ڪائي.

(شريف عورت پيئي پنهنجي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ سڪي، ٻئي طرف ڪميڻي عورت پئي موجون ڪري.)

سيتِي = سان، گڏ.

- ڪيتي سِر سيتي.

(ڪيتي اُها سني ٿيندي آهي، جيڪا ماڻهو پاڻ پنهنجي محنت سان ڪندو.)

سيلهه = ڪنڊا.

- جي پوندا سوڙهين، سيلهه ٻه لڳندا تِن.

(جي اوڪن رستن تي ويندا، تن کي ڪنڊا ٻه سهڻا پوندا.)

هَسُ = ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ٿُلهو سونو زيور.

- اَن جو واپار هَسَ مان چلو، چلي مان هَسُ ڪري.

(ان جي واپار ۾ ڪڏهن گهٽو لاڀ تہ ڪڏهن گهٽو گهاٽو ٿيندو آهي.)

هُرائي = هلڪڙائي، هلڪي حالت/ طبيعت.

- هر هر هُرائي، وڃڻ در دوستن جي.

(دوست وٽ ٻہ هر گهڙيءَ نہ وڃجي اِن ۾ هلڪائي آهي. هر هر ڪنهن وٽ وڃڻ سان بي عزتي ٿيندي آهي.)

### 4.2.11 سنڌيءَ جي لهجن جا ٻهاڪا:

سنڌيءَ ۾ جدا جدا لهجا ڳالهايا وڃن ٿا. اُنهن مان وچولي سنڌيءَ جي ايتري قدر ارتقا ٿي ويئي، جو اُها تعليم ۽ ادب جي ميدان ۾ ڪتب اچڻ لڳي. انگريز سرڪار سنڌ تي 1843ع ۾ قبضو ڪرڻ کان پوءِ اِن علائقي جي انتظامي، سماجي ۽ ٻين ڳالهين بابت سڌارا ڪرڻ شروع ڪيا. سنڌي ٻولي جدا جدا لپين ۾ لکي ويندي هئي، جن مان عربي سنڌي لپي ضروري سُڌارا ڪري، اُن کي پَڪي شڪل عطا ڪري، سرڪار اُن ۾ درسي ڪتاب ڇپائڻ شروع ڪيا. حڪومتي ڪاروبار

۾ بہ فارسيءَ جي جاءِ تي سنڌي ٻوليءَ ۾ لکپڙهہ ڪرڻ کي همٿايو ويو. جيئن تہ درسي ڪتاب تيار ڪندڙ تعليمدان گهڻو ڪري وچولي سنڌ ۽ ساهتي ايراضيءَ جا هئا. اِن ڪري وچولي سنڌيءَ کي ادبي درجو حاصل ٿي ويو، پر ٻين لهجن جو زباني طور تہ لاڳيتو استعمال هلندو پيو اچي. چاهي اُنهن کي لکيل ادب ۾ جاءِ نہ ملي سگهي آهي.

پهاڪا زباني روايت ذريعي مشهور ٿيا آهن. اِن ڪري اُنهن ۾ وچولي سنڌيءَ سان گڏ ٻين لهجن جا پهاڪا بہ اسان کي ملن ٿا. اُنهن ۾ خاص طور سرائيڪي لهجي جا پهاڪا گهڻا آهن. اُتر سنڌ جي سرائيڪي لهجي ۾ صوفي درويشن پنهنجو ڪلام بہ چيو آهي. اُن کان سواءِ ٿري (ڍاٽڪي) ۽ ڪڇي لهجن جا بہ گهڻي ئي پهاڪا سنڌ جي ٻين ايراضين ۾ مشهور ٿي ويا آهن. هتي سنڌ جي لهجن جي ڪجهہ پهاڪن جا مثال پيش ڪجن ٿا:

**(الف) سرائيڪي پهاڪا:**

- ٻلي شير پڙهايا، ڦِر ٻلي ڪون کاوڻ آيا.

(ٻلي شينهن کي پڙهايو تہ شينهن ڦري وري ٻليءَ کي کائڻ لاءِ آيو.)

- ماءُ ڇٽيسين ٻچڙي، ونڊ نہ ڏيسين ياڳ.

(ماءُ ٻچڙن کي جنم ڏيندي آهي، پر ياڳ ورهائي نہ ڏيندي آهي. ان جو سنڌي روپ بہ مشهور آهي: ”ماءُ ڇڻندي پُٽڙا، ياڳ نہ ڏيندي ونڊ“.)

- پاڻ نہ پلي ڏوُجهيان متيان ڏيوي.

(پاڻ کي براين کان پري نٿو ڪري، پر ٻين کي ڪُڌا ڪم نہ ڪرڻ جو نصيحتون ٿو ڪري.)

- شينهن نہ ويکيائي ويک ٻلاڙا،

چور نہ ويکيائي ويک سونارا.

(شينهن نہ ڏٺو اٿئي تہ ٻلو ڏس، چور نہ ڏٺو اٿئي تہ سونارو ڏس. سونارو پنهنجي ماءُ جي نٿ مان بہ سون

چوري ڪري ونندو آهي.)

- لُچان چوران پت نہ ڪائي، توڙي هوَن سڳي ڀائي.

(لُچن ۽ چورن تي ذرو بہ ويساهہ نہ ڪجي، چاهي هو پنهنجا سڳا ڀائر ڇو نہ هجن.)

- مينهان اُنان دا ڪيها ميلا، اوُ چرن جهنگ تي اوُ چرن ٻيلا.

(مينهن ۽ اُٺن جو پاڻ ۾ ڪهڙو ميلاپ ٿي سگهندو؟ هو چرن جهنگ ۾، تہ هُو چرن ٻيلن ۾.)

- اپڻي گهوٽ تہ نشا ٿيويئي.

(پنهنجي گهاٽي ڀنگ گهوٽي پيءُ تہ نشو ٿِيئي. مطلب تہ پنهنجي محنت ڪر.)

- اپڻا مال هئہ، روسان پي ڪاسان پي.

(پنهنجو مال آهي؛ چاهي اُهو سٺو نہ آهي، اِن ڪري روئيندس بہ تہ ڪلندس بہ. هڪڙي ماڻهوءَ پٽي ڪچن بصرن سان ماني ڪاڌي. بصر تيز هئڻ ڪري، اُن جي اکين مان پاڻي بہ پئي وهيو تہ هُن ماني بہ پئي ڪاڌي. اِن تي اهو پهاڪو چيائين.)

- بي شرمي دي سيري ڪَنون ساڳ سرنهن دا چوڪا.

(بي شرم ٿي سيرو ڪائڻ کان چڱو آهي تہ پنهنجي گهر ۾ سادو سرنهن جو ساڳ ڪائجي.)

- ڦرندي گهرندي نامردان دي، مردان دي هئہ اِڪ.

(نامرد پنهنجي ڳالهہ تان بار بار پيا ڦرندا آهن، پر مرد هڪ ڳالهہ تي اٽل هوندا آهن.)

(ب) ٿري لهجي جا پهاڪا:

- لنب مکڻ چنب

(لنب نالي گاهہ کائڻ سان ڍڳيون مکڻ جام ڏينديون آهن.)

- ڪدڙن جا اوتارا، ڪنيارن جي گهر.

(ٿر ۾ ڪدڙا ڪنيارن جي گهر ۾ ٽڪندا آهن.)

- سنپت آهي برڪت.
(ٻڌي يا ايڪتا ۾ برڪت آهي.)
- وُنو تہ ٿر، نہ تہ ٻر.
(برسات پئي تہ ٿر ۾ سُڪار ٿيندو آهي، نہ تہ اُهو برپٽ آهي.)
- اونگهہ، آرسُ، اوٻاسي، تيني روڳ رِي ماسي.
(ننڊ، سُستي ۽ اوٻاسي، اِهي ٽيئي بيماريءَ جون ماسيون آهن.)
- پلو نہ پاڙيجو، پيڙي نہ رَکجي ٻوُٺا.
اسَترِي نون انت نہ ڏيجي، تينين رکجي جوٺا.
(نکو پاڙيجو پاڻ سان رهائڻ چڱو آهي، نکو پُڦيءَ کي پاڻ سان ڳڏ رهائجي. نکو زال کي پنهنجو مُنجهہ ڏجي، اِهي ٽيئي جدا رکجن تہ سُٺو آهي.)
- ڄينو گهر گيهي نہ رَکِئي، ڀادورو ڪپاس،
ديئان گهر، ٻهوُٺان پيهر، اتني رکيئي وڻاس.
(جيٺ واري مهيني جو گيهہ، ٻَڌي مهيني جي ڪپهہ، ڪنواري ڌيءَ گهر ۾ ۽ نونهن پنهنجي پيڪن ۾، اِهي چارئي پنهنجي گهر ۾ نہ رکجن، ڇاڪاڻ تہ اِن سان ڏک پيدا ٿئي ٿو.)
- رُوڪا پوڄن، پُون پوڊڻ، ڪرهہ ڪميٽي نار،
چوٿا ميلي ڪپڙي، نرڳ نشانيون چار.
(اٽيو ڪاڏو، زمين تي سُمهڻ، جهيڙيڪار عورت ۽ ميرا ڪپڙا، اهي چارئي نرڳ (دوزخ) جون نشانيون آهن).
- مينهن موران، ٻن ڪوُنجران، آنٻان ڏار سوُئان،
ويڻ سڄڻ، جنم ڀومي، وسرسي موُئان.
(مورن کي مينهن، ڪونجرن (هاٿين يا ڪونجن) کي جهنگ، طوطن کي انبن جو ڏار، سڄڻ جو طعنو ۽ پنهنجو وطن، اِهي پنجئي مُئي کان پوءِ وسرن.)

- شاهه وچنُ، شينهڻ گمن، ڪيلو ڦري اِڪ وارِ،
تِران تيل، همير هٺُ، چڙهي نہ ڏوجهي وار.
(شاهه جو وعدو، شينهڻ جو ويامڻ، ڪيلي جي وڻ ۾ ڦل لڳڻ تِرن مان تيل ڪڍڻ ۽ همير (بادشاهه) جو هٺ، اهي پنجئي هڪ ڀيرو ٿين.)*

(ج) ڪڇي پهاڪا:♥

- عقل وِراڻي، تڏين اٽي چاڻي جلين.
(جڏهن عقل ٿي وِرهايو، تڏهن هُن اٽي- چاٽي يعني پرڻُ جهليو هو. مطلب تہ بيوقوف آهي.)
- اک ڪاڻي ڪجي، پڻ ڏِس ڪاڻي نہ ڪجي.
(اک ڪاڻي ڀلي ٿئي، پر ڪنهن سان دوکو نہ ڪجي.)
- انڌي ڏري، ني ڪُتو کاي.
(انڌي ويني اَنُ پيهي ۽ اُهو ڪُتا وينا کائين.)
- انڌي جي مؤن تين، انڌو نہ چاجي.
(انڌي جي مُنهن تي، کيس انڌو نہ چئجي.)
- انڌو هنگي ني ڏونيءَ کي ڪوٺي ڪري.
(انڌو هنگي ۽ ٻن کي ڪوٺي ڪري. ڀيٽيو: انڌو هنگي ٻہ سيڙائي.)
- آپ ڦاٽي، تڏين ٽِگڙو نہ اچي.
(اُپ ڦاٽي کي اگڙي نہ لڳي.)
- ڪم، ڪم کي سِکاي.
(ڪم، ڪم کي سيکاري ٿو.)
- ڪِڏان راجا ڀوج ني ڪِڏان گنگو تيلي؟
(ڪيڏانهن راجا ڀوج ۽ ڪيڏانهن گنگوُ تيلي؟)

* بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "پروليون، ڏِنون، معمائون، ٻول"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، 1965ع.
♥ ڪاراڻي، دُليراءِ، 'سارٺ ڪڇي ڪهيوَتو' گجرات راجيہ لوڪ ساهتيہ سميتي، احمد آباد، 1975ع.

- ڪُني اوٿنڌي، تہ پند جا ڪنٿا ڪينڌي.
(ڪَني اُپامندي تہ پنهنجا ڪنا ڪائينڌي.)
- ڪوئَلين جي ڏلالي ۾ ڪارا هاٿ ٿيئين.
(ڪوئلن جي دلاليءَ ۾ هٿ ڪارا ٿين.)

### 4.2.12: سنڌيءَ ۾ آڳاٽين ٻولين جا پهاڪا:

سنڌي، هند- آريائي ٻولين جي ڪٽنب جي ٻولي آهي. اِن ڪري اُن کي سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اَپڀرنش ٻولين جا چڱا ئي پهاڪا وراثت ۾ مليا آهن. ٻئي طرف ڏسجي تہ اٺين عيسوي صديءَ ۾ اسلام جو ڦهلاءُ سنڌ ۾ شروع ٿيو. 712ع ئي کان وٺي 1843ع تائين سنڌ جو گهڻو حصو مسلمان حاڪمن جي هٿ هيٺ هو. اِن ڪري اول عربيءَ ۽ پوءِ فارسيءَ جو سنڌي ٻوليءَ تي گهڻو اثر ٿيو. اِنهن سببن جي ڪري اِنهن ٻولين جا پهاڪا هُوبهو ساڳيءَ شڪل ۾ يا ڪي قدر بدليل شڪل ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ مروج ٿي ويا. ڪن حالتن ۾ اُهي ترجمي جي ذريعي سنڌي ماڻهن ۾ مشهور ٿي ويا. هِتي اِنهن جا ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا:

(الف) سنسڪرت:

- يَٿا راجا تَٿا پرجا.
(جهڙو راجا، تهڙي پرجا (عوام)
- يٿا ديوا: تٿا يڪتا: (ساڳئي روپ ۾)
(جهڙا گرو تهڙا چيلا.)
- يٿا لاڀ سنتُشٽ. (ساڳئي روپ ۾)
(جيڪي ملي تنهن ۾ راضي رهجي.)
- شنن پرتِ شائين ڪُريات. (ساڳئي روپ ۾)
(لُچ سان لُچ ٿي هلجي يا جهڙي سان تهڙو.)
- مُنڊي مُنڊي متِرپِنا. (ساڳئي شڪل ۾)
(هر دماغ ۾ پنهنجي پنهنجي سمجهہ آهي. جيترا ماڻهو تيتريون ڳالهيون.)

- جَنني جنم ڀُومشچ سوَرگاردَ پِ گرييَسي.

(ماءُ ۽ جنم ڀومي بهشت کان بہ وڌيڪ پياريون آهن.)

سنڌيءَ ۾ ٻيا ڪجهہ ڀاڪا اهڙا بہ ملن ٿا، جيڪي سنسڪرت جي ساڳين ويچار وارين چوڻين جو ڄڻ ترجمو آهن. اهڙين حالتن ۾ اِهو بہ ممڪن آهي تہ ٻنهي ۾ تجربي جي هڪجهڙائيءَ جي ڪري هڪجهڙائي هجي. مثال طور:

- پُٽُ ڪُپُٽ ٿِئي، ماتا ڪُماتا نہ ٿئي.

(ڪُپترو جا ييت ڪوَ چِدَپِ ڪُماتا نہ ڀوَتِ.)

- جهڙو اَن، تهڙو مَنُ.

(يادرشن ڀڪسييدُ انن بُڌهہ ڀوَتِ تادرشِي.)

- جتي وڻ ناهي، اُتي ڪانديرو بہ درخت.

(نِرَستپادَپي ديشي ايرَنڊو اَپِ دُرُمايَتي.)

- آهاري وهنواري گهوٽُ مُهاري لَجا ڪري تہ هاري.

(آهاري وَيَوَهاري چَ تَيَڪتَلجهہ سُکي ڀَويت.)

- واپار ۾ لڇميءَ جو واسو آهي.

(واپاري وستي/ ورڌتي لڪشميهَ)

- عادت مِٽي نہ عادتي، علت مُور نہ جاءِ.

(سوَڀاوو دُرتِڪِرم هہ.)

- مُنهن ڪُنئرائي ڳِنا پٽائي.

(مردُهہ هِ ڀَرِ ڀوُيَتّي.)

- لڙن سپاهي، نانءُ سردار جو.

(سيناپَتئو يشو گنتا، نہ تہُ يوڌان ڪتنچنهَ.)

- جهڙي ڪرڻي، تهڙي ڀرڻي.

(يٿا ڪرنت، تٿا ڀُنڪتي.)

- لکيو منجهہ للاٽ، قلم ڪياڙي نہ وهي.

(يتُ ڇاترا نجيال پٽم، لِکن، تتم مارجنتُ ڪو ڪشمهَ.)

- سنئين ڪانيءَ جو واڍو ويري.

(سرلاستتر ڇدينتي ڪُبجا سِتشننتِ پادپاهہ.)
- وڏو ياءُ پيءُ برابر.
(جييشٽ هہَ پترسمو پراتا.)
- تاڙي هڪ هٿ سان نہ وڄندي آهي.
(يتئيڪين نہ هستينَ تالِڪهَہ سنپر پَديَتي.)
سنسڪرت ٻوليءَ جي طرز تي سنڌيءَ ۾ ڪجهہ پهاڪا نهيل آهن، جن ۾ سنسڪرت سنڌيءَ جو ميل نظر اچي ٿو:
- يج ڪلدار يج ڪلدارم،
يج ڪلدارم مُوڙ متي.
(اڙي بيوقوف تون ڪلدار يعني ناڻي جي پوڄا ڪر.)
- ٽڪا ڏرمهہ ٽڪا ڪرمهہ ٽڪا هِ پرمهَہ پدهَ،
يَسيي گرهي ٽڪا ناسِت سَ اَيو ٽڪٽڪايَتي.
(ٽڪوئي ڏرم آهي، ٽڪوئي ڪرم آهي، ٽڪوئي اعلىٰ عهدو آهي، جنهن جي گهر ۾ ٽڪو نہ آهي، سو خود پوءِ ٽڪ ٽڪ ڪري ٿو، يعني خالي برتن وانگر وڄي ٿو.)
- تُرڪن نہ مِتر جي مِتر تہ دگدگا.
(تُرڪ ڪڏهن بہ دوست نہ ٿيندو، جيڪڏهن دوست بڻيو بہ تہ وقت تي دغا ڏيندو.)
(ب) پالي پراڪرت- اَپڀرنش:
- وڏو سک آهي نيروڳي سرير،
- اِڪ تندرستي هزار نعمت.
(پالي: آرو گيموُ اِڇو پرمن چہ لاڀن.)
- تاڙي هڪ هٿ سان نہ وڄندي آهي.
(پراڪرت: نہ هہُ دِڄَنہ تالي دِيهَرِڄ ائڪيڻ هٿيڻ. هيّ ديرگهاڪِش! هڪ هٿ سان تاڙي نہ وڄندي آهي.)
- انڌي جي هٿ ۾ ڏيئو ڏيڻ مان ڪهڙو لاڀ.
- انڌي اڳيان آنهري ڪر تئو ٽنگيو آهي.

(پراڪرت: جاينڌيَسيَ ڊيوو هَٿڪَئو نِڦلو چڃيوَ، جنماڻڌ جي هٿ ۾ رکيل ڏيئو بيسود ئي آهي.)

- هٿ جي ڪنگڻ کي آرسي جو کهڙو ضرور؟

(اپيرنش: ڪَري ڪنڪڻُ ڪِ آرسي ڊِيسئي؟ هٿ جي ڪنگڻ کي آرسي ۾ ڇو ڏسَجي؟)

- پاڻيءَ ولوڙڻ سان مکڻ نه ملندو.

(اَپيرنش: ڪِن گِهُ هوءِ وِرولِئي واڻِئي؟ ڇا گِهُ ٿيندو پاڻيءَ ولوڙڻ سان؟)

(ج) عربي۔ فارسي:

- تڪڙ ڪم شيطان جو.

(عربي: التعجيل عمل الشيطان.)

- ڪُتي جا ڏند، گڏه جو ماس.

(عربي: انسان الڪلاب لحم الحمار)

- ٻه ڀائر ٽيون ليکو.

(فارسي: دو برادر سيوم حساب.)

- پنهنجي ڪَئي جو نڪو ويج نڪو طبيب.

(فارسي: خود ڪرد هُرا علاج نيست.)

- آهه غريبان، قهر خدائي.

(آهه غريبان، قهر خدائي.)

- هڪ تندرستي هزار نعمت.

(فارسي: يڪ تندرستي، هزار نعمت.)

- اٽو ڇي گهرپاٽو.

(فارسي: سوال از آسمان، جواب از ريسمان. مطلب ته سوال آسمان بابت ته جواب نوڙيءَ بابت.)

- دِلي دوُر است.

(فارسيءَ ۾ به ساڳيو.)

- دراز رِيش، خضر يا ابليس.

(ڊگهي ڏاڙهي اٿس، درويش آهي يا شيطان آهي.)

- پڇڻا نہ منجهڻا.

(فارسي = جوَينده يابنده.)

- انسان خطا جو گهر آهي.

(فارسي = انسان نسِيان.)

- عشق نہ شدُ، چٽي شدُ.

(عشق نہ ٿيو، پر چٽي ٿي. سنڌي ۽ فارسيءَ جو ميل.)

- ڏيل،در گنبذ، آواز در فِس.

(جسم تہ وڏو اٿس، پر طاقت نہ اٿس. فارسي ۽ سنڌيءَ جو ميل.)

- زر بِسيار تہ عشق ٿهہ پهہ.

(پئسو آهي تہ پوءِ جلدي عشق ڪري سگهندين.)

- جيڪي اُسهيا سي وسريا.

(فارسي: از ديده دوُر، از دلِ دُور.)

- ڀتين کي بہ ڪن آهن.

(فارسي: ديوار همۇ گوش دارد.)

- هڪ هٿ سان تاڙي نہ وڄندي آهي.

(فارسي: صدا از يڪ دست نمي آيَد.)

- نادان دوست کان دانا دُشمن چڱو.

(فارسي: دشمن دانا بہ از دوست نادان.)

### 4.2.13: سنڌيءَ ۾ ٻين ٻولين جا پهاڪا:

جدا جدا ايراضين ۾ جيڪي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، اُنهن جو هڪٻئي تي اثر پوڻ لازمي آهي. سنڌ جي پر وارين ايراضين مهاراشٽر، گجرات، پنجاب، راجستان، بلوچستان جا ماڻهو بہ صدين کان وٺي سنڌ ۾ رهندا هئا، نہ فقط ايترو پر اوپر ۾ آسام، بنگال ۽ ڏکڻ ۾ تامل ناڊو، ڪيرل، آنڌرا ۽ ڪرناٽڪ جا رهاڪو بہ سنڌ ۾ سرڪاري نوڪرين ۽ واپار سانگي پيا ايندا ويندا هئا. ساڳيءَ طرح سنڌي ٻولي بہ

ٻين پرڳڻن جي رهاڪُن سان لهه وچڙ ۾ پيئي ايندي هئي. اِن ڪري هاڻوڪين پارتي ٻولين وچ ۾ لفظن، محاورن ۽ پهاڪن جي ڏي وٺ به فطري ڍنگ سان پيئي ٿيندي هئي. سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت به 1843ع کان 1947ع تائين هئي، جنهن دؤر ۾ انگريزي ٻولي تهذيب ۽ ثقافت جو اثر به سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ واسين تي ٿيو. گهڻيئي انگريزي لفظ اسان جي ٻوليءَ جو حصو بڻجي ويا آهن. ساڳيءَ طرح گهڻيئي انگريزي پهاڪا ۽ محاورا سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمي جي صورت ۾ جذب ٿي ويا آهن.

هاڻوڪين پارتي ٻولين ۾ هندي ۽ اُردو جا ڪافي سارا پهاڪا سنڌيءَ ۾ ساڳيءَ صورت ۾ يا ڪي قدر بگڙيل صورت ۾ واهپي ۾ پيا اچن. انهن جي ڀيٽ ۾ ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ آيل پهاڪن جو تعداد گهٽو گهٽ آهي. هتي اهڙن پهاڪن جا ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

(الف) هندي پهاڪا:

- ايڪ پنٿ دو ڪاج.
- انڌير نگري، چرٻٽ راجا.
- ٽڪي سير ڀاڃي، ٽڪي سير ڪاجا.
- ناڪ ڪٽا تو ڪٽا پرگهي تو چڙّا.

(سنڌيءَ موجب هتي 'ناڪ' جو جنس مذڪر ۾ استعمال آهي.)

- سستا رووي بار بار، مهنگا رووي ايڪ بار.
- آج نقد ڪل اُڌار.
- سانچ ڪو آنچ نهين.
- دمڙي ڪي هانڊي گئي، پر ڪُتي ڪي ذات پهچاني.
- اپنا هتّا جگنناٿ.
- آپ ڀلا تو جگ ڀلا.
- اوُڌؤ! ڪرمن ڪي گتِ نياري.
- سچي ڪا بول بالا، جهوٽي ڪا مُنهه ڪالا.

- رام ڪري سب ڪام.
- رام سِمر، جگ لڙني دي.
- اَجگر ڪري نہ چاڪري، پنڇي ڪري نہ ڪام.
- داس ملوُڪا ڪهہ گئي، سب ڪي داتا رام.

(ب) اردو پهاڪا:

- همتِ مردان، مدد خدا.
- مُلا ڪي دوڙ مسجد تڪ.
- مدعي سُست، گواهہ چُست.
- آئي تو روزي، گئي تو بلا.
- تُخمِ تاثير، صحتِ اثر.
- دل ڪي قضا دل جاني، ڪيا جاني قاضي.
- جلي توُ جلال توُ، آئي بلا ڪو ٽال توُ.
- يار وهي جو پيڙ ۾ ڪام آئي.
- يار زنده، صحبت باقي.
- زبان شيرين، مُلڪ شيرين، زبان ٽيڙهي مُلڪ بانڪا.
- دل لگا گدي سي تو، پري ڪيا چيز هئہ.
- ساري خدائي ايڪ طرف، جوروُ ڪا ڀائي ايڪ طرف.
- مفت ڪا شراب، قاضي ڪو ڀي حلال هئہ.
- اول طعام، بعد ۾ ڪلام

(ج) راجستاني پهاڪا:

- آج هَمان، ڪل تَمان.

(اڄ اسين، سڀاڻي توهين.)

- ڪرنتا سو ڀوگنتا، ڪودنتا سو پڙنتا.

(جو ڪندو سو ڀوڳيندو، جو ڪوڏيندو سو پاڻ ڪڏ ۾ ڪرندو.)

- واٽيو لکي، پڙهي ڪرتار.

(لکي لکانو، پڙهي خدا.)

- لوُٽيو باٽيو، جُونا خط جوري.

(ڪُتو واٽيو جهونيون وهيون (ٻنديون) جانچي.)

- ساسرو سُک واسرو، پڻ چار ڏِنان رو آسرو.

(ساهرا سک جو هنڌ (جتي سک هجي) آهن، پر چئن ڏينهن کان وڌيڪ نہ رهجي.)

- ڏن کيتي، ڏِک چاڪري، ڏن ڏن ٻڻج ويوهار.

(کيتي ڪرڻ اُتم ڪم آهي، نوڪريءَ ڪي ڏِکار آهي، پر اِنهن ٻنهي جي ڀيٽ ۾ واپارُ وڌيڪ لاڀائتو آهي.)

- ٻَڪري دوُڌ تو دي، پڻ دي مينگڻا ڪرڪئي.

(ٻڪري کير ڏئي ڦرلهڙين گاڏڙ.)

### 4.2.14: سنڌي ٻهاڪن جو تقابلي اڀياس (Comparative study):

سنڌي ٻهاڪن تي ٻين ٻولين جي اثر جو مختصر جائزو وٺندي اسان ڏٺو تہ سنڌيءَ ۾ هڪ طرف قديم ٻولين (سنسڪرت، پالي، پراڪرت، اپڀرنش) جا ٻهاڪا هوبهو ساڳي شڪل ۾ يا ترجمي جي شڪل ۾ ملن ٿا، تہ ٻئي طرف هاڻوڪين ڀارتي ٻولين (هندي، اردو، پنجابي، راجستاني، وغيره) جا ٻهاڪا بہ ساڳي شڪل ۾ يا ڪي قدر بدليل شڪل ۾ عام ٿي ويا آهن. اِن مان صاف ظاهر آهي تہ سنڌ جي پر وارين ڪِن ٻولين جو اثر سنڌيءَ تي پيو آهي.

ڀارت جي ٻولين جو تفصيل سان تُلناتمڪ يعني مشابهتي (comparative) اڀياس ڪجي تہ معلوم ٿيندو تہ اُنهن ۾ گهڻي قدر هڪجهڙائي آهي. اها هڪجهڙائي ڇاجي ڪري اچي ٿي؟ منهنجي ويچار ۾ اِن جا مکيہ ٽي ڪارڻ آهن:

- تاريخي ارتقا (اتهاسڪ وڪاس) ۾ هڪجهڙائي.
- ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر.
- روزاني زندگيءَ ۾ ساڳيا تجربا.

#### (1) تاريخي ارتقا ۾ هڪجهڙائي:

هاڻوڪيون هند- آريائي ٻوليون پنهنجي پنهنجي علائقي جي اُنهن ويدڪ سنسڪرت (ويدن واري سنسڪرت) جي لهجن مان ڦُٽي

نڪتيون آهن، جن جي ڳالهہ ٻولهہ واري شڪل جي پُوري پُوري ڄاڻ حاصل ٿي نہ سگهي آهي، پر اِن ڳوڻ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ سڀيئي رگ ويد جي ٻوليءَ جي تمام نزديڪ هيون. انهن تي پوءِ ادبي سنسڪرت (اُها سنسڪرت جنهن ۾ ويدن ڪان پوءِ ادب آيو)، پالي، پراڪرت، اَپڀرنش جو ارتقا دؤران گهڻو اثر پيو. اِن ڪري هاڻوڪين ڀارت جي ٻولين وراثت ۾ پراڻين ٻولين جا ڪافي پهاڪا حاصل ڪيا. هاڻوڪين ڀارتي ٻولين ۾ گهڻيئي پهاڪا سنسڪرت جي سُڀاشتن فصيح زبانن، اخلاقي سخنن ۽ انصاف جي قاعدن (نيايہ سوُترن) جي بنياد تي ٺهيل آهن، جن جا مثال اڳتي هلي ڏنا ويا آهن.

(2) ٻولين جو هڪٻئي تي اثر:

وهنواري زندگيءَ ۾ جدا جدا ٻوليون ڳالهائيندڙ شخص هڪ ٻئي سان رابطو رکن ٿا. ان ڪري هڪ ٻوليءَ جا لفظ ۽ پهاڪا فطري طرح ٻيءَ ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ اپنائن ٿا. ادبي تخليقن جي ترجمي ڪرڻ سان بہ لفظن، پهاڪن ۽ خواهشن توڙي ويچارن جي ڏي وٺ الڳ الڳ ٻولين ۾ ٿئي ٿي. اِن ڪري ڪيترين ئي ٻولين جي پهاڪن ۾ برابري يا هڪجهڙائي نظر اچي ٿي.

(3) روزاني زندگيءَ ۾ ساڳيا تجربا:

جدا جدا ملڪن جي ٻولين ۾ بہ گهڻن ئي پهاڪن ۾ هڪجهڙائي ملي ٿي. مثال طور، انگريزي ٻوليءَ ۾ گهڻيئي پهاڪا اهڙا آهن، جن جا ويچار هوبهو سنسڪرت ۽ پراڪرت جي پهاڪن جي ويچارن سان ملن ٿا. جيئن تہ:

(الف) سنسڪرت: شٺي شاٺيمو سماچريت.

انگريزي: Tit for tat

سنڌي: جهڙي سان ٿيءُ تهڙو.

هندي: جيسي کو تيسا.

(ب) سنسڪرت: شوهہ ميوُرات اَديهہَ ڪپوتو وَرهہَ.

(ڪل ڪي مور سي آج ڪا ڪبوتر ملي تو وه بهتر هئہ.)

سنڌي: اڌ کي ڇڏي جيڪو سڄيءَ ڏانهن ڀڄي، تنهن جي اڌ به وڃي.

انگريزي: A bird in hand is worth two in the bush.

(ج) اپيرنش: پُڪُئُ چٽيَندهُ سارميئُ.

(پُشپدنت ڪا مهاپُراڻ)

(چندرما کي طرف ڪُتي ڀونڪتي هين تو ڀونڪني دو)

انگريزي: The moon does not heed the barking dog

سنڌي: قلندرن پٺيان ڪُتا پيا ڀؤنڪن.

اهڙن پهاڪن کي ڏسي اِهو چوڻ ٺيڪ نه ٿيندو ته انگريزيءَ اِهي پهاڪا سنسڪرت- پراڪرت تان ڪنيا آهن. جُدا جُدا ملڪن جي ٻولين ۾ هڪجهڙن احساسن وارن پهاڪن جو بنياد انسان جي تجربي جي هڪجهڙائيءَ جي ڪري به آهي.

اِنَ طرح سنڌي پهاڪن جو تقابلي اڀياس ڪرڻ سان اسين پهاڪن کي اڳتي ڏنل ٽن نمونن ۾ ورهائي سگهون ٿا:

(1) خاص سنڌ جي سرزمين سان واسطو رکندڙ پهاڪا.

(2) ڀارتي روايتن وارا پهاڪا، جيڪي ڀارت جي هاڻوڪين ٻولين ۾ ساڳي معنيٰ ۾ ملن ٿا.

(3) عالمي (Universal) پهاڪا جيڪي دنيا جي جدا جدا ٻولين ۾ ساڳي معنيٰ ۾ ملن ٿا.

پوني (مهاراشٽر) جي عالم وِشوَناٿ نروَڻي پنهنجي تصنيف ڀارتيه ڪهاوت سنگره“ ۾ موضوع موجب ڀارت جي ٻولين جا سمان ڀاونا هڪجهڙن احساسن يا ويچارن وارا پهاڪا گڏ ڪري ڏنا آهن. اُن ۾ سنڌي پهاڪا به ڏنل آهن، هتي اُن مان ٻه مثال پيش ڪجن ٿا:*

(1) سنڌي: انڌن ۾ ڪاڻو راڄا.

(انڌاڻ ماڻهن جي وچ ۾ ٿوري ڄاڻ رکندڙ به عالم ليکيو وڃي ٿو.)

---

* نروَڻي، وِشوَناٿ دِنڪر، ڀارتيه ڪهاوت سنگره (ٽن حصن ۾)، ترِويڻي سنگم، ٻريات رود، پڻي، (1985 — 1978).

جتي وڻ ناهي، اُتي ڪانڌيرو به درخت.
(جنهن ايراضيءَ ۾ وڻ ٽڻ پيدا نه ٿا ٿين، اُتي ڪنڊن وارو ننڍو ٻوٽو به وڻ سمجهيو وڃي ٿو.)

هندي: انڌون ۾ ڪانا راجا.

راجستاني: اُوجڙ گانوَ ۾ ايرنڊيو روَنکَ.
(اُوجڙ گانوَ (گاؤن) ۾ ايرنڊ هي پيڙ مانا جاتا هئہ)

اردو: سؤ نڪٽو ۾ اِيڪ ناڪ والا نڪوُ.
(سؤ چپٽي ناڪ والون ڪي بيچ ۾ اِيڪ نيڪ ناڪ والا آدمي ڀي سُندر ڪهلاتا هي.)

پنجابي: انِيان وچ ڪاڻا راجا.
(انڌون ۾ ڪاڻا راجا.)

ڪشميري: انُيَن منج ڪانيہ سوَندر.
(انڌي اسَتريون ۾ ڪاني سندري.)

مراٺي: انڌليا گايينت لنگڙي گايہ پرڌان.
(انڌي ڍڳين ۾ لنگڙي گايہ پرڌان)
- اوساز گاوِي أيرنڊ بَلي.
(نرجن گانوَ ۾ ايرنڊ ڪا ورڪش بڙا هي.)

گجراتي: انڌلا مان ڪاڻو راجِيو.
(انڌون ۾ ڪانا راجا.)
- اُجڙ گام مان ايرنڊو پرڌان.
(اجاڙ گانوَ ۾ ايرنڊ ڪا پيڙ پرمُک هئہ.)

بنگلا: انڌيري ديشي ڪانا راجا.
(انڌون ڪي ديش ۾ ڪانا راجا)
- نيئہِ ديشي ايرنڊ گاڇ، نيئي بني ڪٽاش باگهہ.
(بِنا ورڪش ڪي پرديش ۾ ايرنڊ هي ورڪش، بنا هِنس پشئون ڪي بن ۾ بلي هي شير هئہ.)

اڙيا: انڌ گانڪُ ايڪ اکِيا راجا.

(انڌون کي گانوَ ۾ ايڪ آنک والا راجا.)
اوُ مئيڪُ توتوُواپن اُيرنڊوايو چسالڪن.
(گونگي کي سامني هَڪلا ڀي واڪپَٽ هي.)

تيلگو: گوولينِ اللو گوڊڊگيدي دي شري مهالڪشمي.
(جهان گاءِ نہ هو، اُس گانوَ ۾ بانجهہ ڀينس هي شري مهالڪشمي هئہ.)

ملايالم: اُومرل ڪوجن مهاواگمِي.
(گُونگُون کي بيچ هڪلا هي واڪُپٽ هئہ.)

ڪنڙ: ايليگرُ وِلد مَنيلِ مُدگرُوي مُدُ.
(جس گهر ۾ بچڙا نهين، وهان بوڙها بيل هي پيارا.)

سنسڪرت: نِرست يادپي ديشي ايرنڊبو پي دُرمايَتي.
(جس ملڪ ۾ ايڪ ڀي پيڙ نهين هي، وهان ايرنڊ ڪا پيڙ ڀي بڙا ورڪش مانا جاتا هئہ.)

(2) هندي: ٿلهو چڙو وجي گهڻو.
(پورو (خالي) گهنڊ زور سان وڄندو آهي.)
ڪٿي ڪُني گهني اُيامي.
(جنهن ڪُنيءَ ۾ اَن گهٽ ۽ پاڻي وڌيڪ آهي اُن ۾ رڌڻ وقت پاڻي گهڻُ اُيامندو آهي.)

هندي: اڌجل گگري ڇُلڪت جاءِ،
ڀري گگريا چُپي جاءِ.
- ڪڙا ڪڙ باجي ٿوٿي بانس.

راجستاني: خالي باسڻ گهڻا کڙکڙا وئي.
(خالي برتن گهڻو کڙڪندا آهن.)
ٿوٿا چنا باجي گهڻا.
(پورو يا کوکلو چڻو رڌڻ تي گهڻو آواز ڪندو آهي.)

پنجابي: ڪهر ڪبير چُوچا گهَٽَ بولي،
ڀريا هووي سو ڪب نہ ڊولي.

(ڪبير چوي ٿو تہ اڏ پريل دِلو گهڻو آواز ڪندو آهي، پر جيڪو ڪنا تار پاڻيءَ سان پريل هوندو آهي، اُن ۾ پاڻي ڇلڪندو نہ آهي.)

مراٺي: ارڌ ڪُڙا ڪلسو هايسُلتا.
(اڌ ڀريل ڪلش (لوٽو) گهڻو آواز ڪندو آهي.)

گجراتي: آڌورو گهڙو ڇلڪايَ گهڻو.
(اڌُ ڀريل گهڙو ڇُلڪي گهڻو.)

بنگالي: اَلپَ جَلير تِہ تو پُنٽِ، تار ايت ڦنڦٽِ.
(ننڍي ۽ ڪوڙي مڇي تانگهي پاڻيءَ ۾ گهڻي ڦڙ ڦڙ ڪندي آهي.)

آسامي: پُٺِ ماڇر ڦرڦرٽيي سار.
(ننڍڙيءَ مڇيءَ جا نينگ ٽپا وڏيڪ.)

اوڙيا: ٿُڇا مِٽيار شبد بيش.
(خالي مٽڪي جو آواز وڌيڪ.)

تامل: ارئي ڪڙم تَلُ بُمر.
(اڌ ڀريل مٽڪو ڇلڪي گهڻو.)

ڪنڙ: ٿُنبِدَ ڪوڙ تُلُ ڪُبُ دِيل.
(ڀريل گاگر ڇلڪندي ناهي.)

ملايالم: نرڪُٽم تُلُ مبُڪَ اِليا.
(ڀريل دلو ڇلڪندو ناهي.)

سنسڪرت: انگُنُرُ دَڪَماتريڻ شفري ڦُر ڦُرايتي.
(شفري مڇي ٿوري پاڻيءَ ۾ بہ گهڻو ڦڙ ڦڙ ڪندي آهي.)

- سنپورڻ ڪُميو نہ ڪروتِ شبدم،
اردو گهٽو گهوشمُپئيتِ نونم.
ودوان ڪُلينو نہ ڪروتِ، گرون،
گُٽئيروهينا بهُجلپَينت.

(پاڻيءَ سان ڀريل دلو آواز نہ ڪندو آهي، پر اڌ ڀريل دلو گهڻو آواز ڪندو آهي: خانداني عالم ڪڏهن بہ گهمنڊ نہ ڪندو آهي، بي گُڻا ماڻهوءَ ئي وڏيڪ بڪواس ڪندا آهن.)

## سنسڪرت سُهڻا سخن (نيتي سوُتر) اخلاقي نُڪتا ۽ پهاڪا:

هن ڪان اڳ جيڪي بہ مثال ڏنا ويا آهنِ، انهن مان صاف ظاهر آهي تہ هاڻوڪين ڀارتي ٻولين ۾ گهڻيئي اهڙا پهاڪا آهن، جن ۾ هڪجهڙائي آهي. ڪن ٻولين ۾ ساڳئي ويچار يا احساس کي ميدان جي خاصيتن مطابق جدا جدا مثالن سان ظاهر ڪيو ويو آهي. ڀارت جي پهاڪن ۾ هڪجهڙائيءَ جو مکيہ ڪارڻ اوائلي ڀارتي ادب آهي، جيڪو سنسڪرت، پالي، پراڪرت، اَپڀرنش ۾ لکيل آهي. دراوڙي ٻوليون بہ اُنهن اوائلي ٻولين جي اثر کان آجيون نہ آهن. سنسڪرت ۾ چاڻڪيہ (چاڻڪ نالي مُني جي خاندا جي نيتي سوُترن، پُراڻن ۽ ڪٿا ساهتيہ جي فصيح زبان ۽ خوبصورت جملن جيڪي هاڻوڪين ڀارتي زبانن نياءَ جي ويچارن جي بنياد تي گهڻيئي پهاڪا نهيا آهن، جيڪي هاڻوڪين ڀارتي ٻولين ۾ عام ٿيا آهن. هتي اِنهن جا ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

**(1) بيوقوف کان ڪنارو ڪجي (نيتي سُوتر) اخلاقياتي نُڪتا:**

**سنسڪرت:** پَنڊتواپي ورن شتروهَ، نہ مورکو هِتڪارَڪهہ.
(گهڻگهري بيوقوف کان عقلمند دشمن ڀلو.)

**هندي:** چَترُ تو بئري ڀلا، مورک ڀلا نہ ميت،
ساڌ ڪهي مت ڪرو مورک سي پيت.

**اردو:** نادان دوست سي دانا دشمن بهتر.

**سنڌي:** نادان دوست کان داناءُ دشمن ڀلو.

**مراٺي:** شهاڻياچا وهاوي چاڪر، مورکاچا هوئوُ نہ ڏني.
(مورک جو ڏٽي ٿيڻ کان سياڻي جو نوڪر ٿيڻ بهتر آهي.)

**گجراتي:** مورک مِتر ڪرتا داناوَ دشمن سارو.
(بيوقوف دوست کان داناءُ دشمن سُٺو.)

بنگلا: نادان دوستير چيبي دانا دشمن ڀالو.
(نادان دوست کان داناءُ دشمن ڀلو.)

آسامي: مورک پُتر تکئي نِربش هووا ڀال.
(بيوقوف پٽ پيدا ٿئي اُن کان ڀلو آهي ته ماڻهو بي اولاد هُجي.)

اڙيا: مورکنارُ شُکِلا ڪاڻ سهسري ڳُٽي ڀَل.
(مورک ماڻهوءَ کان سُکل ڪاڻ هزار دفعا ڀلو.)

(2) ناڻي جي تعريف (مهاوداڻي) ناڻي جي اهميت:

سنسڪرت:

- ارٿسيہ پُرُشو داس هَہ.
(ماڻهو پئسي جو غلام آهي.)
- دروييڻ سروي وشا هَہ.
(پئسي سان سڀئي وس ۾ ڪري سگهجن ٿا.)
- يسياسِت وِتن س نر هَہ کُلين هَہ،
سَ پنڊِت هَہ سَ شرُتِمانَ گُڻگيهہَ.
س ايوَ وڪتا سَ چَ درشنيَيهہَ،
سَروي گُڻاهہ ڪانچنم آشرنتي.
(جنهن ماڻهوءَ وٽ پئسو آهي، اُهو خانداني سمجهيو وڃي ٿو. اُن کي سڀ پنڊت، پڙهيل، گڻوان، خوبصورت مقرر ۽ خوبصورت سمجهن ٿا. حقيقت ۾ اِهي سڀئي گڻ دولت جي سهاري سان پيدا ٿي وڃن ٿا.)

هندي:

- ڪؤڙي نهين پاس تو ميلا لگي اُداس.
(پاڻ وٽ جي پيسو نہ آهي تہ ميلي جي رونق بہ اُداس نظر ٿي اچي.)
- گهر ۾ ناڻا، بند پرڻيجئي ڪاڻا.
(گهر ۾ پئسو هجي تہ ڪاڻي ڇوڪري جي شادي ٿي وڃي ٿي.)

- زرِ هئہ تو نر هئہ، نهين تو پنڇي بي پر هئہ.

(زرَ يعني پئسو آهي تہ ماڻهو زوردار ۽ طاقتور آهي، نہ تہ هُو پر ڪٽيل هڪ پکيءَ وانگر آهي.)

- دام ڪري سڀ ڪام.

(دنيا ۾ پئسو ئي سڀ ڪم ڪري سگهي ٿو.)

- مايا تيري تين نام، پرسو، پرسا، پرسرام.

(دولت تنهنجا ٽي نالا آهن. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ وٽ تون نہ آهين تہ هرڪو کيس 'پرسو' سڏي ٿو، پر جڏهن وٽس ڪجهہ دولت ڪٺي ٿئي ٿي تہ کيس 'پرسا، پرسا' ڪري ٿا پُڪارين، پر اُن کان وڌيڪ شاهوڪار ٿيڻ تي سيبئي ماڻهو ان کي عزت ڏيئي 'پرسرام جِي' ڪري ڪوٺين ٿا.)

- باپ پلا نہ پئيا، سب سي پلا رپئيا.

(نہ ڪو پيءُ، نہ ڪو ڀاءُ پلو آهي، سڀ کان پلو رپيو آهي.)

- گانٺ ۾ زر هئہ تو نر هئہ، نهين تو خر هي.

(جيڪڏهن ڳنڍ ۾ ناڻو آهي، تہ ماڻهو نر آهي، نہ تہ کر يعني گڏھ آهي.)

سنڌي:

- هجيئي ڳنڍ ۾ ناڻو تہ گهُمر خان لاڙڪاڻو.
- اُت بہ ناڻو، ويهہ بہ ناڻو.
  ناڻي بنا نرُ ويڳاڻو.
- زر بسيار تہ عشق نهہ پهہ.
  زر نيست تہ عشق پوُن پوُن.
- جن جي گنديءَ ۾ ناڻا.
  تن جا چريا بہ سياڻا.
- جيڪي ڪري ڪلدار، سو نہ ڪري ڪرتار.
- جيڪي ڪري ناڻو، سو نہ ڪري راڻو.

- پير عيسيٰ، پير موسيٰ، ٻڙا پير پئسا.
- پئسو ناهي پاس تہ جيرو آهي اُداس.
- شاهوڪار جو ٽِٽُ بہ ڪستوري.
- لڇمي ڪلڇڻ ڏِکٽي.

پنجابي:

- او پلا مانس ڪئسا، جدي ڪول نئين پئسا.
(اُهو پلو ماڻهو ڪيئن چئبو، جنهن وٽ پيسو ناهي.)
- جس دِي ڪوني وچ داڻي، اُس دي يملي وِي سياڻي.
(جنهن جي ڪونيءَ ۾ داڻا يعني پئسا آهن، اُن جا چريا بہ سياڻا مڃيا ٿا وڃن.)

مراٺي:

- جياچي ڪِشات سُرتِي، توچ منگلمورتي.
(جنهن جي کيسي ۾ سورتي يعني ناڻو آهي، اهوئي خوبصورت آهي.)
- شري منتاچا ڪُترا، سگنيانچا لاڏڪا.
(شاهوڪار جو ڪتو سيٺي جو لاڏلو.)
- هوڏان گانڊ سگلي اِ ڏُتات،
گريبا تونڊُ پوليتا ڪوڻ؟
(وڏن ماڻهن جي گانڊ ڌوئڻ لاءِ بہ سڀ تيار هوندا آهن، پر غريب جو منهن ڌوئڻ لاءِ ڪو بہ تيار نہ ٿيندو آهي.)

گجراتي:

- گرٿنا گلنگا شاھ، ني وَگر گرٿنا گانگا.
(ڳنڍ ۾ ناڻو اٿس تہ سڀ ڪيس گانگاشاھ چئي ٿا 'نمسڪار' ڪن، پر ڳنڍ خالي هئڻ تي هن کي 'گانگا' چئي سڏ ٿا ڪن.)
- پئسا هاٿ مان تو دوست ساٿ مان.
(پئسو هٿ ۾ آهي تہ دوست بہ گڏ آهن.)
- پئسي آئي، پيسي بائي، پيسي بِگرني نهين سگائي.

(پئسو آهي تہ ماءُ ڳڌ آهي، پيسو آهي تہ جاءِ ڳڌ آهي، پيسي بنا ڪوبہ رِشتو نہ آهي.)

## سنسڪرت جا سهڻا سُخن ۽ سنڌي پهاڪا:

هاڻي سنسڪرت سڀاشت (فصيح زبان) جي شلوڪن جي ويچارن سان سمانتا (هڪجهڙائي) رکندڙ سنڌي پهاڪن جا وڌيڪ مثال هتي ڏجن ٿا:

(1) سنسڪرت:

- ماتا ڪُپيَتِ ڪَنيايئي سُنشا پوِتِ وِهلا.

(ماءُ ڪاوڙ ڪري ٿي پنهنجي ڌيءُ تي، تہ سندس نُنهن اهو ڏسي بيچئن ٿي وڃي ٿي.)

سنڌي:

- ڌڪُ هڻ ڌيءُ کي تہ سکي نُنهن.

(2) سنسڪرت:

- لالنادو وهوو دوشاهَ تاڏ ناد بَهُوو گُڻاهَ.
تسمات پُترن چ شين چ تاڏ ييت نَ تُ لالييت.

(گهڻو لاڏ پيار ڪرڻ سان گهڻيئي خرابيون پيدا ٿين ٿيون، ۽ مار ڏيڻ سان گهڻيئي گُڻ جنم وٺن ٿا. اِن ڪري پُٽ ۽ شاگرد سان سختيءَ سان ورتاءُ ڪرڻ گهرجي، نڪي ڪيس گهڻو لاڏ ڪرڻ گهرجي.)

سنڌي:

- اُستاد جي مار، يار جي سنوارِ.
- چڙيءَ جو صرفو ڪريو تہ بار ڪريو.
- پُٽ ٻنيهہ لکڻو، موچڙو چنيهہ لکڻو.

(3) سنسڪرت:

- پِنڊي پِنڊي متريَنا، تُنڊي تُنڊي سَرَسوتِي.
ديشي ديشي اَنيياشا سيات، نانارتنا وسُنترا.

(هرڪنهن ۾ جدا جدا سوچ ٿئي ٿي ۽ هرڪنهن مُنهن ۾ الڳ الڳ ٻولي، جدا جدا ملڪن ۾ الڳ الڳ ٻوليون آهن ۽ ڌرتيءَ ۾ بہ گهڻن ئي قسمن جا موتي آهن.)

- پن رُچرهِ لوکهَ.

(سنسار ۾ الڳ الڳ پسند وارا ماڻهو آهن.)

- نہ پَنچانگُليهہَ سماهَ.

(پنجئي آڱريون برابر نہ آهن.)

- نئکو رشي هہَ يسيہ وَچ هہ پرماڻمَ.

(هڪ بہ رشي اهڙو نہ آهي جنهن جي سوچ ساڳي مڃي وڃي. يعني هر ڪنهن رشيءَ جا ويچار الڳ الڳ آهن.

سنڌي:

- ڪوپڙيءَ ڪوپڙيءَ مت نياري.
- ڄڻي ڄڻي جو پنهنجو راڳُ.
- جيترا ماڻهو اوتريون ڳالهيون.
- پنجئي آڱريون برابر نہ آهن.
- آڱر آڱر جو سنڌو آهي.

(4) سنسڪرت:

- پروپديشي پانڊِ تيَم.

(ٻين کي نصيحت ڪرڻ ۾ هرڪو عالم آهي.)

- پروپديش ويلايان شِشٽاهہ سروي ڀونتي وئي.

(ٻين کي درس ڏيڻ وقت سڀ عظيم ٻڌجي پوندا آهن.)

سنڌي:

- پاڻ نہ پلي پوپري،

لوڪان متيون ڏِئي.

- پَر اُپديش ڪُشل بهُتيري.

(ٻئي کي نصيحت ڪرڻ سولو ڪم آهي.)

(5) سنسڪرت:

- پُستڪستا تہ يا وديا پرهستگتن ڌنم.

ڪاريڪالي سَمُتپَني نَہ سا وِديا نہ تد ڌنم.

(فقط ڪتاب ۾ رکيلُ جاڻ ۽ ٻئي وٽ رکيل دولت، اهي ٻئي ڪم جي وقت تي ڪتب نہ ٿا اچن.)

سنڌي:

- ناٽو سو جو ڳنڍي، واٽي سا جا ڪنٺ.

(ناٽو اُهو جو ڳنڍي ۾ هجي، واٽي ڪنٺ ڳالهه يا ٻول اُهي جي ياد ڪيل هجن ۽ استري يعني زال اُها جا سنگ گڏ هجي.)

(6) سنسڪرت:

- پنڪوهِ نيسِ ڪِشپتَ هَ، ڪشيپتُ ه پتتِ مُورڌنِ.

(گپ جيڪڏهن آسمان ۾ اڇلائبي، ته اُها اڇلائيندڙ جي مُنهن تي ڪرندي.)

سنڌي:

- اُپ ۾ ٿُڪ اڇلائي، سو مُنهن ۾ پائي.

(7) سنسڪرت:

- نِرستپادَپي ديشي ايرنڊو اَپي ڊُمايَتي.

(جتي وڻ نہ آهن، اُتي هيرڻ جو وڻ بہ وڏو وڻ ليکجي ٿو.)

سنڌي:

- جتي وڻ ناهي، اُتي ڪانڊيرو بہ درخت.

(8) سنسڪرت:

- وياگهرن نئيوَ گجن نئيوَ، سينهن نيئوَ، چ نئيوَ چ.
- اجا پُترن بَلن ددياتَ، ديوو دُربَگلگهاتڪ هَ.

(چيتي کي، هاٿيءَ کي ۽ شينهن کي تہ ڪڏهن بہ قربانيءَ ۾ نتو ڏنو وڃي. ويچارو ٻڪر قربان ٿئي ٿو. ديوتا پڻ ڏٻري کي ڪُهن ٿا.)

سنڌي:

- ڏُٻري ڍور کي مچر گهڻا.
- گدرو ڪِري ڪاتيءَ تي، تہ بہ گدري جو ڪو،
ڪاتي ڪِري گدري تي، تہ بہ گدري جو ڪو.

(9) سنسڪرت:

- وِناشڪالي وِپريتبُڌُ.

(تباهيءَ جي وقت ماڻهوءَ کي اُبتي مَتِ ايندي آهي.)

سنڌي:

- ڳوهه کي جڏهن ڪني ڪٺي،
تڏهن ڳولهي شڪارين جا گهر.
- ڏشا ڦري ته ٻُڌي به ڦري وڃي.
(خراب ستارن جي طرف اچڻ تي ماڻهوءَ کي سمجهه به اُبتي اچي.)

(10) سنسڪرت:

- مَڌُ تِشٺَتِ جِهواگي، هرديي تُه هلاهلم.
(دُشٽ يا نيچ جي زبان تي ماکي، پر دل ۾ پينڪر زهر هوندو آهي.)

سنڌي:

- وات ۾ ماکي، دل ۾ ڪاتي.
- مُنهن ته موسيٰ جهڙو، سيرت شيطان.
- مُنهن جو منو، اندر جو ڪارو.
- اندر ڪارو ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنج ٿي.

(11) سنسڪرت:

- پِبَنتي اُدڪن گاوو منبوُڪيشُ رُوَتسُ اَپِ.
(ڏيڏرن جي ٽان ٽان ڪرڻ تي به ڳائيُون بي فڪر ٿي تلاءَ مان پاڻي پيئنديون آهن.)

سنڌي:

- قلندرن پنيان ڪتا پيا ڀؤنڪن.
- فقير! تون پنهنجي راهه وٺ، ڪتن کيٰ ڀؤنڪڻ ڏي.
- ڀلي ڪتا پيا ڀؤنڪن، پر هاٿي هلي مستاني چال.

(12) سنسڪرت:

- اَرَڪِشتن تِشٺتِ دئيور ڪِشتم.
سُرَڪِشتن دئوَهتن وِنشيتِ.
(جنهن جو ڪوبه رکوالو ناهي تنهنجو ڏٺي سائين سنياليندڙ آهي، پر جنهن کان ڏٺي سائين منهن موڙي ڇڏيو آهي، سو ڪيترو به پاڻ کي بچائي، ته به ناس ٿي وڃي ٿو.)

سنڌي:

- ڏٺي همراهه ته ڪنهنجو ڊپ نه ڊاءُ.
- راڪي رام ته ماري ڪير؟
- سڄڻ هجن سنوان، مر ڏيهه ڏنگايون ڪن.
- ڇا جي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهن ڏنگوءَ ٿئي.

## چاڻڪيه جا 'نيتي سُوتر' (اخلاقي قاعدا) ۽ سنڌي پهاڪا:

چندرگپت موريا جي گُرو آچاريه وشڻوگُپت جو نالو ڪنهن نه ٻڌو هوندو؟ ڀارت جي تاريخ ۾ هو 'چاڻڪيه' ۽ 'ڪوٽليه' جي نالن سان وڏيڪ مشهور آهي. هُن پنهنجي ماهرانه راڄنيتيءَ سان اُتر- اولهه ڀارت تي حملو ڪندڙ يوناني سڪندر (اليگزينڊر) کي ڀارت جي ڌرتيءَ تان هڪالي ڪڍيو هو. هن نند خاندان جو خاتمو ڪري پنهنجي شاگرد چندرگُپت کي ڀارت جو سمراٽ شهنشاهه بڻايو. چاڻڪيه جو لکيل 'ارٿ شاستر' ڀارتي ادب جو انمول ڪتاب آهي، جنهن جي گهڻن ئي يورپي عالمن به ساراهه ڪئي آهي. 'ارٿ شاستر' ۽ 'راڄنيتي شاستر' جو سارُ آهن. 'چاڻڪيه سوُتر'؛ اُنهن سُوترن جي آڌار تي نهيل ڀارت جي هاٺوڪين ٻولين ۾ ڪافي پهاڪا ملن ٿا. هتي ڪن سنڌي پهاڪن جا مثال ڏجن ٿا، جن جا ويچار چاڻڪيه جي اُنهن 'سوترن' ۾ ظاهر ڪيل ويچارن سان ملن ٿا. اُهي ويچار اسان کي سنسڪرت جي ڪن چوڻين ۾ به نظر اچن ٿا.

(1) آيَسئي هَ آيَسن ڇيديم.
(لوهه کي لوهه سان ڪٽجي.)
- لوهه کي لوهه ڪٽيندو آهي.
- جهڙي سان تيءُ تهڙو.

(2) سوَپاوو دُرتڪرم هَ.
(سڀاوَ کي اورانگهڻ مشڪل آهي.)

[1] شري رام اوتار وديا ڀاسڪر، سمپارڪ / ايڊيٽر ۽ تعارف ڪرائيندڙ، چاڻڪيه سُوتراڻ، پرڪاشڪ منتري نيايه ڀاون جموتوي (جمون ڪشمير)، 1958ع.

- عادت مٽي نہ عادتي، عِلت مرُ نہ جاءِ.
اُٺ پوي جي ڪٽڪ ۾ تہ بہ ڪندا چُڻ چُڻ ڪاءِ.
- ڪُتي جو پُڇ ٻارنهن مهينا نڙ ۾ وجهہ، تہ بہ ڏنگي جو ڏنگو.
- ڪنهن جو بہ سڀاءُ بدلجڻو ناهيَ.
(3) شور ميوراد اَدِيہ ڪپوتو ورم.
(سڀاڻي مورُ ملڻ جي اُميد کان اڄ جو ڪبوتر هٿ ۾ هئڻ بهتر آهي.)
- اڌ ڪي چِڏي سڄي پنيان ڊُڪي تنهن جو اڌ بہ وڃي.
(4) يَٿا بيجن تٿا نِشپتِ.
(جهڙو ٻج تهڙو ڦلُ.
- جهڙو ٻج، تهڙو سَلو.
- ڪٽڪ پوکبي تہ جوَ ڪين مِلندا.
- جهڙو ٻج وجهبو، تهڙو ڦل ملندو.
(5) اَناريہ سنبنڌت ورم آريہ شتُرتا.
(نيچ جي دوستيءَ کان بهتر آهي سڄڻ جي دشمني.)
- نادان دوست کان داناءُ دشمن ڀلو.
(6) شوَهہَ ڪاريہ اديُہ ڪُروِيت.
(سڀاڻي جو ڪم اڄ ڪجي.)
- اڄ جو ڪم سڀاڻي تي نہ وجهجي.
(7) اِڳنداهاداپِ وشِشتن واڪپارُ شيَم.
(باهہ جي جلائڻ کان بہ تيز آهي زبان جي ڪوڙاڻ.)
- تلوار جي گهاءُ کان ويڻن جو گهاءُ تيز آهي.
(8) ڪشُڌارتو نَہ ترڻن چرتِ سنهہ هہَ.
(بکايل شينهن بہ گاهہ نہ کائيندو آهي.)
- شينهن بک مرندو پر گاهہ نہ چرندو.
(9) پلالم اپِ پردروين نہ هَرڌويم.
(ٻئي جي پلال يعني گاهہ بہ نہ چورائجي.)

- ڪک چورُ، سو لک چورُ.

(10) مورکيشُ وِوادو نَہ ڪرتويَهَہ.

(نادان سان بحثُ نہ ڪجي.)

- مورک کي اُپديش*، جيءَ جو ڪليش.
- مورک کي گيانُ*، جيءَ جو زيان.
- چرين کي ڪي ٻيا سگَ ٿين؟
- چرين کهڙا چِت، مئن کهڙا مامرا؟
- مورک ماڻهو، ٻہ گهر ٻار، ٻئي ٻَنُ ڏِجن.
- بي عقل کي بازار ۾ ڪٺي نہ وجهجي ساڻُ.

ڀرين ڪٺائي پاڻ، پوءِ سارُ لهي سنگتي جي.

- جَٽُ پڙهيو الله اڙيو.
- ڪر چگائي جٽ سان، تہ ڦيري هٽيئي پٽ سان.

(11) ارٿوان سروَلوڪسيہ ٻهُومت هہ.

(دولتمند پنهنجي دولت جي زور تي سڀ هنڌ عزت پائي ٿو.)

- جيڪي ڪري ڪلدار، سو نہ ڪري ڪرتار.
- دام ڪري سڀ ڪام.
- جيڪي ڪري ناڻو، سو نہ ڪري راڻو.
- جن جي گهر داڻا، تن جا چريا بہ سياڻا.
- پير عيسيٰ، پير موسيٰ، ٻڙا پير پئسا.
- شاهوڪار جو ٽِٽُ بہ ڪستوري.
- سڀ ڪو ٻيٺي جو يار آهي.

(12) دارِ ديہَ ڪلُ پَرَشسيہ جيتِوڻ مرٽم.

(غريبي انسان لاءِ جيئري ئي موتُ آهي.)

- غريبي زنده موت آهي.
- غريب جي جوءِ جڳ جي ڀاڄائي.

* اُپديش: نصيحت، ڪليش: ڏک.
* گيان: ڄاڻ، سمجهاڻي.

- سُڃن اباڻن ڏوُڙ مَرڪن ڏيئرون.
- غريب رڪن روزا تہ ڏينهن بہ ٿين وڏا.
- پنڻ ڪان مرڻ بهتر.

## سنڌي ۽ انگريزي پهاڪا:

سنڌي ۽ انگريزي ٻولين جي پهاڪن جي ڀيٽ ڪندي اسان ڏٺو تہ هڪ طرف هاڻوڪين يارتي ٻولين ۾ هڪجهڙن ويچارن ۽ احساسن وارا پهاڪا ملن، تہ ٻئي طرف اُهي قديم يارتي ٻولين سان بہ هڪجهڙائي ڏيکارين ٿا. هتي اسين سنڌي پهاڪن سان ويچارن ۾ هڪجهڙائي رکندڙ انگريزي پهاڪن جا ڪجهہ مثال ڏيون ٿا. اِن مان ثابت ٿئي ٿو تہ دنيا جي جدا جدا ٻولين جي پهاڪن ۾ بہ گهڻن ئي هنڌن تي ويچارن جي هڪجهڙائيءَ جو اڀياس ڪري سگهجي ٿو. اِن جو مکيہ ڪارڻ آهي انسان جي سوچ ويچار، فڪر، ۽ تجربي ۾ هڪجهڙائي.

هتي سنڌي ۽ انگريزي پهاڪن ۾ هڪجهڙائيءَ جا مثال گهڻو ڪري روچي رام گجومل جي ڪتاب مان چونڊيا ويا آهن. هيءُ ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ ڇپيل آهي، پهرئين ڀاڱي ۾ سنڌي پهاڪن سان گڏ انگريزي هم معنيٰ پهاڪا ڏنل آهن، ٻئين ڀاڱي ۾ سنڌي ٻوليءَ جا خاص چونڊ پهاڪا فقط انگريزي عنوان سان گڏ ڏنل آهن. هن مجموعي ۾ ڪل اٺ سؤ سنڌي پهاڪا گڏ ڪيل آهن.

(1) اُڀ ۾ ٿڪ اڇلائي، سو منهن ۾ پائي.

- Who spits against the wind, spits in his own face.
- Spit not against heaven, it will fall back on the face.

(2) اٺو ڪاڏو ڪُئي، مار پئي گابي کي.

- The ox ate the corn and they beat the donkey for it.
- One doth the blame, another bears the shame.

(3) اپني گهوٽ تہ نشا ٿيوئي.

- Paddle your own canoe.

(4) اڇي پڳ ۾ پسُ، اندر مڙيئي اگڙيون.

- All is not gold that glitters.
- A clean glove often hides a dirty hand.
- Judge not according to the appearance.

(5) اڌ کي ڇڏي جو سڄيءَ ڏي ڊوڙي، تنهن جو اڌ به وڃي.

- Catch not at the Shadow and loose the substance.
- Quit not certainty, for hope.
- A bird in hand is worth two in the bush.

(6) اُستاد جي مار، ٻار جي سنوار.

- Better the child cry,*than the father sigh.
- Spare the rod and spoil the child.

(7) اُکرين ۾ جي مٿا وجهن، سي مُهرينَ ۾ ڪيئن ڊڄن؟

- Those who play with edge tools, must expect to cut themselves.
- Don't play with bears if you are afraid of being bitten.

(8) اڳياڙي تڏهن سَرهي، جڏهن پڇاڙي سَرهي.

- All is well that ends well.
- Praise a fair day at night.

(9) اُهو ڪي ڪجي، جو مينهن وسندي ڪم اچي.

- Lay up something against a rainy day.
- Make hay while the sun shines.
- In a fine weather prepare for foul.

(10) ٻه ڀائر ٽيون ليکو.

- Money has no blood relations.
- Make every bargain clear and plain, that none may afterwards complain.

(11) ٻه ٽہ ٻارنهن.

- Union is strength.
- Three helping each other are as good as six.

(12) لڙن سپاهي، نانءُ سردار جو.

- The blood of the solder makes the glory of the general.

(13) ڀتين کي ٻه ڪن آهن.

- Walls have ears.

(14) تاڙي هڪ هٿ سان ڪين وڄندي آهي.

- It takes two to make a quarrel.

(15) ترار جو ڦٽ ڇٽي وڃي، زبان جو ڦٽ نه ڇٽي.
وٺو لهي وڃي، رٺو ڪين لهي.

- The tongue is not steel, but it cuts.
Evil words cut worse than swords.
Slander, whose edge is sharper than the sword.
Whose tongue out venoms all the worms of nile. (Cymbeline)

(16) پاپ جو گهڙو ڀرجي ڀرجي نيٺ ڦاٽي.

- The mills of God grind slowly, but the grind exceedingly small.

(17) پير عيسيٰ، پير موسيٰ، وڏا پير پئسا.

- Money makes the mare go.
Money is the God of world.

(18) جنهن جو ٻڻ ٻڇڙو، تنهن جو ميوو سٺو نه ٿئي.

- A wild goose never lay a tame egg.
- As the seed, so the sprout.

(19) جهڙو سنگ، تهڙو رنگ.
سنگ جو پرسنگُ

- Tell me the company you keep and I will tell you who you are.
- Bad company is the devil's net.

(20) ڪر ڇڱائي جٽ سان، ڦيري هٽي پٽ سان.

- Kindness is lost upon an un grateful man.
- To do good to the ungrateful is to throw rose water into the sea.
- Save the thief from the gallows and he will be the first to cut your throat.

(21) ڏاڍو سو گابو.

- Might is right.

(22) سَکڻي ڪُني گهڻو اُبامي.

- Empty vessel thunders much.

(23) ڪاڻي کي ڪاڻو نه چئجي.

- Why call a spade, a spade.

(24) مرڻ مُهُورتُ نه پڇي، پڇي تِٿِ نه وار.

- Death keeps no calander.

(25) همتِ مردان مددِ خدا.

- God helps those who help themselves.

سنڌي ٻوليءَ جي مشهور عالم مرزا قليچ بيگ "پهاڪن جي حڪمت" نالي هڪ ننڍڙو ڪتاب لکيو هو.* اهو "نئين سنڌي لائبريري" سيريز اندر چيتمل پرسرام 1925ع ۾ حيدرآباد سنڌ مان ڇپائي پڌرو ڪيو. اُن ۾ قليچ بيگ دنيا جي مکيه ٻولين جا چونڊ پهاڪا سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏنا آهن. اُن ڪتاب ۾ 600 ڪن پهاڪا ڏنل آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن قسم جو هيءَ پهريون مجموعو آهي. اِن جي اڀياس مان ظاهر ٿئي ٿو ته الڳ الڳ مُلڪن جي لهجن ۾ جيڪي پهاڪا آهن، اُنهن ۾ ڪيترين ئي ڳالهين ۾ ويچارن جي هڪجهڙائي آهي.

## 4.3: سنڌي پهاڪن جو شاعريءَ جي علم موجب اڀياس:

پهاڪا لوڪ ادب جو هڪ حصو آهن. اِن ڪري اُنهن ۾ ادب شاعريءَ جي خوبصورتي پاڻمرادو اچي وڃي ٿي. اِها خوبصورتي لفظن جي سگهه، النڪارن، ڇندن وغيره جي ذريعي پيدا ٿئي ٿي. ٻوليءَ جي ذريعي معنيٰ کي خوبصورت طريقي سان ظاهر ڪرڻ ۾ شيليءَ يا عبارت جا اِهي مکيه جزا آهن. هتي ٿوري ۾ انهن تي ويچار ڪجي ٿو.

### 4.3.1. سنڌي پهاڪن ۾ شبد شڪتي (لفظن جي سگهه):

جڏهن اسين ڪجهه ڳالهايون ٿا ته اُن ۾ اُچار ڪيل لفظن جي ذريعي اسان ڪنهن اَرٿ يا معنيٰ جو اظهار ڪريون ٿا. اُن مان صاف

* مرزا قليچ بيگ، پهاڪن جي حڪمت، پبلشر چيتمل پرسرام، نئين سنڌي لائبريري، حيدرآباد، سنڌ، 1925.

ظاهر آهي تہ ٻوليءَ يا ڀاشا ۾ لفظ ۽ معنيٰ جو گڏ هئڻ تمام ضروري آهي. ادب ۾ تہ شبد هين لفظ کان سواءِ معنيٰ ۽ ارٿ هين شبد (معنيٰ کان سواءِ لفظ) جو تصور ئي نہ ٿو ڪري سگهجي. ان ڪري ڪن عالمن 'ساهتيہ' لفظ جي ويٺتپتي (اشتقاق) ئي اِن ريت ڪئي آهي تہ جنهن ۾ لفظ ۽ معنيٰ جي گڏ هئڻ جي حالت لازمي آهي. (سَهتسيہ ڀاون ساهتيم). ساهتيہ ۾ "ستيم شِوم ۽ سُندرم" جو سنگم آهي. اُهو هِتڪاري (فائديمند) آهي. اِن ڪري اُن کي ساهتيہ چئجي ٿو. (س + هِت= فائديمند، هِت ڪارڪ= ڪلياڻڪاري).

بيان ۾ پرسنگ موجب لفظ جي معنيٰ بدلجي ويندي آهي. مثال طور "ڌوٻي گڏھ تي ڪپڙن جي هڙ رکي نديءَ ڏانهن وڃي پيو." هن جملي ۾ 'گڏھ' لفظ هڪ خاص جانور جو عڪس اسان جي ڌيان تي آڻي ٿو. پر جڏهن اسين ڪنهن شرارتي ڇوڪري کي چيِنيندي چئون، "گڏھ! هي ڇا ڪُيئہ؟ آرسي ڀڃي ڇڏيئہ". تہ هن جملي ۾ 'گڏھ' لفظ جو مطلب ڪٺبو. بيوقوف، مورک.

ڀارتي ڪاويہ شاستر (شاعريءَ جي علم) جي اُستادن معنيٰ جا ٽي قسم ٻڌايا آهن. اُن موجب هُنن لفظن جا بہ ٽي قسم ميجيا آهن. جنهن لائقي جي ڪري لفظ ڪنهن معنيٰ جو اظهار ڪن ٿا، اُن کي شبد شڪتي يا لفظ جي سگهہ چئجي ٿو.

(1) **اظهار** (Expression):

هرهڪ لفظ جنهن طاقت ذريعي پنهنجي مکيہ معنيٰ کي ظاهر ڪري ٿو، تنهن کي 'اڀِڌا شڪتي' يا اظهار چئجي ٿو. اهڙي لفظ کي "واچڪ شبد" ۽ اُن جي معنيٰ کي "واچيارٿ" يا "اَڀِڌيارٿ" چئبو آهي. سنڌيءَ ۾ اُن کي لفظي معنيٰ (Primary or literal meaning) چوندا آهن. جيئن تہ، ڪتاب، وڻ، پکي، زال، مرد، گهوڙو، گڏھ، مينهن، ڳائون، وغيره لفظن جو اظهار ڪرڻ سان جنهن شيءِ پکيءَ، جانور شخص وغيره جو عڪس اسان جي دماغ ۾ پيدا ٿئي ٿو، اُهو اُن لفظ جو 'واچيارٿ' يا اکري معنيٰ آهي. ڪهڙو لفظ ڪهڙي معنيٰ جي اظهار

لاءِ ڪتب اچي ٿو، اهو اُن لساني سماج ۾ لوڪچار موجب مقرر ٿي ويو آهي.

(2) **لڪشڻا يا ڏَسُ**(Indication):

هرهڪ ٻوليءَ جي رواج موجب اُن ٻوليءَ جا گهڻيئي لفظ ٻي معنيٰ جي ڏسڻ لاءِ نمونا ٿي ويندا آهن. جيئن تہ "گڏھ" لفظ بيان جي مفهوم موجب 'مورک، بيوقوف' معنيٰ بہ ٿئي ٿي. "ٻگهلو"، 'ٻگهہ پکي' کان سواءِ 'ٺَگ'، ڌوکيباز، مڪار جي معنيٰ بہ ڏسي ٿو. مثال طور: "هو اٿيئي ٻهگلو ڀڳتُ. هن کان سنڀالي وهنوار ڪجان". هن جملي ۾ 'ٻگهلو' لفظ 'ٺَگ يا دوکيباز' مطلب طرف اشارو ڪري ٿو.

ڪوبہ لفظُ جڏهن بيان ۾ پنهنجي لفظي معنيٰ بدران ٻي معنيٰ ڏسي ٿو، تڏهن لفظ جي جيڪا طاقت ڪم ڪري ٿي، اُن کي 'لڪشڻا شڪتي' (Power of Indication) چئجي ٿو. اهڙي معنيٰ کي لڪشيارٿ (Metaphorical or secondary meaning) چئبو آهي. اِن قسم جي معنيٰ ڏسيندڙ لفظ کي "لاڪشڻڪ شبد" چئبو آهي.

(3) **تجويز يا اِشارو**(Suggestion):

بيان ۾ ڪنهن ڳالهہ جي حوالي ۾ جڏهن گهربل معنيٰ استعاري ذريعي نہ ٿي ملي، تڏهن اُن تائين پهچڻ لاءِ لفظ جي جيڪا طاقت ڪم ڪري ٿي، ان کي وينجنا شَڪتي (Power of Suggestion) چئبو آهي. اهڙي معنيٰ کي ٽوڪ يا اشارتي معنيٰ (Suggested meaning) چوندا آهن ۽ اِن قسم جي معنيٰ ڏيندڙ لفظ کي 'اشارتي لفظ' (Suggesting word) چئبو آهي. مثال طور: "هُن پنهنجي ٻانهن جي ٻل تي هيتري ترقي ڪئي آهي."

هن جملي ۾ هڪ معنيٰ تہ اِها آهي تہ هُن شخص پنهنجي محنت ۽ عزم، طاقت سان هيتري ترقي ڪئي آهي، پر جيڪڏهن حوالي ۾ ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جو بيان آهي، جيڪو ڪنهن شاهوڪار گهر مان پرڻيو آهي ۽ پنهنجي ساهورن جي مدد سان هن ترقي ڪئي آهي تہ پوءِ

چونڊڻ جو اشارو اُن جملي جي ٻئي گھربل مطلب ڏانهن ٿيندو. اُن حالت ۾ 'ٻانهن' جو مطلب ٿيندو. زال، پتني.

اُهو ضروري نہ آهي تہ جملي ۾ ڪنهن لفظ جي آڌار تي ئي وينگيارتَ (ٽوڪزني) حاصل ٿئي. ڪن حالتن ۾ ڳالهائڻ جو طريقو يا ڍنگ ۽ جنهن سان ڳالهائجي ٿو، اُن جي آڌار تي بہ ٻي معنيٰ طرف اشارو ٿيندو آهي. جيئن تہ جڏهن ڪلاس ۾ ڪو ماستر مُشڪندي ڪنهن موڳي ڇوڪريءَ کي ٽوڪيندو چوي ٿو، "تون تہ امتحان ۾ ضرور پهريون نمبر ايندين." تہ هتي جنهن کي چيو ويو آهي. اُن مان سمجهبو تہ ماستر جو مطلب آهي- "تون امتحان ۾ پاس نہ ٿي سگهندين، پر جي پاس ٿئين بہ تہ پوين نمبرن ۾ هوندين."

هڪ شخص ٻئي کي چيو، "تنهنجي مُنهن مان شيطاني پيئي جهلڪا ڏئي." ٻيو شخص بہ حاضر جواب هو. هُن هڪدم اڳلي کي چيو، "مون کي اِها خبر ڪانہ هُئي تہ مُنهنجو منهن ڪا آرسي آهي." هن گفتگوءَ جو آنند تڏهن ملندو جڏهن اِن مان اِشاري طور ملندڙ گهربل مطلب ڪڍون، جيڪو هن ريت آهي- "سچُ پچُ تہ شيطان تون ئي آهين. پنهنجي بدمعاشيءَ جو عڪس منهنجي صورت ۾ پيو پسين."

اِن طرح ٽوڪزني جو گهڻو دارومدار بيان جي پرسنگ ۽ اُنهن جي حالتن تي بہ ٿئي ٿو، جن ۾ اُها ڳالهہ چئي ويئي آهي.

چوڻيون جيڪي پنهنجي لفظي معنيٰ ۾ ڪتب اچن ٿيون، اُنهن ۾ 'اَڀڌا شڪتي'[1] ڪم ڪندي آهي. اُنهن ۾ سڌو سنواٽو بيان هوندو آهي، يا چئجي تہ اُنهن ۾ اظهار جي خوبصورتي نہ هوندي آهي. مثال طور: ترتُ دانُ، مها پُنُ. (برڪت، خيرات معنيٰ وڏو ثواب).

- ڏُک بنا سُک ڪونهي.
- جهڙو ديس، تهڙو ويس.
- ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنو، ننڍو وڏو ڇيڙ منو.

---

1. اَڀڌا شڪتي: لفظ جي قوت.

ٻئي طرف ڏسجي ته ڀاڪن ۾ اظهار جي خوبصورتي سمايل آهي. اُتي لڪشٽا[2] يا وينجنا[3] ذريعي لفظي معنيٰ کي ڇڏي ٻيءَ گهربل معنيٰ کي ڏسين ٿا يا اُن طرف اِشارو ڪن ٿا. ڪجهه مثال ڏسو:

- هِيانءَ تتي کان ڪُڙي تتي چڱي.

(هن ڀاڪي ۾ "هِيانءَ تتي" جو مطلب آهي "اُهو ماڻهو جيڪو من ۾ ڏکي پيو ٿئي." ٻئي طرف 'ڪُڙي تتي' جو مطلب آهي. "پنڌ ڪري يا محنت ڪري ڪم کي پورو ڪرڻ." اِن طرح ڀاڪي جي واڌو معنيٰ (secondary meaning) آهي- ٻيو ڪو اوهان کي نقصان پيو پهچائي، اُن ڪري دل ئي دل ۾ ڏکي ٿيڻ کان بهتر آهي ته هڪ ڊوڙ ڪري اهڙي ڪوشش ڪجي جيئن خرابيءَ کي روڪي سگهجي.)

- لڄُن تان لک قُربان.

(پنهنجي گهر جي عورتن جي عزت بچائڻ لاءِ لکين رپيا به قربان ڪري ڇڏجن. هتي 'لڄ' لفظ جو اظهار (Expression) آهي. 'شرم، حياءُ' ۽ اشارتاً ٻئي معنيٰ آهي 'عورت، زال'.

- عشق انڌو آهي.

('عشق' لفظ جو لڪشيارٿ (ٻي معنيٰ) آهي. 'عاشق، عشق ڪندڙ'. عاشق ڪوبه آڳو پيڇو نه ٿو سوچي. هوُ جنهن تي فدا ٿئي ٿو اُن پنيان انڌن وانگر گهمي ٿو ۽ ڪيس لوڪ-لڄ جي پرواهه نٿي ٿئي.

- چلههُ تي سو دِل تي.

(هتي 'چلهه' جو لڪشيارٿ (ٻي معنيٰ) آهي گهر ۾ هڪ چلهه وٽ گڏجي کائيندڙ پيئندڙ. 'دِل' جي ٻي معنيٰ آهي يادگيري. مطلب ته جيڪي هڪ گهر ۾ گڏ رهن ٿا، گڏجي ڪري کائن پيئن ٿا، سي هميشه ياد رهن ٿا. پر ٻئي طرف

---

2. لڪشٽا: Metaphor

3. وينجنا: Satire، لفظ جي اُها طاقت جنهن جي رواجي معنيٰ جي بدران خاص مطلب نڪري.

پري رهندڙ وسري ويندا آهن.)

جن ٻهاڪن ۾ فاعل، فعل وغيره ڏيکاريندڙ لفظن جو لوپُ (حذف) ٿي وڃي ٿو، اُتي گھڻو ڪري استعاري يا اشاري سان اسان کي گهربل مطلبُ ملندو آهي. جيئن ته:

- هڻُ ڏيءِ کي ته سِکي نُنهن.

(هتي ڪرم 'ڏڪُ/ طعنو' لفظ جو لوپُ (حذف ٿيل) آهي، جيڪو اشاري سان اسين سمجهون ٿا. گهربل مطلب آهي ته تون هڪ کي طعنو هڻُ يا ٽوڪ ته ٻيو پنهنجو پاڻ اُن مان سبق سکي ويندو.)

- هاسي ڪَرهن جي ماسي.

(ڪل ٻوڳ ڪرڻ جهيڙي جي ٻيڙ آهي. اشاراتي معنيٰ آهي ته اسان کي ڪنهن به ڏارئي سان ڪِل ٻوڳ نه ڪرڻ گهرجي يا مٽس ٺٺولي نه ڪرڻ گهرجي. اِن سان جهيڙي ٿيڻ جو اِمڪان آهي.)

- هٿ جن جا هيٺن پٽڻ سي پهچن.

(ندي پار ڪري ٻئي ڪناري جي پٽڻ تي اُهي پهچي سگهندا جن جا هٿ هيٺن يعني کُليل، پئسي خرچڻ لاءِ تيار آهن.)

- سُورُ پوي سانئيءَ کي ته ڏنيجي گڏهُ.

(بدن ۾ سُور پيو سانئيءَ کي يعني مڇيون وڪڻندڙ کي ته هُن ڏنڀ ڏياريا پنهنجي گڏهُ کي. اشارتي معنيٰ آهي ته هڪ جا ساڙ ٻئي مان ٿو ڪڍي.)

- نئين ڪُنوار نوَ ڏينهن، لٿي پٿي ڏهه ڏينهن.

(هتي نئين ڪنوار جو وينگيارت (اشارتي معنيٰ) آهي ڪا به نئين شيءِ يا گهر ۾ آيل ڪوبه نئون ماڻهو. اُنهن جو

قدر يا مانُ ٿورا ڏينهن ٿئي ٿو. اُن کان پوءِ وري ٻين سمان اُن سان وهنوار ڪيو وڃي ٿو.

اِن طرح لکشڻا (ڀرپور معنيٰ) ۽ وينجنا (ٻي معنيٰ) شڪتيءَ ذريعي پهاڪن ۾ اظهار جي نرالائي اچي ٿي. اِن ڪري روزاني عام گفتگوءَ واري ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾ پهاڪن جي ٻوليءَ ۾ خوبصورتي ۽ اثر به پيدا ٿئي ٿو.

### 4.3.2. سنڌي پهاڪا ۽ النڪار (صنايع بدايع):

'النڪار' جو مطلب آهي: گهڻو، زيور، زيب زينت. شاعريءَ جي علم ۾ النڪار يا صنايع بدايع اُن کي چئجي ٿو، جيڪي ٻوليءَ جي سونهن کي وڌائن ٿا. يعني ٻوليءَ ذريعي ڪيل اظهار کي سهڻو ۽ دلڪش بڻائين ٿا. صَنايعُ بدائع کي سنڌيءَ ۾ "رنگين زبان" (Figures of speech) به چوندا آهن.

صنايع بدايع يا سينگار ٻن قسمن جا آهن:

- شبد النڪار (لفظي صنعتون)
- ارٿ النڪار (معنوي صنعتون)

سنڌي پهاڪن ۾ اسان کي ٻنهي قسمن جون صنعتون يا صنايع ملن ٿا. هتي اُنهن جا ڪجهه مثال ڏجن ٿا:

**(الف) شبد النڪار (لفظي صنعتون):**

اِنهن ۾ لفظن ۽ آواز جي ذريعي اظهار جي خوبصورتي پيدا ڪئي ويندي آهي. لفظي خوبصورتيءَ جا مکيه قسم هيٺينءَ ريت آهن:

(I) تجنيس حرفي: جيڪڏهن جملي جي لفظن ۾ هڪ يا گهڻيئي وينجن هڪ کان وڌيڪ ڀيرا هڪ ئي ترتيب سان اچن، تڏهن تجنيس حرفي پيدا ٿيندي آهي. هن صنعت جو استعمال گهڻو ڪري سڀني ٻولين جي پهاڪن ۾ جججهي تعداد ۾ ملي ٿو. اِن جو سبب اِهو آهي ته تجنيس حرفي جي ڪري پهاڪا جلدي ياد ٿي وڃن ٿا. سنڌي پهاڪن ۾ تجنيس حرفي گهڻو ڪتب آيو آهي، ڪجهه مثال ڏسو:

- اکين کان ٿو انب گهُري ۽ ٻيرن کان ٻير.

(جنهن وٽان ڪجهه ملڻ جو آسرو نہ آهي، اُن ۾ ڪو آس رکي، تڏهن چئبو. هتي 'ٻ' وينجن لفظ جي شروع ۾ ٻہ ڀيرا آيو آهي.)

- اٽو ٻاٽ چي گهوٻاٽو.

(مان ڪريان اَٽي ۽ ٻاٽ جي ڳالهہ، تہ تُون سمجهين گهوٻاٽو يعني مُدگرُ يا ڏنڊو. هتي لفظن جي آخر ۾ 'ٽ' وينجن جو ڏهراءُ ٿيو آهي.)

- ٻہ تہ ٻارنهن.

(ٻڌي ۾ طاقت آهي. هتي 'ٻہ' وينجن جو ڏُهراءُ آهي.)

- سڀڳا سيئي سيڻ، پڪا جِني اوڏڙا.

(جيڪي ويجهو ٿا رهن ۽ سُک ڏک ۾ ڪتب ٿا اچن، سي ئي سڀڳا مائٽ آهن. هتي 'س' وينجن جو ڏُهراءُ آهي.)

(2) گهڻ معنائون سينگار: جڏهن هڪ ئي لفظ رڳو هڪ دفعو ڪتب اچي، پر اُن جا اصل ۾ ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ مطلب نڪرن، تڏهن گهڻين معنائن وارو لفظ چئبو آهي. جيئن تہ:

- رتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙايمُ جَتَ سين. (شاهہ)

(رتيءَ جي رهاڻ لاءِ مُون پنهنجو جيءُ جت سان اڙائي ڇڏيو.)

هتي 'رتي' لفظ جون ٻہ معنائون آهن: (1) پريم، ڪام (2) ٿورو وقت.

گرو چيلي جي سوال وارا ٻول پرولين وانگر مشهور آهن. اُنهن مان ڪي پهاڪن وانگر بہ استعمال ٿيندا آهن. اهڙن ٻولن ۾ گهڻين معنائن وارن لفظن جي صنعت ئي دوهي جو بنياد هوندي آهي. جيئن تہ:

- ڪرڙ وڻ نہ وٽي، اوڏُ نہ مِٽي چاءِ.
بيمار سُتي نہ پِيئي، ڪهو چيلا ڪِس ڀاءِ،

گرُوجي پسي نهين.
(هتي پُسي لفظ جدا جدا معنيٰ ۾ ڪتبو، تڏهن سوال جواب جو مطلب نڪرندو. ڪِرڙ جو وڻ نہ ٿو وٽي جو اُن ۾ پُسي (ڦل) ناهي. اوڏ مٽي نہ ٿو ڪٽي، ڇاڪاڻ جو مٽي پُسي (آلي، پِنَل) نہ آهي. بيمار سُتي نہ ٿو پيئي ڇاڪاڻ تہ اُها پُسي (پاڻيءَ ۾ پُسيل) نہ آهي.)

(3) تجنيس تام: جيڪڏهن هڪ ئي لفظ يا لفظن جو ميڙ جدا جدا معنائن ۾ هڪ کان وڌيڪ دفعا ڪتب اچي، تڏهن تجنيس تام چئبو آهي. جيئن تہ:

- ڪَلِجُگُ آهي ڪلجُگ يا ڪرجُگ.

(هتي 'ڪل' لفظ جدا جدا معنائن ۾ ڪتب آيو آهي. (1) ڪلجُگُ هڪ يگُ يا دؤر جو نالو، (2) ڪَلَهہَ، جهيڙو ڪرڻ (3) ڪلجُگُ اُهو دؤر آهي، جنهن ۾ ڪَلهہ يعني جهيڙو يا فساد آهي. يا هيءُ اهڙو دؤر آهي، جنهن ۾ انسان جيڪي بہ بُرا ڪم ڪري ٿو، تن جي سزا پاڻ هتي ئي ڀوڳي وڃي ٿو.

- وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرن ور وڌو ڪيو. (شاهہ)

(منهنجي پريتم پُنهونءَ ۾ تہ ڪوبہ دوکو نہ آهي، پر ڏيرن مُون سان دولابُ يا دوکو ڪيو آهي.)

(4) لفظي ورجاءُ: ڪنهن ويچار يا ڀاونا کي وڌيڪ دِلڪش ۽ پُرُ اثر بڻائڻ لاءِ جيڪڏهن ڪنهن لفظ يا لفظي ميڙ جو بہ يا ٻن کان وڌيڪ دفعا دُهراءُ ڪجي تہ اُهو 'پُنرُ ڪت النڪار' هوندو آهي.

- گُگرُ گُگرُ پندا اَڙيا.

(پِنديءَ ۾ گُگرُ رکيو هو تہ جتي ڪٿي اُهو پنديءَ کي چنبڙي پيو. ويچاري پندي جڻ ڦاسي پيئي.)

- مَرسان مَرسان، پر ڊيپ نہ چرسان.

(مرندي مري ويندس، پر ڊيپ نہ چرندس.)

- ڏيري ڏيري ري مَنا، ڏيري سڀ ڪُڇ هو.

(هرڪو ڪم آهستي آهستي پنهنجي وقت تي ٿيندو آهي.)

- داڻي داڻي تي لکيل آهي کائڻ واري جو نانءُ.

(هرهڪ داڻي تي ڏٺي سائين لکي ڇڏيو آهي تہ اُهو ڪير کائيندو.)

(ب) معنوي صنعتون:

انهن ۾ لفظن وسيلي جيڪو مفهوم يا معنيٰ جو اظهار ڪجي ٿو، اُن معنيٰ ۾ سونهن سمايل هوندي آهي. ارٿا النڪار جا گهڻي ئي قسم آهن. اُنهن جا ڪجهہ مثال هتي ڏجن ٿا:

(1) مماثلت يا هڪجهڙائي: مماثلت ۽ تشبيهہ ٻن شين جي وچ ۾ فرق هئڻ تي بہ اُنهن جي هڪجهڙي معنيٰ جي ڪري پيش ڪرڻ کي مماثلت چئبو آهي.

- اندر ۽ اٿسونهون، ٻئي هڪجهڙا.
- تلوار جي گهاءُ کان زبانِ جو گهاءُ وڌيڪ تيز آهي.

(ڪؤڙا لفظ ڳالهائڻ سان دل تي جيڪو زخم ٿئي ٿو، اُهو تلوار جي زخم کان بہ تکو آهي.)

- مرض اچي گهوڙي وانگي، وڃي جُونءِ وانگي.

(بيماري گهوڙي وانگر تيزيءَ سان ايندي آهي، پر جُونءِ وانگر آهستي آهستي ويندي آهي.)

(2) تشبيهہ ۽ استعارو: استعاري ۽ تشبيهہ جي وچ ۾ مشابہ جو بيان ڪرڻ (يعني ڳُجهي پيش ڪرڻ) کي استعارو چئبو آهي.

- پَتِ نَهن تي پاڻي آهي.
- برهمڻ جو وچن سورج جي ساک.
- غريب جي جوءِ، جڳ جي ڀاڄائي.
- گهر جو پير، چُلهہ جو مارنگ.

(گهر جو پير چُلهہ تي رکيل پٿرُ آهي.)

- سنسارُ مها جارُ
(سنسارُ وڏي مايا جارُ آهي.)

(3) تمثيل: فقرن ۾ فرق ڄاڻندي به جڏهن اُن ۾ ڀيٽ ڪي ممڪن ڪجي، تڏهن تمثيل آهي. جيئن ته:

- انڌي اڳيان آرسي، ڪر ٽئو ٽنگيو آهي.
(انڌي اڳيان آرسي ٽنگڻ ائين آهي جڻ ته هُن جي اڳيان ٽئو ٽنگيو پيو آهي.)

(ب) مبالغو: جڏهن ڪنهن ڳالهه جو حد کان وڌيڪ وڌاءُ ڪري بيان ڪجي، تڏهن ان کي مبالغو چئبو آهي.

- چڪ ايندي ٺي نڪ ڪٽجي ويو.
(چڪ اچڻ شرط ٺي خراب ڳالهه ٿي يا نقصان ٿيو.)
- حجام کي ڏسندي ئي حجامت وڌي وجي.
(مطلب ته حجام کي ڏسڻ سان ماڻهوءَ کي ويچار اچي ٿو ته اڳو پوءِ پنهنجي حجامت ڪرائي ڇڏيان.)

(4) ٻٽا فقرا: جڏهن هڪ ئي سادي مقصد کي ٻن جدا شين لاءِ الڳ جملن ۾ بيان ڪجي، تڏهن آهي. جيئن ته:

- سسُ ري نه ساهُرا، ساليءَ ري نه نينهن.
چنڊ ري نه راتڙي، سج ري نه ڏينهن.
(جهڙيءَ طرح چنڊ کان سواءِ رات ۽ سج کان سواءِ ڏينهن نه ٿو سونهي، تهڙيءَ طرح سَسُ کان سواءِ ساهُرا ۽ ساليءَ کان سواءِ ساهُرن ۾ سِڪ پيار نه هئڻ ڪري ساهُرا سهڻا نه ٿا لڳن.)
- گهٽي زالين گهرُ نه هلي، گهٽي مردين هَرُ نه هلي.
- هَسٽو جوڳي، پڏِٽي نار، گڏُو چوي هي ٻئي مار.
(چرچو گهڻو ڪندڙ جوڳي ۽ پاڻ کي پڏائيندڙ عورت، اهي ٻئي نيڪ نه آهن.)
- گدڙ ڊاک نه پُڄي آکي ٿو کٽا.
ناچوُ ناچ نه ڄاڻي آکي پُون سوڙهي.

(مطلب ته پاڻ ڪم نه ڪري سگهن ۽ پوءِ ڏوهه ٻين کي ڏين.)

- ڏکڻ مينهن نه وسڻو، وسي ته ٻوڙي.
ڪانئر ڏڪُ نه هڻڻو، هڻي ته جهوري.

(سنڌ ۾ ڏکڻ طرفان برسات نه هوندي آهي. پر جي آئي ته تمام گهڻو نقصان ڪندي آهي. ساڳيءَ طرح ڪانئر ڏڪُ نه هڻندو آهي، پر جي هنيائين ته تمام زور سان هڻندو آهي.)

(5) لکل مختلف معنيٰ واري خوبي: جتي عام يا خاص جي هُن ڪان الڳ ڳالهه وسيلي حمايت ڪجي. جيئن ته:

- ذات جي ٻر نه ڇُٽي، ڪُتو ٽنگ ڪٽي مُتي.

(ساهوارو پنهنجي ذات جي مطابق ئي هلت ڪندو آهي. جيئن ڪتو هميشه پنهنجي ٽنگ ڪٽي مُتندو آهي.)

- عادت نه مِٽي عادتي، عِلت مورُ نه جاءِ.
اُٺ پوي جي ڪٽڪ ۾، ته به ڪندا چُڻ چوڻ ڪاءِ.

(عادت ڪڏهن به نه ويندي آهي. جيئن اُٺُ جي عادت ڪندڻ وارا ٻوٽا کائڻ جي آهي ته هُو ڪٽڪ جي ٻني ۾ چرندي به اُتي چُونڊي چُونڊي پيو کائيندو.)

(6) اڻ برابر ٻيٽ: جڏهن اهڙين ٻن ڳالهين کي گڏ بيان ڪجي جن جي وچ ۾ تعلق ٻي دليو، ٻي جوڙ آهي، اهڙو مفهوم جيڪو برابر نه هجي. اُن جا ڪجهه مثال ڏسو:

- ڪٿي راجا ڀوڄُ، ڪٿي گنگو تيلي.

(راجا ڀوڄُ وڏو سخي ۽ سورهيه هو ته گنگو تيلي هڪ عام ماڻهو. ٻنهي جي برابري ڪيئن ڪبي؟)

- ويٺي سِڳن کي، ڪَن به ڪپائي آئي.

(ڳئون، مينهن وغيره ويٺي پنهنجا سِڱ گهڙائي سهڻا ڪرائڻ لاءِ، پر ماورڳو پنهنجا ڪن به ڪپائي آئي.)

(7) صنعت تضاد: ڪنهن ڳالهه جو اهڙو بيان ڪجي جو اُهو تڪراري لڳي، پر حقيقت ۾ اُن ۾ تضاد نه هوندو آهي.

- ياءُ برابر دوست ناهي، ياءُ برابر دشمن ناهي.

(اوکي وقت تي ياءُ ئي ساٿ ڏئي ٿو، پر جيڪڏهن اُهو وڙهيو تہ پوءِ جاني دشمن بڻجي پوي ٿو.)

- اُهائي زبان اُس ۾ وِهاري، اُهائي زبان ڇانوءَ ۾ وِهاري.

(ماڻهو جيڪڏهن ڪوڙُ ڳالهائيندو تہ ڏک پوڳيندو، پر جيڪڏهن مٺو ٻوليندو تہ مانُ پائيندو.)

- ٻاڪِري ٻڪرُ ڪائي، يا ٻڪرُ ٻاڪريءَ کي ڪائي.

(ميوو وڪڻندڙ ميوي جي ڏنڊي مان ڪمائي ڪائي ٿو. پر ميوو خراب ٿيندو تہ ٻاڪري اُن جي نقصان ۾ ڪاڄي ويندو.)

(8) طنز ملامت: ڪنهن جي خلاف چوڻ يا ٽوڪڻ کي اهڙي طريقي سان چئجي جو اُهو اُن کي خراب نہ لڳي.

- گوگو وڏو يا رام؟ چئي وڏو تہ اُهو آهي، پر نانگن جي ديوتا کي سچي ڳالهہ چئي ڪير رُسائي؟

(9) ٽوڪبازي: جڏهن غير موجود جو اهڙي ڍنگ سان بيان ڪجي، جو اُن سان موجود جي ڄاڻ پئجي وڃي، تڏهن هيءَ صنعت آهي. هي صنعت گهڻن ئي ٻولين ۾ ملي ٿي، ڇاڪاڻ تہ ٻوليون اڪثر نہ گهُربل ڳالهہ جو بيان ڪري اُن ذريعي گهُربل مطلب کي ظاهر ڪندا آهن. جيئن تہ:

- مينهن پنهنجي ڪارنهِن ڏسي ڪانہ،
ڳئون کي چوي هلُ ڙي ٻُچ ڪاري.

(برو ماڻهو پنهنجون برائيون ڏِسي ڪونہ ۽ ٻين ۾ ٿوري وڏ يا اُوڻائي ڏِسي بہ پيو ڪين ٽوڪي.)

- ٻري تيلُ ڪامي وٽ، واهہ ڙي ڏيئا واهہ!

(جلي ٿو تيل ۽ سڙي ٿي وٽ، پر هرڪو چوي تہ واهہ ڏيئو تہ سٺو ٿو ٻري. گهُربل معنيٰ آهي تہ وڙهن يا مرن هڪڙا، پر نالو ٿئي ٻين جو.)

- سُکن ڳڌ آلا پرن.

(لچُن سان ڳڌ هوندي، شريف به بدنام ٿي وڃن ٿا.)

- هڪ مياڻ ۾ ٻه ترارُون نه ماپن.

(ٻه طاقتور ماڻهو هڪ هنڌ نه رهي سگهندا.)

(10) متبادل ٻول: جڏهن سبب هڪ هنڌ هجي ۽ اُن جو ڪم اُتي نه ٿي ٻئي هنڌ ٿئي، اِن طرح ٻنهي جي ڳڌ هڻڻ ۾ اختلاف محسوس ٿئي، پر اُهو سچ پچ نه هجي، تڏهن اُهو اسنگت النڪار (بي جوڙ سينگار) آهي.

- ڪائي وات، لڄائن اکيون.

(ڪاڏو ته وات ڪائي ٿو، پر لڄ اچي ٿي اکين کي ته جنهن جو ڪاڏو اٿم، اُن سان وفادار رهان.)

- سُور پوي ساٽيءَ کي، ڏنيجي ڳڏهُ.

(جنهن کي سُور ٿئي ٿو، اُن کي ڏنڀ ڏجن ته هُن جو سُور لهي. پر هتي سُور ٿئي ٿو ساٽيءَ کي ته هو ڏنڀ وري پنهنجي ڳڏهُ کي ٿو ڏياري.)

- اٺو ڪاڏو کُوئي، مار پيئي ڳابي تي.

(جيڪو ڏوهُ ڪري ته سزا اُن کي ملي، پر هتي اُبتي ڳالهه آهي. اٺو کُوئي ڪاڏو ته مار ڳابي کي ملي.)

- وڙهن شينهن، لتاڙجن ٻوڙا.

(شينهن جي لڙائيءَ ۾ ميدان تي ڳاهُ لتاڙجي ٿو.)

(11) اڳ وٺڻ: جڏهن سبب نه هوندي به اُن جو ڪم ٿئي ٿو ته اُتي جهڙوڪر اڳ وٺڻ آهي. جيئن ته:

- مسيت اڃا نهي ناهي ته فقيرن جي ڏُم لڳي ويئي آهي.

(مسجد نهڻ کان اڳُ ئي فقير اچي اتي ڪٺا ٿيا آهن.)

- پُٽُ پرڻايو ئي ناهي ته پوءِ پُڇي ڪٽ ڪٿي وڇهان.

(مائيءَ جي پُٽُ جي اڃا تائين شادي نه ٿي آهي، پر هوءَ پيئي ٻين کان پُڇي ته گهوٽ ڪنوار لاءِ بسترو ڪٿي وڇايان؟)

- مينهن وسي ٻه پهر، چنو وسي ڇهه پهر.

(مينهن ٻه پهر وسي بند ٿي ويو آهي، پر اُن کان پوءِ ٻه جهوپڙي مان پاڻي پيو ٽمي.)

(12) جيوت- روپ: بيجان شين جو جڏهن اِن ريت بيان ڪجي، ڄڻ اُهي ساهه واريون آهن، تڏهن جيوت- روپ آهي.

- مرڻ مُهورتُ نه پڇي پڇي تٿ نه وارُ.

(هتي موت جو ماڻهوءَ وانگر ذڪر ڪيل آهي. موت تاريخ يا ڏينهن پُڇي نه ايندو آهي.)

- عشق انڌو آهي.

(عشق انڌي انسان وانگر آهي، جيڪو پنهنجو ڀلو بُرو نه ٿو ڏسي سگهي.)

- جاءِ چوي جوڙائي ڏسُ، شادي چوي ڪري ڏس.

(مطلب ته جڳهه اڏائڻ ۽ شادي ڪرڻ ۾ پنهنجي اندازي کان وڌيڪ خرچ ٿي ويندو آهي.)

- ڀِتيُن کي ٻه ڪَنَ آهن.

(نازڪ ڳالهيون زور سان نه ڪجن.)

- هاسي ڪرهن جي ماسي.

(کل ڀوڳ ڪرڻ، جهيڙي جي پيڙ آهي.)

صنايع بدائع جي استعمال سان پهاڪن ۾ سونهن ۽ اثر پيدا ٿئي ٿو. انهن جو استعمال سهج سُڀاوَ پهاڪن ۾ نظر اچي ٿو. ٻوليءَ جي انوکي اظهار يا معجزي جا گهڻي ئي نمونا آهن. اِن ڪري 'النڪار شاستر' ۾ مختلف اُستادن ۽ ماهرن جيڪي النڪار يا صنعتون ڄاڻايون آهن، اُنهن جو تعداد هڪ جيترو نه آهي. هتي فقط پهاڪن ۾ انهن جي استعمال جا ڪجهه مثال ڏنا ويا آهن. هتي سيني انهن جو بيان ڪري انهن جي آڌار تي پهاڪن جي ورهاست ڪرڻ اسان جو مقصد نه آهي.

### 4.3.3. سنڌي پهاڪن ۾ ٽُڪ:

پهاڪي ۾ ٽُڪ، کير ۾ کنڊ مثال آهي. جيئن کنڊ جو صحيح

مقدار گهڻي ڪير کي وڻندڙ ۽ سوادي بڻائيندو آهي، تيئن تُڪ جو صحيح استعمال پهاڪي جي خوبصورتي وڌائيندو آهي. پهاڪن جي ٺهڻ ۾ تُڪ جي وڏي اهميت آهي. تُڪ سان پورو ٿيندڙ پهاڪو آسانيءَ سان ياد ٿئي ٿو ۽ ذهن ۾ گهڻي وقت تائين پنهنجو هنڌ ٺاهي وٺي ٿو. جيڪڏهن پهاڪو وسري وڃي ٿو ته تُڪ جي ڪري ورري ياد اچڻ ۾ وڌيڪ دير نه ٿي لڳي. تُڪ سان پورو ٿيڻ وارو پهاڪو، خشڪ نثري پهاڪي کان وڌيڪ دِلڪش ٿئي ٿو. اِنهيءَ سبب ڪري تُڪ وارا پهاڪا عام ماڻهن ۾ جلد مشهوري حاصل ڪن ٿا.

سنڌي پهاڪن ۾ تُڪ جون جيڪي مختلف صورتون ملن ٿيون. اُهي هن ريت آهن:

**(1) ٻن حصن ۾ ورهايل تُڪ وارا پهاڪا:**

تُڪ سان پورا ٿيڻ وارا پهاڪا گهڻي ڀاڱي ٻن حصن ۾ ورهايل هُجن ٿا ۽ اُنهن حصن جا آخري لفظ تُڪ ۾ پورا ٿين ٿا. جيئن ته:

- اک ڪيڻ سؤکي، پر وجهڻُ اوکي.

(ڪنهن کي نقصان پهچائڻ ته سؤلو آهي، پر اُن کي ورري ٺيڪ ڪرڻ اوکو آهي.)

- عقلمند کي اِشارو، احمق کي ٺارو.

(سياڻي ماڻهوءَ لاءِ اِشارو ڪافي آهي، پر بيوقوف کي ٺارو يا چابُڪ هڻي هُن کان ڪم وٺجي.)

- عقل بنا انڌو، پئسي بنا منڊو.

(عقل کان سواءِ ماڻهو انڌو آهي، پر پئسي کان سواءِ هُو منڊو يعني لنگڙو آهي.)

- پيٽ ۾ نه جيسين روٽي، تيسين ڳالهه مڙئي کوٽي.

(جيستائين ماڻهوءَ کي کاڌو نه مليو آهي، تيستائين هُو ڪو به ڪم ٺيڪ نموني سان نه ڪري سگهندو.)

- ٻٽي ته ٻٽي، نه ته دال روٽي گهٽي.

(ڳالهه ٻڌجي ويئي ته سُٺي آهي، جي نه ٻٽي ته به حياتي

گذارڻ لاءِ گهربل وسيلا ڪافي آهن.)

ڪي پهاڪا اهڙا به آهن، جيڪي ٻن حصن ۾ ورهايل ته آهن پر اُنهن جي ٻنهي حصن ۾ شروعاتي ۽ آخري لفظ ساڳيءَ تُڪ وارا آهن، جيئن ته:

- چوري نہ موري، موري ته به گهوري.

(چوري ڪڏهن به فائديمند يا قُل واري نہ آهي، پر جي قُلُ ڏئي ته به اُن کي گهوري ڇڏجي.)

ڪجهه پهاڪا اهڙا به ملن ٿا، جن جي ٻنهي حصن جا آخري ٻه ٻه لفظ ساڳيءَ تُڪ وارا هجن ٿا.

- اڳيان پائي پائي، پٺيان چائي چائي.

(مُنهن سامهُون ته پاءُ پاءُ چوي ٿو، پر پٺيان گلا ڪري ٿو.)

ڪي پهاڪا اهڙا هجن ٿا، جن جي ٻنهي حصن جا آخرين لفظ ساڳيا ئي هجن ٿا. مثلاً:

- اک ڪاٺي ڪجي، پر ڏِس ڪاٺي نہ ڪجي.
- اڪيلو نہ کلندو سُونهي، نہ روئندو سُونهي.

**تُڪن جو لڳاتار ورهڪرو:**

ڪن پهاڪن ۾ لفظن ۽ جملن جا بندن (بندشون/ رڪاوٽ) ڪونہ ٿيندا آهن. اُنهن ۾ تُڪ پاٽيءَ جي ورهڪري جيان لڳاتار هوندي آهي، جنهن سبب ڪري پهاڪي ۾ لئہ پيدا ٿيندي آهي. جيئن ته:

- اَٽي تي اٽو، نڪو ڪارو، نڪو ڪٽو.

(اٽي ۾ اٽو ڳڏبو ته اُن جو سواد ساڳيو ئي رهندو. اُهو ڪٽو يا ڪارو نہ ٿيندو.)

- ابي چاڙهي، ادِي چاڙهي،
  مون نہ چاڙهي ته ڪنهن نہ چاڙهي.

(جيسيتائين مون پاڻ ڪمائي ڪري گهر نہ هلايو آهي، تيسيتائين فقط ٻين جي ڪمائيءَ تي آسرو رکڻ، نيڪ نہ آهي.)

- اُٺُ ڪي لاٽو، گهوڙي ڪي داڻو.

(اُٺُ ڪي لاٽو ڪاٽڻ سٺو لڳي ٿو، گهوڙي ڪي اناج ڪاٽڻ وٽي ٿو. مرد ناٽي سان سونهي ٿو تہ زال وري ماٽا ڪرڻ جي ڪري سونهي ٿي.)

ڪي پهاڪا اهڙا بہ ٿين ٿا جن ڪي حصن ۾ يا بندن (بيهڪن) ۾ ورهائي نہ ٿو سگهجي. اُنهن جي هڪ ئي بند ۾ تُڪ وارا لفظ هجن ٿا.

- آتم گهاتي مهاپاپي.

(آپگهات يا آتم هتيا (خودڪشي) ڪندڙ مهاپاپي (وڏو گناهگار) آهي.)

- ڪيتي سر سيتي.

(ڪيتي اُها آهي، جيڪا پنهنجي سر يعني پاڻ ڪجي.)

- ڪماليت ڪي زواليت.

(هر ڪمال کان پوءِ زوال هوندو آهي.)

**(2) ٽن حصن ۾ ورهايل ٽُڪ وارا پهاڪا:**

گهڻيئي پاهاڪا ٽن حصن يا بَندن ۾ ورهايل هجن ٿا، جن ۾ هرهڪ حصي جي آخرين لفظن جي تُڪ ملي ٿي. مثال طور:

- اُٺُ بہ ناٽو، ويهُ بہ ناٽو، ناٽي بنا نرُ ويڳاٽو.

(زندگيءَ جي هرهڪ قدم تي ناٽو يعني پئسي جي ضرورت آهي، اُن کان سواءِ ڪوبہ ماڻهو ويڳاٽو ٿي پوي ٿو.)

- پير عيسيٰ، پير موسيٰ، بڙا پير پئسا.

(عيسيٰ موسيٰ پيغمبر ٿي ويا آهن. پر هن سنسار ۾ انهن کان بہ وڏو پير پئسو آهي.)

- آئون بہ راڻي، تُون بہ راڻي، تہ ڪير ڀريندو پاڻي؟

(هرڪو پاڻ کي وڏو سمجهندو تہ ڪم ڪيرُ ڪندو؟)

- هڪ ڀيرو جوڳي، ٻہ ڀيرا ڀوڳي، ٽي ڀيرا روڳي.

(سڀني ڏينهن ۾ ضروري حاجت لاءِ جيڪو هڪ دفعو وڃي ٿو اُهو يوگي آهي، جيڪو ٻہ دفعا وڃي ٿو، اُهو ڀوڳي

يعني عياش آهي ۽ جيڪو ٿي پيرا وجي ٿو، اُن کي بيمار سمجهڻ کپي.)

- ڏوڙ پَڪُليو ماءُ پرين،
ڏن پڪُليو جوءِ پرين،
اڃي ڪپڙين سسُ پِرين.

(مٽيءَ ۾ راند ڪري ڏوڙ سان پريل ٻار ماءُ کي وڻي ٿو. پئسي وارو مرد پنهنجي زال کي پيارو لڳي ٿو ۽ سُٺا ڪپڙا پائيندڙ ناٺي سسُ کي سٺو لڳندو آهي.)

(3) ڇئن حصن ۾ ورهايل ٽُڪ وارا پهاڪا:

گهڻن ئي پهاڪن جي بناوت ڇند جي ڇئن مصرعن يا سِٽن مثل ٿئي ٿي. هيٺ ڏنل پهاڪن ۾ پڻ ڇئن سِٽن وارا مثال ملن ٿا، جن جي سيني آخرين لفظن جي ٽُڪ پاڻ ۾ ملي ٿي. جيئن ته:

- پنهنجو گهر، ڪِن سان ڪري پرُ،
پرايو گهر، ٽُڪ اُڇلي ڏرُ.

(پنهنجي گهر ۾ جيڪڏهن ڪو گندگي ڪري ٿو ته ڪيس ڪوبه چوڻ وارو نه آهي. پر پرائي گهر ۾ ماڻهو ٽُڪ اُڇليندو ته به ڊڄندو ته متان ڪو ڪيس ڌمڪائي.)

- ڌيئڙي سو ڪِر، جو ڏُٺُه ماءُ گهر.
نُونهڙي سو ڪر، جو ڏُٺي سسُ گهر.

(هتي ڌيءَ کي چيل آهي ته تون پنهنجن پيڪن ۾ پنهنجي ماءُ جي گهر جي رواج موجب هلت ڪر. پر جڏهن پرڻجي ساهُري گهر وڃين ته پوءِ ساهُرن جي ريتين ۽ رسمن موجب هل.)

- ماءُ سا ماءُ، ٻيو سڀ دنيا جو واءُ،
ماسي نه ٿئي ماءُ، توڙي ڪيڏي ڏئي ساهه.

(دنيا ۾ ماءُ جهڙو امُلهه رشتو ٻيو ڪوبه نه آهي. ماسي به

جيڪڏهن پاڻ کي قربان ڪري ڇڏي، تڏهن به هوءَ ماءُ جي جاءِ نه وٺي سگهندي.)

- سِڪي سِڪي مڙس ڪيائين، ٻي جا ٻڌائين سڳي، اڳي ڪاڌائين لوڙهه مڇي، هاڻ لُڏڻ لڳي.

(سِڪيَ سِڪي هُن شادي ڪئي آهي ته پاڻ کي ٿاهه نوهه ۾ گهڻو وقت ٿي وڃائي. اڳي ته هوءَ غريب گهر ۾ پلي هُئي، پر هاڻي شاهوڪارن ۾ شادي ٿيڻ تي پوءِ پاڻ تي گهمنڊُ غرور.)

حصن جي اندر تُڪ ملائڻ:

سنڌيءَ ۾ ڪي پهاڪا اهڙا به ملن ٿا، جن جي چرڻ اندر تُڪ وارا لفظ سمايل هجن ٿا.

- گهڻين زالين گهر نه هلي، گهڻين مردين هر نه هلي.

(گهڻين زالن سان گهر جو گاڏو نه هلي سگهندو آهي ۽ گهڻن مردن سان کيتي نه ٿي سگهندي آهي. هتي 'گهر' ۽ 'هر' ۾ تُڪ سمايل آهي.)

- سؤ ڪيءَ پائي سيڪو، اوڪيءَ تُون آڌار.

(سُک ۾ سڀ ڪو ويجهو مائٽ بڻجي ٿو، پر اوکيءَ ويل ڏٽي سائين ئي سهارو آهي.)

- اوٺ پڙي موٺ ۾، ڪنوار پڙي گهوٺ ۾.

(جيڪي ڏنُئہ ته موٺ ۾ توکي اوترو ئي مليو. ساڳيءَ طرح ڪنوار کي گهوٺ مليو ته وري گهوٺ کي ڪنوار ملي. اِن طرح ٻئي برابر ٿيا.)

ڪُني ڦُرائجي، ٻني نه ڦرائجي.

(دوستن سان گڏ پلي وندي ورهائي ويهي کائجي، پر جتان روزي روٽي ملي ٿي، اُن ۾ ٻئي سان حصيداري نه ڪجي.)

- زالان ڌاوڻُ، مردان ڪاوڻُ.

(زالن کي وهنجڻ گهڻو وقت نه لڳائڻ کپي ۽ مردن کي وري ڪاڌي پيتي ۾ اجائي ديگهه نه ڪرڻ کپي.)

**ٽُڪ ۽ انگ:**

ڪن پهاڪن ۾ انگن جو استعمال فقط ٽُڪ ملائڻ لاءِ اچي ٿو. جيئن ته:

- آمو ڏهه گامو.

(انبن جا وڻ ڏهن ڏهن وِکن تي يعني هڪ ٻئي کان پري پري پوکجن ته ڦلُ ڏيندا.)

- اسِي مت کسِي.

(اسِي سالن جي عمر ۾ ماڻهوءَ جي ذهني قوت گهٽجي ويندي آهي.)

- سانو ته پانو.

(سٺ سالن جي عمر ۾ به مرد طاقتور هوندو آهي.)

**ٽُڪ ۽ نالا:**

ٽُڪ ملائڻ لاءِ ڪِن پهاڪن ۾ اسم خاص به ڪتب آندا ويا آهن. مثال طور:

- جيڪي ڪري ناڻو، سو نه ڪري راڻو.

(پئسي ۾ وڏي طاقت آهي، جيڪو ڪم پئسي جي معرفت ٿي سگهي ٿو، اُهو ڪم پورڻ تي راڻو يعني وڏو ماڻهو به نه ڪري سگهندو.)

- هُجيئي ڳنڍِ ۾ ناڻو، ته گهُمُ خان لاڙڪاڻو.

(ڳنڍِ ۾ پئسو اٿيئي ته پوءِ لاڙڪاڻو گهُمُ يعني عيش ۽ آرام جي زندگي گذار.)

**ٽُڪ ۽ حقيقت:**

پهاڪا ماڻهن جي آزمودن تي ٻڌل هجن ٿا. اِنهيءَ ڪري اُنهن ۾ حقيقت هئڻ لازمي آهي، ۽ ٻئي پاسي ٽُڪ جي مدد سان پهاڪا وڌيڪ اثر پيدا ڪن ٿا. پهاڪن ۾ ٽُڪ ۽ حقيقت، ٻنهيءَ جي ساڳي اهميت آهي، پر جيڪڏهن ٽُڪ کي اهميت ڏيڻ سبب حقيقت جي قرباني ڪبي ته رڳو ٽُڪ جي پرِوسي پهاڪا گهٽي وقت تائين زنده

ڪونہ رهي سگهندا. اِنهيءَ لاءِ جن پهاڪن ۾ تخ ۽ حقيقت جي طاقت ساڳي هجي ٿي، اُهي پهاڪا مشهور ٿي گهڻي رَنت تائين عام ماڻهن ۾ عام ٿين ٿا. تُڪ ۽ حقيقت تي ٻڌل ڪجهہ پهاڪن جا مثال هن ريت آهن:

- هاسي، ڪرهن جي ماسي.

(ڪل مسخري جهيڙي جي ماسي آهي، يعني اُن مان مسئلا ٿين ٿا، اِن ڪري مهل ڏسي ڪِل ڀرچو ڪجي.)

- هڙ بہ گاسو، لوڪ بہ تماشو.

(هڙ بہ گسي يعني خرچ بہ ٿئي ۽ ٻيا ماڻهو بہ پاڻ تان کلائجن. بہ ڀائر پاڻ ۾ وڙهي ڪورٽ تائين بہ ويا، جنهن ۾ سندن خرچ ٿيا ۽ پنهنجو مانُ بہ گهٽايائون.)

- ماءُ ڄڻيندي، ڀاڳ نہ ڄڻيندي.

(سڀ ڪنهن جو نصيب پنهنجو پنهنجو ٿيندو آهي. ماءُ پنهنجي ٻارن کي جنم تہ ڏي ٿي، پر اُنهن کي ڀاڳ ورهائي نہ ٿي ڏيئي سگهي.)

- پيءُ سندس پيهُون ڪُنيون، ڏاڏي سندس ڏاٽا،
اڳي پُڇيائون ٿي ذات پات، هاڻي پُڇن ٿا ناڻا.

(هيءُ پهاڪو تُڪ ۽ حقيقت جو بهترين مثال آهي، جنهن ۾ ناڻو يعني پئسي جي وڏنڊڙ اهميت جي حقيقت پيش ڪيل آهي.)

### 4.3.4. سنڌي پهاڪا ۽ ڇند رچنا:

ساهت يا ادب جي رچنائن يعني تخليق کي مکيہ طور ٻن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي، جيڪي آهن:

(1) گديہ يا نثر (Prose)

(2) پديہ يا نظم (Poetry)

پديہ رچنا يعني Poetry ۾ ڇند کي گهڻي اهميت آهي. ڇندن جا جدا جدا قسم آهن، جيڪي ماترائن يا ورنن جي ڳڻپ، ورام يا يتِ

(پابند ڪيل)، لئه (آواز جي لهڻ ۽ چڙهڻ) ۽ تُڪ وغيره جي اصولن سان ٻڌل يا پابند هوندا آهن. ڇند جي ڪري نظم ۾ سنگيت جو ميناج پاڻ مرادو پيدا ٿي ويندو آهي. جنهن ڪري اُهو ٻُڌندڙن جي ذهن تي گهڻو اثر ڪندو آهي.

نثر ۾ چاهي ڇند رچنا تخليق جي پابندي نه آهي، پر اُن ۾ لفظن جي چُونڊ، ورام ۽ لئه جي ذريعي موسيقيءَ جو ميناج پيدا ڪري سگهبو آهي. اهڙي رچنا کي لئه يلترنم وارو يا نظماڻو نثر (Rhythmic prose) چئبو آهي.

شاهه لطيف، سچل، ساميءَ وغيره شاعرن جي شاعريءَ جا يا اُنهن جون تُڪون اڪثر پهاڪن وانگر مشهور ٿي ويون آهن. اِن ڪري اُنهن ۾ ڇند جي پابندي به سمايل آهي. پر گهڻا پهاڪا روزمره جي تجربي جي پيدائش آهن. اِن ڪري اُنهن ۾ ڇند جي بندش رکيل نه آهي. هائو، سياويڪ طرح جيڪڏهن اُنهن ۾ موسيقي جي لئه ۽ ميناج اچي وڃي ٿو ته اُها ٻي ڳالهه آهي. گهڻو ڪري پهاڪن ۾ تجنيس حرفي يا تُڪ لئه جو جزو مکيه هوندو آهي. اِن ڪري پهاڪا جلدي ياد ٿي وڃن ٿا ۽ ذهن تي گهڻو اثر ڪن ٿا.

ڇند جي لحاظ کان پهاڪن کي چئن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. ڇند ۾ ماترائن يا ورڻن جي ڳٽپ جو ڌيان رکبو آهي.

(1) ڇند ۾ ٻڌل پهاڪا (Proverbs in verses)
(2) لئه ۾ ٻڌل پهاڪا (Proverbs with rhythm)
(3) نظماڻي نثر وارا پهاڪا (Proverbs in Poetic prose)
(4) سادا ڇند بغير نثري پهاڪا (Simple prose utterances)

**(1) ڇند ۾ ٻڌل پهاڪا:**

- ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين،
لڏيو لاڏاڻو ڪيو، پنهنجي ديس وڃن. (شاهه)

(پنهنجي ديس وارن سان پريت ڪجي، پرديس پرين تي ڪهڙو اعتبار؟ هو ته پريم جو پيچ پائي، پوءِ لڏي پنهنجي

ديس هليا ٿا وڃن.)

- وَڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن ماڻهان ميٺُ گهڻو.

(پکين کي ڏسو تہ هُو ڪيئن پاڻ ۾ وڳر ڪيو اُڏامن ٿا. هُو ڪڏهن بہ پريم جي پيچ کي نہ ٿا ڇنن. هنن ۾ تہ ماڻهن کان بہ وڌيڪ پاڻ ۾ سِڪ ۽ پريم آهي.)

- سامي سڀُ ديدارُ، اٿيئي عجيبن جو،
ڏسي ٻُڌي پاڻ ٿو، ٻولي ٻولڻهار،
تِراڪارُ آڪارُ، ڌاري آيو جڳ ۾.

(سامي چوي ٿو تہ هن دنيا ۾ جيڪي ڏسان ٿو سو سڀُ ڌڻي سائين جو پسارو آهي. هو پاڻ ئي ٻُڌي ٿو، ڏسي ٿو ۽ ٻولي ٿو. نراڪار (بي شڪل) نرگڻ (بي صفات) ڌڻي سائين هن جڳت ۾ آڪاسر (مختلف روپ) اختيار ڪري انسان جي شڪل ۾ جنم وٺي آيو آهي.)

- جِنّيءَ سُٽُ پُسايو، واڻئي وِڏيسِ وٺي،
جِنّيءَ ليکي واڻيو مُنو، واڻئي ليکي جِنّي،
مُني سائي جِنّي، تہ مُني سائي جِنّي.

(جِنّي سُٽُ پسائي واڻئي کي وڪڻڻ ويئي تہ آلي سُٽ جي تور گهٽي ٿيندي. واڻيو وڌيڪ سياڻو هو. هُن وري ڪُوڙا وَٽَ وجهي جِنّيءَ کي تور ۾ ٺڳي ڇڏيو. نتيجو اِهو نڪتو جو هن سودي ۾ جِنّي ٺڳجي ويئي.)

- پٽس سندس پيهون ڪُٽيون، ڏاڏي سندس ڌاڻا،
اڳي پُڇيائون ٿي ذات پات، هاڻي پڇن ٿا ناڻو.

(هُن جو پيءُ پيهون ڪُٽيندو هو ۽ ڏاڏو ڌاڻا ڪُٽيندو هو. اڳي تہ ذات پات کي ڌيان ۾ رکي مِٽي مائٽي ڪئي ويندي هئي، پر هاڻي تہ ناڻو ٿا ڏِسن.)

- انڌير نگري چرٻٽ راجا،

ٽڪي سيرُ ڀاڄي، ٽڪي سيرُ کاڄا.
(چرئي راجا جي راڄ ۾ انڌير آهي؛ ڀاڄي ۽ کاڄا ساڳئي اگهہ تي پيا وڪامن.)

- ڪلر ويري ڪوٽ جو، آهي مچيءَ ويري ڄارُ،
مُڙس ويرياڻي ننڊڙي، زال ويري سينگار.
(ڪلر جي ڪري قلعي جون ديوارون ڪري پون ٿيون. مڇيءَ جو ويري آهي ڄارُ، جنهن ۾ هُو ڦاسي ٿي. مرد لاءِ ننڊ ڪرڻ نيڪ نہ آهي. زال گهڻو سينگار ڪري تہ اُهو بہ سٺو نہ آهي.)

- ڏُک سُکن جي سُونهن، گهوريان سُک ڏُکنَ ري.
(زندگيءَ ۾ ڏکُ سُور سهڻ ڪان پوءِ ملندڙ سُکن جو قدر ٿئي ٿو. اِن ڪري اُهي سک مان ڇڏي ڏيان، جيڪي ڏکن ڪان سواءِ ملن ٿا.)

چندن يا بيتن جون ٽُڪون:

- اندر تُون اُجار، پنا پڙهندي ڪيترا؟
(تُون پنهنجي من کي صاف ڪر. ڌرم جون پوٿيُون (مذهبي ڪتاب) ڪيتريون پڙهندين؟)

- ڇاجي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهُن ڏنگومَ ٿئي.
(جيڪڏهن ڏير خراب ٿيا تہ اُنهن مان مون کي ڪهڙو نقصان رسندو؟ شال منهنجي قسمت خراب نہ ٿئي.)

- جنين هٺُ هاريو، تنين جيتيو جڳ کي.
(جن غرور، کي وڃايو آهي، تن هِن سنسار تي سُوڀ پاتي آهي.)

- پَتِت کي پاوڻُ سامي ڪيو ستگُروءَ.
(ستگروءَ (مُرشد) پنهنجي مهر جو هٿ ڌري پاپيءَ (گناهگار) کي بہ پوتر (پاڪ) ڪري ڇڏيو آهي.)

(2) لئہ ۾ ٻڌل پهاڪا:

اُنهن پهاڪن ۾ تُڪبندي هوندي آهي، پر لئہ جو استعمال صاف نظر اچي ٿو. اِن جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

- سيد ۽ سپاهي، تنهن کان رکج يا الاهي.

(سيد ۽ سپاهي، ٻئي ويساهہ جوڳا نہ آهن.)

- عامل نہ دوست، ڦڦڙ نہ گوشتُ.

(جهڙي طرح ڦڦڙ گوشت وانگر نہ کائبا آهن، تيئن سرڪاري ڪامورو بہ اوکيءَ ويل دوستي نہ نڀائيندو آهي.)

- ڏڪُ هڻ ڏيءَ کي تہ سِکي نهن.

(پنهنجي ڌيءَ کي ڌمڪي ڏي تہ نهن پاڻيهي سِکي ويندي.)

- پرڻُ چوي ڏُونگهي کي، هلُ ڙي ٽِنُنگا.

(پرڻ پنهنجا سوراخ ڏسي ڪونہ ٿو ۽ ڏُونگهي کي چوي ٿو تہ تو ۾ ٽي ٽنگ آهن.)

لئہ جو ميناج پيدا ڪرڻ لاءِ پهاڪن ۾ گهڻو ڪري پابند ڪيل، تجنيس حرفي يا لفظن جي دُهرائڻ جو استعمال نظر اچي ٿو.

- آزمائي کي آزمائي، سو ڏوُڙ مُنهن ۾ پائي.

(پرکيل کي وري پرکبو تہ پاڻ کي ئي خراب ڪبو.)

- جهل رن کي تہ لَڏ پيئي وجي،
جهل لَڏ کي تہ رن پيئي وجي.

(هڪ شيءِ کي سنڀال تہ ٻي هٿن مان نڪري وڃي.)

- آرسي ڙي آرسي، مُون جهڙو ڪو ٻيو؟

(جيڪو پاڻ کي سهڻو سمجهي ۽ رڳو ناهہ نُوهہ ۾ وقت وڃائي، اُن لاءِ چئبو آهي.)

- آيا مير، ڀڳا پير.

(زورآور ماڻهن جي اچڻ سان ڪمزور پٺي ڪنارو ڪن.)

- ٻيرن کان ٿو ٻير گهُري.

(اُن ماڻهوءَ لاءِ چئجي جنهن مان ڪمُ سِڌ نہ ٿي سگهي.)

(3) **نظماڻي نثر وارا پهاڪا:**

- آءُ تہ پيڻ ڪرهن ڪريُون.
(جاڻي واڻي جيڪو جهڳڙو ڪرڻ چاهي تنهن لاءِ چئبو.)
- ابي چاڙهي، ادي چاڙهي، مون نہ چاڙهي، ڪنهن نہ چاڙهي.
(جيستائين مون خود ڪوشش ڪري نہ ڪمايو آهي، تيستائين ٻين جي ڪمائيءَ تي جيئڻ ۾ ڪهڙو لاڀ؟
- اٿو ڪاڏو ڪُوئي، مار پيئي گابي تي.
(ڏوھ هڪ ڪيو، پر اُن جي سزا ٻئي کي ڀوڳڻي پيئي.)
- اُهي وڻ بہ ويا، واهيرا بہ ويا.
(اُهي وڻ ۽ اُنهن تي نهيل آڪيرا ٻئي ختم ٿي ويا. مطلب تہ سڄو سمو گذري ويو.)
- اچي ٻڳ مَ پسُ، اندر مڙيئي اگڙيُون.
(ٻاهرين چمڪ دمڪ تي موُهت نہ ٿيءُ. اُن شيءِ جي اندر سادو مالُ آهي.)
- ٻري تيل، ڪامي وٽِ، واھ! ڙي ڏيئا واھ!
(قرباني ڏين هڪڙا، تہ نالو ٿئي ٻين جو.)

(4) **بنا ڇند يا سادا نثري پهاڪا:**

- وڏن ۾ وڏي ڪلا.
(بزرگن ۾ گهڻي سياڻپ هوندي آهي.)
- اُٺ پنيان گهنڊڻي.
(وڏي ڄمار واري سان ننڍي ڄمار واري ڇوڪري پرڻجي، تڏهن چون.)
- اڄ جو ڪم سڀاڻي تي نہ وجهجي.
(مطلب تہ سُستي ڇڏي هرڪو ڪم جلد ڪجي.)
- ڪچڻي نہ آهي جا ڪائي ونبي.
(مطلب تہ ڪچڻي ڪائڻ جهڙو سؤکو ڪم نہ آهي.)

- آگرن پيئي هٿ ڪارا.

(خراب ڪم ڪبو ته بدنامي ٿيندي.)

- اَن جو مُنهُن جنڊ ڏي.

(ماڻهو جتي روزي روٽي ڪمائي ٿو، اوڏانهن ئي ويندو.)

- انڌن ۾ ڪاڻو راجا.

(اڻ پڙهيلن ۾ ٿوري ڄاڻ وارو به وڏو ليکجي ٿو.)

- اِنسان خطا جو گهر آهي.

(اِنسان ڪان ڀُل چُڪ پيئي ٿيندي آهي. هُو مڪمل نه آهي.)

- هڪ تندرستي، هزار نعمت.

(جيڪڏهن ماڻهو تندرست آهي ته هُو دنيا جُون هزارين نعمتون ماڻي سگهي ٿو.)

- بڇڙو ڪتو، ڏٽي پُٺائي.

(ڇتو يا ڀؤڪندڙ ڪُتو ٻين کي ڏاڙهي پنهنجي مالڪ کي بدنام ڪندو آهي.)

✡

5

# سنڌي پھاڪن جو سماجي ۽ ثقافتي اڀياس

## 5.1 سنڌ جا تاريخي پھاڪا:

آکاڻيون، قصا ۽ داستان لوڪ ادب جو حصو آهن، جن جو سلسلو ڀارت ۾ سيني بہ سيني نسل در نسل هلندو پيو اچي. ڀارت ۾ گاٿائن (ڪٿائن) جي روايت تمام جهوني آهي. ’گاٿا‘ سنسڪرت جو لفظ آهي، جنهن جو استعمال رگ ويد ۽ برهمڻن گرنٿن (ڪتابن) ۾ بہ ملي ٿو. جيئن تہ، ”سُوريا پدرمِدَوَاسو گاٿيئيتِ پَرِشڪرتَم.“[1] (رگ ويد، م. 10 . اَ. 7. سوُ 85، منتر 6)

جهوني وقت کان وٺي ڪنهن راجا، راڄ گهراڻي، شخص ۽ خاص جي اهم ڳالھ عام ماڻهن کي ٻڌائڻ لاءِ گاٿا جو استعمال ٿيندو پيو اچي. راجائن جي ڪردار جي ساراھ ۾ پڻ گاٿائون ڳايون وينديون هيُون. تاريخي گاٿائن جي روايت مهاڀارت جي دؤر ۾ بہ نظر اچي ٿي. مهاڀارت ۾ راجا دُشينت جي پُٽ ڀرت بابت انيڪ گاٿائون ملن ٿيون.

’گاٿا‘ لفظ جي سنڌيءَ ۾ شڪل بدلجي ’ڳاھ‘ ٿي آهي. ’ڳاھ‘ سنڌي شاعريءَ جو آڳاٽو نمونو آهي. هن لفظ جو لاڳاپو ڳائڻ سان آهي. ڏسجي تہ سنڌ جا تاريخي پھاڪا هڪ طرف سنڌ جا تواريخي، نيم تواريخي قصا، ڪهاڻيون ۽ گاٿائون ئي تہ آهن، جن کي سنڌ جي چارڻن ڀاٽن، منگتن ڳائي مشهوريءَ جي اوج تي پهچايو آهي.

هتي اها ڳالھ چوڻ اجائي نہ ٿيندي تہ موضوع جي خيال کان گاٿائن جو بنياد هميشہ حقيقتن تي ٻڌل ڪونہ هوندو آهي. گاٿائن ۾

---

1. ويدن واري دور ۾ هندو ڌرم موجب: ”گهوڙي جي قرباني جي رسم“.

چاڻ- اڻچاڻ ۽ اُتساهه سببان ڪي غيرحقيقي ڳالهيون ۾ ڏند- ڪٿائون پڻ سمائجي وڃن ٿيون. تنهنڪري هِتي تاريخي پهاڪن جي بنيادي ويچارن ڪي پوري ريت تاريخي سچائي سمجهي قبول نه ڪرڻ کپي. ها! اها پڻ غور طلب ڳالهه آهي ته جن وارداتن، شخصن، حالتن، هنڌن ماڳن جو بيان مُلڪ جي لِکيل تاريخ ۾ نه ٿيو آهي، اُهي پهاڪن ۾ سلامت ملن ٿيون.

پهاڪا گذريل دؤر ڪي ڄاڻڻ، سمجهڻ لاءِ بهتر تحفا هوندا آهن. پهاڪن ۾ اها قوت هوندي آهي، جنهن جي معرفت اسين پنهنجي تاريخ ڪي سهڻي نموني سمجهي سگهون ٿا.

اسين تاريخي پهاڪن ڪي هت هيٺين مکيه حصن ۾ ورهائي اُنهن تي ويچار ڪنداسين:

(1) شخصن متعلق
(2) وارداتن متعلق
(3) نيم تاريخي لوڪ ڪٿائن متعلق
(4) آڳاٽين حالتن متعلق
(5) قديم ڀارت جي تاريخ متعلق

**(1) شخصن متعلق:**

تاريخ بابت ڄاڻ ڏيندڙ وسيلن ۾ شخصن جو خاص مقام ٿيندو آهي. مشهور عالم البرٽ آئنسٽائن پڻ چيو آهي ته: ”انسان جي زندگيءَ جي گاڏي هلائڻ لاءِ ملڪ بدران انسان جي پنهنجي خبرداري، عظمت ۽ تخليقي قوت (پنهنجي پاڻ مان ڦٽي نڪرندڙ قوت) ڪي ئي مان وڌيڪ ڪارائتو سمجهندو آهيان.“ تاريخي شخصيتن جي طاقت، جفاڪشي، تياڳ ۽ سخاوت عام ماڻهن لاءِ يادگار ۽ اُتساهه ڏيندڙ ٿيندا آهن. اِنهن گڻن جي مدد سان ڪو شخص سماج ۾ گهڻي مشهوري حاصل ڪري ميل جو پٿر بڻجندو آهي. سنڌ ۾ پڻ ڪي اهڙا اعليٰ شخص آهن، جن سماج ڪي نئون رُخ ڏنو آهي ۽ پنهنجي بهترين وهنوار سببان هوُ سڀني جي زبان تي چڙهي پهاڪي جي رُوپ ۾ روشن مينار جيان امر

ٿي ٻينا آهن. تاريخي ڀاڪن ۾ شخصن سان واسطو رکندڙ ڀاڪن جا ڪجهه مثال هن ريت آهن:

"جُهولي لال سائين، ٻيڙا ٻنين لائين".

.اها سنڌيءَ ۾ هڪ مشهور چوڻي آهي. مطلب ته هي جهولي لال سائين، اسان جا ٻيڙا ڪنارن تي سلامت پهچائجانءِ. يعني اسان جي اوکيءَ ويل حفاظت ڪري اسان کي سڦل بڻائجانءِ.

سنڌ ۾ گهڻن ئي ڀهتل شخصن جو جنم ٿيو آهي، جن کي هندُن اوَتاري ماڻهو ۽ مسلمانن پير ڪري پوڄيو آهي. وقت گذرڻ ڪان پوءِ اهڙن شخصيتن سان گهڻا ئي نيم تاريخي واقعا ۽ ڏند ڪٿائون جڙي ويون آهن. اهڙن ڪن ڀهتل شخصن ۾ اُڏيرولال، جنهن کي جهولي لال پڻ چيو ويو آهي، تنهن جو نالو ڀهرين نمبر تي اچي ٿو.

جهولي لال سنڌ جو الله لوڪ ٿي گذريو آهي، جنهن جي پوڄا هاڻي ڀڳوان جي روُپ ۾ ٿيندي آهي. جهولي لال سان جُڙيل هڪ ڏند ڪٿا موجب سنڌ جي هندن کي اتان جي مسلمان حاڪم مرخ شاهه جي ظلمن کان آزاد ڪرائڻ لاءِ هندو ڌرم جي حفاظت لاءِ هن اوُتاري انسان نصرپور ۾ سن 950ع (وڪرمي سنبت 1007) ۾ چيٽي چنڊ ڏينهن راءِ رتن چند ۽ ماءُ ديوڪيءَ جي گهر جنم ورتو.

هيءُ عظيم انسان ورڻ جو اوَتار (پاڻيءَ جو ڀڳوان) ليکيو وڃي ٿو. اِن ڪري سنڌي هندُو درياشاهه جي رُوپ ۾ سندس پوڄا ڪندا آهن، ڀهراڻا[1] ڪڍندا آهن ۽ ڇيڄ[2] وجهندا آهن. جهولي لال کي اڏيرو لال، لال صاحب، لال سائين، امر لال يا جندهه پير ڪري بہ سڏيندا آهن. جهولي لال جي اسٺُتي (ساراهه) ۾ 'پنجڪڙا' (پنجن مصرعن تي ٻڌل پڄن) رچيا ويا آهن. سنڌي ناڪُرن امر لال جي جوت جڳائي "درياءَ پنٿ" شروع ڪيو ۽ ڪيترائي سنڌي هندو سندن چيلا آهن. هن پنٿ جي پوئلڳن کي "درياءَ پنٿي" چئجي ٿو. مسلمان پڻ مرخ شاهه جي

1. ڀهراڻا: ڏيئا ٻاري دريا ۾ اُن کي وهائڻ جي رسم ادا ڪرڻ.
2. ڇيڄ: سنڌي هِندن جو لوڪ ناچ.

واقعي بعد اڏيري لال جي زنده پير يا خواجا خضر جي شڪل ۾ مڃيندا آهن.

”وهڻ مُنڊيو ئي ناهي، دلُو ڀُڄي نار ڪي“.

دلوُراءِ هڪ بداخلاق ۽ ذليل ذهنيت وارو حاڪم ٿي گذريو آهي. سر ايچ. ايم. اليٽ ”تاريخ طاهريءَ“ جو حوالو ڏيندي پنهنجي ڪتاب ”هسٽري آف سنڌ“ واليوم-2 جي صفحي چوٿين ۽ پنجين تي لکي ٿو ته:

”الور ۽ محمد طوُر ڳوٺن جي درميان جيڪو به ملڪ هوندو هو، تنهن تي راجا دلوُراءِ راڄ ڪندو هو. هو وڏو ظالم ۽ زاني هو ۽ هرڪنهن رات ڪنهن نئين عورت سان هم بستر ٿيندو هو. جيڪي به سوداگر، هندستان ڪان سامان جا ٻيڙا ڀرائي، ديبل بندر ڏانهن ويندا هئا، تن کي لازمي طور الور کان لنگهڻو پوندو هو. دلوُراءِ، ڪانئن مال جي اڌ جيترو محصول وٺندو هو، جنهن ڪري سوداگرن سان جنسي وَئل هوندو هو. آخرڪار هتان هڪڙو وڏو سوداگر اچي لنگهيو، جو محصول جي ڳاٽي ڀڳي خرچ جو ٻُڌي، تپرس ۾ پئجي ويو.“

اِهو سوداگر ڪير هو ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيو هو، تنهن بابت ’تحفة الڪرام‘ نالي ڪتاب جي صفحي 223 ۽ 224 تي لکيل آهي ته:

”هي عزت وارو ۽ ناليرو سوداگر سيف الملوڪ جي نالي سان مشهور هو ۽ ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته هو اصل ۾ شهزادو هو، جو سوداگرن جي لباس ۾ بيت الله ڏانهن وڃي رهيو هو. هوُ هِن نالائق جي ڪارنامن کان بي خبر، اچي سندس ملڪ مان لنگهيو. ساڻس گڏ ”بديع الجمال“ نالي هڪ سهڻي زال به هئي.“

محصول جي عملدارن، سيف الملوڪ جي نالي کي نهايت قيمتي ۽ بيش بها سمجهي، ڳرو سُنگُ هڪ طرف رکايو ۽ ٻئي طرف وري سندس زال کي راجا جي محلات ۾ پهچائڻ جو ارادو رکيو. جڏهن راجا ٻڌو ته سوداگر سان گڏ سندس زال، پري جمال، حُسن ۾ بيمثال ۽ باڪمال آهي تڏهن چتو ٿي پيو. هَوَسَ جو پوت سندس گردن

تي ايتري قدر تہ سوار ٿيو، جو ويچاري سوداگر کي خوامخواه ۾ تنگ ڪرڻ لڳو. آخر سوداگر عرض ڪيو تہ ٽن ڏينهن جي مهلت ڏيو، جنهن بعد محصول ۽ بديع الجمال پيش ڪندس.

سيف الملوڪ، انهن ڏينهن ۾ هڪ پاسي خالق اڪبر کي ستائڻ شروع ڪيو ۽ ٻئي پاسي وڏا وڏا ڪاريگر جيڪي سرنگ هڻڻ ۽ جَبل ٽاڪڻ ۾ فرهاد جا استاد هئا ۽ بند سڪندريءَ جهڙي بند ٻڌڻ ۾ اڳڪِسُ هئا، تِن کي ڪوٺائي، دل گهريا انعام اِڪرام ڏنائون. سوداگر جو مطلب هو تہ الور کان هڪڙو مضبوط بندُ ٻڌايان، جنهن ڪري درياهُ پنهنجو رُخ ڦيرائي، بکر ڏانهن وهڪرو ڪري. اُهي ڪاريگر، راتين جون راتيون جاڳي، نديءَ جو پيٽ ۽ بند ٻَڌي چُڪا. هڪ ئي رات ۾ درياه پنهنجو اڳوڻو وهڪرو ڦيرائي سيوهڻ ۽ لکيءَ ڏانهن اهڙو زور شور سان وهڻ لڳو، جو خدا جي قدرت سان سوداگر سيف الملوڪ جا غوراب، ظالم دلوراءِ جي پرڳڻي کان نڪري ويا. صبح جو ظالم راجا ۽ سندس رعيت ننڊ مان اُٿي ڏسن تہ مار! جتي پاڻي پئي وهيو، اُتي هاڻي رڳو گپ لڳي پيئي آهي. اِهو ڏسي رعيت ۽ راجا حيران ٿي ويا.“

محمد صديق پيرزادي جي لکيل قلمي نسخي ”تاريخ سنڌ“ ۾ مٿئين روايت جي علاوه هڪ ٻي روايت بہ ڏنل آهي، جا سندس عبارت ۾ ڏجي ٿي:

”هن بادشاه (دلوراءِ) جي زال، تمام حُسن واري هئي، جنهن جي حُسن جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ مشهوري ٿي ويئي. قندار جو هڪ هندو بادشاه هن جي حسن جي هاڪ ٻُڌي، پرپٺ ئي هُن تي عاشق ٿي پيو. اهو سامان سوداگر جو ڪٺي، ٻيڙا ڀرائي، روانو ٿيو ۽ اچي سنڌ پهتو. بادشاه دلوُراءِ جي شهر ۾ اچي لنگر ڪيائين. بادشاه جي سلام تي آيو. احوال ڏنائين ۽ ٻيا تحفا تحائف عجيب و غريب آندائين. هُو بادشاه وٽ گهڻو ايندو ويندو هو. پاڻ ۾ دوستي ٿي وين، پر مخفي طرح مطلب جي ڳولها پئي ڪيائين. ڳُجها وڪيل ۽ ڏوتيون پئي

موڪليائين. آخرڪار راڻيءَ جواب ڏنو ته مون تي سخت بندش آهي، توسان ملڻ نه ٿيندو، مگر ڪا زمين مان ڳجهي سُرنگهه ڪٽائي، اُنهيءَ مان هلجي، باقي اُن ڪان سواءِ اچڻ جو ڪو چارو ڪونه آهي. پوءِ اُنهيءَ سوداگر ڪوشش ورتي. اُنهيءَ بندر ڪان ڳجُهي سُرنگهه، زمين مان کوٽائي، پڪين سِرن سان ونگُ ٻڌائي، پُختي ڪري گچ هڻائي، تيار ڪرايائين، جيڪا راڻيءَ جي ماڙيءَ ۾ اچي داخل ٿي. مُخفي دري نهرائي چڙهايائين. هڪ ڏينهن راڻي اُن دريءَ مان لنگهي، جهاز ۾ آئي. سوداگر بادشاهه جي دعوت ڪئي هُئي، سو بادشاهه به اُتي آيو هو. راڻيءَ بادشاهه جي مانيءَ تيار ڪئي. بادشاهه ۽ سوداگر گڏجي ڪري اُها ماني کاڌي. اِن تي بادشاهه کي شڪ پيو ته اِها ماني ته پنهنجي گهر جي مانيءَ جهڙي آهي. وري اچا دريءَ تي نظر ڪيائين ته اوچتو راڻيءَ تي نظر پيس. سوچڻ لڳو ته هوءَ هتي ڪيئن آئي؟ شايد ماڻهو، ماڻهن جهڙا آهن. پوءِ سوداگر کان پڇيائين ته، ”هيءَ ڪير آهي؟“ سوداگر وراڻيو ته ”منهنجي زال آهي.“ بادشاهه چيس ته ”هُن کي سڏ ڪرينس ته اسان سان اچي ڪري ماني کائي. تنهنجي ۽ اسان جي وچ ۾ ڪو فرق نه آهي.“ پوءِ لاچار ٿي سوداگر هُن کي ڪوٺيو. راڻي اچي ويٺي، پر بادشاهه فڪر ۾ پئجي ويو ته هيءَ هتي ڪيئن آئي؟ ۽ هاڻ اسان سان گڏ اچي ويٺي آهي. جيڪڏهن هن سوداگر جي زال آهي، پر شڪل ته منهنجي راڻيءَ جهڙي ئي اٿس. بادشاهه پوءِ پنهنجيون پنج ئي آڱريون ڪنهن پوڙ ۾ ٻوڙي ڪري راڻيءَ جي ساڙهيءَ تي ائين نشان ڪري ڇڏيا جيئن ڪيس خبر نه پوي.

پوءِ جلد بادشاهه، ماني کائي روانو ٿيو ۽ راڻي به سُرنگهه جي رستي کان تِڪي وڃي، پنهنجي ماڙيءَ ۾ رئو مٽي ۽ پيرن تي پائي سمهي پيئي. بادشاهه به ٿوريءَ دير بعد اچي اُنهيءَ ماڙيءَ تي پهتو. درُ کولي ڏسي ته راڻي سمهي پيئي آهي ۽ سندس ساڙهيءَ تي رس جو نشان چٽو بيٺو آهي. بادشاهه موٽي شاهي دربار ۾ آيو. اميرن، وزيرن کي گهُرائي احوال ڪيائين. سيني صلاح ڏني ته، ”في الحال درياهه جي

اولهه ۽ اوڀر، چوڻڪي بيهاري وڃي، پوءِ هُن سوداگر کي نوڪرن سميت مارائي ڇڏجي.“

هوڏانهن راڻي اُٺي، ساڙهي سنيالي ڏسي ته اُن تي ٻوڙ جا نشان بينا آهن. اُتان اُٿي، خوف کان لاچار ٿي، سُرنگهه رستي تڪڙي وڃي بندر تي پهتي. اچي سوداگر کي چيائين ته اڄ اسان جي حياتي پوري ٿي، جو بادشاهه کي سڀُ خبر پئجي ويئي آهي، جي ڪو رستو ڀڄڻ جو ٿئي ته وسُ ڪر، نه ته فجر سان سيني کي ماريندا. پوءِ راڻيءَ، سوداگر ۽ سيني نوڪرن، سڄي رات ڏڻيءَ جي دربار ۾ منٿون ڪيون ۽ ٻاڏايو. ڏڻي رحيم ڪريم آهي، جو ٻانهو، سندس در تي، دل سان زاري ڪري تنهنجي دُعا قبول ڪري ٿو. حڪمت مالڪ جيءَ سان، اُتان پرينءَ پر، هڪ واهرو پراڻو هو، تنهن ۾ درياهه وهي ويو. سوداگر جهاز ڪٽي ڇڏيو، جو ديبل بندر کان وڃي، سمنڊ جو رستو وٺي، ايران کان هليو ويو. بادشاهه جا ماڻهو جڏهن بندر تي ويا ته ڏسن ته اُتي ته پٽر لڳو پيو آهي. اِن تي ڪنهن چيو:

”وهڻ مُنديو ئي ناهي، دلوُ پُڇي نار کي.“

بندر تي ڏنائون ته هُتي هڪ سُرنگهه لڳي پيئي آهي. سُرنگهه جو رستو وٺي هو سڀ اچي ماڙيءَ تي پهتا. اِن کان پوءِ بادشاهه، شاهي دربار ۾ اچي چيو ته، ”سوداگر پرديسي هو، پر رعيت اسان جي هُن سان شامل هئي، جنهن اِهو ڪم ڪيو ته اُنهيءَ مان ڪو نمڪ حلال نه ٿيو جو اسان کي اِها خبر ڪٽي ڏئي ها. هاڻ تِن لاءِ ڪهڙي سزا مقرر ڪجي؟“ سيني صبر ڪيو.

بادشاهه چيو ته، ”اُنهيءَ لاءِ اِها سزا آهي، جو جيڪو به، اعليٰ يا ادنيٰ شادي ڪندو ته پهرينءَ رات، ڪنوار سان بادشاهه همبستر ٿيندو.“ اميرن، اُمرائن گهڻيون ئي منٿون، آزيون ڪيون، پر راجا قبول نه ڪيون. آخر اِهو ڪم هلندو آيو.

مٿي ڏنل ڏند ڪٿائون ڪِن تاريخي حقيقتن تي ٻيٺل آهن. اِهي حقيقتون آهن. اروڙ ۽ برهمڻ آباد جو ناسُ ٿيڻ ۽ سنڌونديءَ جو

رُخ بدلائڻ. راجا دلوراءِ جي باري ۾ سنڌ جي تاريخ گهڻي ڀاڱي خاموش آهي. فقط ايترو چاڻ پوي ٿي تہ هُو سومرن جي حڪومت جي اوائلي دؤر ۾ هو ۽ پنهنجي ظلم توڙي عيش سببان ملڪ ۾ بدنام هو. سندس راڄ ۾ جنهن بہ ڇوڪريءَ جي شادي ٿيندي هُئي، اُن کي شاديءَ جي رات زبردستي پنهنجي محل ۾ گهُرائي وٺندو هو. چوڻي مشهور آهي تہ هُن جي ظلمن سبب دلوُراءِ جي نگري اروڙ ۽ برهمڻ آباد هميشہ لاءِ زمين ۾ غرق ٿي ويا هئا. اڄ تائين بہ سنڌي ماڻهو ڪنهن کي پُٺ پاراتو ڏيندي چوندا آهن: "دلوُراءِ جي نگريءَ وانگر ناس ٿي ويندين."[4]

- "بابرڪت شيخ پَنو، هڪ مئو ٻيو ٽنو."

شيخ پِني جي ڪرامت اهڙي آهي جو اُن جي اثر ڪري هڪ مري ويو تہ ٻيو ڀڄي ويو.

هن ٻهاڪي جو بنياد جنهن ڳالهہ تي بيٺل آهي، اُها ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن ريت ڏني آهي:

1351ع ۾ دهليءَ جو سلطان محمد بن تغلق سنڌ تي ڪاهي آيو، پر سن 752 هجري برابر 1351 عيسويءَ ۾ ٺٽي جي ٻاهران بيمار ٿي گذاري ويو. اُن بعد سلطان فيروز شاهہ 1365 عيسويءَ ۾ ٺٽي تي چڙهائي ڪئي. تاريخ نويس سراج رفيق فارسيءَ ۾ لکيل پنهنجي ڪتاب "تاريخ فيروزشاهي" (1398ع) ۾ بيان ڪيو آهي تہ ڄام تماچي ۽ ڄام ٻابينو چاليهہ هزار پيادن ۽ ويهہ هزار سوار فوجن سان فيروزشاهہ جو مقابلو ڪيو. آخر فيروزشاهہ، رسد ۽ گاهہ جي گهٽتائيءَ ۽ گهوڙن ۾ وبا جي بيماري ڦهلجڻ ڪري، وڏيڪ لڙائي ڪرڻ کان توبهہ ڀري واپس ڪوچ ڪري گجرات طرف هليو ويو. سنڌ جي ماڻهن اِنهن مصيبتن جي ٽرڻ کي پير پِني جي مهر ۽ ڪرامت ڪري سمجهيو ۽ فيروزشاهہ جي ڪوچ وقت هيٺيون جنگي نعرو

[4] سنديلو، عبدالڪريم، ٻهاڪن جي ٻاڙ، لاڙڪاڻو سنڌ، 1966، ص 148.

بلند ڪيو، جيڪو بقول همعصر سراج اَفيف جي، ٺٽي ۾ پهاڪي طور مشهور ٿي ويو.

”بابرڪت شيخ پَٽو، هڪ مئو ٻيو ٽٽو“.

پير پٺو اُن دؤر جو صوفي درويش ٿي گذريو آهي، جنهن جي تُربت ٺٽي جي ڏکڻ ۾ ڇهن ڪوهن تي آهي. هِن صوفي نہ فقط پنهنجي جيئري ڪرامتون ڏيکاريون، پر مرڻ بعد بہ سنڌ تان وقت بہ وقت مصيبتون ٽاريندو رهيو.

”سڄو ڦسيءَ سومرا، اڌ ڦسيءَ ٻيو لوڪ،

جهيٽي پارڻ جهوڪ، نہ تہ ليڙ پيائي لاٿون ڪري.“

يعني تہ جيڪڏهن اڌ ڦِٽ پيئي سڄي جهان تي، تہ سڄي ڦٽ سومرن تي، ڇو تہ سردار ٿيڻ جي باوجود سندن بَستين جي ٻاهر سانجهيءَ ٽاٽي جهوڪ ويلي جهڪي ۽ جهيٽي ٿي وجي ٿي. باقي ٻين وقتن تي لاٿون ڪري پيئي پري، هن ڳاهہ ۾ سانجهي ٽاٽي دونهان دُکائڻ ۽ مچ ڪرڻ جي اڳاٽي رسم ڏانهن اِشارو آهي، جنهن ڪري هن کي تاريخي پهاڪي جي شڪل عام ماڻهن ڪتب آندو آهي.

هن تاريخي پهاڪي ۾ سمايل رسم جي پٺيان جيڪو واقعو ملي ٿو، سو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هن ريت بيان ڪيو آهي:

”سومرن کان اڳ سنڌ ۾ عرب حڪمران هئا ۽ سخاوت عربن جي اجتماعي زندگيءَ جو عام جزو هو. سانجهيءَ ٽاٽي قافلن جي جهوڪ وٽ ٻاهين جا مچ ڪري ڇڏيندا هئا تہ پل مسافرن کي فائدو ٿئي. عرب اِسلامي دؤر ۾ سومرا غالباً سنڌ تي ڏکڻ- اوير واري ايراضيءَ ۾ ڪڇ سنڌ جي سرحد تي رهندڙ هئا ۽ هُو عربن جي حڪومت جي آخري دؤر ۾ عربن سان گڏيا ۽ ويجها ٿيا. ٻيو تہ سومرن جون اصلي بستيون سنڌ جي ڏکڻ اوير ايراضيءَ ۾ هيون، جيڪي ايترو آباد ڪونہ هيون. عربن سان گهڻو لهہ وچڙ ۾ اچڻ سببان سخاوت سندن زندگيءَ جو حصو پڻ بڻجي پيئي هئي. پر جڏهن سومرا حڪمران ٿيا تہ عربن واري سخاوت سومرن وٽ ڪانہ بچي. اُهي ٻاهين

جا مچ، جيڪي اُن دؤر ۾ عربن ۽ ٻين پاڙيسري بستين مان جهوڪ ويلي لاٿون ڪري ٻاريندا هئا، سي سومرن جي بستين ۾ جهڪا ۽ جهيڻا ٿي ٻرڻ لڳا، اِنهيءَ ڪري اُن دؤر جي ڪنهن چارڻ سومرن جي هِن بيت ۾ ڳالا ڪئي. جنهن ڪري هيءَ ڳالهه تاريخي زنده پهاڪي جي شڪل ۾ مشهور ٿي بيٺي.“

سنڌ جي تاريخ بابت چارڻن ڀاٽن، ۽ ڀانن جيڪي ڳاهُون (سنسڪرت ۾ گاٿائون) راجائن جي سورهيائي ۽ سخاوت بابت ڳاتيون آهن، تن ۾ ڪجهه تُز ويچار سمايل هجڻ سبب اُهي پهاڪي جي شڪل ۾ پڻ ڪتب اچڻ لڳيون آهن.

سومرن جي پيٺ ۾ سما بادشاهه سخا ۽ خير خيرات جي ڪري ديسان ديس مشهور هئا. چارڻن ڀٽن، ڀانن سمن کي ڏاتار ڪري مڃيو ۽ مشهور ڪيو. سمن مان جيڪي ڏهه ڏاتار سڀ کان گهڻو مشهور ٿيا، سي آهن: لاکو ڦُلاڻي، ڄام ڪرن، جکرو اوڍاڻي، هُٺند ٺڏياڻي، اوڍو جکراڻي، وکيو ڏاتار، راءِ ڏياچ، سپڙُ چوڻاٽي، جسوڏن اگرو ۽ ڄام وينجهو. ڀٽن ڀانن اِنهن ڏاتارن جي قصن ڪهاڻين کي ڳاهن ۾ ڳاتو جن مان کي پهاڪن جي شڪل ۾ پڻ مشهور ٿي بيٺا آهن.

”لاکي لک بخشيا، ڪرنُ بخشي ڪروڙ“.

ڄام لاکي ۽ ڄام ڪرن جي سخا تمام مشهور هُئي. ٻئي سخاوت ۾ هڪٻئي کان اڳرا هئا. هن پهاڪي جي معنيٰ آهي، لاکي لک ته ڪرن ڪروڙين رپيا دان ۾ ڏنا هئا.

”جي متو مگڻ ٿاهِ ڪو، تان سمي ناهي سوڙ.
ڪرن ڄام ڪروڙ، ڄٽي ڦُلن مُٺِ جيئن.“

يعني سمو ڄام ڪرن پنهنجي ٻارهين مهيني واري جشن تي ڪروڙن جا ڪروڙ رپيا ڦُلن جي مُٺ وانگر ڄٽي خيرات ۾ ڏيئي ڇڏيندو هو. وٽس ايترا ته سوالي ۽ محتاج ايندا هئا جو اُنهن جو ڪو اٿو متو نه هو. اِن هوندي به سمي ڄام ڪرن وٽ سوڙهه محسوس نه

ٿيندي هئي.[1]

ڄام لاکي جي وفات کان گهڻو وقت پوءِ ڪنهن سالڪ پُراڻ درياءَ کان پڇيو تہ:

"جهُو تون پراڻ، جُڳ ڇِنيهہ سنيرين،
توکي ڏنا هاڻ، لاکي جهڙا پهيڙا؟
پُراڻ جواب ڏنو تہ:
"لاکا لک لنگهيا، اُنڙ ڪروڙيُون اَٺ،
هيمر- هيڙائو هيڪڙو، جو وري نہ آيو مون وٽ."[2]

وڪيو ڏاتار: وڪيي ڏاتار کان سُمنگ نالي چارڻ اچي ڪُمُنداڻتا پيرُون گهُريا، جنهن تي وڪيي چيس تہ:

انبن لڳي ڪيري، چارڻن لڳي چٽَ،
ورُ چارڻ ماٺ ڪر، جيسين اچي وَٽَ.[3]

(ڪيري = ننڍڙيون انبڙيون؛ چٽ = پيرن جا ڪي چڳا ۽ ٽڙنر يعني اَڃا پيرُون ڪچڙا آهن، تيسيتائين ترسُ، جيستائين پيرُن جي منڊ (وٽ) اچي.)

اوٺو ڄکراڻي: ڄام اُڍي جو پُٽ ڄام ڄکرو وڏو سخي هو، جنهن جي باري ۾ ڀٽائي صاحب پڻ چيو آهي تہ:

ڏمرجي تہ ڏي، پرچي تہ پٽَ پري،
ڄُنگ ڄکري کي، ٻئي ڇڳيون ڇِت ۾.[1]

سنڌ ۾ ماموئي فقيرن جا بيت پڻ سمن جي اوائلي دؤر جي واقعن جي لحاظ کان "نيم تاريخي" حيثيت رکن ٿا. ڏندڪٿا آهي تہ

---

1. جيٺلي مُرليڌر، ڊاڪٽر، سنڌي ساهتيہ جو اتهاس، صفحو، 37.
2. ايضاً
3. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڇاپو 1980ع، صفحو 170 ۽ 171.
1. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، صفحو 174 کان 176 تائين.

سما حاڪمن جي اوائلي دؤر ۾ ڄام تماچي بن ڄام خيرالدين جي دربار ۾ ست درويش آيا هئا، جيڪي سنڌ ۾ اڄ تائين ماموئي فقيرن جي نالي سان مشهور آهن. هرهڪ فقير سمن حاڪمن جي حڪومت ۽ سنڌ جي مستقبل بابت اڳڪٿي ڪندي هڪ هڪ بيت چيو هو. اهي بيت سنڌي عام عوام ۾ ايترو ته مشهور ٿيا آهن، جو پهاڪن جي صورت ۾ پڻ ڪتب آندا ويندا آهن. جيئن ته: "جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي قنڌارؤن جوکو"، "ٻاروچاڻا ٻار، تکي ٿي وکامندا"، "ٻهه، مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوکڙي" وغيره ستون اِنهن ستن بيتن مان ڪنيل آهن.

- "هاڪ وهي هاڪڙو، ٻڳي ٻنڌ اروڙ،
ٻهه، مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوکڙي".
- "ڄم ويجها ماڙهُوئا! ننگر جي آڌار،
پُراڻا پرار، نوان اَڏجو نِجهُرا."

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ويچار موجب، مٿي ڏنل بيتن جي مضمون کي سمجهڻ لاءِ تاريخي پس منظر کي سمجهڻ ضروري آهي.

اندازاً چوٿين صدي هجريءَ جي وچ ڌاري، اروڙ وٽان درياءَ جي رُخ ۾ ڦيرو آيو. جنهن سبٻان درياءَ جو مکيه وهڪرو ڦِري، بکر وٽان ۽ پوءِ هيٺ سيوهڻ ۽ ٺٽي طرف ڳان وهڻ لڳو ۽ اڳئين مکيه درياءَ هاڪڙي (اُپرندي ناري) ۾ پاڻي گهٽجڻ لڳو. اُن بعد اينڌڙ ٽن سون سالن ۾ يعني 14 صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري سڄو درياءُ پلٽو کائي بکر ۽ سيوهڻ وٽان وهڻ لڳو ۽ هاڪڙي جي حيثيت فقط هڪ "ڦاٽ" جي وڃي رهي. اِنهيءَ ڪري هيٺ پُراڻ ۽ هاڪڙي ڊوري وارا ڳهڻا پٽ غيرآباد ٿي ويا ۽ ٺٽي وارو پاسو وڌيڪ سرسبز ۽ آباد ٿيو. اِهوئي سبب هو جو سيوهڻ ۽ ٺٽي طرف سمن زميندارن زورُ ورتو ۽ وڳهه ڪوٽ، روپاهه ڪوٽ ۽ عمرڪوٽ وارن سومرن جي مالي حالت ڪمزور ٿيڻ لڳي. سمن جي اُسرندڙ طاقت جي مقابلي ۾ سومرن جي پوئين حاڪم همير پٽ دودي کي سلطان فيروزشاهه تغلق جي

طرفان ملتان ۽ گجرات جي گورنرن مدد پئي ڪئي ۽ سنڌ جي سومرن جا گهڻگهرا پڻ اُنهن اُميدن تي پئي ٽڳيا، جيڪي اِنهن بيتن ۾ ظاهر ڪيل آهن. يعني ته:

(الف) شال هاڪڙو درياءَ وري چوٽ وهي. اروڙ واري بند ڇاڻ ته ڀڄي! پوءِ (ٺٽي- سيوهڻ طرف جي سمن يا سندن سردار) سمي ڏانهن ٻهه، مڇي ۽ لوڙهه سوکڙي ٿي ويندا. (ڇاڪاڻ جو درياهه هاڪڙي واري وهڪري مان سير ڪري وهندو ۽ ٺٽي واري پاسي ايترو پاڻي ڪونه ويندو جو اُتي ٻهه، مڇي ۽ لوڙهه ٿين.)

(ب) اي ماڙهُوئا! (سمن جي نئين وسايل) ٺٽي شهر (جي شاهوڪاري ۽ رونق) جي آسري متان وجي اُن طرف ويهو، جو اُتي پاڻي به ڪونه ملندو. هاڪڙو درياءُ ڇاڻ وري پرجي وهيو. اِنهيءَ ڪري چڱو ائين ٿيندو ته) پُراڻ جي پريان وڃي پنهنجا نوان گهر اڏيو. جتي وري وڏيون آباديون ٿينديون.

”لاکا لهراڻي لهر بحر جا سائين.“

هيءُ پهاڪو لاکي ڦُلاڻيءَ جي نالي پُٺيان مشهور ٿيو آهي. هو مشهور سخي هو ۽ ذڪڻ سنڌ توڙي ڪڇ ۾ راڄ ڪندو هو. سنڌ ۾ مهاڻا درياءَ ۾ ٻيڙي هاڪارڻ کان اڳ لاکي کي ياد ڪري اِهو پهاڪو چوندا آهن.

”آيا مير، ڀڳا پير“.

عبدالڪريم سنديلي هن تاريخي پهاڪي کي هيٺينءَ ريت سمجهايو آهي. (I) ”جڏهن ڏاڍا اچن، تڏهن هيٺا ويهي نه سگهن.“

سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي صاحبي 1701ع کان 1782ع تائين هلي. ڪلهوڙن کي ’ميان‘ ۽ ’پير‘ به ڪري سڏيندا هئا، ڇاڪاڻ ته ڪين ڪيترائي مُريد هئا. اڄا تائين پير ميان شاهه محمد عباسي (تعلقو قمبر، ضلعو لاڙڪاڻو) ۽ پير ميان الياس عباسي (تعلقو ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو) جي مقبرن تي سوين سالڪ رهن ٿا ۽ پنهنجون باسون باسيندا رهن ٿا.

جڏهن ڪلهوڙن جي حڪومت ڪمزور ٿي، تڏهن مير ٽالپور حاڪم ٿيا ۽ ”پير“ (ڪلهوڙا) ٻجي ميدان ڇڏي ويا.

هن ساڳئي ٻهاڪي جو بنياد انيس ڊبليو فئلن هن ريت ڏنو آهي:

ميرڪي آني پير ڀاگ جاتي هين. ٻڙي هُنرمند ڪي سامني چوٽي ڪي دال نهين گلتي. اِسڪي ڪٿا هئ ڪِ امروهه ۾ شيخ مدد يا ميران جي نامڪ* ايڪ ويڪتي رهتا ٿا. وهه بلڪل اشِڪشت ٿا. ڦِر ڀي اپني ڪو علم تسخير يا جيوتش ۾ نپُڻ بتاتا ٿا. ايڪ دِن ڪيت ۾ اُسي ايڪ ديپ ملا، جس ۾ ايڪ ساٿ چار بتيان جلتي ٿين. اُسي اپني گهر لي جا ڪر اُس ني جلايا، تو اُس ڪي سامتي چار جِن آڪر ڪڙي هوگئي. اُنهين ديڪ ڪر وه ڀئہ ڀيت هوگيا اور ديپڪ ڪو بُجهاني ڪِي ڪوشش ڪرني لگا. ليڪن جن نهين ٽلي. بولي، همين ڪُڇ ڪام بتائو. شيخ بدچلن ٿا. اُس ني جنوُن سي ايڪ خوبصورت عورت لاني ڪو ڪها. جنون ني تُرت ويسا هي ڪيا. ڪِنتو اُس عورت ڪي ساٿ شيخ ني جب دُراچار ڪرنا چاها تو جنون ني بتايا ڪِ وي تب هي اُس ڪِي بات مانينگي جب تڪ وه صحيح راستي پر رهيگا. پر وه اُس سُندري ڪو بار بار بُلاتا رها. انت ۾ وه بي قابُو هو ڪر سُندري ڪي طرف بڙها. تب جنون ني اُسي مار ڊالا. مرڪر وهه بڙا پير هوئا اور لوگون ڪي سِر آني لگا. اور ڀي بُهت سي پير هوئي هين. ليڪن جهان شيخ مددُو پهنچتا هين، وهان دوسري پير ٺهر نهين پاتي. اِس شيخ مددو ڪي ايي ڀي اَمروهي ۾ درگاهه بني هئ اور لوگ زيارت ڪرني اُس ڪي درگاهه پر آتي هين.[1]

”ميرن جي ڦِتي گهر مان.“

هيءَ چوٽي سنڌ جي آخرين مسلمان ميرن يا ٽالپرن طرف اِشارو ڪري ٿي. اُهي پاڻ ۾ پيا وڙهندا هئا، جنهن جو فائدو وٺي انگريز

* نامڪ: نالي. اَشڪشت: اڻ پڙهيل. نپڻ: هوشيار. ديپ: ڏيئو. ڀئہ ڀيت: ڊڄي وڃڻ. سندري: حسينا.

1. فئلن، هندستاني ڪهاوت ڪوش، نيشنل بُڪ ٽرسٽ، نئي دهلي.

جنرل سر چارلس نيپيئر 1843ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو.

"ڪنن جي ڳالهين مير بجار مارايو."

معنيٰ تہ سُس پُس يا لِڪ ڇِپ جي ڳالهين مان خراب نتيجا نڪرن ٿا. جڏهن مير بجار خان 1190 هجري مطابق سن 1777ع ۾ حج تان واپس آيو، تڏهن چئن هزارن بلوچن ۽ ٻين قومن کيس مجبور ڪيو تہ ميان غلام نبيءَ سان جنگ ڪجي، ڇاڪاڻ تہ هُن مير بجار خان جي پيءُ مير بهادرخان کي مارايو هو. آخر عمرڪوٽ ڀرسان جنگ لڳي، جنهن ۾ ميان غلام نبي مارجي ويو ۽ سندس لاش حيدرآباد آندو ويو. مير بجار سنڌ جي حڪومت پاڻ قبول نہ ڪئي ۽ اُن غلام نبيءَ جي ڀاءُ ميان عبدالنبي ڪلهوڙي کي اُتي جو حاڪم ڪيو.

هينئر ميان عبدالنبيءَ کي، مير بجار خان کان هر وقت خوف رهندو هو تہ مُبادا وجهہ وٺي کيس مارائي، ڇاڪاڻ تہ مير بجار خان، وزير هو ۽ صحيح معنيٰ ۾ حڪومت جو چرخو ئي پاڻ هلائيندو هو ۽ ميان عبدالنبي نالي ماتر ئي حاڪم هو. تنهنڪري ميان صاحب کي اِهائي آنڌ مانڌ هُئي تہ ڪنهن بہ طريقي سان مير بجار خان جو انت آڻجي. آخر هُن جوڌپور جي مهاراجا وڄئہ سنگهہ کي عمرڪوٽ ڏيڻ جو واعدو ڪري، مير بجار خان جو قتل ڪرائڻ تي کيس آماده ڪيو. مهاراجا وڄئہ سنگهہ، بہ راٺوڙ هرناٿ سنگهہ ۽ محڪم سنگهہ، وڪيل ٻٽائي خط سان ميان عبدالنبيءَ طرف جوڌپور مان حيدرآباد لاءِ روانا ڪيا.

تاريخ سنڌ، جلد ششم (عهد ڪلهوڙا) حصہ دوم، غلام رسول "مهر" صفحي 790 کان 796 تائين اڳتي لکي ٿو تہ: "ٻن راٺوڙن سان ٻيا بہ ڪي ماڻهو هئا. اُهي ڪيترائي ڀيرا ميان صاحب ۽ مير بجار سان الڳ الڳ مليا. هڪ دفعي اُنهن مير کي عرض ڪيو تہ اسان جي مهاراجا سان اِجهوئي هينئر خط آيو آهي. اُن ۾ اهڙيون ڳالهيون لکيل آهن، جي اوهان کي اڪيلائيءَ ۾ ئي ٻڌائي سگهبيون. خط ۾ لکيل آهي تہ ميان عبدالنبي اوهان جي خلاف ڪيئي خط

مهاراجا کي لکيا آهن. مهاراجا جو خط هنديءَ ۾ آهي. جيئن ته اوهان مان ڪوبه هندي نه ڄاڻندو آهي، تنهن ڪري اجازت ملي ته اسان ان جي خُلاصائيءَ ۾ هيءُ خط پيش ڪريون. مير صاحب سيني کي ٻاهر ڪڍيو ۽ فقط هڪ ملازم ايسر کي پاڻ وٽ رُڪيائين. هڪ وڪيل، مير جي پرسان اچي ڪري خط پڙهڻ لڳو. پڙهندي پڙهندي دوکيبازيءَ سان ٻڌايائين ته، هي لفظ منهنجي سمجهه ۾ نٿا اچن. ائين چئي هُن جهٽ ۾ وڪيل کي به گهرائي ورتو. اهڙيءَ طرح اُنهن ٻنهي مير کي خط پڙهڻ ۾ رڌل رکي، اوچتو ئي اوچتو مٿس تلوارن جا وار ڪرڻ شروع ڪيا. جيتوڻيڪ مير صاحب زخمي ٿي چڪو هو، ته به اڪيلي ئي ٻنهي کي ماري وڌائين.

"الله ڏيوَئي، ميان ڏيوَئي، صحبت نه ڏيوَئي."[1]

معنيٰ انڪاري ٿيڻ، نابري وارڻ. چون ٿا ته ڪلهوڙن جي وقت ۾، حڪومت طرفان چانڊڪا پرڳڻي جي ڪنهن حصي جو صحبت خان ڪاردار يعني مختيارڪار هو. صحبت خان ايتري قدر بخيل (ڪنجوس) هو جو ڪنهن کي به مانيءَ ٽڪيءَ جي صلاح نه ڪندو هو ۽ نه وري ڪا خير خيرات ئي ڪندو هو. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته هڪ فقير صحبت خان کان خيرات گهرڻ ويو. صحبت خان ٻيهڻ ئي ڪانه ڏنس. فقير چيو ڪيو جو وقت جي ميان صاحب (ڪلهوڙي حاڪم) ڏانهن خيرات لاءِ ويو. ميان صاحب فقير کي خيرات ڏيئي راضي ڪيو. فقير عرض ڪيو ته، "سائين! اوهان جي خيرات اگهي، پر صحبت خان ڏي به هڪ اکر لکي ڏيو ته اُهو به مون مسڪين ٻچڙيوال جي مدد ڪري." ميانَ صاحب فقير کي صحبت خان ڏانهن هڪ خط لکي ڏنو. جڏهن صحبت خان اهو خط پڙهيو، تڏهن به خيرات ڏيڻ کان پڙ ڪڍي ويٺو. چيائون، "الله ڏيوئي، ميان ڏيوئي، صحبت نه ڏيوئي." يعني الله توکي ڏني، ميان (ڪلهوڙو حاڪم) توکي ڏني، پر مان صحبت توکي ڪجهه به نه ڏيندس.

1. سنڌيلو عبدالڪريم، پهاڪن جي پاڙ، لاڙڪاڻو، 1966ع، ص 07.

"جمن چارڻ وارو سوال آهي."

سنڌ جي ضلعي خيرپورميرس ۾ جمن نالي ذات جو هڪ چارڻ رهندو هو. هو نابين، مسڪين ۽ ڪمزور پڻ هو. هن کي اکين جي روشني ۽ هڪ اولاد جي تمنا هئي. پنهنجي هن خواهش کي پوري ڪرڻ لاءِ هو حضرت پيران پير علي رحمت جي مزار تي ڳائيندو هو تہ، توکان مگن، هڪڙو پسر. آخرڪار هڪ ڏينهن جُمن جي پڪار پير جي در تي قبوليت ٿي ۽ ڪيس آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ جيڪڏهن تون هڪڙو سوال گهرندين تہ اهو پير جي در تي قبول پوندو. جمن هي سوال ڪيو: "ماڙيءَ تي نُنهن، ڏُڌ ولوڙيندي ڏسان."

هيءُ هڪ وڏو سوال هو، جنهن ۾ جمن جا سيئي مطلب اچي وڃن ٿا. پهرين ڳالهہ تہ هو پاڻ وري جوانيءَ ۾ پير رکي، ٻي ڳالهہ تہ کيس پٽ ٿئي، ٽين ڳالهہ تہ پٽ جي شادي ٿئي ۽ چوٿين ڳالهہ تہ پٽ جي زال يعني سندس نونهن ماڙيءَ تي چڙهي ڏڌ ولوڙي. هنن چئن ڳالهين جو آڌار هُن هڪ سوال جي شڪل ۾ گهريو. انهيءَ ڪري عام ماڻهن ۾ اهو واقعو چوڻيءَ جي روپ ۾ مشهور ٿي ويو تہ، "جمن چارڻ وارو سوال آهي."

"چانڊيا مگسي آهن."

معنيٰ، هڙ ڪپ ويري آهن. وڏا دشمن آهن. هيءُ پهاڪو، چانڊڪا پرڳڻي جي پيدائش آهي، جنهن کي هينئر لاڙڪاڻو ضلعو چون ٿا. چانڊيا ۽ مگسي، ٻئي بلوچ قوم جا جابلو ماڻهو آهن ۽ هڪ ٻئي سان دنگئي پلئي پڻ آهن.

هڪ روايت مطابق، جڏهن چانڊڪا جاگير، ميان آدم شاهہ (عباسي) ڪلهوڙي کي مغلن کان ملي، تڏهن سندس ڪارپرداز غيبي خان هو. اُن وقت جهل رياست جو سردار زئي خان هو، جنهن کي عام طرح مگسي خان ڪري چوندا هئا. جهل جو پرڳڻو پوءِ ميان شاهل محمد عباسيءَ هٿ ڪيو، سو بہ چانڊين جي مدد سان. ميان شاهل محمد عباسيءَ جي ڪاهہ جو فقط اِهو سبب هو جو مگسي ميان جي فيصلن

موجب نہ هلندو هو. اِن ڪي ميان صاحب پنهنجي بيعزتي سمجهندو هو. تڏهن ٻہ، چانڊيا توڙي مگسي، ٻئي سندس مريد بہ هئا. مگسين ڪي اِنهيءَ تي مِنيان لڳي تہ گهگهيرن (ساڳيو گهگهو ڊڪيندڙ ۽ هم ذات يا بلوچن چانڊين) ميان شاهل محمد جي جُرچ تي اسان تي چڙهائي ڪئي. جيتوڻيڪ مگسي، ظاهر طور خاموش رهيا، پر اندروني طرح منصوبا سٽيندا رهيا تہ ڪهڙيءَ ريت بہ چانڊين کان وير وٺجي. انهيءَ ڪري ٿوري تان پاڻ ۾ پيا اٽڪندا هئا.

سندن عداوت جو ٻيو سبب اهو معلوم ٿي سگهيو آهي تہ چانڊڪا جو هڪ امير ماڻهو، جهلَ رياست مان هڪ خانداني ڇوڪري ڪڍي آيو. مگسين وري ڏهہ ڇوڪريون آنديون. اِنهيءَ ڪري گويا جهنگ ڪي باهہ لڳي ويئي. ٻنهي جي وچ ۾ وڏو جهيڙو ٿيو، جنهن ۾ ايترا ماڻهو مئا جو ميدان ئي رت سان رڱجي ويو. اِنهيءَ واقعي ڪي تر جا ماڻهو ”ماهوُ“ سڏڻ لڳا. آخر ٻنهي ڌرين جو فيصلو، ميان شاهل محمد جي جرڳي ڏنو تہ، ”ڏهہ چاندڪي ويک زهداني برابر شُدهہ“. معنيٰ تہ چانڊين جي هڪ ڇوڪري مگسين جي ڏهن ڇوڪرين برابر آهي.[1]

”جتي جتي ڪيجڙي، اُتي اتي گوگو چوهاڻ.“

سنڌ ۾ راجستان جي علائقي جي شخصن متعلق ڀاڪن جي دنيا ۾ گوگو چوهاڻ تمام گهڻو مشهور ٿي ويو آهي. سنڌيءَ ۾ مشهور هي ڀاڪو راجستاني ٻوليءَ ۾ هن ريت ملي ٿو: ”گانوَ گانوَ گوگو، ني گانوَ گانوَ ڪيجڙي“. معنيٰ ڳوٺ ڳوٺ ۾ گوگو آهي ۽ ڳوٺ ڳوٺ مڪيجڙيءَ (ڪنڊي جو وڻ) آهي، جيڪو ٿر ۽ راجستان ۾ عام آهي، جنهن ۾ سڱريون ٿينديون آهن.)

راجستان ۾ گوگو چوهاڻ جي پوڄا ديوتا جي شڪل ۾ ٿيندي آهي. جنهن ڪي بہ نانگ ڏنگ هڻندو آهي، تنهن ڪي گوگي جي نالي جو سڳڙو ٻڌبو آهي. گوگي جو استان (رهڻ جو هنڌ) ڪيجڙي ڪنڊيءَ جي

1. سنڌيلو، عبدالڪريم، ڀاڪن جي پاڙ، لاڙڪاڻو، 1966ع، صفحو 64.

وڻ جي پاڙ ۾ هوندو آهي. ڳوٺن ۾ جنهن به گهر ۾ نانگ نڪرندو آهي ته هُو گوگي کي ياد ڪري کير جا ڇنڊا هڻندو آهي. هو مينهن واري مهيني ۾، مينهن وسڻ کان پوءِ جنهن ڏينهن هر هلائڻ شروع ڪبو آهي ته گوگي جي نالي وارو نوَن ڳنڍين وارو سَڳڙو جنهن کي ”گوگو رکڙي“ چئبو آهي، هر ۽ هاريءَ کي ٻڌبو آهي ۽ بار بار چئبو آهي: ”هلي بالدي گوگو رکوالو.“[2]

”رامديو جا چيلا ڍيڍ ۽ چمار.“

مارواڙ علائقي ۾ رامديو نالي هڪ وڏو بهادر شخص ٿي گذريو آهي. پٺروَ نالي هڪ ڪميٽي شخص کي مارڻ بعد رامديو چوطرف مشهور ٿي ويو. هندو ۽ مسلمان سڀيئي هن کي ”رامشاهه پير“ يا ”راماپير“ جي نالي سان پوڄڻ لڳا. 1572ع ۾ رامديو مارواڙ علائقي جي روڻيچا ڳوٺ ۾ جيئري سماڌي (پاڻ دفن ٿيڻ) ورتي. تنهن کان پوءِ هو راماپير ديوتا طور مشهور ٿي ويو ۽ سندس نالي سان اڄ تائين ميلا ملاکڙا لڳندا آهن. هُن کي پوڄڻ وارن ماڻهن ۾ گهڻو ڪري هندُن جي گهٽ ذات جا شخص ايندا آهن. انهيءَ ڪري سنڌ ۾ اهو پهاڪو مشهور ٿيو ته، ”رامديو جا چيلا ڍيڍ ۽ چمار“ معنيٰ ته رامديو جا سڀيئي ڀڳت (چيلا يا مُريد) چمار يا ڍيڍ ئي آهن. راما پير جا پوڄاري، ساڌو پڻ چمار ٿيندا آهن. راماپير تي ڊاڪٽر سشيلا موٽوانيءَ سنڌيءَ ۾ هڪ تحقيقي مقالو لکيو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريل آهي ته سنڌ جي ٿرپارڪر ضلعي ۾ ۽ ڀين هنڌ پڻ راماپير جا گهڻيئي مندر آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ شخصن سان متعلق پهاڪن ۾ گهڻو ڪري مردن جي نالن سان واسطو رکندڙ پهاڪا آهن. پر ڪجهه پهاڪا اهڙا به آهن، جيڪي زالن سان متعلق آهن. جيئن ته:

”پوپان ٻائيءَ جو راڄ آهي.“

معنيٰ، انڌيرگردي، سينه زوريءَ جو زمانو آهي. سنڌيءَ جي

---

2. سهل، ڪنهيا لال، راجستاني ڪهاوتين، 1958ع، دهلي، صفحو 108.

لوڪ گيتن ۾ پوپان ٻائي سيٺ زوريءَ ۽ انڌير گرديءَ جي علامت جي شڪل ۾ مشهوري حاصل ڪئي آهي. سنڌي لوڪ گيتن ۾ هڪ سِٽ مشهور آهي: ”نڪر نوڀر پاسي ڪريو، پوپان منهنجي نچي“. معنيٰ تہ ميدان صاف ڪري پوپان کي کلي جڳھ ڏيو تہ هوءَ نچي پنهنجو جلوو ڏيکاري. پوپان ٻائيءَ جو نالو، نہ رڳو سنڌ ۾ پر گجرات، مالوا، راجستان ۽ مڌيہ پرديش ۾ بہ ساڳي شڪل ۾ مشهور آهي. راجستاني ٻوليءَ ۾ ساڳيو پهاڪو هن ريت ملي ٿو: ”راج پوپانِ ٻائي رو، ليکو رائي رائي رو.“ ۽ ”پوپان ٻائي پرگڻ هوونئي، نوي چلاوئي ريتِ.“[1]

بانڪيداس گرنٿاولي (ٻيو ڀاڱو) جي صفحي 20 تي لکيل آهي تہ، ”پوپان ٻائي هڪ ڪنٻر جي زال هئي، جيڪا ڪنديلي راڄ جي جيپور نالي علائقي ۾ تمام گهڻي مشهور شخصيت هئي. سندس راڄ ۾ هرڪو فصل هڪ ئي اگھہ تي وڪامندو هو. هوءَ پنهنجي بد مزاجيءَ جي ڪري سوريءَ تي چاڙهي ويئي هئي. گڻپت لال جوشيءَ جي لکڻ موجب، پوپان ٻائي گجرات جي راڄ گهراڻي ۾ پيدا ٿي هئي. گجرات جا راجا پنهنجي فراخدليءَ سبب مشهور هئا. پوپان جي دل انهن سڀني کان فراخ هئي، جنهن جو غلط فائدو سندس نوڪرن کنيو. نتيجي طور راجائن جي مانَ- مرتبي ۽ اوج ۾ گهٽتائي اچي ويئي. مڌيہ پرديش جي لوڪ روايت ۾ پڻ پوپان ٻائيءَ کي ڪنٻر جي زال چيو ويو آهي، پر راجستان ۽ مڌيہ پرديش جي پوپان سان تعلق رکندڙ ڪهاڻين ۾ تفاوت آهي.

### (2) وارداتن متعلق پهاڪا:

زندگيءَ ۾ واقعن ۽ وارداتن جي پنهنجي اهميت آهي. زندگي وهندڙ پاڻيءَ مثل ٿئي ٿي. جيئن پاڻيءَ ۾ روڙا، پٿريون، پٿر، چيڪي مٽي، واري ۽ ٻيون ڪيتريون ئي رڪاوٽون اچن ٿيون، پر انهن جو ڪوبہ اثر اصل وهندڙ پاڻيءَ تي نہ ٿو ٿئي، ۽ اُهو لڳاتار وهندو ٿو

1. سهل، ڪنهيا لال، راجستاني ڪهاوتون، 1958ع، دهلي، صفحو 108.

رهي. ساڳيءَ ريت زندگيءَ جي هن وهڪري ۾ وارداتون ٿين ٿيون، پر هرڪو شخص ان مان پار پوي ٿو.

جهوني وقت کان وٺي عام زندگيءَ سان وابسته وقعن واردانن جو ذڪر سيني بسيني هلندو پيو اچي. پوءِ ڪي پارکو شخص اُنهن واردانن کي سجاڻي اُنهن مان املهه موتي سجائي سهيڙي قلمبند ڪن ٿا ۽ پوءِ انهن جي آثار تي وقت جي رفتار سان هلندي پهاڪن جي تعمير ٿئي ٿي.

هت رڳو اُنهن واردانن سان واسطو رکندڙ پهاڪن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جن جو بنياد ڪن تاريخي يا نيم تاريخي واقعن تي ٻڌل آهي ۽ جن جي باري ۾ ڪافي خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ته اُهي ٿيل واردانن رقت يا اُنهن کان ڪجهه وقت پوءِ ٺهيا هوندا. سنڌيءَ ۾ واردانن سان واسطو رکندڙ پهاڪا هن ريت ملن ٿا:

”اهڙي جُٺ ڪيائينس، جهڙي ٻُرڙي ڪئي ٻارن سان.“[1]

معنيٰ تمام گهڻي خراب هلت ڪرڻ. هڪ دفعي، ٻرڙو (مسلمانن جي هڪ ذات) پنهنجي دوست جي گهر مهمان ٿي ويو. صبح ساڻ مهمان کي نيرڻ ڪرائي گهر جا ڀاتي پنهنجن ڪمن تي ويا ۽ مهمان کي چيائون ته ٻارن جي سنڀال ڪج. اڃا اڌ ڪلاڪ مس گذريو ته ٻارن روئڻ شروع ڪيو. ويچاري مهمان، گهڻوئي پرچايو، پر هُو ماٺ ئي نه ڪن. جڏهن مهمان کان ڳالهه زور وٺي ويئي، تڏهن ٻارن کي گُنديءَ (اناج رکڻ جو هنڌ، ڪوٺي) ۾ وجي وجهي ڇڏيائين. منجهند جو جڏهن گهر جا ڀاتي ڪم تان موٽيا، تڏهن مهمان کان ٻارن بابت پڇيائين. مهمان ڪيس گُنديءَ جو ڏس ڏنو. ٻارن سان ٿيل اهڙي اڻ-سُهائيندڙ ڳالهه کي ڏسي ڪنهن چيو ته، ”اهڙي جٺ ڪيائينس، جهڙي ٻرڙي ڪري ٻارن سان.“

”اُهي ٽُنيا ئي مري ويا، جيڪي گهٽا(گهيٽا) ڏيندا هئا.“[2]

1. سنڌيلو، عبدالڪريم، پهاڪن جي پاڙ، 1966ع، لاڙڪاڻو، صفحو، 18.
2. سنڌيلو، عبدالڪريم، پهاڪن جي پاڙ، 1966ع، لاڙڪاڻو، صفحو، 18.

معنيٰ سُکي، فراخ دل شخصن جي تعداد ۾ ڪمي اچڻ. ٽُنيا، حضرت غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتانيءَ (566 کان 666 هجريءَ) جا مريد آهن، جيڪي پاڻ کي فقير سڏائين ٿا.

ملتان وارن بزرگن جا ڪيترائي خدا رسيده سنڌ ۾ ٿي گذريا آهن، جن مان ڪيترن تي زبردست ميلا لڳندا آهن. جيسلمير جي هندو راجا جو راجڪمار، حضرت غوث بهاءُالدين جي بيعت حاصل ڪري مسلمان ٿيو هو، جنهن کي روحاني فيض کان مالامال ڪري پوءِ حڪم ڏنائين ته سنڌ ۾ وڃي رَهه ۽ روحانيت جي تبليغ ڪَر. مخدوم عبدالله پراڻن هالن ۾ اچي رهيو ۽ وڏو فيض بخش بزرگ ٿي گذريو هو.

سنڌ ۾ غوث صاحب ۽ ان جي جانشينن جا مقرر ڪيل ڪيترائي خليفا هئا. جيئن ڄام ڏاتار، سخي داد واهي، درويش سيهَڙو، مخدوم عبدالرحمان وغيره. ٽُنيا فقيرن مان به ڪي خليفا هوندا هئا، جيڪي ڳوٺ ڳوٺ مان مريدن کان گهيٽو وٺي پيرين پيادا مرشد سائين حضرت غوث بهاءُالدين ذڪريا ملتانيءَ جي درگاهه شريف تي ويندا هئا. اُنهن خليفن سان گڏ، هزارين ماڻهو به شامل هوندا هئا. محترم الله بخش تنيو فقير جي روايت موجب: 1920ع کان خليفن پيرين پيادو گهيٽن نيڻ جو رواج بند ڪيو. هينئر ته سنڌ مان پيرين پيادو ڪوبه ڪونه ويندو آهي. جنهن سڄڻ کي درگاهه شريف تي زيارت ڪرڻ جو شوق ٿئي، سو ريل تي چڙهي وڃي پنهنجو نذرانو ڏيئي ايندو آهي.

هينئر جيئن ته هرڪو پنهنجيءَ ۾ ئي پورو آهي، تنهنڪري اهڙو ڪوبه ٽُنيو فقير ڪونه آهي، جو پيرين پيادو گهيٽو ڏيئي اچي. ٽُنين جي اها حالت ڏسي ڪنهن اها سٽ چئي ڏني، جيڪا آهستي آهستي پهاڪو بڻجي پيئي.

"چٽي چنيجن جي، وڃي پُرڻ تي پيئي."[1]

مطلب ته جڏهن هڪ جي مصيبت ٻئي تي اچي پئي، تڏهن ائين چئبو آهي. چنيجا ۽ پُرڻ، موري تعلقي (ضلعي نوابشاهه) ۾ به ڳوٺ

1. سنديلو، عبدالڪريم، پهاڪن جي پاڙ، 1966ع، لاڙڪاڻو، صفحو، 66.

آهن، جيڪي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون آهن. چنيجن ۾ هڪ هندو سيٺ رهندو هو، جنهن جي ڪن ماڻهن سان اٽبٽت ٿي پيئي. اُنهن ماڻهن کي هر وقت اهو خيال رهندو هو تہ سيٺ جو سِرُ ڪٽجي. هڪ دفعي سيٺ جي گهر ۾ ڌاڙو هڻڻ ويا، پر رات جي اونداهيءَ ۾ رستو ڀلجي، وجي ٻُرڻ تي ڪڙڪيا. ڌاڙو تہ هنيائون پر سندن مطلب پورو نہ ٿيو. انهيءَ واقعي کي ڏسي ڪنهن چئي ڏنو: "چنّي چنيجن جي، وجي ٻُرڻ تي پيئي."

"لاهي لنگها ويهہ، آريجن مان آسرو،

ڀني پرائو ڏيهہُ، اچي ڪاۓ آريجن ۾."[1]

"آريجا" مسلمانن ۾ هڪ ذات جو نالو آهي، جنهن جي اثر هيٺ آريجا نالي سان ڳوٺ بہ آهي. هيءُ ڳوٺ لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏوڪري نالي تعلقي ۾ آهي. اُنهيءَ ڳوٺ ۾ مخدوم شهاب الدين نالي بزرگ، ڪلهوڙن جي آخرين دؤر ۾ رهندو هو، جو پنهنجي وقت جو ڪامل ولي هو. مخدوم صاحب غيرشرعي ڪمن جي اجازت ڪونہ ڏيندو هو. ايتري قدر جو، آريجن ۾ شاديءَ تي بہ نہ ڍُهل وڄندو هو ۽ نہ وري محفل ۾ ناچ وغيره ٿيندو هو. ڳوٺ ۾ هندُن جو بہ هڪ ٽڪاڻو هو، پر اُتي بہ نغارا ۽ ڏڪڙ وغيره نہ وڄايا ويندا هئا.

اتفاق سان، اُتي هڪ لنگهن جو گهر اچي وينو، جن کي اها حقيقت معلوم ڪانہ هئي. هنن رات جو شهنائيءَ ۽ دهلن جو آواز ڪيو. قدرت سان سندن شهنائي ڀڄي پيئي ۽ دهل بہ ڦاٽي پيو. جڏهن کين ان قصي جي خبر پيئي، تڏهن اچي مخدوم صاحب کان معافي گهريائون. ان تي اُتي وينل ماڻهن مان ڪنهن مٿي ڏنل ڀهاڪو چئي ڏنو.

راهوجن ۾ رات، قادر ڪنهن جي نہ وڃهي."[2]

سنڌ ۾ راهوجن جا ڪيترائي ڳوٺ آهن، پر هيءَ ڀهاڪو تعلق رکي ٿو 'ڪڇي' وارن راهوجن سان. مديجيءَ جي پرسان، ڪڇي ۾

1. سنديلو، عبدالڪريم، ڀهاڪن جي ڀاڙ، 1966ع، لاڙڪاڻو، صفحو، 127.
2. سنديلو، عبدالڪريم، ڀهاڪن جي ڀاڙ، 1966ع، لاڙڪاڻو، صفحو، 97.

راهوجن جو هڪ ڳوٺ آهي. ڪنهن وقت ۾ هڪ سيد ان ڳوٺ ۾ وڃي نڪتو. ڪنهن سان بہ واقفيت نہ هئڻ جي ڪري وڃي مسجد جو پاسو ورتائين. ڪاڻڻ لاءِ رات جو پترو پَٽُ مليس، تنهن ڪري سندس اندر نہ نريو. ان ڪان سواءِ هڪ گرمي، ٻيو هُبس ۽ ٽيون وري ڪچي جا مڇر. سڄي رات هن لُڇندي گذاري. هُو صبح جي نماز پڙهي جڏهن موڪلائڻ لڳو تہ جماعت جي ماڻهن چيس تہ قبلا مهرباني ڪري هڪڙي ٻي رات بہ رهو. ان تي شاهہ صاحب چئي ڏنو تہ: "اَبا، راهوجن ۾ رات، قادر ڪنهن جي نہ وجهي."

ڪن عالمن جو خيال آهي تہ اهو حقيقت ۾ شاهہ عبداللطيف هو، جو فقيرن سان گڏ راهوجن ۾ رهيو ۽ اُتي جي حالت ڏسي هيءُ بيت چيائين:

راهوجن ۾ رات، قادر وجهي نہ ڪنهن جي،
رنون رب رلايون، آهر اڳلي واٽ،
پليجن ڪان پاٽ، پرجي آئي پٽ جي.

چون ٿا تہ راهوجن جي زالُن شاهہ صاحب جي فقيرن سان چرچا ڪيا هئا، ۽ شاهہ صاحب جي هڪ عقيدتمند، پليجن جو ڳوٺ مان پٽ جي پاٽ پرائي آندي هئي. شاهہ صاحب پنهنجي بيت ۾ اهڙي ئي وضاحت ڪئي آهي.

### (3) نيم تاريخي لوڪ ڪٿائن متعلق پهاڪا:

سنڌ جي تاريخ جي اوائلي دور ۾ قصن ٻڌائڻ جو فن ڪافي اوج تي رسيل هو. سنڌ جي چارڻن ۽ ميراثين، منگتن ۽ مڱڻهارن، پنن ۽ پانن، لوڪ ڪٿائن ذريعي سنڌ جي سورهين جي عظمت، سخاوت ۽ عشقيہ داستانن کي مشهوري ڏني. هنن شان سان قصي جي ڪن پاڳن کي موجود لفظن، پهاڪن، گفتن ۽ مثالن کي سازن جي مدد سان ڳائي پنهنجي فن جو ڪمال ڏيکاريو.

وقت گذرڻ سان گڏوگڏ قصن ڪهاڻين کي ٻڌڻ جو وقت پڻ گهٽجڻ لڳو، پر انهن ۾ سمايل سچائي، آزمودن جي اثر هيٺ لوڪ

قصن، ڳاهن سان واسطو رکندڙ پهاڪن جي جنم ٿيو. پهاڪا ايترا تہ طاقتور ٿين ٿا، جن ڪي ڏسندي ئي خبر پوي ٿي تہ اُنهن جي اصل ۾ ڪهڙي ڪٿا آهي. گهڻو ڪري پهاڪن جي بنياد ۾ ڪا نہ ڪا ڪٿا ضرور هوندي آهي، جنهن جي اثر ڪري پهاڪا عام ماڻهن جي ذهن ۾ اُڪرجي ويندا آهن.

سنڌي ادب ۾ گهڻن ئي قسمن جي قصن جو ذڪر ملي ٿو. جيئن: عشق جا قصا، سورهيائيءَ جا قصا، اسماعيلي مَت جي پيرن جا قصا، ڏرمي قصا، سنڌونڊي بابت ڪٿائون، وغيره، پر اهو ڪو ضروري نہ آهي تہ هرڪنهن قصي مان پهاڪي جو جنم ٿيو هجي. هتي رڳو اُنهن لوڪ ڪهاڻين ۽ نيم تاريخي قصن جو ذڪر ڪبو، جن جو سڌو لاڳاپو پهاڪي جي بنياد سان آهي. سسئي پنهون، سهڻي ميهار، ليلا چنيسر، عمر مارئي، مومل راڻو ۽ نوري ڄام تماچي وغيره قصن مان ڪيترن ئي پهاڪن جو جنم ٿيو آهي. جيئن تہ:

"اچا اٿ ڪين سسئي".

مطلب تہ جڏهن ڪو ڏکيو پنڌ يا مسئلو درپيش ايندو آهي ۽ ماڻهو تڙ تڪڙ ۾ ڏُوڪي پوندو آهي، تڏهن ائين چئبو آهي. هن پهاڪي جي بنياد ۾ سنڌ جو مشهور قصو "سسئي پنهون" سمايل آهي. جڏهن پنهونءَ جا ڀائر سسئيءَ کي سُمهيل ڏسي رات جو چوريءَ سان پنهونءَ کي کڻي، ڪيچ ڏانهن روانا ٿيا هئا، تڏهن ويچاري سسئي صبح جو اُٿي پريشان ۽ بي حواس حالت ۾ ڀنڀور کي ڀاهہ ڏيئي اڪيلي، پيرن اگهاڙي پيدل ڏونگر ڏورڻ لڳي. هڪ تہ لنبي مسافري ۽ ٻيو ڏکيو پنڌ. تڏهن بہ ويچاري پنهنجي پنهون کي پائڻ لاءِ پيرين پنڌ پڄندي ويئي، پر ڀنڀور ۽ ڪيچ جي وچ ۾ گهڻو فاصلو هو. رستي جي پٿرن، رڻ ۽ جهنگ کي پار ڪرڻ لاءِ اُٺ کپندا هئا. پيرين پيادو ايتري مسافري ڪانہ ڪري سگهبي هئي، پر سسئيءَ تي پنهون جي عشق جو ايترو تہ گهڻو اثر هو جو هن اُٺن جي اچڻ جو بہ انتظار ڪونہ ڪيو ۽ پنهون کي ڳولهڻ پيرين پنڌ نڪري پيئي.

”دودو ڏوڙ چنيسر ڇائي.“[1]

ڀونگر سومري کي ٻہ زالون هيون. پهرين زال لوهارڻ مان هڪ پٽ چنيسر ۽ هڪ ڌيءَ ٻاگهل. ٻيءَ زال سومريءَ (ڏاڏي پوٽي) مان دودو هوس. دودو ننڍو پٽ هو. جڏهن ڀونگر مري ويو، تڏهن اميرن اُمرائن، وڏي پٽ چنيسر کي پڳ ٻڌائي. چنيسر چيو تہ، ”امان کان پُڇي اچان تہ پوءِ پڳ ٻڌندس.“ اِهو چئي مجلس مان اُٿي ڪڙو ٿيو. امير اُمرائن چيو تہ جيڪو ايتري ڳالهہ تي ماءُ کان پڇڻ ويو آهي تہ ملڪ ڪيئن هلائيندو؟ جنهن ڪري دودي کي پڳ ٻڌي تخت تي وهارايائونس. چنيسر موٽي پيشمان ٿيو ۽ گهر وڃي وينو. ڀيڻس ٻاگهل رات ڏينهن طعنن سان تپائي ڏنس.

”اڳي هيونسين ٻہ ڄڻيون، هاڻي ٿُري ٿياسين ٽي،
چرخو چندن عاج جو، امان آڻي ڏي.“

اهڙن طعنن چنيسر جي زندگي زهر ڪري وڌي. آخر ٻيو ڪو حيلو يا وسيلو نہ ڏسي، دهليءَ جي حاڪم علاءُالدين خلجيءَ ڏانهن ويو. محمد صديق پيرزادو ”تاريخ سنڌ“ قلمي نسخي جي صحفي 57 تي لکي ٿو: ”خلجيءَ کي عرض ڪيائين: هن چنيسر پنهنجي ڀيڻ ٻاگهل جو سڱ توکي ڏيڻو ڪيو آهي، مگر منهنجو ننڍو ڀاءُ دردو اعتراض ٿو وٺي. .... بادشاهہ سنڌ ڏي ايلچي موڪليو. جڏهن ايلچي وڳهہ ڪوٽ ۾ آيو ۽ سومرن کي خبر پيئي، تڏهن سومرن قاصد جا ٻئي ڪن پٽي ڪييا. قاصد موٽي دهليءَ ويو. پنهنجي قاصد جو اهڙو حال ڏسي وڏو ڪٽڪ سنڌ تي چاڙهي موڪليو. جتان جتان اُهو لشڪر گذري رهيو هو، اُتي جا ماڻهو پنهنجو ڳوٺ ڇڏي ڀڄي ٿي ويا. علاءُالدين جي ايڏي وڏي ڪٽڪ کي ڏسي عام چوٽي ٿي پيئي:

”ڪُتي ڀؤنڪندي، ڀَڄو نڪري ڀيس،
مري ويئي، پر لشڪر نہ ڪُتي.“

1. سنڌيلو، عبدالڪريم، پهاڪن جي ٻاڙ، لاڙڪاڻو، 1966ع، صفحو 86.

حمله آور اُباوڙي ۽ اروڙ جون جنگيون ڪٽي سکر پهتا ۽ چاندڪا کان پوء، حيدرآباد مان ٿيندا وڳهه ڪوٽ پهتا. اُتي سخت جنگ لڳي. ميدان رت سان رڱجي ريٽو ٿي ويو. آخر دودي ۽ چنيسر جا پٽ به مارجي ويا. جڏهن چنيسر جو پٽ ننگر (جو دودي جو نياڻو هو) مئو ته سُگهڙ چيو:

”هيءُ به شير شهيد ٿيو. سگهڙ ساران وڙ.“

چنيسر به ان جنگ ۾ خوب وڙهيو پر آخر ۾ قتل ٿي ويو. دودو، جنهن پهلوانيءَ سان علاؤالدين جي لشڪر ۾ ٽاڪوڙو وجهي ڏنو، تنهن لاءِ سگهڙ چوي ٿي ته:

”ديمِين سان دودو لڙيو، ڳجهي جيئن ڳجمير،
بيهي رهيو رڻ پونءِ ۾، مرد مثل هي مير.“

نتيجو اهو نڪتو جو نه چنيسر کي حڪومت ملي ۽ نه ئي دودي جي حڪومت هلي سگهي. اهو واقعو ڏسي ڪنهن چيو: ”دودو ڏوڙ، چنيسر ڇائي.“

”ٽانءُ ڪٽي هڪڙو، نڪر پڇي گهڻن تي.“[1]

مطلب ته ڏوهه ڪري هڪڙو ۽ ان جي عيوض ۾ ٻين کي ڀوڳڻو پوي. قصو مشهور آهي ته سسئيءَ جي مزار تي آيل هر مسافر کي ٻه مانيون ۽ هڪ ڪٽورو کير جو ملندو آهي. هڪڙي دفعي ڪو آيل مسافر کير پيئڻ بعد ڪٽورو پاڻ سان ئي ڪٽي ويو. ان کان پوءِ روٽي ته بادستور ملندي هئي، پر ڪٽوري جي بدران نڪر جي پيالي ۾ کير ملڻ لڳو. انهيءَ تان ڪنهن سالڪ چيو آهي ته، ”ٽانءُ ڪٽي هڪڙو، نڪ پڇي گهڻن تي.“

”ڪُتيءَ ڪائڻُ مجنون آهي.“[1]

هيءُ پهاڪو ليليٰ مجنونءَ جي مشهور قصي تي ٻڌل آهي. هڪ

---

1. سنديلو، عبدالڪريم. پهاڪن جي پاڙ، لاڙڪاڻو، 1966ع، صفحو 36.
1. سنديلو، عبدالڪريم. پهاڪن جي پاڙ، لاڙڪاڻو، 1966ع، صفحو 130.

دفعي مجنونءَ ليليٰ جي گهر جي سامهون هڪ وڻ هيٺ اچي پنهنجو آستانو اڏيو هو. هو هر وقت ليليٰ جي ياد ۾ مگن رهندو هو. کيس نہ ننڊ، نہ آرام ۽ زهر مثل سڀ قسم جو طعام. انهيءَ ڪري هُو روزانو بدن ۾ ڳرندو رهيو. جڏهن ليليٰ کي اها خبر پئي تہ مجنونءَ جو حال احوال جاڻڻ لاءِ هڪ ٻانهيءَ کي موڪليائين. هن موٽي اچي ليليٰ کي ٻڌايو تہ، "سائڻ! مجنون ويچارو ڳري ڪنڊا ٿي ويو آهي. فقط تنهنجي نالي جي سهاري تي ٿي جي رهيو آهي." مجنون جو اهو حال ٻُڌي ليليٰ جا تاڪ لڳي ريا. پوءِ تہ روزانو انهيءَ ٻانهيءَ جي هٿان وٽو کُٽيءَ جو مجنون ڏانهن موڪليندي هئي تہ هو ڪجهہ کائي ڪري آجو ٿئي، پر مجنون تہ ليليٰ جو پيارو هو. هن جو کُٽيءَ سان ڪهڙو مطلب؟ ساڳئي ڳوٺ ۾ هڪ چالاڪ فقير رهندو هو، جنهن کي اِن قصي جي ڪُڙڪ پئجي ويئي. سو هُن چا ڪيو جو اچي ٻئي وڻ هيٺ پنهنجو ديرو ڄمائي وينو. هُو جڏهن ڏسندو هو تہ مجنون کٽي نہ ٿو کائي، تڏهن اُهو فقير کُٽي کائي خالي وٽو چڏي ويندو هو ۽ ٻانهي صبح جو اهو خالي وٽو کٽي ويندي هئي. اهڙيءَ طرح هو فقير تہ ڏنڊو مشٽنڊو ٿي ويو ۽ ٻئي طرف مجنون وڃي هڏن جي مُٺ بچيو. ويتر مجنون جنهن وڻ هيٺ ويهندو هو، اُتان اُٿي وڃي ٻئي وڻ هيٺان وينو. ان کان پوءِ اُهو فقير وڃي مجنون جي جاءِ تي وينو، جنهن ڪري سندس ٻيگهي مچي ويئي. ڪجهہ وقت کان پوءِ ليليٰ خيال ڪيو تہ هاڻي مجنونءَ کي ضرور رتُ ماسُ چڙهي ويو هوندو. پڪ ڪرڻ لاءِ هڪ ٻي ٻانهي اُتي موڪليائين. اُن ٺئين ٻانهيءَ وڻ هيٺان مشٽنڊي فقير کي مجنون سمجهي ليليٰ کي چيو تہ، "مجنون تہ ڪَل کان ڦاٽي ٿو." ليليٰ کي عجب لڳو تہ عاشق ماس چاڙهيندا ٿي ڪونہ آهن، تہ هيءُ قصو ڪيئن آهي؟ روزانو کٽي پهچائيندڙ ٻانهيءَ کي پڇيائين تہ، "اَڄ هيءُ خاليءَ وٽي کڻي وڃ ۽ مجنون کي منهنجو نالو وٺي چئُ تہ پنهنجي خون سان هيءُ وٽي ڀري ڏي." ٻانهيءَ مجنونءَ واري جاءِ تي وينل فقير کي وڃي چيو تہ، "ليليٰ جو حڪم آهي تہ هيءُ وٽي پنهنجي رت سان ڀري ڏي". ان تي

هن فقير جواب ڏنو تہ، ”مان ڪُتيءَ ڪائو مجنون آهيان، رت ڏيندڙ مجنون هُن پئي وڻ هيٺان ويٺو اٿيئي.“ اهو چئي اُهو فقير اُتي هليو ويو جو سمجهائين تہ آئينده جا مال چُٽا، چاڪاڻ تہ ليليٰ ڪي حقيقت معلوم ٿي ويئي آهي.

”عمر وٺي وٺي مارئي ونندو، ٿر نہ ڪونہ ٿيلهيندو.“[1]

مارئيءَ وارا مارُو ماڙهو ملير واري ايراضيءَ ۾ گذر ڪندا هئا. سندن ابا ڏاڏا گجرات جا ٺاڪر هئا، جي زماني جي گردش ڪري ملير ۾ آيا هئا. چون ٿا تہ مارئي پنهنجي حُسن ۽ لڇڻ ۾ نِجي سون هئي ۽ مُرڪ ۾ بجليءَ وارو اثر هوس جو دل کي ڏوئي اُجاري ٿو ڇڏي. بدن هڪ سڌي سنئين هاني ۽ عضوا حسين ۽ ملائم ڪائي. هڪ پاڪ دامن هئي. توڙي ملير ملڪ، برسات بعد هڪ گلزار ٿي ڏنو، پر هيءَ ڪٽيري ڪنوار اِيندي اُنهيءَ گلزار ۾ بہ هڪ لاثاني گل هئي. اهڙي حسين ڇوڪريءَ جي هاڪ ٻُڌي عمر سومرو بادشاهہ مٿس اڻ ڏٺو عاشق ٿي ويو ۽ ملير ڳوٺ مان مارئيءَ کي زوريءَ ڪٽي ويو. تڏهن ڪن چيو تہ عمر ملير تي مٿان ٻيو بہ ظلم ڪري. اِن تي ڪنهن سياڻي چيو تہ عمر وٺي وٺي مارئي ونندو، ٿر تہ ڪونہ ٿيلهيندو. هن ڪي مارئي ڪپندي هئي، سا پڇائي ويو. پوءِ ملير جي ٻين ماڻهن سان هن جو ڪهڙو مطلب ٿيندو؟

هتي ڏنل مثالن کان سواءِ ڪي ٻيا بہ لوڪ ڪٿائن سان واسطو رکندڙ پهاڪا سنڌيءَ ۾ ملن ٿا. اهڙا ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

(1) لکين ليلائون چنيسر جي راج ۾. (ليلا چنيسر)
(2) آٿين ۽ چاڙهين ڏُٽ ڏِهاڙي سومرا. (عمر مارئي)
(3) ويئيءَ وهاٽيءَ دودوي ناناٽا آيا. (دودو سومرو)
(4) ناهي راٺو راڄ ۾ تڏهن مومل ٿي ماندي. (مومل راڻو)
(5) ڏونگر ڪهڙو ڏوهہ، جي ڏينهن ڏنگو مَ ٿئي. (سسئي پنهون)

---

1. سنديلو، عبدالڪريم، پهاڪن جي پاڙ، لاڙڪاڻو، 1966ع، صفحو 112.

(6) پُڇن جي ميهارن کان، پڇي سو ميهار. (سهڻي ميهار)
(7) اهڙوئي الله جو پورهيتون پيش ڪري. (ليلا چنيسر)
(8) اندر جن جو اڇ، ڏونگر سي ڏوريندين. (سسئي پنهون)

سنڌيءَ ۾ نصيحت آميز ڀارن جي آکاڻين به گهڻن ئي پهاڪن کي جنم ڏنو آهي. مثال طور:

(1) گدڙ ڊاک نہ پُڄي، آکي ٿُو کٽا.
(2) اُها ڪڪڙ ئي مري ويئي جيڪا سونا آنا ڏيندي هئي.
(3) پاڻيءَ منجهہ جهوپڙا، مورک اُڃ مرن.
(4) سياڻو ڪانءُ ٻہ ٽنگو ڦاسي.

سنڌي ادب ۾ اهڙا عام پهاڪا بہ ملن ٿا، جن جي بنياد ۾ عام مشهور آکاڻيون آهن. مثال طور:

(1) انوُد ڪسائيءَ واري ڪڏ.
(2) ايئن ڦاٽو جيئن ٻلو ڦاٽو مَٽ ۾.
(3) ايئن پڳو جيئن ڪاريءَ هينان ڪانءُ.
(4) گهوٽڻ مهل گم هئا، چاڙهڻ مهل چٽا،
پيئڻ مهل ايئن آيا جيئن علي مراد جا ڪتا.

**(4) قديمي حالتن متعلق پهاڪا:**

سنڌيءَ ۾ ڪافي پهاڪا اهڙا ملن ٿا، جن جو بنياد آڳاٽي سنڌ جون حالتون آهن. هتي انهن جا ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

عيسويءَ سن 712 ۾ محمد بن قاسم جي اڳواڻيءَ هيٺ، عربن سنڌ جي گهڻي حصي تي قبضو ڪري ورتو. اِن طرح عربن جي حڪومت سان گڏوگڏ سنڌ ۾ اسلام مذهب جي بہ شروعات ٿي. سنڌي ٻوليءَ تي عربي ۽ فارسي ٻولين جو اثر پوڻ شروع ٿيو. عربي ٻولي مسلمانن جي مذهبي زبان آهي، تہ فارسي سڄي هندستان ۾ مسلمان حاڪمن جي دؤر ۾ سرڪاري ڪاروبار ۽ لکپڙهہ جي ٻولي بڻي. اِن اثر ڪري هندستان جا گهڻيئي رهاڪو، هندو توڙي مسلمان فارسي ٻوليءَ جو اڀياس ڪرڻ لڳا تہ جيئن سرڪار ۾ ڪين سنو عهدو ملي سگهي.

سنڌ جي گهڻن ئي رهاڪن ٻه اهائي وات ورتي. ان تي پهاڪو مشهور ٿيو. "پارسي، گهوڙي چاڙهسي". (يعني فارسي پڙهندين ته گهوڙي تي چڙهي گهمندين). اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن ڪو پارسيءَ جو عالم سرڪاري نوڪري حاصل نه ڪري سگهندو هو، ته پوءِ ماڻهو عجب وچان چوندا هئا:

- پڙهي فارسي، وڪڻي تيل،
ڏسو هيءَ قسمت جو کيل.

سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت 1843ع ۾ شروع ٿي. ان کان پوءِ ٻه گهڻيئي سال سنڌ ۾ فارسي ٻوليءَ جو ٻول بالا هو. اِن ڪري اسان کي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تي فارسيءَ جو اثر نظر اچي ٿو.

لاڙڪاڻي شهر جو بنياد ڪيئن پيو. انهيءَ تي هيٺ ڏنل چوٽيءَ مان روشني پوي ٿي:

- هو قوم لاڙڪن جو هتڙي قديم ٺاڻو،
پيو نانءُ پوءِ ان تي لاڙڪ تان لاڙڪاڻو.

مطلب ته سنڌ جي انهيءَ خطي ۾ لاڙڪ ذات جا مسلمان رهندا هئا، جنهن تان اِن شهر کي لاڙڪاڻو سڏيو ويو. ڪن عالمن جي ويچار موجب سنسڪرت ۾ جنهن لانڪ ذات جو بيان اچي ٿو، اُنهن مان ئي ڪي مسلمان بڻيا ۽ سندن نالي ۾ 'ت' جو اچار بدلجي 'ڙ' ٿيو.

ڪلهوڙن جي ايامڪاريءَ ۾ لاڙڪاڻي جو شهر گهڻو اوج تي پهتو. اِن تي سنڌيءَ ۾ هيٺيون چوڻيون مشهور ٿيون.

- هجيئي ناڻو ته گهُمر لاڙڪاڻو، نه ته وت ويڳاڻو.
- ڳنڍ ۾ ڪٽي تون ناڻو، گهُمر خان لاڙڪاڻو.

سنڌ جي تاريخ جا ورق ورائبا ته معلوم ٿيندو ته آڳاٽي سنڌ تي گهڻو ڪري اُتر- اولهه طرف کان حملا پئي ٿيا. ان تي پهاڪو مشهور ٿيو ته:

- جڏهن ڪڏهن سنڌڙي، توکي قنڌارون جوکو.

اي سنڌ، تاريخ ۾ توتي وقت بوقت قنڌار کان حملا ٿيندا رهيا

آهن. افغانستان جي غزني شهر جو حاڪم ٻارهين عيسوي صديءَ ۾ هندستان تي ڪاهي آيو هو. هُو گجرات جي مشهور سومناٿ مندر کي لُٽي پوءِ سنڌ جي رستي کان واپس غزنيءَ ويو هو. وات تي هن سنڌ ۾ به ڦرلُٽ ڪئي هئي. ان کان پوءِ ارغون (1520- 1558ع) ۽ ترخان (1554-1592ع) سنڌ تي ڪاهي آيا هئا. هُو به افغانستان جا رهاڪو هئا.

"سنڌ موچڙن سان سِڌي آهي". هن چوڻيءَ مان به ظاهر آهي ته تاريخ ۾ ڌارين طاقتور حملي آورن گهڻيئي دفعا سنڌ تي حملا ڪري اُتي پنهنجي حڪومت برپا پئي ڪئي.

**گذريل زماني جا سِڪا ۽ ماپا:**

ڀارت جي آزاديءَ کان اڳ مسلمانن ۽ انگريزن جي حڪومت ۾ واپار ۾ جيڪي سڪا ۽ ماپا وهنوار ۾ ايندا هئا، اُهي اڄ ڪلهه جي سڪن ۽ ماپ جي ايڪن کان الڳ قسم جا هئا. اِنهن جي آڌار تي جيڪي پهاڪا ٺهيا آهن، انهن مان به اُن زماني جي حالتن جي ڄاڻ پوي ٿي. هتي ڪجهه مثال ڏجن ٿا:

- ڪسيري جي ڪُتي، ٽڪي جا ڪائي ٽُڪر.
- ٽڪي سير ڀاڄي، ٽڪي سير ڪاڇا.

اڳاٽي زماني ۾ 'ٽڪو' ٻن پيسن جي برابر هو ۽ ڪسيرو پائيءَ کان به ننڍو سڪو هو.

- ديوان جو دمُ، دمڙيءَ جي دال تي.

هن پهاڪي ۾ دمڙيءَ هڪ پراڻي سڪڙ هو، جيڪو پائيءَ کان به گهٽ هو.

- ڪوڙي حرام، ٻُجڪو حلال.

هن پهاڪي مان ڄاڻ پوي ٿي ته 'ڪوڏي' (هنديءَ ۽ اردوءَ ۾ جنهن کي ڪوڙي چئبو آهي) به پراڻي زماني ۾ واپار ۾ ڏي وٺ لاءِ ڪم ايندي هئي.

- اچا خرار مان چوٿائي مس پيئي آهي. (چوٿاي 1/4)
- واٽو خرار ڪاڇن، نڪُون ڪٽو نه ڪاڇي. (خرار= 24 مڻ)

- اونڌيون پاٽيون پاسيرا ٽويا.

مطلب ته جيڪو ماپ يا تور ۾ ٺڳي ڪري، تنهن لاءِ اهو پهاڪو چون. هتي 'پاٽي' ۽ 'ٽويو' جهوني زماني جا ماپا آهن، جن سان اَن ماپبو هو.

- انين آني پڳڙي، رپيو ٻڌاڻي.
ڪري پيئي ڪوهه ۾، ٻه رپيا ڪڍاڻي.

جڏهن ڪو خسيس شيءِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻو خرچ ڪري، تڏهن هيءُ پهاڪو ڪتب آڻبو آهي. انگريزن جي راڄ ۾ رپيو هڪ مکيه سڪو هو. ان ۾ سورنهن آنا هوندا هئا. هڪ آني ۾ چار پيسا ۽ هڪ پيسي ۾ ٽي پايون هونديون هيون. ملڪ جي آزاديءَ کان پوءِ ناڻي جو نئون ڏهائي (ڊيسمل) سرشتو شروع ڪيو ويو. ان موجب رپئي ۾ 100 پيسا مقرر ڪيا هئا. اڄ تائين ناڻي جي ڳڻپ جو اهوئي سرشتو هلندڙ آهي.

**ڀارت جي آڳاٽي تاريخ متعلق پهاڪا:**

سنڌيءَ ۾ ڪجهه پهاڪا اهڙا به ملن ٿا، جن جو تعلق آڳاٽي ڀارت جي تاريخ سان آهي. جيئن ته:

- رامايڻ جي ڪٿا پوري ٿي ويئي،
هُو اڃا پيو پڇي ته رام ڪير هو.
- لنڪا کي باهه لڳي، پولي جي پڇ کان.
- هنن جي گهر ۾ هميشه مهاڀارت لڳو پيو آهي.

مهاڀارت جي مکيه ڪٿا پانڊوَن ۽ ڪوروَن جي لڙائيءَ سان واسطو رکي ٿي. ان ڪري مهاڀارت جو مطلب ٿي ويو آهي "لڙائي، جهڳڙو، ڪلهه".

ساڳيءَ طرح سنڌ کان ٻاهر ٻين علائقن جي مشهور ڪن تاريخي ماڻهن جي باري ۾ به سنڌيءَ ۾ پهاڪا ملن ٿا. جيئن ته:

- ڪٿي راجا ڀوڄ، ڪٿي گنگوُ تيلي.

مطلب ته ٻنهي ۾ تمام گهڻو تفاوت آهي. هيءُ پهاڪو ڀارت

جي گهڻين ئي ٻولين ۾ مشهور آهي. هن پهاڪي ۾ راجا ڀوڄ جي باري ۾ عالم سهمت نہ آهن تہ هتي ڪهڙي راجا ڀوڄ طرف اِشارو آهي. ان نالي سان الڳ الڳ دورن ۾ پنج ڇهہ راجائون ٿي گذريا آهن. ممڪن آهي تہ هن پهاڪي جو بنياد ڪنهن نيم تاريخي لوڪ ڪهاڻين تي ٻڌل هجي. ڀانڊارڪر انسٽيٽيوٽ پوني، مهاراشٽر جي مرحيات ڪيوريٽر پي. ڪي گوڙي انسٽيٽيوٽ جي لائبريريءَ مان سنسڪرت ٻولي ۾ لکيل هڪ دستخط هٿ ڪيو آهي، ان جو نالو آهي؛ 'وڪلپسُوتر'. اهو هٿ سان لکيل ڪتاب گوڙي جي انومان موجب ٽي سال کن اڳ جو لکيل آهي. ان ۾ راجا ڀوڄ ۽ گنگو تيليءَ جي باري ۾ هڪ لوڪ ڪهاڻي ڏنل آهي، جنهن جو واسطو هتي ڏنل پهاڪي سان ٿي سگهي ٿو[1]. هتي ٿوري ۾ ان سنسڪرت لوڪ ڪهاڻيءَ جو سنڌي ٻوليءَ ۾ اختصار ڏجي ٿو:

هڪڙو هو شاگرد. هُو ڏکڻ هندستان جي پرتِشٺانپور نالي شهر ۾ ويو ۽ اُتي هڪ عالم کي اُستاد ڪري هن وٽ ٽيهہ سال کن رهي سڀني شاسترن جو اڀياس ڪيائين، پوءِ تہ پنهنجي ڄاڻ تي ايترو تہ گهمنڊ ٿيو جو پاڻ جهڙو ڪنهن کي سمجهندو ئي ڪونہ هو. هُو شاسترارٿ (علمي مناظري) ۾ ٻين عالمن کي جيتڻ لاءِ سفر تي نڪتو. هن ٻڌو هو تہ اُڄين جي راجا ڀوڄ جي درٻار ۾ گهڻيئي عالم آهن. اُتي پهچي هن سڀني پنڊتن کي شاسترارٿ هارائي ڇڏيو. اِها حالت ڏسي راجا ڀوڄ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هُو پوءِ دل وندرائڻ لاءِ شڪار تي روانو ٿيو. واٽ تي ڏٺائين تہ گنگو نالي هڪ ڪاٺو تيلي آهي. هو هڪ هٿ سان گهاڻو پيو هلائي ۽ ٻئي هٿ سان تيل ڪڍي ڏاڍي خبرداريءَ سان مَٽنَ ۾ پيو وجهي. اهو تماشو ڏسي راجا عجب ۾ پئجي ويو ۽ ان تيليءَ کي ويجهو وڃي ڪيس چيائين تہ مان راجا ڀوڄ آهيان. منهنجي درٻار ۾ هڪ ماهر آيل آهي. تون ان سان شاسترارٿ ڪندين؟ گنگو

[1] پونا اوريئنٽل سٽر، واليوم 10، ن 1-2، 1945ع.

تيلي هڪدم هاڪار ڪئي، پوءِ راجا آڄر جي ڏينهن شاسترارٿ لاءِ رکيو ۽ گنگو تيليءَ کي وٺي اچي پاڻ وٽ رهايائين. درٻار ۾ گهڻيئي عالم اچي ڪٺا ٿيا. گنگو تيليءَ کي بہ سهڻا ويس وڳا پهرائي شان مان سان درٻار ۾ وٺي آيا. هُن سان گڏ پنجاهہ شاگرد بہ هئا. راجا پوڄ ڏکڻ هندستان جي عالم کي حڪم ڏنو تہ هن نئين آيل پنڊت کي شاسترارٿ ۾ جيتي ڏيکار. راجا جي اجازت ملڻ سان بحث شروع ٿيو. ڏکڻ پارتي عالم هڪ آڱر مٿي ڪٽي گنگو تيليءَ ڏانهن اشارو ڪيو. اهو ڏسي گنگو تيليءَ بہ آڱريون ڪٽي عالم طرف اشارو ڪيو. اِن تي هُن عالم پنج ئي آڱريون ڦهلائي هٿ مٿي ڪٽي•اشارو ڪيو. اُن جي موٽ ۾ گنگو تيليءَ وري ٺونشو ڏيکاريو. اها حالت ڏسي ڏکڻ پارتي عالم گنگو تيليءَ جي پيرن تي ڪري پيو. هن کي چيائين، ”تو منهنجو غرور چُور چُور ڪري ڇڏيو آهي، تون منهنجي سوالن جا بلڪل صحيح جواب ڏنا آهن.“

راجا پوڄ ڏکڻ پارتي عالم کان پڇيو تہ مون کي اِن سڄي شاسترارٿ جي سمجهاڻي ڏي. اُن تي پارتي عالم پنهنجن سوالن جي سمجهاڻي ڏيندي ٻڌايو تہ مون هڪ آڱر ڪٽي ڏيکاريو تہ شِوَ هڪ ئي آهي، پر توهان جي عالم جواب ۾ بہ آڱريون ڪٽي ٻڌايون تہ شِو سان گڏ شڪتي يعني پاروتي بہ آهي. اِن کان پوءِ مون پنج آڱريون ڪٽي چيو تہ اِندريون (حواس) پنج آهن. ان جي جواب ۾ توهان جي عالم مُٺ ڏيکاري جواب ڏنو تہ اندريون برابر پنج آهن، پر اُنهن جي سونهن تڏهن آهي، جڏهن اُنهن کي وس ۾ رکجي. انهيءَ مان ثابت آهي تہ اوهان جو هيءُ ودوان تمام گيان وان (ڄاڻو) مها پنڊت آهي. ان ريت سمجهاڻي ڏيئي اُهو ڏکڻ پارتي عالم راجا پوڄ کان اجازت وٺي پنهنجي شهر ڏانهن هليو ويو.

اُن بعد راجا پوڄ گنگو تيليءَ کان شاسترارٿ جي سمجهاڻي گهري. گنگو تيليءَ جواب ڏيندي چيو تہ ”هي مهاراج، هيءُ شخص تہ ڪو بلتميز ٿي ڏٺو. هن هڪ آڱر ڪٽي مون کي اشارو ڪيو تہ تون

ڪاٺو آهين. اِن تي مون ڪاوڙجي ٻئي آڱريون ڏيکاري چيومانس تہ تُون پاڻ کي سمجهين ڇاٿو، مان تنهنجو ٻئي اکيون ڪڍي توکي انڌو ڪري ڇڏيندس. انهيءَ تي هن پنهنجو هٿ مٺي ڪٿي مون کي چماٽ هڻڻ جي ڌمڪي ڏني. مون وري موٽ ۾ ڪيس ٺونشو ڏيکاريو.“ گنگو تيليءَ جي اها سمجهاڻي ٻڌي راجا ڀوڄ ۽ سڀئي درٻاري کلي کلي کيرا ٿي پيا. پوءِ تہ راجا گنگو تيليءَ کي گهڻو ئي انعام ڏيئي ڪيس روانو ڪيو.

- مقدر جو سڪندر.

هيءُ پهاڪو بہ سنڌي، هندي، اردو، وغيره ٻولين ۾ مشهور آهي. ان جو مطلب آهي تہ هُو تمام سٺي قسمت وارو آهي. هتي سڪندر لفظ راجا اليگزينڊر طرف اشارو ڪري ٿو. هو يونان جو مشهور بادشاهہ هو. مهاراجا چندرگپت موريا جي ڏينهن ۾ هُو اُتر اولهہ ڀارت جي ڪن حصن تي ڪاهي آيو هو، پر پنجاب ۽ سنڌ جي صوبن جي بهادرن هُن جو سخت مقابلو ڪيو. آخر هُو سنڌ مان عربي سمنڊ رستي پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽندي ٻٻيلان ۾ گذر ڪري ويو، پر اڄ تائين اليگزينڊر يا سڪندر جو نالو عظيم بهادر شخص جي ناتي مشهور آهي.

**5.2 قدرتي ماحول ۽ جاگرافيءَ متعلق پهاڪا:**

جاگرافي هڪ وسيع معنيٰ وارو لفظ آهي. هن ۾ ڪنهن ملڪ، ڪنهن صوبي، ڪنهن شهر، ڪنهن ڳوٺ جا رڳو جبل، زمينون، نديون ۽ قدرتي حدون نہ ٿيون اچن، پر اُن حد ۾ رهندڙ ماڻهو، اُتي جو قدرتي ماحول، وڻ ٽڻ، جانور، پکي وغيره بہ اچن ٿا.

قدرت ۽ انسان جو ساٿ تمام جهونو آهي. ايامن کان ٻئي پنهنجي ڄاڻ مطابق هڪ ٻئي کي ڏاهيندا ۽ ڏاهيندا اچن ٿا. انهيءَ ڏاهڻ ۽ ڏاهڻ جي عمل ۾ انسان ذات کي املهہ تجربا حاصل ٿيا آهن. اِنهن تجربن جي آڌار تي پهاڪا ٺهن ٿا ۽ اُنهن پهاڪن جي وسيلي اسين جهوني تهذيب ثقافت، ۽ آڳاٽي ماحول جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهون ٿا.

سنڌ جي رهاڪن کي ٻه شهرن مان، زمين مان، جبلن مان، جانورن پکين مان، وڻن- ٽڻن مان، ڀاڄين- ميون وغيره مان جهجهي تعداد ۾ تجربا مليا آهن. انهن تجربن ۽ آزمودن جي آڌار تي جيڪي ٻهاڪا ٺهيا آهن، تن مان سنڌين جي سماجي ۽ ثقافتي رُخ جي پروڙ پوي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ جاگرافيءَ سان واسطو رکندڙ جيڪي ٻهاڪا ملن ٿا، اُنهن جي جدا جدا قسمن جو هتي مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو:

**آبهوا ۽ موسم:**

آبهوا جي خيال کان سنڌ کي گرم صوبو چيو ويو آهي. هتي برسات تمام گهٽ پوندي آهي. اُتر- اولهه پاسي جبل، اوڀر پاسي راجستان جو ريگستان، جنهن جو ڪجهه پاسو سنڌ جي ٿرپارڪر ۽ نوابشاهه تونڙي خيرپور ضلعن جي اوڀر ۾ به اچي وڃي ٿو، ڏکڻ اوڀر ۾ سمنڊ ۽ ڪڇ جو رڻ، ۽ ڏکڻ- اولهه ۾ عربي سمنڊ يا سنڌوُ ساگر بيٺل آهي. ڏکڻ سنڌ ۾ سمنڊ سان ويجهڙائپ سبب ۽ ٻين حصن ۾ جبلن ۽ رڻ پٽ جي ڪري هرهنڌ الڳ الڳ موسم جو اثر ٿيو آهي. اِن ڪري هتي هر قسم جي موسم ٿئي ٿي. فقط مهاراشٽر، گجرات ۽ ڀارت جي ڪن ٻين حصن وانگر سنڌ ۾ چؤماسي جي مند ڪانه ٿي ٿئي. سنڌ جي وچ مان سنڌوندي وهي ٿي جيڪا ڪئلاش مانسرووَر مان نڪري تبت، ليهه، لداخ جي پهاڙن مان لنگهندي اچي ڪراچيءَ وٽ عربي سمنڊ ۾ ملندي آهي. اِن نديءَ جي آسري تي ئي سنڌ آباد ٿي آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ موسم سان واسطو رکندڙ گهڻئي ٻهاڪا ۽ چوڻيون آهن. انهن ۾ ڪجهه هن ريت آهن:

"آڙهڙ جي تتي ڏينهن، ساوڻ جي وسندي مينهن،
سياري جي آڏيءَ رات، شل نه پوي هنگڻ تات."[1]

1. پڙهڻي: جيٺ ويساک جي تتي ڏينهن، پوهه مانگهه جي آڏيءَ رات، شال نه پوي ڪڏهن هنگڻ تات.

هيءُ پهاڪو/ چوڻي تڏهن ٺهي آهي، جڏهن ماڻهن کي ڪاڪوس لاءِ جهنگل ۾ وڃڻو پوندو هو، پر هِن چوڻيءَ جي آڌار تي اسان کي خبر پوي ٿي ته سنڌ ۾ آڙهڙ يا جيٺ جي مهيني ۾ ڏينهن گرم ٿيندا آهن ۽ ساوڻ يعني جولاءِ- آگسٽ جي مهينن ۾ ڪجهه برسات پوندي آهي. انهيءَ طرح سياري جي راتين ۾ به اُتر سنڌ ۾ ڏاڍي ٿڌ پوندي آهي. اهڙي موسم ۾ ضروري حاجت لاءِ ٻاهر نڪرڻ مشڪل ڪم هو.

پوجپُريءَ ۾ انهيءَ سان ميل رکندڙ هيءُ پهاڪو ملي ٿو:

- "جيٺ ڪو دُپهريا، ڀادو ڪو اَنهرِيا،
پوس ڪي پِن لهرا، اَياڳا ڪام ڪريلو."

مطلب ته جيٺ مهيني ۾ منجهند وقت، بدي ماهه جي رات اونداهيءَ ۾، پوهه ۾ صبح سوير، اياڳو ماڻهو ئي ڪم ڪندو آهي.

"ڏکڻ مينهن نه وسڻا، جي وسي ته ٻوڙي،
ڪانئر ڏکُ نه هڻڻا، جي هڻي ته جهوري."

سنڌ ۾ گهڻو ڪري ڏکڻ- اولهه کان برسات نه پوندي آهي. پر جي اِن طرف جي برسات پئي ته ٻوڙ ٻوڙان ڪري ڇڏيندي آهي.

- "وٺو ته ٿر، نه ته بَرُ."

ٿرپارڪر وارو گهڻو ضلعو واريءَ واريءَ آهي. هِتي آباديءَ جو گهڻو دارومدار برسات تي آهي. ٿر ۾ جي برسات پيئي ته اُهو سڄو علائقو سکيو ستابو ۽ سهڻو بڻجي پوندو، نه ته اُهو ريگستان ئي آهي.

- "وسي ته ڪوهُ، نه ته روهُ."

ڪوهستان وارو سنڌ جو علائقو برسات ۾ سهڻو لڳندو آهي، نه ته اُهو بُٺُ يعني سُڪل ملڪ آهي.

- "سياري ۾ سيءُ پوي، آڙهڙ ۾ آرايون،
سنڌ ٻنهي ۾ ڪونه ڪو، ڪنهن کي سارهيون؟"

سنڌ جي صوبي ۾، خاص طور سان اُتر سنڌ ۾ سردي ۽ گرمي ٻئي گهڻيون ٿينديون آهن، جيڪي پريشان ڪندڙ آهن.

- "سياري جو سڄ، ڪنُ پاءُ ۾ ٿي وڃي."

سياري جي وقت ۾ ڏينهن ننڍا ٿيندا آهن. اِنهن ڏينهن ۾ اوندهه جهٽ ٿي ويندي آهي ۽ جنهن ڪري ڪم گهٽ ٿيندو آهي.

- "واهه مالڪ تنهنجي مايا، ڪٿي ڏوپ ڪٿي ڇايا."

هن پهاڪي ۾ موسم، پرڪرتي يا قدرت جي خوبين جو بيان ڪيو ويو آهي. مطلب تہ ڪي سُکي تہ ڪي ڏُکي آهن.

- "وِلهہ پيئي واڪا ڪري."

مطلب تہ تمام گهڻي ٿڌ آهي.

- "سوَڙ ڪٿي ٻاهر نڪرجي ۽
وِڇڻو ڪٿي اندر گهڙجي."

سنڌ ۾ هوليءَ کان پوءِ رات جو ٻاهر اگڻ ۾ سُمهڻو هو، پر پوءِ رات جو وڏيڪ ٿڌ پوڻ سبب مٿان سوَڙ وجهڻي پوندي هئي. ٻڌي ۾ سرءُ (پن ڇڻ) جي مُند ۾ رات جو اندر سمهڻو هو، جيتوڻيڪ اندر گرمي ٿيندي هئي ۽ مڇرن سبب تڪليف ٿيندي هئي. اِن ڪري وِڇڻو ڪٿي اندر سمهڻو هو. ان ڪري سنڌ ۾ اها چوڻي نهي:

- "ڦگڻ ڦُلاريو، راتيان سيارو، ڏينهان اونهارو."

مطلب تہ ڦگڻ يعني مارچ جي مهيني ۾ رات جو ٿڌ محسوس ٿيندي آهي، پر ڏينهن جي وقت چڱي گرمي شروع ٿي ويندي آهي.

- "اُتراڻُ اُتريو، اڌ سيارو ڪُتريو."

اُتراڻ يا مَڪر سنڪرانت پوهہ جي مهيني ۾ ٿيندو آهي. اِن ڏينهن تي تِر ۽ مُوري ڪاڌا ويندا آهن. سِنڌ ۾ اُن کان پوءِ سياري جي ٿڌ گهٽجڻ شروع ٿي ويندي آهي.

- "انبن ۾ ٻور، لگن ۾ سُور."

برسات کان پوءِ انبن جي وڻن ۾ ٻُور (گل) اچڻ شروع ٿي ويندا آهن، جيڪي گرميءَ جي اچڻ طرف اشارو ڪندا آهن ۽ پوءِ وڻن ۾ انبن جو ڦل ٿيندو آهي. ان پهاڪي جو اشارو موسم جي تبديل طرف آهي، جنهن ڪري انسان جي لگن ۾ سُور بہ ٿيندو آهي.

- "ڏنو چيٽ، پيو انبن ۾ ميٽ."

چيٽ جي مهيني کان پوءِ انبن ۾ رس ۽ مٺاس اچي ويندي آهي.

- "ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنو، ننڊو وڏو ڇيڙ منو."

ڇيڙ رڳو ڏياريءَ جي ڏينهن ۾ ئي منو ٿيندو آهي. ٻين مُندن ۾ اهو ڪؤڙو هوندو آهي.

هڪ چڪائيندڙ جملو "جل هِي جيون هِئُ" (پاڻي ئي زندگي آهي) ڪيترن ئي هنڌن تي لکيل نظر اچي ٿو. لڳ ڀڳ 505ع ۾ وراهه مِهر لکيو آهي ته:

اِن طرح موسم سان واسطو رکندڙ گهڻيئي ٻهاڪا ملن ٿا. اهڙا ئي ڪجهه مثال هِن ريت آهن:

(1) ميوو سڀ مُندائتو مِٺو.

(2) واهُ جبل اُڏائي ڇڏي، تنهن جي اڳيان ڪپهه ڇا آهي؟

(3) قدرت جي ڇَني، ڪنهن واڇي ڏني.

(4) جي وسي چيٽُ ته اَنُ نه ماپي ڪيٽُ.

(5) جُهڙ جي اُس، انڌي جي ٺُڪ،
ماٽيلي ماءُ جي مُڪ، جتي لڳي اُتي سُڪ.

(6) سياري ۾ سيئي چڱا، جن کي گهٽي ٻاهه،
اونهاري ۾ سي ئي چڱا، جن کي گهٽي ڇانهه.

(7) سردي ڀوڳين جي، گرمي روڳين جي.

(مطلب ته سياري جي مند عياشيءَ لاءِ ۽ گرميءَ جي موسم بيمارن لاءِ ٺيڪ آهي.)

**مينهن جي موسم:**

زندگيءَ جي اُمِلهه شين ۾ برسات يعني پاڻي هڪ خاص عنصر آهي. نه رڳو سڄي ڪائنات ۾ پر ماڻهوءَ جي پنهنجي جسم ۾ به ٽي حصا پاڻي آهي. اڄُ ڪالهه انساني زندگيءَ ۾ پاڻيءَ جي اهميت طرف ڌيان ڇڪائيندڙ جملا "جل هِي جيون آهي." ڪيترن ئي هنڌن تي لکيل نظر اچي ٿو. لڳ ڀڳ 505ع ۾ وراهه مِهر لکيو آهي ته:

- "انن جگتهہ پراڻاهہ پرور ٽڪالسيہ چاننمايتم.
يَسمادتهہ: پَريکشيَهہَ پراورتُڪالهہَ پريتنينَ."[1]

- وراهي سِهتا، 1 / 21

مطلب تہ اَنُ ئي هن جڳت جو ساهہ آهي ۽ هيءُ اَنُ برسات جي مند جي وس ۾ آهي. انهيءَ ڪري برسات کي ڌيان ۾ رکي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

ڀارت ملڪ هڪ وڏو ملڪ آهي، جتي برسات الڳ الڳ وقت تي ۽ الڳ الڳ مقدار ۾ پوي ٿي. چيراپونجيءَ ۾ برسات سڀ کان وڌيڪ پوي ٿي تہ ٻئي طرف راجستان جي واريءَ واري علائقي ۾ سڀ کان گهٽ. مهاراشٽر ۾ برسات جهجهي تعداد ۾ پوندي آهي، تہ وري سنڌ پاڪستان ۾ برسات ڏاڍي گهٽ پوندي آهي. انهيءَ آڌار تي سنڌيءَ ۾ چوڻي مشهور آهي تہ، "مينهن ۽ مهمان، ٻئي ڪيترو وقت؟" يعني ٻئي ٿوري وقت لاءِ هوندا آهن.

ڀارت ۾ مينهن سان لاڳاپو رکندڙ سائنس تمام پراڻي آهي. هوا، بادل، آڪاش، بجلي، آنڌي، طوفان، سج، چنڊ وغيره جي مدد سان مينهن جي اچڻ جو اطلاع ملي ويندو آهي. هاري ۽ ٻين ماڻهن جي اِنهن تجربن جي آڌار تي برسات بابت ڪيترا ئي پهاڪا ٺهيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي پهاڪن ۾ مينهن بابت گهڻ ويچار ڪيو ويو آهي، پر تڏهن بہ جيڪي پهاڪا ملن ٿا، انهن ۾ مکيہ هيٺين ريت آهن:

- "مينهن وسي ٻہ پهر، چنو وسي ڇهہ پهر."

مطلب تہ برسات جي وسڪاري کان پوءِ برسات بند ٿي وڃڻ بعد بہ جهوپڙين جي ڇت مان گهڻي وقت تائين پاڻي پيو ٽمندو رهندو آهي.

- "موليٰ مينهن وساءِ، تہ ڪانئر ڇُٽن ڪم کان."

يعني مينهن سائين جي وس ۾ آهي ۽ ڪمچور ۽ گوسڙو ڪيس التجا ڪن ٿا تہ هُو مينهن وسائي تہ جيئن تيز برسات پوڻ سان هُو

1. ڊاڪٽر تيواري، ڀوجپوري لوڪوڪتيان، صفحو 71.

پنهنجن ڪمن تي وڃڻ کان بچي وڃن. هتي اُنهن جو مقصد مينهن پوڻ ڪري ٻني ٻاري ۽ ٻين فائدن جو نہ ٿي ڪري، پاڻ ڪم کان بچڻ جو آهي.

برسات ڏٺي سائينءَ جي مرضيءَ سان پوي ٿي، ان ويچار کي ڏيکاريندڙ ٻهاڪو راجستاني ٻوليءَ ۾ هن ريت آهي:

- "ميها تو تِيان برستِي، جيان راجي هوسِي رام."

معنيٰ تہ مينهن تڏهن پوندو، جڏهن سائين جي مهر ٿيندي.

- "پوڪين تان ڪي پوڪ، جيسين پاڻي اٿيئي ٻار ۾."

يعني تہ کيتي پاڻيءَ تي دارومدار ڪري ٿي. پاڻي سُڪي وڃڻ بعد کيتي ڪانہ ٿي سگهندي. اِن ڪري جيسين ٻار ۾ پاڻي آهي، تيسين تون پوڪ ڪري لاڀ وٺ.

ڪڪر:

مينهن ۽ ڪڪرن جو پاڻ ۾ گهاٽو تعلق آهي. ڪڪر ئي مينهن ٺڄي وسندا آهن. ڪڪر گجگوڙ ڪندا آهن ۽ اِنهن ۾ بجلي پيدا ٿيندي آهي. ڪڪرن جي رنگ ۾ اُنهن جي رُخ مان مينهن جو اندازو لڳائي سگهبو آهي. ڪڪر ڪارا، ڀورا، نيرا، ڳاڙها ۽ هئڊا ٿيندا آهن. جيڪڏهن ڪڪر ڪارا هوندا تہ ڏڪائيندا ۽ جي ڀُورا هوندا تہ پڪ پاڻي وسائيندا. اِن بابت ڀوڄپوري ٻهاڪي ۾ هڪ سهڻو مثال آهي:

- "ڪَرِيا بادر جيءُ ڊراوَن، ڀُوُر بادر پاڻي لاون."[1]

معنيٰ تہ ڪارا بادل ڏڪائيندا آهن ۽ ڀُورا بادل پاڻي وسائيندا آهن.

- "لال پِييَر جب هويہ آڪاس،
تب نا با برڪا ڪي آس."[2]

يعني جڏهن آڪاش ۾ بادلن جو رنگ ڳاڙهو يا هئڊو هجي، تہ برسات پوڻ جي آس نہ ڪرڻ کپي.

- "گجي گجي نيٺ ڦاٽندو."

يعني: ڪڪر گجگوڙ ڪرڻ بعد پاڻيءَ جو وسڪارو بہ ڪندا.

---

1. ڊاڪٽر تيواري، ڀوڄپوري لوڪو ڪِيتيان، صفحو 72.
2. ايضاً

- "جيڪو گجي، سو وسي نہ ٿو."[3]

معنيٰ، گجگوڙ ڪرڻ وارا ڪڪر گهڻو ڪري پاڻيءَ جو وسڪارو نہ ڪندا آهن. انهيءَ ويچار کي ڏيکاريندڙ پهاڪو ڀوجپوري ٻوليءَ ۾ هن ريت آهي:

- "گرجي سو برسي نهين، برسي گهور اَنَهار."

مطلب تہ گرجڻ وارا ڪڪر ڪونہ وسندا آهن. وسڻ وارا ڪڪر گهُپ انڌيرو ڪٺي ايندا آهن.

سج:

برسات جو اصل سبب آهي سج. سج جي تپت سان سمنڊ جو پاڻي ٻاڦ بڻجي مينهن جي شڪل وٺندو آهي. ڀوجپوريءَ ۾ انهيءَ تي ٻڌل هڪ ٽُڙ پهاڪو ڏسو:

- "جَتنا تپِي، اوتني برسِي."

معنيٰ، سج جيترو تپندو، برسات اوتري ئي وڌيڪ ٿيندي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ سج سان واسطو رکندڙ ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

(1) سج ٻہ پاڇا.
(2) برهمڻ جو وچن، سورج جي ساکيا.
(3) سياري جو سجُ، ڪڻُ پاءُ ۾ ئي وڃي.
(4) سِر وٺي ڪان پوءِ سج اُڀري نہ اُڀري.
(5) سج لٿي ڪان پوءِ اوير ڪانهي.
    ڦرئي ڪان پوَ پٺُ ڪانهي.
(6) سج ايڪ پر پاوين ڏوُن، پيءُ دا بکت نہ پُنا نوُن.
(7) سج جڻُ مٿانئس ٿو لهي چڙهي.

اوڀڙ

وڻ ٽڻ، ٻُوٽا، گاهہ، ميوا، ڀاڄيون وغيره سنڌي پهاڪن ۾ ٻن شڪلين ۾ ڪتب آيا آهن. هڪ تہ ساڳئي مطلب ۾ ۽ ٻيو تشبيهي

3. پڙهڻي: جو گجي، سو نہ وسي.

شڪل ۾. جتي ته پهاڪن ۾ انهن جو ساڳئي معنيٰ ظاهري شڪل ۾ استعمال ٿيو آهي، اُتي اُنهن جي مختلف ڪارگذارين تي ويچار ڪيو ويو آهي. پر جتي ونسپتي جو استعمال تشبيهه، استعاري يا مثال جي طور مليو ٿو، اُتي اُن جي پهرين معنيٰ جي اهميت گهٽجي وڃي ٿي. هتي ونسپتيءَ جي باريڪ جزن جو اڀياس بنهي صورتن ۾ ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته انسان ۽ ونسپتيءَ جي رشتي جي اِنهن بنهي صورتن جو ڪجهه نه ڪجهه اثر پوي ٿو.

اَڪُ:

اڪ هڪ زهريلو ننڍو جهنگلي وڻ آهي، جيڪو ڍيگهه ۾ ڏهن ٻارهن فُٽن جي اندر هوندو آهي. اِن ۾ ننڍڙا اڇا گل ٿيندا آهن، جن کي "اڪ ڦلڙيون" چئبو آهي. اڪ ۾ انبڙيءَ جي شڪل جا ننڍڙا ڦَل به پيدا ٿيندا آهن، جن کي اڪ ٽِنڊا سڏبو آهي. اُنهن مان ڪپهه وانگر نرم تاندورا نڪرندا آهن. اڪ جي نرم ٽاري ۽ گلن کي پٽڻ سان کير وانگر اڇو رس نڪرندو آهي، جنهن کي "اڪ جو کير" چئبو آهي. اُهو جيڪڏهن اکين ۾ لڳي وڃي ته اکين جي جوت هلي وڃڻ جو گهڻو امڪان ٿيندو آهي. پهاڪن ۾ "اڪ" جو مطلب گهڻو ڪري نقصان ڪندڙ شيءِ، مورک، نيچ انسان وغيره ڪنيو ويو آهي.

- "اڪ آمو نه ٿئي، توڙي ڦُٽِي ڪري ڦرُ."

اڪ جو وڻ جڏهن ڦٽي ڦَل ڏيندو ته اڪ ٽِنڊا ئي ڏيندو، ان مان منن انبن جي اميد رکڻ اجائي ڳالهه آهي. مطلب ته نيچ انسان ڪيتري به ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ به پنهنجو سڀاءُ مٽائي نيڪ نه بڻجي سگهندو.

- "اڪ ۾ آمو لڳو آهي!"

معنيٰ اچرج واري ڳالهه ٿيڻ. ڪنهن اڻٿيڻي يا ناممڪن واقعي جي ٿي پوڻ تي ايئن چئبو آهي. ٻين ٻولين ۾ به انهيءَ مطلب کي ڏيکاريندڙ پهاڪا ملن ٿا. جيئن ته:

(الف) آڪ ۾ آم ڦَلا. (هندي)

(ب) آڪ ۾ آنبو نيپجيو. (راجستاني)

(ج) اڪ وِچ انب ڦَليا. (پنجابي)

- " اڪن ڪان آمان گهُري، ٻَٻُرن ڪان ٻير."

جهڙيءَ طرح اڪ جي وڻ مان انب جهڙو مِٺو ۽ سوادي ميوو نہ ملي سگهندو، تهڙيءَ طرح ٻبر مان ٻير نہ ملي سگهندا. معنيٰ، جنهن ماڻهوءَ مان ڪم ٿيڻ جو آسرو ڪونهي، تڏهن بہ ڪوئي ماڻهو اُن مان ڪم ٿيڻ جو آسرو رکي، تڏهن ائين چئبو آهي.

- "اڪيلو وڻ بہ ڪانهِرو توڙي ڀاري هوءِ."

ڪنهن ميدان تي چاهي ڪيڏو بہ وڏو وڻ هجي، پر جيڪڏهن اُهي اڪيلو آهي تہ ڪمزور لکيو ويندو. ڇاڪاڻ تہ اُهو وُڻ طوفان يا واچوڙي جي سَٽَ سهي نہ سگهندو. مطلب تہ انسان کي ٻين جو ساٿ هئڻ ضروري آهي. اُن سان دلي طاقت وڌي ٿي.

- انسان جو ناماچارُ، وڻ جي ڀاچي آچارُ.

(آچار= وانگر) جيئن وڻ جو ڀاچو پيو ڦِرندو آهي، تيئن ماڻهوءَ جو جَسُ (ناموس) بہ پيو ڦِرندو آهي.

- اندر ٻِڏ ٻهُون، ٻاهر آتڻُ اَن جو.

ٻڏ لاڙ جي علائقي ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ گاهہ جي ٻاڙ آهي، جنهن کي ماڻهو ڏڪر ۾ اناج نہ ملڻ ڪري، پيهي اٽو ڪري ڪائيندا آهن، پر ٻڏجي اَنّي کي چاهي ڪٽڪ جي اَنّي جو آتڻُ لڳائجي، تڏهن بہ اَن جو سواد نہ ڦرندو.

- سهڻا ٿوهر پٽن ۾ گهڻا.

ٿوهر هڪ جهنگلي ڦَل آهي، جيڪو ٻاهران سهڻو ۽ اندران ڪؤڙو ظاهر هوندو آهي. هي ڏسڻ ۾ گدري کان بہ خوبصورت ٿيندو آهي. معنيٰ تہ ٻاهران جيڪو سنو ۽ سهڻو هجي، پر اندر ۾ برو هجي، اُن لاءِ ائين چئبو آهي.

- لنبُ، مکڻ چنبُ.

ٿر ۾ لنب نالي گاهہ پيدا ٿئي ٿو. اُهو گاهہ جڏهن ڪير ڏيندڙ

چوپايو مال کائيندو آهي، تہ اُنهن جي ڏنل کير مان جهجهي تعداد ۾ مکڻ ملندو آهي.

- ليي لوٹک بہ کاٽہ، سَڏوُن مريڙي جون.

لوٹک ۽ مريڙو ساڳ جا قسم ٿيندا آهن جن ۾ لوٹک هلکي قسم جو ساڳ ليکيو ويندو آهي. جڏهن کو ماڻهو پاڻ کان وڏي حيثيت واري سان ريس کري، تڏهن ايئن چئبو آهي.

- ميوو سڀ کو مُنڊائتو منو.

کوبہ ڦَل پنهنجي مند يعني موسم ۾ ئي منو ٿيندو آهي. جيئن تہ چيڙ رڳو ڏياريءَ جي موسم ۾ ئي مِنا ٿيندا آهن. يعني سڀ کم پنهنجي وقت تي کرڻ سان ئي سڦَل ٿيندا آهن. مطلب تہ هرکا شيءِ پنهنجي وقت موجب سٺي ۽ سهڻي لڳندي آهي.

- ملک ۾ ڏيڊ کجور، ميان سُمهن باغ ۾.

سنڌ ۾ کجور يعني کارکون وڏي تعداد ۾ ٿينديون آهن. وڏيري کي بہ ٽي کجور جا وڻ آهن، پر انهن هيئان سمهي پاڻ کي وڏو زميندار ٿو سمجهي.

- انب مان کريو، ٻير ۾ پيو.

مطلب تہ ننڍي تکليف مان نکري وڏي تکليف ۾ ڦاسڻ. انهيءَ ويچار تي هنديءَ ۾ هيءُ پهاکو آهي "آسمان سي گري، کجور ۾ اٽکي."

- انبن جون سِکون انبڙين مان کين لهن.

وڏن ۾ جو پريَم آهي، سو ننڍن ۾ نہ آهي.

- انبن سندو ساءُ، اک ٽَنوُنٽڙن مان نہ اچي.

انب ۽ اک ٽِنوڙا شکل ۾ ساڳيا آهن، پر ٻنهي جي سواد ۾ گهڻو فرق آهي. مطلب تہ هرهک جو سواد ۽ سُياءُ الڳ الڳ هوندو آهي.

- انبان ٻور، کلالان لاها.

انب جي وڻ ۾ پهرين ٻور جهجهو نظر ايندو آهي، پر اُهو هوا

۾ گهٽي تعداد ۾ ڇڻجي ويندو آهي ۽ قل تمام گهڻ ملندا آهن. ساڳيءَ طرح ڪلال جي ڪمائي ڏسڻ ۾ گهٽي ايندي آهي، پر اوڏر سوڏر ۾ ختم ٿي باقي وڃي ٿوري بچندي آهي.

- پلي سيري ڪان بہ پلي، سيري ۾ نہ ساءُ،
پلي ڳوڏا ڪوڙي ڪاءُ.

پلي ڏڏڙيءَ جي ٻوٽيءَ جو ڳاهہ آهي، جيڪو ڪاڏي ۾ لذيذ ٿيندو آهي.

- جٽ ٻکيو موري ڪائي، موري ٻک گهٽي ري لائي.

موري دير سان هضم ٿيندي آهي، پر ٻئي ڪاڏي سان گڏ کائڻ سان ٻک وڌائيندي آهي.

- ماءُ موري، پيءُ بصر، ڌيءَ داناءُ گل زعفران.

مطلب تہ گهڻ گهراڻي جو ٿي ڪري وڏو تڪبر ڪرڻ.

- ڪاتي ڪِري گدري تي، تہ گدري جوڪو.
گدرو ڪِري ڪاتيءَ تي، تہ بہ گدري جوڪو.

يعني طاقتور يا وڏي ماڻهوءَ کي ڪوبہ ڏوهہ ڪونہ ڏيندو آهي. سيٺ چُڪ ڪري تہ ڳمائشتو جوابدار ۽ جي ڳمائشتو چُڪ ڪري تہ بہ هو پنهنجي چُڪ لاءِ پاڻ ئي جوابدار آهي.

- ڦٽلُ گدرو، پِترنِ نمتارث.

مطلب تہ بيڪار شيءِ کي ڌرمائو خيراتي ڪمن ۾ ڏيئي ڇڏڻ.

- چونڊبندي ٻير وڃي پيا ڪڪرئين.

معنيٰ گهٽي سياڻپ نہ ڪرڻ گهرجي.

- وڻجن ٻير، ڪائن ڊاڪون،
تن گهرن جون کهڙيون ساڪون.

معنيٰ ڪمائي گهٽ ۽ خرچ وڌيڪ ڪرڻ وارو شخص هميشہ مشڪلات ۾ پئجي ويندو آهي.

- واڱڻ ڪنهن کي وائي، ڪنهن کي پيٽي.

واڱڻ کائڻ سان ڪِن کي وائي بادي ٿي پوي تہ ٻين ڪِن کي اهي تمام لذيذ ۽ پاءِ پوندڙ لڳندا آهن.

- بک ۾ بصر به مٺا.

بک ۾ کوڙڙي يا ان وٽندڙ شيءِ به مٺي لڳندي آهي.

- ماکي نه مناڻ، ليمون نه کٽاڻ.

ماکي آهي مٺي، پر اُن ۾ جيڪي گڻ ٿيندا آهن، اُهي کنڊ يا گُڙ ۾ نه ٿيندا آهن. ان ڪري ماکيءَ کي مناڻ ڪري نه ليکبو آهي. ساڳيءَ طرح ليمون به کٽو ٿيندو آهي، پر اُن ۾ جيڪي گڻ آهن، اُهي ٻين کٽين شين ۾ نه هوندا آهن. ان ڪري ليمون کٽاڻ ۾ نه ڳڻيو ويندو آهي.

- جتي ماکي اُتي مک.

لاڀ واري شيءِ تي هرڪو مڙي ايندو آهي.

- عقل جو امير! چڻيمانس ميٽي، آنڊائين ڪوٽمير.

ميٽي ۽ ڪوٽمير سائي ڀاڄيءَ جا به الڳ قسم آهن. انهيءَ پهاڪي جو اشارو اُبتي هلت يا غلط ڪم ڪندڙ شخص طرف آهي. جيڪو پاڻ کي وڏيڪ سياڻو سمجهي ٿو. مطلب ته هن جو لاڳاپو اهڙي ماڻهوءَ سان آهي، جنهن کي چئجي هڪ ڪم جو، پر هُو ٻيل ڪم ڇڏي ٻيو ڪو ڪم ڪري اچي.

انهيءَ ويچار تي هيٺيان پهاڪا پڻ ملن ٿا:

(1) اڪبر جو مقبر.

(2) اٺي جو گهوڙاٽو.

(3) عقل نو اوٽنمير. منگاوي ڀاڄي، ني لئي آويو ڪوٿ مير. (گجراتي)

(4) اڪلانچي امير. سانگيتلي ميٽي، آٽلي ڪوٿمير. (مراٺي)

- اڪين لونگ لڳا جعفر ويا وسري.

نوان دوست ٿيا ته جهونا وسري ويا.

- اڃاڻ لاءِ جهڙي مصري تهڙي ڦٽڪي.

بي عقل لاءِ چڱا مٺا سڀ هڪ جهڙا. هندي ٻوليءَ ۾ اهڙي ويچار کي ڏيکاريندڙ پهاڪو هن ريت ملي ٿو. "بندر ڪيا جاني ادرڪ ڪا سواد".

شهرن ۽ جاين متعلق پهاڪا:

سنڌيءَ ۾ جدا جدا شهرن ۽ جاين، ندين ۽ طبعي حالتن سان واسطو رکندڙ پهاڪا به چڱي تعداد ۾ ملن ٿا. انهن جا ڪجهه مثال هتي ڏجن ٿا.

سنڌ بابت پهاڪا:

- سنڌو ندي آهي ٻورالي ندي.

مطلب ته سنڌو نديءَ جو وهڪرو هر سال ڪن هنڌن تي پيو ڦرندو گهرندو آهي. ان ڪري ڪيترا ڳوٺ ڪڏهن ٻوڏ ۾ تباهه ٿي وڃن ته ڪڏهن نديءَ جي پري هٽي وڃڻ ڪري ويران ٿي وڃن. ان ڪري سنڌو نديءَ کي ٻورالي يا پاڳل ندي چيو ويو آهي.

- ڳُوني سدا اونهي.

سنڌو نديءَ مان نڪرندڙ هڪ واهه جو نالو آهي 'ڳوني'. اُهو لاڙ ۾ هڪ خاص جاءِ تي هميشه پاڻيءَ سان ڀريو پيو هوندو آهي. جنهن تي هيءَ چوڻي ٺهي آهي.

- لاڙ آهي ساڙ.

لاڙ يعني بدين کان هيٺ ڏکڻ سنڌ وارو پاڱو. اُهو پوسل ۽ مڇرن جي آزار ڪري مشهور آهي.

- مڇر منگهڻ ڪارڙا، ماڪ ٿي ماري،
هڪڙو وچوڙو وطن جو، ٻيو سرڪو ٿو ساڙي.

هن چوڻيءَ ۾ پراڻي زماني ۾ ڪراچيءَ جي ايراضيءَ جو بيان ڪيل آهي. ان وقت اهو هڪ ننڍو ڳوٺ هو. جتي مڇر، منگهڻ ۽ ٻيا جيت تمام گهڻا هئا ۽ سر توڙي پوسل جو به گهڻو آزار هو.

- حيدرآباد، هيرآباد، ڪندين گهڻا ڏينهن ياد.

آزاديءَ کان اڳ هيرآباد (سنڌ) پنهنجيءَ رونق ڪري گهڻو مشهور هو. ان ۾ به هيرآباد واري ڪالوني سونهن ۽ فيشن پرستيءَ ڪري سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور هئي.

چانديءَ جو رپيو ٿر ۾ ويو ته مٺو، ٿيو زمين حوالي.

پراڻي زماني ۾ ٿر جا ماڻهو پنهنجو ناڻو گهڻو ڪري زمين ۾ پوري رکندا هئا. ان تي اها چوڻي مشهور آهي.

وٺو ته ٿر نه ته بر.

مطلب ته برسات پيئي ته ٿر جي ايراضي سرسبز ۽ رونق واري ٿي پوندي آهي، پر جي برسات بہ ٿي سال نه وسي ته پوءِ اها ويران ٿي ويندي آهي.

ڪارونجهر روز سوا سير سون ڏئي.

پارڪر واري ايراضيءَ ۾ ڪارونجهر نالي ٽڪري آهي. ان ۾ گهڻيئي قيمتي شيون، جڙيون ٻوٽيون پيدا ٿين ٿيون. ان تي اها چوڻي نهي.

ڪوٽ ته اُمرڪوٽ، ٻيون سڀ ڪوٽڙيون.

ڪنهن زماني ۾ اُمرڪوٽ (جنهن کي عمرڪوٽ بہ چوندا آهن) سو تمام مضبوط قلعو هو. ان تي هيءَ چوڻي نهي آهي.

هي خدا، جي تو سيوهڻ ناهيو آهي،

تہ پوءِ دوزخ چو ناهيئہ؟

مطلب تہ سيوهڻ (سنڌ) ۾ گرمي تمام گهڻي ٿيندي آهي. اِن ڪري اُن کي دوزخ جي آزارن برابر ليکيو ويو آهي.

**سنڌ کان ٻاهر جي علائقن متعلق پهاڪا:**

سنڌيءَ ۾ اهڙا پهاڪا بہ گهڻيئي ملن ٿا، جن جو واسطو سنڌ کان ٻاهر جي علائقن سان آهي. انهن جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

- انڌن وچي ملتان لڌو آهي.

آزاديءَ کان اڳ ڪراچيءَ کان وٺي ملتان تائين هڪ شاهي سڙڪ هئي، جنهن تي هيءَ چوڻي نهي آهي. هاڻي تہ ٻيا بہ رستا نهي ويا آهن، جيڪي سنڌ کي پنجاب سان ڳنڍين ٿا.

- دليءَ جو لڏون کائيندين تہ بہ پڇتائيندين.

جي نہ کائيندين تہ بہ پڇتائيندين.

هيءَ چوڻي دهليءَ جي ڳوٺن طرف اشارو ڪري ٿي.

- جيڪي ويا جاوا، سي ٿيا ساوا.

هيءُ پهاڪو اُن زماني جو آهي، جڏهن سنڌ جا گهڻا ماڻهو انڊونيشيا ۾ جڪارتا، جاوا، سوماترا ۽ ملايا جهڙن ٻين شهرن ۾ پنهنجي روزگار لاءِ ويندا هئا. اُتي هو واپار ۾ گهڻو ناڻو ڪمائي شاهوڪار بڻجي ويا.

- ٻه ٽڪ پنهنجي دواري، سونہ بلخ نہ بخاري.

اتر سنڌ خاص طور شڪارپور جا واپاري افغانستان، ايران، روس وغيره ملڪن ۾ واپار لاءِ ويندا هئا. پر هنن محسوس ڪيو تہ چاهي ٻاهر اسين ڪيترو بہ گهڻو ناڻو ڪمايون تہ بہ سنڌ ۾ پنهنجي گهر ۾ رهڻ جيترو سک ٻاهر ملي نہ سگهندو.

جدا جدا شهرن ۽ علائقن جي رهاڪن بابت پڻ اسان کي ڪجهہ پهاڪا ملن ٿا. جيئن تہ:

- پنجابي ايڪ تہ ڀاوين ڏون، پنجابي ڏون تہ جهڳائي جهون.

مطلب تہ جيڪڏهن توکي هڪ پنجابي ڳڏجي تہ کيس ٻن جي برابر سمجهہ. پر جيڪڏهن تنهنجو واسطو ٻن پنجابين سان پوي ٿو تہ پوءِ سمجهہ تہ هو تنهنجو گهر ئي لٽي ويندا.

- لاڙ جو پڙهيو، سري جو ڍڳو.

مطلب تہ ڏکڻ سنڌ جو رهاڪو ڪيترو بہ گهڻو چونہ پڙهي، پر هُو اتر سنڌ جي ڍڳن جي برابر آهي. هيءَ چوڻي لاڙ جي رهاڪن جي اُچارن ۽ رهڻي ڪهڻيءَ طرف اشارو ڪري ٿي.

- ڍءُ جهلي هڪ پاپڙو، ٻي مينهن.

اُتر سنڌ ۾ پاپڙا ذات جا جين واپاري رهندا هئا. هو چاهي تمام گهڻا شاهوڪار هئا. تہ بہ پنهنجي ناڻي جو ڏيکاءُ نہ ڪندا هئا.

- چريو سيوهاڻي، پٽر ڍوئي گهر ڏي.

سيوهڻ جا رهاڪو چاهي ڪيتري به گهڻي ترقي ڪن، ته به هو سادگيءَ سان زندگي گذاريندا هئا. ان تي هيءُ ٻهاڪو ٺهيو آهي. ڪي ماڻهو هن ٻهاڪي ۾ ڇُريو سيوهاڻي به ڪتب آڻيندا آهن، جيڪو درست نه ٿو لڳي.

### 5.3 جانور، پکي ۽ جيت جڻيا:

ايامن کان انسان ذات جو لاڳاپو الڳ الڳ جانورن سان رهيو آهي. تاريخي روايتن موجب ڪنهن زماني ۾ انسان پاڻ به جانورن وانگر جهنگلن ۾ رهندو هو. پاڻ کان هيٺن ۽ ڪمزور جانورن جو شڪار ڪري انهن جي ڪچي گوشت تي گذر ڪندو هو. ٿڌ ۽ برسات کان بچڻ لاءِ ٻين جانورن وانگر پنهنجو منهن ٽنگن جي وچ ۾ لڪائي ڪنهن وڻ يا ڏڙي جي آڙ ۾ لِڪي وڃي سمهندو هو. جيڪي جانور انسان کان وڌيڪ طاقتور ۽ درندا هئا، انهن کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ جبلن جي غارُنِ يا ڪوڪلن وڻن ۾ لِڪي پوندو هو. پر ڏسجي ٿو ته قدرت جي طرفان انسان جي مٿان ڪو راز هو جو کيس عقل ۽ ذهن ٻين جانورن کان ڪافي گهڻي ۾ عطا ٿيل هو. ٻي خاص وصف جيڪا انسان ذات کي مليل هئي ۽ جيڪا اڃا به منجهس قائم آهي ۽ جنهن سبب هو آهستي آهستي ترقي ڪندو جهنگلي حالت مان نڪري اڄ اڳوڻي اوج واري حالت کي رسيو آهي سا هيءَ آهي ته هُو هميشه هڪ ئي نموني گذر ڪرڻ مان ڪڪ ٿي پوندو آهي. مثال طور، ساڳين شين، ڪپڙن، کاڌي وغيره کي هو پسند نه ڪندو آهي. کيس پنهنجن حالتن ۾ سڌارو ۽ بدلاءُ آڻڻ جي هميشه ڳڻتي رهندي آهي. ائين چئي سگهجي ٿو ته انسان هميشه ترقي ڪري اڃا به وڌيڪ سٺي مقام تي پهچڻ جي ڪوشش ۾ لڳو پيو هوندو آهي، اِن ڪري ئي هُو ٻين سيني ساهه وارن کان اوچي درجي تي پهچي ويو آهي.

زمانو گذرندو ويو ۽ انسان انهيءَ فطري وصف سبب هڪ ئي جهنگلي جانور وانگر فقط شڪار تي گذران ڪرڻ مان اڃي خفي ٿيو. جهنگل ۽ ٻيلن ۾ شڪار پنيان ڦرڻ سبب کيس وڻن ٻوٽن ۽ پنن کان

سواءِ گل ۽ ميوا به نظر آيا جي انسان ڏٺا ته فقط کڏهن کڏهن پيدا ٿين ٿا. آخر انهن کي چکي ڏٺائين. جن مان کيس ڪجهه رس ۽ سواد معلوم ٿيو ته پوءِ هو انهن جو واهپو به ڪرڻ لڳو. آخر نتيجو اهو نڪتو جو فقط گوشت تي گذران ڪرڻ سان گڏ سندس لاڙو پوک طرف پڻ ٿيو.

اهڙيءَ طرح زمانا گذرندا رهيا ۽ انسان پنهنجي ترقيءَ جي راهه تي اڳتي وڌندو رهيو. فطرت جي اصولن سان پڻ سندس واقفيت وڌندي هلي. انهن اصولن جي آزمودي مان ڏٺائين ته گرمي ۽ سرديءَ جي موسمن بدلجڻ تي وڻن ۽ ٻوٽن ۾ نوان پن ۽ ميوا ٿين ٿا. جيڪي ميوا زمين تي ڪرن ٿا يا پاڻ جيڪي ميوا کائي انهن جو اندريون سخت ۽ ٻي سوادي حصو. هو کائي نه سگهيو ۽ زمين تي ڦٽو ڪري ڇڏيائين ته اُن مان وقت گذرڻ تي نئون ٻوٽو نڪتو ۽ وڌي ڪري ساڳيو ئي ميوو يا ڦل ڏيڻ لڳو. اهو به کيس معلوم ٿيو ته جتي برسات جو پاڻي ڪنو ٿو ٿئي يا قدرتي ڍنڍن، ڍورن، يا ندين مان پاڻي اٿل کائي اچي زمين تي بيٺو ته اُتي گاهه ۽ ٻوٽا پيدا ٿي ويا. اهڙن قدرت جي آزمودن مان سندس هوش ۽ حوصلو ڪافي وڌيا ۽ موسم جي تبديلي ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ اثرن جي به کيس ڄاڻ پيئي. ائين ڪندي ڪندي آخر انسان کي ٻني ٻاري جي چڱي ڄاڻ ٿي ويئي. ان کان پوءِ هو پنهنجي کاڌي لاءِ گوشت کان سواءِ ميون، ڦلن ۽ اناج جو استعمال به ڪرڻ لڳو.

ٻني ٻاري جي هنر جي هٿ اچڻ تي سندس آزمودي ۾ هڪ نئون باب کُلي ويو. پوک ڪندي کيس اهو محسوس ٿيو ته اِهو ڪم سندس اڪيلي سر ڪرڻ وقت کان ٻاهر آهي. ڪيتريءَ جي ڪم ۾ کيس مدد جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي. ڪجهه وقت گذرندي ۽ ويچار ڪندي انسان جي نظر اهڙن جانورن تي پيئي، جن کي هو ماري کائي ويندو هو ۽ اُهي جانور هن کان ٻچي نه سگهندا هئا. آخر انهن جانورن کي جيئرو ڦاسائڻ جو تدارڪ ڪرتو پيس، جنهن لاءِ هن کي الڳ الڳ

ڪرڻو پيو. جانورن کي ڦاسائي ۽ وري انهن کان پنهنجي ضرورت موجب ڪم وٺڻ لاءِ به تدبيرون ڪرڻيون پيس. آخرڪار پنهنجيءَ سمجهه، آزمودي ۽ حڪمت عمليءَ سان انهن جانورن مان اهي نرم ۽ نازڪ هنڌ معلوم ڪري ورتائين، جن تي ٿورو ئي زور ڏيڻ سان جانورن کي آسانيءَ سان قبضي ۾ ڪري پنهنجيءَ گهرج موجب هلائي ڪم وٺي ٿي سگهيو. جيئن ته ڏاند کي ڏوريءَ جي نٿ نڪ ۾ هنيائين. اُٺ کي به نڪ ۾ مهار ۽ ناڪيلي وڌائين. گهوڙي ۽ گڏهه کي وات ۾ لغام وڌائين. اهڙيءَ طرح هُن پنهنجي کيتيءَ جي ڪم ۾ جانورن کي استعمال ڪري ڏکئي ڪم کي سولو بنايو.

اِنسان جيڪي جانور پاڻ وٽ پاليا، اُنهن مان به ڪيس گهڻي پروڙ پيئي. کير، مکڻ ۽ ڏڌ جي خبر پيئي. نه فقط پاليل جانورن بابت انسان کي آزمودو حاصل ٿيو، پر جهنگلي جانور وقتي پوک کي کائيندا يا ٻي طرح نقصان رسائيندا هنا، اُنهن کي هڪالي ڀڄائڻ لاءِ ٻاهه ٻارڻ، ٻاٽي ٻريل ڪڍُن ۾ ڦاسائڻ يا ڪڏهن ڪڏهن وڏو آواز به ڪرڻ لڳو. جنهن لاءِ ٻڪر يا رڍ جهڙي جانور جا پورا سڳ وڄائي شور مچائڻو پوندو هوس. انهيءَ آڌار تي چوڻي نهي "ڏنڊ وڳي، بلا ڀڳي." اڄوڪي زماني ۾ جڏهن ماڪڙ اچي فصل جو نقصان ڪندي آهي ته وري هاري ڏهل، دٻا وغيره وڄائي، شور غُل ڪري، ماڪڙ کي ڀڄائڻ جي ڪندا آهن. وقتي جي جهنگلي جانورن مان ڪو جانور ڦاسي يا مري پوي ته اُن جي کَل، چرٻي، گوشت يا هڏين مان ڪهڙو ڪم وٺجي، ڪيس اها به سُڌ پيئي. مطلب ته جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن انسان به جانورن بابت پنهنجي آزمودن جي آڌار تي پنهنجي ڄاڻ ۾ واڌارو ڪندو ويو. پنهنجي وسيع ۽ پوري آزمودي مان هو هاڻي سمجهي ٿي سگهيو ته ڪهڙا جانور سمجهو ۽ ڪهڙا جانور موڳا آهن. ڪهڙا جانور ساٿس وفادار يا پروسي جهڙا آهن. ڪهڙا جانور پنهنجو ڪم سنئون سڌو يا ٿوري اشاري تي ڪري سگهن ٿا ۽ ڪهڙن جانورن کي وس ۾ ڪرڻ لاءِ لٺ يا چابڪ جو استعمال ڪرڻ گهرجي. قصو

ڪوتاهه ته اسان کي جانورن جي هر پهلو، شڪل، شبيهه، رنگ ڍنگ، ڪاڏي خوراڪ، عادتن، خصلتن خواهه انهن جي آوازن ۽ اوناڻن جي ايتري قدر ڄاڻ پئجي ويئي جو مزاجا انهن آزمودن کي انسان بنسبت پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪتب آڻڻ لڳو. مثلا ڪنهن ماڻهوءَ جو هينيون چپ وڏو ۽ لڙڪندو ڏسي ڪنهن شخص جي وات مان هي اکر نڪتا. "چپ ته ڏسوس، اٺ وانگر پيو لڙڪيس." ڪو چوڪرو راند ڪندي مهل مٽيءَ ۾ پئي ليٽڙيو. ان لاءِ ڪنهن چيو ته "گڏهه وانگر پيو مٽيءَ ۾ ليٽڙي." ٻن ماڻهن کي پاڻ ۾ جوش سان وڙهندو ڏسي ڪنهن چئي ڏنو "هي ته ڪتن وانگر هڪٻئي جو ماس پيا چنن". اهي اکر اهڙا ته نج ۽ موزون ثابت ٿيا جو ساڳين حالتن هيٺ وري وري ڪتب اچڻ لڳا. آهستي آهستي اهڙن اکرن يا جملن محاورن جي شڪل اختيار ورتي. وقت بوقت ڪيترا ٻيا به موزون اصطلاح جانورن سان پيٽ وارا وري ساڳي طور ڪم اچڻ سبب ڦري پهاڪا، چوڻيون، مثال، مشابهتون وغيره ٿي پيا ۽ آخر چڱي طرح ٻوليءَ ۾ شامل ٿي ويا.

نه فقط جانور ٻوليءَ تي اثرانداز ٿيا ۽ ان ۾ پنهنجي لاءِ جاءِ حاصل ڪيائون، پر انهن جا پاليندڙ يا انهن سان خاص تعلق رکندڙ به ٻوليءَ ۾ اثر نما ٿيا. اُن جا جت، ڌاند کي گهاڻي ۾ وهائيندڙ چاڪي يا ٻڪريءَ کي ذبح ڪري گوشت وڪڻندڙ ڪاسائي ۽ رڍن ۽ ٻڪرين جا ڌڻ چاريندڙ ريڍار يا ٻڪرار وغيره به شمار ۾ آيا. اهڙن ماڻهن جي ڪارڪردگي ۽ خصلتن تي پڻ ڪيترا محاورا، چوڻيون وغيره چيا ويا. مثلاً اُن جو جت ڪوتاهه بي عقليءَ جو نشان بڻيو. ڪاسائي وري سنگدلي ۽ بيرحميءَ جو مثال بڻيو.

جانورن ۽ انهن سان تعلق رکندڙ محاورا، پهاڪا، چوڻيون وغيره ۽ رواجي چالو پهاڪا وغيره گڏجي اسان جي ٻوليءَ ۾ چڱو خاصو ذخيرو بڻيا آهن. هن مقالي ۾ اها ڪوشش جاري رکي ويئي آهي ته انهن پهاڪن وغيره بابت جاچ ڪري معلومات حاصل ڪجي ته اهي ڪيئن ۽ ڪهڙين حالتن جي هيٺ چالو ٿيا يا اهي ڪنهن تاريخي يا ٻئي

ڪنهن مکيہ گهٽتا يا واقعي تي ٻڌل آهن. مطلب تہ انهن پهاڪن جي پيڙهہ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش کي نظرانداز ڪونہ ڪيو ويو آهي. پر "سچ بہ پاڇا آهي". "ڪماليت جي پنيان زواليت". هلي اچي انسان جو اهو سڀاءُ جو ڪيس ساڳيءَ حالت تي راضي رهڻ نہ ٿو ڏئي، تنهن ڪيس جانورن کان ڪم وٺڻ ۾ بہ بيزار ڪري ڇڏيو.

جانور نہ فقط ٻوليءَ جي پهاڪن وغيره ۾ جاڳير آهن، پر ٻين ڪيترن ئي قسمن جي تصنيفن ۾ بہ ڪين دخل حاصل آهي. مثال طور درسگاهن ڏانهن نظر ڪجي تہ شروعاتي سبقن ۾ الف- ب سيکارڻ لاءِ شڪلين ۽ تصويرن جو سهارو ورتو ٿو وڃي. ننڍڙن معصومن کي الف- ب جا حرف زڪا ياد ڪرائي نہ ٿا سگهجن، پر انهن حرفن کي ڪنهن شڪل يا صورت جي ٽيڪ ڏيڻي ٿي پوي. ٻارائي ڪلاس ۾ پهريون اکر 'الف' ڇڏي جي، اڳتي هلبو تہ ٻي- ٻلا، ٻي- ٻڪري، پي- پلو، پي- پولڙو نظر ايندا. اجا بہ اڳتي وڌبو تہ رڇ، سانُ، گڏهہ، ڪيرو، شينهن وغيره پڻ ملندا. شڪلين ۾، خاص طور سان جانورن جي شڪلين ۾ جو ضرور انهيءَ سبب ٿو پوي جو ٻارن جي سمجهہ بلڪل ڪچي آهي ۽ ڪين پنهنجي هئڻ جي ڪابہ ٻوجهہ يا سمجهہ ڪانهي، جنهن سبب هو ٻاهرين دنيا ۾ هلندڙ چلندڙ جانورن يا رانديڪن کان متاثر ٿين ٿا. انهيءَ ڪري گهڻو ڪري، هر ٻوليءَ جي الف- بي جا حرف ڪين تصويرن رستي ياد ڪرائڻ آسان ٿين ٿا. ٻار تصوير ڏسي ڪري اُن جانور جو نالو ٻڌي شروعاتي حرفن کي سولائيءَ سان ياد ڪري سگهندا آهن.

ٻارائي درجي کان پوءِ ٻارن کي ننڍيون ۽ هلڪيون آکاڻيون ٻڌائي سبق پڙهايا وڃن ٿا. انهن ۾ پڻ جانورن ۽ پکين واتان نصيحت ڀريا نُڪتا چوايا وڃن ٿا، جيئن ٻارن ۾ دلچسپي پيدا ڪن. هنن قسمن جي سبقن ۾ ماڪيءَ جي مناس، ماڪوڙي، ڏينيو ۽ ٻين جانورن جو ذڪر اچي ٿو. هن ڏس ۾ "ايسپ جون آکاڻيون". دنيا ڀر ۾ مشهور آهن، جن ۾ گهڻو ڪري هر قسم جي جانور جو ذڪر اچي ٿو. ڀارت ۾ "پنچ تنتر" نالي ڪتاب گهڻو مشهور آهي. "هتوپديش" بہ جانورن

اِن طرح دنيا جي ٻولين ۾ پروليون، ڳجهارتون وغيره ملن ٿيون، اُنهن مان ڪن ۾ جانورن جو ذڪر ٻه اچي ٿو. پروليءَ ۾ يا ته جانور جو نالو ڪم آيل هوندو آهي يا وري پروليءَ جو جواب ڪو جانور هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻه اهڙي قسم جون ڪجهه پروليون ملن ٿيون.

جيتوڻيڪ منهنجو اڀياس هتي پهاڪن تائين محدود آهي، پر جانورن جو ذڪر پرولين ۾ ٻه ملي ٿو. اِنهيءَ ڳالهه جي پنيرائي ڪرڻ لاءِ ڪجهه مثال هن ريت آهن:

- هيتري تر جيتري، راجا جي پڳ لاهي. (جُونءِ)
- سوڙهيءَ ڳليءَ ۾ نانگ نچي. (سُئي جي اُبداٺي ۾ اڳٽ)
- هڪڙا اچن ٻيا وڃن (ڏينهوءَ جو مانارو.)

سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ٻه شاگردن لاءِ عام سکيا ڏيندڙ هڪ شلوڪ ملي ٿو، جنهن ۾ ٻه جانورن جي خوبيءَ جو ذڪر ڪيل آهي:

- ڪاڪ چيشٽا بکو ڌيا نم، شوان نِدرا تٿيئوَچ،
  الپاهار- گرهتيا گؤ، ايتي وديارٿي- لڪشٽا.

مطلب ته ڪانوَ جهڙي تيز نظر هجيس، ڌيان ٻگهه پکيءَ جهڙو، ننڊ ڪُتي جهڙي، کاڌو بلڪل ٿورو ۽ گهر کان پريان رهي، اهي پنج ئي لڇڻ ڪنهن به شاگرد يا وديارٿيءَ ۾ هئڻ گهرجن.

سنڌي ٻوليءَ جي شاعرن پنهنجي نظم ۾ جانورن، پکين وغيره کي نظرانداز ڪونه ڪيو آهي. شاهه عبداللطيف جهڙي چوٽيءَ جي شاعر پنهنجي سُرن ۾ اُٺ کي خوب ڪم ۾ آندو آهي ۽ گهوڙي کي گهوٽن سان شريڪ ڪري ڪين اعليٰ درجي تي رسايو آهي. نانگ جون وصفون شاهه صاحب ڌار ڌار پيش ڪيون آهن. سُر مومل راڻي ۾ نانگ جي ڪاري رنگ ۽ ڊيگهه کي مومل جي ساهيڙين جي سُونهن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

گلبدن جون، ڳجريون ارم اوڊيائون،
چوٽا تيل ڦُليل سان واسينگ ويڙهيائون. (سُر مومل راڻو)

نانگ جي ٻي وصف، جا اوڳڻ آهي، هن ريت پيش ڪيل آهي:

حضرت ابراهيم جنهن پهرين ڪعبو شريف جوڙيو، تنهن تي جڏهن ٻاهريان حملو ڪري آيا ته ابابيل پکين پنهنجي چهنب ۾ ننڍا پٿر يا ٺِڪريون ڀري دشمن مٿان وسايا، جنهن سبب هو شڪست کائي موٽي ويا.

جيوتش وديا يا علم نجوم جو آسمان جي ستارن ۽ اُنهن جي هلچل سان واسطو آهي. جيوتش موجب جيڪي راشيون (گرهه) مقرر ٿيل آهن. انهن سان ڪيترين جو لاڳاپو جانورن سان آهي. جيئن ته، ميش، ورش، ڪرڪ، سِنهه، ورشچڪ، مڪر، مينَ. اِهو مڃيو وڃي ٿو ته ٻار جنهن راس جو هوندو، اُن راس جي جانور جا گُڻ به ٻار ۾ پڻ موجود هوندا.

هندو ڌرم جي روايت موجب جڏهن ڪو ٻار پيدا ٿيندو آهي ته ان جو نالو رکڻ لاءِ ان ٻار جي پيدا ٿيڻ وقت تي آڪاش (آسمان) ۾ جيڪو نکٽ هوندو آهي، انهيءَ آڌار تي ٻار جي نالي جو پهريون اکر ڪڍيو ويندو آهي. پيدا ٿيل ٻار جي راسِ اُها مڃي ويندي آهي، جنهن راسِ ۾ چنڊ ٻار جي پيدا ٿيڻ جي وقت تي بيٺل هجي. راسيُن جي آڌار تي ئي ٻار جي فطرت جو اندازو لڳايو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت، شاديءَ جي وقت تي به ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي راسين (گرهن) جو پاڻ ۾ ميلاپ ڪري اهڙو اندازو لڳايو ويندو آهي ته اُنهن جو اڳتي وقت سٺو گذرندو يا نه. جهڙيءَ طرح به جانور پاڻ ۾ مخالف ٿيندا آهن، اهڙيءَ طرح راسيون به پاڻ ۾ مخالف ٿينديون آهن. هندو ڌرم ۾ اهو مڃيو ويندو آهي ته جيڪڏهن ٻن مخالف راسين واري ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي شادي پاڻ ۾ ڪئي وڃي ته اُهي پنهنجي زندگيءَ ۾ سُکي نه رهي سگهندا آهن.

جهڙيءَ ريت هندو ڌرم ۾ ماڻهن کي راسين موجب الڳ ورگ (قسم) ڏيئي ڪري ڪنهن جانور جي اهميت سان ان جو لاڳاپو ڪيو ويو آهي، انهيءَ طرح چين ۽ جاپان ۾ هرهڪ سال کي ڪنهن جانور جي پٺيان شمار ڪيو ويو آهي. اِن لاءِ ٻارنهن جانورن جو آڌار مڃيو ويو آهي.

| | |
|---|---|
| (1) ڪتو | (2) سوئرُ |
| (3) ڪوئو | (4) ڏانڊُ |
| (5) چيتو | (6) سهو |
| (7) ڊريگن يا ازدها | (8) نانگُ |
| (9) گهوڙو | (10) رِڍ |
| (11) ٻولڙو | (12) ڪُڪڙ يا مرغو |

سال 1994ع ڪتي وارو سال هو، 1995ع سوئر وارو سال ۽ ان بعد ڪُوئي وارو سال ٿي گذريو. اهڙيءَ ريت ڪُڪڙ واري سال تي ٻارنهن سالن جو هڪ چڪر پورو ٿيندو ۽ وري نئون ڦيرو ڪُتي جي سال سان شروع ٿيندو. انهن ملڪن جي ماڻهن ۾ اهو ويساهه آهي تہ جنهن سال ۾ ڪو ٻار پيدا ٿيندو، اُن ۾ انهيءَ جانور واريون خصلتون هونديون. مثال طور جيڪو سن 1994ع ۾ پيدا ٿيو هوندو، ان ۾ ڪُتي واريون عادتون هونديون ۽ هو پنهنجي ڪٽنب، مالڪ ۽ دوستن سان وفادار هوندو. سال 1995ع کي سوئر جو سال مڃي، هانگ ڪانگ جي سرڪار ٽپال جي ٽڪلين تي سوئر جي شڪل ڇپائي هئي.

ٻوليءَ ۾ جانورن جي هستي اڄا تائين بہ اڇي ڏنگ نہ ٿي ڪري، پر اڄا ڪجهہ اڳيرو پنهنجو اثر رکي ٿي. انساني اوائلي تاريخ ڏانهن ڏسجي ٿو تہ جڏهن انسان ڪجهہ سُڌاري جي حد تي پهتا تہ هو پاڻ ۾ گڏجي ڪري هڪ ئي گهر ۾ پاڙي ۾ رهڻ لڳا. آدمشماريءَ جي وڌڻ تي اُنهن پاڙن مان وڏا قبيلا ٺهيا. اهڙيءَ ريت قبيلن جي آڌر ۾ واڌ ٿيڻ سان ذاتيون ٺهيون ۽ قومن جي ارتقا ٿي. هن وقت سنڌ ۾ مسلمانن جون بہ مکيہ قومون ليکجن ٿيون: هڪڙا بلوچ ۽ ٻيا سماٽ. بلوچن جا پاڙا ۽ قبيلا سمورا پنهنجي وڏن جي پنيان سڏجن ٿا. هڪ ڪتاب "اقوامِ بلوچان" سيد باز محمد شاهہ جو لکيل آهي، جنهن مان هن ڏِس ۾ گهڻي خبر پوي ٿي. سماٽن بابت ڪو اهڙو پروسي جهڙو ڪتاب يا لکاوٽ ڪانہ ٿي ڏسجي، جنهن مان پاڙن، قبيلن وغيره جي ڄاڻ پوي.

ڏسجي ٿو تہ سنڌ جا اصل رهاڪو گهٽي انداز ۾ سما ۽ سومرا هئا، جيڪي سيپئي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا ۽ اُنهن اڄ تائين پنهنجي ذات قائم رکي آهي. سماٽن جون ڪي ذاتيون وري اهڙيون آهن، جن جا نالا جانورن جي پٺيان پڌل آهن. مثال طور: ڪيهر، ٻبر، واگهہ، شير وغيره. پنجاب ۽ سرحد وارن علائقن ۾ ذات جا شير پاؤ ۽ شيرموز ملن ٿا. اِنهن ۾ ڪي چِترا (ڪشترا) ۽ ڪي شِڪرا بہ آهن. گجرات جا ڪي مسلمان ذات جا گانگ آهن. سنڌ ۾ هڪ ذات سيال بہ آهي، جيڪي پنجاب جي علائقي سيالڪوٽ سان واسطو رکن ٿا. مرزا قليچ بيگ صاحب پنهنجي "سنڌي لغات قديميءَ" ۾ سيارڙا جي معنيٰ لکي آهي: مِروُن، سيارُ، سيالُ، شِگالُ، گدڙُ. ائين ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ سيال ذات وارن تي اِهي نالو هن جانور پٺيان رکيو ويو هجي.

سنڌ جي هندُن ۾ هڪ ذات 'گدڙ' آهي، جيڪا ٻيراڻيءَ جي ڳوٺ ۽ ان جي آس پاس جي علائقي ۾ ملي ٿي. اِنهي ذات وارن هندُن جو چوڻ آهي تہ سندن ڪي وڏا هڪ دفعي شڪار ڪرڻ لاءِ گهران تيار ٿي نڪتا، سڄو ڏينهن هليا، پر ڪين ڪو شڪار هٿ ڪونہ آيو. آخر هڪ گدڙ ڏٺائون ۽ انهيءَ جو شڪار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ٻين ماڻهن کي جڏهن هن ڳالهہ جي خبر پيئي تہ انهن شڪار ڪندڙن جي 'گدڙ' چيڙ ڪري رکيائين جا پوءِ ڦِري سندن ذات جو نالو ٿي ويئي. ڪيئن بہ هجي پر اهو تہ ممڪن آهي تہ 'گدڙ' يا 'سيال' ذات ساڳئي جانور جي نالي تي ٻيٺل آهن.

ٻوليءَ ۾ جانورن جي نالن جا چڱا ئي مثال ملن ٿا، پر اِنهيءَ کان بہ وڌيڪ ماڻهن جي نالن ۾ بہ جانورن جو اثر ملي ٿو. جيئن تہ: شير سِنهہ، هاٿيراماڻي، گجيندر، گجانند، شيرعلي، ڏاندومل وغيره.

سنڌي هندُن ۾ ذات کي 'نُک' چوندا آهن. ڪجهہ نُکون پڻ جانورن جي نالن پٺيان پڌل آهن. مثال طور: ميندا، ڳابا، ڳيرا (پنجاب ۾ يرا). هندُن ۾ ڪي برهمڻ بہ آهن، جيڪي عجيب و غريب ذاتين جا آهن. جهڙوڪ ڪانپاڙ، ڳاڏهي، پُچرت وغيره. هنن ۾ هڪ ذات ڪُتا

چنبا بہ آهي جا سچ پچ عجيب ڏسجي ٿي. ذات جا ڪُوئا تہ ٿين ٿا، پر وري چنبا، هڪ عجيب ڳالهہ آهي.

گڏهہ جي ٻچي کي ڪودو، ڪوتو يا ڪودڙو بہ چوندا آهن. هندي ٻوليءَ ۾ اهي نالو عام يا رواجي آهي، پر سنڌ ۾ اهو نالو ڪنهن خاص مطلب سان رکيو ويندو آهي. جڏهن ڪنهن خاندان ۾ پيدا ٿيندڙ ٻار جلد مري ويندا آهن تہ اُنهن جا مائٽ نئين ڄاول ٻار جو نالو 'ڪودڙو' رکندا آهن، يعني اهو نالو اهڙو آهي، جنهن کي پيار جي نظر وچان ڏسي نہ ٿو سگهجي ۽ مائٽن ۾ جڻ تہ اهو ٻار پيار جي نظر ڪان محروم رکيو ٿو وڃي. اهڙيءَ طرح ڏنو ويو آهي تہ ڪيترن ئي ٻارن جي مرڻ بعد اهڙي نالي وارو ٻار جيئرو ٿو رهي. مطلب تہ ٻار مان پيار ۽ موهہ جي نظر هٽائي ويئي تہ ٻار بچي پيو. ٻيا بہ اهڙائي ڪجهہ نالا آهن. ڪؤڙو، مِرچُو، ڪنُوُ وغيره.

جانورن ڪان علاوه پکين تي بہ انسان نالو رکن ٿا. پکين مان باز نالو ماڻهن تي رکيو وڃي ٿو. جيئن تہ باز محمد شاهہ، شهباز خان، شاهہ بازراڻي وغيره. طوطي تي بہ ڪجهہ نالا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا، جيئن تہ طوطو خان، طوطومل. پراڻي زماني جي زالن ۾ 'طوطِي' نالو بہ ڪڏهن ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. انسانن ۾ ڪيترائي نالا اهڙا آهن، جيڪي سِڌو ئي پکين جي آڌار تي رکيل آهن، جيئن تہ: مورخان، ڊيل، ڪونج، مئنا، ڪويَل، وغيره.

ڪيترن جانورن ۽ پکين کي ڪن ملڪن جي قومي نشان ٿيڻ جو شرف حاصل آهي. مثال طور: انگليند جي نشاني شير آهي ۽ انڊونيشيا ۽ آمريڪا جو قومي پکي وڏو باز آهي. ٿائيليند وارن هاٿيءَ کي، روس ۾ رڇُ، فرانس وارن ڪُڪُڙ ۽ آسٽريليا ۾ ڪنگروءَ کي پنهنجو قومي نشان ناهيو آهي. ڪراچي ميونسپل وارن پنهنجي نشانيءَ ۾ اُٺ کي شامل ڪيو آهي، جيڪو سنڌ ۾ ڪمائتو ۽ اصُل رهاڪو جانور مڃيو ويو آهي.

آمريڪا ۾ فقط بہ سياسي پارٽيون آهن: هڪ ڊيموڪريٽڪ ۽

ٻي آهي ريپبلڪن پارٽي. اِنهن ٻنهي پارٽين جون پنهنجيون الڳ الڳ نشانيون آهن. ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ گڏهه کي پنهنجي نشاني ڪري رکيو آهي ۽ ريپبلڪن پارٽيءَ جي نشاني وري هاٿي آهي. اهي نشانيون اڻويهين عيسوي صديءَ ۾ مقرر ٿيون هيون ۽ اڄا به موجود آهن.

ڀارت ۾ اڄا به دستوري علم جي ڪمي آهي. اِنهيءَ سبب جڏهن چونڊن جو موقعو اچي ٿو ته قدرتي طور اِهو سوال اُٿي ٿو ته اڻپڙهيل ووٽ ڏيندڙن کي ڪيئن اميدوارن جي ڄاڻ ڪرائجي، ڇاڪاڻ ته هو اميدوارن جا نالا پڙهي نه ٿا سگهن. انهيءَ ڪري چونڊن ۾ بيٺل اميدوارن جي نالن سان گڏ انهن جون ڪجهه نشانيون به رکيون وڃن ٿيون، جيڪي گهڻو ڪري جانورن يا شين سان واسطو رکن ٿيون. جيئن ته ڳئون، گهوڙو، لالٽين، سائيڪل، ڪنوَل جو گل، هٿ جو نشان، وغيره. اهڙين نشانين جي رکڻ جو مکيه مقصد آهي ته جيڪي اڻ پڙهيل ووٽ ڏيندڙ آهن. اُهي اميدوارن يا انهيءَ جي پارٽيءَ جي نشان سان ڪيس سڃاڻي ڪري سندس نالي اڳيان نشان لڳائي پنهنجو ووٽ ڏيئي سگهن.

ڀارت ۾ آزاديءَ بعد شروعاتي چونڊن وقت ڪانگريس پارٽيءَ پنهنجي اميدوارن جي لاءِ ٻن ڍڳن جي نشاني مقرر ڪئي، جيڪي هر ۾ جوٽيل هئا. انهيءَ وقت ۾ ڀارت ۾ ايتري ترقي ڪانه ٿيل هئي ۽ گهڻو ڪري ماڻهو کيتيءَ جي آڌار تي ئي گذارو ڪندا هئا. هارين جو ملڪ هئڻ ڪري اهڙي نشان جو فائدو ڪانگريس پارٽيءَ کي پهتو ۽ ماڻهن جهجهي تعداد ۾ ڪانگريس کي ووٽ ڏنا. ٻي اليڪشن ۾ به ڪانگريس پارٽيءَ وارن پنهنجي لاءِ ساڳي ئي نشاني گهُري، پر مخالف ڌُر وارن به زور لڳايو ته اِها نشاني اُنهن جي پارٽيءَ کي ملي. آخر فيصلو ڪري اها نشاني خارج ڪئي ويئي. اُن کان پوءِ ڪانگريس پارٽيءَ کي ڳئون جو نشان مليو، جيڪا پنهنجي وَڇڙي (گابي) سان بيٺل هئي. ڀارت ۾ ڳئون جي هندو ڌرم جي خيال کان هڪ وڏي حيثيت آهي ۽ انهيءَ جو فائدو ڪانگريس پارٽيءَ کي به مليو.

اهڙيءَ ريت اها ڳالهه ظاهر آهي ته جانورن جو استعمال نه رڳو نالا رکڻ ۾، يا ٻوليءَ جي ڪم آڻڻ ۾ بلڪ سياسي طور سان به ٿئي ٿو. اڄ ڪالهه به ڀارت جون مختلف پارٽيون پنهنجي سياسي نشان جي لاءِ جانورن جي چونڊ ڪن ٿيون. جيئن ته شوسينا پارٽي شينهن کي، ٻهوجن سماجوادي پارٽيءَ هاٿيءَ کي چونڊيو آهي. هاٿي جانورن جي نشانيءَ جو استعمال نه رڳو سياسي پارٽيون ڪن ٿيون، بلڪ ڪيترا واپاري به پنهنجي سامان وڪڻڻ لاءِ جانورن جي شڪلين جو استعمال ڪن ٿا.

آخر ۾ حالتن جو جائزو وٺبو ته معلوم ٿيندو ته انسان ذات ۽ جانورن جي وچ ۾ جيڪي تعلق هو، سو هن وقت اهڙو گهاٽو ۽ گهرو ڪونهي، جيڪو ماضي ۾ هو. پر ساڳئي ئي وقت اهو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته جانورن ڏانهن سندس هلت چلت ۽ نوع جي طرز ۾ ڪافي بهتري ٿي آهي. انسان جڏهن وحشي حالت مان نڪري ماڻهپي جي راهه تي آيو ۽ ٻني ٻاري تي به ڀاڙڻ لڳو ته جانورن سان سندس رشتو به وڌندو ويو. ماڻهوءَ جو سڀاءُ جيڪو پهرين جهنگلي، چِتو ۽ درندو هو، سو پڻ آهستي آهستي تبديلي ڪندو نرم ۽ مٺو ٿيندو ويو.

زماني جي گردش ۽ اُنهن مان پيدا ٿيندڙ نتيجن جو اثر اسان جي سنڌي ٻوليءَ تي به ٿيو آهي. جانورن سان واسطو گهٽ ٿي وڃڻ سبب اُنهن تي ٻڌل پهاڪا، چوڻيون، مشابهتون وغيره پڻ گهٽ ڪتب اچن ٿا. اهو به ممڪن آهي ته وقت گذرڻ سان اِهي به گُذري وڃن يعني استعمال ٿيڻ بند ٿي وڃن.

هن موضوع تي بحث ڪرڻ جو اهو به ڪارڻ آهي ته جيتري قدر ٿي سگهي اوتري قدر اهڙن پهاڪن جا مثال هِتي هڪ جڳهه تي گڏ ڪجن. جيئن ته اِهي سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن کي ماضيءَ ۾ ڪيل ڪم ۽ رواجن جي جهلڪ پيش ڪري سگهن ۽ اها ڄاڻ ٿي سگهي ته ڪنهن وقت ۾ ٻوليءَ ۾ اهي پهاڪا ڪيتري اهميت رکندا هئا. زندگيءَ جي اوائلي دؤر جي آزمودن کي ئي خزاني وانگر سانڍي رکڻ ۾ پهاڪا

ادب جو هڪ حصو آهن.

اسان جي ٻوليءَ جي لغت تمام وسيع ٿي ويئي آهي، سبب صاف آهي ته ورهاڱي بعد سنڌي ڳالهائيندڙ دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ ڦهلجي وسجي ويا. نتيجي ۾ مڪاني ٻولين جا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ اچڻ لڳا. اها صورتحال ڪنهن به ٻوليءَ لاءِ خوشگوار آهي، پر گڏوگڏ مختلف ٻولين جي اثر هيٺ اچڻ سان سنڌ جي سنڌي ۽ ڀارت جي سنڌي ٻوليءَ ۾ فاصلو وڌي رهيو آهي، جيڪو خوشگوار آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ پهاڪا، چوڻيون، اصطلاح، ورجيسون ايتريون آهن، جو انهن جو ڇيڙو ڪونهي. انهيءَ آڌار تي ممڪن آهي ته جانورن، پکين تي ٻڌل پهاڪا وغيره سمورا هتي پيش نه ڪري سگهجن.

پهاڪن ۾ جانورن، پکين ۽ جيت جڻين جو بيان ٻن قسمن ۾ ٿيل آهي. پهرئين قسم جي پهاڪن ۾ جانورن، پکين ۽ جيتن جي جنم، ارتقا ۽ رهڻي ڪهڻيءَ تي روشني وڌي ويئي آهي ۽ ٻئي قسم جي پهاڪن ۾ جانورن، پکين ۽ جيتن جو استعمال ڪنهن ڳالهه کي چٽو ڪرڻ، خوبصورت بڻائڻ يا مثال ڏيڻ لاءِ ڪيو ويو آهي.

پهاڪن سان واسطو رکندڙ جانورن پکين ۽ جيتن کي هيٺين ريت ورهائي سگهجي ٿو:

جانور:

(1) کير ڏيندڙ: مينهن، ڳئون، ٻڪري، رڍ وغيره.

(2) ڪم ڪندڙ: اُٺ، گهوڙو، گڏهه وغيره.

(3) ننڍا: سهو، ڪوئو، ڳوهه، سانڊو، نوريئڙو وغيره.

(4) جهنگلي: شينهن، هاٿي، سوئر، ٻگهڙ، گدڙ وغيره.

(5) گهرُو: ڪتو، ٻلي وغيره.

(6) پاڻي وارا: مڇي، واڳهو، ڏيڏر، ڪڇئون وغيره.

پکي:

(1) شهري: جهرڪي، ڪانءُ، مور، طوطو، ڪُڪُڙ، تِتر وغيره.

(2) جهنگلي: ڪُونج، هنجُ (هنسُ)، بازُ، سِرڻ، ڳِجهه وغيره.

ٻيا جيت جڻيا ۽ نانگ بلائون:

(1) زهريلا: وڇون، نانگ.
(2) گهورو جيت: ڪوريئڙو، ڏنڀ.
(3) رت پياڪ: جؤر، مُنگهڻ، جوئئن، چچڙا وغيره.
(4) اڏامندڙ: مک، پنيوَرو، پتنگ، مڪڙُ وغيره.

## جانورن، پکين ۽ جيتن سان تعلق رکندڙ عام پهاڪا:

## کيرُ ڏيندڙ جانور

**مينهن:**

مينهن ٿلهي متاري ۽ عام طور ڪاري رنگ جي هوندي آهي. هنديءَ ۾ پهاڪو آهي "ٻڌي گهڻي ٻهُو پوجن ڪاي" يعني گهڻي ڪاڏي ڪائڻ سان عقل گهٽ ٿئي ٿو. اِهوئي سبب نظر ٿو اچي جنهن جي ڪري مينهن موڳي، اَٽاسي ۽ سُست هوندي آهي. هيءُ جانور مکيہ طرح ٻن قسمن جو آهي. هڪ آفريقا وارو ۽ ٻيو ايشيا کنڊ جو. ڪي مينهون پوري رنگ جون بہ هونديون آهن. مينهن جي نر کي سانُ يا پاڏو چئبو آهي. مينهن جي نر ٻچي کي ڪونهون ۽ مادي ٻچي کي وڇ چوندا آهن. مينهون ڌاريندڙ يا پاليندڙ کي ميهار يا ميهر سڏين. مينهن سان واسطو رکندڙ مکيہ پهاڪا ۽ چوڻيون هن ريت آهن:

- ڍءُ جهلي هڪ مينهن، ٻيو جهلي پاپڙو.

ڳئون ۽ ٻڪري جيڪڏهن گهڻو ڪاڏو ڪائين تہ اُنهن کي آڦري ٿي پوندي آهي. پوءِ اُنهن جا مالڪ کين تيل پيارين ۽ ڪُتيل ڪارا مرچ وغيره ڪارائين، جيئن کين چِڪون اچن ۽ پيٽ مان واءُ نڪري وڃي، پر مينهن چاهي گهڻو ڪاڏو ڪائي تہ بہ اُن کي آڦري ڪانہ ٿئي. هن پهاڪي ۾ پاپڙا جينن جي هڪ ذات آهي، جيڪي سنڌ ۾ بہ رهندا هئا. هو چاهي ڪيترا بہ شاهوڪار ٿي وڃن، تہ بہ پنهنجي ڌن دولت جو ڏيکُ ڪونہ ڪن. هميشہ سادا سُودا رهن. اِنهيءَ تي هيءُ پهاڪو ٺهيو آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ جيئن مينهن ڍءُ جهلي وڃي ٿي، تيئن پاپڙا بہ

ڏن دولت جو ڏهُ جهلي وجن ٿا. هُنن کي ناٺي جو غرور ڪونه ٿو ٿئي، نه ڪو هو اُن جو ڏيک ڪن ٿا.

- مينهن ڏائي هوري هلي، رڍ ڏائي ٽينگ ڏٺي.

هن پهاڪي جو مطلب به اِهو آهي ته ست پيڙهياتو يعني خانداني شاهوڪار ماڻهو ڪيتري به دولت ڪمائيندو ته به غرور يا ڏيک نه ڪندو، پر ٻئي طرف پوءِ ڏائي اِنسان کي جي چڱي دولت ملي ته هو رڍ وانگر پيو ٽينگ ٽپا ڏيندو ۽ غرور ڪندو. وقتي هو ٻين جي بي عزتي ڪرڻ کان به ڪونه ڪيٻائيندو.

- مينهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪانه،
ڳئون کي چوي هل ڙي پُڇ ڪاري.

مطلب ته نيچ ماڻهو جيڪو سڄو عيبن سان پريو پيو آهي، اُهو پنهنجا عيب ڏسي ڪونه، پر ٻئي ۾ ٿوري به گهٽتائي ڏسندو ته ڪيس پيو ٽوڪيندو. هن پهاڪي سان پيٽيو: ”پرڻُ چوي ڏونگهي کي، هل ڙي ٽِنُگا“.

- نوَن ميهارن مينهيون ڏاريون، ڪٽا لاهي دونهيون ٻاريون.

مڇرن کان بچڻ لاءِ ميهار چوڏا، ڇيڻا، ڪانيون وغيره ٻاري دونهون ڪندا آهن ته جيئن مڇر مينهن کي تنگ نه ڪن. ڪو اڻ آزمودگار ماڻهو، دونهون ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن پنهنجا ڪٽا جلائي ٿو ته اِها بيوقوفي چئبي. مطلب ته جنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن ڌنڌي يا واپار جي پوري ڄاڻ نه آهي، اِن هوندي به هوُ اُن واپار ۾ داخل ٿئي ٿو ته نقصان پائيندو.

- ميهار مينهن مان نڪتو ته وڃُن کهڙي پارت.

ڪنهن مينهن جي مالڪ ميهار کي نوڪري مان ڪڍي ڇڏيو ته اهو ميهار ٻئي نئين ميهار کي پيو عرض ڪري ته ادا انهن وڇن جي پارت اٿيئي. انهن جي چڱيءَ طرح سنڀال ڪجانءِ. هيءُ پهاڪو تڏهن چئبو آهي، جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو ڪنهن ڳالهه سان واسطو ٽُٽي وڃي، ته به پيو اُن باري ۾ سوچي ۽ فڪر ڪري. مطلب ته جيڪا ڳالهه ڇڏي ڏني ته پوءِ ان جي باري ۾ سوچڻ نه کپي.

- مري نہ ميهارُ، تہ وڳ ولهوئي نہ ٿئي.

جيڪڏهن ميهار مري نہ پوي ها تہ پوءِ هُن جون مينهون رولو ٿي ڀٽڪنديون نہ رهن ها. هيءَ پهاڪو اُتي ڪم آڻبو آهي، جتي ڪو ماڻهو گذاري وڃي تہ هُن ڪان پوءِ سندس ٻار آوارا گردي ڪن ۽ ڀٽڪندا رهن. اِن حالت طرف هن پهاڪي ۾ ڏيان ڇڪايو ويو آهي:

- مينهون رهيون جهنگ ۾ ڏوئي ڏريائون رڃ.

مطلب تہ مينهون اڃا جهنگ ۾ پيون گاهہ چَرن، هُو وَٿاڻ تي اَڃا واپس نہ آيون آهن، تہ اُنهن ڪان گهڻو اڳ سندس مالڪ پيو ٻَرتن صاف ڪري تہ مُنهنجون مينهون ڄاڻ آيون، جن لاءِ ڇَارو تِيار ڪَريان. جڏهن ڪو ماڻهو وقت کان گهڻو اڳ پيو ڪنهن ڳالهہ جو سوچ ويچار ڪندو آهي، تڏهن هيءُ پهاڪو چئبو آهي.

- مينهن تہ سيڪو پالي، پر ڪرو ڪو نينهن پالي.

مينهن جي پالڻ ۾ گهڻي محنت گهرجي. شوق سان ڪو ماڻهو مينهون خريد ڪري پر انهن جي سارسنڀال نہ ڪري سگهي، تڏهن هيءُ پهاڪو چون. هِتي نينهن جو مطلب آهي: خدمت ڪرڻ، سارسنڀال ڪرڻ.

- وڙهن سانَ، لتاڙجن ٻوڙا.

مطلب تہ ڏاڍن مُڙسن جي لڙائيءَ ۾ ڪمزورن کي نقصان رسي ٿو.

- اُنان مينهان دا ڪيها ميلا، اوُچرن پَٽ اوُچرن ٻيلا.

مطلب تہ اُنن ۽ مينهن جي پاڻ ۾ برابري يا سات نہ هلي سگهندو. اُن ميدان تي پيل لاٽو کائن ٿا تہ مينهون ٻيلن ۾ وڃي گاهہ چرن ٿيون. هيءُ پهاڪو اُتي ڪم ايندو آهي، جتي ڏنڌي واپار ۾ ٻن اهڙن شخصن کي گڏ ڪم ڪرڻو پوندو آهي، جيڪي پاڻ ۾ نهي نہ سگهندا آهن.

- وَڇ ڪُڏندي ڪِلي آهر.

مينهن يا ڳئون جي ٻچي کي جي ننڍي نوڙي ٻڌبي تہ هُو گهڻا نينگ ٽپا نہ ڏيئي سگهندو، پر جيڪڏهن نوڙي ڊگهي آهي تہ ان موجب وڏي دائري ۾ پيو گهمندو ۽ ٽپا ڏيندو. مطلب تہ هرڪو پنهنجي اثر،

رسوخ يا ڪنهن وڏي ماڻهوءَ سان پهچ هئڻ مطابق ڪڏي ٿو يا ناز ڪري ٿو.

- جاڳندن جون وڇون، سُتلن جا ڪوُنهان.

جيڪي ماڻهو محنتي ۽ خبردار آهن، اُنهن جون مينهون وڇون ڄڻين ٿيون، جيڪي وڏيون ٿي کير ڏين ٿيون ۽ ڀار ڄڻين ٿيون. اِن سان اُنهن جي مالڪ کي گهڻو لاڀ ٿئي ٿو، ٻئي طرف جيڪي سُست آهن، اُنهن جون مينهون فقط ڪونهان يعني نرڀار ڄڻين ٿيون. اُهي وڏا ٿي فقط ڀار ڍوئڻ يا گاڏي ڪاهڻ جي ڪم اچن ٿا. مطلب تہ سُست ماڻهوءَ کي گهڻو لاڀ نصيب نہ ٿو ٿئي.

ڳئون ۽ ڏاند:

ڳئون کي هندوُ ڳئوُ ماتا بہ چوندا آهن. پر ڏاند کي سنڌيءَ ۾ ڍڳو، بيل ۽ بلد بہ چون. ڳئون جي نر ٻچي کي گابو ۽ مادي ٻچي کي گابي چئجي ٿو. اِنهن سان واسطو رکندڙ سنڌي محاورن ۽ پهاڪن جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

- ڍڳو يا ڏاند هئڻ.

مطلب تہ عمر ۾ وڏو هئڻ تي بہ عقل جي گهٽتائي هئڻ طرف اشارو ڪيو ويو آهي.

- وهُو ڍڳو يا چاڪيءَ جو ڏاند هئڻ.

مطلب تہ گهڻو ڪم ڪندڙ يا وهندڙ هئڻ.

- وهُو ڍڳي تي مار.

مطلب تہ جيڪو گهڻو ڪم ڪري تنهن کان ئي گهڻو ڪم وٺڻ.

- ڏاند ڏهڻُ.

يعني ڪنجوس مان بہ پئسا هٿ ڪرڻ.

- بختاورن جا ڏاند بہ ويامن،
پر بدبخت جي ڳئون بہ نہ ويامي.

يعني جيڪي نصيب وارا آهن اُنهن کي گهڻو فائدو رسي ٿو. پر نياڳن ماڻهن کي نقصان ئي نقصان پهچي ٿو.

- ڪرم هيڻ ڪيتي ڪري، بلد مري يا ٿوٽا پڙي.

مطلب ته بدنصيب انسان کي نقصان مٿان نقصان پهچي ٿو.

- ڏٻري ڏاند (ڍور) کي مَڇر به گهڻا.

يعني ڪمزور انسان کي وڏيڪ تڪليفون ملن ٿيون.

- ڏاند چڙهي ٿو ڏک ڏسي.

يعني / سُک ۽ اَمن هوندي به پاڻ کي ڏکي ٿو سمجهي.

- هوُ نال نه نيندا، هيءُ ڏاند چڙهندي.

مطلب ته هُو ڪيس پاڻ سان ونئي وڃڻ به نٿا چاهين، ۽ ٻئي طرف هيءُ پيئي انگل ڪري ته مان ڏاند تي چڙهي هُنن سان سفر ڪندس.

- ڏاڍو سو گابو.

يعني سمرٿ ڪو نهين دوش گُسائين. يا جس ڪي لاٺي اُس ڪي ڀينس. (ڏاڍي ماڻهوءَ جو ڪو ڏوهه ناهي يا جنهن جي لٺ، اُن جي مينهن)

- اٺو ڪاڏو ڪوئي ته مار پيئي گابي تي.

مطلب ته ڏوهه هڪڙي ڪيو پر سزا ٻئي کي ملي.

ٻڪري:

سنڌيءَ ۾ ٻڪريءَ تي نهيل پهاڪن ۽ چوڻين جا مثال هن ريت آهن:

- هرڪا ٻڪري پنهنجي پائي ٽنگبي.

هرڪنهن کي پنهنجي عملن جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو.

- ٻڪريءَ کي ساس جي، ڪاسائيءَ کي ماس جي.

ٻڪريءَ جو ساهه ٿو نڪري، پر ڪاسائيءَ کي ته رڳو ٻڪريءَ جي گوشت سان واسطو آهي. پيٽيو: مروان موت، ملوڪان شڪار.

- جيڪا ڏاريان ٻڪري، تنهن لمنڊا ڪن.

يعني بدنصيب ماڻهو جنهن ڏنڌي ۾ هٿ وجهي، اُن ۾ هُن کي نقصان ٿئي.

- ناٿو ڏجي آڪرو، گيهہُ ڇو ونجي ٻاڪرو؟

يعني جيڪڏهن ڪو وڏي قيمت ڏيڻ لاءِ تيار آهي تہ پوءِ هو ٻڪريءَ جي کير مان نهيل گيهہ ڇو وٺندو؟ (ڳئون يا مينهن جي کير مان نهيل گيهہ سٺي جنس جو هوندو آهي.)

- ٻُڌي ٻڪري بہ در تي ڪانهيس.

يعني ايترو تہ غريب آهي، جو سندس در تي ڪن ڪپيل ٻڪري بہ ڪانهي.

- ٻڪري کير ڏئي ڦولڙين گاڏُر.

يعني ٻڪريءَ کي جڏهن ڏهبو آهي تہ هو اُن وقت ڦولڙيون بہ ضرور ڪيرائيندي آهي. اُنهن مان ڪجهہ کير جي برتن ۾ بہ ڪرڻ جو اِمڪان هوندو آهي. جڏهن ڪو ماڻهو ڀلائيءَ جو ڪم ڪري ڪنهن کي خيرات ۾ ڪُجهہ ڏئي، پر اُن کي ٺوڪون بہ هڻي يا گهٽ وڌ ڳالهائي، تڏهن هيءُ پهاڪو ڪتب ايندو آهي.

- ٻڪري جنهن وڻ سان ٻڌجي، سو وڻ چَري.

مطلب تہ جتي ڪنهن شخص کي سهارو ملي، اُن کي ئي اُهو نقصان پهچائي تڏهن هيءُ پهاڪو چون.

- اُٺ چري ٻنيهہ تہ ٻڪري چري چنيهہ.

يعني ٻڪري کي اڄ نہ تہ سڀاڻي ڪاسائي مارڻ لاءِ ڪٽي ويندو. هُن جو موت ڪاسائيءَ جي هٿان ضرور ٿيڻو آهي. جڏهن ڪو ماڻهو ڪي خطري جا ڪم ڪندو هجي تہ اُن کي اَڄ نہ تہ سڀاڻي نقصان ٿيڻ جو گهڻو اِمڪان هوندو آهي.

رڍ ۽ گهيٽو:

سنڌي چوپائي مال ۾ جيتوڻيڪ رڍون ۽ ٻڪريون گڏ شمار

ڪيون وجن ٿيون، پر ٻڪريءَ جي پيٽ ۾ رڍ هڪ موڳي ۽ سست جانور آهي. عام طور ماڻهو رڍن جا ڌڻ رکندا آهن، ڇاڪاڻ ته اُنهن جا وار يا اُن وڪرو ڪندا آهن. رڍ کير ڏيندي آهي، جنهن مان مکڻ به ڪڍبو آهي. ڪي ماڻهو رڍ جو کير نه واپرائيندا آهن، ڇاڪاڻ ته اُنهن جي ويچار ۾ رڍ جو کير پيئڻ سان بدن ۾ خارش ۽ ملو پيدا ٿئي ٿو. اِن جو ٻيو سبب اهو به آهي ته رڍ جو پيشاب سندس ٿڻن تي ڪرندو آهي.

رڍ جي نر کي گهيٽو چوندا آهن، ۽ سندس ٻچي کي گهيٽو. هلڪي سلڪي رڍ کي ڪُوڪي به چون. ٿلهي ۽ متاري رڍ کي دُمبو چوندا آهن. اِنهن تي نهيل ڪجهه ٻهاڪا ۽ محاورا هن ريت آهن:

- رڍ جهڙو مُڙس آهي.

يعني گيدي ۽ ڊڄڻو آهي.

- رڍون مڙيئي ٻوٽ ڪاريون.

يعني سڀيئي هڪجهڙا آهن. منجهن ڪوبه فرق نه آهي.

- رڍن اڳيان رباب وڄائيندي ورهه ٿيا.

مطلب ته ڪنهن شخص کي گهڻو ئي سمجهائجي، پر مٿس ڪوبه اثر نه ٿئي، تڏهن هيءُ ٻهاڪو چئبو آهي.

- ڌڻُ ريڍو سِسي ٻاڪري.

پيٽيو: آڏا تيتر آڏا بٽير. مطلب ته اڻنهڪندڙ ٻيهڪ طرف اشارو ڪيو ويو آهي.

- گهيٽو ڌاريم اُن لاءِ، هٿان چري ڪپهه.

مطلب ته جنهن کي پاڻ وٽ سهارو ڏجي ته اُهو ئي نقصان پهچائي.

- رڍ ٿئي سستي ته هرڪو پچ ڪٽي ڏسيس.

يعني گهٽ قيمت واري شيءِ جو قدر ڪو نه ٿيندو آهي.

- هو ويڙُهو گهيٽو آهي.

مطلب ته جهيڙاڪو سُڀاوَ جو اِنسان آهي.

- رن پُٺُ ريڊارُ، ڪانَ هٿي بُندِ ۾.

يعني جيڪو انسان بُندِ يعني سُڪل وڻ ۾ پيو تير هڻندو تہ اُن سان ڪوبہ مطلب حاصل ڪونہ ٿيندو. اهڙي شخص کي بيوقوف سڏبو آهي. جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي حيثيت کان وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تڏهن بہ هيءُ پهاڪو چوندا آهن.

## ڪم ايندڙ جانور:

### اُٺُ:

سنڌ ۾ اُٺُ تمام ڪارائتو جانور آهي. آڳاٽي وقت ۾ سنڌ جو واپار آس پاس وارن بين ملڪن سان گهڻو ڪري اُٺن ذريعي ٿيندو هو. واپاري اُٺن تي مال ڍوئي قافلا ٺاهي راجستان، پنجاب، بلوچستان، افغانستان، ايران وغيره تائين واپار ڪرڻ ويندا هئا. اُٺن جي خاصيت اِها آهي تہ اُهي ريگستاني علائقن ۾ بہ آرام سان گهٽيئي ڪوهہ مسافري ڪري سگهندا آهن. اُنهن کي پاڻيءَ جي گهُرج بہ گهٽ هوندي آهي. اُٺن جا مکيہ بہ قسم آهن. لاڏوُ اُٺ جيڪي مال ڍوئڻ جي ڪم اَچن ۽ مَهري اُٺ جيڪي سواريءَ جي ڪم اچن. اُٺ جي ٻي خوبي اِها آهي تہ گهوڙي وانگر اُن جي خدمت ڪرڻي نہ پوندي آهي. منزل آئي تہ مالڪ اُن کي ڏانوَڻ ٻڌي جهنگ ۾ ڇڏي ڏيندا. اِن حالت ۾ هو گهڻو پري ٻجي ڪونہ ويندو ۽ ميدان ۾ هيڏانهن هوڏانهن پيو چرندو. اُٺ کي مالڪ ٿورو ڳُڙ ۽ لوڻ کارائيندا آهن تہ هُن جي مسافريءَ جو ٿڪ لهي ويندو آهي. اِن ڪري اردوءَ ۾ هڪ چوڻي آهي: "اُونٽ فرشتي کي ذات هئہ". اُٺ جي مادي کي اُٺِ، اُٺِڻي يا ڏاچي چون. اُٺ جي ٻچي کي عام طور توڏو يا ڪوانٽ چئبو آهي. هتي اُٺ تي نهيل ڪُجهہ پهاڪا ۽ چوڻيون ڏجن ٿا:

- اُٺ واري اَوجهري اَٺس.

مطلب تہ پيٽوڙي يا گهڻو کائيندڙ آهي. اُٺ جي اوجهري ٻين جانورن جي اوجهريءَ کان وڏي ٿيندي آهي. اِن ڪري هو ريگستان جي

سفر ۾ ٻن ٽن ڏينهن جو ڪاڌو پاڻي ڪنو ڪري رکندو آهي.

- اُٺ جي لاهيءَ ڪي ٻه لعنت، ته چاڙهيءَ ڪي ٻه لعنت.

مطلب ته اُٺُ چاهي اُتاهينءَ تي مٿي هلي يا پهاڙيءَ تان هيٺ لهي، ٻنهي حالتن ۾ اُن جي سوار کي گهڻي تڪليف ٿيندي آهي. ساڳيءَ طرح اُٺ جي ويهڻ ۽ اُٿڻ ۾، هلڻ يا ڊوڙڻ ۾ ٻه سوار کي گهڻا جهوٽا ايندا آهن. اِن تي هيءَ چوڻي ٺهي آهي:

- جيڏا اُٺ، تيڏا لوڏا.

مطلب ته ماڻهو جيترا گهڻا ڏنڌا ڪندو اُوترائي ڪيس جوکم ڪٽڻا پوندا.

- اُٺ پوڙو ٿيو ته ٻه مُنڻ نه سکيو.

هيءَ چوڻي اِن حقيقت تي ٺهي آهي ته اُٺ جڏهن پيشاب ڪندو آهي ته اُهو هن جي پيٽ ۽ ٽنگن تي پيو ڪرندو آهي.

- اهڙي مار ڪاڏئين جهڙي اُٺ ڪاڙي پتڻ تي.

مطلب ته اُٺ پاڻيءَ کان گهڻو ٿهندو آهي. اِن ڪري جيڪڏهن جَتُ هن کي ندي پار ڪرڻ لاءِ ٻيڙيءَ تي چاڙهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته اُٺ پيو پُٺتي سُڪيءَ طرف ڀڄندو آهي. جنهن ڪري جت هن کي وڏيڪ مار ڏيندو آهي.

- اُٺ سَڪڻو ٻه روئي ته پريو ٻه روئي.

اُٺ تي چاهي گهڻو بار رکجي يا ٿورو رکجي، هو ٻنهي حالتن ۾ پيو ڪُرڪندو آهي. اِن سان ملندڙ هڪ ٻيو پهاڪو آهي. اُٺ جي وات ۾ لوڻ وجهه ته ٻه رڙي، کنڊ وجهه ته ٻه رڙي. هيءُ پهاڪو اُن ماڻهو لاءِ ڪتب ايندو آهي، جيڪو مليل شيءِ تي شُڪُر نه ڪندو آهي. هوندي سوندي پيو شڪايتون ڪندو آهي.

- اُٺ پنيان گهنڊڻي.

ڪنهن قداور ماڻهوءَ سان ڪو ننڍي قد وارو گڏ هجي تڏهن چئجي. مطلب ته بي- ميل جوڙي آهي.

- اُٺ جي وات ۾ چار جي ٻانس.

اُٺ چار جي وڻ جا پن گهڻي چاهه سان کائيندو آهي. اِن ڪري اُن جي بوءِ هُن جي وات ۾ رهجي ويندي آهي. ڪابه ڳالهه لڪائڻ تي به لڪي نه سگهي، اُن لاءِ ايئن چئبو آهي. پيٽيو: چور ڪي ڏاڙهي ۾ تِنَڪا. ساڳيءَ طرح سنڌيءَ ۾ اِن مطلب کي ظاهر ڪرڻ لاءِ چون. چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪنڀُ/ ڪک.

- اُٺ جي چوري پڪي ۾ ڪين لِڪي.

ڪنهن اُٺ چورايو ته اُن کي ننڍي جهوپڙيءَ ۾ نه لڪائي سگهندو. مطلب ته وڏي چوري لڪائڻ مشڪل آهي.

- پوڙهو اُٺ به ڪوانٺ لهي.

مطلب ته آزمودگار ماڻهو ٻن سيڪڙاٽن کان وڌيڪ آهي.

- اُٺن جا بار به ڪي ڳڌه ڪڻن؟

يعني اُٺ تمام گهڻو بار (ڇهه ست مڻ) کڻي سگهندو آهي. ايترو وزن ڳڌه نه کڻندو آهي.

- اُٺ تان وِڄڻي لٿي ته به اُٺ ٿيو هلڪو.

مطلب ته اُٺ گهڻو بار ڍوئڻ تي هريل آهي. اِن ڪري اُن تان جيڪڏهن ڪجهه وزن گهٽايو ويو ته آرام پيو محسوس ڪندو.

- ڏاچي هٽي ڏهه ته توڏو هٽي تيرنهن.

اُٺي جيڪڏهن ڏهه ڪوهه ڊوڙي ٿي ته اُن جو ٻچو يعني توڏو يا ڪوانٺ تيرنهن ڪوهه ڊوڙي ويندو. جڏهن ننڍا وڏن کان اڳتي نڪري وڃن تڏهن چئجي.

- اُٺ نه پُڄي، هٽي ٻورَن لتون.

اُٺ تي ويٺل سوارُ جڏهن ڪجائي يا پاکڙي ۾ ويٺو هوندو آهي ته هوُ اُٺ کي تيز هلڪلڻ لاءِ جيڪڏهن اُن کي لتون هڻندو آهي ته اُهي اُٺ تائين پهچي نه سگهنديون آهن. اُهي فقط اُنهن ڳوٺين کي لڳنديون

آهن جن ۾ مال پري اُٺ جي مٿان رکيو ويو آهي. هن پهاڪي جو مطلب آهي تہ ڪو ماڻهو جڏهن ڪنهن ڏاڍي مڙس سان پڄي نہ سگهندو آهي تہ پوءِ ڪمزورن يا ننڍن کي ڏمڪائي پنهنجو غصو ظاهر ڪندو آهي.

- اَجا اُٺ ڪڍن سَسُئي.

مطلب تہ سسئي جڏهن پنيور مان پنهونءَ جي ڳولها ۾ ريگستان ۽ جبلن ۾ پئي ڀٽڪي تہ هوءَ پنهنجي منزل تي پهچي نہ سگهي ۽ واٽ تي ئي مري ويئي. اِن تي ڪنهن چيو تہ جيڪڏهن اُٺ تي سوار هجي ها تہ پوءِ پنهنجي منزل تي پهچي سگهي ها. هيءُ پهاڪو سسئي پنهون جي لوڪ ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي. هن جو ٻيو مطلب اِهو بہ آهي تہ ڪمزور اِنسان کي جيڪڏهن مدد ملي تہ پوءِ هوُ ڪامياب ٿيندو.

- جڏهن ڀورا ٿي سڀيا تہ اُنن تڏهن ئي پئي رنو.

مطلب تہ ڪنهن ڪم جي تياري ٿيندي ڏسي مزدور ماڻهو سوچيندو آهي تہ اِهو ڪم هاڻي هُن جي مٿان ئي پوندو.

- ڏسجي تہ اُٺ ڪهڙي پاسي ٿو ويهي؟

مطلب تہ اِن جو اندازو ڪرڻ مشڪل آهي تہ نقصان ڪيترو ٿيندو ۽ ڪنهن جو ٿيندو. هن پهاڪي جو بنياد اِن واقعي سان آهي تہ اُٺ جي مٿان ٻورن ۾ ٽاڪُئون سامان رکيل هو. عام طور ٻيٺل اُٺ جڏهن زمين تي ويهندو آهي تہ پهرين هڪ پاسي جُهڪي پوءِ زمين تي سڌو ٿي ويهندو آهي. اِن ڪري هُن جي مٿان رکيل سامان جي پڄي پوڻ جو گهڻو امڪان هوندو آهي. اهڙي حالت ۾ اُٺ جي مالڪ لاءِ اِهو سوچڻ مشڪل آهي تہ اُٺ اول ڪهڙي پاسي جُهڪندو. جنهن بہ پاسي هُو جهڪندو تہ اُن طرف جو سامان زمين سان ٽڪرائجي پڄي پوندو آهي. ٻيٽيو: ”ديکئي اُونٹ ڪِس ڪروٹ بيٹتا هئہ.“

گهوڙو:

سيني وهٽن ۾ گهوڙي جي سواري شاندار ليکي ويئي آهي. اُٺ جي پيٺ ۾ گهوڙي جي وڏيڪ خدمت ڪرڻي پوي ٿي ۽ اُن کي

ڪاڏو پيتو ۽ سڻي جنس جو ۽ گهڻو ڪپي. گهوڙي سان واسطو رکندڙ ڪجهه پهاڪا هن ريت آهن:

- ٽٽونءَ کي ٽارو، تازيءَ کي اِشارو.

ٽٽون يا خچر چابُڪ هڻڻ سان تيز هلندا آهن، پر تازي نسل جا گهوڙا اِشاري ڪرڻ سان ئي تيز رفتار سان ڊوڙندا آهن. مطلب ته سياڻو ماڻهو اِشاري سان ئي سمجهي ويندو آهي ۽ نيڪ ڪم ڪندو آهي. پيڻيو: "گهوڙي ڪو لات، آدمي ڪو بات". يا "عاقلان را اِشارا ڪافي اَست". مطلب ته سمجهدار کي اِشارو ڪافي آهي.

- اَنڌي گهوڙي ڪَلَ ۾.

ڪل يعني نديءَ جي ڪناري تي پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جو گاهُ آهي. جيڪڏهن گهوڙي اَنڌي آهي ته اُها بنا سوچ ويچار جي اڳتي هلندي ويندي ۽ وڃي گاهه ۾ ڦاسندي.

- گهوڙو ۽ گهرُ ڏُور؟

جيڪڏهن تو وٽ گهوڙو آهي ته پوءِ گهر پهچڻ ۾ ڪيتري دير لڳندي؟

- گهوڙا ۽ پَٽُ، مُلا ۽ پيٽُ،
هوُ ڪشيا تان رسيا، هُو نِيان تان چٽُ.

گهوڙي جو لغام ڇڪي اُن کي هلڻ جو اِشارو ڪريو ته هو تيز رفتار سان ڊوڙي وڃي منزل تي پهچائيندو. ساڳيءَ طرح مُلا کي پيٽ ڪائڻ جي دعوت ڏيو ته هوُ هڪدم سمورو پيٽُ کائي ختم ڪندو.

- مرض اَچي گهوڙي وانگر، وڃي جونئَن وانگر.

مطلب ته ڪنهن سنڀال نه ڪئي ۽ بيمار ٿي پيو ته اُهو جهٽ ڊهي پوندو. يعني بيماري گهوڙي وانگر تيزيءَ سان اچي ماڻهوءَ کي جلد ڪمزور ڪري ڇڏي ٿي. پر اُها جونئَن جي رفتار سان آهستي آهستي وڃي ٿي. مطلب ته بيمار ٿيڻ تي ماڻهو دارون ڪرڻ سان آهستي آهستي نيڪ ٿي سگهندو آهي.

- پاڻ پني، گهوڙا گِنهي.

هو پاڻ تہ غريب آهي، پر سَڌُون ڪري ٿو گهوڙا خريد ڪرڻ جون. مطلب تہ پنهنجيءَ حيثيت کان وڌيڪ حاصل ڪرڻ جي اُميد ڪري ٿو. پيٽيو: ”ليبس لوٽڪ بہ ڪانہ، سَڌُون ڪري مريري جون.“ يا ”پائي ناهي پلي، مارئي جي مُچ پيئي هلي“. هنديءَ ۾ اِنهيءَ مطلب ڪي ڏيکاريندڙ پهاڪو هن ريت آهي: ”گهر ۾ نهين داني، اَما چلي پُناني.“

- فارسي، گهوڙي چاڙهسي.

تون فارسي سکُ تہ پوءِ توکي سُٺي نوڪري ملندي. عملدارن وانگر گهوڙي تي چڙهي گهمندين. هيءُ اُن زماني جو پهاڪو آهي، جڏهن مسلمان حاڪمن جي راڄ ۾ فارسي ٻوليءَ جو ٻول ٻالا هو ۽ سمورو سرڪاري ڪاروبار فارسيءَ ۾ هلندو هو.

- ڏُچرُ گهوڙو ۽ سُچر زال، ٻئي ٻَنِ ڏجن.

مطلب تہ جيڪڏهن گهوڙو چڱيءَ طرح گاهہ ۽ چارو نہ ٿو کائي تہ اُهو ڪمزور ٿي پوندو. جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ زال گهٽو کاڌو کائيندڙ يا پيٽوڙي آهي تہ اُها بہ اَڻ وڻندڙ ڳالهہ آهي.

گڏهہ:

اُن ۽ گهوڙي وانگر گڏهُ بہ بار ڍوئڻ لاءِ گهڻو ڪم ايندو آهي. ڪٿي ڪٿي گڏهن کي گاڏيءَ ۾ ٻڌي بہ بار ڍوئڻ ۾ ڪم آڻيندا آهن. اِن ڪري سنڌيءَ ۾ ”گڏهہ گاڏو“ هڪ محاورو نهي پيو آهي. اِن جو مطلب آهي. تمام آهستي هلندڙ گاڏي. بيوقوف يا مورک ماڻهوءَ جي ڀيٽ اَڪثر گڏهہ سان ڪئي ويندي آهي. گڏهہ کي ڪَرُ يا خرُ[1] بہ چئبو آهي. جنهن تان ڪَرُمغز يا ڪردماغ لفظ نهيا آهن. اِنهن جي معنيٰ آهي: بيوقوف، مغرور، هوڏي. گڏهہ جي ماديءَ کي گڏهہ ۽ اُن جي ٻچي کي ڪودڙو چئبو آهي. گڏهہ تي ٺهيل ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

1. فارسي ٻوليءَ ۾ خر جي معنيٰ ئي گڏهہ آهي. سَهي کي خرگوش بہ انهيءَ ڪري چوندا آهن جو سندس ڪن گڏهہ جي ڪَنن جهڙا وڏا هوندا آهن.

- جَوَ ڍيري گڏهُ رکپال.

يعني گڏه کي جيڪڏهن جوَنِ جي ڍير جي سنڀال لاءِ رکبو ته اُهي سلامت نہ بچندا. ڇاڪاڻ تہ گڏهُ جَوَ کائڻ کان رهي نہ سگهندو. ساڳيءَ طرح اهڙي ماڻهوءَ کي سنڀالڻ جو ڪو ڪم ڏجي جيڪو هو پاڻ هڙپ ڪرڻ چاهي ٿو تہ اُن مال جي سنڀال نيڪ طرح سان نہ ٿي سگهندي.

- سَهَسين ڪري سينگار تہ بہ ڪودڙِيءَ پُٺَ ڪودڙو.

مطلب تہ جيڪو بدصورت آهي، اُهو ڪيترو بہ هار سينگار ڪندو تہ اُهو سهڻو ڪونہ ٿي سگهندو. ڀيٽيو: ”گڌا ڌوني سي ڀي بَڇڙا نهين هوتا.“ يا ”ڪوا هويہ نہ اُوجلا، سؤ من صابن لائہ“.

- گڏه مٿان گلاب هاريندي حيف ٿيو.

مطلب تہ گڏه کي ڪيترو بہ گلاب جي پاڻيءَ سان ڌوئجي تہ اُن جو ڪوبہ فائدو ڪونهي. ساڳيءَ طرح نيچ اِنسان سان ڪيتري بہ ڀلائي ڪرِ تہ بہ هوُ بي شڪر ئي رهندو.

- گڏه پنهنجي ساونڻي هينگَن ۾ وڃائي.

ساونڻ جي مهيني ۾ برسات پوڻ ڪري گهڻو گاه ٿيندو آهي، پر گڏه هينگَن ڏيڻ ۾ ئي پنهنجو وقت وڃائيندو آهي ۽ گاه کائڻ جو لاڀ نہ وٺندو آهي.

- پنهنجيءَ گتيءَ پئُ گڏه کي پيرين.

يعني ڪنهن بيوقوف يا بدمعاش اِنسان ۾ جيڪڏهن ڪو ڪم اَٽڪندو آهي تہ مجبوريءَ سببان هُن جي خوشامند ڪرڻي پوندي آهي.

- گڏه ڇا ڄاڻِ گيهرن مان.

جيڪڏهن ڪنهن نالائق ماڻهوءَ کي سُٺي شيءِ ڏبي تہ اُن جو قدر نہ ٿيندو.

- سور پوي ساٿيءَ کي، ڏنيجي گڏهُ.

ساٿيءَ کي سورُ ٿيو تہ هُن پنهنجي گڏه کي ڏنڀ ڏياريا. مطلب

نہ تکليف هڪڙي کي ٿئي تہ سزا ٻئي کي ملي، پيٺيو: "ڌوبي کا بس نہ چلي تو گڌي کا کان کاٽي".

- تون بہ رئيس، آئون بہ رئيس، تہ گڏھ ڪير هڪليندو؟

مطلب تہ جيڪڏهن هرڪو پاڻ کي وڏو ماڻھو سمجهندو تہ پوءِ رواجي ڪم بہ پورو ٿي نہ سگهندو. پيٺيو: "آئون بہ راڻي، تون بہ راڻي، تہ ڪير ڀري پاڻي؟"

- سوُني هجي ساڻ تہ گڏھُ گوهي نہ ڪري.

يعني مار ڪائڻ سان گڏھ بہ سڌو ٿي بار ڍوئڻ جو ڪم ڪندو.

- ٿڏِ ۾ گڏهہَ جا آٽر بہ چڱا.

مطلب تہ ضرورت پوڻ تي گهٽ درجي جي شيءِ بہ واپرائڻي پوي ٿي. پيٺيو: "ٻُک ۾ بصر بہ مِٺا".

## ننڍا جانور:

نوريئڙو (گلهري)، نورُ (نيولا)، سهو (خرگوش)، ڪوُئو، ڳوھ، ساندو، اِهي ننڍا جانور يا ساهوارا آهن. اِنهن تي بہ سنڌيءَ ۾ ڪجهہ ٻهاڪا نهيل آهن. اُنهن مان ڪِن تي نهيل ٻهاڪا هن ريت آهن:

- نوريئڙي وانگر سڄو ڏينهن ڀيو وڻن تي ٽِپا ڏئي.

ڪو ماڻهو گهڻو ڀٽڪندو رهي يا لهہُ چڙهہُ ڪري تنهن لاءِ اها چوڻي ڪتب ايندي آهي.

- ڪاتِري نہ ڪڙڪاءِ نوريئڙو جاڳِئي ٿو.

جڏهن ڪو ماڻهو ڀهري سجاڳ هجي ۽ هن جو دشمن ڪيس نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪري، تڏهن چئبو آهي. هيءُ ٻهاڪو هڪ آکاڻيءَ تي ٻيڌل آهي. هڪ ڏائڻ ڪنهن نوريئڙي کي لالچائي پنهنجي گهر وٺي آئي. اڌ رات جو هُو ڪاتي ڪڍي نوريئڙي کي ماري کائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي، پر ٻئي طرف نوريئڙو بہ سمجهي ويو تہ هيءَ ڏائڻ مون کي کائڻ چاهي ٿي. ان ڪري هوُ سڄي رات نہ سمهيو. پوءِ صبح جي وقت وجهہ وٺي ڀڄي ويو.

- سهي ٽنگون ٽي، چوٿين نهي ئي ڪانه.

مطلب ته جڏهن ڪو چوري ڪري ۽ پوءِ اها قبول نه ڪري تڏهن هيءُ پهاڪو ڪتب ايندو آهي. ڪنهن ماڻهوءَ شڪار ۾ هڪ سهو ماريو ۽ اُهو گهر آڻي پنهنجي بورچيءَ کي ڏنائين ته اهو پچائي ڪٺي اچ. بورچي سهو پچائڻ لڳو، پر ڪيس اهو ايترو ته پسند آيو جو اُن جي هڪ ٽنگ پاڻ کائي ويو ۽ باقي سهو آڻي پنهنجي مالڪ اڳيان رکيائين. مالڪ جڏهن ڏٺو ته هن کي فقط ٽي ٽنگون آهن ته هُن بورچيءَ کان پڇيو ته باقي هڪ ٽنگ ڪيڏانهن ويئي؟ اُن تي بورچيءَ جواب ڏنو ته سائين، سهو منڊو هو. هُڻ کي فقط ٽي ٽنگون هيون. اهڙيءَ طرح پنهنجي ضد تي قائم رهيو، پر پنهنجي چوري قبول نه ڪيائين.

- ڪوئي لڌي هڏ ڳڙي، چي مان به پساري.

مطلب ته ڪنهن کي ٿوري شيءِ ملي ۽ اُن تي غرور ڪري تڏهن چئجي.

- ٽڪريءَ کي سورُ ٿيا ته ڄائي ڪُئي.

مطلب ته گهڻي محنت ڪرڻ کان پوءِ جڏهن رواجي نتيجو نڪري يا ٿورو ڦُلُ ملي تڏهن چئبو آهي. ڀيٽيو: "کودا پهاڙ، نکلي چُهيا، وه ڀي مري هوُئي."

- اٺو ڪاڏو ڪوُئي ته مارُ پيئي گابي تي.

مطلب ته ڏوهُ ڪو هڪ ڪري ۽ مار ٻئي تي پوي، تڏهن هيءُ پهاڪو ڪتب ايندو آهي.

- هوا هوندي ته ڪوئي جي پر ۾ به لڳندي.

مطلب ته هوا جي جهوُٽي کي روڪي نه ٿو سگهجي.

- ڳوهه کي ڪُني ڪٽي ته ڳولهي شِڪارين جا گهر.

ڀيٽيو: "جب گيدڙ ڪِي موت آتي هئ تو وهه شهر ڪِي طرف ڀاگتا هئ."

- هُو ساندي وانگر پيو رنگ مٽائي.

پيٽيو- "گرگٽ ڪِي طرح رنگ بدلتا هئہ."

- ڳوھ ڦاٽي ڊوءِ ۾.

يعني قلعي جي پِٽ تي چڙهڻ لاءِ ماڻهو ڳوھ جو استعمال ڪندا آهن.

ان طرح ڳوھ ماڻهن کي مٿي قلعي جي ديوار تي پهُچائڻ ۾ ئي ڀيٽي ڳهندي آهي.

## جهنگلي جانور:

جهنگلي جانورن تي سنڌيءَ ۾ ڪافي پهاڪا ملن ٿا، جن ۾ ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

شينهن:

- شينهن ۽ ٻڪري هڪ گهاٽ تي پاڻي ٿا پيئن.

شينهن هڪ خطرناڪ جانور آهي. اُهو ٻڪريءَ جهڙن ڪمزور جانورن جو شڪار ڪري اُنهن کي ماري ڪائي ڇڏيندو آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن نديءَ جي گهاٽ تي شينهن ۽ ٻڪري گڏ پاڻي پيئن تہ چئبو تہ اُتي تمام گهڻو امن جو ماحول آهي. ايتري قدر جو شينهن جو تشدد ڪرڻ وارو سڀاءُ ختم ٿي ويندو آهي ۽ ٻڪري بہ اُنهيءَ ڪان نہ ٿي ڊڄي.

- ٻہ شينهن ٻيلي ۾ نہ ماپن.

مطلب تہ ٻہ طاقتور ماڻهو هڪ ئي هنڌ نہ رهي سگهندا.

- وڙهن شينهن، لتاڙجن ٻوڙا.

مطلب تہ ٻن طاقتور ماڻهن جي لڙائيءَ ۾ ڪمزورن کي نقصان پهچي ٿو.

- سُتل شينهن کي آگر نہ ڏجي.

يعني ڪنهن طاقتور سان ڄاڻي ٻجهي ڪوُنس نہ ڪجي.

- سالا شينهن کي بہ پيارا آهن.

يعني ماڻهو ڪيترو بہ پُرتشدد ۽ طاقتور چونہ هجي، پر هُو پنهنجن مائٽن کي ضرور پيار ڪري ٿو.

- شير نہ ڏيکيا، ڏيک ٻلاڙا؛ چور نہ ڏيکيا، ڏيک سونارا.

يعني جيڪڏهن تو شينهن کي نہ ڏٺو آهي تہ ٻليءَ کي ڏس. ٻنهي جي شڪل ۽ صورت هڪجهڙي هوندي آهي. جيڪڏهن تو ڪنهن چور کي نہ ڏٺو آهي تہ سوناري کي ڏس. هو گراهڪ جي سون مان ڪجهہ نہ ڪجهہ چوري ضرور ڪندو آهي.

- شيرن جا مُنهن ڌوتا ئي پيا آهن.

مطلب تہ طاقتور يا وڏي عهدي واري شخص جي ڪير بہ گهٽتائي ظاهر نہ ڪندو آهي.

هاٿي:

هاٿي سڀني جانورن ۾ قداور ۽ ٿلهو متارو جانور هوندو آهي، هن کي ماڻهو بار ڍوئڻ جي ڪم بہ آڻيندا آهن. هاٿيءَ تي ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

- مئل هاٿي بہ سوا لک لهي.

هيءَ چوڻي اِن ڪري ٺهي آهي جو هاٿيءَ جي مرڻ کان پوءِ هُن جا ڏند ۽ هڏا عام طور ڪم ايندا آهن. جنهن مان سُهڻيون قيمتي شيون، مورتيون ۽ مجسما وغيره ٺاهيا ويندا آهن.

- انڌو هاٿي، لشڪر جو زيان.

ڪنهن فوج ۾ جيڪڏهن ڪو هاٿي انڌو آهي، تہ پوءِ هيڏانهن هوڏانهن پيو پڄندو ۽ ڊُڪندو. اِن حالت ۾ هو پنهنجي ئي طرف واري لشڪر کي نقصان پهچائيندو آهي.

- هاٿيءَ جا ڏند ڏسڻ جا هڪڙا ۽ کائڻ جا ٻيا.

هاٿيءَ جا بہ ڏند ٻاهر نڪتل هوندا آهن، جيڪي نظر پيا ايندا آهن. انهن سان هو کائڻ جو ڪم نہ ڪندو آهي. پر کائڻ لاءِ هو وات ۾

اندر جيڪي ڏانءُ آهن، اُهي ڪتب آڻيندو آهي. ڪو ماڻهو ٻاهران هڪڙو وهنوار ڪري ۽ اندريان هن جي ذهن ۾ ٻي ڳالهه هجي، تنهن لاءِ هيءُ پهاڪو چئبو.

- هاٿيءَ کي مڻ، ڪوليءَ کي ڪڻ.

مطلب تہ ڌڻي سائين گهڻو کائيندڙ ۽ تمام گهٽ کائيندڙ جاندارن لاءِ اناج مُيسر ڪري ڇڏيو آهي.

- هاٿيءَ جو ڪنُ، پپر جو پنُ،
انسان جو منُ، ٻَيهڻ جا ڪين آهن.

مطلب تہ اهي سڀ چنچل آهن ۽ هميشہ پيا لُڏندا آهن. انسان کي بہ جيترو گهڻو ملندس اوترو وڌيڪ پائڻ جي آس ڪندو.

سوُئَر:

سوئر کي سنڌيءَ ۾ مروُن بہ چوندا آهن. هن کي تمام گندو جانور ليکيو ويو آهي، جيڪو گند ۽ ڪرفتي بہ کائيندو آهي. اِن ڪري عام طور اُن جو گوشت کائڻ سٺو نہ مڃيو ويندو آهي. مسلمان اِن جانور کي پليت يعني غليظ ۽ حرام ڪري ليکيندا آهن. اِن تي ڪجهہ چوڻيون هن ريت آهن:

- هندوُ کي ڳانءِ ۽ مسلمان کي سوئر.

مطلب تہ هندو ڳانءِ کي پوتر جانور سمجهي هُن جي پوڄا ڪندا آهن ۽ ڪيس ڳئون ماتا چوندا آهن. اِن ڪري ڳئون جو گوشت کائڻ پاپ سمجهندا آهن. ٻئي طرف مسلمان سوُئر کي ناپاڪ مڃي ان جو گوشت نہ کائيندا آهن.

- سوُئر وانگر ڪنڌ ۾ ڪِلي اٿس.

سوئر پنهنجو ڪنڌ ڦيرائي نہ سگهندو آهي. گهڻو ڪري پنهنجي ڳِچي سڌي رکندو آهي. اِن طرح جيڪو ماڻهو مغرور هجي يا تڪبر ڪندو آهي، تنهن جي پيٺ بہ سوئر سان ڪندا آهن.

بگهڙ:

اهو جانور بدني بيهڪ ۾ ڪُتي سان وڌيڪ مشابهت رکندڙ آهي. سنڌ ۾ ڪوهستان واري علائقي ۾ بگهڙ گهڻا هوندا آهن. هو ماڻهوءَ کي اڪيلو ڏسي اُن جي مٿان حملو ڪندا آهن. بگهڙ جي ماديءَ کي بگهاڙي چئبو آهي.

- بگهڙ ڪائي تہ ٻہ وات ڳاڙهو، نہ ڪائي تہ بہ وات ڳاڙهو.

هيءُ چوڻي اِن حقيقت طرف ڌيان ڇڪائي ٿي تہ بگهڙ جو وات چپ ۽ وات جو اندريون حصو هميشہ ڳاڙها هوندا آهن.

- بگهڙ جي حوالي رڍون ڇڏڻ.

مطلب تہ ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي سنڀال جو ڪم ڏيڻ جيڪو اُن شيءِ کي گهٽو چاهيندڙ هجي. اِن ڪري اُن سان هميشہ خطرو هوندو آهي. ڀيٽيو: "جَوِ ڍيري، گڏھ رکپال." رڍن جي ڌڻ ۾ جي بگهڙ هوندو تہ اهو وجھ وٺي هڪ هڪ رڍ کي ضرور ماري ڪائيندو.

- بگهڙُ ڙي بگهڙُ واري ڪارِ ڪئي اٿس.

مطلب تہ هوُ بلڪل ڪوڙو آهي. مٿس ويساھ ڪرڻ نہ گهرجي. هيءُ پهاڪو ٻارن جي هڪ آکاڻيءَ تي ٻڌل آهي. هڪ ڇوڪرو جهنگ ۾ وڃي زور زور سان واڪا ڪرڻ لڳو تہ بگهڙ ڙي بگهڙ. مون کي بچايو. اِن تي ڳوناڻا لٺيون کڻي هُن جي بچاءُ لاءِ جهنگ طرف ڊوڙي ويا. اُن تي اُن ڇوڪري کِلي چيو تہ مون فقط اوهان جو آزمودو ٿي ورتو تہ اوهان مون کي بچائڻ لاءِ اچو ٿا يا نہ؟ اِن طرح اُن نينگر ٻہ ٽي دفعا ساڳيءَ طرح ڪُوڙا واڪا ڪيا. پر هڪ دفعي سچ پچ هڪ بگهڙ اُن ڇوڪري وٽ اچي پهتو ۽ هن تي حملو ڪيائين. اِن تي ڇوڪر گهڻي ئي واڪا ڪيا، پر ڳوناڻن سمجهيو تہ هُو اڳي وانگر ڪوڙا واڪا پيو ڪري. اِن طرح بگهڙ هُن ڇوڪر کي ماري کائي ڇڏيو.

گدڙُ:

گدڙ ٻہ ڪُتي جي قد جو هڪ جهنگلي جانور آهي، جيڪو تمام

گيدي ۽ ڊڄڻو هوندو آهي. هو گهڻو ڪري ڪنهن ڳوٺ يا بستيءَ جي ويجهو رهندو آهي. رات جي وقت وجهه وٺي بستيءَ مان مرغيون، سهـا، ۽ ٻيا ننڍا جانور ماري کائڻ لاءِ کڻي ويندو آهي. گيدي ماڻهن جي پيٽ گهڻو ڪري گدڙ سان ڪئي ويندي آهي. گدڙ تي ٻڌل ڪجهه پهاڪا هن ريت آهن:

- گدڙ ڊاک نہ پڄي آکي ٿُو کٽا.

ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ بہ گهربل شيءِ ملي نہ سگهي تہ پوءِ هُو چوندو آهي تہ اِها سٺي ناهي. اِن ڪري مون کي نہ کپي. هيءُ پهاڪو هڪ باراٽي آکاڻيءَ تي ٺهيل آهي. هڪ باغ ۾ گدڙ ڊاک جا ڇڳا منهہ ۾ لٽڪندا ڏٺا. هُن جي دل ٿي تہ اُنهن مان ڪجهہ چِني ڪري ڊاک کائجي. گدڙ گهڻي ڪوشش ڪئي ۽ ٽپا ڏنا، پر هُو ڊاک تائين پهچي نہ سگهيو. نيٺ ٿڪجي پيو. پوءِ چوڻ لڳو تہ اِها ڊاک کٽي آهي، مون کي ڪانہ کپي. ايئن چئي نااُميد ٿي هُتان هليو ويو.

- سنڌ گدڙن ڪانہ اڏي آهي.

مطلب تہ سنڌ تي حملا ڪندڙ ايترا طاقتور هئا، جن سان سنڌي ماڻهو پڄي نہ سگهيا.

- گدڙ پيڪي ڏيڻ.

يعني ڪوڙي ڌمڪي ڏيڻ. جنهن سان ٻئي ماڻهوءَ تي ڪوبہ اثر نہ ٿئي.

- گدڙ جي گُونهن ۾ ڪم پيو تہ وڃي ٽڪر تي هنگي.

پيٽيو: "گدڙ وانگر گُئي چڪي تي رکڻ."

- گدڙ کي کُٽي کٽي تہ ڳوٺ طرف ڀڄي.

گدڙ ڳوٺ طرف يا وسنديءَ ۾ ويندو تہ ماڻهو اُن کي لٺيون هڻي ماري ڇڏيندا. چاڪاڻ تہ هو وسنديءَ مان اڪثر ننڍا جانور لِڪ چوري کڻي وڃي کائيندو آهي.

- گدڙ جيڪڏهن گدڙ جي ڪُوڪ نہ اونائي تہ ڪوڙهيو ٿي مري.

هيءُ پهاڪو هِن حقيقت تي ٻڌل آهي ته جيڪڏهن هڪڙي گدڙ ڪوڪڻ شروع ڪيو ته ٻيا به اونائي اُن جو ساٿ ڏيندا آهن. اِن طرح ڪو ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن خراب ڪم ۾ هڪ ٻئي ڪي ساٿ ڏين، تڏهن هيءُ پهاڪو ڪتب آڻبو آهي.

**باندر يا ٻولڙو:**

باندر عام طور تي جهنگلي جانورن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. پر اُهو شهرن ۽ وسندين ۾ به ڪاٺي جي ڳولا ۾ هليو ايندو آهي ۽ گهرن ۾ گهڙي ڪاڌو کڻي ويندو آهي. باندر پنهنجي چنچلتا جي ڪري گهڻا مشهور آهن. اُنهن جا الڳ الڳ قسم آهن. ننڍن باندرن کي مداري پالي اُنهن کان ناچ ڪرائي روزي روٽي ڪمائيندا آهن. باندر نقل ڪرڻ ۾ به گهڻا هوشيار آهن. اِنهن کي سنڌيءَ ۾ ٻولڙو يا ٻولو به چئبو آهي ۽ باديءَ کي باندري يا ٻولڙي سڏبو آهي. جسماني بيهڪ جي خيال کان باندر اِنسان ذات جي وڏيڪ ويجها آهن. اُهي پنهنجي ٻن پوين ٽنگن تي ماڻهن وانگر بيهي ڪري هلي سگهن ٿا. اِن تي ڊاروَن جو نظريو مشهور آهي ته اِنسان جو ارتقا جانورن مان ٿيو آهي. باندر تي ڪجهه پهاڪا هن ريت آهن:

- ٻولڙن کي به پنهنجون زالون پياريون آهن.

مطلب ته هرڪو ماڻهو پنهنجي زال کي پيار ڪندو آهي.

- باندر ڇا ڄاڻي اَدرڪ جو سوادُ.

اَدرڪ جي استعمال سان ڀاڄي يا ٻيو ڪاڌو لذيذ ٿئي ٿو. اَدرڪ صحت لاءِ به سٺي شيءِ آهي، جو اُها وائي سور کي ماري ڇڏيندي آهي. اهڙي سوادي شيءِ جي باندر کي ڪهڙي پرک؟

- ٻولي جي ڳچيءَ ۾ موتين جو هار.

يعني موتين جي مالا جيڪڏهن باندر کي پارائجي ته اُن جو قدر هن کي ڪونه ٿيندو، هو مالا کي ڇني داڻا الڳ ڪري ڦٽا ڪري ڇڏيندو.

- لنيون جهلي ڀولڙو، ڪنيو ڪائي فقير.

مطلب تہ مداري ڀولڙي کي نچائڻ مهل لٺ جو اِشارو ڪري يا ڪيس ماري نچائيندو آهي. اِن طرح مار تہ ويچاري ڀولڙي تي پوندي آهي، پر تماشائي باندر جو ناچ ڏسي پئسا مداريءَ کي ڏيندا آهن. جڏهن هڪ جي محنت جو لاڀ ڪو ٻيو کٽي وڃي، تڏهن هيءُ پهاڪو چئبو آهي.

### هرڻ ۽ ڦاڙهو:

هرڻ پنهنجي چنچل طبع ۽ ڊُڪڻ جي تيز رفتار جي ڪري مشهور آهي. ادب ۾ هرڻيءَ جي اکين جي خوبصورتيءَ جي گهڻي ساراهہ ڪيل آهي. مرگهنيَني يعني هرڻ وانگر چنچل ۽ سندر اکين واري ناري يا نايڪا جو ذڪر ڀارتي ادب ۾ گهڻو ملي ٿو. هرڻ جي ئي ذات جو ۽ قد ۾ ڪي قدر ڊگهو ٻيو جانور آهي. ڦاڙهو، جنهن کي ٻارنهن سِڱ (ٻارهہ سينگا) بہ چوَن. اِنهن جانورن تي ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

- هرڻي اڳي ئي نچڻي، ويتر پيس گهنڊڻي.

يعني هرڻيءَ چنچل سُڀاوَ جي آهي. هوُ گهڻو ڪري ڀيئي ٽينگ ٽپا ڏيندي آهي. اُن کي جيڪڏهن ڳچيءَ ۾ گهنڊڻي ٻڌبي تہ اُن جو وڄڻ جي آواز تي هُو وڌيڪ ٽپا ڏيندي آهي. ڪو ماڻهو اڳي ئي شرارتي ۽ شيطان هجي ۽ وري ڪيس ڪنهن ٻئي جي هُشي ملي وڃي تہ هُو پوءِ اجا بہ وڌيڪ شرارتي ٿيندو.

- ڦاڙهو ڄتي ڪائي تِتي اوجهہ ڊِئي.

هيءُ جانور گهڻو ڪائيندڙ ۽ لالچي آهي. جيڪڏهن ڪٿي گهڻو ڪاڌو ملي ويس تہ پوءِ اُهو سمورو ڪائي آڦرجي پوندو. ايتري قدر جو اُتي ئي مري ويندو.

- ڏسون تہ هوُ کهڙا ڦاڙها ٿو ماري.

هيءُ پهاڪو گهڻو ڪري اهڙي شخص کي ٺوڪ وچان چئبو آهي، جيڪو ڪم ڪري سگهڻ جي طاقت نہ رکندو آهي، پر اِن هوندي

ٻہ هو ٻڌاڪ پيو هڻندو آهي تہ مان وڏا ۽ مشڪل ڪم بہ پورا ڪري سگهندو آهيان.

## گهرُو جانور

گهڻائي ماڻهو ڪي جانور پنهنجن گهرن ۾ شوق وچان پاليندا آهن. اُنهن ۾ ڪتو ۽ ٻلي مکيہ آهن. ڪتو پنهنجي وفاداريءَ ڪري مشهور آهي. هوُ هر وقت گهر جي چوڪيداري بہ ڪندو رهي ٿو. ساڳيءَ طرح ٻلي بہ وندر جو ذريعو آهي ۽ اُن ڪي گهر ۾ پالڻ سان ڪوُئن جو آزار نہ ٿيندو آهي. اِنهن جانورن ڪي پالڻ جو گهڻو رواج يورپي ملڪن ۾ آهي. برفاني ملڪن ۾ هڪ ذات جا ڪتا برف ۾ دٻجي ويل اِنسانن ڪي بہ ڳولي لهڻ جي طاقت رکندا آهن. ساڳيءَ طرح ڪتن ۾ سنگهڻ جي بہ غير رواجي طاقت هوندي آهي، جنهن ڪري پوليس کاتي وارا اِنهن ڪتن ڪي پالي، اُنهن کان ڏوهارين ڪي ڳولهي ڪڍڻ جو بہ ڪم وٺندا آهن. هتي انهن جانورن بابت ڪجهہ سنڌي پهاڪا ڏجن ٿا:

ڪتو:

- ڪتو بہ کاڌو، ڪُڪِ بہ نہ پري.

يعني غلط ۽ ڏوهہ جو ڪم بہ ڪيو، پر ڪجهہ بہ فائدو نہ ٿيو.

- ستين لنگهڻي ڪُتو حلال.

يعني جيڪڏهن ڪو اِنسان بک وِگهي مرندو هجي تہ لاچاري حالت ۾ جيئڻ لاءِ جيڪڏهن هُن ڪتو کاڌو تہ ڪيس اِهو ڏوهہ معاف آهي. عام طور ڪتي جو گوشت کاڌي جي ڪم نہ ايندو آهي. پيٽيو: ”لاچار ڪي ڪهڙو آچار؟“

- ڪارو منهن ڪتي جو، رٻ اوتري جي اوتري.

ڪنهن دانگيءَ ۾ رٻ پيئي هئي. ڪتو اُها کائڻ لاءِ اُتي آيو، پر دانگيءَ جو منهن سوڙهو هو. اِن ڪري ڪتو رٻ کائي نہ سگهيو. ٻئي

طرف دانگيءَ تي لڳل ڪاراڻ سان ڪتي جو منهن ڪارو ٿي ويو. مطلب ته ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ به ڪو ڪامياب نه ٿئي ۽ اُلٽو کيس نقصان ٿئي، تڏهن هيءُ ٻهاڪو چئبو آهي.

- ڪتو ڇا ڄاڻي ڪٽڪ جي مانيءَ مان؟

مطلب ته ڪنهن گهٽ ذات واري کي جيڪڏهن ڪا سُٺي شيءِ ڏجي ته اُهو اُن جو قدر نه ڪندو. ٻيٽيو: ”گڏهه ڇا ڄاڻن گيهرن مان“؟

- ڪتي جو پُڇ ٻارنهن مهينا نڙ ۾ وجهُ ته به ڏنگي جو ڏنگو.

- ڌوٻيءَ جو ڪتو نه گهر جو نه گهاٽ جو.

جيڪو ماڻهو سڀني طرفن کان بيڪار ثابت ٿئي، تنهن لاءِ چئجي.

- تڪڙي ڪُتي انڌا ڳُلر ڄڻي.

مطلب ته جيڪو ڪنهن ڪم ۾ تڪڙ ڪري ٿو، ته اُن جو نتيجو سنو نه نڪري. اِن ڪري هر ڳالهه ۾ ڌيرج کان ڪم وٺجي.

- ڪتو ڪُڙم جو ويري.

مطلب ته هڪ پاڙي جو ڪتو ٻئي پاڙي واري يا ذاتي ڪتي کي ڀيو ڀونڪندو آهي. جيڪو ماڻهو پنهنجي ذات ڀائين يا ماڻن سان ڀيو وڙهي، تنهن لاءِ هيءُ ٻهاڪو ڪتب آڻبو آهي.

- ڪوڙهيو ڪُتو ڪنهڻ کان نه رهي.

مطلب ته بُرو اِنسان پنهنجي عادت موجب برو ڪم ڪرڻ کان باز نه ايندو.

- ٻُڇڙو ڪُتو ڏٽي ڀِتائي.

جيڪو ڪتو اينڊڙ ويندڙ ماڻهوءَ کي ڀيو ڀونڪندو آهي ته اُهي ماڻهو اُنهيءَ ڇتي ڪتي جي مالڪ کي ڀِٽيندا آهن، جنهن کيس پاليو آهي.

- ڪُتو به اُن کي ڏاڙهي ته جُتيون به اُن کي لڳن.

يعني ڇتو ڪتو جنهن کي چڪ پائيندو آهي ته ٻيا ماڻهو اُنهيءَ چڪ واري هنڌ تي جتيون هڻندا آهن ته جيئن اُن جو زهر نه ڦهلجي.

جنهن ماڻهوءَ اڳي ئي پوڳيو آهي، تنهن کي وري وڏيڪ پوڳڻو پوي. تڏهن هيءُ پهاڪو چئجي.

- قلندرن پُنيان ڪتا پيا ڀؤنڪندا آهن.

فقير جڏهن رستي تان لنگهندا آهن تہ ڪين ڪتا ڀونڪندا آهن، پر هوُ ڪتن طرف ڪوبہ ڌيان نہ ڏيندا آهن. جيڪو ماڻهو بين بُرن انسانن جي پرواهہ نہ ڪري، اُنهن لاءِ چئجي.

- ستي لڪڙيُن ڪان موٽي تہ ڪتن هاب ٿئي.

مطلب تہ ستي چڪيا (باهہ) ۾ پاڻ کي جلائڻ ڪان سواءِ جيڪڏهن واپس هلي اَچي تہ اُن جي سڄي سماج ۾ بدنامي ٿيندي آهي. هِن پهاڪي جو بنياد 'ستيءَ جي رسم' تي ٻڌل آهي. اڄ ڪالهہ اِهو رواج گهڻي قدر بند ٿي چڪو آهي.

- ڪُتيءَ کي ڪنهن اُماڙي ڏيڪاري تہ اُها تارا ڏسي ٿي ڊني.

هتي اُماڙي جو مطلب آهي جلندڙ ڪاني. ڪنهن ماڻهو جلندڙ ڪانيءَ سان ڪتيءَ تي حملو ڪيو تہ هوءَ باهہ جي گرمائش ۽ روشنيءَ کي ڏسي ڀڄي ويئي. پوءِ اُن کي روشنيءَ سان ايترو تہ ڊپ لڳو جو آسمان ۾ تارا ڏسي بہ ڊڄي پئي ويئي. ڀيٽيو: "دوڌ کا جلا ڇاڇ ڀي ڦوڪ ڪر پيتا هئہ."

ٻلي:

گهڻن ئي گهَرن ۾ ٻليءَ کي پاليو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اُها گهروارن کي ڪوئن جي آزار ڪان بچائيندي آهي. مطلب تہ جنهن گهر ۾ ٻلي هوندي تہ ڪوئا اُن گهر مان ڀڄي ويندا آهن. ٻليءَ جي نر کي ٻلو چئبو آهي. ٻليءَ تي ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

- سؤ ڪوئا کائي ٻلي هلي حج تي.

هن پهاڪي جو بنياد ٻارن جي هڪ آکاڻيءَ تي ٻڌل آهي. هڪ ٻُڍي ٻلي ڪوئن سان گڏ حج ڪرڻ ويئي، پر پنهنجي عادت موجب اُها ڪوئن کي ماري کائيندي پئي ويئي. ساڳيءَ طرح ڪو برو اِنسان

جڏهن نيڪ ٻٽجڻ جو بهانو ڪري ۽ وري برا ڪم ڪندو رهي، تڏهن هيءُ پهاڪو چئبو.

- ٻليءَ کي خواب ۾ ڇيڇڙا.

ٻليءَ کي ڇيڇڙ کائڻ ۾ گهڻو مزو ايندو آهي. اِن ڪري جيڪڏهن ڪنهن هنڌ ڇيڇڙ نہ هُجن، پر ٻلي پنهنجي ذهن ۾ اهو سمجهي تہ اِتي ڇيڇڙ ملندا. اِن ڳالهہ طرف هِن ۾ اِشارو ڪيل آهي. ساڳيءَ طرح ڪو ماڻهو تصور ۾ اهڙي ڳالهہ سوچي جيڪا اُتي آهي ئي ڪانہ، تڏهن هيءُ پهاڪو ڪتب اچي.

- ڇڪو ڇنو ٻليءَ جي ڀاڳين.

مطلب تہ ڇڪي ۾ ڪا کاڌي جي شيءِ رکي هئي. ٻلي گهڻيئي ٽپا ڏنا تہ اُها شيءِ کاوان. پر هو ڇڪي تائين پهچي نہ سگهي. اِتفاق سان ڇڪي جي نوڙي ٽُٽي پيئي ۽ ڇڪو اچي پَٽ تي ڪريو. پوءِ تہ ٻليءَ اُن ۾ رکيل دِل پسند شيءِ کائي ڌُ ڪيو. جڏهن ڪنهن اِنسان کي ڪا شيءِ ملڻ جي اُميد نہ هجي، پر اُها اوچتو ڪنهن سبب ڪري ڪيس ملي وڃي، تڏهن چئجي.

- ڪانياري ٻلي ڪُوئي جي جوءِ.

يعني ڊڄڻي ٻلي ڪُوئي کان بہ پئي ڊڄندي آهي.

- ٻلي شير پڙهايا، ڦير ٻلي ڪُون ڪاوَڻ آيا.

ٻليءَ شينهن کي شڪار ڪرڻ سيکاريو، پر ڪيس وڻ تي چڙهڻ نہ سيکاريائين. شينهن جڏهن سِکي ويو تہ هُن ٻليءَ تي حملو ڪيو. اِن تي ٻلي هڪ دم ٽپ ڏيئي وڻ تي چڙهي ويئي. شينهن ويچارو ڏسندو ئي رهجي ويو. ڪو اِنسان جڏهن ٻئي کي ڪجهہ سيکاري ۽ موٽ ۾ اُهو ٻيو اِنسان ڪيس نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪري تڏهن هيءُ پهاڪو چئبو آهي.

- انڌن آندو، ٻلن چٽيو.

انڌا کاڌو کائي آيا. هوُ جڏهن کائڻ وينا تہ ڪي ٻلا بہ اُتي اچي

پهتا. اُهي بہ اُن ڪاڌي مان ڪائڻ لڳا. پر انڊن ڪي اِنهيءَ جي ڄاڻ نہ پيئي. جڏهن هڪ جي محنت جو فائدو ڪو ٻيو کڻي وڃي، تڏهن چئجي.

- ٺاٺارڪي ٻلي آهي.

مطلب تہ ٺاٺاري جي دُڪان تي ويٺل ٻلي آهي، جيڪا اُتي ٺينڊڻ ٺڪ ٺڪِ جي آواز تي هِري ويئي آهي. اهڙيءَ طرح ڪو ماڻهو ڪنهن ڳالهہ تي هِري وڃي اُن لاءِ هيءُ پهاڪو آهي.

- پهرئين ئي ڏينهن ٻلي مارجي.

مطلب تہ شروعات ۾ ئي پنهنجو روعب ڏيکارجي تہ پوءِ ٻيا ماڻهو هميشہ هُن کان ڊڄندا رهندا ۽ هُن جو حڪم مڃيندا. هن پهاڪي جو بنيادُ هڪ آکاڻيءَ تي بيٺل آهي. ڪنهن ماڻهوءَ شادي ڪئي ۽ پهرينءَ رات جو ئي هن ڪوڙ ڪري پرسان لنگهندڙ ڪنهن ٻليءَ کي اهڙو تہ زور سان ڏنبو هنيو جو اُها ٻلي اُتي جو اُتي مري ويئي. اِن واقعي کي ڏسي سندس زال تمام ڊڄي ويئي. هُن سمجهيو تہ منهنجو گهوٽ تمام غصي وارو آهي. پوءِ اُها سڄي عمر پنهنجي گهوٽ جي چئي ۾ رهندي هئي.

- منهنجي ٻلي مون کي ميائون.

پيٽيو: "ميري بلي اور مُجهہ سي هي ميائون". مطلب جنهن شخص کي ڪنهن سيکاريو آهي، اُهو سکڻ کان پوءِ اُن شخص سان ئي وڙهڻ اچي، تڏهن چئجي.

- ٻلي ڪائيندي ڪين ساري، هنگندي ساري.

مطلب تہ ٻلي ڪائڻ وقت لالچ ڪري گهڻو ڪاڌو ڪائي ويندي آهي. پوءِ ڪيس جڏهن دست لڳندا آهن، تڏهن گهڻو ڪائڻ تي پڇتائيندي آهي.

## پاڻيءَ جا جانور:

گهڻي اهڙا ساهوارا آهن، جيڪي پاڻيءَ ۾ رهن ٿا، اُتي ئي سڄي زندگي گذارين ٿا ۽ اُتي ئي مري وڃن ٿا. اُنهن تي نهيل پهاڪن

جا ڪجهه مثال هن ريت آهن:

**مڇيون:**

- هڪ گندي مڇي سڄي تلاءَ کي گندو ڪري ڇڏيندي آهي.

مطلب تہ جيڪڏهن هڪ ماڻهو خراب آهي تہ هوُ پنهنجن سيني ساٿين کي بہ بدنام ڪري ڇڏي ٿو.

- رُپئي پَلو سهانگو، پئسي پلو مهانگو.

يعني جيڪڏهن ماڻهوءَ وٽ کِيسي ۾ ناڻو آهي تہ پوءِ مهانگي شيءِ بہ خريد ڪرڻ ۾ ڪيس رُڪاوٽ نہ ايندي. پر جيڪڏهن وٽس پئسا نہ آهن تہ سستي شيءِ بہ ڪيس مهانگي لڳندي.

- ڪني مڇي ڪانهي جا رڪئي خراب ٿي ويندي.

مطلب تہ ڪا شيءِ ماڻهو پاڻ وٽ سانڍي رکي ۽ وقت تي اُن جو لاڀ وٺي تڏهن چئجي.

- جن ڪاڏا پلنِ جا پيٺارا تن جا هينئڙا ويچارا.

مطلب تہ جن شاهوڪاريءَ جي وقت سنو مال ڪاڌو آهي، اُنهن کي ٿوري بہ مصيبت اچڻ تي گهڻي پريشاني محسوس ٿيندي آهي.

- مڇي بازار لڳي پيئي آهي.

مطلب تہ تمام گهڻو گوڙ لڳل آهي.

- مڇيءَ موتُ، ميئي شڪار.

مهاڻا تہ شڪار ڪري مڇيون ماري گذران ڪن ٿا، پر ٻئي طرف اِهو مڇين جي لاءِ، موت ثابت ٿئي ٿو. پيٽيو: ”مرُوئان مؤت، ملوڪان شِڪار“.

- جيڪي ڏسي چار، سو جي ڏسي مهاڻو، تہ ڦاٽي مري.

مطلب تہ نديءَ يا سمنڊ ۾ مڇيون ڦاسائڻ لاءِ جڏهن مهاڻو چار وجهي ٿو تہ اُن ۾ گهڻيئي مڇيون ڦاسي وڃن ٿيون، پر جڏهن هُو چار کي ڇڪي ٻاهر ڪڍي ٿو، تڏهن ان جي سوراخن مان گهڻيئي ننڍيون مڇيون کسڪي ٻاهر نڪري وڃن ٿيون.

- پلو سيري ڪان بہ پلو، سيري ۾ نہ ساءُ،
پلو گوڏا ڪوڙي ڪاءُ.

سنڌ جي علائقي ۾ سنڌونديءَ ۾ پيدا ٿيندڙ پلو تمام سوادي ٿيندو آهي. اُن جي ساراهہ ۾ هيءَ چوڻي نهيل آهي.

- مڇيءَ کي ٿو ترڻ سيکاري.

يعني جيڪو ماڻهو ڄائي ڄم کان وٺي فطري طرح هنر يا فن ڄاڻي ٿو، ان کي وڏيڪ ٻيو ڇا سيکاربو؟

**واڳهُو (واڳُون):**

- واڳهوءَ جي وات ۾ پيو آهي.

مطلب تہ سڄو ڏينهن پيو وهي ۽ محنت ڪري.

- رهي ٿو درياءَ جي ڪپ تي ۽ رکي ٿو واڳهن سان وير.

يعني زوراور ۽ ڏاڍي ماڻهو جي پر ۾ رهي، ان سان جيڪڏهن دشمني ڪبي تہ اُن مان پاڻ کي ئي نقصان رسندو. ڀيٽيو: "جل ۾ رهہ ڪر مگر سي بئر."

- منگر مڇ جا آنسُون آهن.

مطلب تہ ڪوڙو ڏک ظاهر ڪرڻ.

**ڏيڏر:**

- کوهہ جي ڏيڏري ڪَجي ڀيئي اُڀ؟

يعني کوهہ جي ننڍي دائري ۾ رهندڙ ڏيڏري جيڪڏهن آسمان ڏانهن نهاريندي تہ ان کي اُڀ جو فقط ٿورو ئي حصو نظر ايندو، پر هوءَ ايئن ٿي سمجهي تہ اُڀ جو دائرو ايترو ئي آهي، جيترو اُن کي نظر اچي ٿو، پر اِها حقيقت نہ آهي. ساڳيءَ طرح ٿوري ڄاڻ رکندڙ جيڪڏهن پاڻ کي عظيم عالم سمجهي تہ اُهو بہ کوهہ جي ڏيڏر وانگر آهي. هن پهاڪي جو بنياد سنسڪرت جي سماس "کُوپَ مَنڊُوڪَ" (کوهہ جو ڏيڏر) تي ٻيٺل آهي.

## ڪَڇُئون:

- ڪڇُئون جي چال اٿس.

يعني ڪڇئون تمام ڍيمي چال سان هلندو آهي. ڪو ماڻهو جيڪڏهن تمام آهستي هلي يا ڍرو ڪم ڪري، تڏهن ڪيس ٺوڪ وچان ايئن چوندا آهن.

- ڪُميءَ وانگر پيو پاڻيءَ ۾ تڙڳي.

مطلب تہ ڪو ماڻهو جڏهن گهڻو وقت نديءَ يا تلاءَ ۾ پيو تري تڏهن ڪيس چوندا آهن.

## پکي

پکي ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا شهري (جيئن تہ طوطو، ڪبوتر) ۽ ٻيا جهنگلي (جيئن تہ باز، ڳجهہ، اُلو يا چبرو.) ڪن شهري پکين کي ماڻهو شوق وچان پالي گهر ۾ پڃري ۾ بند ڪري رکندا آهن. پکين تي بہ گهڻي ئي پهاڪا نهيل آهن. اُنهن مان ڪجهہ چوندڙ پهاڪا هتي ڏجن ٿا.

- هنجن سان ريس ڪري اُڏاڻي چِڙي،
چٽو هنس ڇُهنب ۾ سو بہ پِيُس ڪَري.

جڏهن ڪو ماڻهو پاڻ کان وڏن سان ريس ڪري تہ ڪيس نقصان رسندو. اهڙن شخصن لاءِ هيءُ پهاڪو چيل آهي.

- اَب پڇتائي ڪيا هوت، جب چڙيان چُگ گئين کيت.

مطلب تہ ڪا ڳالهہ جڏهن هٿن مان نڪري وڃي ۽ اُن کي سُڌاري نہ سگهجي، تڏهن هيءُ پهاڪو ڪتب آڻبو آهي.

- سياڻو ڪانءُ بہ ٽنگو ڦاسي.

جڏهن ڪو ماڻهو گهڻي سياڻپ ڏيکاري ۽ پوءِ اُلٽو ڦاسي پوي تڏهن هيءُ پهاڪو ڪتب ايندو آهي.

- ڪانءَ کي لُڙ ۾ مزو.

يعني هڪڙو ڪانءُ ڪان ڪان ڪندو تہ ٻيا ڪانءُ بہ ساڳيو سُرُ ڪڍندا آهن. اِن حالت تي هي چوڻي ٺهي آهي.

- جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا.

مطلب تہ جهڙو خاندان هوندو تهڙو ئي اولاد پيدا ٿيندو.

- مور سڀ مري ويا باقي رهيا ڪانگ.

جڏهن سنت (صوفي بزرگ) ماڻهو ۽ سُنا ماڻهو ڪنهن هنڌان هليا وڃن ۽ اُتي باقي چور ۽ نڱ وڃي بچن، تڏهن چئجي.

- ڏاهو ڪانءُ، گوُنهن کائي.

ٻيٽيو: "سيانا ڪؤئا گُوه کائي". مطلب تہ ڪو گهڻي سياڻپ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري ۽ پوءِ ڪيس نقصان رسي تڏهن چئجي.

- چورن مٿان مور پيا، اڌ ورهائي کڻي ويا.

جڏهن چورن جي چوريءَ مان ٻيا ڪي سياڻا حصو کڻي ڀڄي وڃن، تڏهن چئجي.

- مور گهڻي ئي سُنو، پر سندس پير ڏنگا.

مور هڪ سهڻو پکي هوندو آهي، پر هن جا پير ڏنگا يا ٽيڏا هوندا آهن. اِن حقيقت تي اِها چوڻي ٺهي آهي. مطلب تہ جڏهن ڪو ماڻهو سڄو ڪم سُنو ڪري پر اُن ۾ ڪا ننڍڙي گهٽتائي رهجي وڃي، تڏهن چئجي.

- جنگل ۾ مور ناچا ڪس ني ديکا؟

مطلب تہ ماڻهو سُنسان يا اڪيلي هنڌ تي رهي ڪري ڪيترا بہ سٺا ڪم ڇونہ ڪري، پر هن جو قدر ڪرڻ وارا اُتي موجود نہ آهن تہ پوءِ هُن ماڻهوءَ ڪي جَسُ نہ ملندو.

- گهر جي مرغي دال برابر.

يعني پنهنجي گهر جي ماڻهوءَ جو ڪو قدر نہ ٿيندو آهي، چاهي

هو ڪيترو به ڀهتل شخص چونه هجي. پيٽيو: "گهر ڪا جوگي جوگيڙا، آن گانوَ ڪا سِڌ." ۽ "گهر جو پير، چلهه جو مارنگ".

- ڪُڪَڙ ڪوريءَ جو پر نانءُ وڏيري جو.

ڳوٺن ۾ وڏيري يا زميندار تماشي لاءِ ڪُڪڙ وڙهائيندا آهن. هو ڪُڪُڙ ٻين کان گهُرائي اُنهن کي وڙهائيندا آهن، جنهن ۾ گهڻو ڪري ڪيترا ڪُڪُڙ زخمي ٿي پوندا آهن. اِن قسم جي لڙائيءَ ۾ جنهن زميندار جو ڪُڪُڙ کٽندو آهي، اَن جي واهه واهه ٿيندي آهي. اِن حالت تي هيءُ ٻهاڪو ٺهيو آهي. "پيٽيو: "لڙي سپاهي، نام سردار ڪا."

- ڪُڪُڙ پهرين يا آنا.

مطلب ته اجايو بحث ڪرڻ. جنهن ڳالهه جو ڪڏهن به فيصلو نه ڪري سگهجي. جيئن ته پهرين ڪُڪُڙ پيدا ٿي يا پهرين آنا ٿيا، اِن ڳالهه جو فيصلو ڪرڻ اَڄ به مشڪل آهي. رواجي طور سان ڪُڪَڙ آنا ڏيندي آهي، جنهن مان ٻيا ڪُڪُڙ ۽ ڪُڪڙيون پيدا ٿينديون آهن، پر سوال اِهو آهي ته پهرين آنو ڪيئن ٿيو يا پهرين ڪُڪِڙ ڪڏهن ٿي؟ بنا ڪنهن نتيجي تي پهچڻ وارو اِهو بحث اجايو آهي.

- مرغو ٻانگ نه ڏيندو ته ڇا صبح نه ٿيندو؟

مطلب ته پرڀات يا اَسُر جو وقت پنهنجي قدرتي نموني سان ٿيندو آهي. اُن جو مرغي جي ٻانگ ڏيڻ سان ڪوبه واسطو نه آهي. جڏهن ڪو ماڻهو پاڻ کي وڏو سمجهي ايئن چئي ته هن کان سواءِ ڪو ڪم نه ٿي سگهندو، پر حقيقت ۾ هُن جو ڪوبه وجود نه هجي، تڏهن هيءُ ٻهاڪو ڪتب آڻبو آهي.

- ٻُڍو طوطو به ڪڏهن رام رام پڙهيو؟

مطلب ته جيڪو ننڍي هوندي نه سکندو، سو وڏو ٿي سِکي نه سگهندو.

- تِتر ڏيڪاري پتر ڏيڻ.

يعني ڪنهن کي سؤدي يا واپار ۾ ٺڳڻ. سٺي شيءِ ڏيکاري کيس خراب شيءِ ڏين ٿا.

- اڌ تِترُ اڌ ٻٽير.

يعني الڳ الڳ قسم جي بناوٽ هئڻ. پيٽيو: ”ڏڙ ريڊيو، سِيسي ٻاڪري.“

- ماڻهو مڙيئي نہ سهڻا، پکي مڙيئي نہ هنج،
کنهن کنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

يعني سڀئي ماڻهو سُهڻا ۽ سُٺي سُڀاوَ وارا نہ هوندا آهن. سڀئي پکي هنجن وانگر سهڻا نہ هوندا آهن. اهڙا ماڻهو تمام ورلي آهن جن مان بهار جي خوشبو ايندي آهي. مطلب تہ گڻوان (گڻن وارا) ٿورا هوندا آهن. پيٽيو: ”آدمي آدمي اَنتر، ڪوئي هيرا ڪوئي ڪنڪر“.

- سِرڻ جي آکيري مان آنا لاهي ٿو اَچي.

مطلب تہ اهڙو هوشيار آهي، جو مشڪل ڪم بہ سٺي طرح پورو ڪري ٿو وٺي.

- سِرڻ جي آکيري ۾ ماس ڪٿي؟

مطلب تہ سِرڻ شڪار ڪري پنهنجي آکيري ۾ آڻي اُن جو گوشت کائيندي آهي. هو ڪجهہ بہ بچائي نہ رکندي آهي. هيءُ پهاڪو اُن ماڻهوءَ طرف چٽبو آهي، جيڪو ڪجهہ بہ بچائي نہ رکندو آهي ۽ سڀ پيسو عيش عشرت ۾ ختم ڪري ڇڏيندو آهي.

- ايئن اَچي مِڙيا آهن، جيئن ڳجهون ڏُونڊ تي.

يعني جيئن ڪنهن مُئل جانور جي لاش تي ڳجهون اچي ڪٺيون ٿينديون آهن تيئن اچي ماڻهو ڪٺا ٿيا آهن.

- ٽيٽيهر واري ٽين ٽين لڳي پيئي آهي.

مطلب تہ جيڪو ماڻهو گهڻيون ڳالهيون هٽاڪون هڻي، پر ڪجهہ بہ ڪم ڪري نہ ڏيکاري، تنهن لاءِ چٽبو آهي.

## پيا جيت جڻيا ۽ نانگ بلائون

گهڻن ئي قسمن جا پيا جيت جڻيا هوندا آهن. ڪي زهريلا، جيئن تہ وڇون ۽ نانگ بلائون؛ پيا رت پياڪ، جيئن تہ مُنگهڻُ، چوڙ، مڇر، جونئن، وغيره. ٽئين قسم جا جيت اُڏامندڙ بہ هوندا آهن. مثال طور: مکِ، پتنگو، پؤنر، مڪڙ، پوپٽ. انهن تي نهيل ڪجهہ پهاڪا هيٺ ڏجن ٿا:

- چاڻي وڇونءَ منڊُ بہ ڪونہ،
هٿُ وجهي ٿو نانگن جي ٻر ۾.

يعني هن کي وڇونءَ جي زهر لاهڻ جو منتر بہ ڪونہ ٿو اچي ۽ نانگن کي قاسائڻ جي ڪوشش پيو ڪري. جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ننڍي ڪم ڪرڻ جو بہ علم نہ هجي ۽ هوُ وڏا ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، تڏهن ايئن چئجي.

- وڇون وانگر هرڪنهن کي پيو ڏنگي.

مطلب تہ هن جو سڀاءُ اهڙو آهي جو سيني کي پيو ستائي. وڇونءَ جي ڪنهن سان بہ دشمني نہ هوندي آهي، پر هن جي عادت اهڙي آهي جو جيڪا بہ شيءِ هن جي ويجهي هوندي، تنهن کي پيو ڏنگ هڻندو.

- ہ مُنهين بلا آهي.

مطلب تہ تمام خطرناڪ اِنسان آهي.

- نانگ نڪري ويو، ليڪو پيو ڪُٽجي.

مطلب تہ ڳالهہ ختم ٿي ويئي، هاڻي فقط اُن جي پچار پيئي هلي.

- نانگن کي پيو کير پياري.

يعني دشمن کي پيو پالي. جڏهن ڪو ماڻهو اهڙي ماڻهوءَ سان دوستي رکي، جيڪو هن کي نقصان پهچائيندو آهي، تڏهن هيءُ پهاڪو ڪتب آڻبو آهي.

- نانگُ بہ مري، لٺ بہ نہ ڀڄي.

يعني دشمن بہ ناس ٿئي، پر پاڻ کي ڪوبہ نقصان نہ رَسي.

- سپُ نہ ماري، سپ جو سراپ ماري.

ڪنهن کي چاهي نانگ چڪ نہ بہ پاتو پر هو ڊپ وچان سمجهي تہ نانگ هُن کي چڪ پاتو آهي ۽ اِنهيءَ ڊپ جي ڪري مري وڃي. اِن حالت تي هيءُ پهاڪو بيٺل آهي.

- ڪوريئڙو پنهنجي ئي ڄار ۾ ڦاسندو آهي.

مطلب تہ ڪو ماڻهو اهڙا گهٽا ڪم ڪري جو اُنهن مان نڪرڻ هُن جي لاءِ مشڪل ٿي پوي، تڏهن ائين چئجي.

- پَٽ جو ٽِندڻُ آهي.

يعني اهڙو ماڻهو آهي جو هڪ هنڌ وينو آهي، ڪيس دنيا جو آزمودو گهٽ آهي.

- اَنِين پيڙهي اُٺُ ۽ ماڪوڙو ماسات.

مطلب تہ جيڪڏهن ڪِن ماڻهن جي پاڻ ۾ مٽي مائٽي جاچبي تہ ڪِٿي نہ ڪٿي سندن رشتو ضرور ملي ويندو.

- جؤر وانگر چنبڙي پيو آهي.

جؤر کي هنديءَ ۾ "جونڪ" چوندا آهن. هو ماڻهو رت پيئڻ وقت ماڻهوءَ کي ايترو تہ پُختو چنبڙندي آهي جو مري بہ ويندي پر نہ ڇڏيندي.

- چِچڙ ٿي لڳو آهي.

چِچڙ هڪ نَنڍو جيت آهي، جيڪو جانورن کي چنبڙي اُنهن جو رت پيئندو آهي. اُن کي زور سان ڇڪبو آهي تہ بہ نہ ڇڏيندو آهي.

- گنجي جي مٿي ۾ نہ ڪا جوءِ نہ ڪا ليک.

مطلب تہ جيڪڏهن ڪنهن جي مٿي تي وار نہ آهن تہ پوءِ هن کي جوءِ يا ليک جي شڪايت نہ ٿيندي. يعني جڏهن ڪو بنيادي مسئلو ئي نہ آهي تہ پوءِ اُن جي فڪر ڪرڻ بيڪار آهي.

- ڪڪر (ڏيئو) ۾ ٿو ڪلو هٽي.

ڪڪر جي ماناري تي ٿو پٽر اُڇلي. يعني ڄاڻي واڻي مصيبت ۾ پوڻ جا ڪم ٿو ڪري.

- ڄتي ماڪي تِتي مک.

يعني جتي ڪا مٺي شيءِ هوندي اُتي مکيون ضرور اينديون. جتي ڪنهن ڪم ڪرڻ سان فائدو ملڻ جي اُميد هوندي آهي، اُتي سڀ ماڻهو اچي ڪٺا ٿي ويندا.

## جانورن، پکين ۽ جيتن سان تعلق رکندڙ عام پهاڪا:

آخر ۾ هتي ڪجهه اهڙن پهاڪن جا مثال ڏجن ٿا جن جو واسطو ڪنهن خاص جانور يا ساهواري سان نه آهي، پر اُهي اِنهي گروهه ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا. جيئن ته:

- ڌڻ ته ڌٽي، نه ته وِڪڻُ ڪٽي.

يعني ڍڳين مينهن جو جيڪڏهن ڌڻ آهي ته اُن جي سنڀال به ڪرڻي پوندي. نه ته سندن مالڪ کي نقصان ٿيڻ جو اِمڪان هوندو آهي.

- ڏڌو کير ٿڻين نه پوي.

جيئن ڍڳين يا مينهن جو ڏڌل کير واپس ٿڻن ۾ نه پوندو آهي، تيئن زبان مان نڪتل ڪوڙ لفظ وري واپس نه ٿيندو.

- ڏُبري ڍور کي مچر گهڻا.

يعني ڪمزور ماڻهوءَ کي بيماريون وڌيڪ ٿين ٿيون.

- ڏُبري ڍور جو ڌٽي سويل ئي پلاڻي.

يعني جيڪو ماڻهو ڪمزور جانور تي سواري ڪري رهيو آهي، تنهن کي گهُرجي ته هو اوندهه ٿيڻ کان اڳ ئي پنهنجو سفر سوير شروع ڪري.

- جيڪو چَري سو نه مري.

جيڪو جانور چگيءَ طرح گاهه وغيره کائي ٿو، اُهو هميشه تندرست رهندو. يعني کائڻ پيئڻ ۾ شرم نه ڪرڻ کپي.

- ماريءَ جي گهر هڏن جو ڍير.

شڪاري پکين، جانورن وغيره کي ماري پنهنجي گهر کڻي ايندو آهي. هو جانورن جي کل لاهي وڪڻندو آهي ۽ اُنهن جو گوشت به کائي يا وڪڻي ڇڏيندو آهي. باقي هڏن جو ڍير وڃي وٽس بچندو آهي.

- جو ڇُڳيءَ سو ٽڳي.

يعني جيڪو پکي ڇُڳي چڳيءَ طرح پيٽ ڀري ٿو، اُهو گهڻو وقت جيئي ٿو.

هتي ڏنل مثالن مان صاف ظاهر آهي ته اِنسان پنهنجي زندگيءَ ۾ جانورن، پکين، جيتن وغيره جي وهنوار مان به آزمودو وٺي گهڻي ئي پهاڪا، چوڻيون، محاورا وغيره ٺاهيا آهن. اُنهن جو هُن ادب ۾ سهڻي نموني استعمال ڪيو آهي. اِن قسم جا پهاڪا جيڪڏهن اسين تفصيل طور ڪٺا ڪريون ته هڪڙو وڏو ادبي ذخيرو ٺهي پوي.

### 5.4 کيتي باڙيءَ، پوک ۽ اَناج متعلق پهاڪا:

اِنسان باندرن واري دؤر مان گذري، جڏهن سمجهه ۽ عقل وارو بڻيو، تڏهن کان سندس لاڳاپو کيتيءَ سان رهيو آهي. شروع شروع ۾ هوُ قدرتي طور سان پيدا ٿيل ڦل. ڦول، ميوا، گاهه وغيره. واهپي ۾ آڻيندو هو. آهستي آهستي اِنسان کي زمين ۾ پوکيل شين جي ڄاڻ پيئي ۽ گڏوگڏ جانورن جي خوبين کان به واقف ٿيو. اِن کان پوءِ هو جانورن جي مدد سان کيتي ڪرڻ لڳو. لوهه جي اوزارن کي به استعمال ۾ آڻڻ لڳو. انيڪ فصلن جي ڄاڻ ٿيڻ لڳي. زمين ۽ موسم جي باري ۾ آزمودا ٿيڻ لڳس. آهستي آهستي کيتي ۽ پوک جو ڪم ماڻهن لاءِ هڪ خاص ڪم ٿي ويو ۽ اُنهن جي جيئڻ جو آڌار پڻ بڻيو. هڪ خاندان جا سيئي ڀاتي اِن ڪم ۾ شريڪ ٿي ويا. وقت گذرندو ويو، اِنسان کي کيتيءَ بابت آزمودا ٿيندا ويا ۽ اُنهن جي آڌار تي پهاڪن جو جنم به ٿيندو ويو. اهي سيئي ڳالهيون ننڍي کنڊ جي تاريخ سان پڻ لاڳو ٿين ٿيون. اَڄ ڏينهن تائين هتي

جيڪا جهوني ۾ جهوني تهذيب ملي ٿي سا آهي سنڌو تهذيب يا هڙاپا جي تهذيب. هي تهذيب سنڌوندي۽ جي ڪناري تي وڌي ۽ ويجهي. اِنهي۽ آثار تي جيڪڏهن چئجي ته سنڌ جي رهاڪن سيني کان پهرين کيتي ٻاڙي۽ جي هنر جي ايجاد ڪئي ته وڌاءُ نه ٿيندو. گهڻن ئي عالمن پنهنجن ويچارن ۾ پڌرو ڪيو آهي ته سنڌ جي رهاڪُن کي ڪڻڪ، چانور ۽ ٻئي قسم جي اَناج ۽ ميوي جي کيتي۽ جي هنر جي ڄاڻ حاصل هئي. نه رڳو ايترو، سنڌو ماٿري۽ ۾ 'موئن جو دڙو' ۽ هڙاپا نالي هنڌ تي اَناج رکڻ لاءِ وڏا وڏا گدام به مليا آهن. چوڻ جو مطلب آهي ته ڀارت سنڌو ماٿري جي تهذيب واري وقت کان وٺي هڪ کيتي۽ وارو ملڪ رهيو آهي. ڀارت ۾ هر ڏهن سالن ۾ ٿيندڙ آدمشماري۽ جي ڳڻپ موجب اڄا تائين به ڀارت جا ستر سيڪڙو ماڻهو کيتي ٻاڙي (ٻني ٻارو) ڪندا اهن. ڀارت جي مذهبي ڪتابن ۾ به کيتي۽ جي اهميت، عظمت جي ڳالهه ڪئي ويئي آهي. "پاراشر سمرتي۽" ۾ چيل آهي ته:

- ڪرشيرنتمو ڌرمونَ لَڀيت ڪرشِتو انيت هہ،
نہ سُکن ڪرشتو انيَتر يدي ڌرميڻ ڪرشت.

(5 . 185)

مطلب ته کيتي۽ جي برابر ٻيو ڪو ڌرم (فرض) نه آهي ۽ اُنهي۽ وانگر فائدي وارو ٻيو ڪو به ڌنڌو نه آهي. جيڪڏهن ڌرم مطابق کيتي ٻاڙي ڪئي وڃي ته انهي۽ کان وڌيڪ خوشي۽ واري ٻي ڪا به ڳالهه ڪانهي.

'پاراشر سنهتا' ۾ انسان جي زندگي۽ کيتي، اناج ۽ کيتي ڪندڙ هارين جي ضرورت تي هڪ هنڌ چيل آهي ته:

- سُورڻرؤ پيَما ڻِڪيوَ سنئيرپ پوُرِتا،
تتاپ پرار ٿينتييوَ ڪرشڪان پڪتترشٽيا.

يعني سون، چاندي، ماڻڪ، موتي، ڪپڙا وغيره هوندي به ماڻهن کي کاڌي جي شين لاءِ هارين کي عرض ڪرڻو پوندو آهي.

جيئن ڀارت جي ڀين صوبن ۾ کيتيءَ بابت پهاڪا مشهور آهن، تيئن سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ به کيتيءَ سان لاڳاپو رکندڙ گهڻئي پهاڪا ملن ٿا. کيتيءَ بابت جيڪي به آزمودا ماڻهن کي ٿيا، اُهي پهاڪن جي شڪل ۾ به محفوظ آهن. اِهو ئي سبب آهي جو زراعت ۽ جيوتش علم نجوم جي ڄاڻ بغير به پهاڪن جي مدد سان ساڌارڻ عام هاريءَ کي کيتيءَ بابت گهڻين ئي ڳالهين جي ڄاڻ ملي وڃي ٿي. جيڪو هاري سکيا جي نالي تي 'الف' اکر جي ڄاڻ به نه ٿو رکي، کيس کيتي بابت پهاڪا زباني ياد هجن ٿا. اهڙيءَ ريت هوُ پهاڪن ۾ لکل کيتي بابت آزمودن مان فائدو کڻي ٿو. عام ڳالهه ٻولهه ٻولي ننڍين ننڍين گفتن ۾ هئڻ ڪري پهاڪا هرڪنهن کي سولائيءَ سان ياد ٿي وڃن ٿا.

سنڌي پهاڪن ۾ کيتيءَ جو ذڪر وڏي تعداد ۽ مختلف موضوعن هيٺ ٿيو آهي. اوائلي دؤر کان ئي 'کيتي' لفظ ۾ هاري، کيتيءَ جا اوزار ۽ کيتيءَ جي ڪمن جيئن ته جوٽ، ڀوڪ، گڏ، ڪٽائي، ٻجُ، ڇنڊ وغيره جو اظهار ٿيندو رهيو آهي. کيتيءَ بابت پَهاڪن کي هيٺين ريت ورهائي سگهجي ٿو:

(1) کيتيءَ جي اهميت
(2) کيتيءَ جو طريقو
(3) زمين جا قسم
(4) هاري
(5) کيتيءَ ۾ مددگار جانور
(6) کيتيءَ ۾ مددگار اوزار
(7) کيتيءَ ۾ مددگار ٻيون شيون.
(8) فصل ۽ اَناج.

**کيتيءَ جي اهميت:**

صدين کان کيتي هن ملڪ جي روزي روٽيءَ جو هڪ مکيه ذريعو رهي آهي. هارين هن ماڻڪ موتي ڏيندڙ ڌرتيءَ تي هر هلائي اَناج کي دعا ۽ پيار جي شڪل ۾ حاصل ڪيو آهي. هيءُ اناج ئي

انسانن جي کاڌي جي وڏي ضرورت کي پورو ڪري ٿو. سنسڪرت ۾ کيتيءَ بابت چيل آهي ته:

- ڪرشِن ڪروتِ، ايڪن دوي ڪروتِ.

مطلب ته کيتي ڪرڻ وارا ڌرتيءَ ۾ هڪ ٻج کي پوکي، اُن کي وڌائي اناج جي ٻِن يا گهڻن ئي داڻن ۾ پيدا ڪن ٿا.

کيتيءَ جي اهميت کي ڀوجپوري ٻوليءَ جي هڪ پهاڪي ۾ هن ريت ڏيکاريو ويو آهي:

- اُتم کيتي، مڌيم بان، نِکِد چاڪري، ڀيک نِدان.

يعني اِنسان جي زندگيءَ ۾ سڀني کان سُٺو ڪم کيتي ڪرڻ آهي. اُن کان پوءِ واپار ڪرڻ آهي. اِنسان کي چاڪري يا نوڪري نه ڪرڻ گهرجي ۽ ڀيک يا پِنڻ ته صفا ڪِريلُ ڪمُ آهي.

سنڌي پهاڪن ۾ کيتيءَ جي اهميت هن ريت نظر اچي ٿي:

- اُتم کيتي، وڌندڙ واپار، نيچ نوڪري، پِنڻ بيڪار.[1]

کيتي آهي پگهر ۽ پورهئي جو ڪم، پر اِهو سڀ کان سٺو آهي. واپار ڪرڻ سان ماڻهو شاهوڪار ٿئي ٿو. نوڪري آهي غلامي ۽ پنهنجو نصيب وڪڻڻ. پنڻ سڀ کان بيڪار ۽ بي- عزتيءَ وارو ڪم آهي.

- کيتي سِر سيتي.

کيتي مالِڪ جي نظرداريءَ هيٺ ئي فائديمند آهي. ٻئي جي ڀروسي تي کيتيءَ جو ڪم ڪرڻ سان نقصان ٿيندو آهي. کيتي پاڻ ئي ڪرڻ گهرجي ۽ اُن مان ٻئي ڪنهن تي ڀروسو ڪري هن کي حصو نه ڏيڻ گهرجي. ڀيٽيو: ”کيتي ڌِڻيا سيتي“. (راجستاني)

1. ڪٿي ڪٿي هيءُ پهاڪو هيٺين ريت به پڙهيو ويندو آهي:

- اُتم کيتي، وڌندڙ واپار، نيچ نوڪري، پِنڻ بيڪار.

ساڳئي مطلب طرف اشارو ڪندڙ ٻي چوڻي آهي:

- ڌن کيتي، ڌِڪ چاڪري.

پر ڪِٿي ڪِٿي هن ڳالهه جي مخالفت به ملي ٿي، جيئن ته:

- ڪرمهين کيتي ڪري، بَلَدَ مري يا ٽوٽا پڙي.

برسات، کيتي ڪرڻ واري زمين جي ايراضي موسم وغيره. ماڻهو پنهنجي کيتن ۾ محنت ڪري پوک ڪندو آهي، پر جيڪڏهن وقت تي ضرورت موجب برسات نہ پيئي، يا فصل کي ڪي قدر جيت لڳي وڃن، ٻوڏ اچڻ سان فصل برباد ٿي وڃي وغيره اهڙا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا، جنهن ڪري فصل برباد ٿي سگهي ٿو. اِن ڪري کيتيءَ ۾ لاڀ ملڻ بہ ماڻهوءَ جي ڪم يا قسمت تي ٻيئل آهي. پر کيتي ڪندڙن لاءِ اِهو نقصان برداشت ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو رستو نہ هجي ۽ اُنهن کي وري ٻئي دفعي بہ کيتي ڪرڻي پوي، تڏهن ايئن چئجي. بدنصيب ماڻهو کيتي ڪري تہ ڪڏهن هُن جو ڏاند مري وڃي تہ ڪڏهن فصل سٺو نہ ٿيڻ ڪري کيس نقصان رسندو آهي.

- چِڙيون چُڳي وڃن کيت، پوءِ پڇتائي ڇا ڪبو؟

هيءُ ڀاڪو گهڻين ئي ٻولين ۾ ملي ٿو. هن ۾ نصيحت ڏنل آهي تہ وقت ۽ موقعي کي ڪڏهن وڃائڻ نہ کپي ۽ کيتيءَ تي يعني ٻنيءَ تي، هميشہ نظرداري رکڻ کپي. اِنهيءَ لاءِ ڪو اُپاءُ ڪري جهرڪِيُن کان پنهنجي کيتي. کي بچائي رکڻ لاءِ پهرين ڪو بندوبست ڪري رکجي. پيڙيو: "اَب پڇتائي ڪيا هوت جب چڙيان چُگ گئي کيت."

**کيتيءَ جو طريقو:**

هرهڪ ڪم کي ڪرڻ جو ڪونہ ڪو طريقو هوندو آهي. جيڪڏهن صحيح طريقي سان ڪم ڪبو تہ اُن ۾ فائدو ٿيندو، پر جيڪڏهن اُهوئي ڪم غلط طريقي سان ڪبو تہ ڪرڻ واري کي اُن ۾ نقصان رسندو. وقت گذرندي کيتي ڪرڻ جي طريقن ۾ بہ ڦيرو اچي ويو آهي. سائنسي طريقي سان ۽ نوَن اوزارن جي مدد سان کيتي ڪرڻ ڪري فصل گهڻو پيدا ٿيڻ لڳو آهي. هيٺين سنڌي ڀاڪن ۾ کيتي ڪرڻ جي طريقن تي روشني پوي ٿي:

- پوکين تان کي پوک، جيسين پاڻي اٿيئي پار ۾.

مطلب ته پاڻي سُڪي وڃڻ بعد پوک ڪانه ٿي سگهندي آهي. اِن ڪري وقت سر ڪم ڪري ڇڏڻ گهرجي. ٻي معنيٰ آهي ته اِنسان کي پنهنجي جوانيءَ ۾ ئي سُٺا ڪم ڪري ڇڏڻ گهرجن. ٻُڍاپي ۾ ڪجهه ڪري سگهڻ جي قوت نه هوندي آهي.

- پوکجي ڪَٽو، ته ٿي پوي گهڻو.

کيتيءَ يا فصل جو سڄو دارومدار ٻج تي هوندو آهي. هڪ ٻج مان ئي گهڻو اَنُ پيدا ٿي سگهندو آهي. اِن ڪري سٺو فصل حاصل ڪرڻ لاءِ سٺي قسم جو ٻج پوکڻ تمام ضروري آهي. هيءُ پهاڪو کيتي جي ڪم ۾ برڪت ٿيڻ جي ڳالهه طرف به اِشارو ڪري ٿو.

- ڪٽڪ ڪڍي ٻُهه کي ڏجي باهه.

ڪٽڪ جڏهن پچي تيار ٿي ويندي آهي ته سنگن مان اَنُ کي چنڊي الڳ ڪبو آهي، پوءِ جيڪا ٻُهہُ (يعني ٿُهہُ) نڪرندي آهي اُن کي باهه لڳائي ناس ڪري ڇڏبو آهي. ايئن نه ڪرڻ سان ٻُهه هوا ۾ اُڏامي ماڻهن ۽ ماحول کي نقصان پهچائيندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٻهہُ کي چيڪي مٽيءَ ۾ ملائي پٽين تي پلاسٽر ڪرڻ جي ڪم ۾ به آڻبو آهي.

- جوَ پوکي ڪٽڪ ڪانه لُڻبي.

کيتي ڪرڻ جو هڪ مکيہ اصول آهي ته جيڪو ٻج پوکبو، تهڙو ئي ڦلُ ملندو. جَوَ پوکڻ سان جَوَ ئي ملندا، ڪٽڪ ڪانه ملندي. اِنهيءَ ڳالهه تي ڪجهه ٻيا پهاڪا هن ريت آهن: ”جهڙو وڻ، تهڙو ڦرُ“. ۽ ”جنهن جو ٻڄُ ٻُڇڙو، تنهن جو ميوو مٺو نه ٿئي.“

- موتيو اُتي مارِ، جتي پاڻي هُجي تارِ.

هيءُ پهاڪو کيتي ڪرڻ جي طريقي کي ٻڌائي ٿو. موتيو ڄانورن جو هڪ اهڙو قسم آهي، جيڪو گهڻي پاڻيءَ ۾ پوکبو آهي. اِنهيءَ پهاڪي مان اسان کي ڄاڻ ملي ٿي ته موتيو ڪٿي پوکڻ گهرجي.

- جوڳي رمتو ڀلو، پاڻي وهندو ڀلو.

اهڙي جوڳيءَ کي عزت ۽ مانُ وڏيڪ ملندو آهي، جيڪو گهمندو رهي ٿو ۽ هڪ ئي هنڌ تي گهڻا ڏينهن نہ ٿو رهي. اهڙيءَ ريت کيتي لاءِ بہ وهندڙ پاڻي وڌيڪ سٺو هوندو آهي، بنسبت بيٺل پاڻيءَ جي، ڇاڪاڻ تہ بيٺل پاڻي گندو، ڪِنو ۽ مڇرن سان ڀريل هوندو آهي.

## زمين جا قسم

زمين جدا جدا قسمن جي مٽيءَ واري ٿيندي آهي. ڪٿي ڪاري مٽيءَ واري زمين آهي تہ ڪٿي ڳاڙهي مٽيءَ جي. ڪٿي چيڪي مٽي آهي تہ ڪٿي واريءَ واري. ڪنهن مٽيءَ ۾ پوک سٺي ٿيندي آهي تہ ڪنهن ۾ خراب. اِنهيءَ ڳالهہ جي پٺڀرائي هي پهاڪا ڪن ٿا:

- پُونءِ پوُنءِ جا پنهنجا ڀاڳ.

مطلب تہ هرهڪ قسم جي زمين جي پوک الڳ الڳ ٿيندي آهي. اِنهيءَ ڳالهہ جو هڪ ٻيو مثال ڏسو: "زمين ڪري، تہ اڪ ڪري."

- ڪلر منجهان ڪين ٿئي، توڙي جال پيارينس جَرُ.

ڪاري زمين جو هڪ قسم آهي، جنهن کي سنڌيءَ ۾ 'ڪلر' ۽ هنديءَ ۾ 'اُوسر' چوندا آهن. اهڙي زمين کيتيءَ لاءِ بيڪار ۽ گهٽ قسم جي ليکبي آهي. ڪلراٺي زمين تي گهڻو پاڻي ڏيئي محنت بہ ڪجي، تڏهن بہ اُن ۾ سَلو ڪين اُپرندو. اِن پهاڪي کي هن ريت بہ چون- "ڪلر مان ڪين ٿئي توڙي جال ڏجيس جرُ". هن پهاڪي جي لِڪل معنيٰ آهي تہ نڪمي ماڻهوءَ جي ڪٽي ڪيتري بہ خوشامد يا خدمت ڪجي تہ بہ اُن مان ڪوبہ ڪم نہ نڪري سگهندو آهي. هنديءَ جي هن چوڻي ۾ بہ ڪاري زمين يا اُوسر کي گهٽِ قسم جي زمين ڏيکاريو ويو آهي. "اوُسري کي ديوي، ڪودو کي اچت." يعني اوسر جي ديويءَ جو سمان 'ڪودو' قسم جي ڇانورن سان ڪيو ويندو آهي، جيڪي گهٽ قسم واري درجي جا ڇانور هوندا آهن.[1]

- ڪلر ٻاريڻ ڪان ڪا ڪيڻ جُڻ جوئر سان.

---

1. ڊاڪٽر تيواري، ڀوجپري لوڪوڪتيان، صفحو 132.

يعني ڪلراٺي زمين ۾ جوئر جي پوک ڪئي ته اُن مان ڪوبه فصل ڪونه لٿو. اُلٽو جوئر جو ٻج به اجايو ۽ بيڪار ٿي ويو.

**هاري**

محنت ڪش هاريءَ جي زمين مان سون پيدا ٿيندو آهي. صاحب ٻڌجي گهمڻ ڦرڻ وارو يا آلسي ڪمچور هاري ڪڏهن به کيتي کين ڪري سگهندو. کيتي ڪرڻ ۾ سخت محنت جي ضرورت آهي. هاريءَ جي سامهون مختلف مسئلا اچن ٿا. هن کي جوٽ، پوک، ڪٽائي، ڳڏ سان ڳنڍوڳنڍ پنهنجي فصل جي سنڀال پڻ ڪرڻي پوي ٿي. کيتي پنهنجي سِر ڪرڻ مان ئي فائدو رسائيندي آهي نه ته ٻيڙي ٻوڙيندي آهي. اِن بابت پوڄپوري ۾ هڪ پهاڪو ڏسو:

- جي هر جوڙي کيتي اوڪر، اوَرُ نا ته جيڪر تيڪر.

مطلب ته ٻني انهيءَ جي ٿئي ٿي جيڪو هر هلائي ٿو، نه ته وري اهيڙي غيري جي ٿي پوندي.

سنڌيءَ ۾ هاريءَ سان لاڳاپو رکندڙ ڪجهه پهاڪا هن ريت آهن:

- هاريءَ جو مُنهن ٻنيءَ ڏانهن.

هاريءَ کي هميشه پنهنجي کيتيءَ جو خيال رکڻ گهرجي.

- جنهن هاريءَ جي گهر آهي داٽو،
سو سيٺي جو آهي راٽو.

مطلب ته جيڪو هاري محنت ڪري گهڻو فصل پيدا ڪندو، ان کي سيٺي هنڌ مانَ ۽ عزت ملندي آهي.

**کيتيءَ ۾ مددگار جانور**

اڳاٽي زماني ۾ کيتي ڪرڻ لاءِ گهڻن ئي جانورن جو استعمال ڪيو ويندو هو، جيئن ته ڏاند، ڍڳو، اُٺ، سانُ وغيره. وقت گذرندي کيتي ڪرڻ لاءِ مشينن جي ضرورت ٿي ۽ اُنهن جي مدد سان کيتي ڪرڻ ۾ سولائي پڻ ٿيڻ لڳي آهي، پر اڃا تائين به ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ جانورن جو استعمال کيتيءَ ڪرڻ لاءِ ڪيو وڃي ٿو. کيتيءَ ۾ ڪارائتو

هئڻ سبب مذهبي ڪتابن ۾ ڏاند جي پوڄا ڪئي ويئي آهي. سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جي چنڊچاڻ ڪندي وقت اُتي جي کوٽائيءَ ۾ ڏاندن جي هئڻ جي ثابتي ملي ٿي. ”پاراشر سمرتيءَ“ ۾ چيو ويو آهي تہ ڏاندن پاران پيدا ڪيل اناج تي سموري دنيا پلجي ٿي. انڪري ڏاند هن دنيا ۾ ڌرم جو ظاهر روپ آهي:

- اُڪشاڻو ويدسا سرشٽاهَ سَسَيَسَيو تپادنا يَہ چَہ،
تئرُ تپادِ تسَسيين سَروَميت دِوَ ڌاريتي.

(پاراشر سمرتي 48، 5)

برهما ڏاند کي اپايو تہ هو کيتيءَ ۾ اناج پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪري. انهيءَ پاران پيدا ڪيل اناج سان هيءَ سڄي دنيا جيئي ٿي.

- ورش ايوَ تتو رکشيہ هَہ پالنييَشچَ سوردا،
ڌرمو ايم پُوتلي ساڪشاد برهمڻا هو وَتارِت هَہ.

(پاراشر سمرتي 48، 5)

اِن ڪري اوهين ڏاند جي حفاظت ڪريو، انهن جي سدائين سارسنڀال ڪريو. ڏاند هن ڌرتيءَ تي عين ڌرم جو روپ آهي. هن کي برهما اوتار جي روپ ۾ ڌرتيءَ تي موڪليو آهي.

سنڌيءَ ۾ بہ ڏاند کي محنت ڪش جانور سڏيو ويو آهي. انهيءَ ڪري سنڌيءَ ۾ ’وهو ڍڳو‘ (محنتي ڏاند) يا ’چاڪيءَ جو ڏاند‘ بہ چوندا آهن. کيتي ڪرڻ وارن کي ڏاند خريد ڪرڻ وقت تمام گهڻو ڌيان رکڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ سنا ۽ طاقتور ڏاند ئي سٺي پوک ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا. ڪمزور جانور کيتيءَ جهڙي محنت واري ڪم ۾ پريشاني پيدا ڪندا آهن. سنڌ ۾ چوڻي آهي:

- ڏُبري ڍور کي مچر گهڻا.

يعني جيڪو ڪمزور آهي، اُن کي بيماريون بہ وڌيڪ لڳن ٿيون.

- گڏهن سانَ هر هلن تہ ڏاند ڇو رکجن؟

جيڪڏهن کيتي ڪرڻ لاءِ گڏهہ کي هر ۾ جوٽي سگهجي ها تہ پوءِ هاري ڏاند نہ پالين ها.

ڪيتيءَ ۾ جانور جي اهميت ڪنهن کان به لڪل ڪانهي. انهيءَ تي چيل آهي ته:

- سون جي رتيءَ کان رت جي رتي چڱي.

هِن چوڻيءَ ۾ سون کان به وڌيڪ ملهائتي شيءِ 'پَشوُ سمپتي' يعني جانورن کي ڀڌايو ويو آهي.

- ڏڻُ ته ڏٽي، نه ته وکڻ ڪٽي.

چوپايو مال اٿيئي ته اُن جي صحيح طريقي سان سنڀال ۽ پالنا ڪر، جيڪڏهن ايئن نه ٿو ڪري سگهجي ته انهن جانورن کي وڪڻي ڇڏجي.

- چاڪيءَ ڏاند وڃايو، گهمي گهاڻو آيو.

چاڪي يعني گهاڻي مان تيل ڪندڙ جو ڏاند گم ٿي ويو، پر اُهو ڏاند گهاڻي جي چوڌاري ڦرڻ تي هِري ويو هو، اِن ڪري اُهو ڏاند رُلي پِني وري واپس پنهنجي گهاڻي تي اچي پهتو.

اُٺ ڪم ڪندڙ جانور ليکيو آهي. ڪنهن وقت ۾ اُٺ سنڌ جي رهاڪن واسطي وڏي اهيمت وارو جانور هو. بار کڻڻ لاءِ اُٺ هڪ طاقتور جانور آهي. ڪيتيءَ ۾ هر هلائڻ ۽ کوهه مان پاڻي ڪڍڻ ۾ به اُٺ مددگار ثابت ٿئي ٿو. ان تي چيل آهي ته:

- اُٺ ٻُڍو، ته به ٻه ڪوانٽ لهي.

مطلب ته اٺ طاقتور هوندو آهي ۽ هو ٻُڍو هوندي به ٻن ڪوانٽن يعني جوان اُٺن کان به وڌيڪ ڪارائتو ثابت ٿئي ٿو.

**ڪيتيءَ ۾ مددگار اوزار:**

هارين جي مالي حالت جي ڄاڻ اُنهن پاران استعمال ڪندڙ اوزارن مان به ٿيندي آهي. هاريءَ کي هر گهڻا آهن؟ ڪوڏرون گهڻيون آهن. ڪيتيءَ جا ٻيا اوزار ڪيترا اٿس؟ اِنهن ڳالهين جي گهڻي اهميت ٿئي ٿي. تقريباً هڪ ايڪڙ زمين جي ڪيتي هڪ هر جي ڪيتي چئبو آهي. انهيءَ آڌار تي هڪ هر جي ڪيتي هاريءَ کي حيران ڪندڙ آهي،

ٻن هرن جي کيتي ڪام چلائو (گذران) آهي، ٽن هرن جي کيتي نيڪ ناڪ ليکبي آهي ۽ جيڪڏهن چئن هرن جي کيتي هجي ته واهم واهم. اهڙي کيتي راجائي ٻسک ڀوڳڻ جهڙي آهي. انهيءَ ڳالهه تي راجستانيءَ ۾ هيٺين ريت پهاڪو چيل آهي:

- ايڪ هَل هتيا، دو هَل ڪاج،
تين هَل کيتي، چار هَل راج.[1]

سنڌيءَ ۾ هر جي اهميت کي هن ريت ٻڌايو ويو آهي:

- گهٽي زالين گهر نه هلي، گهٽي مردين هرُ نه هلي.

مطلب ته گهر ۾ جيڪڏهن ڪنهن مرد کي گهڻيون زالون آهن ته اُن جي گهر ۾ هميشه جهڳڙو لڳو پيو هوندو. ساڳيءَ ريت کيتيءَ ۾ هر هلائڻ جي جوابداري جيڪڏهن گهڻن هارين مٿان هوندي ته پوءِ اهو ڪم سٺو نه ٿي سگهندو. هرڪو ايئن سمجهندو ته جيڪڏهن اڄ مان کيتيءَ تي نه پهتس ته ڪو ٻيو هر هلائيندو. ان طرح ڪوبه ڪم نه ڪندو ۽ کيتي نه ٿي سگهندي.

- جِتي هرُ تِتي گهر، جِتي ماني تِتي ماڳ.

يعني جتي کيتي ۽ روزي هجي گهر اُتي ٺي ناهڻ گهرجي، نه ته فائدو پورو نه ملندو.

- جيترو هرُ، اوترو ڦرُ.

زمين کي جيترو چڱيءَ طرح سان هر سان کيڙبو، اوترو فصل سٺو ٿيندو ۽ گهڻو اناج ملندو.

### کيتيءَ ۾ مددگار ٻيون شيون

پاڻي يعني ڪاڌ کيتيءَ لاءِ هڪ اهم شيءِ آهي. اِن جي بنا اناج سٺي نموني پيدا نه ٿيندو آهي. جيڪو هاري پاڻي جي اهميت کي سڃاڻي، اُن جو استعمال پنهنجي کيتيءَ ۾ ڪري ٿو، انهيءَ کي کيتيءَ مان گهڻو فائدو ملي ٿو. پاڻي بابت سنڌيءَ ۾ ڪجهه پهاڪا هن ريت آهن:

---

1. ڊاڪٽر سهل، راجستاني ڪهاوتون، صفحو 232.

- پاڻُ سدا جوانُ.

يعني پاڻ جي مدد سان کيت ۾ هميشہ پنهنجي من پسند جي فصل کي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

- پاڻ تہ کيتي، نہ تہ ڪوري ريتي.

مطلب تہ پاڻ وجهڻ سان زمين ۾ فصل سٺو ٿيندو آهي. زمين تي ڪٺي کيتري بہ محنت ڪجي، پر پاڻ نہ وجهبو تہ فصل سٺو نہ ملندو. زمين جي پيداوار وڌائڻ لاءِ ۽ سٺو فصل لاهڻ لاءِ صحيح نموني سان پاڻ جو استعمال ڪرڻ ضروري آهي. پيٺيو: ”ڪات پڙئي تو کيت، نهين تو ڪوڙو ريت.“[1]

جيئن سٺو فصل حاصل ڪرڻ لاءِ سٺو پاڻ استعمال ڪرڻ ضروري آهي، تيئن سهڻي ميوي ۽ سٺي فصل لاءِ سٺي قسم جي ٻج جو هجڻ ضروري آهي. ٻج کي اسين بنياد چئي سگهون ٿا. جيڪڏهن بنياد سٺو نہ هوندو تہ فصل ڇا سٺو ٿيندو؟ انهيءَ تي چيل آهي تہ:

- جهڙو ٻج، تهڙو ڦر.
- جهڙو ٻج پوک، تهڙو ڦرُ ٿئي.
- جنهن جو ٻُڻُ ٻڇڙو، تنهن جو ميوو مٺو نہ ٿئي.
- جنهن جو بد بنياد، تنهن جو ميوو برباد.

کيتيءَ ۾ مددگار شين ۾ پاڻ، ٻج سان گڏوگڏ پاڻيءَ جي پڻ وڏي اهميت آهي:

- ٻني اُها راڻي، جنهن جي مٿان پاڻي.

معنيٰ جنهن کيت ۾ پاڻي جهجهو ملندو، اُتي پوک بہ اعليٰ درجي جي ٿيندي آهي.

**فصل ۽ اناج:**

ڀارت ۾ فصلن جا گهڻيئي قسم آهن. اُنهن جي ورهاست پوکڻ ۽ ڪٽائيءَ جي وقت تي ٻڌل آهي. مينهن ڪان سياري جي وقت

---

1. ڊاڪٽر سهل، راجستاني کهاوتين، صفحو 233.

تائين 'خريف' نالي فصل ٿيندو آهي. بهار جي موسم کان اوُنهاري تائين 'ربيع' نالي فصل هوندو آهي. خريف جي فصل ۾ چانور وڏيک پيدا ٿيندا آهن. ربيع جي وقت ۾ ڪڻڪ، جوَ، چڻا وغيره وڏيک ٿين ٿا. ڪڻڪ جي ڳڻپ خاص فصلن ۾ ٿيندي آهي. ڪڻڪ کي اناج ۾ 'سرووتم' يعني سڀني کان اعليٰ چيو ويو آهي ۽ اُن کي مختلف نمونن سان ڪم ۾ آڻبو آهي. ڪڻڪ ۾ طاقت بہ گهڻي ٿيندي آهي. اُن بابت سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ:

- ڪڻڪ ڪَري تہ ڏَڪ ڪري، جوئر ڪري تہ ڪاٺي ڪري.
- ڪتو ڇا ڄاڻي ڪڻڪ جي مانيءَ مان.

ڪڻڪ سڀني اناجن ۾ اعليٰ آهي. انهيءَ جو سواد ڪُتي جهڙي رواجي جانور کي نہ ايندو. ڀيٽيو: "بندر ڪيا جاني ادرک ڪا سواد؟" (هندي)

اَن زندگيءَ لاءِ تمام ضروري شيءِ آهي. جيڪڏهن کائڻ لاءِ اَنُ نہ ٿو ملي تہ ماڻهو بک جي حالت ۾ ديوانو بڻجي غلط راهہ تي هلي وڃي ٿو. اِن ڪري سنسڪرت ۾ چيل آهي: "انہ ھہ وئي برهم". يعني ان يا اناج برهم (اُپائڻهار جو) جو روپ آهي. سنڌيءَ جي لهجي سرائيڪيءَ ۾ چوڻي ملي ٿي:

- پيٽ نہ پيئان روٽيان، سڀي ڳالان کوٽيان.

هن چوڻيءَ ۾ زندگيءَ جي هڪ وڏي سچائي لڪل آهي تہ جيستائين پيٽ نہ ڀربو، تيستائين ٻيون سڀئي ڳالهيون اجايون لڳنديون آهن. انهيءَ لاءِ هندي ٻوليءَ ۾ چيل آهي: "ڀُوکي ڀجن نہ هوءِ گوپالا".

- ماني منجهند تائين، چانور چاڻُنڻ تائين.

ڪڻڪ، جوئر ۽ ٻاجهريءَ جي ٺهيل ماني دير سان هضم ٿيندي آهي ۽ هيءُ طاقت ڏيندڙ آهي، پر چانور جلدي هضم ٿي ويندا آهن ۽ اِن ڪري بک بہ جلدي لڳندي آهي.

ڪٽڪ ۽ جانورن کان پوءِ اناج ۾ چڻن جي گهڻي اهميت آهي. ان مان ٻڳڙا (ٻنيءَ ۾ ٻُڳل چڻا) ۽ چڻن جي دال ٺهندي آهي. چڻن سان وسطو رکندڙ ڪجهه پهاڪا هن ريت آهن:

- چڻا ڏِٺ گهڻا، مٽر ماڻ ٿي نه ڪن.

مطلب ته چڻن ۽ مٽرن جي کائڻ سان جسم کي طاقت ملندي آهي، پر اُهي دير سان هضم ٿيندا آهن. اِنهن کي کائڻ سان پيٽ ۾ واءُ يا گئس به پيدا ٿيندي آهي.

- ٻڳڙن کاڌي هٿ ڌوتائي پيا آهن.

ٻڳڙا کائڻ سان ماڻهن جا هٿ خراب نه ٿيندا آهن. ان ڪري ماڻهو سفر ۾ کائڻ لاءِ انهن جو استعمال ڪندا آهن.

- واهه ڙي دال! تنهنجي ڪجي ڪهڙي ڳالهه.

دال سستي آهي، جيڪڏهن ڪي وڌيڪ مهمان اچي وڃن ته دال ۾ پاڻي وجهي ان کي وڌائجي ته به اها سوادي لڳندي آهي.

- دال، ٻچن پال.

دال اهڙي شيءِ آهي، جيڪا غريب غربو رڌي پنهنجي سڄي ڪٽنب کي پالي سگهن ٿا.

- اَنُ ديوتا ڏکندو اچي.

مطلب ته اناج جو بي مانو نه ڪرڻ گهرجي. کاڌي لاءِ جيڪو ملي صبر ڪري اهو کائي ڇڏڻ گهرجي.

- سِنڌُ ڪڻ تي يا ٿڻ تي.

سنڌي ماڻهن کي گذاري لاءِ ٻه مکيه ذريعا آهن. کيتي ٻاڙي ۽ چوپايو مالُ.

### 5.5 سماجي سرشتي ۽ حالتن متعلق پهاڪا:

### سنڌي پهاڪن ۾ سماج جو ڇِنڊُ:

پهاڪو سماج جو آئينو آهي، جوته سماج ۾ جيڪو ڪجهه ڪوڙ سچ قبول پوي ٿو. سو ئي پهاڪي جي شڪل ۾ عام ٿئي ٿو.

جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن به ملڪ، صوبي ڳوٺ جي سماجي زندگيءَ بابت ڪجهه ڄاڻڻ چاهي ٿو ته اُن لاءِ ڳهرائيءَ سان ايراضيءَ جي ٻهاڪن جو اڀياس ڪرڻ تمام ضروري آهي. ڳهرائيءَ سان ايراضيءَ ۾ ڪهڙين ذاتين جا ماڻهو رهن ٿا؟ هُتي ڏڻ ڏڻ ڪهڙا ٿين ٿا ۽ اُنهن مان ڪهڙا ڏڻ ڏڻ سُٺا ۽ ڪهڙا گهٽ معيار وارا ليکيا آهن؟ ماڻهن جي مالي حالت ڪهڙي آهي؟ اُنهن جا ويچار ڪهڙا آهن؟ انهيءَ ايراضيءَ جو سماجي سرشتو ڪهڙو آهي؟ پيءُ، ماءُ، ڀاءُ، ڀيڻ ۽ مٽن مائٽن جو ڪهڙو درجو آهي؟ زالن جي سماج ۾ ڪيتري عزت ڪئي وڃي ٿي ۽ سماج ۾ زال ۽ مرد جو رشتو ڪيتري قدر محبت ڀريو آهي؟ اُنهن جا اصول ڪيتري معيار وارا آهن؟ اِنهن سڀني بابت ڄاڻ جيتري اسان کي ٻهاڪن معرفت حاصل ٿئي ٿي. ايتري ٻئي ڪنهن ذريعي مان حاصل نٿي ٿئي.

اِهو سچ آهي ته اخلاقيات جي بناوت ملڪ جي وقت، هلندڙ ماحول، تعليم، ابن ڏاڏن جو اخلاق ۽ وهنوار تي ئي دارومدار رکندي آهي. انهن اثرن جي مدد سان ئي اسان کي سماجي حالت جي پروڙ پوي ٿي.

سنڌ جو سماجي ۽ ثقافتي ڇنڊ ڇاڻ لاءِ ٻهاڪن کي مختلف حصن ۾ ورهائي انهن جو ڇيد هن ريت پيش ڪجي ٿو:

### (1) ڌرم موجب ذاتين تي ٻڌل ٻهاڪا:

مذهب جي آڌار تي ڀارت جي سماج کي مکيه طور سان ڇهن گروهن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، جيڪي آهن: هندو، مسلمان، سک، عيسائي، ٻوڌي ۽ جين. هندو ۽ مسلمانن ۾ ٻيون ننڍيون ۽ وڏيون ذاتيون به گهڻي ئي آهن. سنڌيءَ ۾ هندن ۽ مسلمانن سان واسطو رکندڙ ٻهاڪن جو وڏو تعداد ملي ٿو، پر سکن، عيسائين ۽ ٻين مذهبن تي سنڌيءَ ٻهاڪا نه جي برابر آهن. مذهب جي آڌار تي سنڌيءَ ۾ ڪجهه ٻهاڪا ملن ٿا، جيڪي هن ريت آهن:

هندو:

هتي هندو ڌرم يا مذهب سان اسان جو مطلب آهي تہ سناتن ويدڪ ڌرم، جيڪو ريد، پُراڻ ۽ منوُ سمرتي وغيره گرنٿن (مذهبي ڪتابن) تي بيٺل آهي ۽ هنّ جي اندر سڀ ننڍا وڏا پنٿ يا فرقا بہ شامل آهن.

- هندُو آهن هُوند تي.

يعني هندُو گهڻو ڪري سُکيا ۽ ستابا آهن.

- هندُو هندوءَ جو سالو، هندُو هندوءَ جو پيٽوِيو.

مطلب تہ هندو گهڻو ڪري پنهنجي ڌرم (مذهب) ۽ ذات ۾ ئي شاديون ڪرڻ پسند ڪن ٿا.

- هندو ڳانءِ، مسلمان سوئر.

هندو ڳئون کي ماءُ ڪري پوڄيندا آهن ۽ اُن جو گوشت کائڻ وڏو گناهہ سمجهندا آهن. ساڳيءَ طرح مسلمان سوئر کي ناپاڪ جانور مڃي اُن جو گوشت کائڻ حرام سمجهندا آهن.

- واڻيو اڏي ڪُڏُ مٿان ڪُڏُ،

جٽ اڏي ..... مٿان ......

مطلب تہ هندُو خاص ڪري واڻئي کي جيڪڏهن پيسو ٿيندو آهي تہ هو پنهنجي جاءِ ۾ پيسو لڳائي اُن کي وڏو ڪندو آهي. پر جڏهن مسلمان کي پيسو وڌيڪ هوندو آهي تہ هو گهڻيون شاديون ڪندو آهي.

- هندو ۽ مسلمان، ٻئي پوٽا هڪ ڏاڏي جا.

ڀارت ۾ گهڻا مسلمان، هندن مان ڌرم بدلائي پوءِ مسلمان ٿيا هئا، اِن ڪري ٻنهي جا اصل نسل قديم زماني ۾ گهڻو ڪري هڪ ئي هئا.

مسلمان:

اسلام جي پوئلڳن کي مسلمان چيو ويو آهي. سنڌ صوبي ۾ اُنهن جو تعداد تمام گهڻو آهي. مسلمانن ۾ اُنهن جيان وڏي ۽ پيچيدو ذات پات جو سرشتو ڪونهي، پر تڏهن بہ پيغمبر سان رشتي ۽ پاڪيزگيءَ جي آڌار تي ڪي گروهہ ٺهي ويا آهن. اُنهن ۾ سيد پاڻ کي

محمد صلي الله عليہ وسلم جي نسل مان مڃيندا آهن. ان ڪري اُهي ٻاڻ ڪي مسلمانن ۾ اعليٰ ۽ معتبر سمجهن ٿا.

مسلمانن ڪي پڻ سماجي سطح تي هيٺين گروهن ۾ ونڊي سگهجي ٿو: شيخ، سيد، مُغل، پٺاڻ ۽ ٻيا پيشيور ماڻهو (ڪوري، حجام، درزي وغيره). مسلمانن ۾ ذات جو سرشتو لچڪدار آهي. انهيءَ ڪري گهٽ ذات جو مسلمان پڻ مالي حالت ۽ سُٺن ڪمن جي بدولت اوچي درجي کي حاصل ڪري سگهندو آهي. مسلمان چاهي ڪهڙي بہ درجي جو ڇونہ هجي، پر سنڌ جا هندو مسلمانن کي "جَٽُ" چوندا هئا، جنهن جي معنيٰ آهي اٽيڙهيل ۽ بيوقوف. 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي وقت سنڌ ۾ 25 سيڪڙو هندو ۽ 75 سيڪڙو مسلمان ۽ ٻين مذهب جا مڃيندڙ هئا. سنڌ ۾ مسلمانن جي گهڻي تعداد سبب هتي جي رهڻي ڪرڻي، پوشاڪ، کاڌي پيتي وغيره تي انهن جو عڪس هيٺين پهاڪن ۾ نظر اچي ٿو:

- گهر جائي، گهر ۾ ئي ڏجي.

مسلمانن ۾ شاديون پنهنجن مائٽن ۽ ويجهن عزيزن ۾ ٿينديون آهن. انهن ۾ اِهو رواج آهي تہ پنهنجي ڌيءَ جي شادي هو پنهنجن ئي مٽن مائٽن ۾ ڪندا آهن. ٻين ذاتين ۾ شادي ڪرڻ جو رواج مسلمانن ۾ گهٽو ڪري ڪونهي. راجستاني ٻوليءَ ۾ انهيءَ رواج طرف اشارو ڪندي هيءُ پهاڪو ملي ٿو "گهر جائي نہِ پَرگهر ڪيُون جاڻ دئي؟ ڪا ڪئي جائي، پَر گهر جايہ تو دوزخ پايہ."

- اڌ اڱڻ ۾ ساهُرا تہ اڌ اڱڻ ۾ پيڪا.

مطلب تہ ويجهن مائٽن ۾ شادي هئڻ ڪري ڌيءَ جا ساهُرا ۽ پيڪا مائٽ هڪ ئي گهر ۾ آهن.

- ميان جي ٻوڙ مسيت تائين.

(مطلب تہ گهٽ پهچ وارو ماڻهو آهي.)

- اُهائي شاديءَ واري ٽنگ مٽان.

(يعني پنهنجي ڳالهہ کي ڪنهن بہ قيمت تي مٿي رکڻ.)

- خانَ جي خاني، مانيءَ ۾ معلوم ٿئي.
- ميان مُٺ جيڏو، ڏاڙهي هٿ جيڏي.
- ميان جي مَڏي، ٻه ڏنڊڻ ٽين تڏي.
- چانڊيا چور، شاٻراڻي شاهد.
- ميمڻ وڃي مڪي، ته ٻه سندس وٺ ڪوٺا.

جَٽ:

- ڇٽهو نه وِسهو، وِسهو ته مُسهو.
- جٽ جي ڄمار، اڍائي ڪٺا.
- جٽ جي دمڙي ڇني چمڙي، واڻئي جو سؤ ڪونهي پؤ.
- جٽَ ٻُڪيو موري ڪائي، موري ٻڪ گهٽيڙي لائي.
- جٽَ ملوڪ ته ٻه گلمِ جو زيانُ
- جٽ ۽ ليڪو، اڻ ٽيٽي ڳالهه آهي.
- جَٽُ جو پُٽُ، اُٺُ جو مُٺِ، جيئن وڏِن تيئن اُبتا.
- جٽ ڪي ٽِڪرِ ۾ ٽاندو.
- جٽُ ۽ ڦَٽُ ٻئي ٻڌا ڀلا.
- ڪِر پلائي جَٽَ سان، ڦيري هٽيئي پَٽِ سان.

قاضي:

مسلمان جج يعني فيصلو ڪندڙ کي قاضي چوندا آهن.

- قاضي رشوت تي راضي.
- قاضي جاٽي، قيامت جاٽي.
- قاضيءَ گڏهه هارايو پوَن تان.

مُلو:

- نئون ملو زور سان بانگ ڏيندو آهي.
- مُلي جي جنگ مسيت سان.
- مُلو چور، بانگو شاهد.
- مُلو مئو، مهابو ويو.
- مُلو، مجاورُ، ڪانءُ، ٽنهين اڪِ هِڪڙي.

(ملو پيو واجهائيندو تہ ڪو ماڻهو مري تہ ڪيس ڪجهہ ملي، ساڳيءَ طرح ڪانءُ ۽ مجاور بہ ٻئي جو مال پيو تڪيندو آهي.)

پيرُ:

- پير پلو يا ويساهہُ پلو؟

مطلب تہ وڏي ڳالهہ آهي ويساهہ. يعني وشواس جي، پوءِ پير ڪٽي کھڙو بہ هجي. هڪ دفعي ڪنهن ماڻهو رستي جي ڀرسان پنهنجي پياري ڪُتي جي قبر ٺاهي. اڻ واقف لنگهندڙ اُن کي ڪنهن اوليا جي قبر سمجهي اُتي پڙ يعني چادر وجهندا ويندا هئا، پر جن کي خبر هئي سي تہ کِلندا هئا. اِن ڪري چوندا آهن تہ پير وڏو يا ويساهہ وڏو؟

- پير کي ڪم نڪاءَ سان.
- پير کي ڪٺن مجاور.
- پيرن جو پٽيل ۽ مائٽن جو ڌڪيل،
- ڪڏهن بہ نہ ٺانءُ پائي.
- پير عيسيٰ، پير موسيٰ، ٻڙا پير پئسا.

ذات پات جي سرشتي موجب مختلف ذاتين تي ٻڌل پهاڪا:

هتان جي سماج جي برپا ٿيڻ ۽ اُن جي اوسر ۾ ورڻ وِيوَسٿا يعني چئن ورڻن جي سڀ کان گهڻي اهميت رهي آهي. ڀارت جي رگ ويد واري وقت جي آخرين دؤر کان ورڻ ويوسٿا (ذات پات جو قانون) جو رواج هلندو پيو اچي. هرهڪ صوبي جي سماجي زندگيءَ تي ذات پات جي سرشتي جي گهري ڇاپ ملي ٿي ۽ ڪابہ ايراضي اهڙي حالت کان آزاد ڪانهي. ويدن جي دؤر کان ئي ذات پات جي سرشتي مطابق مکيہ طور سان چار ذاتيون ٺاهيون ويون آهن: برهمڻ، کشتري، وئش ۽ شوُدر. انهن کان پوءِ هرهڪ ايراضيءَ ۾ مکيہ ذاتين ۾ الڳ الڳ انيڪ اُنهن جون شاخون يا ننڍيون ذاتيون ٿيون. جيتوڻيڪ ڀارت جي سڀني ڳوٺن ۽ تعلقن ۾ انيڪ ذاتين جا ماڻهو

گڏجي رهن ٿا، پر هرهڪ جي رهڻي ڪرڻي ۽ روزاني زندگيءَ ۾ گهڻو تفاوت ملي ٿو. اُنهيءَ تفاوت جي بنياد تي الڳ الڳ ذاتين جي خوبين، حالتن ۽ ڪمزورين جي ڄاڻ اسان کي پهاڪن ۾ ملي ٿي. جيئن ته گهڻن ئي راجستاني پهاڪن ۾ هڪ ئي هنڌ الڳ الڳ ذاتين جو تقابلي تفصيل به ملي ٿو. ساڳيءَ طرح سنڌيءَ ۾ به هڪ ئي پهاڪي ۾ هندو، مسلمان يا ٻيون ذاتيون به شامل ڪيون ويون آهن. مثال طور:

- ڀاٽان ريجهئِي ڀاٽيو، راڳان سُوُن راجپوت.
بامڻ ريجهئِي لاڏوان، ڀاڪل ريجهئِي پوُت.

واڻيو ڳالهين ٻولهين مان ريجهي ٿو. راجپوت راڳ سنگيت سان خوش ٿئي ٿو. برهمڻ لڏون ۽ کاڌو ملڻ تي خوش ٿئي ٿو.

- بامڻ نائي ڪوڪرا جات ديک گُرلايَ.

مطلب ته برهمڻ، نائي ۽ ڪتا، پنهنجي ذات وارن کي ڏسي ڪتن وانگر هڪ ٻئي تي ڏند شيڪندا آهن يا پاڻ ۾ وڙهندا آهن.

پهاڪن جي مدد سان سنڌ ۾ ذاتين جي وهنوار، رهڻي ڪهڻي ۽ اُنهن جي زندگيءَ جي جهلڪ هتي ڏجي ٿي:

**برهمڻ:**

آڳاٽي وقت کان ڀارت جي سماجي سرشتي ۾ برهمڻ جي ذات سڀني ذاتين ۾ اُوچي مڃي ويئي آهي، پر وقت گذرندي جيئن تيئن سماج جي سوچ ويچار، وهنوار ۽ رهڻي ڪرڻيءَ ۾ ڦيرو ايندو ويو، تيئن ذات بابت ويساهه ۽ مڃتائن ۾ به تبديلي ايندي ويئي. جهوني دؤر ۾ جيڪي مڃتا ۽ عزت برهمڻ کي حاصل هئي سا اڄ ڪانهي. اڄ ڪلهه جي زماني ۾ سڄو مانُ سمانُ ته هڪ طرف رهيو، پر برهمڻ تي طنز جا تير اُڇليا ويندا آهن. سنڌ جي سرحدن سان لڳل راجستان جي صوبي ۾ برهمڻ واسطي هڪ پهاڪو ملي ٿو، ان ۾ چيل آهي ته

برهمڻن کي سٺ ورهين تائين عقل ڪونہ هوندو آهي ۽ تنهن کان پوءِ هُو مري ويندو آهي.[1]

- ٻامڻ نہ ساٺ برس تائين سُڌ آوَئي ڪونيا ار پاڇي جا مرئي.

سنڌ ۾ بہ براهمڻ جي عقل بابت هن ريت پهاڪو ملي ٿو:

- ٻانڀڻ جي مت ٿوري، گئُو ٻيچ ڪي ليني گهوڙي.

مطلب تہ واپار يا وهنوار جي خيال کان برهمڻ ۾ ٿورو عقل هوندو آهي، جنهن ڪري هو فائدي جو ڪم ڇڏي نقصان وارو ڪم ڪندا آهن:

- برهمڻ جو وچن، سُورج جي ساک.

سنڌيءَ ۾ براهمڻ تي ڪجهہ پهاڪا ملن ٿا، جيڪي هن ريت آهن:

- برهمڻ جي هٿ ۾ سون جو ڪٽورو آهي.
- برهمڻ جو من، پپر جون پن،
  هاٿيءَ جو ڪنُ، سدائين پيو لڏي.

مطلب تہ اهي سڀ چنچل (لڏندا) آهن.

- شراڌ پُنا، ٻانڀڻن چاڙهيا ڪُنا، تہ ڪانوَ ويهي رُنا.
- ٻانڀڻ کي ٻانڀڻ مليو، پوُرب جنم جو سَنسڪار.

راجستاني ٻوليءَ ۾ ساڳيو مطلب ڏيکاريندڙ هيءُ پهاڪو ملي ٿو:

- ٻامڻ سي ٻامڻ مليو، پوربلا جنم ڪا سنسڪار،
  دئڻ لئڻ نئي، ڪُڇ نهين، نمسڪار هي نمسڪار.

- برهمڻ جو من سيري ۾.
  پيٽيو: ”برهمڻ هَ پوجن پريہ“: (سنسڪرت)

- ٻانڀڻ چاڙهيو ڪُنو، ڪانوَن ويهي رُنو.
- ٻانيڻن ٻڪري، پاڙي جي ڦڪِ ڙي.

1. ڊاڪٽر سهل، راجستاني ڪهاڻين، صفحو 135.

کتري:

ڌرم شاسترن (يعني هندُن جي مذهبي ڪتابن) جي مطابق برهمڻن کان پوءِ سماج ۾ ٻيو درجو راجا جو آهي. ويدڪ دؤر ۾ اهي "راجنيہ" ۽ پوءِ "ڪشتريہ" يا کتريءَ جي نالي سان مشهور ٿيا. جيئن برهمڻن کي ڌرم موجب تعليم ڏيڻ جو ڪم هو، تيئن ڪشترين کي ملڪ ۽ عوام جي حفاظت جو ڪم ڏنو ويو هو. اُتر ڀارت وارن علائقن ۾ اُنهن کي راجپوت ۽ آنڌر پرديش ۾ انهن کي 'راجُو' چيو ُويو آهي. راجپوت پنهنجي بهادريءَ لاءِ مشهور آهن. هو پنهنجي ماتر ڀوميءَ (مادرِ وطن) لاءِ پنهنجو ڪنڌ ڪپائڻ کان بہ ڪونہ ڪيٻائيندا آهن. راجستان جي هڪ پهاڪي موجب راجپوتن جي ذات ئي زمين آهي. سنسڪرت جي هڪ مشهور پهاڪي 'يٿا راجا تٿا پرجا' جو مطلب آهي تہ راجا جنهن رستي تي هلندو يعني پنهنجي هلت ۽ وهنوار رکندو، تہ ان جي ملڪ جي رعيت بہ ساڳي ريت هلندي. ڪشترين تي ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

- جهڙو راجا، تهڙي پرجا.
- راجپوتي ذات آهي ڏنڊي وانگر، ڀڄي پر جُهڪي ڪانہ.

يعني راجپوت مري ويندو، پر ٻئي جي اڳيان پنهنجو سِرُ نہ جُهڪائيندو.

- راڄ نہ ڏجن مڱيا، مڱيا ڏجن ڏاند.
- سنتوشي راجائون ناس ٿي وڃن ٿا.

مطلب تہ راجا هميشہ پنهنجي راڄ کي وَڌائڻ چاهيندو آهي.

وئش (واڻيو) :

جيئن ورڻن (ذاتين) ۾ ورهايل ڀارتي سماج ۾ وئش يا واڻئي جو ٽيون درجو آهي. "ائترييَ برهمڻ" نالي گرنٿ ۾ واڻئي کي ڍَل ڏيڻ وارو ۽ زورآوريون سهڻ وارو چيو ويو آهي. ڀارت جي سماج ۾ اِها

ذات واپاري، وڻش، ڀائيبند، ٻنيا وغيره نالن سان سڃاتي ويندي آهي. جيئن برهمڻ جو ڪم سکيا ڏيڻ ۽ کتريءَ جو ڪم پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي حفاظت ڪرڻ هو، اُنهيءَ طرح واڻئي جو ڪم واپار ڪري پنهنجي ملڪ ۽ سماج جي مالي حالت کي مضبوط ڪرڻ هو.

جيتوڻيڪ سنڌي سماج ۾ برهمڻ ۽ کتري به آهن، پر اُنهن ۾ واڻين جو تعداد تمام گهڻو آهي. سنڌي سماج گهڻو ڪري واپاري سماج جي شڪل ۾ سڃاتو ويندو آهي. جهوني وقت ۾ به سنڌي واپاري ٻين ملڪن جيئن تہ جاوا، سوماترا، افغانستان وغيره ملڪن ۾ وڃي واپار ڪري ايندا هئا. سنڌي واپاري، جيڪي پاڻيءَ جي رستي وڃي ٻين ملڪن ۾ واپار ڪندا هئا، انهن کي "سنڌ ورڪي" چيو ويو آهي. واپار ۾ سنڌي واڻين جو گهڻو نالو آهي ۽ هو ٻين ملڪن سان واپار ڪرڻ ۾ پنهنجو خاص مقام بہ رکندا آهن. انهيءَ ڳالهہ طرف اشارو ڪندڙ هيءَ پهاڪو ملي ٿو: "جيڪي ويا جاوا، سي ٿيا ساوا". مطلب تہ جيڪي واپاري جاوا وڃي پنهنجو مال وڪڻي ايندا هئا، انهن کي سٺو لاڀ ملندو هو.

سنڌ جي ذاتين تي ٻڌل پهاڪن ۾ واڻين بابت پهاڪن جو تعداد تمام گهڻو آهي. هيٺ ڏنل پهاڪن مان اُنهن پهاڪن مان اُنهن جي خوبين ۽ گهٽتاين تي جهجهي روشني پوي ٿي:

- واڻيو مطلب جو يار، ڪم پوڻ تي ڪري پيار.
- واڻيو وياج ۾، سڳي ڌيءَ مان بہ نہ ٽري.
- واڻيو پئسي جو پُٽ آهي.
- لِکي واڻيو پڙهي ڪرتارُ.
- واڻيو ٻينو آهي تہ وينو آهي.

جيڪڏهن وينو آهي تہ سمهيو پيو آهي.

۽ جي سمهيو پيو آهي تہ آهي ئي ڪونہ.

اها چوڻي سنڌي سماج جي واڻئي جي ڊڄڻي سڀاءُ يا مزاج طرف اشارو ڪري چوي ٿي تہ لڙائيءَ جي ميدان ۾ واڻين تي ڀروسو نہ ٿو ڪري سگهجي.

- واڻيو آهي اَٽي جو ڏيئو.
گهر ۾ ڪائنس ڪوٺا ۽ ٻاهر ڪائينس ڪانوَ.
- چار چور چوراسي واڻيا،
هڪڙي هڪڙي ايڪويهہ تاڻيا.
مطلب تہ واڻيا دل جا ڪمزور هوندا آهن.
- ڀري ٻيڙيءَ ۾ واڻيو ڳؤرو.
- اُنان والي ڪِڻ ڊوالي، ڳئوئان والي وڏي.
- ڇيڻو واڻيو، سِمٽي دٻي،
ٻنهين ڪي ڀري الله.
- واڻئي جا وٽ بہ ڪوٺا، تہ نٽ بہ ڪوٺا.
- واندو واڻيو وَهيون سنڀالي.
- واپاري تہ نرم، راجا تہ گرمُ، استري تہ شرم.
- واڻيو پنج نہ سهي، پنجاهہ سهي.
- واپاري ٻيچتا ڀلا، جُواري ڪيلتا ڀلا.
- واڻيو موُر نہ ساري، وياج ساري.
- نڪمڻو واڻيو ڀِتر ڀوري.
- واڻيو وڙهي وَيسيءَ سان.
مطلب تہ ڪاڏي ڀيتي ۾ ڪنجوسي ڀيو ڪري.

**شوُدر (پوئتي پيل ذاتيون):**

ويدڪ ڌرم گرنٿن (ويدن جي ڌرمي ڪِتابن) جي آڌار تي ڀارت جي سماج کي الڳ الڳ ورڻن يا ذات پات ۾ ورهايو ويو آهي. اُنهن سڀني جي ڪمن ۽ زندگيءَ جي طريقہ ڪار ۾ گهڻو فرق آهي. انسانن ۾ بہ هڪجهڙائي ڪانهي. انهيءَ ڏس ۾ شودرن ۽ ٻين ٽن يعني برهمڻ، ڪترين ۽ وئشن جي وچ ۾ وڏو فاصلو رکيو ويو آهي ۽ چيو ويو آهي تہ شودر ذات جو ڪن يا عملن ۾ رڳو ٽنهي ذاتين جي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ آهي. انهيءَ ريت، چئن ذاتين ۾ ورهايل ڀارت جي

سماج ۾ شودرن جو چوٿون درجو يا جڳهه مجي ويئي آهي. "ايتريه برهمڻ" نالي ڌرمي ڪتاب موجب شودر انهن ٽنهي ذاتين جي مرضيءَ سان شودر کي سماج مان ڪڍي سگهبو هو ۽ هُن کي مرضيءَ موجب سزا پڻ ڏيئي سگهبي هئي.

شودر ذات جي اندر گهڻي ئي اڇوت ذاتيون شامل ڪيل آهن: جيئن ته: ڍيڍ، چمار، موچي، ڀنگي، ميگهواڙ، ڪاسائي، ڀيل، وغيره. انهن سان واسطو رکندڙ پهاڪا ذاتين جي اندر ڏنا ويا آهن.

## ڌنڌي ۽ پيشيور جاتين تي ٻڌل پهاڪا

ڀارت جي سماج ۾ مکيه چئن ذاتين کان سواءِ الڳ الڳ ڪمن يا ڌنڌن تي گذران ڪرڻ وارين ذاتين جو به گهڻو تعداد ملي ٿو. جيئن ته: ڪوري، ڪنڀر، تيلي، ڌوٻي، موچي، لوهار، سونارا، حجام وغيره.

اِهي سڀئي ڀارت جي سماج جو هڪ حصو آهن. ڌنڌي جي مطابق الڳ الڳ ڪم ڪرڻ وارن تي به گهڻيئي پهاڪا ملن ٿا، جن جي آڌار تي ڀارت جي ثقافتي ۽ سماجي ڍانچي تي گهڻي روشني وجهي سگهجي ٿي:

**ڪوري يا جُلاهو:**

سنڌ ۾ ڪوري ذات جا ماڻهو گهڻي وقت کان رهندا پيا اچن. انهن تي نهيل ڪجهه پهاڪا هتي ڏجن ٿا:

- اُٽندو اُهائي جا ڪوريءَ جي من ۾.

يعني ڪوري آڏاڻي تي جڏهن ڪپڙو اُڻي ٿو ته اُن وقت ان جي تاڃي پيٽي ۾ ڌاڳن جو حساب اهڙي نموني رکي ٿو، جو رتيل ڊزائين نهي سگهي. ڪي ماڻهو هن پهاڪي جو استعمال ڏڻيءَ سان به لڳائي ڪندا آهن. اِن موجب چئبو ته بندو چاهي ڪيترو به سوچي، پر ٿيندو اُهو ئي جيڪو ڌڻيءَ جي من ۾ آهي.

ڪورين جو مکيه ڌنڌو ڪپڙو اُڻڻ ۽ ان کي وڪڻڻ آهي. هي سادا سودا ۽ گهٽ پڙهيل ذات جا ماڻهو هوندا آهن. هنن جي سادي

وهنوار ۽ پراڻي هلت چلت کي لوڪ ڪٿائن ۽ پهاڪن ۾ جوڳو مقام مليل آهي. جيئن ته:

- ڪوري، مت ٿوري.

يعني ڪوري گهٽ عقل وارا ۽ سادا ماڻهو هوندا آهن.

- ڪوري ڪڏ ڪوٽي، پاڻ ئي اُن ۾ پوي.

ڪوري جنهن هنڌ آڏاڻو يا ڪرگهو رکندو آهي، اُن جي هيٺان ننڍي ڪڏ به کوٽيندو آهي. پيرن سان هوُ ڪرگهو هلائيندو آهي ۽ هٿن سان ڪپڙي جي اُڻت کي به نيڪ ڪندو ويندو آهي. پيرن جي جاءِ هيٺان ڪڏ هوندي آهي، جيئن ڪرگهو نيڪ هلائي سگهجي. هِن پهاڪي جو ٻيو مطلب به آهي ته جيڪو ماڻهو ٻين لاءِ ڪڏون کوٽي ٿو، اُهو پهرين پاڻ اُن ڪڏ ۾ ڪري ٿو.

- ڪوري ڇا ڄاڻي ڪباب مان؟

مطلب ته ڪوريءَ کي عزت ڏيڻ سان ڪوبه فائدو ڪونهي. هوُ مانَ ۽ عزت ۽ سُنن ڪاڏن مان سمجهڻ وارو نه آهي.

- سُٽُ نه ڪَپهِ، ڪورينَ ۾ لٺيون ڏُڪا.

بنا ڪنهن ڪارڻ جي پاڻ ۾ ڪي ڏُريون وڙهن ته ائين چون.

- ڪُوري هڻُ نڙو ته ٽئي نه دڙو.

يعني اُٺڻ وقت ڏاڳن کي نڙو هٿي سِڌو رکبو ته ڳنڍ نه ٿيندو.

## ڪُنڀر:

ڪُنڀرن جي ذات محنت ڪش ۽ هُنر وارن ماڻهن جي آهي. انهن جو ڪم ڪچي مٽيءَ کي پچائي، سهڻن برتنن ۽ مٽيءَ جي رانديڪن کي ناهڻ جو آهي. هي گهرن ۾ ۽ انسان جي روزاني زندگيءَ ۾ ڪم اچڻ واريون مٽيءَ جون گهڻيون شيون ناهيندا آهن. جيئن ته ڏيئا، تغاريون، جانورن جي ڪاڌي کي رکڻ لاءِ وڏا برتن، ڪونڊيون، جهوپڙين تي لڳڻ وارا ڪِپر وغيره. ڪُنڀرن سان واسطو رکندڙ ڪجهه پهاڪا هن ريت آهن:

- ڪُنير ڪُنيرڻ سان پُڄي نہ سگهي،

تہ گڏهہ جا ڪن مروڙي.

- ڪُنير جي گهر پڳل دِلو.

تيلي:

تيلِي گهاڻي مان تيلُ ڪڍڻ جو ڪم ڪندا آهن. هي ٻين بہ ڪجهہ شين جي واپار ڪندا آهن. اِنهيءَ ڪري اُنهن جي مالي حالت ٻين ڏنڌوڙي ذاتين کان وڌيڪ سُٺي آهي. چاڪاڻ تہ تيليءَ جو لاڳاپو تيل سان آهي، اِنهيءَ ڪري تيل تي ٻڌل پهاڪن جو ذڪر ڪجي ٿو:

- تيليءَ جو تيل ٻري، مشعلچيءَ جي گانڊ سڙي.
- ذات بہ تيلِي، سينڌ بہ ميلي.
- تيل سڙي تہ ٿئي گِيهہُ، گيهہ سڙي تہ ٿئي وِهہُ.

سنڌ ۾ جانيي جي ڪوڙي تيل ۾ مصالحا وجهي ساڙيو آهي ۽ پوءِ اُن تيل ۾ پڪوڙا وغيره ٺاهيا ويندا آهن. اهڙي تيل ۾ نهيل پڪوڙا ٻيون شيون وڌيڪ لذيذ ۽ طاقتور هونديون آهن.

راجستاني ٻوليءَ ۾ تيليءَ بابت هي پهاڪا ڏِسو:

- گهر ٿي گهاڻي، تيلِي رُوکو ڪيون کاوئي؟

تيليءَ جي پنهنجي گهر ۾ ئي گهاڻو آهي، پوءِ هو رُکي ماني ڇو کائي؟

- تيلي رو بيل، سؤ سؤ ڪوس چلي، پڻ بنئي کو بنئي.

يعني تيليءَ جو ڏاند گهاڻي جي چوڌاري پيو ڦرندو آهي.

ڌوٻي:

ڌوٻين جي ذات محنت ڪش ذاتين ۾ مڃي ويندي آهي. هنن جو ڪم ميرن ڪپڙن کي ڌوئڻ جو آهي. ڌوٻين جو واسطو سماج جي هر ڪنهن ننڍي ۽ وڏي طبقي وارن ماڻهن سان پوي ٿو. هن پيشي سان لاڳاپو رکندڙ ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

- ڌوٻيءَ جي گهر آيا چور، هُو نه ڦُريو، ڦُريا اور.

مطلب ته ڌوٻيءَ جي گهر چوري ٿيڻ تي هُن کي ڪوبه نقصان نه رسندو، پر ٻئي طرف جيڪي ڪپڙن جا اصلي مالڪ آهن، انهن کي ئي ڪپڙن جي چوري ٿيڻ تي نقصان پهچندو.

- ڌوٻي ڌوئي، ڌڻي روئي.

هيءُ پهاڪو پراڻن يا سڙيل ڪپڙن کي ڌوٻيءَ پاران ڌوئڻ طرف اشارو ڪري ٿو. اهڙن ڪپڙن جي ڦاٽي وڃڻ جو گهڻو امڪان هوندو آهي، جنهن ڪري اُنهن جي مالڪ کي نقصان ٿئي ٿو.

- ڌوٻيءَ جو ڪُتو، نه گهر جو نه گهاٽ جو.

ڌوٻيءَ جو ڪُتو جيڪڏهن گهر ۾ هوندو ته هر اچڻ واري گراهڪ کي ڏاڙهيندو ۽ جيڪڏهن هُو گهاٽ تي هوندو ته ڌوتل ڪپڙن کي خراب ڪري نقصان ڪندو. جڏهن ڪو ماڻهو ٻنهي ڌُرين طرفان ڌڪاريو وڃي ته انهيءَ لاءِ چئبو آهي.

- ڌوٻيءَ جي گهران ويئي چوُ؟

يعني ٻئي کي ٿيندڙ نقصان جو ڌوٻيءَ کي ڪوبه خيال نه ٿو رهي. ڪپڙن ڌوئڻ وقت پٿر تي انهن کي سٽڻ تي هو اڪثر 'چوُ چوُ' جو آواز ڪندو آهي. جي ڪپڙا ڦاٽي يا چوري ٿيا ته ڌوٻيءَ جي گهران فقط 'چُو چوُ' ويندي.

**موچي:**

موچيءَ جو ڌنڌو ڪرڻ وارا ماڻهو جُوتن ۽ چنپلن کي ٺاهڻ جو ڪم ڪندا آهن. شروع شروع ۾ ماڻهو ڪاٺ کي لسو ڪري اُن جون چاکڙيون ٺاهي پنهنجن پيرن ۾ پائيندا هئا، پر پوءِ چمڙي ۽ ربڙ جي ايجاد ٿيڻ تي ڪاٺ جي بدران چمڙي جا جوتا ۽ ربڙ جا چنپل ڪم اچڻ لڳا آهن.
موچين بابت سنڌيءَ ۾ ڪجهه پهاڪا ملن ٿا، جيڪي هيٺين ريت آهن:

- موچيءَ جا گهڙيا، موچيءَ جي منهن ۾.

پنهنجي ڪَئي جو ڦلُ پاڻ پوڳڻ تي ائين چون.

- موچيءَ جي رمبي حلال ۾ وهي ته حرام ۾ به وهي.

مطلب ته موچي حرام ۽ حلال جي جانور جي چمڙي مان ڪمائي ٿو.

لوهار:

لوهار لوهه جي ڪم ڪرڻ ۾ ماهر هوندا آهن. هن ڌنڌي وارا ماڻهو لوهه سان ٺاهڻ واريون گهڻيئي شيون ٺاهيندا آهن، جيڪي عام ماڻهن جي روزاني زندگيءَ ۾ ڪم اچن ٿيون. جيئن ته: چاقو، ڪپ، تسلا، توا، ڪوڏر، لوهه جي چاڻي وغيره. اڳاڻي زماني ۾ لوهارن جو مکيه ڪم ڪترين لاءِ هٿيار ٺاهڻ به هوندو هو، جن ۾ هو تلوارون، نيزا، پالا، ڍالون وغيره ٺاهيندا هئا. لوهارن ۾ هڪ ذات گاڙيا لوهارن جي آهي، جيڪي اڄ تائين به پنهجو هڪ هنڌ ٽڪاڻو ٺاهي ڪونه رهندا آهن. هن ذات جا ماڻهو پاڻ کي راجستان جي هڪ مشهور راجا مهارانا پرتاپ جي نسل جا مڃيندا آهن. راڻا پرتاپ جڏهن مغلن سان لڙائيءَ ۾ چتور جو قلعو پنهنجي هٿان وڃايو، تڏهن هو جهنگ ۾ وڃي رهيو. هُن قسم کاڌو ته جيستائين چتور واپس نه ورتو اٿم تيستائين مان محلن ۾ نه رهندس. هُن کان اڳ سندس گهڻي ئي سپاهي به جهنگن، ٻنين ۾ رهڻ لڳا. ان روايت موجب گاڙيا لوهار به راڻا پرتاپ سان گڏ رهڻ لڳا. هُو فوج جي لاءِ هٿيار وغيره به ٺاهيندا هئا. وقت گذرندي راڻا پرتاپ چتور جو قلعو وري فتح ڪيو ۽ پنهنجي محل ۾ رهڻ لڳو. پر سندس فوج جا لوهار سپاهي وري قلعي اندر نه ويا. اُن زماني کان وٺي هنن پنهنجو گهر نه ٺاهيو آهي. هي بيل گاڏيءَ ۾ پنهنجي گذران جوڳو سامان پاڻ سان کڻندا آهن ۽ سڄي زندگي رستن جي پرسان فٽپاٿن تي گاڏيون بيهاري، اُتي ڪرُپيون، توا ۽ ٻيو لوهه جو سامان ٺاهي ۽ وڪڻي پنهنجو گُذر ڪندا آهن.

سنڌيءَ ۾ لوهارن بابت ڪجهه پهاڪا هن ريت آهن:

- لِکيا لوهارن کي ٺُنگُن ۾ ٺانڊا.

يا

- لکيون لوهارن کي ڇڏنِ ۾ ڇٽڪون.

مطلب تہ لوهارن جي قسمت ۾ ٺپ ٺانڊا ۽ چڻگون لکيل آهن.
هي پهاڪو اِن طرف اشارو ڪري ٿو تہ لوهار باھ ٻارڻ لاءِ جڏهن ڌمڻي هلائيندا آهن، تڏهن باھ مان چڻنگون اُڏامنديون آهن، جيڪي اڪثر ڪين ٽنگن ۾ پيون لڳنديون آهن. اُن حقيقت تي هڪ چوڻي نهي آهي.

- لوھ چاڻي، لوهار چاڻي.

يعني ٻن ماڻهن جي ڳالھ جي وچ ۾ ٽئين ماڻهوءَ جو ڪم ناهي.
لوهار لوھ مان ڇاڻو ٺاهڻ چاهي، ان جي ڪيس ئي خبر هوندي آهي. ٻيو ماڻهو اُن جو اندازو نہ ڪري سگهندو. ڀيٽيو: "اُٺندو اُهائي جا هوندي ڪوريءَ جي من ۾."

- لوھ ڪپي لوھ کي.
(پنهنجا پنهنجن جا ويري آهن.)
- سوناري جا سؤ ڌڪ، لوهار جو هڪ ڌڪ.
ڀيٽيو: "سئو سنار ڪي، ايڪ لوهار ڪي." (هندي)

سونارو:

دُنيا جي قيمتي شين ۾ سُون بہ هڪ آهي. سون کي گهڙي، اُنهن جا سهڻا ڳهہ ڳٺا ۽ زيور ٺاهڻ جو اعليٰ هُنر سونارن جو آهي. سون جا زيور زالن کي تمام گهڻو موهيندا آهن. سونارن کي سماج ۾ شڪ جي نظر سان ڏٺو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اِها ڳالھ مجيل آهي تہ سونارو پنهنجين سڳن مائٽن جي سون مان بہ رَتي ڪڍُ سون جو ڪڍي وٺندا آهن.
سنڌيءَ ۾ سونارن سان واسطو رکندڙ ڪجھ پهاڪا هيٺينءَ ريت آهن:

- سون کي ڪهڙي ڪسُ؟

سُٺي شيءِ جي قيمت يا مُلھ تمام گهڻو هوندو آهي. اُنهيءَ کي رکڻ ۾ ڪوبہ نقصان ڪونہ ٿيندو آهي.

- سون سَؤ ورهائين بہ سوايو.

يعني سچي ۽ ماڻهوءَ جو قدرُ ڪڏهن بہ گهٽبو ناهي.

- سون کان گهڙائي مهانگي.

ڪنهن شيءِ جي اصل قيمت کان جڏهن اُنهيءَ مان ٺيون شيون ناهڻ تي وڌيڪ خرچ اچي، تڏهن چون:

- سؤ نار، هڪ سونار.

مطلب تہ جيڪڏهن سؤ زالن جي چالاڪيءَ کي پاڻ ۾ گڏ ڪجي تہ اُها هڪ سوناري جي چالاڪيءَ جي برابر هوندي.

- سونارو ماءُ جي نٿ مان بہ نہ ٽري.

سماج ۾ اِها ڳالهہ مجيل آهي تہ سونارو سون گهڙڻ مهل اُن مان ڪُجهہ سون ضرور ڪڍي وٺندو آهي. پنهنجيءَ ماءُ جي سون مان بہ چوري ڪرڻ کان نہ ٽرندو آهي.

- شير نہ ڏٺيا ڏيک ٻلاڙا، چور نہ ڏٺيا ڏيک سونارا.

هن پهاڪي ۾ سوناري جي برابري چور سان ڪئي ويئي آهي. پيٽيو: "جات جنوائي ڀاٽيجو رئيباري سُنار، ڪدئي نہ هوسين آپڻا ڪر دئيکو ويوهار."

حجامُ:

جيئن ڌوٻي سماج جي هرهڪ طبقي جي ويجهو ٿين ٿا، ساڳيءَ طرح حجام جو بہ هرقسم جي ماڻهن سان گهرو تعلق هوندو آهي. حجام جي ذات سماج ۾ ننڍي درجي تي ليکي ويندي آهي. پر سماج ۾ ڪيترائي ڌرمي، مذهبي ۽ ثقافتي موقعا اهڙا آهن، جن ۾ حجام جي ضرورت پوندي آهي. حجام ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ تيز، چالاڪ پر زبان جا مِٺا هوندا آهن. پوجپوريءَ ۾ حجام تي ٻڌل هيءُ پهاڪو حجام جي اُنهيءَ گڻ طرف اشارو ڪري ٿو:

- چِرائين ۾ ڪَئُوا، مَنَئِي ۾ نئُوئا.

مطلب تہ جيئن جهرڪين ۾ ڪانءُ سيني ۾ تيز ۽ چالاڪ سمجهيو ويندو آهي، تيئن ماڻهن ۾ نائي يعني حجام سيني ۾ چالاڪ مڃيو ويندو آهي.

سنڌيءَ ۾ حجام تي ڪجهه پهاڪن جا مثال ڏسو:

- حجم ۽ پاڪي، چڳ نہ بچندي باقي.

مطلب تہ جيڪڏهن ڪنهن نالائق کي ڪا اختياري ملندي تہ پوءِ هُو سڄي خلق لاءِ آزار بڻجي ويندو آهي.

- حجامڙو حرامڙو.

حجامن جو سُياءُ هڪ ٻئي جي گلا ڪرڻ ۾ ڪُوڙ ڳالهائڻ جو ٿيندو آهي. هُو حجامت ڪندي مهل پيا ڳالهيون ڪندا ۽ پنهنجن گراهڪن سان ڪُوڙ پَچ ڪري هڪٻئي جي گلا غيبت ڪندا. پنهنجي اُنهيءَ عادت جي ڪري حجامن جي ذات ڀروسي جي قابل نہ سمجهي ويندي آهي.

- هلڪڙي ذات حجام جي، نڪر کي نينگنو.

مطلب تہ حجام هلڪي ذات جا آهن. هو جتي ويندا اُتي ڪجهہ نہ ڪجهہ نقصان ڪندا آهن يا گلائون ڪري ماڻهن ۾ جهڳڙا ڪرائيندا آهن.

## جسماني اوُڻائيءَ يا وڌ متعلق پهاڪا

سنڌيءَ ۾ ڪجهہ اهڙا بہ پهاڪا ملن ٿا، جيڪي ماڻهن جي جسماني اوڻاين (جيئن تہ کدڙو، انڌو، ڪاڻو، گونگو وغيره) سان لاڳاپو رکن ٿا. هِتي اُنهن جا ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا.

کدِڙو:

سائينءَ جي مهر نرالي آهي. آدم ذات ۾ هن دنيا ۾ ٽن قسمن جا ساهوارا ملن ٿا. هڪڙا آهن مذڪر ٻيا آهن مؤنث ٽيان آهن. وچٽرا، جن کي سنڌيءَ ۾ کدڙو ڪري سڏبو آهي. اُنهن کي سماج ۾ قدرت جو ڏمر سمجهيو ويندو آهي ۽ هي سماجي طبقي کان ٻاهر جي زندگي گذاريندا آهن. مطلب تہ سماج ۾ اُنهن کي ڪابہ حيثيت نہ ڏني ويندي آهي. هڪ رواج موجب کدڙن جي مرڻ بعد هُن جا ٻيا کدِڙا ساٿي سندس لاش کي کُهلي کٽي ويندا آهن ۽ هُن جي جسم تي جوُتن جو

وسڪارو ڪري ڪچيون ڳاريون بہ ڏيندا ويندا آهن. هِن رواج پٺيان سوچ آهي تہ ائين ڪرڻ سان شال هُو ٻيو جنم وري ڪدڙي جي شڪل ۾ نہ وٺي، پر ٻئي طرف شادي مراديءَ تي ۽ ٻار، خاص طور سان پُٽ جي پيدا ٿيڻ تي ڪدڙن جو گهر ۾ اچي ناچ ڳاني ڪرڻ کي هڪ سنو سوڻُ مڃيو ويندو آهي. اهو بہ رواج ڏٺو ويو آهي تہ ڪدڙِي جي مري وڃڻ تي هُن کي ٻيا ڪدڙا اڌ رات ۾ کُهلي وڃي نديءَ ۾ ڪيس ٻُوڙيندا آهن.

سنڌيءَ ۾ ڪدڙن بابت ڪجهہ ٻهاڪا هن ريت آهن:

- هيجڙي ڪوُن ٻار ڄميا، چم چم ڪي مار سٽيا.
- ڪدڙِي جي ڪمائي ڏاڙهي مُڇ جي صفائيءَ ۾ خرچ ٿي وئي.
- ڪدِڙن بہ ڪڏهن قافلا لُٽيا.
- ڪدڙن جا اوتارا، ڪُنيرن جي گهر.

انڌو:

جن شخصن کي اکين ۾ نُور نہ هوندو آهي يا روشني نہ هوندي آهي، تن کي انڌو، نابين ۽ سُورداس ڪري سڏبو آهي. آدم ذات ۾ اِها جسماني ڪمي گهڻو ڪري ڄائي ڄم کان هوندي آهي. ٻيو تہ ڪڏهن ڏڪ لڳڻ ڪري، وڏي عمر ٿيڻ بعد بہ اکين جي روشني وڃي سگهندي آهي، جنهن ڪري ماڻهو ڏسڻ کان لاچار ٿي ويندو آهي. مردن کي 'انڌو' ۽ زالن کي 'انڌي' چيو ويندو آهي. ڪجهہ وقت اڳ تائين انڌن کي سماج جي مٿان بوجهہ سمجهيو ويندو هو، پر هاڻي انهن کي بہ خاص طور سان پڙهائي ڪجهہ هُنر سيکاريا ويندا آهن، جيئن تہ: هي سماج جي لاءِ ڪجهہ ڪم ڪري پنهنجو گُذر بسر ڪري سگهجن. اهڙي خاص تعليم حاصل ڪرڻ بعد، اکين ۾ روشني نہ هوندي بہ هُو پنهنجي هُنر جي مدد سان گهڻي ئي شيون ناهي سگهندا آهن. پڙهڻ جي لاءِ انڌا پنهنجي آڱرين جي ڇهاءُ جو استعمال ڪندا آهن. اُنهن جي لاءِ ڪتاب هڪ خاص لِپيءَ ۾ تيار ڪيا ويندا آهن، جنهن کي 'بريل لِپي' چئبو

آهي. انهيءَ طرح سان انڌا بہ اڄ ڪلهہ محنت ڪري سماج ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ ٺاهي رهيا آهن.

انڌن بابت سنڌيءَ ۾ ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

- انڌو ۽ اڻسوُنهون ٻئي هڪ آچار.
- انڌا رکن روزا تہ ڏينهن بہ ٽين وڏا.
- اسي گُڻ انڌي ۾، سو ستر ڪاڻو،
مُلهہُ ڏيئي ناٿو، مارائجي منڌي ڪي.
- انڌن وهانوَ منڊا نچن، تنڊا پائين ڦيريون.
- انڌو دوزخي، ٻوڙو بهشتي.
- انڌي ۽ جنڊُ، واري ۽ پنڊُ.
- انڌي جهڙي ساهرين، تهڙي پيڪي.
- انڌن ۾ ڪاڻو راجا.
- انڌي هنگي بہ سيڙائي.
- انڌي جي جوءِ جو واهي اللهُ.
- انڌي جي جوءِ جڳ جي ڀاڄائي.

ڪاڻو:

جنهن شخص جي رڳو هڪ ئي اک ۾ نُورُ هجي، تنهن کي ڪاڻو چئبو آهي. پهاڪن جي دنيا ۾ ڪاڻن کي خراب سوڻ مڃيو ويو آهي:

- ڪاڻيءَ جي وهانوَ ۾ سنڪٽ گهڻا.
- ڪاڻي کي ڪاڻو نہ چئجي.
- اِيڪ اکيا مها ٻَلي.
- ڪاڻا سوامي نمسڪار. چي ٻابلو وڙهڻ جا پار.
- ڪاڻي وِسوُڙي جي مُڙسُي ويو اک ڪي.

گنجو:

جن شخصن کي مٿي تي وار نہ هجن، اُنهن کي ’گنجو‘ يا ’نوڙهو‘ چئبو آهي. اِنهن تي ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

- گنجو وينو ميٺُ مِلائي، وار نہ اٿس ڇاڪي لائي؟
- ٺوڙهي بہ هلي آهي ڳوٺ ٻڌڻ.
- گنجي ڇُٽي جُونئن کان.
- گنجي جي مٿي ۾ نہ جونءِ نہ ليک.
- گنجو کنهڻ کان نہ رهي.

ٻندرو (چامڙو):

جسماني بناوت جي خيال کان جيڪو انسانُ رواجي قد بُت جو نہ هئڻ ڪري گهڻ ڏگهو هجي تہ هُن کي 'ٻندرو' چئبو آهي. سماج ۾ اهڙا شخص پنهنجي جسماني بناوت جي ڪمزوريءَ جي ڪري 'مسخرن' جو ڪم ڪرڻ تي مجبور ٿيندا آهن. اِنهن تي ڪجهہ پهاڪا هِن ريت آهن:

- ٻندرو ٻڌي سندرو، تہ الله بہ نہ پُڄيس.
- ڏگهو بيوقوف، ٻندرو شيطان.

ٻوڙو:

جيڪو شخص ٻُڌي نہ سگهي يا تمام گهٽ ٻُڌي اُن کي 'ٻوڙو' چئبو آهي. هِن تي ڪجهہ پهاڪا ڏسو:

- ٻوڙو ڪِلي بہ پيرا.
- ٻوڙو ٻڌي بہ دفعا، ٽيڏو پسي ٽي دفعا.

گونگو:

جنهن شخص کي ڳالهائڻ جي قوت نہ هوندي آهي، اَن کي 'گونگو' چيو ويو آهي. اهڙا شخص ڳالهائڻ لاءِ پنهنجي زبان جو استعمال نہ ڪري سگهندا آهن ۽ اِشارن مان پنهنجي ڳالهہ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اُنهن تي ٻڌل ڪجهہ پهاڪا هِن ريت آهن:

- گونگن جو ڳائڻُ ۽ ٻُوڙن جو ٻُڌڻ.
مطلب تہ اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي.

- گونگي جو اِشارو گونگو ئي سمجهي.

يعني ساڳئي خيال وارا ماڻهو پاڻ ۾ ٺهڪندا آهن.

- گونگو کائي ڳُڙ، مُشڪي کُشڪي ڪين ڪي.

جيئن گونگو ڳُڙ کي کائي، اُن جي سواد جي باري ۾ ٻين کي ٻڌائي ڪو نہ سگهندو آهي، ساڳيءَ طرح جيئن اِنسان ڌڻي سائين جو ديدار ڪيو آهي، اُهو پنهنجي زبان سان ڪانہ ٻڌائي سگهندو آهي تہ ڌڻي سائين جي ديدار مان ڪيس ڪهڙو سُڪون مليو آهي. مطلب تہ روحاني سُڪون بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي.

## تقابلي پهاڪا

هتي هندُو ڌرم موجب گروهن ذات پات جي سرشتي موجب گروهن، ڌنڌي موجب گروهن ۽ ٻين ذاتين سان گڏوگڏ جسماني اُوڻاين ۽ وهنوار موجب گروهن تي ٻڌل ڪجهہ پهاڪن جو اڀياس ڪيو ويو آهي. اِنهن پهاڪن ۾ گهڻو ڪري سيبيئي اهڙا پهاڪا آهن، جيڪي ڪنهن هڪ ذات سان واسطو رکن ٿا، پر پهاڪن جي دنيا ۾ اهڙا ڪيترائي مثال ملن ٿا، جن ۾ هڪ کان وڌيڪ ذاتين جو بيان ڪيل آهي ۽ ٻنهي جي خاصيتن، گهٽتاين، اوڻائين وغيره تي روشني وڌي ويئي آهي. اهڙن ڪجهہ پهاڪن جا مثال هتي ڏجن ٿا:

- شيخ پُٽُ شيطان جو، نہ هندوءَ جو نہ مسلمان جو.
- ٻہ ٻروچ، ٻارنهن ڪُتا، تہ ٻہ ٻروچ تِڪا.
- سيد ۽ سپاهي، تن کان رکج يا الاهي.
- ڄٽ جي دمڙي چني چمڙي، واڻئي جو سؤ ڪونهي ٻؤ.
- ڄٽُ، ڦُٽُ، ڀٽُ ۽ ٽٽُ چارئي ٻڌا ڀلا.
- ڪاتورو وڙهي قلم سان، ڄٽُ وڙهي ڏُڪي سان.
- ڪاريگر جي ڪاريگري، ڄٽ جي چمار.
- ٻڻي ٻڻائي واڻيو، ٻڻي بگاڙي ڄٽُ.
- منهن مُلا جو، اکيون چور جون.
- منهن ۾ مُلو، دِل ۾ ڪاسائي.

- تيليءَ جو تيلُ ٻري، مشالچيءَ جي ڳانڍ سڙي.
- شير نہ ڏٺڪيا ڏيک ٻلاڙا.
چور نہ ڏٺڪيا ڏيک سونارا.
- ٻوڙو ٻُڌي ٻہ دفعا، ٽيڏو پسي ٽي دفعا.

## سرڪاري عملدار

سنڌ جي هندن ۾ عامل ۽ ڀائيبند فرقن جو بنياد ڪلهوڙن (1700ع کان 1783ع) جي زماني ۾ پيو. سرڪاري هندو عملدارن ۽ مسلمانن کي عامل سڏيو ويو ۽ واپار ڪندڙ هندُن کي ڀائيبند ڪوٺيو ويو. آهستي آهستي اهي ٻئي پنهنجي وهنوار سبب عوام ۾ مشهور ٿيندا ويا، پر ٻئي طرف پنهنجي وهنوار ۾ علحدگيءَ سبب 'ڀائيبند' ۽ 'عامل' هڪٻئي کان پري ٿيندا ويا.

سماج جي هرهڪ گروهہ ۾ سرڪاري عملدارن بابت مختلف رايا ملن ٿا. سرڪاري عملدارن بابت الڳ الڳ قسمن جي ٿيل آزمودن مان هيٺين ٻهاڪن جو جنم ٿيو آهي:

- عاملُ نہ دوست، ڦڦڙ نہ گوشت.

عامل يعني سرڪاري عملدار کي پنهنجي عهدي جو فخر هوندو آهي. ان ڪري هُو پنهنجو ٻہ دوست نہ هوندو آهي. ساڳيءَ طرح ڦڦڙن کي ٻہ گوشت ڪري نہ سمجهيو ويندو آهي. مطلب تہ عاملن مان ڪڏهن ٻہ اِها اُميد نہ رکجي تہ هو اوکي ويل دوستن وانگر وهنوار ڪري ڪنهن جي ڪم اچي سگهندا. اهڙيءَ طرح ڦڦڙ ٻہ ڪڏهن ڪاڏي جي ڪم نہ ايندا آهن.

- حَڪيمين ۽ حاڪمين شال نہ ڪو تات پوي.

بيماريءَ ۾ ڪو ڊاڪٽرن جي ورُ چڙهيو يا ڪِن سرڪاري عملدارن ۾ ڪنهن جو ڪم پيو تہ سمجهجي تہ هو ڦاٿو. انهيءَ لاءِ چيو ويو آهي تہ حاڪم يعني عملدار ۽ حڪيم يعني ۾ ڊاڪٽر ڪنهن جو ڪم نہ ڦاسي.

- حاڪم جي ياري ۽ اگر ڻاڪ، ٻي سڀ واري.

يعني وڏن ماڻهن جي دوستيءَ تي ڪو ڀروسو ڪونهي، وقت پوڻ تي هو ڪڏهن به ڪم نه ايندا آهن.

- آفيسر جي ياري، ڪاري ۾ ڪارِي.

مطلب ته آفيسر سان دوستي ڪرڻ تي ڪڏهن به مِٺ محبت جو رشتو نه ٻڌجي سگهندو، ڇاڪاڻ ته آفيسر کي پنهنجي عهدي جو غرور ٿيندو آهي ۽ پنهنجي نوڪريءَ کي بچائڻ خاطر هُو ٻين تي مصيبت اچڻ تي ڪڏهن به ڪين ڪم نه ايندو آهي.

- عاملُ مُئو به نه اورانگهجي.

مطلب ته سرڪاري عملدارنُجي خلاف ڪڏهن به نه وڃجي. سرڪاري طاقت ساڻ هئڻ ڪري هُو عام ماڻهن کي ڪڏهن به نقصان پهچائي سگهن ٿا.

- آفيسر جو اڳ ۽ گهوڙي جي پُٺ ڪڏهن نه وڃي.

مطلب ته جهڙيءَ ريت گهوڙي جي پُٺ وڃڻ تي هُن جي لَتَ لڳڻ جو انديشو هوندو آهي، ساڳيءَ طرح آفيسر جي خلاف وڃڻ تي نقصان ٿيڻ جو امڪان هوندو آهي. ڀيٽيو: ”افسر ڪئي اگاڙي اؤر گدها ڪي پڇاڙي نه آوئيڪ چاهي“ (اوَڌي) ۽ ”گهوڙا ڪِي پڇاڙي ائور حاڪم ڪي اگاڙي نا جائي ڪي“. (ڀوجپُوري).

- ڪاموري جي مڏي، به ڏنڊڻ ٽئين تڏي.
- ديوان جو دم دمڙيءَ جي دال تي.
- سپاهيءَ جهڙو يارُ، ٻيو دشمن نه ڏار.
- سيد ۽ سپاهيءَ، تن کان رکج يا الاهي.
- ڪامورو معنيٰ ماڪوڙو، جي چَنبڙِيو ته مُئي به نه ڇڏي.

## گڏيل ڪٽنب ۽ رشتيدارن متعلق پهاڪا

ڪنهن به گروهه يا ذات يا جاتيءَ جي (سماجي) ۽ ثقافتي پهاڪن جو اڀياس ڪرڻ لاءِ سڀني کان پهرين سماجي سرشتي کي جاچڻ،

سمجهڻ نهايت ضروري ٿيندو آهي. سماجي سرشتي ۾ گڏيل ڪٽنب، رشتيدار، (جيئن ته پيءُ، ماءُ، پُٽُ، ڌيءَ، ڀاءُ، ڀيڻ، ڀاڄائي، ناني، چاچو، چاچي، مامو، مامي، ڏاڏو، ڏاڏي، نانو، ناني، ماسڙ، ماسي، وغيره) جهڙا گهڻيئي رشتا اچي ٿا. سماجي سرشتي جي بناوت سمجهڻ کان پوءِ سندن وچ ۾ وهنوار، مِٺ محبت، مان- مريادا، وغيره جي رنگ ڍنگ جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ سان ئي ڪنهن گروهه يا ذات بابت اُنهيءَ سان پروڙ پوي ٿي.

سماجي سرشتي جو ننڍي ۾ ننڍي ايڪو آهي، ڪٽنب يا پريوار. آڳاٽي دؤر ۾ ڀارتي ڪٽنب جو مطلب هڪ گڏيل ڪٽنب هو، جنهن جي معنيٰ آهي ته ڀائرن، چاچن، سؤٽن ۽ ڀائٽين جي وچ ۾ ويجهو تعلق هئڻ ۽ هُو سڀيئي گهڻو ڪري هڪ ئي گهر ۾ يا وري گهرن جي ميڙ ۾ هڪ ئي هنڌ تي ساڳئي ڪٽنب جي ڀاتين وانگر رهندا هئا. يورپيءَ ۽ سئميٽڪ (سامي نسل) ڪٽنبن جيان هتي به ڪٽنب پيءُ جي نسل جو آهي، پيءُ ئي گهر جو مکي (وڏو) ۽ گڏيل ملڪيت جو بندوبست ڪندڙ هوندو هو. لڳ ڀڳ ڀارت جي سڀني صوبن ۾ نسل جو نالو ۽ ملڪيت جو حق پيءُ جي نالي تي هلندو آهي. پر ڏکڻ ڀارت جي ڪجهه صوبن جيئن ته ڪيرل ۾ ڪٽنب جو سرشتو ماءُ جي نالي سان هلڻ جي روايت آهي. پيءُ جي نسل واري روايت ۾ جتي ملڪيت جو حق پيءُ کان پُٽ وٽ ۽ وري ان جي پٽ وٽ ويندو آهي، ساڳيءَ طرح ماءُ جي نالي پويان نسل جي روايت ۾ ملڪيت جو حق ماءُ کان ڌيءَ وٽ ۽ پوءِ وري هُن جي ڌيءَ کي ملندو آهي. هن روايت موجب ڪٽنب جي وڏِي ماءُ هوندي آهي ۽ انهيءَ جي نالي تي ڪٽنب هلندو آهي.

آڳاٽي ڀارت جي ڪٽنب ۾ ماءُ- پيءُ، ٻار- ٻچا، ڏوهٽا- پوٽا، چاچا ۽ سندن ٻارن سان گڏ مرد جي پاسي جا مختلف رشتيدار به شامل هئا. هن ميڙ ۾ گود ورتل ٻار به شامل ٿي سگهندا هئا ۽ جيڪڏهن گهريلو نوڪر ۽ خدمتگار غريب نه هجن ته اُهي پڻ شامل ٿي ويندا هئا. هن کان

سواءِ برهمڻ ڪٽنب ۾ انيڪ شاگردن لاءِ ٻه ڄڳهه هوندي هئي جيڪي گهر جي مُکيءَ جي سايي هيٺ ڊگهي وقت تائين تعليم جو اڀياس ڪندا هئا ۽ ڪٽنب جي ڀاتين وانگر ئي سماج ۾ مانُ پائيندا هئا. اهڙيءَ طرح عام طور تي آڳاٽي دؤر جي نُهنُ- زال سماج ۾ جتي ڇوڪرين جي شادي اُنهن جي ننڍي عمر ۾ ئي ڪئي ويندي هئي، ڪٽنب ۾ گهٽن ئي ڀاتين جي هئڻ ڪري هڪ وڏو ميڙ ٺهجي پوندو هو. اهڙيءَ طرح رڳو هڪ شخص کي نه بلڪ سڄي ڪٽنب کي سماجي سرشتي جو هڪ ايڪو سمجهيو ويندو، پر اهڙي ايڪي ۾ ننڍين ننڍين رشتن ناتن جي ڪا اهميت ڪانه هوندي هئي. مثلاً پُٽ پنهنجي پيءُ جي سيني زالن کي بنا ڪنهن فرق جي "ماتا" چوندو هو ۽ ڀائرن ۽ سؤٽن ۾ فرق چٽو نه هوندو هو. آهستي آهستي وقت گذرندي جدا جدا سببن ڪري هندُن ۾ هڪ کان وڌيڪ زالن جو رواج گهٽجندو ويو ۽ سماج ۾ ڪٽنب ۾ به گهٽو فرق اچي ويو. اڄ ڪالهه جي الڳ الڳ حالتن ڪري هڪ ئي ڪٽنب جي ڀاتين کي پنهنجي روزگار خاطر الڳ الڳ هنڌن تي وڃي رهڻو ٿو پوي، جنهن ڪري آڳاٽي زماني جي گڏيل ڪٽنب جي شڪل هاڻي گهٽ نظر اچي ٿي.

ڪٽنب يا پريوار کي ٺاهڻ جا ڇيڪي خاص سبب آهن، اهي آهن: شادي ۽ جنم. اِنهن ٻنهي سببن جي ڪري ڪنهن به ڪٽنب جا ڀاتي هڪ ٻئي سان مختلف رشتن ۾ ڳنڍيجن ٿا. ڪٽنب جي اِنهن مختلف ڀاتين ۽ رشتن بابت چيل ويچارن کي پهاڪن ۾ سمجهائڻ لاءِ هيٺين ريت اڀياس ڪجي ٿو:

### ڪٽنب متعلق پهاڪا:

- ڪڙم قبيلي کان شال ڪو ڪتو به ڌار نه ٿئي.

مطلب ته پنهنجي ڪٽنب کان الڳ ٿيڻ تي ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي. اِن ڪي اِها خواهش ڪئي ويئي آهي ته پنهنجي ڪٽنب کان ڪو به الڳ نه ٿئي.

- ڪڙم ڪان سواءِ ڪتو ٻہ نہ سونهي.

پنهنجي ڪٽنب سان رشتو ڦٽائڻ نہ کپي، ڇوتہ برادريءَ کان الڳ ٿيڻ تي ماڻهوءَ جي ٻيڄڙي حالت ٿي ويندي آهي.

- رت هميشہ دانگي ڏي ورندو آهي.

مطلب تہ عزيزن يا مائٽن جي هڪ ٻئي سان همدردي ٿئي ٿي.

- ڪٽنب ننڍو، سُک وڏو.
- پرائو پنهنجو نہ ٿئي، توڙي ڦُري ڏينس گهر.
- جي چلهہ تي سي دل تي.
- پنهنجا نيٺ بہ پنهنجا.

گڏيل ڪٽنب بابت راجستاني ٻوليءَ ۾ هيءَ پهاڪو ڏسو:

- ٻنڌي يار لک کي کُلي بيکر جاءِ.

مطلب تہ گهر جا سڀ ڀاتي جي ڪٽنب ۾ گڏ رهن ٿا تہ اُنهن جي مانَ مريادا زندهہ رهي ٿي. پر ڀاتين جي الڳ ٿي وڃڻ تي اهڙي ڪٽنب جي عزت گهٽجي ويندي آهي.

## ڪٽنبي زندگيءَ ۾ وهنوار متعلق پهاڪا:

- سڄڻ هجن ساڻ، تہ جهنگ اندر بہ سوني ڪاڻ.

مطلب تہ جيڪڏهن گهر جا پنهنجا ڀاتي ساڻُ هجن تہ جهنگل ۾ بہ گُل و گلزار ٿي ويندا آهن.

- سڄڻن سان سوڙهہ ڀلي.
- گهر ويٺي گهُران، اگڻ آئي نہ سهان.
- پنهنجن سان وير، پراوَن سان ميڙ.
- شريڪت ۾ مريکت ڇا جي؟
- ٻہ ڀائر ٽيون ليکو.
- پِٽ پيئي، وٽِ پيئي.
- جَيسلمير جيسلمير، گهر سان وير، پر سان ميڙ.

**پنهنجو گهر:**

- پيو پرُ، ويو پنهنجو گهر.

مطلب تہ پنهنجي گهريلو معاملن ۾ ٻين پراوَن کي شامل نہ ڪرڻ گهرجي. اِن سان پنهنجي گهر ۾ فِتنت ٿيندي آهي.

- پنهنجو گهر داتا جو درُ.
- پنهنجو گهر هنگي ڀَر، پرائو گهر، ٿُڪ اُڇلي ڊَرُ.
- پنهنجي گهر ۾ ٻلي بہ شينهن آهي.
- جهنگ جو تتو گهر ٺري، گهر جو تتو ڪٿي نہ ٺري.
- گهر ۾ گهر، ٻُڏي وڃي مر.
- پنهنجي گهر جهڙي ڪا ٻي بادشاهي؟
- گهر جو ڪِن گهر ۾ ئي ڏوئجي.

**مٽ مائٽ ۽ رشتيدار:**

مٽن مائٽن بابت سنڌ ۾ جيڪي پهاڪا ملن ٿا، اُنهن ۾ ٻن قسمن جا پهاڪا آهن: (1) وقت تي يا اوُکي ويل پنهنجا مٽ مائٽ يا رشتيدار ئي ڪم ايندا آهن. جيئن تہ، رتُ وِنگو تہ بہ دانگيءَ ڏي وري. (2) اڄوڪي زماني ۾ اهڙو ماحول بڻيو آهي، جو مصيبت وقت پنهنجا بہ پراوا ٿي وڃن ٿا. مثال طور:

- مِٽن ڇڏيون مائٽيون، سڀَن ڇڏيو ساءُ،
اهڙو ڪو لڳو واءُ، جو پنهنجا پراوا ٿيا.
- سِر تي آئي، ڪونهي پائي.
- لنگهيا پَٽ، وِسريا مِٽ.

**هڪ ڪُٽنب جا ڀاتي:**

آڳاٽي دؤر کان وٺي ڀارتي سماج ۾ هڪ ڪٽنب گهڻو ڪري ڪنهن وڏي مرد جي هٿ هيٺ رهندو آيو آهي. اِن ڪري ڪٽنب ۾ ڏاڏي ۽ پيءُ کي مکيہ درجو حاصل ٿيل آهي. پيءُ تي سڀني ڪٽنب کي سنڀالڻ ۽ پالڻ جي جوابداري آهي. اِن تي چيل آهي، ”سنت اُهو جو گهاءُ

سهي، پيءُ اُهو جو بارُ سهي“. جيستائين پيءُ حيات آهي، تيستائين بارُ بي فڪر آهن. اِن ڪري چيل آهي، ”بابي جي بهار آهي.“ پر جيئن ئي پُٽ وڏو ٿئي ٿو ۽ ڪمائڻ لائق بڻجي ٿو ته هُو چاهي ٿو ته مان پنهنجي محنت ۽ هوشياريءَ سان ڪمايان ۽ پنهنجي پيرن تي بيهان. اِن تي ڪجهه چوڻيون آهن:

- ٻاپ جي ڪٽيءَ ۽ آپ جي ڪٽيءَ ۾ وڏو سنڌو.
- بابا جي گهر گهوڙا، مون کي کهڙا ٿورا.
- ابي جو ڏنو نه پري، رب جو ڏنو پري.

ڀارتي سماج ۾ ڪٽنب جي سرشتي ۾ پُٽ ۽ ڌيءَ جي وچ ۾ وڏو تفاوت اچي ويو آهي. عام طور هرڪو ماڻهو چاهي ٿو ته مون کي پٽ هجي. پٽ جي اهميت تي ڪجهه ڀاڪا ڏسو:

- پُٽُ پُٽيتيءَ سندو، ڏهاڙي ٻه هٿ وڌي.
- پُٽُ ڄائو ته مون ڄٽيو، ڌيءَ ڄائي ته تو ڄٽي.
- پٽ وڌيو ته سونُ وڌيو، ڌيءَ وڌي ته سُئڙي لڳي.
- ڪاڻائو پُٽُ ڪاڻو ٻه پلو.
- پُٽ وٽي ڪٽيءَ وارو، نُهن وٽي لڏيءَ واري.
- ڏُرو پُڪليو ماءُ پرين، ڌن پُڪليو جوءِ پرين،
  اچي ڪپڙين سَسُ پرين.

ويدن واري زماني کان وٺي ڀارتي سماج ۾ اها خواهش رهندي آئي آهي ته پُٽ کي جنم ڏيڻ سان ماڻهو 'پتر ترڻ' کان آزاد ٿئي ٿو. مطلب ته پُٽ پنهنجن ابن ڏاڏن کي 'پِنڊ دان' (وڏن پنيان خيرات) ڪري کين مطمئن ڪري ٿو. پُٽ جي ذريعي نسل جي روايت ٻه هلندي رهي ٿي. اِن تي چيل آهي، ”پُٽ ڄائي کان پوءِ پُٽ پڌري ٿئي ٿي.“ پُٽ وڏو ٿي ڪمائي پنهنجي ڪٽنب جي پالنا ۾ ٻه مدد ڪري ٿو. اِن ڪري ڪيس ڄڻ ته ڪٽنب جو سهارو ليکيو ويو آهي. ٻئي طرف ڀارتي سماج ۾ ڌيءَ جي جنم کي گهٽي قدر پسند نه ڪيو ويو آهي. اُن جو ڪارڻ ڪي سماجي ڪُرسمون ٻه آهن. اِنهن ۾

ڏيتي ليتي يا ڏاج جي رسم مکيہ آهي. پيءُ پنهنجي ڌيءَ کي شاديءَ ۾ ڏاج ڏيڻ لاءِ قرض کڻڻ کان بہ نہ ٿو کيٻائي. اِن تي چوڻي آهي، ”ابو گسي، ڌيءَ وسي.“ پر ڌيءَ جي شاديءَ کان پوءِ پڻ هو پريشانين کان آجو نہ ٿو ٿئي. جيڪڏهن هو پنهنجي ڌيءَ کي ڏِڻ وار (وڏن ڏهاڙن) تي ڪجهہ سوکڙيون يا مِنايون وغيره نہ ٿو موڪلي تہ ڌيءَ جي ساهورن ۾ گِلا ٿئي ٿي:

- سُجي اَبي جائي، ڇڄ ڇندبيندي آئي.
- سُجن اباڻن ڌوُڙ مرڪنِ ڌيئرون.

اِن ڪري ڇوڪريءَ جا ماءُ پيءُ وس پڄندي پنهنجن سيڻن کي يعني ڌيءَ جي ساهورن کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

- سيڻ آهن نيڻ.
- سيڻن جا ڳالهائين نيڻ، نہ ڪي ڏند.
- سيڻپو، ويڻپو، ويرپو.

اهڙيءَ حالت ۾ ماءُ پيءُ پنهنجي ڌيءَ کي هميشہ اها نصيحت ڏين ٿا تہ تون شادي بعد ساهورن جي پيٽ تي هلُ ۽ اُنهن کي خوش رک.

- ڌيئڙي سوڪرِ، جا ڏِنئہ ماءُ گهر،
  نُهنڙي سوڪَرِ، جا ڏنئہ سَسِ گهرِ.

سلڇڻي ڇوڪري پنهنجي وس آهر اِهائي ڪوشش ڪندي آهي تہ هوءَ پنهنجي سٺي هلت چلت مان ساهورن کي خوش رکي. ان سان نہ فقط هُن جي، پر سندس پيڪن جي بہ نيڪنامي ٿيندي:

- نوُنهن آهي ٻن گهرن جو ڏيئو،
  پيڪا بہ ٺاري تہ ماهرا بہ ٺاري.

پر ڪن حالتن ۾ جڏهن ڇوڪريءَ کي پنهنجن ساهرن ۾ تڪليفون سهڻيون پون ٿيون، تڏهن هوءَ لاچار ٿي چوي ٿي:

- ساهرُا آهرُا ٻاٻرا ڪندا،
- جو پاسو ورائي، ڇپ ڇپ ڪندا.

ڌيءُ جا پيڪا مائٽ به اهو سڀ مِنو ڪري ڀوڳين ٿا. هُو سمجهن ٿا ته جيڪڏهن سيٺن سان ڇپ پياسين ته پوءِ جهڳڙي کان سواءِ ٻيو ڪو نتيجو نه نڪرندو:

- جن کي ڏنيونسين ڇايون،
تن سان کهڙا سينا ساهيون.
- ڏني ڄائي، ته ڇُٽي وائي.
- جتي وڃاياسين وار، اتي ڪهڙا پار.

ساهرن جي اِنهن ڏُکن سُورن کي ڏيان ۾ رکندي ڪڏهن ڪڏهن ڪي ڇوڪريون اهو چاهين ٿيون ته اهڙي گهر ۾ شادي ٿئي، جتي سسُ سَهُرو نه هجن. مطلب ته ڇوڪري پاڻ ۽ سندس گهوٽ هجي:

- ڀڳوان تنهنجو ٿورو، مڙس ڏجانئيم ڇورو.

ان ۾ شڪ ناهي ته ڀارت جي هندو سماج ۾ ڌيءُ کي نياڻي ۽ ديويءُ جو روپ سمجهيو وڃي ٿو. ان تي چوڻيون آهن:

- ڌيءُ گهر جي لڇمي آهي.
- نامُراد پٽ کان ڌيءُ به چڱي.
- ڪپوٽ پٽ کان سپوٽ ڌيءُ ڀلي.
- پيئِيءُ ليئِيءُ ڌيءُ ڪم اچي.

پر ان سان گڏي ماءُ پيءُ اهو به سوچين ٿا ته ”ڌيئرون پرائو ڌن آهن.“ يعني ڪين شادي ڪرائي ساهورن ۾ موڪلڻو آهي. اها خواهش ڀارتي سماج ۾ اڳاٽي وقت کان وٺي هلندي پيئي اچي. ”اڀي گيانَ شاڪُنتلم“ ۾ ڪوي ڪاليداس ’شڪنتلا‘ لاءِ چيو آهي، ”ارٿو هِ ڪنيا پرڪِييہَ ايوَ“ يعني ڌيءُ پرائو ڌن آهي، جنهن کي اسان امانت طور سنڀاليون ٿا.

انهيءُ قديمي خواهش ۾ اڄ ڪالهه جي زماني ۾ گهڻو فرق اچي ويو آهي. هاڻي ڇوڪريون به سماج جي جدا جدا ميدانن ۾ ڇوڪرن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪري رهيون آهن، نه فقط ايترو، پر ڪيترين ڳالهين ۾ اُهي مردن کان به اڳتي نڪري ويون آهن. اڄ ڪالهه جي سماج ۾ ناريءَ جو ڪردار پاڻ وڌيڪ اهم ليکيو وڃي ٿو.

گڏيل ڪٽنب ۾ ڏيراڻين جي وچ ۾ رشتو گهڻو ڪري سڪ پريم وارو نه رهيو آهي. اِن جي جهلڪ اسان کي گهڻين ئي چوڻين ۾ ملي ٿي:

- ڪِني ڪِني، پر ڏيراڻيءَ نه ڏني.
- ڏيراڻيون، توڙ جون ويرياڻيون.
- گُهرِ پيو ڏيرپو، جنهن وڃايو پيٽپو.
- ڏيهُ چوي، ڏيراڻي نه چوي.
- جرُ نئينس، جيڏي نئينس، پر ڏيراڻي نه نئينس.

ڪٽنبي زندگي ۽ رشتن ناتن متعلق چوڻيون سنڌيءَ ۾ گهڻي تعداد ۾ ملن ٿيون. اُنهن سڀني کي جيڪڏهن هِتي ڏبو ته وڏو ڪتاب ٺهي ويندو. اِن ڪري هتي فقط ڪجهه ٻيون چوندڙ چوَڻيون ڏجن ٿيون:

- پُٽ وڏي پيءُ جي ڪرمن ڪري،
  ڪيتي وڏي پنهنجي ڪرمن ڪري.
- پرائي پُٽ کان ٻهاڃ جو پُٽ ڀلو.
- پٽ کي مار سان، ڌيءَ کي پيار سان سُڌارجي.
- سِڪي- لڏو پُٽُ چريو يا چُتوُ.
- پُٽُ ڪُپُٽُ پينگهي ۾ ئي پڌرو.
- پُٽ ٿي گڏار ته سگهوئي پيءُ ٿين.
- پُٽُ ٻنيهه لڇڻو، موچڙو چٽيهه لڇڻو.

## نندڙا ٻار

- نندڙو ٻار، مُڇ جو وارُ، جيڏانهن وارءِ تيڏانهن وري.
- ٻار ٻاروتن ۾ ئي پڌرو.
- ٻارُ ۽ ڪُتو، لڏپلاڻ ۾ خوش.
- ڇوڪر ڇتيءَ ذات جا، پوُن پوُن ڪن پڳت ۾.
- اَنگلي ٻار گهر جي سونهن.
- ٻار اڪ کان پري ٿيو ته ڪريو.

- ٻار ڇُريو تہ گهر ڦُريو.
- ٻار ٻار ٿي ڇُٽندو.

**ڀائر**

- ڀائر ڪوٽ جا ڪُنگر، پُٽ گهر جي سُونهن،
  ويٺا ڪن وِروُنهن، ڏچڻُ ڏوران ئي ڏري.
- ڀہ ڀائر، ٽيون ليکو.
- ڀائرن ڀاڱا لهڻا.
- ڀاءُ مِٽ، ڀاڄائي ساهيڙي.
- ڀاءُ آهي ڀاءُ، پر جي ٿِئي ويري تہ ڪڍي ساهُ.
- ڀائر وڙهيا ڀہ ويري نہ ڇڏجن.
- ڏُکو ڪٺجي ڀاءُ لڳ، شاهدي ڏجي الله لڳ.

**ناني (ڄاڻو، نياڻو)**

- پٽ پيٽئون، ناني اڪيئون.
- ڄاڻا اُبتا ڏاڻا، هِتي ڪاٽِي اُڦڙاڻا، هُتي وجي ڦاڻا.
- ڄاڻي وڻُ هڪڙو، ڄاڻي وَڻ ٽيهہ،
  شال نہ ڄمي ڌيءُ، جا ڏجي پرائي پُٽ کي.
- ناني آهي ڪاٽي، پيو هر هر ڇُپي.
- ڌيءُ پيڪي گهر جي ڏاڻُ، ناني ساهري گهر جو ڪتو.

<u>پيٽيو، هيٺ ڏنل پهاڪا:</u>

- جاماتا دشمو گرهہ. (ناني ڏهُون گرهہ آهي.)
- دؤر جوائي ڦول برابر، ڳانوَ جوائي آدو،
  گهر جوائي گڏي برابر، من آوئي جيوُن لادؤ.
  (راجستاني)

**ٻيءِ جي شادي**

- ٻريو مڙس ٻئي نہ ڪجي، وجائجي نہ وهي،
  ڪٺڪن ۾ لاٻارا ٻوندا، تہ ماريو ٻوندو ٻهي.

- مڙس پوڙهو، زال جوان،
- تنهن کي ڄاڻج ڪڪ جو ڪانُ.

## ناري جاتي (عورت ذات) متعلق پهاڪا:

ڀارت جي سماج ۾ ناريءَ کي عام طور سان گهڻو مانُ ڏنو ويو آهي. پر ڪي چوڻيون اهڙيون به آهن، جن ۾ ڪيس ننديو به ويو آهي. سنڌيءَ ۾ اسان کي ٻنهي قسمن جون چوڻيون ملن ٿيون.

**ماءُ**

- ٻي مُندو بهارُ، ملي ماتا جي گود ۾.
- ماءُ سا ماءُ، ٻيو سڀ دنيا جو واءُ،
  ماسي ٿئي نہ ماءُ، توڙي ڪڍي ڏئي ساهہ.
- ماءُ ماريندي، پر مارائيندي ڪانہ.
- ماءُ ڏسي پيٽ، زال ڏسي ڪيسا.
- ماءُ ڄٽيندي پٽڙا، ڀاڳ نہ ڏيندي ونڊ.
- ماءُ جي دل مکڻُ، اولاد جي دل ڪَنِڻُ.
- اڻگهريو ماءُ بہ ٻار کي نہ ڌارائي.

**ماٽيلي ماءُ**

- ماٽيلي ماءُ، اُس جو تاءُ، ڪڏي ٻارن جو ساهُ.
- اونهاري جي لُڪ، ماٽيلي ماءُ جي مُڪ،
  انڌي جي ٺڪُ، جاتي لاڳي تاتي سُڪ.

**سَسُ ۽ نُنهن**

- سس جا سؤ ڏينهن، تہ نُهن جو بہ هڪ ڏينهن.
- سس ري نہ ساهُرا، ساليءَ ري نہ نينهن،
  چنڊ ري نہ راتڙي، سج ري نہ ڏينهن.
- نُنهن آهي ٻن گهرن جي ڏيئو،
  پيڪا بہ ٺاري تہ ساهرا بہ ٺاري.
- نُنهن سيڪو ٻئي جي ساراهي،

ڏيءُ سڀ ڪو پنهنجي.

- ڏڪُ هڻُ ڏيءَ کي ته سِکي نُهن.
- پُڄي نه ٿي پيءُ سان پٽي ٿي پيڪا.
- پڳيءَ ٻانهن جا نه ساهُرا نه پيڪا.

**سالو ۽ سالي**

- سالا شينهن کي به پيارا آهن.
- سالا پِٽ جا آلا.

جيڪڏهن سالو پنهنجي ڀيڻويي جي گهر اچي رهيو ته ان مان ڪلهه پيدا ٿيندي ۽ هوُ ڀيڻ جي گهر کي نقصان رسائيندو. ڀيٽيو: گهر ۾ سالا، ديوار ۾ آلا. (هندي)

- سالا ڪائين، ساليون ڪائين، واهه مارئي جي ڪٽي،
  ڀائر ڪائين، ڀينرون ڪائين، ڀيئي مارئي تي چٽي.
- سالي، آڌي گهر والي.

**زال ۽ مڙس**

- زالون ڀولڙن کي به پياريون آهن.
- روٽي ته موٽي، زال ته چوٽي، ڀنگ ته گهوٽي.
- نِڪرُ ونجي ته نوڪي ونجي،
  جوءِ ونجي ته ڳولهي ونجي.
- نئين ڪنوار نَوَ ڏينهن، لٽي پٽي ڏهه ڏينهن.
- لوڪ ليکي چري ڪري، مڙس ليکي حُور،
  جٺي ڏنائينس پٽڙا، لهي ويس سُور.
- پتي پتني هڪ گاڏيءَ جا ٻه ڦيٿا آهن.

**شادي:**

- جاءِ چوي جوڙائي ڏس، شادي چوي وڃائي ڏس.
- قرضن جا ڪوٽ ڪٽي، چوٽ چاڙهيائين چلها،
  چاچي ماچي کائي هليا، اُتس آئي ڳِلا.

سنڌيءَ ۾ پُٽ جي شاديءَ بابت بہ ڪجھ پهاڪا ملن ٿا. اِنهن ۾ ڪٽنب جي وهنوار تي بہ ڪجھ روشني پوي ٿي:

- انگ اڙيو، ڇوڪرو ڪريو.
- پُٽ پرڻيو، معنيٰ پر نِيو.
- ڄائو پُٽ، لٿي سِڪ، پرڻيو پُٽ، پيئي ڀِڪ.
- پُٽ تہ تيسين جيسين جوءِ نہ ملي اٿس،
  پر ڌيءَ هميشہ ڌيءَ آهي.
- مڱيو تہ اڙيو، پرڻيو تہ پيو ڪاٽ،
  ماٺهو ڪريو ماٽ، مُڙس بہ ويو تہ پئسا بہ ويا.
- مڱيو تہ ويو ملڪ ڪان،
  پرڻيو تہ ويو ماءُ پيءُ ڪان،
  ڄائس ٻار تہ ويو پاڻ ڪان.

سنڌيءَ ۾ وڏي عمر ۾ شادي ڪرڻ ڪي سُنو نہ ليکيو ويو آهي. ان تي ڪجھ پهاڪا هِن ريت آهن:

- اچي ڏاڙهي، اٿو خراب.
- پيريءَ جي شادي آهي خيراتي ڪوھ ڪوٽڻ.
- پيريءَ جي شادي آهي مساڻن سان شادي.
- پريو مڙس پيءُ نہ ڪجي، وجائجي نہ وهي،
  ڪٽڪن ۾ لابارا پوندا، تہ ماريو پوندو ڍهي.
- ميان گور لائق، بيبي سيج لائق. (گور=قبر)
- مڙس پوڙهو، زال جوان،
  تنهن ڪي ڄاڻج ڪک جو ڪانُ.

ڪنهن عورت جي جيڪڏهن وڏي عمر ۾ شادي ٿئي ٿي تہ اُن تي هڪ چوٽي آهي:

- سِڪي سڪي مڙس ڪيائون، ٻي جا ٻڌائون سڳي،
  اڳي ڪاڏائون ٿي لوڙھ مڇي، هاڻي لُڏڻ لڳي.

ڪو مرد جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪري ٿو يعني جنهن جي گهر ۾ ڀاڄون آهن ته اِن ريت کي سُهڻو نه ليکيو ويو آهي. اِن تي چوڻي آهي:

- ٻن ونين جو ورُ، تَنهن جو مساڻن ۾ گهر.

ڀاڄ جي رشتي تي ڪجهه چوڻيون هن ريت آهن:

- ڀاڄ خاطر وِهُ ٿي کائي.
- اٽسرنديءَ ڀاڄ پيڪي.
- پرائي پُٽ کان ڀاڄ جو پُٽ ڀلو.

سنڌيءَ سماج ۾ ڪنوٽيءَ جي رسم به موجود آهي. اِن مطابق جنهن گهر ۾ ڌيءَ جي شادي ڪجي ٿي، انهيءَ گهر مان وري پنهنجي پُٽ لاءِ ڇوڪري ورتي ويندي آهي. اِنهيءَ رسم کي 'بدي جي رسم' به چوندا آهن. گهٽ‌وڪري نيات، برادري ۾ سوڙهه هئڻ جي ڪري ماڻهو ڪنوٽيءَ جي شادي قبول ڪندا آهن. عام طور ان کي سٺو نه ليکيو ويندو آهي. ان تي چوڻي آهي:

- ڪنوَٽي، وهه جي وٽي.

**ڏاڏاڻا ۽ ناناڻا:**

- ڪائي ٻي ڏوهٽا، ڪونبا ڏاڏي پوٽا.
- ڏوهٽا وڏندي جا ويري.
- ناناڻن جي اڳيان ڏاڏاڻا ٿا ساراهين.
- ناني رڌڻ واري، ڏوهٽا کائڻ وارا.
- ناني نوڙي، جتي ڪتي پُوري.
- ڏوهٽي ٿي نانيءَ کي سمهڻ سيکاري.
- ناناڻي گهر وڃان، نڪر نوڀر پَچان.
- ماءُ مُئي کان پوءِ وڃ مَ ناناڻي،
نه مامو مِٽ ڪري، نه مامي سُڃاڻي.
- ماما پنهنجا ماميون پرايون،
- اُپ مان نڪتيون سونيون سرايون.

ناري:

ڀارتي سماج ۾ جتي ناري کي پوڄڻ لائق ۽ ديوي سمان ليکيو ويو آهي، اُتي ٻئي طرف هُن جي گهٽتائي يا گلا ۾ به گهٽيئي چوڻيون ملن ٿيون. سنڌيءَ ۾ به اهڙيون چوڻيون گهٽيئي آهن. مثال طور:

- عورت جو عقل ڏائي کُڙيءَ ۾،
سانجهيءَ کان پوءِ اُهو به گُم.
- جوءِ پير جي جُتي آهي.
- عورت کي نکُ نہ هجي تہ گُونهُن کائي.
- زر، زمين، زن، ٽيئي جهڳڙي جو گهرُ.
- زر، زمين، جورُو، هٿان مَ ڇڏِ.
متان ٻيو مالڪ ڪنِ.
- ڍور، گنوار، شوُدر، پَشوُ، ناري (شودرن جي عورت)
يہ سب تاڙن ڪي اَڌِڪاري.
- ترِيا چَرت جاني نہ ڪوءِ، کُسم مارڪي ستي هوءِ.
رنُن ربُ رلايو، تہ ڏاڙهيُن ڪهڙا ڏ ''؟
مرد رُلي تہ کُلي، رن رُلي تہ ڇُلي.
- رن زال آهي اُگهاڙي کُني برابر.
- زال ذات کي اُٺندي بہ موچڙو، ويهندي بہ موچڙو.
- ڪلالُ، دلالُ ۽ ڪچري، اهي ٽيئي پئسي جا يار.

ناريءَ بابت اِهو سوچ جو انداز ڀارتي ادب ۾ آڳاٽي دؤر کان وٺي هلندو آيو آهي. مثال طور، سنسڪرت ادب ۾ جتي عورت لاءِ چيو ويو ـ آهي: "يتر ناريَستُ پوُجينتي، رَمَنتي تتر ديوتاهَ." (جتي ناريءَ جي پوڄا ٿئي ٿي، اُتي ديوتائن جو نواس ٿئي ٿو.) پر ٻئي طرف اِهو بہ چيو ويو آهي تہ ناري ٿي جي سهاري آهي. هُن کي جيئڻ لاءِ هميشہ ڪنهن مرد جو سهارو کپي:

- پتا رکشتِ ڪؤماري، ڀَرتا رکشتِ يؤوَن،
پُترو رکشتِ وارڌڪيي، نہ اِستري سواتنتريم اَرهتِ.

ڇوڪري جڏهن ڪنواري يا اڻ پرڻيل آهي، تڏهن پيءُ سندس سنڀال ڪري ٿو ۽ جڏهن هُن جي شادي ٿي وڃي ٿي ته پوءِ هُن جو مڙس سندس سنڀال ڪري ٿو. جڏهن هوءِ ٻُڍي ٿي وڃي ٿي ته پوءِ پُٽ سندس سنڀال ڪري ٿو. اِن طرح پارتي سماج ۾ ناريءَ کي ڪڏهن به آزادي نه ٿي ملي. هوءِ هميشه ٻئي جي سهاري پنهنجي زندگي گذاري ٿي.

**پاڙو ۽ پاڙيسري:**

ڪٽنب کان پوءِ سماج ۾ پاڙي ۽ پاڙي وارن کي به گهڻي اهميت ڏني ويئي آهي. اِن تي ڪجھ چوڻيون هن ريت آهن:

- سؤ ڏيئي پاڙو وٺجي، سؤ ڏيئي پاڙو ڇڏجي.
- پاڙو ابو امان آهي.
- پاڙو نبين کي به پيارو.

## 5.6 ڌرم ۽ زندگيءَ متعلق پهاڪا

عام لوڪن جي ڌرم (مذهب)، ايشور (پالڻهار) جي هستي ۽ زندگيءَ ۾ وهنوار متعلق گهڻيئي پهاڪا ملن ٿا. اِن ۾ شڪ نه آهي ته اِنهن ۾ گهڻيون مچتائون ۽ اعتقاد (Folk beliefs) ڌرمي گرنٿن (Religions books) ۽ شاسترن ۾ بيان ڪيل فڪري رُخن کان متاثر ٿيل آهن. پر اُنهن سان گڏ لوڪن جا تجربا به اهڙن پهاڪن جو بنياد آهن. هِتي اهڙن موضوعن سان واسطو رکندڙ چوند پهاڪا ڏجن ٿا.

### ايشور يا ڌڻي سائينءَ متعلق پهاڪا:

سيني ٻولين ۾ ايشور يا پرماتما ڌڻي سائين جي هستيءَ ۾ ويساھ يا يقين رکندڙ پهاڪا ملن ٿا. درشن شاسترن يعني فلسفيانه ڪتابن ۾ 'چار واڪ' ۽ ڪن ٻين فلسفين پرماتما جي هستيءَ کي قبول نه ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح سوچ ويچار ۽ غور فڪر جي ارتقا ڪري ڪيترائي ماڻهو ناستڪ (پهريان الله جي هستي کان انڪاري) بڻيا آهن. هوُ خلقڻهار کي نه ٿا مڃين، پر پهاڪن جي دنيا ۾ سنڌيءَ ۾ ناستڪ (الله جي هستي کان انڪاري) ويچار ڌارائن وارو هڪ به

پهاڪو مون کي نظر نہ آيو آهي. عام لوڪن جو اُپائڻهار ۾ مڪمل يقين آهي. هتي ڪجهہ پهاڪا اِن باري ۾ پيش ڪجن ٿا:

- ڪَڻ ڪَڻ ۾ ڀڳوان آهي.
- جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامُهون.
- ڪِولِيءَ کي ڪَڻُ، هاٿي کي مڻُ.
- سِرِ سِرِ رزقُ سنباهي ٺاڪُر.
- عيبن ڪان آجو هڪُ الله.
- راکي رام تہ ماري ڪؤن؟
- الله ڏئي، بندو سهي.
- ڀڳوان جڏهن ڏئي تہ ڇپر ڦاڙي بہ ڏئي.
- ڀڳوان جي گهر دير آهي، پر انڌير ناهي.
- ڀڳوان جي پاڻي تي راضي رهجي.
- واڳ ڏڻيءَ جي وس، آئون ڪا پاڻ وهيڻي.

اِن ۾ شڪ ناهي تہ پرماتما (اُپائڻهار) جي هستيءَ جو مکيہ ڪارڻ انسان جي دل جي خواهش آهي. اِن ڪري ئي انسان پٿرن ۾، مورتين ۾ ۽ سپني هنڌن تي ايشور جي هستيءَ جو انڀو (تجربو) ڪري ٿو. اِن تي هڪ سنسڪرت شلوڪ ۾ چيل آهي:

- نَ ڪاشٺي وديتي ديوو، نہ شِلايان نَ مرڻميي،
  ڀاوي هِ وِديَتي ديوستسمات ڀاوو هِ ڪارڻم.

مطلب تہ پرماتما ڪاٺ، پٿر، مٽيءَ جي مورتيءَ ۾ نہ آهي، پر اُهو انسان جي من جي ڀاونا (خواهش يا احساس) شرڌا (عقيدت) ۾ نہ آهي، پر انسان جي من جي ڀاونا يعني احساس، شرڌا يعني عقيدت ۾ رهي ٿو. انهيءَ ويچار کي ظاهر ڪندڙ هي پهاڪا ڏسو:

- سچي دل تي صاحب راضي.
- ڪاشي ڪا ڪنڪر، وه ڀي شنڪر.
- مانِئي تو ديوَ، نهين پينت ڪو ليوَ (راجسٿاني)
- مانَلا تَرَ ديوَ، ناهين تر دگڙ. (مراٺي)

- ماٺ ت ديو، نا تہ پٿر. (ڀوجپوري)
- جاڳي رهي ڀاونا جئسي، ڀرڀو مورت ديکي تن تئسي.

## قسمت يا ڀاڳ ۾ ويساهہ:

سنسڪرت جي درشن گرنٿن يعني فلسفانہ ڪتابن ۾ ڀاڳيواد يا ڀاڳ ۾ يقين رکڻ واري نظريي کي بہ گهڻن مڃيو آهي. اِن جو تمام گهڻو اثر ڀارت جي سماج تي پيو آهي. پوُروَ جنمن جي ڪرمن (گذريل جنمن جي عملن) جو ڦلُ انسان کي هن جنم ۾ ڀوڳڻو پوي ٿو. چوراسي لک جوڻين (جنمن) جو چڪر آهي، جنهن مان آتما کي لنگهڻو پوي ٿو. هُو چاهي ڪيتري بہ ڪوشش ڪري تہ بہ ڀاڳ يا تقدير ۾ جيڪو لکيل آهي، تنهن کي مٽائي نہ سگهندو. هر ٻوليءَ جي پهاڪن ۾ اِنهن ڀاونائن (احساس) وارا گهڻيئي پهاڪا ملن ٿا. هتي سنڌي پهاڪن جا ڪجهہ مثال ڏسو:

- سڀ ان جَلَ جي اختيار آهي.
- تقدير اڳيان ڪهڙي تدبير؟
- جيڪي هوندو ڀاڳ ۾، سو وهي پوندو ڀاڳ ۾.
- ڪنهن جي ڀاڳَ سان ڪا ريس؟
- روپ روئي، ڪرم کائي.
- سونهن سِڪي، سَنت کائي.
- لکيو منجهہ للاٽ، قلم ڪياڙي نہ وهي.
- ڪرم هيڻ ڪيتي ڪري، بلد مري يا ٽوٽا پڙي.
- ڀاڙي وڏي ٻلوان، ڪنهن تان ڪين ٽري.
- ڪرم ۾ لکيا ڪنڪر، تہ ڇوءِ چا ڪري شِو شنڪر.
- ڇا جي ڏِنگا ڏير، منهنجو ڏينهن ڏِنگوم ٿئي.
- ڀاڳ ڏئي ڀيڙو تہ دال مان سيرو.
- ڀاڳ ڏئي دٻ تہ دال مان رٻ.
- ڪرمن جو ڦل سڀ کي ڀوڳڻو آهي.

- بختاورن جا ڍڳا بہ وِيامن،
كمبختن جون ڍڳيون بہ نہ ويامن.

ڀاڳ يا مقدر ۾ اڻٽُٽ ويساهہ هوندي پڻ پهاڪن ۾ انسان کي اها بہ صلاح ڏني ويئي آهي تہ هوُ ڀاڳ تي نہ ڀاڙي، پر ڪنهن بہ ڪم کي پورو ڪرڻ لاءِ اُدم ضرور ڪري. اِن تي ڪجهہ پهاڪا ڏسو:

- اُدم ڪي پر آهن.
- آپ نہ مريئي، سرڳ نہ جائيي.
- اپني گهوٽ تہ نشا ٿيويئي.

## دنيا چئن ڏينهن جو چٽڪو:

شنڪر آچاريہ جي ويدانت مَت جو ڀارتي سماج جي سوچ ويچار تي گهڻو اثر آهي. اِن موجب هن سنسار کي نَشور يعني ناسُ ٿيندڙ ليکيو ويو آهي. هيءَ دنيا مايا جو کيل آهي. اِنهن ويچارن تي ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

- ڪوڏر ۽ ڪاني، آهي سر سڀ ڪنهين.
- ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهن مڙهہ مقام ۾.
- واري سندو ڪوٽ، اڏي اڏبو ڪيترو.
- ماڪ جي قطري جيان، زندگي ٿي انسان جي.
- گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا.

## ڌن دولت جي اهميت:

سماج جو اقتصادي سرشتو جيڪڏهن مضبوط آهي تہ اُهو سماج ترقي ڪندو، اُن جا ماڻهو سُکي زندگي گذاري سگهندا. اِن ڪري آڳاٽي وقت کان وٺي عوام ڌن يا ناڻي جي هئڻ کي تمام گهڻي اهميت ڏني آهي، جيڪو شاهوڪار آهي، اُهو سماج ۾ طاقتور بہ بڻجي وڃي ٿو. غريب ۽ گهُرجائو ماڻهو سندس در تي وڃي پنهنجو هٿ ٽنگين ٿا ۽ هُن جي خوشامد بہ ڪن ٿا. سنڌيءَ ۾ ٻين ٻولين وانگر ناڻي جي اهميت بابت گهڻيئي پهاڪا ملن ٿا. سماج ۾ ناڻي جي ڪيتري اهميت ۽ ضرورت آهي، اِن باري ۾ ڪجهہ پهاڪا ڏسو:

- اُٺُ بہ ناڻو، ويهڙ بہ ناڻو، ناڻي بنا نرُ ويڳاڻو.
- پير عيسيٰ، پير موسيٰ، ٻڙا پير پئسا.
- شاهوڪار جو ٽِڪُ بہ ڪستوري.
- پيءُ سندس پيهون ڪُٽيون، ڏاڏي سندس ڏاٽا،
اڳي پُڇيائون ٿي ذات پات، هاڻي پُڇن ٿا ناڻا.
- ناڻو نر بہ چُتو ڪري.
- ناڻو سو جو ڳنڍِ، واڻي سا جا ڪنڌ.
- ڏن وجي ڏن ڏي.
- زر بسيار تہ عشق نهہ پهہ، زر نيست تہ عشق پُون پُون.
- جيڪو ڪري ناڻو، سو نہ ڪري راڻو.
- جيڪو ڪري ڪلدار، سو نہ ڪري ڪرتار.
- شاهوڪاري ٻار، چريو يا چُتو.
- لڇمي، ڪُلڇڻ ڍڪڻي.
- شاهوڪار جو سالو بہ سڀ ڪو سڏائي،
غريب جو پيٽڙيو بہ ڪونہ سڏائي.
- دولت نهن کان ماسُ وڇوڙي.

سيني پارتي ٻولين ۾ ناڻي جي اهميت جي باري ۾ ججهي تعداد ۾ پهاڪا ملن ٿا. سنسڪرت ٻولي بہ اِن کان ٻچيل نہ آهي:

- يَسياسِتَ وِتن سَ نرهَ ڪُلين هَ،
سَ پنڊِت هَ سَ شرُتِ مان گُڻگيَ هَ.
سَ ايوَ وَڪتا سَ چَ درشنِييَ،
سروي گُڻاهَ ڪانچنماشتريِنتي.

مطلب تہ جنهن وٽ ناڻو آهي، اُهو ماڻهو خانداني آهي، اُهو پنڊت، ويدن جو ڄاڻو ۽ گُڻوانُ آهي. اُهوئي سُٺو ڳالهائيندڙ ۽ خوبصورت آهي. سڀئي گُڻ سون جو سهارو وٺن ٿا.

- ٽڪا ڌرم ٽڪا ڪرم، ٽڪا هي پرم تَپَ هه،
يَسيہ گيهي ٽڪا ناسِتَ، سَ نرهَ ٽڪٽڪايَتي.

يعني ٽڪو ئي ڌرم آهي، ٽڪوئي ڪرم آهي، ٽڪو ئي وڏي ۾ وڏو تپسيا (عبادت) آهي. جنهن گهر ۾ ٽڪو ناهي، اُهو ماڻهو ڪوڪلو آهي ۽ خالي دٻي وانگر ڪڙ ڪڙ ڪندو آهي. مطلب تہ ٽڪي يعني ناڻي جي بنا ماڻهوءَ جي پنهنجي سماج ۾ ڪابہ اهميت نہ آهي.

ٻئي طرف زندگيءَ ۾ انسان اِهو بہ محسوس ڪيو آهي تہ پئسو ئي سڀ ڪجهہ نہ آهي. اِن ڪري پئسي جي موهہ ۾ ڦاسي اُن ڪي پنهنجو ايمان ۽ ڌرم وڃائڻ نہ کپي. اهڙن ويچارن تي ڪجهہ پهاڪا ڏسو:

- مايا اڇٽي وڃٽي آهي.
- مايا اچي تہ انڌو ڪري، وڃي تہ چيلهہ ڀڃي.
- مايا ڇَلِٽي آهي.
- پاپ ڪِي مايا پراچِت جاءِ.
- نانءُ مردان، ڏنَ آوي جاوي.
- ناڻا گهوريا سِرن تان، سِر گهوريا شرمن تان.
- پيسو آهي ڏوڙ، ڏوڙ پيسي جي مُنهن ۾.

## لوڪ ۾ وهنوار ۽ اخلاقي قول:

زندگيءَ ۾ انسان پنهنجي شخصي تجربن مان گهٽيئي ڳالهيون سِکي ٿو تہ زندگي ڪيئن گذارجي، زندگيءَ ۾ ٻين سان هلت چلت ۽ وهنوار ڪيئن ڪجي. اِن تي گهٽيئي چوٽيون ملن ٿيون، جيڪي قولن وانگر عام آهن. اُنهن جا هتي ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

- انسان خطا جو گهر آهي.
- سچ تہ بيٺو نچُ.
- جهڙي ڪرٽي تهڙي ڀرٽي.
- ٻہ تہ ٻارهن.
- ڏاڍي جي لٺِ ڪي ٻہ مٿا.
- انسان ڪٿهن ٻَريءَ ۾ تہ ڪٿهن ڀاڪُر ۾.
- سچ ٻہ ڀاڄا.

- انسان کي زندگيءَ ۾ سک ۽ ڏک، ٻئي ملن ٿا.
- واڻيو پنج نہ سهي، پنجاهہ سهي.
- واڻيو مور نہ ساري، وياج ساري.
- وياجُ نہ ڏسي ڏينهن نہ رات.
- وياجُ سُورتي گهوڙو آهي.
- اڄ روڪڙ، سڀاڻي اوڌر.
- ٿورئي ڪٽئي گهڻي برڪت.
- قرض جهڙو ٻيو مرض ئي ناهي.
- قرض ڪوڙهہ جو ٽِڪو آهي.
- پوءِ ڀائي کان قرض نہ ڪڍجي، توڻي لک لٽائي.
- پَتِ نَهن تي پاڻي آهي.
- ٻاليتو نہ ماليتو.
- جهڙو اَنُ، تهڙو منُ.
- اڄ جو ڪم سڀاڻي تي نہ وجهجي.
- منُ نہ ٿيو مسلمان، ڪلمو پڙهيو تہ ڇا ٿيو.
- اندر ڏوتو ناهي، ڌوئي ٿو ڌاڳا.
- زبان شيرين، ملڪگيري.
- ڪچيءَ ڪنا نہ وريا تہ پڪيءَ ڇا وريندا؟
- ڪمُ، ڪمَ کي سيکاري.
- سنگُ تاري ڪُسنگُ ٻوڙي.
- نَهن سان ڇڄي تہ ڪاتي ڇو هڻجي؟
- سوڙهي سِياندريءَ وهنوار نہ ڪجي.
- صبرُ جِنين جي سير، تير نہ ڳُسي تِن جو.

### 5.7 ٻين موضوعن تي چوند پهاڪا

هتي جن مکيہ موضوعن تي پهاڪا ڏنا ويا آهن، اُنهن کان سواءِ ٻيا بہ گهڻي ئي ننڍا ننڍا نُڪتا آهن، جن تي پهاڪا- چوڻيون چيل آهن. هتي انهن جا ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا.

ٻولي ۽ سِکيا

- ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي.
- لاڙ جو پڙهيو، سِري جو ڍڳو.

(لاڙ يعني ڏکڻ سنڌ جو پڙهيل ماڻهو سِري يعني اُتر سنڌ جي ڍڳي جي برابر آهي.)

- واڻڪا اکر ٻُنا، سُڪا تہ پڙهڻ کان ڇُٽا.
- جهڙي سٽِ، تهڙيون ٿي ويهُون.
- سنڌي ٻوليءَ کي ٻہ وڙ آهن.

(مطلب تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي جملن جون ٻہ- ٻہ، ٽي- ٽي معنائون نڪرنديون آهن.)

- لِکي لکانو، واچي خدانو.
- لِکي لالوُ، واچي واتوُ.
- مُغلن آئي فارسي وسري وجي.
- ٻارهين ڪوهين ٻولي ڦِري، ڦري واهڻ جي واٽ، ڏينهن گذرئي وار ڦِرن، ڦِري نہ عادتيءَ آٽ.
- پَڙهي فارسي، وڪڻي ڪڙُ تيل، ڏسو هِي قسمت جو کيل.
- فارسي، گهوڙي چاڙهسي.
- عالمُ اُهو جو عامل هجي.

يعني جيڪي پَڙهي لکي ٿو، اُن تي عمل بہ ڪري.

- لکندين پڙهندين تہ ٿيندين نواب، رُلندين پنندين تہ ٿيندين خراب.
- وِديا ڪنٺِ، ناڻو ڳنڍِ، استري سنگِ.

صحت يا تندرستي:

- اکِ ڦٽُ ٻَدڙُ، ليسُ تپُ لنگهڻُ.
- اگهي شاهوڪار کان سگهو غريب ڀلو.
- يَڪ تندرستي، هزار نعمت.

- ٺنڊا ڪاوي، گرم ناهوي، آڌ ڪوس پر جنگل جاوي،
  اُس ڪي دمڙي ويديہ نہ ڪاوي.
- ڪاڪر مُوتئي سووئي وام، اُس ڪو ڪيي نہ وئد سي ڪام.
- سگھو ڪائي اَنُ، اگھو ڪائي ڌنُ.
- واتُ آهي اڌُ حڪيمُ.
- وات تہ آهي مُئِي، نہ تہ آهي پُئِي.
- مرض اچي گھوڙي وانگر، وڃي جوُئن وانگر.
- مَنُ دُرست، تہ تنُ دُرست.
- پيٽ صاف، بيماري معاف.
- نيم نانَ، صحت جان.
- نيم حڪيم، خطره جان.
- حڪيم جو يار، سدائين بيمار.
- ڪائي هنگايو، سو نہ ڊايو.
- ڪائي هنگايو، سڀ ڪجهہ وڃايو.
- گھٽِ ڪائڻ ۽ غم ڪائڻ، ٻئي ڀلا.
- ٿوري گرهين گھڻو ڪائجي.

**جيوتش يا علم نجوم ۾ يقين**

- ٻينو، سُک نہ وينو.
- ٻيٺي، سک نہ ويٺي.

(يعني ٻيٺ جي مهيني ۾ ڄاول ٻار پنهنجي زندگيءَ ۾ گھڻا لاها چاڙها ڏسندو آهي.)

- ٻُڌِ سِڌِ.

(ٻڌر وار يعني اربع ڏينهن تي ڪيل ڪم پورو ٿيندو آهي).

- پير ۾ ڇنڇر اٿس.

(مطلب تہ هُو ڀٽڪندو ٿو رهي.)

- چوٿون چندرما اٿس.

(يعني پاڻ ۾ وير ياءُ اٿبٺت اٿن).

- جنهن جي ڇاتيءَ تي نہ وار، تنهن تي ناهي اعتبار.

**هندن جي اخلاقيات ۽ ريتون***

- ڳُڙ جيرو کائي، پُٽن ماءُ نتُ ويائي.
- ڇِڪ مُنجهي تہ سچ ڏي نهارجي.
- ڇُٽو ڇڪوُن ڏيئي، لنگهيو لک سيپئي.
- آگون آگون ڪري هاٽي، وار ڪُتا اٿس ماٿهين.
- ڪُتو بہ ان کي ڏاڙهي تہ موچڙا بہ اُن کي لڳن.
- سَتي نہ چڙهي ڏاگهہ تہ ٿئي ڪتن هاب.
- لاڪا لهراٽي لهر بحر جا سائين.
- جوتِ ٻري، ٽِڪرُ ٽري.
- سنجها جا سائين، ٻيڙا ٻني لائين.
- جَلُ پيو، پاپ ويو.
- برهمڻ جو وچنُ، سورج جي ساک.
- پيءُ ڏيکاريا شراڌ ڪر.
- جَجَمانَ ڪٽ تي تہ برهمڻ نٽ تي.
- مردو سرڳ وڃي يا نرڪ وڃي، برهمڻ جو ٽُڪو ڪَڙو.
- مُئي جو ڏيئو ڏهہ ڏينهن.
- برهمڻ کي سونو ڪٽورو هٿ ۾ آهي.
- ٻانيڻ ٻانهن لاءِ محتاج.
- ويئي تِٽ ٻانيڻ بہ نہ واڇي.

**اڳڪٿيون:**

- هاڪ وهندو هاڪڙو پجندي ٻنڌ اروڙ،
ٻِهہ مڇي ۽ لوڙهہ سمي ويندا سوڪڙي.

---

* هت ڏنل پهاڪن/ چوٽين جو پس منظر گهڻو ڪري هندو ڌرم ۽ اُن جي مڃيندڙن جي باري ۾ آهي.

- ستانوي ست چوڙسي، اٺانوي هٽتار،
نوانوي نر جاڳندا، سؤ پوي جيڪار.

**کِل مذاق ۽ چيڙائڻ:**

هر ٻوليءَ ۾ ڪجهه اهڙيون چوڻيون ملن ٿيون، جن ۾ ڪو گهڻُو مطلب نہ هوندو آهي. اِنهن جو مقصد فقط ڪنهن سان کِل مسخري ڪرڻ يا ڪنهن کي چيڙائڻ هوندو آهي. سنڌيءَ ۾ اِن قسم جون ڪجهه چوڻيون هن ريت آهن:

- ڪاٺا سوامي نمسڪار! چي لڙائيءَ جا کي ٻيا پار.
- ايڪ اکيا، مهابلي.
- شيرو ٻلو شاهہ جو، نہ پيءُ جو نہ ماءُ جو.
- گنجو وينو ميٺُ مڙائي، وار نہ اٿس چاکي لائي،
هٿ پري ٿو ڳُٺيءَ کي لائي.
- خيرپوري نيت ٻري، هٿ ۾ قرآن ڪڇ ۾ ڇُري.
- بندرو شيطان آهي.
- بندرو ٻڏي سندرو تہ الله بہ نہ پُڇيس.
- حيدرآبادي مُگ سوادي، ڪِن ڪُتين سان شادي.
- شڪارپوري نيت بُري، مگائين هڪڙي تہ پرٽائين ٻي.
- ٻٽيهہ منڊ منڊي ۾، اسيءَ ۾ ڪاٺو،
جڏهن گنجو ساماٺو، تڏهن مڙني ڪٺي ماٺ ڪئي.
- لوُلي چِٽي ڪتڻ ڪان نچڻ لڳس ٻار.

**5.8 ادبي چوڻيون:**

عام طور ٻهاڪن جو جنم روزاني زندگيءَ ۾ ڪتب ايندڙ ڳالهہ ٻولهہ جي ٻوليءَ مان ٿيندو آهي، پر اُن سان گڏ اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ ڪن حالتن ۾ مشهور شاعرن جون ڪي ٽُڪون يا پد بہ عوام ۾ ايتري قدر مروج ٿي وڃن ٿا، جو اُهي گفتگوءَ ۾ ٻهاڪن ۽ چوڻين جي شڪل ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا. اُنهن کي اسان ادبي يا ساهتيڪ چوڻيون سڏي سگهون ٿا. عام چوڻين ڪان اِهي ان ڳالهہ ۾ الڳ آهن،

جو اُنهن جي رچيندڙ شاعرن جي اسان کي ڄاڻ آهي. وقت گذرندي جيڪڏهن اُنهن جي رچيندڙن جي ڄاڻ نہ رهي تہ پوءِ اهي پڻ ٻين عام ٻهاڪن ۽ چوڻين جي قطار ۾ داخل ٿي وينديون. اُنهن ادبي چوڻين جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

**شاهہ لطيف جي ڪلام مان ڪجهہ ٽُڪون (مصرعون):**

- اکر پڙهہ الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار.
- اندر تونَ اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.
- ٽنيءَ ٽڏيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي.
- پاٽي مٿي جهُوپڙا، مورک اُڃ مرن.
- پڙاڏو سوئي سڏ، ورُ وائي جو جي لهين.
- جي ليلائي نہ لهين، تہ پڻ ليلائج.
- ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين.
- ذات ناهي ذات تي، جو وهي سو لهي.
- ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري.
- ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين.
- نِمي ڪَمي نهار، ڏمر وڏو ڏک.
- مينهن منڊائتا وسڻا، سدا وسين تون.
- راڄهائي وطن ڪي، ساري ڏِيان ساهہ.

**ساميءَ جي سلوڪن مان ٽُڪون:**

- اَوِديا پُلائي، وڏو جيءُ ڀرم ۾.
- ستگُر جهڙو شاهہُ، ڪونہ ڏٺوسين ڪاٿهِين.
- پانهجو پاڻ رُلي، ٿو چوراسيءَ ۾ جيءُ هِي.
- گهر ۾ رام رهي، مورک ڦرلهي ڏهہ دِسا.
- عشق عقل آهن، ٻئي پَرَ پکيءَ جا.

**هنديءَ جا سنت ڪَوي:**

- اجگر ڪري نہ چاڪري، پنڇي ڪري نہ ڪام،
- داس ملوُڪا ڪهہ گئي، سب ڪري داتا رام. (ملوڪداس)

- ڪبيرا ڪڙا بازار ۾ لِئي لُڪاٺي هاٿ،
جو گهر ڦونڪي آپنا، چلي هماري ساٿ. (ڪبير)
- پراڌين سپني سُک ناهين. (تُلسي)
- پر پُتا پائي، ڪاهِ مَدَ ناهين. (تُلسي)
- بِن مانگي موتي مِلي، مانگي مِلي نہ ڀيک. (رحيم)
- بڙا هوُئا تو ڪيا هوُئا، جئسي پيڙ ڪجُور،
پنڇي ڪو ڇايا نهين، ڦل لاگي اتِ دور. (رحيم)
- گُرو گوبند دوئوُ کڙي، ڪا ڪئي لاگون پاين،
بَلِهاري گُرو آپڻو، گوبند ڊِيو مِلايَہ. (ڪبير)
- ماٽي ڪهي ڪُمهاري سي، تون ڪيا روندي موهن،
اِڪ دن ايسا آئيَگا، مين روندونگي تايَہ. (ڪبير)
- جات نہ پوُڇوُ ساڌ ڪي، پُوڇ ليجئي گيان. (ڪبير)

**پڇاڙي:**

هتي سنڌي پهاڪن جو ٻوليءَ جي تخليق، شاعريءَ جي علم جي اصولن، تهذيب ۽ ثقافت جي لحاظ کان اڀياس ڪيو ويو آهي. پهاڪا عوام جي تجربن مان پيدا ٿيا آهن. اِهو تجربو بہ اُن قسم جو آهي، جيڪو عام روزاني وهنواري زندگيءَ ۾ حاصل ڪن ٿا. اِن ڪري سنڌي پهاڪن ۾ سنڌي عوام جي آزمودن جو عڪس آسانيءَ سان پسي سگهجي ٿو. سنڌ جي تاريخ ۾ تہ فقط بادشاهن ۽ شهنشاهن جي ڪارنامن جو، جنگين ۽ لڙاين جو ۽ ٻين اهم واقعن جو ڇڻ ملي ٿو پر پهاڪن ۾ اسان کي عام ماڻهن جي زندگيءَ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. جيئن تہ پهاڪا عوام جي شخصي آزمودن جي پيدائش آهن، اِن ڪري اُنهن ۾ تضاد يا تڪراري ويچار بہ ملن ٿا.

پهاڪا زباني طور پيڙهي در پيڙهي هلندا آيا آهن ۽ اسان کي وراثت ۾ حاصل ٿيا آهن. اِن ڪري اِهو فطري آهي تہ وقت گذرندي گهٽيئي پهاڪا گم ٿي ويا هجن. هن وقت سنڌيءَ ۾ چوڻين جو جيڪو وڏي ۾ وڏو مجموعو آهي (سنڌي پهاڪا ۽ محاورا: مرليڌر جيٽلي)

تنهن ۾ به ڏهن هزارن کان وڌيڪ پهاڪا قلمبند ٿيل آهن. اُنهن جي اڀياس ڪانپوءِ به اسان کي وقت بوقت ڪي اهڙا پهاڪا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن، جيڪي اسان لاءِ نوان هوندا آهن. اِن جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي ته ڪي اهڙا پهاڪا آهن، جن جو پرچار سنڌ جي ڪِن خاص علائقن تائين محدود آهي. ڳوناڻن ۾ مروج گهڻيئي اهڙا پهاڪا ملن ٿا، جيڪي شهري سنڌين جا ٻڌل نه هوندا آهن. اِن حقيقت کي ڌيان ۾ رکندي اسين چئي سگهون ٿا ته ڪنهن به ٻوليءَ جي پهاڪن جو چاهي ڪيترو به وڏو مجموعو ڇپائجي، ته به ان کي سؤ سيڪڙو مڪمل مجموعو نه سڏي سگهبو. پر اِن ڳالهه ۾ ذرو به شڪ نه آهي ته اڄ ڪالهه جي دؤر ۾ هرهڪ لساني سماج ۾ پهاڪن جو استعمال گهڻي قدر گهٽ ٿي ويو آهي. نوان پهاڪا به تمام گهٽ ٿا ٺهن. ممڪن آهي ته: ”جيئه جوان، جيئه ڪسان“ ”ٿورا ٻار، سُکي پريوار“ جهڙا ٻول جيڪي تازو هڪ نعري جي صورت ۾ پيدا ٿيا آهن، سي وقت گذرندي پهاڪا ٻڻجي وڃن. پر هر ٻوليءَ ۾ پهاڪن جو گهڻو تعداد اُهو آهي، جنهن جو جنم ڇڳو آڳاٽي دور ۾ ٿيو هو. اِن ڪري اُنهن ۾ اسان کي ڪنهن ٻوليءَ جي سماج ۽ ميدان جي آڳاٽي دور جي تصوير ملي ٿي.

اِنهن حقيقتن کي ڌيان ۾ رکي اسان کي سنڌي ٻولي ۽ اُن جي لهجن ۾ مرُوج پهاڪن جو وڏو مجموعو تيار ڪري ڇپائڻ گهرجي، نه ته ڀارت جي موجوده حالتن ۾ وڏي ڄمار جي سنڌين جي هلئي وڃڻ پڄاڻا اسان جا گهڻا پهاڪا به هميشه لاءِ زماني جي دز ۾ لٽجي گُم ٿي ويندا.

✡

# چونڊ مددي ڪتاب

## سنڌي


- الانا، غلام علي، *لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ*، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1977ع.
- اصغر، غلام، *سنڌي ڪتمنڙا (اصطلاح)*، حيدرآباد سنڌ، 1956ع.
- آڏواڻي، ڪيولرام سلامتراءِ، *گلشڪر*، گورنمينٽ بڪ ڊيپو، ڪراچي، 1905ع.
- آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، *گلقند (ٻه ڀاڱا)*، حيدرآباد سنڌ، 1928ع.
- آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، *ٻولين جي پيڙهه*، حيدرآباد سنڌ، 1925ع.
- آشا، ديال، *سنڌي شعر جي تاريخ*، انجلي پرڪاش، الهاس نگر، 1984ع.
- ڪشناڻي، سنتداس پُنهون مل، *سنڌي ٻولي ۽ محاورا ڪوش*، (ايڊيٽر: جيٽلي مرليڌر)، پي. وي ڪشناڻي ٽرسٽ، پوني، 1993ع.
- ڪلناڻي، ڪوڙومل چندن مل، *سنڌي ٻولي*، ڪراچي، 1889ع.
- ڪلاڻي، لکمي، ايڊيٽر: *سنڌي ڪڇي لوڪ سنسڪرتي*، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، آدي پُور، ڪڇ، 1996ع.
- جڙياسنگهاڻي، سترام داس سائل، *دُرن جي دٻلي (ٻولي ۽ چوڻيون)*، احمد آباد، 1982ع.
- جڙيا سنگهاڻي، سترام داس سائل، *مالڪ موتي (محاورا ۽ ورجيسيون)*، احمد آباد، 1982ع.
- جيٽلي، مرليڌر ڪشنچند، *سنڌي لوڪ سنسڪرتي*، رهاڻ، راجستان سنڌي اڪيڊمي، 1992ع.
- جيٽلي، مرليڌر ڪشنچند، *سنڌي ٻولي ۽ محاورا: هڪ اڀياس*، ڪشناڻي ٽرسٽ، پٽي، 1993ع.

- جيٽلي، مرليڌر ڪشنچند، *سنڌي ساهتيه جو اِتهاس*، سنڌو سماج، دهلي 1972ع.
- جيٽلي، مرليڌر ڪشنچند، *ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ، (سنڌي ٻوليءَ جون لپيون)*، دهلي، 1999ع.
- ٽالپر، الله بخش، *ٻهاڪن جي پيڙهه*، حيدرآباد سنڌ، 1969ع.
- ڏانڌا، مورومل چيتن داس، *ٻهاڪن جي سوغات*، جئه پور، 2000ع.
- ڀڳت، گهنشيام داس رامن داس، *سنڌي ٻوليءَ جي سونهن (سنڌي اصطلاح)*، حيدرآباد سنڌ، 1910ع.
- ڀارتي، نارايڻ، *سنڌي لوڪ گيتن ۾ سماجڪ پسمنظر*، الهاس نگر، 1991ع.
- ڀارتي، نارايڻ، *سنڌي لوڪ ساهت*، سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، اُلهاس نگر، 1998ع.
- مٽلاڻي، ٻلديو، (سن) *سنڌي لوڪ ادب*، ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، ممبئي يونيورسٽي، ممبئي 1998ع.
- مٽلاڻي، ٻلديو، (سن) *سنڌي ٻوليءَ جا هزار سال*، ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، ممبئي يونيورسٽي، ممبئي، 2000ع.
- مرزا قليچ بيگ، *ٻهاڪن جي حڪمت*، حيدرآباد سنڌ، 1928ع.
- لالواڻي ڄيٺو، *سنڌي فوڪ لور*، احمد آباد، 2000ع.
- لالواڻي ڄيٺو، *ٻنيءَ جو سنڌي لوڪ ادب*، احمد آباد، 1992ع.
- سنديلو، عبدالڪريم، *اصطلاحن جي اصليت*، لاڙڪاڻو سنڌ، 1987ع.
- سنديلو، عبدالڪريم، *ٻهاڪن جي ٻاڙ*، لاڙڪاڻو، سنڌ، 1966ع.
- سنديلو، عبدالڪريم، *لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو*، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 1986ع
- هاٿيراماڻي، تيرٿ داس پيسومل، پهاڪن جي ڀانڊو، ممبئي، 1973ع.

**هندي:**

- ڪنموري، رير وينڪٽ لڪشمي، نرسنھ راوَ، *تيلگو اور هندي لوڪيڪتيان*، پارتيہ ڀاشا سنستان، ميسور، 1975ع.
- گپت، اوم پرڪاش، *محاورا ميمانسا*، بهار راشٽر ڀاشا پريشد، پٽنا، 1960ع.
- گپت، ڪرشنانند، (سن) *هندستاني ڪهاوت ڪوش* (فئلنڪرت ڪوش ڪا هندي انواد)، نيشنل بُڪ ٽرسٽ، نئي دهلي، 1968ع.
- تيواري، ڀولاناٿ، (سن) *برهد هندي محاورا ڪوش* (دِوتييہ سنسڪرڻ)، ساهتيہ سهڪار، دهلي، 1993ع.
- تيواري، ڀولاناٿ، (سن) *برهد هندي لوڪوڪتِ ڪوش*، شبدڪار، ترڪمان گيٽ، دهلي، 1985ع.
- تيواري، ششِي شيکر، ڀوجپُوري لوڪوڪتيان، بهار راشٽر ڀاشا پريشد، پٽنا، 1970ع.
- دڪشٽامورتي، اين. ايس. *هندي اور تيلگو ڪهاوتون ڪا* ٽُلناتمڪ اڌيين، مئسور، 1966ع.
- نروَٽي، وشوَناٿ دِنَڪر، ڀارتييہ ڪهاوت ڪوش (ٽن حصن ۾)، ترويٽي سنگر، پرڀات رود، پوني، 1978ع، 1979ع، 1983ع.
- مشر، ڀوَنيشوَرناٿ ۽ مشر وڪرمادِتيہ، *ڪهاوت ڪوش (ڀوجپوري ڪهاوتين)*، بهار راشٽرڀاشا پريشد، پٽنا، 1965ع.
- ورما جڳ نارايڻ، *هرياڻوي لوڪوڪتيان*: شاستريہ وشليشڻ، آدرش ساهتيہ پرڪاشن، دهلي 1972ع.
- شرما، ڪرشڻچند، ڪؤروي، *واڪ ڀِٽتِ اور لوڪوڪت ڪوش*، امِت پرڪاشن، غازي آباد، 1970ع.
- شرما شوڀارام، ورگيڪرت هندي لوڪوڪتِ ڪوش، تڪششلا پرڪاشن، نئي دهلي، 1983ع.
- ستيندر، *لوڪ ساهتيہ وگيان*، شِولال اگروال اينڊ ڪمپني، آگرا، 1979ع.

- سهل، ڪنهيالال، *راجستاني ڪهاوتين*، بنگال هندي منڊل، ڪلڪتا، 1960ع.
- سهل، ڪنهيالال، *راجستاني ڪهاوتين: ايڪ اڌيين*، ڀارتييہ ساهتيہ مندر، نئي دهلي، 1958ع.

**اُردو:**

- آغاسڪر، يونس، اُردو ڪهاوتين اور اُن ڪي سماجي و لساني پهلو، ماڊرن پبلشنگ هائوس، نئي دهلي، 1988ع.
- قمر رئيس (سن) *اردو ۾ لوڪ ادب*، سيمانت پرڪاشن، نئي دهلي، 1990ع.

**مرائي:**

- داتي، يَشونت رامڪرشڻ اينڊ ڪروي، چنتامڻ گڻيش، مهاراشٽر، واڪسنپردايہ ڪوش، (ٻن ڀاڱن ۾)، مهاراشٽر ڪوش منڊل، پُڻي، 1942ع.

**گجراتي:**

- ڪاراڻي، ڏليرايہ، *ڪڇي ڪهيوَتو*، گجرات راجيہ لوڪ ساهتيہ سميتي، احمد آباد 1976ع.
- شاهہ، آشارام دليچند، *گجراتي ڪهيوَت سنگرهہ*، سَستون ساهتيہ ورڌڪ ڪارياليہ، ممبئي، 1954ع.

✡

ISBN 978-9-6962511-6-3
9 789696 251163